# جيئن جيئن پرين پسَن

(اسلامي فڪر تي لکيل دنيا جي وڏن روشن فڪر عالمن ۽ ڏاهن جون تحريرون)

سهيڙيندڙ

**نور احمد ميمڻ**

Sindhica

سنڌيڪا



ڪتاب نمبر

412

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ


پهريون ڇاپو: 2017ع

ڪتاب جو نالو: جيئن جيئن پرين پسن

سهيڙيندڙ: نور احمد ميمڻ

ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي

ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي

ڇپائيندڙ : سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

قيمت : 400/= رپيا

ISBN # 978-969-9866-72-2

**"JEEAN JEEAN PIREEN PASAN"**

(Selected Articles on Islami Idiology)

Compiled by: Noor Ahmed Memon

Published by: Sindhica Academy,


**اسٽاڪسٽ**

سنڌيڪا اڪيڊمي B_24 ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي 74400. فون: 021_32737290

سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ ، 03133692150-

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 03352233803 -03013431537

سنڌيڪا بوڪ شاپ، اقراءَ سينٽر، جي پي او روڊ، لاڙڪاڻو فون: 0331_3480039

العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521، 0300_343115

ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي - افضل بوڪ اسٽال، ماروئڙا ڳوٺ ڪراچي 03333509236 ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، بخاري ڪتاب گهر، قادري بوڪ اسٽور، مهراڻ بوڪ اسٽور، سنڌ ڪتاب گهر، مجاهد بوڪ اسٽور نيم ڪي چاڙهي سکر - سلمان ڪتاب گهر پنوعاقل - پٺائي بوڪ هائوس حيدرآباد 03223011560 - سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد - شير يزدان بوڪ شاپ، درگاهه پٽ شاهه - عثمانيه لائبريري، چنيهاڻي ڪنڊيارو، فون: 0306-3665563، - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو - مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو - حافظ بوڪ اسٽور، خيرپور بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس - مشعل ڪتاب گهر پڊعيدن 03063291657 - المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگهڙ - سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد - ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز - حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه - ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار - مرچو لال پريمي، بدين - مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. 0300-3319565، عطار ڪتاب گهر، بدين، مهراڻ ڪتاب گهر، عمرڪوٽ، حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گهر، مورو، سعيد بوڪ اسٽور، شڪارپور. سومرا بوڪ اسٽور ميهڙ، ساحر ڪتاب گهر، ڪوندي ميهڙ 0346-8948535 ، مڪتبه امام العصر گهوٽڪي، 03033695037


لکپڙهه لاءِ

**سنڌيڪا اڪيڊمي**

B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي 74400

فون: 021-32737290 ، ويب سائيٽ: www.sindhica.org


www.sindsalamat.com

اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| قرآن جو عملي پروگرام ئي ان جو حقيقي اعجاز آهي | مولانا عبيدالله سنڌي | 10 |
| قرآن مجيد جي سمجهڻ ۽ سنڌس نازل ٿيڻ جي ترتيب جي اهميت | مولانا عبيدالله سنڌي | 17 |
| ذاتي ۽ شخصي ملڪيت جي حقيقت | مولانا عبيدالله سنڌي | 19 |
| عدل ۽ احسان | مولانا عبيدالله سنڌي | 22 |
| حضور اڪرم ﷺ جن جي بين الاقوامي حيثيت | مولانا عبيدالله سنڌي | 22 |
| اسلام ۽ فڪر جي آزادي | خليفو عبدالحڪيم | 27 |
| اسلام جي حقيقت، اسوه ابراهيمي ۽ قرباني | مولانا ابوا الڪلام آزاد | 35 |
| اسوه نوحي (عليه الصلاة و السلام) | مولانا ابوالڪلام آزاد | 41 |
| زڪوات جو شرعي نظام | مولانا ابوالڪلام آزاد | 44 |
| ذاتي مفادن جي مٿان گڏيل مفاد جي ترجيح | مولانا محمد تقي اميني | 50 |
| اسلام ۽ معاشي برابري | علامه محمد غزالي رح | 61 |
| ايمان جو صحيح تصور ڇا آهي؟ | علامه محمد غزالي رح | 65 |
| دنيا ۽ آخرت جو اسلامي نظريو | علامه محمد غزالي رح | 70 |
| فڪري قوت جي اهميت | مولانا سعيد احمد اڪبرآبادي | 76 |
| مسلمانن جو عروج ۽ زوال | مولانا سعيد احمد اڪبر آبادي | 79 |


www.sindsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| حديثون ۽ روايتون | مولانا سعيد احمد اڪبر آبادي | 82 |
| دين ۽ دنيا جي ورهاست جو نظريو ۽ اسلام | مولانا سيد سليمان ندوي | 86 |
| اجتماعي عدل | مولانا محمد طاسين | 89 |
| اسلامي اقتصادي تعليم جا ٻارهن سنهري اصول | مولانا محمد طاسين | 93 |
| ڪرمت۔ قرآن جي روشني ۾ | مولانا محمد طاسين | 97 |
| ڪرمت — هڪ مڪمل وياج تي مبني عمل | پروفيسر ڊاڪٽر فاروق عزيز | 105 |
| تقليد ۽ اجتهاد | مولانا وحيدالدين خان | 113 |
| دين جو روح- حقوق العباد جي ادائگي | مولانا محمد سليمان طاهر انڙ | 123 |
| بادشاهي نظام بہ شرڪ جي برابر آهي | مولانا محمد سليمان طاهر انڙ | 126 |
| سڌي وات جي تلاش | مولانا محمد سليمان طاهر انڙ | 129 |
| توحيدي معاشرو يا طبقاتي معاشرو | مولانا محمد سليمان طاهر انڙ | 134 |
| دعوت توحيد ۾ پيغمبرن جو ڪردار | مولانا محمد سليمان طاهر انڙ | 139 |
| خاتم الانبياء ﷺ جي دعوتي جدوجهد | مولانا محمد سليمان طاهر انڙ | 150 |
| انساني تخليق جو مقصد | ڊاڪٽر الطاف جاويد | 157 |
| اسلامي انقلاب جو قومي ۽ ذاتي پسِ منظر | ڊاڪٽر الطاف جاويد | 161 |
| نئين سيرت طيبہ لکڻ جي ضرورت | ڊاڪٽر الطاف جاويد | 165 |
| مڪي تعليم جو خلاصو | ڊاڪٽر الطاف جاويد | 172 |
| سرمائي پرست لاءِ قرآن جي للڪار | مولانا محمد انس راڄپر | 176 |
| سرمائي پرستيءَ بابت حديث ۽ فقهه جي راءِ | مولانا محمد انس راڄپر | 185 |
| نظرئي ۽ فڪر ۾ بقاءِ انفع جو اصول | مولانا محمد انس راڄپر | 188 |
| انسان چاڙهي چڙهي نہ سگهيو | مولانا محمد انس راڄپر | 193 |
| مغضوب عليهم ۽ ضالين جو گروهه | مولانا محمد انس راڄپر | 198 |





| | | |
|---|---|---|
| مسلمانن ۽ اهل ڪتاب جون هڪجهڙيون تمنائون | مولانا محمد انس راڄپر | 203 |
| انساني عملن ۾ انساني اختيار ۽ ارادو | مولانا محمد انس راڄپر | 209 |
| ”ولي“ ڇا آهي | مولانا محمد انس راڄپر | 214 |
| قوم بابت جديد نظريو ۽ قرآن | مولانا محمد انس راڄپر | 220 |
| مقصد بعثت نبي امي ﷺ | مولانا محمد انس راڄپر | 225 |
| الله جي دين جا دنياوي ۽ مادي نتيجا | مولانا محمد انس راڄپر | 235 |
| قومن جي تقدير | خواجہ غلام الدين سيد | 240 |
| عادل معاشي نظام جي اهميت ۽ ضرورت | مولانا عبداللطيف نانگراج | 248 |
| اسلام ۽ ٻين مذهبن جي حقيقي تعليم کي فراموش ڪرڻ جا نتيجا | مولانا عبداللطيف نانگراج | 252 |
| آزاديءَ جو اڳواڻ ﷺ | مولانا عبداللطيف نانگراج | 256 |
| معيشت جو اجتماعي اخلاق تي اثر | مولانا عبداللطيف نانگراج | 262 |
| انفاق في سبيل الله | مولانا عبداللطيف نانگراج | 270 |
| آزاديءَ جو حقيقي مفهوم | مولانا عبداللطيف نانگراج | 276 |
| دين جي تجديد جي تحريڪ ۽ شاهہ ولي الله | مولانا اخلاق حسين قاسمي | 282 |
| قارون جو قصو ۽ مال ملڪيت بابت قرآن جو نظريو | ڊاڪٽر سيد رضوان علي ندوي | ERROR! BOOKMARK NOT DEFINED. |
| اسلام ڇا آهي؟ | احمد الدين شر بلوچ | 292 |
| دولت ۽ سرمائي بابت قرآن جو قانون | احمد الدين شر | 298 |
| زرعي زمين جي شرعي حيثيت | ڊاڪٽر احمد حسين ڪمال | 304 |
| سخاوت جو پيغمبراڻو طريقو | مولانا شعيب الرحمان کهڙو | 310 |


www.sindsalamat.com

گهر ڀاتين سان پاڻ سڳورن ﷺ جو رويو — مولانا شعيب الرحمٰن کهڙو.......... 314
قرآن جو گهربل معاشرو — مولانا شعيب الرحمان کهڙو......... 318
اسلامي معاشري ۾ ڪمزورن جي حقن جو تحفظ — مولانا شعيب الرحمان کهڙو......... 330
انسانيت تي شاهد امت جو بنياد — مولانا شعيب الرحمان کهڙو......... 335
هارين جي مصيبتن جو حل قرآن جي روشني ۾ — مسٽر مسعود صاحب................ 343
مذهبي ٺيڪيدارءِ اسلام جو اصل نصب العين — احمد دين راڄپر...................... 353
انسانيت کي توحيد جي طرف وٺي اچڻ جي
عملي صورت — نور احمد ميمڻ......................... 364
انسان جون ٽي خاصيتون — نوراحمد ميمڻ......................... 367
اسلام جو عبادتن وارو نظام — نور احمد ميمڻ......................... 370
الله جي صفتن کي اپنايو — نور احمد ميمڻ......................... 374
دعوت جو دائره ڪار — نور احمد ميمڻ......................... 378
پيغمبر اسلام جي نبوت جا ٻه درجا — نوراحمد ميمڻ......................... 382
اخلاق جي اهميت — نور احمد ميمڻ......................... 385
قرآن جي ٻڌايل تقويٰ — نوراحمد ميمڻ......................... 392
مال خرچ ڪرڻ بابت قرآن جا حڪم — نوراحمد ميمڻ......................... 394

# سهيڙيندڙ پاران

سن 2000ع کان اسان سنڌيڪا جي پاران قرآن مجيد جي سنڌي ترجمن ۽ تفسيرن جي اشاعت جو آغاز ڪيو. قرآن حڪيم جي ترجمن کي عام پڙهندڙن تائين پهچائڻ لاءِ اسان ابتدا ۾ ڪجھ بلڪل فري ۽ اڌو اڌ رقم جي سبسڊي سان پهچايا سي سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ قرآن مجيد جا ترجما ۽ تفسير پهچڻ شروع ٿيا. اسان ان ڪم کي مشن ڪري ڪنيو ۽ سنڌ جي ماڻهن ۾ ان جي بيحد پذيرائي تي الله پاڪ جا شڪرانا بجا آنداسين.

2008ع ۾ مون ڪراچيءَ ۾ ’حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ‘ قائم ڪيو ۽ اتان قرآن حڪيم جي علمن جا چار فاصلاتي ڪورس بنا ڪنهن فيس جي انهيءَ لاءِ هلائڻ شروع ڪيا تہ جيئن سنڌ ۾ سادي مذهبيت جي جاءِ تي قرآن حڪيم جي علوم جا عالماڻا ڪتاب ماڻهن تائين رسن ۽ اهي ان مان بهره ور ٿين. ننڍي ڪنڊ ۾ قرآني علوم تي لکيل شاهڪار ڪتابن کان علاوه اسان مصر ۽ ٻي دنيا جي ٽيل عالماڻي ڪمن مان استفادو ڪري ڪورس مرتب ڪيا ۽ اُنهن کي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر بہ ڦهلايو. ان دوران 2010ع ۾ مولانا محمد سليمان طاهر انڊڙ حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ لاءِ پنهنجون علمي خدمتون آڇيون تہ اسان ان جي مشاورت سان سنڌي ۾ ’توحيد‘ رسالو ۽ اردوءَ ۾ ’الاقتصاد‘ مخزن جو اجراءَ ڪيو. توحيد رسالي جا 24 ڇاپا ڇپيا ۽ بعد ۾ اداري جي انتظامي ڪمن ۽ ٻين علمي ڪتابن جي تياريءَ جي ڪري رسالي کي جاري رکڻ ممڪن نہ ٿي سگهيو.

توحيد جي انهن 24 شمارن ۾ اسلامي فڪر، قرآني علوم ۽ مختلف ديني موضوعن تي شاهڪار مضمون ڇپيا جيڪي پڙهندڙن بيحد پسند پئي ڪيا. انهن مضمونن جي مستقل اهميت کي پيش نظر رکي طئي ڪيو ويو تہ انهن مان چونڊ مضمونن تي مشتمل ڪتاب ڇاپي پڌرو ڪجي. انهيءَ



www.sindsalamat.com

ڪان اڳ مون ڪي ’سنڌ فورم‘ ۽ ’الحماد‘ رسالن ڪي سهيڙڻ جو موقعو مليو هو ۽ انهن رسالن جي چونڊ مضمونن جا ٻه ڪتاب ’فڪري تحريرون‘ ۽ ’حڪمت اسلام‘ ڪتابن جي صورت ۾ پڌرا ٿيا ته انهن کي بيحد پسند ڪيو ويو ۽ اهي وري وري شايع ٿيا.

هيئنر هي ٽيون ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. توحيد جي 24 شمارن ۾ هڪ هڪ مضمون علم ۽ ڄاڻ جو ڀنڊار هو جن مان ڪنهن کي به هن ڪتابي مجموعي ۾ شامل نه ڪرڻ بيحد ڏکيو پئي لڳو، پر ڪتاب جي صفحن جي مقرر تعداد جي ڪري اسان اڌو اڌ مضمون چونڊي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا آهن.

مون کي اميد آهي ته هي ڪتاب حق ۽ سچ جي واٽ جي پانڌيئڙن ۽ بامقصد زندگيءَ جي چاهيندڙن لاءِ هڪ روشن مشعل بڻبو ۽ نوجوان خاص طور تي پنهنجي صالح سوچ جي لاءِ ان کي مايا محسوس ڪندا.

**نور احمد ميمڻ**
0313-2707097



# قرآن جو عملي پروگرام ئي ان جو حقيقي اعجاز آهي

**مولانا عبيدالله سنڌي**

هن ڳالهه ۾ ته سڀ مسلمان متفق آهن ته قرآن معجزو آهي يعني ان جهڙو ڪتاب ڪو به انسان پيش نٿو ڪري سگهي. پر ان جي اعجازي نڪتي جي باري ۾ مسلمانن ۾ گهڻو ئي اختلاف رهيو آهي. پهرئين دور جي ڪيترن ئي عربي اديبن ۽ مفسرن قرآن جي نظم کي معجزي طور پيش ڪيو ۽ پنهنجون توانائيون ان تي صرف ڪيائون، پر عجمي علماء ۽ فلسفي مزاج انسانن قرآن جي نظم جي اعجاز کي ڪا خاص اهميت نه ڏني. انهن جي هن نظريي جي باري ۾ هي توجيهه ڪري سگهجي ٿي ته جيئن ته عجمي قوم قرآن جي عربي نظم جي ادبي چاشني کي پليءَ پت سمجهڻ کان قاصر آهي، انهي ڪري قرآن جو اعجاز، نظم جي لحاظ کان نه بلڪ انهن کي ڪنهن ٻئي خيال کان تلاش ڪرڻو پيو. تنهن ڪري هن اختلاف کي ايڏي وڏي اهميت نه ڏيڻ کپي.

هيءَ ڳالهه اٽل آهي ته قرآن جي اعجاز جا مختلف پهلو آهن. نظم عجيب آهي. معاني جي ترتيب حيران ڪندڙ آهي. گذريل تاريخي واقعات مختصر ۽ جامع انداز سان اهڙي طرح بيان ڪيا ويا آهن جو عبرت ۽ نصيحت ۽ بصيرت ڏانهن متوجهه ڪندي قومن جي عروج ۽ زوال جا قانون آسانيءَ سان سمجهيا وڃن ٿا. ايئن ته اعجازي سبب ڪيترائي آهن جن تي گذريل ڪتابن ۾ وڏو زور ڏنو ويو آهي، پر قرآن جو حقيقي اعجاز ان جو انسان دوست فڪر آهي. يعني اهڙو عملي پروگرام جنهن کي اپنائڻ سان پوري انسانيت جي ڀلائي نمودار ٿئي ٿي. مطلب ته قرآن پنهنجي فڪر ۽ ان تي مرتب ٿيندڙ عملي نظام جي لحاظ کان معجزو آهي.

ان کي آسانيءَ سان ائين چئجي ته قرآن ڪريم فطري اصولن تي

قائم اهڙي نظام جو داعي آهي جنهن سان پوري انسانيت هڪ وحدت ٿي ڪري هڪ ٻئي جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري ٿي. ۽ اهو ئي وڏو چيلنج آهي دنيا جي سمورن فڪرن ۽ نظرين کي ته "فاتو بسورة من مثله" اهڙو نظام پيش ته ڪري ڏيکاريو. اهڙي فڪري بلندي ۽ اهڙا قانون جڙيل ته ڏيکاريو. جيڪڏهن قرآن جي اعجاز جي هن پهلو کي ڏسبو ته پوءِ ئي هدي للناس ۽ شفاء للناس جي معني سمجهه ۾ ايندي. ڇو ته اعجاز جو هيءُ پهلو ڪنهن هڪ قوم سان نه، ڪنهن خاص حالت سان نه، ڪنهن مخصوص زبان وارن سان نه بلڪ ان مان هر دور جو انسان فائدو وٺي سگهي ٿو، ڇو ته هي فطرت الله التي فطرالناس عليها آهي ۽ فطرت کي هر انسان سمجهي سگهي ٿو. رڳو مصنوعي پردن کي هٽائي ضمير جي روشنيءَ سان ڏسڻ جي ضرورت آهي.

اعجاز جي هن نموني کي عربي ، عجمي، فلسفي، عام انسان بلڪ هر هڪ سمجهي سگهي ٿو. باقي جيڪڏهن هن جي اعجاز کي عربي نظم ۾ بند ڪبو بلڪ محدود ڪبو ته ان کي چند عربي اديب ئي سمجهي سگهن ٿا باقي ٻيا ماڻهو ان جي اعجازي خوبين کان محروم رهندا. تنهن ڪري قرآن جي اعجاز جي عموميت لاء هيئن چئبو ته قرآن هڪ انقلابي تحريڪ جو نصب العين آهي. هي ڪتاب ڪنهن خاص قوم لاءِ نه بلڪ هي هڪ اهڙو نظام آهي جيڪو پوري انسانيت، اڄ جي زبان ۾ بين الاقواميت جو تصور پيش ڪري ٿو ۽ جڏهن به ڪا به جماعت ان کي پنهنجي سوسائٽي ۾ نافذ ڪندي ته ان جا به اهي نتيجا نڪرندا جيڪي اسلام جي پهرئين دور ۾ دنيا ڏسي چڪي آهي. اهو قرآن جو اثر آهي.

قرآن جي هن انقلابي فڪر ۽ انسان دوست نظريي کي دنيا جي عام نظرن کان اوجهل رکڻ لاءِ مختلف حربا استعمال ٿيندا رهيا آهن.

مسيحي دنيا جو سرمائيدار طبقو هن فڪر تي مسلسل پردا وجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. جيئن مصر جو مشهور عيسائي مورخ جرجي زيدان اسلام جي پهرئين انقلاب کي چند مخصوص انسانن جي قوت ۽ همت ۾ بند ٿو ڪري. يعني اهو انقلاب قرآن جي تعليم جو اثر نه بلڪ اتفاق سان چند جانباز ۽ طاقت ور ۽ ديانتدار ماڻهن جو نتيجو هيو.

اڄ جي دور ۾ ڪي وري حجازي انقلاب کي پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جن جي شخصيت ۾ منحصر ڪن ٿا. يعني ان انقلاب جو بنياد قرآني فڪر نه بلڪ هڪ بهترين ۽ باڪمال شخصيت جي ڪري قائم ٿيو. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪڏهن به ڪا اهڙي باڪمال شخصيت پيدا ٿيندي ته ممڪن آهي ته



اهو اثر ٻيهر وجود ۾ اچي. پر جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته حجازي انقلاب جو بنيادي ڪارڻ قرآن جو اهو عملي پروگرام آهي، جنهن ۾ پوري انسانذات لاءِ ڀلائي سمايل آهي. ۽ اهو فڪر اهڙي بنيادي بلڪ عالمگير اصولن تي مشتمل آهي جيڪي نه ڪڏهن بدليا آهن ۽ نه ئي وري بدلجي سگهن ٿا.

يعني اهو انساني فطرت جو آواز آهي ۽ سمورن آسماني مذهبن ۽ حڪيمن جو اصل الاصول اهو ئي فڪر رهيو آهي. اهي اصول ازلي ۽ ابدي آهن. پيغمبرن جي بنيادي تعليم اهي ئي اصول رهيا آهن. قرآن ۾ ارشاد آهي:

ترجمو: "توهان جي لاءِ اهوئي دين مقرر ڪيو ويو آهي جنهن جو حڪم نوح (عليہ السلام) کي ڏنو ويو ۽ اهو ئي ابراهيم، موسيٰ ۽ عيسيٰ (عليهم السلام) ڏي موڪليو ۽ توتي به اهو ئي وحي ڪيو ويو آهي، اهو هي آهي ته هڪ خدا جا ٿي رهو ۽ پاڻ ۾ فرقا ٿاهي ڦوٽ نه وجهو." (الشوريٰ-13)

قرآن جو هڪ ٻيو ارشاد آهي:.

ترجمو: "بيشڪ اوهان هڪ ئي امت آهيو ۽ آءٌ هڪ ئي توهان جو رب آهيان پوءِ انڪار ۽ بدعملي جي نتيجن کان ڊڄو. پر افسوس جو ماڻهو هڪ ٻئي کان ڇڇي جدا جدا ٿي ويا ۽ پنهنجا پنهنجا جدا فرقا ٺاهيائون. هاڻي جيڪو جنهن جي پلو ۾ آهي سو انهيءَ ۾ مگن ۽ خوش آهي." (المومنون. 53)

هڪ هنڌ هيئن ارشاد آهي:

ترجمو: "اوهان مان هر هڪ قوم لاءِ اسان هڪ شرع ۽ منهاج ٺهرايو (يعني هر هڪ قوم لاءِ مذهبي زندگي جو طريقو مقرر ڪيو)." (المائده. 48)

حضرت ابن عباس  منهاج جي معني طريقو يا رستو ڪئي آهي. پڻ ارشاد آهي:

ترجمو: "هر هڪ امت لاءِ اسان هڪ طريقو مقرر ڪيو." (الحج. 67)

شاهه ولي الله رح هنن آيتن کي سامهون رکي ڪري فرمائن ٿا ته اصل دين هڪ ئي آهي. ۽ سمورن پيغمبرن جي بنيادي تعليم اها هڪ ئي رهي آهي يعني توحيد: (خدا هڪ آهي) ان جي ئي عبادت ڪئي وڃي. ان جي ئي نظام جي پيروي ڪئي وڃي. هر مصيبت ۾ ان کان مدد گهري وڃي ۽ جيڪي شيون ان جي شان سان ٺهڪ نه کائن انهن جي نسبت کان پاسو ڪيو وڃي.

## آخرت جو تصور:

هر شي وانگر عملن جا به نتيجا آهن. مرڻ کانپوءِ سٺن عملن جو سٺو

www.sindsalamat.com

نتيجو ۽ برن عملن جو برو نتيجو ملندو. ٻين لفظن ته موت زندگي جي انتها ۾ بلڪ هڪ نئين زندگي جي ابتدا آهي.

اڳتي هلي شاهه صاحب لکن ٿا ته سڀ پيغمبر نيڪي ۽ بديءَ جي بنيادي اصولن ۾ به متفق آهن ۽ اهو ئي دين آهي. باقي انهن جي شڪل ۽ صورت حالات ۔ زمان ۽ مڪان جي لحاظ کان تبديل ٿيندي رهي آهي. ان جو نالو شريعت ۽ منهاج آهي.

تنهن ڪري عبادتن جي طريقي ۾ اختلاف، اهڙي طرح خانداني قانونن ۾ اختلاف يا معاشي ۽ معاشرتي قانونن ۾ اختلاف هجڻ جي باوجود انهن سڀني جو روح هڪ ئي هوندو آهي.

پر تاريخ ۾ ٿيندو هيئن رهيو آهي ته هڪ قوم ڏانهن پيغمبر آيو، پوءِ ان قوم کي ان آسماني تعليم مطابق هلايو. پر زماني جي گذرڻ سان ان تعليم ۾ قومي رسمون داخل ٿي ويون. اڳتي هلي اها قوم پنهنجي قومي رسمن کي اصل دين قرار ڏئي ڪري انهن تي ٽڪ هڻي ويهي رهي. ان کي ئي آسماني دين سان تعبير ڪري پنهنجو پاڻ کي حق جي پرچارڪ سڏرائيندي ٻين کي گمراهه ۽ ڪافر چوندي آئي.

جنهن ڪري هڪ خالص انسان دوست پروگرام هڪ قومي ۽ گروهي رسم بڻجي ٿي ويو. ائين ئي هر قوم پنهنجو پنهنجو دين ٺاهي ان کي مخصوص نالو ڏئي پنهنجي انانيت جي تسڪين ڪندي رهي، جنهن ڪري فرقا ۽ ٽولا ٺهي پيا. پوءِ الله پنهنجي حڪمت سان انهن لاءِ حق چٽو ڪرڻ لاءِ پيغمبر موڪليا جن انهن کي دين جي اصليت ۽ وحدت ڏانهن مائل ڪيو.

ارشاد آهي: "يعني هر پيغمبر جي تعليم سان اهو حشر ٿيو جو ان ۾ غلط رسمون مذهب جو حصو بڻجي ويون. نتيجي ۾ خالص پروگرام وهم پرستي بڻجي ويو پوءِ الله پنهنجي حڪمت سان خالص کي کوٽي کان الڳ ڪرڻ لاءِ نئون پيغمبر موڪليندو آهي ته جيئن نج ۽ اصل پروگرام محفوظ رهي ۽ وحدت انساني قائم ٿئي."

تنهن ڪري شاهه صاحب فرمائن ٿا ته مون وٽ اسلام جي تعليم جو لب لباب قرآن جي هيءَ آيت آهي:

"هُوَالَّذِیۡۤ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰی وَدِیۡنِ الۡحَقِّ لِیُظۡهِرَهٗ عَلَی الدِّیۡنِ کُلِّهٖ
وَلَوۡ کَرِهَ الۡمُشۡرِکُوۡنَ"

يعني قرآن جو اصلي مقصد هي آهي ته سمورن فرقيوارانه مذهبن کي



ختم ڪري انسانيت جي ڀلائي جو نظريو پيش ڪرڻ ۽ ان کي عملي شڪل ڏئي دنيا جي لاءِ آئيڊيل بڻائڻ آهي.

جيئن ته خالص ۽ بي داغ انسانيت جو قيام قرآن جو نصب العين آهي ۽ ان تي هو هڪ عملي نظام به قائم ڪري ڏيکاري چڪو آهي. تنهن ڪري قرآن انهن سڀني مصنوعي مذهبن کي يڪ قلم "ولاتتفرقوا" سان ختم ڪري ڇڏيو ۽ "واعتصموا بحبل الله جميعا" جي تلقين ڪندي انهن کي گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

قرآن اهو نظريو پيش ڪيو ته خدا جو سچو دين هڪ آهي. اهو آهي پوري انسانذات جي ڀلائي. تنهن ڪري قرآن اڳين پيغمبرن جي تعليم کي غلط قرار نٿو ڏئي بلڪ انهن جي خالص ۽ بنيادي صداقتن کي تسليم ڪري ٿو ۽ ان جي پيروڪارن کي پاڻ سان گڏ هلڻ جي دعوت ڏئي ٿو. قرآن اڳين مذهبن جي عالمگير اصولن کي گڏ ڪري پوري دنيا کي اهو پيغام ڏئي ٿو ته هي ئي اصل الاصول آهي. هي ئي هڪ بنيادي نڪتو آهي جنهن تي هڪ صحيح بين الاقوامي پروگرام جي تعمير ڪري سگهجي ٿي.

قرآن هڪ ميزان (تارازي) آهي جنهن سان سڀني کي ماپي سگهجي ٿو ان ۾ يهودي، عيسائي، مسلمان وغيره سڀ برابر آهن. بس اصل دين هڪ ئي آهي باقي ٻيون اختلافي شيون شعائر ۽ رسوم آهن جيڪي مقصد کي حاصل ڪرڻ جا ذريعا آهن ( انهن جي افاديت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي) پر جيڪڏهن روح کان خالي رڳو صورتن جي پوڄا پاٺ ڪئي وڃي يا انهن کي اصل جي حيثيت ڏني وڃي ته اها دين ۾ تحريف آهي. قرآن مجيد بي روح رسمن جي خلاف جهاد جي تلقين ڪري ٿو ۽ اهو ئي سبب آهي جو يهودين جي ظاهري دينداري تي ان سڀ کان وڌيڪ ناڪاريو آهي.

قرآن مجيد فطري تعليم جو ترجمان آهي. ان جو مطلب هيءُ آهي ته اهو اهڙو پروگرام پيش ڪري ٿو جيڪو انساني نوع جي نوعي تقاضا آهي ۽ ان ۾ پوري انسانذات لاءِ ڀلائي لڪل آهي. هن جو پروگرام خاص وقت ۽ جماعت سان ڳنڍيل نه آهي بلڪ هر دور ۾ ۽ هر سوسائٽي ان تي عمل ڪري ڪامياب ٿي سگهي ٿي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن قرآن کي هڪ مخصوص گروهه جو ڪتاب يا مخصوص وقت ۾ فائدو ڏيندڙ ڪتاب تسليم ڪيو وڃي ته پوءِ ان کي ازلي ۽ ابدي پروگرام چوڻ بلڪل غلط ٿيندو. قرآن مجيد سموري انسانيت جو ڪتاب آهي.

پر ان جو اهو مطلب نه آهي ته هر زماني ۾ ان جي صورت هڪ ئي

رهندي. بيشڪ هڪ زماني ۾ ان جي صورت هڪ خاص شڪل ۾ ظاهر ٿي پر ضروري ناهي ته بعينه اهائي شڪل هئي زماني ۾ به قائم ٿئي. زمانو تبديل ٿيندو رهي ٿو ۽ هر نئون ڏينهن الله جو نئون شان ڪٽي نروار ٿئي ٿو. اهڙي طرح زندگي به ارتقائي سلسلي ۾ هلندڙ آهي. حالات، زمان، مڪان ۽ سوچن جي تبديلي قانون جي تبديلي جا متقاضي آهي. تنهن ڪري اڄ جي دور ۾ بعينه خلافت راشده جهڙي صورت نٿي ٿي سگهي. جيڪي ائين سمجهن ٿا اهي قرآن جي حڪمت کان بي خبر آهن. بيشڪ خلافت راشده جي حڪومت قرآن جي فڪر جو عملي نمونو بلڪ اعليٰ عملي نمونو هئي، پر اهو نمونو هر دور ۾ هڪ جهڙو نه رهندو بلڪ ان جو روح ۽ اساس باقي رهڻو آهي.

قرآن اڄ به اسان جي رهنمائي ڪري سگهي ٿو. هن زماني ۾ قرآن جي بنياد تي صحيح حڪومت قائم ڪري سگهجي ٿي پر ان لاءِ ضروري آهي ته قرآن کي عقل ۽ فهم سان سمجهيو وڃي. معروضي حالتن مطابق ان مان فائدو ورتو وڃي. ان جي پڌايل انساني نفعي وارن اصولن تي قانونسازي ڪئي وڃي. ان جي عالمگير اصولن کي سمجهي اڄ جي زبان ۾ ان جي ترجماني ڪئي وڃي. ٻين لفظن ۾ قرآني فڪر کي عوامي سوچ ۾ تبديل ڪري انقلاب لاءِ راهه هموار ڪئي وڃي.

مطلب ته قرآن جو مقصد انسانذات جي تمدني ترقي سان گڏ ان جي اخلاقي تعمير ڪرڻ آهي. حقيقي تمدني ترقي صحيح اخلاقي اصولن سان ئي قائم ٿي سگهي ٿي. تنهن ڪري قرآن انسانن کي انهن بنيادي اخلاقي اصولن ڏانهن متوجهه ڪري ٿو.

ان جو پيغام سيني مصنوعي اختلافن کي ٽوڙي هڪ وحدت ۾ پوئي ٿو. اها وحدت توحيد آهي. يعني هڪ الله تي ايمان آڻيو، هڪ الله جا ٿي رهو، سڀ انسان الله جا پيدا ڪيل ۽ ان جا ٻندا آهن. يعني عبديت ۾ سڀ برابر آهن. اهو توحيد جي ذريعي انساني مساوات جو پيغام ڏئي ٿو. آقا ۽ غلام جي تصور کي ڪچلي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ان دور جون ٻه وڏيون سلطنتون قيصر ۽ ڪسريٰ جيڪي طبقاتي نظام تي قائم هيون انهن کي ختم ڪري توحيد جي تصور تي انساني مساوات وارو نظام قائم ڪرڻ پيغمبر صہ جي بنيادي مقصدن منجهان هڪ هيو.

قرآن توحيد کي اعليٰ نصب العين طور پيش ڪري ٿو. خدمت ۽ حريت، انسانيت کي ان نصب العين کي عملي طور پيش ڪرڻ جو ذريعو قرار ڏئي ٿو.



يعني توحيد جي عقيدي جي عملي تصوير انسانذات جي خدمت ۽ آزادي آهي. جو ته توحيد جو تصور ئي سيني اڪائين کي هڪ وحدت ۾ پروئي ٿو جنهن مان انساني مساوات جا گُل ڦٽن ٿا. ان کي اجا واضح ڪجي ته صحيح خدا شناسي جو لازمي نتيجو انسان دوستي آهي ۽ قرآن مجيد اهڙي ئي خدا شناسي جي تعليم ڏئي ٿو. پوءِ اهو چئي ٿو ته هن پروگرام کي عام سوسائٽي ۾ "جادلهم بالتي هي احسن" يعني نرمي سان سمجهايو ۽ جيڪڏهن ڪي انسانيت جا دشمن رڪاوٽون وجهڻ جي ڪوشش ڪن ته انهن سان جنگ ڪيو ۽ درحقيقت اهوئي جهاد جو مفهوم آهي. ظلم ۽ استحصال خلاف جنگ ئي جهاد آهي. يعني حق لاءِ قربان ٿي وڃڻ ۽ مفاد عامه لاءِ جنگ ڪرڻ.اهڙي جدوجهد ۽ جنگ انسانيت جي وڏي ۾ وڏي خدمت آهي. توهان پوري قرآن کي غور سان پڙهو، اهو ايمان بالله ۽ جهاد في سبيل الله سان پريو پيو آهي. ايمان بالله عقيدو آهي ته وري جهاد في سبيل الله ان ايمان تي عمل آهي. هڪ نصب العين آهي ته ٻيو مسلڪ. ٻئي هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. جيڪڏهن ڪو هڪ انهن مان ناقص آهي ته پڪ سمجهو ته ٻيو به ناقص هوندو. ان معنيٰ سان ايمان بالله ۽ جهاد في سبيل الله هڪ اهڙي ڪسوٽي آهن جنهن سان هر فرد، هر جماعت، هر قوم ۽ هر نظام ۽ قانون پرکي سگهجن ٿا. ان ۾ ڪنهن به قسم جي رعايت جي ڪا به گنجائش نه آهي.

هڪ زماني ۾ مسلمان انهن ٻنهي وصفن سان سرشار هئا. ان ڪري قرآن انهن کي امت وسطاً جي لقب سان نوازيو. ارشاد آهي:

"وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ"

بيشڪ مسلمانن جو هي (Balanced umma) وارو امتياز هن ڪري آهي جو اهي ايمان بالله ۽ جهاد في سبيل الله کي صحيح معني ۾ مڃن ٿا ۽ ان تي عمل ڪن ٿا.

(قرآن مجيد، انسانيتِ عامه ڪا داعي: از: مولانا عبدالله سنڌي: ترتيب: محمد سرور ماهنامه فڪر و نظر: 1968 تان ورتل، سنڌيڪار: ثناءُالله سومرو)

www.sindsalamat.com

# قرآن مجيد جي سمجهڻ ۾ سندس نازل ٿيڻ جي ترتيب جي اهميت

مولانا عبيدالله سنڌي ؒ

حڪمت ولي الله جو شارح، امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي ؒ جن لکن ٿا ته مسلمان قرآن حڪيم کي انسانيت لاءِ آخري رباني پيغام مڃي ٿو. آسان لفظن ۾ هيئن چوڻ گهرجي ته قرآن دنيا کي انٽرنيشنل انقلاب جو پروگرام ڏئي ٿو. ان طرح قرآن مجيد جو مطالعو ڪندڙ جي فڪري ضرورت جو خيال رکيو وڃي ته پوءِ سڀ ڪان پهريان ان تحريڪ جو نصب العين چٽي طرح سامهون هئڻ گهرجي جنهن کي اسين "هُوَ الَّذِىٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى ـ الخ" ۾ پوشيده ڏسون ٿا. يعني انسانيت جي قافلي کي منظم طرح اڳتي وٺي هلڻ جي لاءِ دين اسلام کي انسانيت جو آخري منشور ٻڌائي ڏنو ويو.

عظيم منشور سان گڏوگڏ پارٽي ڊسيپلن جي ضرورت پوندي جنهن کي قرآن جي ڪيترين سورتن ۾ "حزب الله" جي لاءِ تفصيلي حڪم ڏيئي مڪمل ڪيو ويو آهي. تنهن ڪان پوءِ هڪ مرڪزي ڪاميٽي جي تشڪيل ضروري هوندي جيڪا ان پروگرام کي هلائڻ جي ذميواري قبول ڪري ۽ ڪيس وقتي تقاضائن پٽاندر مناسب تبديلي جو پورو اختيار هجي. اسان جي نظر ۾ اسلامي انقلابي جي اها پهرين سينٽرل ڪاميٽي کي قرآن حڪيم جو "اَلسَّابِقُوْنَ اَلْاَوَّلُوْنَ ـ الخ" ۾ ان ئي ڪاميٽيءَ جي وجود کي ثابت ڪرڻ مقصود آهي.

جماعت جي اهل فڪر کي ٻي مرحلي ۾ هڪ اهڙي سوسائٽي اڏڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي جيڪا پوري انقلابي نظرين سان پنهنجو غلبو قائم ڪري. ان سوسائٽي جا ڪارڪن موقعو ملندي ئي انقلابي گورنمينٽ جوڙي وٺندا جيڪا اڳوڻي حڪومتن جي سسٽم کي ڊاهي، پنهنجي انقلابي پروگرام تي هڪ نئين رياست جوڙيندا. اسلامي عقيدن، اخلاقن ۽ اسلامي حڪومت ملڻ سان جيڪا انقلابي سوسائٽي وجود ۾ اچي ٿي، ان جي حڪمت ۽ نظرين



www.sindsalamat.com



کي قرآن حڪيم مان وٺڻ جي نااهليءَ سبب انسانيت کي وڏا نقصان پلئه پيا آهن. اسان جا فقيه ويچارا گورنمينٽ جي احڪام ۽ انتظامي طريقن کي به عقيدن ۽ اخلاقن جيان ضبط ڪيو ڇڏين. جنهن ڪري هڪ قسم جو جمود پيدا ٿيو پوي. عالمن جي گهٽائي توڙي جو ان سچي ڪائناتي هدايت مان رڳو ايترو ئي ياد رکي ٿي ته زاني کي رجم ڪرڻ ۽ چور جو هٿ ڪٽڻ ضروري آهي. سچي ڳالهه آهي ته شريعت جي تفصيلي حڪمن ۾ انهن جون ڪاوشون ساراهه جوڳيون آهن. جزاهم الله خير. پر ان سان گڏوگڏ جيڪڏهن ڪو خدا جو ٻانهو ان انقلابي سوسائٽي جو انسانن جي ترقيءَ لاءِ ٻڌايل حڪم حڪم جيڪي گورنمينٽ لاءِ بنيادي سبب جي جاءِ تي آهن، الڳ ۽ چٽا ڪري ڏئي ها ته پوين مفڪرن جون سڀ مشڪلون حل ٿي وڃن ها. گورنمينٽ ۽ انقلابي سوسائٽيءَ جا اصولي حڪمن نکيڙ ڪرڻ لاءِ قرآن حڪيم جي مڪي ۽ مدني سورتن جو معين ڪرڻ ضروري آهي.

رسول الله ﷺ جن مڪي زندگي ۾ اهوئي ڪم ڪيو جو عدم تشدد جي پابندي سان هڪ اهڙي عاليشان اجتماعي جماعت تيار ڪئي جنهن جو مٽ دنيا وري نه ڏيکاري سگهندي. جن ماڻهن کي "المهاجرين" جي لقب سان ڪوٺيو ويو آهي سي مڪي جا رهاڪو هئا، پر عجب جي ڳالهه آهي جو مديني جي انصارن جي جماعت پڻ مڪي دور ۾ ئي تيار ٿي، انهن ئي ٻن گروهن مان مستقل مرڪزي جماعت تيار ٿي جنهن مديني ۾ اسلامي حڪومت جوڙي.

قرآن مجيد جي هر سورت جي متعلق مفسرن وٽ روايتون موجود آهن. ته اها سورت مڪي ۾ نازل ٿي يا مديني ۾، ان جو شان نزول ۽ ان جا مخاطب وغيره. پر ڪيترين سورتن لاءِ روايتون ايتري قدر مختلف آهن جو تن جي تطبيق يا ترجيح ڏيڻ آساني سان ممڪن نه آهي. ڪجهه حڪمن جي تاريخ انهن روايتن کي غلط قرار ڏئي ٿي. ڪي مفسر پنهنجن مجيل نظرين جي سبب انهن روايتن کي صحيح نه ٿا سمجهن، ان ڪري اهو روايتي سلسلو اطمينان جوڳو نه رهيو آهي.

هاڻي اسان جي نئين نسل جي اهل دانش کي، جيڪي فڪري ۽ عملي قوت ذريعي گهڻو ڪجهه پروڙي چڪا آهن، بي مقصد اجاين سجاين ڳالهين ۽ شعر شاعري جي بي نتيجه شغل کي ڇڏي، نصب العين جي حاصل ڪرڻ جي سوچ ۾ مصروف ٿي وڃڻ گهرجي. دانشمند انسان جي مقصد ۾ چٽائي هوندي آهي، الجهن ۽ انڌيرو نه هوندو آهي، قرآن مجيد جي نظرين ذريعي پنهنجي نصب العين کي چٽو ڪرڻو پوندو.

# ذاتي ۽ شخصي ملڪيت جي حقيقت

**مولانا عبيدالله سنڌي**

مولانا عبيدالله سنڌي ماسڪو ۾ نو مهينا ڪن رهيا. اتي ظفر حسن ايبڪ جيڪو عقيدي جي لحاظ کان پختو ۽ استقامت وارو ڪرو مسلمان هو، سو اتي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو. ڪميونزم جو سبق پڙهي ان ڪي جيڪي شڪ ۽ شبها پيدا ٿيندا هئا اهي مولانا سنڌيءَ کان اچي ڪري پڇندو هيو ۽ مولانا انهن جا تسلي بخش جواب ڏئي ايبڪ صاحب کي اطمينان بخشيندو هو.

ايبڪ صاحب لکن ٿا ته ڪميونسٽ چوندا هئا ته "مذهب انسان لاءِ آفيم آهي." انهن جو مطلب انهيءَ جملي مان هي هو ته مذهبي عقيدا ماڻهو کي سُن ۽ جامد ڪري ٿا ڇڏين جو انسان پنهنجي حقن لاءِ مزاحمت به نٿو ڪري سگهي ۽ نه ئي وري ايتري جرائت ڪري ٿو جو غاصبن کان پنهنجو حق طلب ڪري سگهي.

مذهب ذاتي ملڪيت کي صحيح ٿو مڃي ۽ ان جي رکڻ جي اجازت ڏئي ٿو. ان جو مطلب ته (ڪارل مارڪس جي گمان مطابق) مذهب مالدارن جي حمايت ٿو ڪري. ۽ غريبن ۽ لاچارن جي حقن تي ڏاڙو ٿو هڻي ۽ انهن کي پنهنجي حقن جي حاصل ڪرڻ کان روڪي ٿو.

ايبڪ صاحب لکن ٿا ته "قبلہ مولانا سنڌي ان ظاهري طرح حيرت ۾ وجهندڙ پر حقيقت جي ابتڙ دعويٰ کي رد ڪندي ان اعتراض جو جواب هن طرح ڏنو ته اسلام ۾ وراثت جو قانوني نظام دولت کي گڏ ڪرڻ نٿو ڏئي. بلڪ ان ۾ گردش آڻي ڪري گهڻ ئي انسانن کي معاشي موقعا ۽ وسيلا فراهم ڪري ٿو. اهڙي طرح زڪوات جو نظام مالدارن جي دولت ۾ غريب


www.sindsalamat.com



طبقي جو حق رکي ٿو. ان سان محتاجن ۽ ضرورت مندن جي مدد ڪئي ويجي ٿي. جنهن سان دولت جي تقسيم اعتدال جي نقطي تي قائم رهي ٿي."

ايبڪ صاحب رح لکن ٿا ته "هڪ ڏينهن يونيورسٽي ۾ پڙهايو ويو ته جيڪو به مذهب ذاتي ملڪيت کي جائز قرار ڏئي ٿو اهو رجائيت ۽ قدامت پسند مذهب آهي. اهو غريبن کي مالدارن جو غلام ٿو بڻائي. انهن جو استحصال (Exploitation) ٿو ڪري. انهيءَ ڪري هر اهڙي مذهب کي ڪچلي ڇڏجي."

ايبڪ صاحب لکن ٿا ته ان ليڪچر سان منهنجو هندو ساٿي بينرجي ڏاڍو خوش ٿيو. جو ته سبق کان پوءِ جڏهن ان مون کان پڇيو ته "ڇا اسلام ذاتي ملڪيت جي اجازت ڏئي ٿو؟" مان چيم "ها ڏئي ٿو."

هن جهٽ ۾ وراڻيو ته "اسان کي پوءِ هندستان مان هندو ازم سان گڏ اسلام جي به پاڙ پٽڻي پوندي." پر مان اتي ان جو ڪو خاص تسلي بخش جواب نه ڏئي سگهيم ۽ منهنجي دل ۾ به اسلام جي متعلق ڪجهه شبهو پيدا ٿي پيو. جڏهن شام جو معمول مطابق حضرت سنڌيءَ کي سڄي ڳالهه عرض ڪيم ۽ هندو ساٿي وارو واقعو به پيش ڪيم ته قبلہ سائين جن فرمايو:

قرآن ۾ الله جل شانه فرمايو آهي:

"إِنَّ اللَّهَ اشْتَرَىٰ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ أَنفُسَهُمْ وَأَمْوَالَهُم بِأَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ"

بيشڪ الله تعاليٰ مؤمنن کان سندن جانيون ۽ مال ملڪيتون خريد ڪري ورتيون آهن هن قيمت تي (خريد ڪيون اٿس) ته ڪين بهشت (جي دائمي زندگي) ملي ( توبه-111)

يعني جنت جي عوض مسلمانن پنهنجي جان ۽ مال جو سودو پنهنجي مالڪ حقيقي سان ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي اهي پنهنجي جان ۽ مال جا مالڪ نه آهن. ان مان هي نتيجو نڪري ٿو ته جيڪڏهن ضرورت پوندي ته مسلمانن کي پنهنجي جان تان هٿ کڻي لازمي طرح محاذ تي وڃڻو پوندو ۽ پنهنجي ذاتي ملڪيت تان هٿ کڻي رياست ۽ عوام جي حق ۾ لازمي طرح دستبردار ٿيڻو پوندو.

يعني ذاتي ملڪيت جو اصول ضرورت جي وقت ۾ ختم به ڪري سگهجي ٿو. ان مان معلوم ٿيو ته اسلام اهڙو مذهب نه آهي جنهن ۾ ذاتي ملڪيت جو اصول هميشه قائم رهي ۽ ان ۾ تبديلي نه ڪري سگهجي. بلڪ جيڪڏهن معاشي حالتون صحيح نه آهن. ذاتي ملڪيت جي ڪري مسلمان پنهنجي مذهب ۽ پنهنجي ايمان کي خطرو سمجهن ٿا ته انهن کي ان صورت ۾

پنهنجي پرائيوٽ ملڪيت ڪان هٿ ڪڍڻو پوندو. تنهن ڪري اسلام رجائيت پسند دين نہ آهي ۽ نہ ئي وري رجائي قوتن جو مددگار آهي جو مالدارن کي غريبن جو استحصال ڪرڻ جي اجازت ڏئي يا اهڙا موقعا فراهم ڪري.”
حضرت سنڌي رح جي سمجهاڻي منهنجي ويساهہ کي فولاد بڻائي ڇڏيو.

ايبڪ صاحب لکن ٿا تہ هڪ دفعو زمينن جي ذاتي ملڪيت جي مسئلي جي باري ۾ ڪميونسٽن جي وچ ۾ وڏي بحث مباحثي جي فضا گرم هئي. اهي چون پيا تہ ڪو بہ مذهب “مشترڪ ملڪيت واري زراعتي ڪوآپريٽيو” جي اجازت نٿو ڏئي. هي سڀ مذهب قديم روايتون آهن جيڪي ڪيپيٽال جي تحفظ لاءِ جوڙيون ويون آهن.”

ايبڪ صاحب لکن ٿا تہ جڏهن مان حضرت سنڌيءَ کي عرض ڪيم تہ “ڇا اسلام ۾ بہ زمين کي ذاتي ملڪيت ۾ ڏيڻ جائز آهي.”؟ پاڻ فرمايائون : “نہ، ان جو ثبوت هي آهي تہ جڏهن مسلمانن ايران فتح ڪيو تہ عرب فاتحين مان ڪن جي راءِ هيءَ هئي تہ هي زمين اسان پنهنجي همٿ، عمل، قوت ۽ جدوجهد سان فتح ڪئي آهي. تنهن ڪري اها جنگ ۾ شريڪ رهندڙن ۾ تقسيم ڪئي وڃي پر حضرت عمر □ ان جي اجازت نہ ڏني ۽ سموري زمين حڪومت جي تحويل ۾ وٺي ڪري ان کي عوامي ڀلائي لاءِ بيت المال جو حصو قرار ڏنو. اها زمين اتان جي رهاڪن کي پوکي ڪرڻ لاءِ ڏني وئي. ۽ ان جي آمدني عوامي اسڪيمن کي صرف ڪئي ويندي هئي.”

ايبڪ صاحب لکن ٿا تہ مون حضرت عمر □ جو اهو فيصلو ۽ اسلامي قانون جا اقتصادي اصول جڏهن مان يونيورسٽيءَ ۾ ذڪر ڪيا تہ ڪميونسٽ پروفيسر بيحد تعجب ۾ اچي ويو.

**سنڌيڪار ثناءُ الله سومرو**

# عدل ۽ احسان

**مولانا عبيدالله سنڌي □**

مولانا عبيدالله سنڌيؒ جن فرمايو:

“دين جا بہ اهم ٿنڀ آهن (1) تهذيب اخلاق (پنهنجي شخصيت کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ) يعني عقائد جي تصحيح سان گڏ نيڪ ۽ صالح عملن جو التزام (انهن کي لازم ڪري وٺڻ) ان جو ٻيو نالو احسان آهي. (2) حقوقِ اجتماعيت، يعني پاڻ ملي جلي رهڻ جي ڪري جيڪي هڪ ٻئي تي حق لازم ٿين ٿا انهن کي ادا ڪرڻ.

هيءَ اجتماعيت (گڏجي ڪري رهڻ) هڪ ڪٽنب ۽ خاندان ڪان شروع ٿي ڪري هڪ بين الاقوامي صورت اختيار ڪري ٿي هن ۾ تدبير منزل، (گهريلو يا خانداني زندگيءَ کي منظم ۽ مستحڪم ڪرڻ) اجتماعيت قريہ، (ڳوٺاڻي زندگي) اجتماعيت مدنيہ شهري زندگي ۽ اجتماعيت بين الاقوامي سڀئي شامل آهن. اجتماعيت مدينہ کي اڄ جي سياسي اصطلاح ۾ قومي اجتماعيت جي معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي.

حقوق اجتماعيت جي تقاضا هيءَ آهي تہ انسان پنهنجي معاشرتي زندگي ۾ تعاون ۽ امداد سان زندگي بسر ڪري (يعني ضرورت جي وقت ۾ هڪ ٻئي ڪان مدد وٺي ۽ هڪ ٻئي جو سهارو بڻجي. مثال طور. جيئن والدين پنهنجن ٻارن جي تربيت ۽ پرورش ڪندا آهن، پر جڏهن اهي پوڙهائپ کي پهچن تہ سندن جي اولاد تي فرض آهي تہ انهن جي پرگهور لهي. انهن جي خدمت ڪري. گڏوگڏ اها مٽي مائٽي جي رشتي جي تقاضا ۽ حڪمت بہ آهي.

ائين ئي هڪ اجتماعي يا قومي زندگيءَ ۾ سرنديءَ وارن جو فرض آهي تہ اهي پنهنجن علائقن جي غريبن ۽ مسڪينن، ڪمزورن ۽ بيمارن جي خدمت ۽ مدد ڪن. ان “عمل” جو ٻيو نالو عدل آهي.


www.sindsalamat.com

عام طور تي چيو ويندو آهي تہ عدل، قومي زندگيءَ ۾ ٻن شين کي لازم ٿو ڪري. هڪ ان قوم سان عداوت ۽ قطع تعلقات جيڪا هن قوم سان عداوت رکي ٿي. ٻيو ان قوم سان محبت ۽ دوستي ۽ سٺا تعلقات جيڪا هن سان ائين ڪري ٿي. عام ماڻهن جي زبان ۾ سياست هنن ٻنهي ڪيفيتن يعني عداوت ۽ دوستيءَ سان جڙي ٿي، پر اهل حڪمت ۽ دانش ڄاڻن ٿا تہ سياست اجتماعي حقن جي ادائگيءَ جو نالو آهي ۽ سياست انهن وٽ ماڻهن جي بنيادي گهرجن پوري ڪرڻ سان عدل قائم ڪرڻ ۽ دشمن سان جنگ ڪرڻ جو نالو آهي.

حڪيمن وٽ عدل ۽ احسان ٻئي سياست جا جز آهن. احسان ۽ عدل ۾ اهي تفريق نہ ڪندا آهن. ڪنهن بہ آسماني مذهب ۾ انهن کي الڳ نہ ڪيو ويو آهي، ڇو تہ هي ٻئي شيون تقوي جي برابري جو درجو رکن ٿيون. پر جڏهن سوسائٽي جو نظام بڇڙو ٿي پوندو آهي تہ اتي احسان ۽ تهذيب اخلاق کي دين جو نالو ڏنو ويندو آهي ۽ بڇڙائيءَ جون محرڪ طاقتون سياست کي الڳ ڪري پنهنجي نفساني خواهشن جي تابع ڪري ڇڏينديون آهن. ملڪ جو قانون دين جي ٻڌايل عدل واري لازمي تقاضا جي هيٺان نہ هوندو آهي. آسماني تعليم جي مطابق اهو فساد آهي. ۽ اهو ئي فساد بني اسرائيل ۾ رائج ٿيو هو.

اهو فساد دين ۾ تحريف جو سبب بڻجي ويو ٿو. مان هنن ٻنهي ڳالهين جو يهودين ۾ تجربو ڪيو آهي. سندن مذهب هاڻي باطل پرستي ۽ وهم پرستي ۾ مبتلا ٿي چڪو آهي، حالانڪ هي هڪ وڏو مذهب هيو. اڄ انهن جي ڪتابن مان حق ۽ باطل جي نکيڙ ڪرڻ مشڪل ٿي پئي آهي. ڇو تہ انهن ۾ احسان جي تجديد ڪرڻ وارا پيدا نہ ٿي سگهيا آهن ۽ انهن پاڻ کي بطور مذهب جي بہ سياست کان الڳ ڪري ڇڏيو آهي.

پر جيئن تہ سياست کان ڪلي طور تي منهن موڙڻ ناممڪن آهي، تنهن ڪري هنن مختلف خواهشن جي هيٺ اچي ڪري پاڻ کي گروهن ۽ ٽولن ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي، پاڻ کي جنگ ۽ جدل جي باهہ ۾ وڪوڙي ڇڏيو اٿن. تنهن ڪري اهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي جو انهن جي ڪتابن مان ايمان، اسلام ۽ احسان جي سلسلي ۾ حق ۽ باطل جي نکيڙ نٿي ڪري سگهجي. ائين ئي جيڪڏهن هندن جي ڪتابن کي ڏسبو تہ انهن ۾ بہ حق پنهنجن سمورين صورتن ۽ شڪلن ۾ موجود آهي پر ان تي باطل پنهنجي پوشاڪ ويڙهي ڇڏي آهي. حق موجود تہ آهي پر باطل سان گهليل مليل. اهڙي طرح اسان جي مسلمانن جي فرقن ۾ بہ حق ۽ باطل گهليل ۽ مليل آهي. ڇو تہ هتي بہ عدل ۽ احسان ۾ فرق



ڪيو ويو آهي. اسان هن مسئلي جي باريڪي ۽ ان جي نتيجن کي چڱي طرح ڄاڻون ٿا. (حضرت سنڌي جن فرمائن ٿا تہ احسان کي عدل کان جدا نہ ڪيو وڃي.)

“پوءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو احسان کي عدل کان الڳ رکي ٿو.” يعني پنهنجن عقيدن ۽ اخلاقن کي تہ سڌاري ٿو ليڪن شِهر، قوم ۽ ملڪ جي حقن جي ڪا بہ پرواهہ نہ ٿو رکي ۽ ملڪي سياست کان پري رهڻ کي پسند ڪري ٿو تہ ان ماڻهوءَ ڄڻ تہ الله جي دين جو انڪار ڪيو. سياست کي دين کان جدا ڪرڻ واري صورت ۾ جيڪو برو نتيجو مرتب ٿئي ٿو ان جو بيان هن آيت ۾ ڪيو ويو آهي: “اولئک الذين اشتروا الحيوت الدنيا” يعني اهي اُهي آهن جن آخرت جي بدران دنيا جي حياتي خريد ڪئي. پوءِ ڪانئن عذاب هلڪو نہ ڪيو ويندو ۽ نہ کي ڪين مهلت ڏبي. (يعني اهي ماڻهو جيڪي احسان کي عدل کان جدا ٿا ڪن اهي پنهنجن نفساني خواهشن جا غلام بڻجي دنيا جا غير شعوري طلبگار بڻجن ٿا.)

(الهام الرحمان، ص 137-138)

www.sindsalamat.com

# حضور اڪرم ﷺ جن جي بين الاقوامي حيثيت

**مولانا عبيدالله سنڌي**

## نبوت جا ٻه درجا

حضور جن جي نبوت جا ٻه درجا آهن:

پهريون درجو ته اهو آهي ته پاڻ نبين جي جماعت منجهان هڪ نبي آهن. پاڻ عرب جي صحرائي علائقي ۾ پيدا ٿيا ۽ عرب قوم کي سنئين ڏگ سان لڳايائون.

ٻيو درجو اهو آهي ته پاڻ سموري دنيا جي لاءِ نبي الانبياء، سيدالمرسلين ۽ خاتم النبيين آهن ۽ هڪ عالمگير انقلاب کي ڪامياب بڻائڻ سندن فرضن ۾ داخل هو ۽ پاڻ سڳورن ۽ سندن خليفن هي انقلاب سڄي انسانيت جي لاءِ نموني جي طور ڪامياب ڪري به ڏيکاريو.

## غيرمسلمن جا اعتراض

عام طور تي عالم سڳورا حضور جن جو ٻيو درجو غيرمسلم قومن ۾ پهريائين متعارف ڪرائيندا آهن. اهي قومون عام طور نبوت جو هڪڙو مفهوم پنهنجي ذهن ۾ رکنديون آهن، جيڪو انهن پنهنجي نبي کان ورتو هوندو آهي ۽ هو حضور ﷺ جن کي پڻ انهيءَ معيار تي جاچينديون آهن ۽ پوءِ اعتراضن جو هڪ طوفان کڙو ڪري ڏينديون آهن. مثال طور پاڻ سڳورا جيڪڏهن سڄي دنيا جي لاءِ نبي بڻجي آيا آهن ته پوءِ سندن زبان عربي ڇو آهي؟ جڏهن سندن تعليم عربي ٻوليءَ ۾ آهي ته ان کي عالمگير ڪيئن چئبو، اها خاص عربن لاءِ مخصوص سمجهڻ گهرجي؟ دشمن سان جنگ ۽ ويڙهه نبوت جي منصب ۾ ڪيئن داخل ٿي؟ پاڻ سڳورن جي تعليم منجهان دنيا کي فائدو به ٿيو پر گهڻن شاهي خاندانن ۽ مذهبي مرڪزن کي نقصان به پهتو، انهن عملن جو نبوت سان سڌوسنئون تعلق ڪيئن ثابت ڪري سگهجي؟





## اسان جو نئون علم ڪلام

اهڙي قسم جي سوالن جو يورپ ۾ گهڻو رواج آهي ۽ پوئين صديءَ ۾ عالم سڳورا انهن اعتراض ڪندڙن جو وات بند ڪرڻ لاءِ جواب سوچيندا رهيا آهن. ايتري حدتائين جو اسان وٽ فقط انهيءَ هڪڙي مسئلي سمجهائڻ لاءِ علم ڪلام جو الاهي ذخيرو گڏ ٿي ويو آهي.

## انهيءَ مسئلي جو اصل حل

انهيءَ مونجهاري جو اسان جيڪو حل ڳوليو آهي، ان گهڻن اعتراضن ۽ جهڳڙن کان جان آجي ڪرائي ڇڏي آهي. اسان سڀ کان پهريائين حضور اڪرم ﷺ جن جو عرب لاءِ نبي هجڻ پيش ڪيون ٿا. اڄ تائين اسان ڪنهن به دنيا جي عقلمند کي هي اعتراض ڪندي ناهي ٻڌو ته عرب ۾ نبي ڇو آيو. اهڙي طرح جيئن ٻين ملڪن ۾ نبي ظاهر ٿيا ۽ انهن پنهنجي پنهنجي قوم کي سڌو رستو ڏيکاريو. اهڙي طرح نبي ڪريم ﷺ جن عرب سرزمين ۾ پيدا ٿيا ۽ عربن کي هدايت جي تعليم ڏني. انهيءَ حيثيت ۾ پاڻ ٻين نبين جي جماعت منجهان هڪ نبي آهن ۽ ڪائنات انهن ڳالهين جي ئي توقع رکڻ گهرجي جهڙي ڪنهن قومي نبيءَ کان توقع رکبي آهي. جيئن مثال طور هر قوم جو نبي پنهنجي پنهنجي قومي زبان جو پابند هوندو آهي. حضرت محمد ﷺ جن به عرب قوم جو نبي هجڻ جي حيثيت ۾ عرب قوم جي معاشرت ۽ انهن جي ٻوليءَ جا پابند آهن، ان ڪري ڪنهن کي اهو حق نٿو پهچي ته اهو اعتراض ڪري ته سندن ڪتاب عربيءَ ۾ ڇو آهي. اهڙي طرح اهو اعتراض به ڪڇي ٿو وڃي ته پاڻ عربي معاشرت جو اختيار ڪئي. پاڻ پنهنجي قوم جي اعليٰ طبقي ۾ هڪ اعليٰ فرد جي حيثيت سان پهرئين ڏينهن کان هر ماڻهوءَ وٽ مڃيل هيا. سندن معاشرتي ڪريڪٽر تي ڪنهن به شخص کي ڪو اعتراض ڪونهي. عربن جو مرڪز قريش هئا ۽ قريش جي ذهنيت ۽ معاشرت ۾ رسول ڪريم ﷺ جن هڪ اعليٰ ماڻڪ ماڻهوءَ طور مڃيل هئا. ٻين قومن کي ان جي معاشرت ۽ ذهنيت تي اعتراض ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي.

## حضور ﷺ جن جي بين الاقوامي حيثيت

الاهي حڪمت جو ٻيو اظهار هي آهي ته قريش جي ذريعي سڄي دنيا جي قومن جي سڌاري جو هڪ ڳنڍيل نظام پيدا ڪيو ويو. قريش جي هڪ نئون

عالمي نظام دنيا تائين پهتو. قريش جي حڪمراني جي ڪري انهن جي عربي زبان جو غلبو مڃڻو پوندو. جن قومن جو قريش سان مقابلو ٿيو انهن کي جيڪڏهن شڪست ٿي ۽ ڪجهه نقصان پلئہ پيو تہ مفتوح کي هميشه نقصان برداشت ڪرڻو پوندو آهي. حڪمت الاهيءَ جي تقاضا هئي تہ قريش اڳتي وڌي ٻين قومن تي غلبو حاصل ڪري وٺن. انهيءَ عالمگير انقلاب جي پيش نظر نبي هجڻ جي حيثيت ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي مٿان هي فرض پئي لاڳو ٿيو تہ پاڻ قريش کي اهڙي تعليم ڏين جو هو انهيءَ ڪم ۾ بہ خدا پرستيءَ جي عالمگير آفاقي اصولن کان نہ هٽن. انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ سڳورن جهڙيءَ ريت پنهنجي قوم جي رهنمائي ڪئي، اهڙي ڪنهن بہ نبيءَ پنهنجي قوم جي رهنمائي نہ ڪئي هوندي.

## حضرت موسيٰ عہ ۽ حضرت عيسيٰ عہ جون ڪوششون

حضرت موسيٰؑ ڪوشش ڪئي تہ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي نسل ۾ بين الاقواميت جو منصب ڪائنس پورو ٿئي. ۽ حضرت عيسيٰ بہ اها ڪوشش ڪئي، پر حضرت موسيٰ جيڪا جماعت تيار ڪئي اها بين الاقوامي مزاج پيدا نہ ڪري سگهي ۽ حضرت مسيح جا مددگار بہ ان سلسلي ۾ ڪارائتا نہ ٿي سگهيا. پر حضرت محمد ﷺ انهيءَ ڪوشش ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ پاڻ آرين ۽ سامين ٻنهين قومن ۾ تورات جا احڪام نافذ ڪري ڇڏيائون.

## نبي ڪريم □ جن جي ڪاميابي

هڪ حديث ۾ اچي ٿو تہ اسان جو ۽ ٻهرين قومن جو مثال ايئن آهي جيئن هڪ بادشاهہ محل جوڙائڻ جو ارادو ڪيو. صبح جو سوير مزدور ڪم تي لڳاياائين. ٻنپهرن اچڻ تي مزدورن ڪم کان جواب ڏئي ڇڏيو، بادشاهہ انهن کي ڪم تان لاهي ڇڏيو وري ٻيا مزدور ويهاريائين. انهن ٽيپهريءَ جو جواب ڏئي ڇڏيو تنهن تي انهن کي پوري ڏينهن جي مزدوري ڏئي ڪم تان لاٿو ويو. ان کان پوءِ مزدورن جي ٽين جماعت ڪم تي لڳائي وئي، انهن شام تائين پنهنجو ڪم پورو ڪري ڇڏيو. انهيءَ بادشاهہ چيو تہ توهان مان مون ڪنهن جو حق تہ ناهي ڪاڏو؟ چوڻ لڳا تہ نہ. بادشاهہ چيو تہ هنن ماڻهن منهنجو ڪم پورو ڪري ڇڏيو، مون خوشيءَ وچان انهن کي ٻيڻي مزدوري ڏيڻي ڇڏي. هن حديث ۾



اڳتي هلي حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ ٻهرين جماعت مان مراد يهودي آهن ٻيءَ مان مراد نصارا ۽ ٽئين مان اسين مراد آهيون.

(هن موقعي تي مولانا سنڌي فرمايو تہ هي حديث بخاري مسلم ۾ آهي ۽ مؤطا ۾ بہ آهي. مفهوم اسين يادگيريءَ جي طور لکرائي رهيا آهيون، ڪو لفظ گهٽ وڌ هجي تہ اصل ڪتاب تان درستگي ڪئي وڃي.)

## يهودين جي ناڪامي

اسان ان مان سمجهون ٿا تہ ٽئي قومون هڪڙو ئي محل اڏڻ تي متوجهہ هيون يعني حضرت ابراهيم عليہ السلام جي امامت کي ۽ ان جي توحيدي فڪر کي دنيا جي سيني قومن ۾ عملي طور تي قائم ڪرڻ. انهيءَ مقصد کي حضرت موسيٰ عليہ السلام قائم ڪرڻ گهرن پيا پر ڪري ڪونہ سگهيا، ان جي شاندار قيادت جي باوجود بني اسرائيل پنهنجي قوم کان ٻاهر جي ماڻهن کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ تي راضي نہ ٿيا ۽ پاڻ بہ عالمگير فتحون حاصل نہ ڪري سگهيا.

جيتوڻيڪ حضرت مسيح جي قيادت ۾ ابراهيمي يعني حنيفي تعليم پري پري تائين پهچي وئي پر مسيح عليہ السلام بني اسرائيل جي مرڪزي قوت کي انهيءَ ڳالهہ تي راضي نہ ڪري سگهيو تہ هو پنهنجي اندر ٻين قومن کي برابر درجي تي قبول ڪري وٺن. حضرت مسيح انهن جي رويي کي سڌارڻ جي بيحد ڪوشش ڪئي پر ان جي انهن ڪوششن جو نتيجو اهو نڪتو جو بني اسرائيل حضرت مسيح کي پنهنجي برادريءَ مان ئي ڪڍي ڇڏيو.

## بني اسماعيل جي ڪاميابي

اهو ڪم بني اسماعيل ڪري ڏيکاري جو رسول اڪرم ﷺ جن بني اسماعيل مان قريش کي پنهنجو عملي مرڪز بڻايو ۽ قرآن جي فڪر تي سيني قومن کي انهن تي آڏي اچي ويهاريو ۽ انهن غيرملڪين کي پنهنجي ڀائرن وانگر قبول ڪري بين الاقواميت جي ضرورت پوري ڪئي.

ان ڪري عربن جڏهن عراق فتح ڪيو تہ سلمان فارسيءَ کي مدائن جو حڪمران بڻايو ويو. اها ذهنيت سلطان محمود پڻ ظاهر ڪئي، جڏهن ان هندستان جو شهر هنڊ فتح ڪري راجا جئي پال جي پوٽي کي ان جو حاڪم بڻايو. مسلمانن ۾ نسلي برتري جي بنياد تي خلافت ۽ اڳواڻي جي پاڙ پٽي وئي ۽

اسان ڪي اسلامي تاريخ ۾ اهو جابجا ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته غلامن جون حڪومتون به مسلمانن ۾ نسل درنسل هلنديون آيون آهن ۽ قريش جا وڏي ڪان وڏا خانداني ماڻهو انهن جي سامهون ايئن اسلامي احڪامن جي اطاعت ڪندا هئا جيئن ڪنهن صحيح نسب واري اسماعيلي جي سامهون. اها هئي حضرت محمد ﷺ جن جي بين الاقوامي حيثيت ۽ اها هئي حضور جن جي رحمت اللعالميني.

### هڪ نتيجو

اڄڪلهه دنيا ۾ ”انقلاب“ ڪي سڀ ڪان وڏي قوت مڃيو وڃي ٿو ۽ انسانن جي انقلابي قوت ڪان ڪم وٺي يورپ ۾ ڪن ماڻهن تمام وڏا ڪم ڪيا آهن، جنهن ڪري يورپ اقتصادي نظرين جو مرڪز بڻجي ويو آهي. پر جنهن پيغمبر سڀ ڪان پهريائين بين الاقوامي انقلاب برپا ڪيو ۽ جنهن انهن ماڻهن ڪي تيار ڪيو ۽ جن انهيءَ انقلاب ڪي چوڌاري جهان ۾ ڦهلايو اهو حضرت محمدﷺ هو. بعد جي انقلابن جا اصول ان جي آندل انقلاب جي اصولن ڪي ڏسي تيار ڪيا ويا. ان جي هڪ امتي حڪيم امام ولي الله دهلوي صحيح ۽ صالح بين الاقوامي انقلاب جو، جيڪو قرآن جي اصولن تي مبني هو، اهڙو دستور وضع ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ڪي پيش ڪري پاڻ چوي ٿو ته ڪوبه بين الاقوامي انقلاب ايستائين ڪامياب نه ٿو ٿي سگهي جيستائين هو انهيءَ بين الاقواميت جي نقش قدم تي نه هلندو جيڪا حضرت ابوبڪر □ ۽ حضرت عمر □ جي زماني ۾ حضور صه جن جي ٻڌايل طريقن موجب متعين ٿي هئي.

اسان يورپ جي هڪ لاديني انقلابيءَ جي عالمي تاريخ جا اهي حصا پڙهيا، جن ۾ هو حضرت ابوبڪر □ ڪي حضور جن ڪان بهتر ماڻهو پيو مڃي. انگريزيءَ جو ناليوارو اديب ۽ مصنف ايڇ جي ويلز به انهيءَ مغالطي ۾ ڦاٿل آهي. انهن ڪي سمجهڻ گهرجي ته حضرت ابوبڪر □ جي حضور اڪرم ﷺ جن سان ڪهڙي نسبت هئي. رسول اڪرم ﷺ جي نبوت جيڪڏهن انهيءَ ترتيب سان پيش ڪئي وڃي جنهن ترتيب سان اسان ٻڌايو آهي ته يورپي مصنفن جا سڀ اعتراض ڪڇي ويندا. رسول اڪرم ﷺ جن جي قومي نبوت ۽ بين الاقوامي نبوت ڪي مڃڻ ڪان سواءِ ڪو رستو ئي ڪونه ٿو رهي.

(الفرقان رسالي ربيع الاول 1360هه ۾ شايع ٿيل)

# اسلام ۾ فڪر جي آزادي

خليفو عبدالحڪيم

اسلام، انسانن جي جهان ۾ ڪيترائي نظرياتي ۽ عملي انقلاب پيدا ڪيا، پر جيڪڏهن اسلام جي اپار جي هم عصر تهذيبن، تمدن ۽ مذهبن جو جائزو وٺبو ته اها ڳالهه بنا ڪنهن ترديد جي خوف جي چٽي ٿي سامهون ٿي ايندي ته سڀ ڪان اهم ترين انقلابي ڳالهه، جيڪا اسلام ڪئي، اها آهي: “ضمير جي آزاديءَ جي تلقين ۽ ان تي عمل!” قرآن حڪيم ۾ انسان جي فطرت بابت هڪ بنيادي صفت اها بيان ڪئي وئي آهي ته انسان هڪ صاحبِ اختيار هستي آهي. آدم جي پيدا ٿيڻ ڪان اڳ جمادي- نباتي ۽ حيواني ڪائَنات موجود هئي ۽ فرشتا به تخليق جي ابتدا ڪان ئي نظامِ ڪائنات ۾ خلقڻهار جا نمائندا ۽ ڪارندا هيا. پر ملائڪن سميت سمورين مخلوَقن جي ڪيفيت اها هئي جو، هر مخلوق فطري طور تي خدا جي اطاعت ڪرڻ تي مجبور هئي. ان جبري اطاعت سان ڪا به مخلوق تنگي محسوس نه ڪندي هئي. هرشيءِ پنهنجي جوڙجڪ پٽاندڙ فطري تقاضا پوري ٿي ڪئي، ۽ پنهنجي فطري تقاضا پوري ڪرڻ ۾ جنهن قسم جو جبر ملندو آهي اهو خراب نه لڳندو آهي. آدم جي تخليق وقت خلقڻهار نئون تجربو ڪرڻ چاهيو ۽ اهو اِهو ته هڪ اهڙي مخلوق پيدا ڪجي جنهن ڪي راءِ جي آزاديءَ ۽ انتخاب جو حق ڏجي. ان ڪي نيڪي ۽ بديءَ جا سيئي دڳ ڏيکارجن ۽ ڪيس اختيار ڏجي ته اها انهن ٻنهي رستن مان جيڪو چاهي، سو اپنائي. ڪيس وحي جي رستي اهو علم ڏجي ته انهن متضاد رستن تي هلڻ جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا پر ان جي ارادن تي ڪو به جبر نه هجي. ان ئي اصول هيٺ انسان جي تخليق ٿي. اها مخلوق، جنهن ڪي احسن تقويم هجڻ جي ناتي گناهه جو اختيار به ڏنو ويو آهي سا مجاز آهي ته پنهنجي مرضيءَ سان اهو دڳ اپنائي جيڪو مشيت الاهي جي مطابق آهي ته انهيءَ سان اها ڪائنات ۾



www.sindsalamat.com

سڀ کان وڌيڪ مانائتي ۽ شانائتي ٿي پوي. پر جيڪڏهن شعور ۽ علم جي باوجود اها غلط ڏڳ کي ترجيح ڏئي ته اها سمورين مخلوقن جي مقابلي ۾ ادنيٰ بڻجي اسفل سافلين بڻجيو وڃي. ڪنهن شاعر جي هڪ مشهور شعر جو مطلب آهي ته آدم زادو، فرشتي ۽ حيوانيت جو هڪ عجيب معجون مرڪب آهي، منجهس ٻئي عنصر ڏسجن ٿا. ملڪوتي کي ترقي ڏجي ته فرشتن کان به بالاتر ٿيو وڃي ۽ حيوانيت کي ترجيح ڏيو ته ڪاالانعام بل هم اضل بڻجي سمورن حيوانن جي پيٽ ۾ ذليل ۽ گمراهه ٿيو وڃي!

انسان کي ملڪوتيت ۽ حيوانيت کان سواءِ هڪ ٽيون عنصر به عطا ڪيو ويو ، اهو آهي اختيار ! انسان جي عظمت ۽ ذلت جو معيار ان اختيار جي صحيح يا غلط استعمال تي آهي. آدم جي قصي ۾ ان حقيقت جو انڪشاف آهي ته هن اختيار جي جوهر جو منڍ ۾ ئي غلط استعمال ڪيو ۽ ان سان اهو ثبوت ڏنائين ته هو ٻين سمورين مخلوقن کان جيڪي مجبور ۽ مطيع آهن، ڪا ٻئي قسم جي مخلوق آهي. آزاديءَ جي اهڙي عملي ثبوت مهيا ٿيڻ سان انسانيت جي شروعات ٿئي ٿي، ڀلي ناتجربيڪار انسان، پهرين وک ۾ ئي لڏي لمي ڇو نه وڃي!

خدا، ڏٺو ته مخلوقات جي جبري اطاعت ۾ اهو لطف ناهي جيڪو ان بندي جي اطاعت ۾ آهي جنهن کي نافرمانيءَ جو اختيار هيو پر ان جي باوجود هن پنهنجي مرضيءَ سان اطاعت ڪئي. صراط مستقيم کي نجات جي راهه سمجهيائين ۽ پنهنجي مرضيءَ کي خدا جي مرضيءَ سان هم آهنگ ڪري ڇڏيائين ۽ ان اتحاد جي ڪري ڪيس الوهيت جو اهو قرب حاصل ٿيو جيڪو جليل القدر ملائڪن کي به نصيب نه هيو. خدا چيو ته هاڻي اسين ڪائنات کي محض غلامن جي وسندي ڏسڻ نه ٿا چاهيون. خدا، خود آزاد آهي، هن چاهيو ته هاڻي هو پنهنجي هڪ هم آهنگ مخلوق پيدا ڪري جيڪا اختيار ۽ آزاديءَ سان پنهنجي خوديءَ کي خدا جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ پنهنجو پاڻ کي "من تو شدم تومن شدي" جي معراج تي پهچائي ڇڏي. آدم جي قصي ۾ لاهين چاڙهين جي داستان جي اندر اسلام جي سموري تعليم جو جوهر موجود آهي. پنهنجي مرضيءَ سان ٺوڪر کائي پاڻ سنڀاليندڙ انسان، آهستي آهستي نيابتِ الاهي ۽ ارضي خلافت جي رتبي تائين پهچي سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو اسلام ، سڀ کان وڌيڪ ضمير جي آزادي، فڪر جي آزادي ۽ عمل جي آزاديءَ کي مذهب ۽ تهذيب جو بنياد قرار ڏنو آهي. انسان صداقتن جا پيچرا ڳوليندڙ



مخلوق آهي ۽ جيڪڏهن جستجوءَ ۾ آزادي نه هجي ۽ غلطي ڪرڻ جو امڪان نه هجي ته پوءِ انسان ۽ جمادات ۾ ڪهڙو فرق ٿيندو ؟ دين، سڀ کان پهريان نيڪيءَ جو نالو آهي، پر جيڪا نيڪي جبر سان پيدا ڪئي وڃي اها اخلاقي طور تي نيڪي نه ليکبي. اهڙي جبري نيڪيءَ جي لاءِ ڀلا ڪير ڪنهن کي واکاڻ جوڳو ۽ اجر جو مستحق سمجهندو ؟ ڀلا اهڙي شخص جي دين جي ڪهڙي اهميت، جنهن کي تلوار جي زور تي يا تحقير ۽ تشهير جي خوف تحت ڪنهن عقيدي جي اقرار تي مجبور ڪيو ويو هجي ؟! ان جبر سان ان جي انسانيت جو جوهر ئي ميسارجي ويندو. جيتوڻيڪ دين جو ڪم ان جوهر کي اجاگر ڪرڻ آهي. هڪ مغربي مستشرق لکيو آهي ته قرآن جي تعليم ۾ سڀ کان وڌيڪ شاندار شيءِ لَا اِكۡرَاهَ فِي الدِّيۡنِ جو اعلان آهي ته دين جي معاملي ۾ ڪنهن به قسم جو جبر روا ڪونهي. پاڻ سڳورن ۽ صحابہ ڪرام جي مثالي جدوجهد ۾ هڪ به اهڙو مثال نه ٿو ملي جنهن ۾ پاڻ ڪنهن کي زوريءَ اسلام قبول ڪرڻ تي مجبور ڪيو هجائون. ڪافرن سان، جنگيون ان ڪري نه جوٽيون ويون جو ڪين مغلوب ڪري زوريءَ مسلمان ڪجي، بلڪ ساڻن جنگ جوٽڻ جو ڪارڻ اهو هيو ته هنن مسلمانن کي ضمير جي آزاديءَ جي انساني ۽ بنيادي حق کان محروم ڪرڻ ٿي چاهيو. انهن ، محض دين جي انتخاب ڪري مٿن زندگيءَ جا دروازا بند ڪري ڇڏيا هيا. قرآن جي روءِ سان جهاد ۽ قتال صرف ان گروهه جي خلاف جائز بلڪ فرض آهي جيڪي انسانيت کي ضمير جي آزاديءَ کان محروم ڪري انهن کي زور ۽ جبر سان پنهنجن عقيدن جي مطابق زندگي گهارڻ تي ضد ٻڌيون ڏنيون بيٺا هجن. قرآن حڪيم ان بابت نهايت وضاحت سان چيو آهي ته "جيڪڏهن خدا اهڙين ظالم ۽ جابر قومن جي خلاف، آزاديءَ جي علمبردارن کي قتال ۽ جهاد جي لاءِ ڪڙو نه ڪري ها ته مڙهيون ۽ مندر، مسجدون ۽ ڪليسائون دنيا مان ميسارجي اڻ لپ ٿي وڃن ها." ان آيت سڳوريءَ جي اندر جنهن وسعت سان سمورن مذهبن جي لاءِ آزاديءَ جو جيڪو اعلان آهي، ان تي غور ڪريو ته خدا هر اهڙي گروهه کي تباهه ڪرڻ جي لاءِ جوڌن جوانن کي اٿاريندو آهي جيڪي صرف اسلام جي حفاظت جي لاءِ پنهنجي جان ۽ مال جي بازي ناهن لڳائيندا، بلڪ سمورن مذهبن ۽ انساني ضمير جي آزاديءَ کي ڪچليندڙ قوتون جتي به اڀرن انهن کي هيسائڻ ، مغلوب ڪرڻ هو پنهنجو اولين فرض سمجهندا آهن. مٿئين آيت ۾ مسجدن جو ذڪر سمورن مذهبن جي عبادتگاهن جي حفاظت کان پوءِ ڪيو

ويو آهي تہ جيئن مسلمان اهو نہ سمجهن تہ فقط پنهنجي مذهب جي معاملي ۾ ئي ضمير جي آزادي جي لاءِ جهاد فرض آهي ۽ بس!

اهڙي تعليم جو عملي نتيجو اهو ٿيو جو جڏهن اسلامي گروهہ ۽ مملڪت محفوظ ٿي وئي تہ هر ملت کي ضمير جي آزاديءَ جو چارٽر عطا ڪيو ويو. عيسائين کي عطا ڪيل اهو چارٽ اڃا سوڌو پنهنجن لفظن سميت حضرت عمر فاروق □ جي فرمانن ۾ محفوظ آهي. ان جو عملي طريقو پاڻ سڳورن ﷺ جي مثال کان شروع ٿيو تہ مديني ۾ پنهنجي آمد مبارڪ سان ئي اتان جي يهودين کي اهو چارٽر عطا ڪيو ويو تہ ”جيڪڏهن توهين امن قائم ڪرڻ ۾ اسان سان سهڪار ڪندؤ تہ اوهان کي پنهنجي مذهب ۽ زندگيءَ جي طريقي بابت سمورا اهي حق حاصل هوندا جيڪي مؤمنن جي جماعت کي حاصل آهن.“ ان کان پوءِ جڏهن مديني جي يهودين، اسلام ۽ مسلمانن جي پيرن ڪڍڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏني ۽ اسلام جي ويرين سان ڳٺ جوڙ شروع ڪيائون تہ انهن جي خلاف جنگ جوٽي کين تابعدار بنائڻو پيو، پر ڪنهن يهوديءَ کي زوريءَ مسلمان نہ بڻايو ويو.

سپ سمنڊ ۽ انهن کان بہ وڌيڪ جيڪڏهن لکڻ لاءِ مس بڻجي وڃن تہ اهي سپ خشڪ ٿي وڃن، پوءِ بہ ان جي ڪلمات جو بيان ختم نہ ٿيندو. عبادت جو صحيح مفهوم اهو آهي تہ ”انسان جي سموري ڄمار ۽ ان جو هر لمحو انفس وآفاق جي آئين ۽ قانونن جي جستجوءَ ۾ صرف ٿيڻ گهرجي ، جيڪڏهن فڪر جي آزادي نہ هجي تہ عبادت ڪيئن ٿي ادا ٿي سگهي ؟ تفڪر جي ماهيت ۾ ئي آزاديءَ سان سوچڻ شامل آهي، فڪر جي آزاديءَ کان اسلام ان ڪري نہ ٿو گهٻرائي ڇاڪاڻ تہ کيس يقين ڪامل حاصل آهي تہ فڪر جي آزادي هزار دفعا ڀٽڪڻ جي باوجود بہ انسان کي زندگيءَ جي صداقتن کان آشنا ڪندي آهي...“

ظلم، سياست ۾ پيدا ٿئي يا دين ۾ ، اهو فڪر جي آزاديءَ کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ عالمي تاريخ ۾ جابجا ائين ٿيو آهي تہ سياسي ظلمن، مذهبي ظلمن سان گڏجي عوام کي غلام بڻايو آهي، جڏهن بہ ڪنهن قوم ۾، خود داري ۽ آزادي جو جذبو بيدار ٿيندو آهي تہ ان ۾ٽي مفاهمت جي خلاف جهاد ڪرڻ ضروري ٿي پوندو آهي.

عارف روميءَ ڪيڏي نہ زبردست ڳالهہ ڪئي آهي تہ:

خلق را از انبيا آزادي ست:



يعني، نبي سڳورا دنيا ۾ ان لاءِ معبوث ٿيندا آهن تہ اهي انسانن کي تقليد ۽ غلاميءَ جي زنجيرن مان نجات ڏيارين ۽ آزاد فضا ڏانهن وٺي اچن جتي ڀٽائيءَ چواڻي:

نہ ڪا جهل نہ پل سپ ڪا پسي پرين کي !

پر افسوس جو هر مذهب پنهنجي زوال جي دؤر ۾ متعصب ٿي پوندو آهي ۽ دين جو بڻ بنياد سڙي خاڪ ٿي ويندو آهي.

رواداري ۽ فڪر جي آزادي، زندگيءَ جي سمورن قدرن ۽ ترقين جي ضمانت آهن، جتي آزادي ناهي هوندي، اتي نہ ڪوئي اخلاق باقي رهندو آهي ۽ نہ ڪي وري دين ۽ نفس جي اصلاح جي صلاحيت باقي رهندي آهي، علوم ۽ فنون جي ترقي رڪجي ويندي آهي. تقليد ۽ جمود، زندگيءَ جي سمورن شعبن تي ڇائنجي ويندو آهي، تحقيق جا رستا بند ٿي ويندا آهن، ڪنهن بہ ملڪ يا قوم کي زنده ڪرڻ تيستائين ممڪن ئي ناهي جيستائين فڪر جي آزادي، رواداري ۽ تحقيق ملڪ ۽ قوم جو مجموعي وڙ نہ بڻجي ، حقيقي اسلام اهو ئي هيو ۽ جنهن غير مسلم قوم جيڪا بہ ترقي ڪئي آهي اها دراصل اهڙي رواداري ۽ آزاديءَ جي ئي طفيل آهي !

(سنڌيڪار: عبدالمومن ميمڻ)

# اسلام جي حقيقت، اسوه ابراهيمي ۽ قرباني

مولانا ابوا الڪلام آزاد

سڀ ڪان پهريان هن ڳالهه تي غور ڪرڻ ضروري آهي ته اسلام جي اها کهڙي حقيقت هئي جيڪا حضرت ابراهيم عليہ اسلام جي زندگيءَ تي طاري ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ قرآن حڪيم بين قومن لاءِ حضرت ابراهيم کي پيشوا ۽ ان جي اسوهءَ کي اسوهءَ حسنہ قرار ڏئي ڪري بين لاءِ نموني طور پيش ڪيو ۽ ان کي اپنائڻ جو بين قومن کي حڪم ڏنو.

اسلام جو مادو "سلم" آهي، هن مادي جي لغت جي لحاظ کان بنيادي معنيٰ آهي پاڻ کي ٻئي جي حوالي ڪري ڇڏڻ. ٻئي کي سونپڻ، خود حوالگي يا مڪمل تسليم، ٻئي جي اڳيان سر جهڪائي ڇڏڻ يا ٻئي جي قانونن ۽ حڪمن جي اڳيان پاڻ کي فنا ڪري ڇڏڻ.تنهن ڪري اسلام جي حقيقت بہ اها ئي آهي تہ انسان پاڻ کي خدا جي حوالي ڪري ڇڏي. پاڻ وٽ جيڪو ڪجهہ اٿس، اهو ان جي حوالي ڪري ڇڏي. هن جو سڀ قوتون، صلاحيتون، خواهشون، سندس جذبا ۽ سڀ محبوب ترين شيون مقصد تہ مٿي جي وارن کان وٺي پيرن جي آڱرن تائين جيڪي ڪجهہ هن وٽ آهي، اهو سڀ خدا جي حوالي ڪري ڇڏي. پنهنجن اندروني ۽ ٻاهرين قوتن ۽ صلاحيتن سان پاڻ کي مڪمل طور تي ان جي حوالي ڪري ڇڏي. سڀ رشتا ختم ڪري رڳو هڪ رشتو رکي.

تنهن ڪري هڪ "مسلم" جي حقيقت هيءَ ٿيڻي تہ اهو پنهنجي جسم ۽ جان جا گهٽا خريدار نہ بڻائي، بلڪ "هڪ" ئي خريدار سان پنهنجو نہ ٽٽندڙ لاڳاپو قائم رکي. جيڪي پاڻ ان کان گهرندڙ آهن، انهن کان گهرڻ جي ويجهو بہ نہ وڃي.





قرآن حڪيم جي بيان جو هي عام اسلوب آهي تہ اڳ ۾ هو هڪ خاص تعليم جو نڪتو يا اصول بيان ڪندو آهي ۽ ان ڪانپوءِ ان جي صداقت لاءِ گذريل امتن ۽ گذريل پيغمبرن (عليهم الصلاة والسلام) جي حالتن ۽ واقعن مان تاريخي گواهي پيش ڪندو آهي. تہ جيئن قرآن جي پڙهندڙ جي اڳيان تعليم (اصول) ۽ ان تي مرتب ٿيندڙ عملي نتيجا ٻئي اچي وڃن. تنهن ڪري توهان ڏسندؤ تہ قرآن حڪيم ۾ هڪ وڏو حصو گذريل نبين ۽ رسولن جي قصن ۽ سندن عملن جي باري ۾ آيو آهي. پر پوري قرآن مجيد ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڪامل بزرگ هستيءَ جي زندگيءَ کي نموني طور پيش ڪيو ويو آهي، بين کي ان جي نموني جي پيروي ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي آهي تہ اهي صرف ٻہ نمونا آهن: هڪ خود اسلامي شريعت جو داعي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم.

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِى رَسُولِ اللّٰهِ أُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْآخِرَ
وَذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيرًا (الأحزاب: ٢١)

"(مسلمانو!) توهان جي لاءِ يعني انهن ماڻهن لاءِ جيڪي الله ۽ آخرت جي ڏينهن ۾ (يا دنيا ۾ ئي ايندڙ وقت جي ڪاميابي جون) اميدون رکن ٿا ۽ الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪن ٿا، تن جي لاءِ الله جي رسول ۾ سهڻي ۾ سهڻو ۽ چڱي ۾ چڱو نمونو (۽ مثال) موجود آهي".

۽ ٻيو حنيفي ملت جي داعي ۽ اڳواڻ حضرت ابراهيم عليہ الصلوات والسلام جي باري ۾ ارشاد آهي:

قَدْ كَانَتْ لَكُمْ أُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فِىٓ إِبْرَاهِيمَ وَالَّذِينَ مَعَهُ (الممتحنة: ٤)

"بيشڪ ابراهيم ۽ جيڪي ان سان گڏ هئا، تن (جي طريقي) ۾ اوهان لاءِ چڱي پيروي آهي."

قرآن ۾ ڪيترن ئي گذريل نبين جا واقعا ۽ عملي ڪردار ذڪر ڪيا ويا آهن، پر پوري زندگيءَ کي نموني جي طور ڪنهن لاءِ پيش ڪيو ويو آهي تہ اهو حضرت ابراهيم عليہ الصلاة والسلام آهي. ڳالهہ حقيقت ۾ هي آهي تہ قرآن ڪريم اسلام جي جنهن حقيقت کي دنيا ۾ پيش ڪرڻ چاهي پيو، ان لحاظ کان جيڪڏهن ڪو وجود يا هستي تي سگهيو پئي تہ اهو حضرت ابراهيم عليہ السلام ئي آهي. سندس زندگي اسلام جي حقيقت جو چٽو ڏيک ڏيندڙ هئي.

www.sindsalamat.com

اسلام هڪ صداقت آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته اسلام دنيا ۾ ان وقت کان موجود آهي جڏهن کان دنيا ۾ صداقت موجود آهي. پر ان چٽي صداقت کي الاهي شريعت جي صورت ۾ سڀ کان اڳ ۾ حضرت ابراهيم ؑ ئي پيش ڪيو. انهيءَ ڪري قرآن ڪريم حضرت ابراهيم ؑ کي حنيفي ملت جي پهرئين واعظ ۽ داعي جي حيثيت سان متعارف ڪرايو آهي ۽ سندن وڏي خصوصيت هيءَ ٻڌائي آهي:

إِذْ قَالَ لَهُ رَبُّهُ أَسْلِمْ قَالَ أَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعَالَمِينَ (البقرة: ١٣١)

"۽ ڏسو جڏهن حضرت ابراهيم جي پروردگار کيس حڪم ڪيو ته منهنجي اڳيان سر جهڪائي پورو پورو فرمانبردار ٿي. تڏهن حضرت ابراهيم هڪدم چئي ڏنو ته مون سڀني جهانن جي پالڻهار اڳيان پنهنجو سر جهڪايو."

جيئن ته حضرت ابراهيم ؑ اسلام جو پهريون داعي هو تنهن ڪري سندن پوري زندگي خالص اسلام جو ڏيک ڏيندڙ هئي. سندن زندگيءَ جو هر عمل اسلام جي حقيقت جي ترجماني ڪندڙ هو. پاڻ اسلام جي تعليم ڏنائون، سندن زندگي پوري جي پوري ان مطابق هئي. ٻين لفظن ۾ پاڻ کي اسلام جي حقيقت ۾ فنا ڪري ڇڏيو هئائون. انهيءَ خود حوالگيءَ جو نتيجو آهي جو سندن نموني کي "اسوه حسنه" جي لقب سان نوازي ٻين سمورن کي سندن پيروي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو.

ان ئي اسلامي زندگيءَ جو نتيجو آهي جو خدا تعاليٰ سندن زندگيءَ جا سڀ عمل ڪروڙين انسانن جي دلين ۾ هميشه لاءِ زنده ڪري ڇڏيا آهن. سندن ذڪر کي قيامت تائين محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. 9 ذوالحج جي تاريخ تي دنيا جي سامهون "اسوه ابراهيمي" جو ڪهڙو نه اڻ متجندڙ منظر هوندو آهي، جڏهن تاريخ پاڻ کي هزارين سال پوئتي موٽائي اسلام جي واعظ اول جي ياد تازي ڪرائيندي آهي. جڏهن هر انسان پاڻ کي اسوه ابراهيمي جو پيڪر سمجهي اسلام جي حقيقت پنهنجي مٿان طاري ڪندو آهي ۽ مسلمانن جو پورو مجموعو اسلام جي حقيقت جو عملي نظارو پيش ڪري تاريخ کي دهرائيندو آهي. لکن جي تعداد ۾ انسان هڪ لباس ۽ هڪ صدا سان "هڪ" جي ئي لاءِ ديوانن ۽ مجنونن وانگي ڊوڙندا آهن.

بي شڪ ابراهيم خليل پاڻ دنيا ۾ موجود ناهن پر پوءِ به ڪروڙين انسانن جي دلين ۾ هميشه قيامت تائين زنده رهندا:



وَوَهَبْنَا لَهُمْ مِنْ رَحْمَتِنَا وَجَعَلْنَا لَهُمْ لِسَانَ صِدْقٍ عَلِيًّا (مريم:50)

"۽ کين پنهنجي رحمت مان بخشش ڪيو سين ۽ پڻ انهن سڀني لاءِ سچائيءَ جون صدائون (آواز) بلند ڪيوسين (يعني سندن طريقو پيو ورجائجي.)"

حقيقت ۾ حضرت ابراهيم ؑ جي هر ڳالهه اسلام هئي، پاڻ کي اسلام جي حقيقت ۾ اهڙي طرح فنا ڪري ڇڏيو هئائون جو سندن ذاتي وجود باقي نه رهيو هو.

جڏهن ستارن جي عجيب ۽ غريب روشني، چنڊ جي دل لڀائيندڙ چمڪ ۽ سج پنهنجي آب ۽ تاب سان سندن اڳيان آيو ته اهو اسلام ئي هو جنهن اندران آواز ڏنو: "اِنّي لَا أُحِبُّ الْاٰفِلِيْنَ" (مان فنا ٿيندڙ هستين کي دوست نٿو رکي سگهان) ان ڪاِنپوءِ يڪدم سندن زبان تي هيءَ صدا اڀري آئي:

"إِنِّي وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِي فَطَرَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ حَنِيفًا ۖ وَمَا أَنَا مِنَ الْمُشْرِكِينَ"

(الانعام: 79)

(مان هر طرف کان پاڻ کي ڪٽي ڪري صرف ان هڪ ذات سان ئي لنئو لاتو آهي جنهن زمين ۽ آسمان پيدا ڪيو آهي ۽ مان مشرڪ ناهيان)

بت پرستي جي سماج ۾ اکيون کوليندڙ، اهڙي گهر ۾ رهندڙ جتي هر هڪ جي هٽ ۾ بتن ٺاهڻ جا اوزار آهن. جڏهن هو ڪالديا جي بازارن ۾ وڃي ته رڳو بت ئي بت آهن، جنهن انسان کي ڏسي، ان جو ڪنڌ بتن جي اڳيان جهڪيل آهي. هر طرف خدا فروشي جون صدائون هجن، پر اهو اسلام ئي هو جنهن هن کان چورايو:

الَّذِي خَلَقَنِي فَهُوَ يَهْدِينِ ○ وَالَّذِي هُوَ يُطْعِمُنِي وَيَسْقِينِ ○ وَإِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِينِ ○

(الشعراء: 80-78)

"اهو (پروردگار ئي منهنجو سڄڻ آهي) جنهن مونکي خلقيو ۽ اهوئي آهي جو مونکي سڌي واٽ تو ڏيکاري. ۽ جو مون کي کارائي ٿو ۽ پياري ٿو. ۽ جڏهن مان بيمار ٿيان تڏهن مونکي شفا ڏئي ٿو ۽ جو مون کي ماريندو ۽ وري جيئاريندو."

حقيقت ۾ اِهائي اُها "اسلامي حقيقت" هئي، جنهن ان کي ايندڙ امتن لاءِ "اسوه حسنه" بنائي ڇڏيو.

۽ اهائي انساني فطرت آهي، جنهن کي هڪ هنڌ "فطرة الله" سان تعبير ڪيو ويو آهي. هڪ هنڌ ان کي وري "قلب سليم" سان موسوم ڪيو ويو آهي. يعني انسان جي دل جي اهڙي پاڪ ۽ صاف حالت يا ڪيفيت جيڪا ٻاهرين برن اثرن کان بلڪل محفوظ هجي. ٻين لفظن ۾ اصلي فطرت جو اهو ذاتي ذوق ۽ مزو جنهن جو ذائقو ڪنهن عارضي بيماري جي اثر جي ڪري تبديل نہ ٿي وڃي. چو تہ انسان جي اندر ۾ جيڪو ڪجھ آهي، اهو اسلام ئي آهي. ڪفر خارجي اثرن جو نتيجو هوندو آهي.

۽ سڀ کان آخر ۾ هي تہ جڏهن اسلامي حقيقت جو آخري پر اصلي آزمائش جو وقت آيو تہ اهو اسلام ئي هو جنهن حضرت ابراهيم جي هٿ ۾ ڪاتي ڏني تہ جيئن پنهنجي فرزند عزيز کي خدا جي رستي ۾ ذبح ڪري خدا ڪانسواءِ باقي هر شيءِ جي محبت جي قرباني ڪري . اهو اسلام ئي هو جنهن حضرت اسمٰعيل جي ڪنڌ کي الله لاءِ جهڪائي ڇڏيو.

اسلام جي صدا حضرت ابراهيم ؑ جي چپن تي هنن لفظن سان تري آئي:

يٰبُنَيَّ اِنِّيْٓ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْٓ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰىؕ (الصٰفٰت: 102)

۽ وري حضرت اسماعيل جي زبان تي هي لفظ چورايا:

يٰٓاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ ۫ سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيْنَ (الصٰفٰت: 102)

"اي منهنجا (پيارا) بابا! جيڪو توکي حڪم مليو آهي تنهن جي تعميل ڪري ڇڏ. تون ڏسندين تہ انشاءَ الله مان صابر رهندس."

هي پيءُ پٽ جون نہ، بلڪ اسلام جون صدائون آهن. اسلام اهڙي ئي قرباني گهري ٿو: لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ هر شيءِ کي قربان ڪري خدا جي پناهہ ۾ اچڻ جو نالو ئي قرباني آهي. پنهنجن خواهشن ۽ ذاتي غرضن کي ڇڏڻ جو نالو ئي قرباني آهي. پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي زندگيءَ جي پياري ۾ پياري شيءِ کي قربان ڪرڻ جو نالو قرباني آهي. ۽ اها ئي قرباني اسلامي حقيقت جو ٻيو نالو آهي.

توهان حضرت ابرهيم ۽ حضرت اسماعيل کي ڏسو! هڪ جذبن ۽ ارادن جي قرباني ڪري رهيو آهي تہ ٻيو وري پنهنجي جان ۽ نفس جي.

قرباني جي اهڙي ادا ۾ (جنهن ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏجي) بقا آهي ۽ اهڙي قرباني جو انعام خدا تعاليٰ جي طرفان هي آهي:

قَدْ صَدَّقْتَ الرُّؤْيَا إِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ (الصافات: ١٠٥)



"بيشڪ تو پنهنجو خواب سچو ڪري ڏيکاريو. بيشڪ اسان انهيءَ طريقي (جي آزمائش) سان نيڪوڪارن سان ڀلايون ڪندا آهيون."

بس هيءَ آخري حالت ئي اها اصلي حالت آهي جنهن کي آءٌ اسلامي حقيقت جي لفظ سان تعبير ڪندو آيو آهيان.

اهوئي اسلامي دعوت جو عملي نمونو آهي جيڪو حضرت ابراهيم جي صورت ۾ دنيا جي نقشي تي ظاهر ٿيو. جيڪو دنيا جي ٻين سمورن انسانن لاءِ اسوه حسنہ جي لقب سان نوازيو ويو. خدا اهڙي ئي قرباني گهري ٿو. حضرت ابراهيم ع ۽ محمد صلي الله عليہ وسلم جي شريعت اهري ئي قربانيءَ جو نالو آهي. ابراهيمي (۽ محمدي) اسوه اهڙي ئي قرباني جا مظهر آهن. اسلام جا سڀ عقيدا، سندس سڀ عمل اهڙي قربانيءَ جي تعليم پيش ڪن ٿا. بلڪ عقيدن ۽ عملن جو حقيقي روح اها ئي قرباني آهي. ۽ اهڙي قرباني جي جذبي کي هميشہ زندهہ رکڻ لاءِ عيد الاضحي جو جشن مقرر ڪيو ويو آهي.

# اسوه نوحي (عليہ الصلاة و السلام)

**مولانا ابوالڪلام آزاد**

جڏهن کان انسان هن ڌرتي تي جنم ورتو آهي، صداقت ان سان تڏهن کان ئي گڏ رهندي آئي آهي، صداقت ايتري پراڻي آهي جيترو خود انسان. صداقت جي سڪي جا ٻه پاسا آهن:

1. چڱي شيءِ اپنائڻ ۽ ان جو حڪم ڪرڻ ۽
2. خراب ڪي ڇڏڻ ۽ ان کان روڪڻ. جنهن جو اصطلاحي نالو امر بالمعروف و نهي عن المنڪر آهي. ۽ اها ئي صراط مستقيم آهي. اڄ جي زبان ۾ توهان ان کي "دعوت الي القرآن" چئي سگهون ٿا. اها خدا جي شريعت اصل ۾ هڪ آهي، توڙي جو ان کي مختلف نالن سان سڏيو وڃي.

عباراتنا شتی و حسنک واحد

و کل ذاک الجمال يشير

تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته صداقتن جو ظهور هميشه هڪ ئي رهيو آهي پوءِ ڀلي ڪٽي ڪهڙي به نالي سان هجي.

حضرت ابراهيم ڪلدانين جي بت خاني کي ٽوڙي ڇڏيو. حضرت موسیٰ بني اسرائيل کي فرعون جي غلامي ۽ ظلم جي زنجير کان ڇوٽڪارو ڏياريو. پر شيءِ هڪ آهي. اها آهي هر باطل کي مليا ميٽ ڪرڻ چاهي ٿي، جيڪا خدا جي تخليقي مشيت جي خلاف هوندي آهي. پوءِ ڀلي ڪٽي ان جو نالو توهان سياست، مذهب يا اخلاق جا اباطيل رکو! يا تمدني ترقي يا ضرورت جي نالي سان ان کي پڪاريو.

پر تاريخ گواهہ آهي ته خدا تعاليٰ جي سنت هيءَ رهي آهي ته اونداهيءَ کانپوءِ روشني، گمراهيءَ جي رات کانپوءِ هدايت جو روشن صبح طلوع ٿيندو آهي، ۽ جڏهن شيطان جي مصنوعي خوشين کي ختم ڪري رحمان جو آواز



www.sindsalamat.com



بلند ٿئي ٿو پڪ سمجهو ته صداقت اچي وئي، جيڪا هميشه ايندي رهي آهي. هيءَ اها شيءِ آهي جنهن سخت کان سخت اونداهين ۾ به پنهنجي روشن چهري کي چمڪائي ڪري ظاهر رکيو. حقيقت ۾ هيءَ هڪ تلوار آهي، جنهن کي الله جي هٿ جي قوت ۽ طاقت هوندي آهي ته جيئن شيطان جي فوجن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي. هي هڪ حق جو آواز آهي، جنهن کي الله جا نه نظر ايندڙ هٿ مٽي ڪندا آهن ته جيئن شيطاني آبادين ۾ الله جي صدا جي ڏيئي کي روشن ڪري ۽ ان ئي صداقت (امر بالمعروف و نهي عن المنڪر) جو هڪ عظيم ڪردار حضرت نوح عليه السلام آهي.

ڪائنات ۾ پيدا ٿيندڙ واقعا، حادثا يا تبديليون خدا تعاليٰ جي نظر کان ڳجهيون نه هونديون آهن، بلڪ هر شيءِ هڪ قانون جي هيٺ واقع ٿيندي آهي ۽ ان جو فنا ٿيڻ به هڪ قانون هيٺ هوندو آهي. دنيا ۾ ظلم ۽ زيادتي جي باهه ٻريل هوندي آهي، مسجدون ڪيرايون وينديون آهن، خدا جي يادگيري جا گهر ڍاهيا ويندا آهن، ڪمزور جماعتن کي ختم ڪيو ويندو آهي.

خدا تعاليٰ جي نظر انهن سڀني شين کي ڏسندي رهندي آهي، پنهنجي رحمت سان ڍر ڏيندو آهي ته لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُوْنَ (البقره:186) "شايد پاڻ ئي صحيح رستي تي اچي وڃن." پر جڏهن سرڪش قوتون ان مان به فائدو نه وٺنديون آهن، بلڪ پنهنجي ظلم ۾ اڃا وڌيڪ اضافو ڪنديون وينديون آهن ته پوءِ الله جو قانون حرڪت ۾ ايندو آهي: اِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ (البروج:12) (بيشڪ تنهنجي پالڻهار جي پڪڙ سخت آهي) جو وعيد عملي ڪردار ادا ڪندو آهي. جڏهن اهو قانون حرڪت ۾ ايندو آهي ته دنيا جنهن تي گهمنڊ ڪندڙ ان کي هميشه وارو سمجهندا هئا، طوفان جي هڪ لهر ۾ صرف ڪجهه منٽن يا سيڪنڊن ۾ هڪ تماشو يا رانديڪو بڻجي ويندي آهي.

ان باري ۾ ڪيترائي ئي طوفان دنيا ڏسي چڪي آهي. حضرت نوح جي دور ۾ آيل طوفان به انهن مان هڪ آهي. تاريخ جو هي حادثو مسيح کان ٽي هزار ٽي سؤ اٺٽاليهه (3339) سال پهريان گذري چڪو آهي. هي واقعو قرآن ۾ مختلف جڳهن تي ذڪر ڪيو ويو آهي، پر ان جو تفصيلي ذڪر سورة هود ۾ آهي. ۽ ان سان گڏ تورات ۾ به ان جو ڪٿي تفصيلي ته ڪٿي اختصار سان ذڪر ڪيو ويو آهي.

هن واقعي ۾ جيڪي الاهي تعليم جا نڪتا ۽ ان جا خاص خاص رخ آهن، اهي هت ذڪر ڪجن ٿا:

1. دنيا پرستيءَ جون شيون جڏهن انسانن کي خدا کان غافل ڪري ڇڏن ٿيون، جڏهن خدا تعاليٰ جي حدن (قانونن) کي ٽوڙيو وڃي ٿو، ظلم، زيادتي ۽ ڇڙواڳي عام ٿي وڃي ٿي، علم کي غلط طريقي سان ۽ ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو، ترقيءَ ۽ تمدن جون شيون گمراهيءَ جا سبب بڻجي پون، خدا تعاليٰ سان ايترو به لحاظ نه هجي، جو ان جي شعائر جي عزت ۽ عظمت ڪئي وڃي. جڏهن سماج ۾ اهڙي اخلاقي آوارگي پکڙيل هجي ته صداقت جي پرچار (وَ اَمَرُوْا بِالْمَعْرُوْفِ وَ نَهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ) ڪرڻ، حق جو آواز بلند ڪرڻ فرض آهي، پوءِ پلي ڪٽي ان فرض جي ادائگيءَ لاءِ ڪيترين ئي تڪليفون ۽ مشقتون سهڻيون پون، ڪيترين ئي پابنديون وڌيون وڃن. داعي جي حق واري زبان کي سازشي مجرم جو نالو ڏئي ڪري قيد ڪيو وڃي، صداقت جي لڪتن لاءِ تعزيري ايڪٽ مقرر ڪيو وڃي، پر پوءِ به خاموش ناهي رهڻو.حقيقت ۽ حقيقت جي انجام جو پيغام قوم کي پڌائڻو ئي آهي.

2. حق جي داعي کي پنهنجي ذات، مفاد ۽ خواهشن جو فڪر ڪرڻو نه آهي، نه حڪومت يا صاحب اقتدار ماڻهن کان وڏا منصب ۽ عظيم لقب حاصل ڪري پاڻ کي ممتاز ۽ اعليٰ حيثيت وارو بنائي. هي گمراهيءَ جو رستو آهي، اهڙن منصبن جا خيال سراسر ڌوڪو هوندا آهن. حق جي پرچارڪ کي ظاهر ۾ طعنا ڏنا ويندا، ان تي ٺٺوليون ڪيون وينديون. سازشي قوتن جي چوڻ تي ماڻهو ان جو بائيڪاٽ ڪندا. ان تي ٽوڪون ڪندا، ان کي چريو چوندا، ان کي ڪوڙو چوندا، پر استقامت وارو اهو آهي جيڪو ثابت قدمي سان ان دعوت جي رستي تي اٽل رهي.

3. حق جا پرچارڪ گهڻا نه هوندا، انهن وٽ وڏا هجوم نه هوندا، بلڪ ڪجھ عام ۽ سادا انسان هوندا، جيڪي دنيا جي نظرن ۾ خسيس ۽ گهٽ نظرن سان ڏٺا ويندا. پر هي ماڻهو اندر جا صاف ۽ اجرا هوندا آهن. سندن ارادا ايترا ته مضبوط هوندا آهن جو جيڪو ڪم اهي ڪرڻ چاهيندا آهن، اهو ڪري وٺندا آهن.

4. حق جي دعوت ڏيندڙ لاءِ ضروري آهي ته سندس ڪلام صاف، گفتگو نرم ۽ شائستانه هجي، ان ۾ تيزي ۽ کهرائپ نه هجي. ۽ گڏوگڏ ڪنهن کي زبردستي مڃرائڻ تي مجبور به نه ڪيو ويندو. بلڪ جيڪو هدايت



اختيار ڪري، پنهنجي شعور سان ۽ جيڪڏهن گمراهه ٿئي، اهو به پنهنجي مرضي سان.

5. حق جي دعوت جو ڪوبه مادي اجر نه هوندو آهي. نه ئي ان جي اميد ڪجي. هن مقدس فريضي جو اجر الله تعاليٰ جي طرفان ملندو آهي. تنهن ڪري ان جي طلب به ان کان ڪرڻ گهرجي.

6. حق جي داعي سان گڏ جيڪي ماڻهو حق جي دعوت لاءِ ساٿس گڏجي جماعت جي صورت ۾ ڪم ڪندا هجن، انهن کان عليحدگي ۽ لاڳاپا ختم ڪرڻ لاءِ پلي ڪيترو به دٻاءُ هجي، پر انهن ناتن نباهڻ تي سختي سان قائم رهجي.

7. داعي الي الحق وٽ نه خزانا هوندا، نه اهو ڪو فرشتو هوندو، نه ئي وري ڪو غيب جو ڄاڻو. عام انسانن وانگي هوندو. ۽ ان ئي حالت ۾ سرڪش طاقتن سان مهاڏو اٽڪائيندو.

8. حق جي پرچارڪ لاءِ موقعي ۽ محل جي تلاش ۽ جاڪوڙ اجائي آهي. نه ئي وري مصلحت جو بهانو. هر حالت ۽ هر وقت ۾ ڪم ڪرڻو آهي. اهڙي شدت سان ته ڏسندڙ حيران ٿي وڃن، ٻُڌندڙ تنگ اچي وڃن ۽ سرڪش طاقتون مقابلي لاءِ تيار ٿي وڃن.

9. نتيجي جي پرواهه نه ڪرڻ کپي. اهو چاهي مرضي ۽ خواهش جي مطابق نڪري چاهي ان جي ابتڙ.

10. مسلسل عمل جاري رهي ۽ جدوجهد جي رفتار ۾ تيزي اچي. پلي ڪٽي پروپيگنڊا جي ذريعي ان جدوجهد جي باري ۾ شڪ ۽ شبها پيدا ڪيا وڃن، پر ڪم ۾ سستي ۽ ڪوتاهي نه ٿئي.

11. جڏهن دل ۽ دماغ تي سرڪشي ۽ تڪبر ۽ ظلم جو رنگ پختو ٿي ويندو آهي، ته پوءِ اهي حق جي قبول ڪرڻ جي صلاحيت کان ئي محروم رهجي ويندا آهن. تنهن ڪري اهڙن انسانن جي پرواهه نه ڪرڻ گهرجي. انهن کان الڳ رهجي. اهي ظالم آهن، سرڪش آهن، اهي سيلاب ۾ فنا ٿي ويندا. توهان صرف پنهنجي بچاءَ لاءِ ٻيڙيءَ جو بندوبست ڪريو. خدا تعاليٰ جيڪا تعليم ۽ سمجھ عطا ڪئي آهي، ان جي مطابق عمل ڪريو.

12. ڏاڍن، سرڪشن ۽ ظالمن سان بائيڪاٽ لاءِ، خدا جي ڪري انهن کان عليحدگي اختيار ڪرڻ ۾ رشتيداري ۽ قرابتداري جو لحاظ ۽ پاس رکڻ بلڪل ممنوع آهي، پلي ڪٽي ڪو ويجهو مائٽ يا پٽ ئي ڇو نه هجي. بس

معيار رڳو صداقت آهي. حق جي دائري ۾ جيڪو اندر آهي، اهو محفوظ آهي. جيڪو ٻاهر نڪتو، تباهي ان جو مقدر آهي. تنهن ڪري اهڙن مائٽن جي پرواهه ڪرڻ غلط آهي، انهن جي باري ۾ دعا ۽ معافي جي طلب اجائي آهي. جي ٿي پوي، ته ان کان توبه ڪجي.

13. هر هڪ شيءِ لاءِ هڪ وقت مقرر آهي. جڏهن هڪ شيءِ پنهنجي آخري انجام تي پهچي چڪي هجي ته ان لاءِ پوءِ ڪو ٻيو رستو نه آهي. ظالمن جو ظلم جڏهن آخري ڇيڙي تي پهچي ٿو ته پوءِ ان جو انجام هلاڪت ۽ تباهي آهي. پوءِ خدا جي حجت پوري ٿيندي. عاليشان جڳهون تباهه ٿي وينديون، عزت ۽ عظمت جا مصنوعي معيار، جزن تي گهمنڊ ڪندڙ انهن جي فنا جي نالي سان به واقف نه هئا، اهي مٽجي ويندا ۽ مظلوم طبقو اڀري ڪري پنهنجي حقيقي جاءِ (تخت) حاصل ڪندو.

14. باطل ڪانپوءِ حق ايندو، رات ڪانپوءِ صبح نڪرندو، اونداهي ڪانپوءِ روشني جو جلوو ظاهر ٿيندو. شيطاني جماعت ڪانپوءِ رحماني جماعت جو غلبو ٿيندو.

بس هي ئي خدا تعاليٰ جو قانون آهي. ان جي سنت آهي ته اَنَّ الْاَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِیَ الصّٰلِحُوْنَ: (الانبياء:105) جيڪي ماڻهو پنهنجن صلاحيتن کي خدا جي مشيت مطابق استعمال ڪن ٿا، اهي ئي زمين تي قائم ۽ ان جا وارث رهندا.

پوءِ جيڪڏهن خدا جي نالي سان منسوب جماعت جي افرادن ۾ به عزم ۽ استقلال ڪمزور ٿيندو ويندو ته سندن مقدر فنائيت آهي. تنهن ڪري ڪاميابي ۽ ان تي قائم رهڻ لاءِ صبر، عزم، ثابت قدمي، استقلال ۽ تقويٰ بنيادي شيون آهن. بس اهوئي اسوهء نوحي آهي ته ماڻهو پنهنجي مشن ۾ فنا هجي، صبر جو پيالو ڪنهن به وقت سندس هٿن مان نه نڪري ۽ تقويٰ جي رسي هر وقت ڳچيءَ ۾ پاتل هجي.

# زڪوات جو شرعي نظام

**مولانا ابوالڪلام آزاد**

دنيا ۾ ڪوبه اهڙو دين نه آهي جنهن ۾ محتاجن ۽ غريب انسانن جي خدمت ۽ مدد جي تلقين نه ڪئي وئي هجي ۽ ان کي دين جو بنيادي جز قرار نه ڏنو ويو هجي. پر هي خصوصيت صرف اسلام جي آهي جنهن پنهنجي مڃيندڙن مان سرنديءَ وارن تي هڪ مقرر آمدني جو ٽيڪس هر سال لازم ڪري ڇڏيو آهي. وري ان عمل کي ايتري اهميت ڏني آهي جو نماز ڪانپوءِ متصل ان جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

قرآن مجيد ٻنهي عملن (نماز ۽ زڪوات) کي هر جڳهه تي گڏ ذڪر ڪري ٻڌايو آهي ته ڪنهن به جماعت جي اسلامي زندگي جي سڃاڻ هي ٻئي عمل آهن. ۽ اهو ئي سبب آهي جو صحابه رضوان الله عليهم اجمعين زڪوات جي منڪرن سان جنگ ڪئي.

حضرت ابوبڪر رضي الله فرمايو: "و الله لاقتلن من فرق بين الصلاة و الزكواة" (متفق عليه)

هن باب ۾ ٻي خصوصيت اسلام جي زڪوات جي حڪمت جي باري ۾ آهي يعني علت (Cause). جيڪا صرف زڪوات جي ئي نه، بلڪ سڀني صدقن ۽ خيراتن جي آهي، ان سان معاملو بلڪل ٻي صورت اختيار ڪري ٿو ڇڏي. اها آهي:

كَيْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةً بَيْنَ الْاَغْنِيَاءِ مِنْكُمْ (الحشر:7)

"تانجو ائين نه ٿئي جو دولت صرف ڪجهه هٿن ۾ بند رهجي وڃي".
يعني زڪوات جي فلاسافي هيءَ آهي ته دولت جو ڦهلاءُ ٿئي. معاشري جو هر


www.sindsalamat.com

هڪ فرد ماليات جي وهندڙ سمنڊ مان حصو ۽ فائدو حاصل ڪري. هڪ خاص گروهه جي اجاره داري قائم نه رهي.

نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن حضرت معاذ رضي الله کي يمن ڏانهن موڪلي رهيا هئا ته ان کي فرمايائون: “(دولت) ان علائقي جي دولت مندن کان ورتي ويندي ۽ محتاجن ۽ غريبن تي خرچ ڪئي ويندي”. (رواه الجماعه)

انهن وضاحتن مان معلوم ٿئي ٿو ته قرآن جو اقتصادي روح احتڪار (بنيادي ضرورت جي شين کي روڪڻ)، اڪتناز (دولت کي گڏ ڪرڻ) ۽ اختصاص (دولت جو ڪجهه هٿن ۾ بند رهڻ) جي نفي ڪري ٿو، يعني دولت جي وهڪري مان هر هڪ فيض ياب ٿيڻ گهرجي. غور ڪيو وڃي ته اسلام ۾ وراثت ۽ خاص خاص حصن جي باري ۾ طئي ٿيل قانون جي به فلاسفي اهائي نظر ايندي. اهو ئي سبب آهي جو ان وياج کي حرام قرار ڏنو آهي ۽ هي قاعدو ٻڌايو آهي ته:

يَمۡحَقُ اللّٰهُ الرِّبَا وَيُرۡبِي الصَّدَقَاتِ ﴿البقره :276﴾

“الله وياج (مفاد پرستي) جو جذبو ختم ڪرڻ گهري ٿو ۽ صدقي (عام ڀلائي) جي جذبي کي وڌائڻ گهري ٿو” ۽ وري سورة البقره ۾ انفاق جي حڪم کان پوءِ هي فرمايو ويو آهي:

يُؤۡتِي الۡحِكۡمَةَ مَنۡ يَشَاءُ ۚ وَمَنۡ يُؤۡتَ الۡحِكۡمَةَ فَقَدۡ أُوتِيَ خَيۡرًا كَثِيرًا

(يعني آمدني جو مخصوص حصو سوسائٽي جي غريب طبقي کي ڏيڻ، وڃائڻ نه آهي بلڪ حاصل ڪرڻ آهي. هيءَ وڏي حڪمت ۽ دانائيءَ جي ڳالهه آهي ۽ اها ڳالهه اهي ئي ماڻهو سمجهي سگهن ٿا جيڪي عقلمند ۽ حڪمت وارا هوندا. بيشڪ حڪمت جي دولت، تمام وڏي دولت آهي.) قرآن، سنت ۽ صحابه رضوان الله عليهم اجمعين جي عملي زندگي جي مطالعي مان مون کي هن ڳالهه تي پورو يقين ٿي ويو آهي ته اسلام جي اقتصادي نظام ۾ احتڪار ۽ اڪتناز لاءِ ڪا به جڳهه نه آهي. اڄ جيڪڏهن مسلمان ڪجهه به نه ڪن، رڳو زڪوات جو نظام ئي قرآن جي مطابق پنهنجي عملي تقاضائن ۽ سمورن لوازمات سان گڏ نافذ ڪن ته جيڪر سندن سڀ مصيبتون ۽ ڏکيائون پنهنجو پاڻ ختم ٿي وڃن. پر هتي وڏي مصيبت اها آهي ته، يا ته قرآن جي حڪمن تي عمل ئي نٿو ڪيو وڃي، پر جيڪڏهن ڪيو به وڃي ٿو ته اهڙي طرح جو ڄڻ اهو به “ترڪِ عمل” جي ٻي صورت آهي.



زڪوات جو نظام هڪ خاص نظم ۽ ضبط سان جڙيل آهي ۽ انهيءَ نظم ۽ ضبط تي ئي ان جون سڀ مصلحتون ۽ عملي مقصد موقوف آهن. زڪوات اڄڪلهه وانگر هڪ انڪم ٽيڪس آهي، تنهن ڪري ان جي ادائگيءَ جو انفرادي طريقو صحيح نه آهي بلڪ حڪومت جا ڪارڪن ان جي وصولي ڪندا ۽ پوءِ اها رقم بيت المال ۾ گڏ ڪئي ويندي. پوءِ اها جڳهه ۽ موقعي جي لحاظ کان ضرورت آهر استعمال ڪئي ويندي. ان پلاننگ سان بهترين ترتيب قائم ڪري اسلامي رياست پنهنجا گهربل هدف حاصل ڪري سگهي ٿي.

زڪوات جي ادائگيءَ جي ڄاڻايل صورت خود قرآن ۾ (اشارة النص جي ذريعي) بيان ٿيل آهي. ڇو ته جيڪڏهن اها صورت نه هجي ها ته پوءِ زڪوات جي مستحقن ۾ “العاملين عليها” (حڪومت جي طرفان زڪوات وصول ڪندڙ عملو) کي ڇو شامل ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري مسلمانن کي اهو حڪم ڏنو ويو آهي ته اهي پنهنجي زڪوات حڪومت جي عملي کي ڏين، ائين نه هجي جو پنهنجو پاڻ انفرادي طور تي ادا ڪن. سعد بن وقاصؓ جي روايت ۾ صاف صاف موجود آهي: ادفعوا اليهم ما صلوا (جيستائين اهي نماز پڙهن ٿا، زڪوات جي ادائگي انهن جي ذريعي ڪيو.)

(اسلام جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته هڪ منظم سسٽم هيٺ ئي زڪوات جي ادائگي رهي آهي.)

سنه 7 هجري ڪانپوءِ واري زماني ۾ جڏهن تاتارين جي سيلاب اسلامي مملڪتن کي لوڙهي ڇڏيو ته زڪوات جو نظام به انفرادي ٿي ويو. هاڻي حشر هي آهي جو مسلمان زڪوات جي اصل نظام کان صفا غافل ٿي چڪا آهن ۽ هاڻي ته زڪوات جي باري ۾ بنيادي تصور (Concept) ئي هي رهيو آهي ته اها انفرادي صوابديد هيٺ ئي ادا ڪري سگهجي ٿي، ان جي ڪا به جماعتي يا اداري واري شڪل نه ٿيندي آهي. جيتوڻيڪ قرآن جنهن زڪوات جو حڪم ڏنو آهي اها اجتماعي زڪوات آهي. تنهن ڪري الڳ الڳ ۽ پنهنجي صوابديد جي مطابق زڪوات ڏيڻ وارو آخرت ۾ الله وٽ جوابده رهندو. (هتي هي مسئلو ياد رکڻ گهرجي ته زڪوات جو پنهنجو هڪ پورو نظام آهي، ان جو متبادل هي فلاحي انجمنون ۽ ٽرسٽون نٿيون ٿي سگهن) جيڪڏهن فلاحي ٽرسٽن (Social Trusties) ۽ ڪجهه دولت مندن جي فلاحي انجمنن سان قوم جو اقتصادي مسئلو حل ٿي سگهي ها ته پوءِ يورپ ۽ آمريڪا کان وڌيڪ ڪير انهن جو دلداده آهي. پر ان جي باوجود به ڪوبه قومي اقتصادي سسٽم غربت ۽ افلاس

ڪي ختم نہ ڪري سگهيو آهي ۽ هلاڪت ۽ نقصان جا ڪکر هر وقت انهن تي ڇانيل رهن ٿا.

حقيقت هيءَ آهي تہ ماڻهن جي وقتي ۽ عارضي فياضي ڪٿي ڪيتري بہ وڌيڪ هجي، قوم جي اجتماعي زندگي جي قيام ۽ خوشحالي لاءِ ڪفيل نٿي بڻجي سگهي. ان صورتحال جو واحد علاج اهو آهي جيڪو اسلام تيرنهن سو سال اڳ ٻڌايو. يعني قانون سازيءَ ڪري هڪ منظم سسٽم هيٺ قوم جي پوري آمدني جو هڪ مقرر حصو ڪمزورن ۽ مسڪينن جي پرگهور لهڻ لاءِ مختص ڪيو وڃي. زڪوات پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان عام صدقن ۽ خيراتن کان عليحده حيثيت رکي ٿي. هي هڪ انڪم ٽيڪس آهي جيڪو اسلامي حڪومت هر ڪمائيندڙ کان وصول ڪري ٿي، بشرطيڪ سندس ڪمائي ضرورت کان وڌيڪ هجي.

پر عام ٽيڪسن ۽ زڪوات ۾ بہ وڏا فرق آهن: هڪ تہ زڪوات ۾ وسعت آهي، اها صرف ڪاروباري شين تي لاڳو نہ ٿي ٿئي بلڪ چوپايو مال، وڌندڙ ملڪيتون ۽ رکيل سون ۽ چاندي وغيره ان ۾ داخل آهن. ٻيو تہ زڪوات جا مصارف (جنهن تي زڪوات خرچ ڪئي وڃي) مخصوص آهن. انهن کان علاوه ٻئي هنڌ زڪوات جو مال خرچ ڪرڻ جائز نہ هوندو.

# ذاتي مفادن جي مٿان گڏيل مفاد جي ترجيح

**مولانا محمد تقي اميني**

نبوي دؤر ۾ فتح ڪيل زمينن جو انتظام عام ڀلائي جي بنياد تي ڪيو ويو، جنهن ۾ ذاتي مفادن تي اجتماعي مفادن کي ترجيح ڏني وئي هئي. ان کان سواءِ رسول الله ﷺ جن جي زماني ۾ جتي بہ فتح ٿيندي هئي، اتان جي زمينن جو انتظام پاڻ ﷺ جن عام ڀلائي کي نظر ۾ رکندي ڪندا هئا. انهيءَ لاءِ پاڻ ايراضيءَ جي تنظيم ۽ ورهاست اهڙي صورت ۾ ڪيائون جيڪا سڀ کان وڌيڪ عمدي ۽ سهڻي هئي. سندن سامهون ڪنهن خاص طبقي جو مفاد نہ پر خلق خدا جي عام ڀلائي جو مفاد هيو. سندن نظر ۾ ملڪيت جي حيثيت رڳو استعمال ۽ فائدو وٺڻ واري حق کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ هئي ۽ اها بہ ان وقت تائين ورهاست جوڳي هئي جيستائين عام ڀلائي جي معاملي ۾ اها ڪا بہ رڪاوٽ پيدا نہ ڪري، نہ ڪنهن جي حق تلفيءَ جو سبب بڻجي.

پاڻ جيڪو نظام قائم ڪيائون ان ۾ نہ ملڪيت جي اوٽ ۾ ظلم ۽ زيادتي جي گنجائش هئي ۽ نہ وري جماعتي ڪوڙڪي ۾ انسانن کي اهڙو جڪڙيو ٿي ويو جو هو آزاديءَ سان پنهنجي صلاحيتن کي وڌائي پنهنجي ضمير جي پختگي کي بہ قائم نہ رکي سگهن. هر ماڻهوءَ لاءِ پنهنجي ضرورت ۽ صلاحيت موجب ڪنهن خصوصيت ۽ ترجيح کان سواءِ فائدو وٺڻ جا ذريعا ۽ موقعا هڪجهڙا موجود هئا.

پاڻ اهڙو تہ ماحول ٺاهي ڇڏيائون جيڪو رحمت، ڀائپي، سماجي هڪجهڙائي (مساوات)، امانتداري، ايثار ۽ قرباني جو هڪ مڪمل ۽ عمدو نمونو هو. انهيءَ ڪري ئي سندن حڪمراني رڳو جسمن تي ئي نہ پر دل ۽ دماغ تي بہ هئي. سندن حڪمرانيءَ جي پکيڙ دنيا جي ڪنهن خاص علائقي تائين محدود ڪانہ هئي، پر دليون ۽ دماغ بہ انهِيءَ حڪمرانيءَ جي حلقي ۾ شامل

www.sindsalamat.com

هئا. دنيا مڃي يا نہ، پر اها هڪ اٽل حقيقت آهي تہ پاڻ ﷺ جن جو پيش ڪيل قانون اڄ بہ حاڪمن ۽ عدالتن تي حڪمراني ڪري رهيو آهي ۽ مذهب ۽ قومي فرق کان سواءِ عام ۽ خاص سيني متان هڪ ئي طريقي سان جاري آهي. پاڻ ﷺ جن کان پوءِ دنيا ۾ جيتريون بہ اصلاحي ڪوششون ٿيون آهن، سي سڀ پاڻ ﷺ جن جي ڪوششن جي مقابلي ۾ ڪجھ بہ نہ آهن.

اڄ دنيا "مقصد" کي ڇڏي ملڪيت جي هجڻ ۽ نہ هجڻ جي بحث ۾ ڦاٿل آهي. انفرادي، اجتماعي، عارضي ۽ دائمي جي ڳنڍين کي کولڻ ۾ نهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهي آهي. جڏهن تہ اڄ کان سوين سال اڳ وادي "غير ذي ذرع" (برپٽ بيابان) مان پوري دنيا کي جيڪو پيغام ڏنو ويو هو، ان ۾ انهيءَ مسئلي کي تمام ئي عمدگيءَ سان سلجهايو ويو آهي تہ هر شيءِ جو حقيقي مالڪ الله تعاليٰ جي ذات برحق آهي ۽ پيداواري ذريعن تي بہ عام ڀلائي واري اصول تحت سيني جو هڪجهڙو حق آهي، نہ ڪ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جو. انسان جي حيثيت فقط هڪ "امين" جي آهي، جنهن ڪري ڪيس انهن پيداواري ذريعن کي صرف استعمال ڪرڻ ۽ فائدو وٺڻ جو حق ڏنو ويو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن مسيلمه ڪذاب رسول الله ﷺ جن کان اڌ دنيا تي پنهنجي حڪومت جي گهر ڪئي هئي تڏهن پاڻ ﷺ جن ڪيس جواب فرمايو هو:

فان الارض لله يورثها من يشآء من عباده والعاقبة للمتقين

"زمين اصل ۾ الله تعاليٰ جي آهي. تنهن لاءِ پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي چاهيندو آهي تہ ان جو وارث ڪندو آهي ۽ سٺو انجام ۽ ڪاميابي رڳو الله کان ڊڄندڙن جي لاءِ آهي."

هڪ ٻئي موقعي تي پاڻ ﷺ جن فرمايو: ان الارض ارض الله والعباد عباد الله من احياء الارض الميتة فهى له "زمين الله جي زمين آهي ۽ ٻانها الله جا ٻانها آهن. پوءِ جيڪو ماڻهو غير آباد زمين کي آباد ڪندو، سا ان جي هوندي."

شاهه ولي الله محدث دهلويؒ انهيءَ حقيقت کي هنن لفظن ۾ بيان فرمائي ٿو: والارض كلها فى الحقيقة بمنزلة مسجد او رباط جعل وقفا على ابناء السبيل وهم شركاء فيه فيقدم الاسبق فالاسبق وحق الملك فى الاؤسى كونه احق بالانتفاع من غيره "حقيقت هيءَ آهي تہ سڀ جا سڀ زمين هڪ قسم جي مسجد يا مسافر خانو آهي، جيڪا مسافرن لاءِ وقف ٿيل هوندي آهي ۽ سيئي ماڻهو ان ۾ هڪجهڙا شريڪ هوندا آهن. انهيءَ ڪري هر اڳ ۾ آيل کي بعد ۾ آيل تي ترجيح ڏني ويندي آهي. زمين تي ماڻهوءَ جي ملڪيت جي حق جو



مطلب رڳو اهو آهي تہ ان مان حاصل ٿيندڙ نفعي تي ٻين جي نسبت وڌيڪ حق ان جو آهي جيڪو ان جو ڪيڙيندڙ آهي."

رسول الله ﷺ جن کان پوءِ خلافت جون واڳون جڏهن خلفاءِ راشدين جي هٿ ۾ آيون تہ انهن بہ زمين جو انتظام قرآني آيتن ۽ سيرت رسول ﷺ جي پيش نظر عام ڀلائي جي لحاظ ۾ رکندي ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو خلافت واري دؤر جي فتحن ۽ اتان جي انتظامن ۾ مذهب ۽ قوميت جي فرق کان سواءِ سيني جي حقن ۾ هڪجهڙائي کي ڏسي هيءُ فيصلو ڪرڻ سؤلو ٿي وڃي ٿو تہ اسلام ۾ ذاتي ۽ انفرادي مفاد تي عام ڀلائي کي ڪيئن ترجيح ڏني وئي آهي. هيٺ اسان ان کي ڪجھ تفصيل سان بيان ڪريون ٿا.

عراق ۽ شام کي فتح ڪرڻ کان پوءِ زمين ۽ حاڪميت جي انتظامن بابت مشورو ٿيو. مجلس شوريٰ ۾ عبدالرحمان بن عوف □، حضرت بلال □ ۽ انهن جي هم خيال ماڻهن جي راءِ هئي تہ هيءَ زمين فوجين ۾ ورهائي وڃي، جيئن پاڻ ﷺ جن خيبر جو ڪجھ حصو فوجين کي ورهائي ڏنو هو. امير المؤمنين حضرت عمر□ جن جي راءِ انهن کان مختلف هئي. سندس مرضي اها هئي تہ اها زمين خلافت جي انتظام هيٺ، اتان جي اصل رهاڪن وٽ ئي رهي. مجلس شوريٰ جي ٻين ميمبرن، جن ۾ حضرت علي □، حضرت ابن عمر □، حضرت طلحه □، حضرت معاذ بن جبل □، حضرت عثمان □ وغيره جهڙا اڪابر صحابہ شامل هئا، تن سيني جي راءِ پڻ حضرت عمر جي راءِ سان موافقت ۾ هئي.

آخر ڪار وڏي غور ۽ خوض کان پوءِ مجلس شوريٰ ۾ اهو فيصلو ٿيو تہ عام ڀلائي جي خيال کان اها زمين، خلافت جي نگراني هيٺ اصل رهاڪن وٽ ئي رهندي ۽ فوجين کي ورهائي نہ ڏني ويندي.

انهيءَ فيصلي کان پوءِ جنهن بہ علائقي جا رهواسي اسلامي رحمت کي قبول ڪري مسلمان ٿي ويندا هئا، تن جي زمين جي تنظيم ۽ ورهاست جي باري ۾ عام قانون هيءُ ٿي پيو تہ اهي بہ فتح ڪيل زمينن وانگر الله تعاليٰ جي ملڪيت قرار ڏنيون وينديون هيون ۽ خلافت جي نگراني هيٺ اتان جي رهاڪن وٽ ئي رهڻ ڏنيو وينديون هيون ۽ سرڪاري محصول کان سواءِ انهن کان ٻي ڪابہ اوڳاڙي نہ ڪئي ويندي هئي. عام قانون رسول الله ﷺ جن جي زبان ۾ هيءَ هو: ان قوما اذا اسلموا احرزوا دماءهم و اموالهم "جڏهن ڪير اسلام قبولي ٿو تہ اهو پنهنجي جان ۽ مال کي محفوظ ڪري ٿو وٺي."

www.sindsalamat.com

هيءُ قانون عرب توڙي عجم، سڀني جي زمينن لاءِ هڪجهڙو هو. ان ۾ منقوله ۽ غير منقوله سڀ قسم جي ملڪيت شامل هئي.

قاضي ابو يوسف صاحب انهيءَ حقيقت کي واضح ڪندي چوي ٿو:

فان دماء هم حرام وما اسلموا عليه من اموالهم و كذالك ارضوهم لهم وهى ارض عشر بمنزلة المدينة حيث اسلم اهلها مع رسول الله ﷺ و كانت ا□ م ارض عشر و كذالك الطائف والبحران و كذالك اهل البادية اذا اسلموا على مياهم و بلادهم فلهم ما اسلموا عليه وهوفى ايديهم وليس لاحد من اهل القبائل ان يبنى فى ذالك شيئا يستحق به منه شيئاً ولا يحفر فيه بيراً يستحق به شيئاً وليس لهم ان يمنعوا الكلاء ولا يمنعوا الدعاء ولا المواشى من الماء ولا حافراً و لا خفا فى تلك البلدة وا□ م ارض عشره يخرجون عنها فيما بعد ويتوا رثونها و يتبايعونها

(الخراج، ص:63)

“جنهن زمين جا رهاڪو اسلام قبول ڪري وٺن، تن جو خون حرام آهي. اسلام قبولڻ وقت جيڪو مال انهن وٽ هوندو هو سو انهن وٽ ئي رهندو. اهڙي طرح زمينون به انهن جون ئي رهنديون ۽ اهي زمينون عشري هونديون جيئن مديني جي رهاڪن اسلام قبوليو ته اهي سڀئي شيون انهن وٽ ئي رهڻ ڏنيون ويون هيون ۽ جيئن طائف ۽ بحرين جي ماڻهن لاءِ به اهرو ئي فيصلو ڪيو ويو هئو. اهڙيءَ طرح بدوين مان به جن ماڻهن اسلام قبوليو هو تن کي سندن پنهنجا چشما ۽ علائقا انهن لاءِ ئي ڇڏيا ويا. قبيلي وارن مان ڪنهن کي به اجازت نه هئي ته هو انهن شين مان اهڙيءَ طرح تصرف ڪن جو هو انهن شين جا حقدار بنجي وڃن ۽ نه انهن مان ڪنهن کي اجازت ڪان سواءِ کوهه کوٽڻ جو اختيار هو جو ائين ڪري هو ڪجهه حصي جا حقدار بنجي وڃن. باقي انهن مان ڪنهن کي گاهه کان منع ڪرڻ جائز نه هو ۽ اهڙيءَ ئي طرح ڏنارن کي مال پاڻي پيئارڻ کان روڪڻ جائز نه آهي. انهن جون زمينون عشري هونديون. ان کان پوءِ به انهن کان واپس ورتي نه ويندي. ان ۾ وراثت جاري رهندي ۽ هو انهن کي خريد ۽ وڪرو ڪري سگهندا.”

قاضي صاحب اڳتي هلي لکن ٿا: وكذلك كل بلاد اسلم عليها اهلها فهى لهم وما فيها (الخراج، ص:63) اهڙن ئي علائقن جا ماڻهو اسلام قبول ڪن ته انهن جون زمينون ۽ سڀئي شيون (اڳ وانگر) انهن جون ئي رهنديون.

امام ابو عبيده رض چوي ٿو: “جنهن زمين جا رهاڪو اسلام قبول ڪن ته سندن زمين سندن ئي ملڪيت ۾ رهندي ۽ ڪين عشر کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڏيڻو نه پوندو.” (الاموال، ص:512)



اڳتي هلي وري چوي ٿو: كل ارض اسلم عليها اهلها فهم مالكون لورقابها كالمدينة والطائف واليمين والبحرين (الاموال، ص:512) “جنهن زمين جا رهاڪو اسلام قبول ڪري وٺن ته اهي پنهنجي زمين جا مالڪ هوندا. (ضبط نه ڪئي ويندي ۽ ڪين ان مان فائدو وٺڻ ۽ استعمال ڪرڻ جو حق رهندو) جيئن مديني، طائف، يمن ۽ بحرين وغيره ۾ ائين ئي ڪيو ويو هو.”

مطلب ته خلافت واري زماني ۾ زميني ملڪيت جي انتظام جي صورت اها ئي هئي پوءِ ڀلي اها غلبو ۽ فتح حاصل ڪرڻ وارن ملڪن جي رهاڪن جي هجي يا انهن ماڻهن جي هجي جن سان ٻهريان ڪان ئي ڪو ٺاهه ڪيو ويو هجي ۽ پوءِ بعد ۾ انهن اسلام جي حقانيت ۽ صداقت ڏسي اسلام قبوليو هجي.

مسلمان هجڻ جي حيثيت ۾ جيئن ته ذميداري وڌي وڃي ٿي، انهيءَ ڪري اهي ماڻهو يا ته پاڻ ئي پنهنجون زمينون ڪڏهن خلافت جي حوالي ڪندا هئا ۽ ڪڏهن خلافت کان وٺندا به هئا. ان کان سواءِ مسلمانن جي زمين جي باري ۾ هڪ ٻي ڳالهه به تمام ئي ڌيان طلب آهي. اها هيءَ ته حقيقت ۾ اسلام جو بنيادي مقصد هڪ اهڙي صالح جماعت تيار ڪرڻ آهي، جنهن جو نصب العين ٻين جي لاءِ رحمت جو ماحول پيدا ڪرڻ آهي، پوءِ انهيءَ لاءِ ڀلي ڪيس جان ۽ مال ئي ڇو نه قربان ڪرڻو پوي.

ظاهر آهي ته اها ڳالهه ايستائين ناممڪن آهي جيستائين انهن جي دلين مان ذاتي نفعي ۽ عيش عشرت جو بوتو ڪڍي انهن ۾ قربانيءَ جو جذبو پيدا نه ڪيو وڃي. عام طرح ٿيندو ائين آهي ته جڏهن به ڪنهن اقتدار واري جماعت ۾ ڪو فرد داخل ٿيندو آهي ته ان کي هر قسم جو جائز ۽ ناجائز رعايتون ڏنيون وينديون آهن ۽ ان جي ڏاڍاين تي پردو وڌو ويندو آهي ۽ ان کي ايتري ته ڍر ڏنل هوندي آهي جو هو ٻين جا حق ماري عيش پيو ڪندو آهي. پر اسلامي جماعت ۾ داخل ٿيڻ واري کان الله تعاليٰ جي رضا لاءِ هر شيءِ کي وقف ڪري ڇڏڻ جو عهد ورتو ويندو آهي ۽ ڪائنس پاڻ کي فنا ڪري ٻين لاءِ بقا جو سامان مهيا ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري ئي هڪ مسلمان جي ملڪيت ۾ خلافت پنهنجا اختيار، ٻين ماڻهن جي نسبت وڌيڪ استعمال ڪري ٿي. ڪڏهن ترغيب جي صورت ۾ ته ڪڏهن قانون جي صورت ۾، جيئن اسلام جي تاريخ ۾ ان جا ڪيترائي مثال ملن ٿا ته ڪيئن مسلمانن پنهنجون ملڪيتون خلق خدا جي عام ڀلائيءَ لاءِ خلافت جي حوالي ڪري ڇڏيون يا وري خلافت انهن کان ضرورت جي وقت ۾ قانون جي ذريعي وٺندي هئي. ان جا ڪجهه مثال

www.sindsalamat.com

هيٺ ڏجن ٿا:

1. اسلام جي شروعاتي دؤر ۾ مديني جي مسلمان رهاڪن پنهنجون زمينون پاڙيءَ جي ڏکيائيءَ جي ڪري ۽ عام ڀلائيءَ جي خيال کان رسول الله ﷺ جن جي حوالي ڪري ڇڏيون هيون ته جيئن پاڻ ﷺ پلي جنهن لاءِ گهرن تنهن کي ڏئي ڇڏين.

انهيءَ واقعي بابت حضرت عبد الله بن عباس □ چوي ٿو ته:

ان رسول الله لما قدم المدينة جعلوا له كل ارض لا يبلغها الماء يصنع بها ما يشاء

(الاموال، ص: 282)

"رسول الله ﷺ جن جڏهن مديني پهتا ته مديني وارن هر اها زمين، جنهن ۾ پاڻي جو پهچڻ ڏکيو هو، سندن حوالي ڪري ڇڏي ۽ سندن مرضيءَ تي ڇڏيو ته پاڻ ﷺ جن جيئن مناسب سمجهن تيئن ڪن."

زمين ملڻ کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن انهيءَ کي وڌ کان وڌ فائديمند بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ ابو عبيده □ جي راءِ موجب پاڻ انهيءَ زمين مان حضرت بلال بن حارث □ کي "قطيعه" عطا فرمايو:

2. خالص زمين جو ڪجھ ٽڪرو حضرت عمر □ قوم بجيله وارن کي ڏنو هئو. ٻن ٽن سالن تائين انهن ماڻهن انهيءَ زمين کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو، پر جڏهن خلافت عام ڀلائي جي خيال کان ان کي واپس وٺڻ چاهيو، ته انهن ماڻهن بغير ڪنهن چون چران جي اها زمين خلافت جي حوالي ڪري ڇڏي. ان قصي جو تفصيل هن طرح آهي:

قيس بن حازم چوي ٿو ته، جنگ قادسيه (جيڪا ايرانين سان ٿي هئي) جي ڏينهن اسلامي فوج ۾ بجيله قوم جا ماڻهو چوٿائي هئا. حضرت عمر □ کين سوار جو چوٿون حصو ڏئي ڇڏيو هئو. ٻن يا ٽن سالن تائين زمين سندن قبضي ۾ رهي. هڪ دفعي ڪنهن ضرورت پوڻ تي انهيءَ قبيلي جا ڪجھ ماڻهو حضرت عمر بن ياسر □ ۽ جزير وغيره سان گڏجي حضرت عمر □ وٽ آيا. اتي حضرت عمر □ کين چيو ته توهان ماڻهو انهيءَ زمين کي خلق خدا جي عام ڀلائي واسطي خلافت جي حوالي ڪريو. انهيءَ تي انهن ماڻهن فوراً حڪم جي تعميل ڪئي ۽ زمين خلافت جي حوالي ڪري ڇڏي. انهيءَ کان پوءِ حضرت عمر □ جزير کي سرڪاري خزاني مان اسي (80) دينار عطا فرمايا.

جڏهن انهيءَ واقعي جي خبر بجيله قوم جي هڪڙي عورت "ام ڪرز" کي پئي ته ان پنهنجي حصي جي زمين ڏيڻ کان ڪجھ ڪيٻايو ۽ حضرت عمر □ وٽ اچي عرض ڪيائين:



يا امير المؤمنين! ان ابي هلک وسهمه ثابت في السواد واني لم اسلم فقال لها يا ام كرز ان قومک قد صنعوا ما قد علمت فقالت ان كانوا قد صنعوا ما صنعوا فاني لست اسلم حتي تحملني علي ناقة ذلول عليها قطيفة حمواء و تملا كفي ذهبا قال ففعل عمر ذالک فكانت الدنيار نحوا من ثمانين دينارا

(الاموال، ص:62،61)

"اي امير المؤمنين! منهنجو پيءُ فوت ٿي ويو آهي. سواد جي زمين ۾ ان جو به حصو هئو. (جيڪو ميراث ۾ مونکي مليو آهي) مان اهو ڪڏهن به واپس نه ڪنديس. حضرت عمر □ چيس ته اي ام ڪرز! تنهنجي قوم ته بغير ڪنهن چون چران جي زمين واپس ڪري ڇڏي ۽ انهيءَ ڳالھ جي توکي ته چڱيءَ طرح خبر به آهي (پوءِ تون چو ٿي انڪار ڪرين؟ تنهن تي) هن جواب ڏنو ته قوم وارن جيڪو ڪجھ ڪيو، منهنجو ان سان ڪو به واسطو نه آهي. مان ان وقت تائين (اها زمين) واپس نه ڪنديس جيستائين توهان مون کي هڪ فرمانبردار ڏاچي نه ڏيو، جنهن جي مٿان ڳاڙهي رنگ جي گرم چادر پيل هجي ۽ پئسي ڏوڪڙ سان منهنجون مُٺيون ڀري نه ڏئين. حضرت عمر □ ائين ئي ڪيو ۽ ڪيس جيڪي روڪ پئسا ڏنا ان جو تعداد به اسي دينار کي پهچي ويو.

انهيءَ واقعي مان هيءَ حقيقت چٽي ٿي وڃي ٿي ته عام ڀلائي جي خيال سان خلافت جڏهن چاهي، مسلم رهاڪن کي بي دخل ڪري سندن زمينون وٺي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح هيءَ ڳالھ به نروار ٿي وڃي ٿي ته انهيءَ صورت ۾ هر ماڻهوءَ جي ذاتي مفاد جو خيال رکڻ به ضرور آهي ته جيئن اجتماعي مفادن سان گڏ ڪنهن جا ذاتي حق به نه لتاڙجي وڃن.

انهيءَ واقعي مان هيءَ ڳالھ لازمي طرح ثابت نٿي ٿئي ته خلافت جي طرفان زمين جي مالڪ کي جيڪو ڪجھ ڏنو وڃي انهيءَ جي حيثيت معاوضي جي هجي يا نه. حضرت عمر □ جيڪو ڪجھ جزير □ ۽ ام ڪرز کي ڏنو هو، ان جي حيثيت معاوضي جي هئي، جنهن جي بنياد تي اهو چيو وڃي ته جڏهن عام ڀلائي جي خيال کان اهڙي صورتحال پيدا ٿئي ته خلافت کي معاوضي کان سواءِ زمين وٺڻ جو اختيار نه آهي. اهڙيءَ طرح اها حقيقت به چٽي نٿي ٿئي ته خلافت جي طرفان ان قسم جا جيڪي به قبضا ورتا وڃن، تن ۾ زمين جي مالڪ جي رضامندي ضروري آهي. جيئن هيٺ ڏنل تفصيل مان معلوم ٿئي ٿو:

ابو عبيده؄چوي ٿو:

“ماڻهو فتح ڪيل زمين کي اصلي رهاڪن وٽ ئي رهڻ ۾ فوجين جي رضامندي کي ضروري سمجهندا آهن. (امام شافعي؄جو اهو خيال آهي) هيءُ واقعو انهن جي لاءِ ڪيئن ٿو دليل بنجي سگهي. جڏهن ته ان جهڙا واقعا عراق ۽ شام جي فتح ۾ اصل رهاڪن وٽ زمين کي رهڻ ڏنو وڃڻ جي باري ۾ حضرت بلال□ وغيره جڏهن حضرت عمر □ جي مخالفت ڪئي ۽ زمين کي فوجين ۾ ورهائڻ لاءِ زور ڏنو تڏهن پاڻ انهن سيني بابت فرمايو هئائون: “اللهم اكفينهم” (اي الله تون ئي هنن لاءِ ڪافي آهين) انهيءَ وقت ۾ ڪهڙي انهن ماڻهن جي رضامندي مطلوب هئي (جنهن جي بنياد تي چئي سگهجي ته هتي به حضرت عمر□ ام ڪرز کي راضي ڪرڻ گهري پيو ۽ ان جي راضپي کان سواءِ ان کي بيدخل ڪرڻ جو ڪيس حق ئي ڪونه هو.)

ابو بڪر جصاص بجيلہ قوم جو واقعو بيان ڪرڻ کان پوءِ چوي ٿو:

“انهي واقعي ۾ ان جي رضامندي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ڇو ته حضرت عمر □ هيءَ ڳالهه چٽيءَ طرح چئي ڇڏي هئي ته زمين کي واپس ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪا واٽ ئي نہ آهي ۽ انهيءَ ۾ عام ماڻهن جي ڀلائي جو سوال آهي. باقي رهيو ام ڪرز عورت جو معاملو، ته انهيءَ کي جيڪا رقم حضرت عمر□ سرڪاري خزاني مان ڏني سا امداد جي طور تي ڏني. ڇو ته هونئن به خليفي کي اهو اختيار حاصل هو ته عورت جي قبضي ۾ آيل زمين کي واپس ڪرڻ کان سواءِ به ان کي سرڪاري خزاني مان امداد ڏئي.

اڳتي هلي چوي ٿو:

“بجيلہ قوم جي هن واقعي ۾ ان ڳالهه جو ڪو به دليل نہ آهي ته اهي ماڻهو انهيءَ زمين جا مالڪ هئا. ڇا ان ڳالهه جو امڪان نہ آهي ته زمين بلڪل ورهائي ئي نہ وئي هجي ۽ سڄي زمين اصلي رهاڪن وٽ ڇڏي وئي هجي ۽ ان جي بدران ڊل جي آمدنيءَ جو چوٿون حصو انهن جي لاءِ مخصوص ڪيو ويو هجي. ان کان پوءِ عمر فاروق □ جن اهو مناسب سمجهيو هجي ته انهيءَ چوٿين حصي واري قصي کي به ختم ڪري سڀ جو سڀ بخشش ڪيو وڃي ته جيئن اهي سڀئي ماڻهو برابر ٿي وڃن.

جصاص؄جو اهو گمان اهڙو نہ آهي، جنهن سان مسئلي جو رخ ئي ڦري وڃي. ڇو ته انهيءَ واقعي کي محققن تسليم ڪيو آهي ۽ ابو عبيده ته ان کي دليلن سان ثابت به ڪيو آهي. بهرحال عام ڀلائي جي خيال سان خلافت ان جي



رضامندي ضروري آهي ۽ نہ ان جو معاوضو ادا ڪرڻ لازمي آهي. ان سان گڏوگڏ ان جي ذاتي حقن جو خيال رکڻ به ضروري آهي ته ڪٿي اهڙي قبضي وٺڻ سان هن جي بنيادي حقن جي لتاڙ نہ ٿئي.

حضرت عمر □ پنهنجي دؤر خلافت ۾ مسلمانن کي زمين ۽ ملڪيت ذمينداريءَ هيٺ رکڻ ۽ ڪڙمت کان قانوني طرح منع ڪري ڇڏي هئي ۽ اهو اعلان ڪرايو هو ته جڏهن سيني ماڻهن جي ٻارن ٻچن کي به سرڪاري خزاني مان وظيفو ملي پيو ته انهن وٽ ڪو به سبب نہ آهي جو هي ماڻهو انسانيت جي خدمت لاءِ حاضر نہ هجن ۽ ڊڳن جي پڇ سان لڙڪيا پيا هجن.

علامہ طنطاوي جوهري انهيءَ واقعي ڏانهن اشارو ڪري ٿو:

فلما كثرت الاموال فى ايام عمرو وصنع الديوان فرض الرواتب للعمال والقضاة و منع اذ خارالمال و حرم على السلمين اقتناء الضياع والزراعة او المزارعة. لان ارزاقهم و ارزاق عيالهم تدفع لهم من بيت المال (نظام العالم والامم، ج2، ص:183-184)

حضرت عمر □ جي دؤر خلافت ۾ جڏهن مال تمام گهڻو وڌي ويو تڏهن باقاعدگيءَ سان رجسٽر تيار ڪيا ويا. ماڻهن جا وظيفا مقرر ڪيا ويا. عاملن ۽ قاضين جون پگهارون مقرر ڪيون ويون. سرمايو جمع ڪرڻ کان منع ڪئي وئي. ڪڙمت پاڻ ڪرڻ يا ٻئي ڪنهن کان ڪرائڻ کان منع ڪئي وئي. اهو سڀ ڪجهه انهيءَ ڪري ڪيو ويو جو ماڻهن جو سندن ٻارن ٻچن سميت وظيفا مقرر ڪيا ويا هئا.

ڪڙمت وغيره کان روڪڻ جي انهيءَ قانون ايتري حد تائين ترقي ڪري ورتي هئي جو جيڪڏهن ڪو غير مسلم اسلام قبول ڪندو هو ته انهيءَ جي سڄي غير منقولہ ملڪيت ضبط ڪري علائقي جي غير مسلمانن ۾ ورهائي ويندي هئي ۽ انهن نئين مسلمان جي لاءِ سرڪاري خزاني مان وظيفو مقرر ڪيو ويندو هو.

جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته فاروق اعظم □ جي انهيءَ فيصلي مان حڪومت الاهي جي خليفي جي ذميواريت ۽ مسلم جماعت جي طرز زندگيءَ جي خبر پوي ٿي.

حقيقت ۾ انهيءَ روڪ جو قانون انهيءَ ڳالهه جي بنياد تي ٻڌل هئو ته خليفو سمجهي پيو ته جيڪڏهن هي ماڻهو (مسلمان) زمين ۽ ملڪيت گڏ ڪرڻ جي چڪر ۾ لڳي ويا ته انهيءَ سان فساد ۽ ظلم جا دروازا کلي ويندا. مخلوق خدا جي خدمت جي بدران، (جيڪو انهن جي زندگيءَ جو حقيقي مقصد آهي)

www.sindsalamat.com

ٻين حاڪمن وانگر، انهن کي بہ غريبن جو رت چوسڻ جو موقعو ملي ويندو. ان کان سواءِ عيش عشرت جي چڪر ۾ ڦاسي هي ماڻهو پنهنجي اصلي جوهر جهڙوڪ جوانمردي، بهادري، جفاڪشي، همت، عزم ۽ ارادي کي وڃائي ڇڏيندا. جنهن جو اڳتي هلي نتيجو هيءُ نڪرندو جو جيڪا جماعت رڳو خلق جي خدمت ۽ رحمت الاهي کي عام ڪرڻ لاءِ زنده آهي، تنهن کان زنده رهڻ جو حق ڪسجي ويندو. تاريخ شاهد آهي تہ پوءِ وارا مسلمان جڏهن مال دولت ۽ ملڪيت ڦاهڻ جي چڪر ۾ ڦاسي پيا تہ انهيءَ جماعت جي اعليٰ ڪردار ۽ پاڪيزه صفتن ۾ وڏو فرق اچي ويو ۽ ان جا اصلي جوهر، جنهن جي خمير مان هيءَ جماعت تيار ٿي هئي سي آهستي آهستي ختم ٿي ويا.

سڀ کان پهريائين شام ملڪ ۾ جڏهن ملڪيت ميڙڻ جي هوس عام ٿيڻ جو بنياد پئجي رهيو هو تڏهن حضرت ابوذر غفاري □ (جيڪو هڪ جليل القدر صحابي ۽ اعليٰ درجي جو قناعت پسند ۽ زاهد انسان هو) ماڻهن کي حضرت عمر □ جو مٿي ذڪر ڪيل منع وارو قانون ياد ڏياريندو هو ۽ سختيءَ سان انهيءَ هوس جي مخالفت ڪندو هو. عام تقريرن ۽ بازارن ۾ چوندو وتندو هو:

يا معشر الاغنياء و يا اسوٴ الفقراء والذين يكنزون الذهب والفضة ولا ينفقونها في سبيل الله فبشرهم بعذاب اليم (نظام العالم والامم)

"اي مالدارؤ! ۽ اي بدحال فقيرؤ! (الله جو هيءُ فرمان آهي) جيڪي ماڻهو سون ۽ چاندي پاڻ وٽ گڏ ڪري ڍير ٿا ڪن ۽ الله جي راهہ ۾ خرچ نٿا ڪن تہ اهڙن ماڻهن کي دردناڪ عذاب کان خبردار ڪري ڇڏ."

جڏهن تہ اهوحضرت عثمان □ جي خلافت جو زمانو هو ۽ ان وقت حضرت معاويہ □ شام جو گورنر هو. ان جي شروعات هن طرح ٿي جو حضرت امير معاويہ حضرت عثمان کان پنهنجي خرچ پکي جي پورائي لاءِ زمين جي انهيءَ ايراضي وٺڻ جي اجازت گهري جنهن کي حضرت عمر □ عام ماڻهن جي ڀلائي لاءِ بيت المال ۾ شامل ڪري رکيو هو ۽ ان جو انتظام سرڪاري طور تي سنڀاليو ويندو هو. حضرت معاويہ □ کي ڏسندي ٻين آفيسرن ۽ اصحابن، جهڙوڪ طلحہ، زبير، سعد يعلي رضي الله عنهم وغيره بہ پاڻ وٽ زمين رکڻ شروع ڪري ڏني.

هيءَ ابتدائي صورت اهڙي نہ هئي جنهن مان ڪنهن جي حق تلفي ٿيندي هجي يا عام ڀلائي ۽ مفاد عامہ جي لتاڙ جو خطرو هجي. پر جيئن تہ جنهن



مقصد خاطر حضرت عمر □ منع جو قانون نافذ ڪيو هو، تنهن مقصد جي فوت ٿيڻ جو بنياد پئجي رهيو هو جيڪو اڄ نہ تہ سڀاڻ انهيءَ جماعت جي زندگيءَ جي بنيادن کي لوڏن ۾ وجهڻ وارو هو. انهيءَ ڪري ئي مؤرخ انهيءَ تبديليءَ کي وڏي اهميت جي نظر سان ڏسن ٿا.

3. پوءِ جڏهن حضرت عمر بن عبدالعزيز خليفو ٿيو تہ هن حضرت عمر □ جي مٿي ذڪر ڪيل قانون کي ٻيهر نافذ ڪيو ۽ سندن نقش قدم تي ٻيهر هلڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ ڪري ئي علامہ طنطاويؓ چوي ٿو:

اهو قانون هيءُ هو تہ:

1. و ايد هذه القاعدة عمر بن عبدالعزيز و كان يتحدي ابن الخطاب بكل خطواتہ (نظام العالم والامم)

"اعلان ڪرايو تہ جيڪو ذمي (غير مسلم) اسلام قبول ڪري وٺي، ان جي جان ۽ منقولہ ملڪيت محفوظ رهنديون، پر ان جي غير منقولہ ملڪيت مسلمانن جي لاءِ الله جي "في" ٿي ويندي."

2. وايما قوم صالحوا علي جزية يعطونها فمن اسلم منهم كانت داره وا□ لبقيتهم

"۽ جن ماڻهن سان ڪو معاهدو ٿي چڪو آهي سي جيڪڏهن اسلام قبول ڪري وٺن تہ غير منقولہ مال ملڪيت انهيءَ قوم جي ٻين ماڻهن ۾ ورهايو ويندو."

اهي ڪجهہ اهڙا مثال آهن جن مان هڪ پاسي مسلم جماعت جي طرز زندگيءَ جي خبر پئي ٿي تہ ٻئي پاسي اها حقيقت چٽي ٿي وڃي ٿي تہ اسلامي نظام حيات پنهنجي مڃيندڙن کان ڪيتري بلند اخلاق ۽ قرباني جو مطالبو ڪري ٿو ۽ نہ مڃيندڙن سان ڪيترو انصاف ڀريو سلوڪ اختيار ڪري ٿو.

اڄ بہ دنيا جي مهذب قومن اندر پنهنجي پارٽي وارن سان رعايت جائز سمجهي ويندي آهي ۽ پارٽي انهيءَ لاءِ ئي اقتدار حاصل ڪندي آهي تہ جيئن اها ٻين جو رت چوسي پاڻ عيش ڪري سگهي. انهيءَ جي برخلاف اسلامي حڪومت ۾ مسلمان ٿي ڪري ڪنهن جو ناجائز طريقي سان مال کائڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، پر الٽو ان جو سندو مال ۽ ملڪيت غير مسلمانن کي ورهائي ڏيڻ جو حڪم آهي.

**سنڌيڪار: احمدالدين شر**

www.sindsalamat.com

# اسلام ۽ معاشي برابري

**علامہ محمد غزالي رح**

بيشڪ اسلام هڪ اهڙو دين آهي جيڪو فرد تي ڪجهہ شرط لاڳو ڪري ڪيس جائز طريقي سان ملڪيت رکڻ جو حق ڏئي ٿو. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

أَوَلَمْ يَرَوْا أَنَّا خَلَقْنَا لَهُمْ مِمَّا عَمِلَتْ أَيْدِينَا أَنْعَامًا فَهُمْ لَهَا مَالِكُونَ ○ وَذَلَّلْنَاهَا لَهُمْ فَمِنْهَا رَكُوبُهُمْ وَمِنْهَا يَأْكُلُونَ ○ وَلَهُمْ فِيهَا مَنَافِعُ وَمَشَارِبُ أَفَلَا يَشْكُرُونَ ○

(يٰس: 71-73)

“اهي نٿا ڏسن ڇا تہ جيڪي جيڪي اسان جي هٿن بنايو آهي تنهن مان هڪڙي (نعمت) هيءَ آهي تہ اسان انهن لاءِ ڍور ڍڳا خلقيا آهن، جن جا هو مالڪ بنيا ويٺا آهن؟ ۽ اسان انهن ڍورن کي سندن تابع ڪري ڏنو آهي، سو انهن مان ڪن تي سواري ڪن ٿا ۽ ڪن (جي گوشت وغيره) کي کائن ٿا. ۽ انهن مان هنن لاءِ ٻيا بہ فائدا آهن ۽ پڻ پيئڻ جون شيون (کير، لسي وغيره) پوءِ بہ هو شڪر نٿا ڪن.”

ان سان گڏوگڏ اسلام آسودن کي اتساهہ ڏئي ٿو تہ اهي الله تعاليٰ وٽان مليل نعمت ۾ ٻين حقدارن کي بہ ڀائيوار ڪن.

وَآتُوهُمْ مِنْ مَالِ اللَّهِ الَّذِي آتَاكُمْ (النور: 33)

“۽ جيڪو مال الله تعاليٰ اوهان کي ڏنو آهي تنهن مان انهن (مسڪينن حقدارن) کي بہ ڪجهہ ڏيو.”

اسلام هي بہ سمجهائي ٿو تہ مال اهڙن بيوقوفن جي حوالي بہ نہ ڪريو جيڪي ان کي بي جا استعمال ڪري اجايو وڃائي ڇڏين. فرمايو ويو:

وَلَا تُؤْتُوا السُّفَهَاءَ أَمْوَالَكُمُ الَّتِي جَعَلَ اللَّهُ لَكُمْ قِيَامًا

“اوهان جو مال متاع جنهن کي الله تعاليٰ اوهان جي گذران جو وسيلو بڻايو آهي سو بي سمجهہ ماڻهن جي حوالي نہ ڪري ڇڏيو.”





الله تعاليٰ مؤمنن کي هيءُ بہ حڪم ڪري ٿو تہ هو حرام روزي کان پاڻ کي بچائين ۽ ڦر مار نہ ڪن ۽ پنهنجي ڏيتي ليتي هڪ ٻئي جي رضامندي سان ڪن:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَأْكُلُوا أَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ إِلَّا أَنْ تَكُونَ تِجَارَةً عَنْ تَرَاضٍ مِنْكُمْ وَلَا تَقْتُلُوا أَنْفُسَكُمْ إِنَّ اللَّهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيمًا (النساء: ٢٩)

“اي ايمان وارؤ! هڪ ٻئي جو مال ناحق نہ کائي ڪپائي ڇڏيو. پر جيڪڏهن گڏيل ڏنتو واپار هجي تہ پوءِ هڪ ٻئي جي رضامندي سان (مناسب طور) کائي سگهو ٿا.”

اسلام ملڪيت جي محدود حقن ڏيڻ سان گڏوگڏ دولت جي بيجا استعمال کي بند ڪرڻ لاءِ بہ ڪجهہ پابنديون لاڳو ڪيون آهن. ان جي برخلاف ڪميونزم ذاتي ملڪيت کي مڙني معاشرتي ڏاڍاين جو ذميوار قرار ڏئي ٿو ۽ انهيءَ ئي بنياد تي الحاد (بي ديني) جو علمبردار آهي.

هڪ مؤمن وحي الاهي جي انڪار کي رد ڪري ٿو. هو پوري طرح سان ذاتي ملڪيت جو احترام ڪري ٿو ۽ رشوت، ڦرمار ۽ ناجائز حق تلفي جي وسيلي حاصل ڪيل مال کان پاڻ بچائي ٿو. پر ان جي باوجود ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي پنهنجو پاڻ کي اسلام جا وڏا دعويدار سڏائن ٿا . . . پوءِ الله ئي بهتر ٿو ڄاڻي تہ سندن دلين ۾ ڇا لڪل آهي . . . ۽ الله تعاليٰ طرفان امانت ڪيل مال کي ٻي ڍباڻي سان رڙڪي وڃن ٿا. عام زندگيءَ جي ڪماين ۾ نہ ڪو خيال ڪن ٿا تہ ان کي ڪٿان ٿا حاصل ڪن ۽ نہ وري ڪو لحاظ ڪن ٿا تہ ڪيترن ڪمزورن جي حقن تي ڌاڙو هڻي ويٺا آهن. هوڏانهن وري گڏوگڏ اهي بہ دعويٰ پيا ڪندا آهن تہ پاڻ ڪميونزم جا مخالف آهن، ڇو جو اهو اسلام دشمن نظريو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ اهڙن ماڻهن جو رويو ئي غريبن ۽ پورهيتن کي باغي بڻائڻ ۽ معاشري کي ڪميونزم تائين پهچائڻ جو وسيلو هوندو آهي. اهي ماڻهو پاڻ کي جنهن دين جو علمبردار سڏائن ٿا، ان جو سندن ڪردار ۽ طرز عمل سان پري جو بہ واسطو نہ آهي.

قرآن مجيد ۾ صاف صاف فرمايو ويو آهي تہ اسان ان ڳالهہ کان انڪاري آهيون تہ اسلام جو عظيم پيغام ٺورڙن عيش پرست ماڻهن جي جاگير تي پوي:

وَنُرِيدُ أَنْ نَمُنَّ عَلَى الَّذِينَ اسْتُضْعِفُوا فِي الْأَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ أَئِمَّةً وَنَجْعَلَهُمُ الْوَارِثِينَ

(القصص: ٥)

www.sindsalamat.com

“۽ اسان چاهيو ٿي تہ جن کي ملڪ ۾ دٻائي هيٺ ڪيو ٿي ويو تن تي پنهنجو فضل ڪيون ۽ کين ماڻهن جو امام ڪيون ۽ کين وارث ڪيون. ۽ ملڪ ۾ انهن جا پير ڄمايون ۽ انهن کي طاقتور ڪيون.”

معيشيت کي سياست کان الڳ ڪرڻ هڪ ڏکي ڳالهہ آهي. توهان جتي بہ سياسي ابتري ڏسندؤ، اتي ناجائز دولت، اقتدار جو بي انتها غلط استعمال، ڦر مار، حق تلفي ۽ پنهنجا نوازڻ جهڙيون بڇڙايون توهان کي نظر اينديون.

نفعي جي پاڪائي، معاشري جي بهتري لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿي. جيڪا ملڪيت ٻين جا حق ڦٻائي ناجائز طريقي سان گڏ ڪئي وئي هجي، ان کي ضبط ڪري اصل مستحقن کي ڏئي ڪري انهن جي معيشيت بحال ڪرڻ سان ئي هڪ مضبوط ۽ متوازن معاشرو قائم ڪري سگهجي ٿو. ڦر مار، ٺڳي ۽ ذخيري اندوزي جي حرمت اسلام ۾ موجود آهي ۽ انهن طريقن سان ڪمايل مال باطل آهي جيڪو اسلامي رياست کي ضبط ڪرڻ گهرجي. ٿورڙن ٻچڙن ماڻهن جي غلط ڪارين سان اسلام جو ڪو واسطو نہ آهي.

حلال طريقي سان ڪمايل مال ۾ بہ ڪيترائي حق لاڳو ٿين ٿا، جن مان سڀ کان اهم ۽ پهريون حق آهي زڪوات. ان جو مقصد غريبن جي مشڪلاتن کي مٽائڻ ۽ انهن کي مالي طور پاڻيرو بنائڻ آهي. حديث ۾ اچي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن محتاج کي اهڙي ڏاچي ڏئي جنهن جي ٻن ويلن جو کير سندس گهرج کي پورو ڪري تہ اهڙي ماڻهو جي لاءِ الله تعاليٰ وٽ وڏو اجر آهي.

زڪوات جي هيءَ صورت بہ غلط سمجهي وئي آهي تہ ڪنهن ضرورتمند کي فقط ايترو ڏنو وڃي جو رڳو ان ڏينهن جي ئي سندس ضرورت پوري ٿئي ۽ اڳلي ڏينهن هو وري لاچاري جي حالت ۾ هجي. اسلام مال منجهان “الله جو حق” ڪڍڻ جي خاص هدايت ڪئي آهي ۽ حڪومت کي پابند بنايو آهي تہ اها هر هڪ ضرورتمند کي ڏيڻ جو جو پورو پورو بندوبست رکي. هر ماڻهوءَ کي زڪوات مان ڪيترو ڏنو وڃي، ان لاءِ امام غزالي رحہ مالڪي، حنبلي ۽ ڪجهہ شافعي عالمن جي راءِ هيءَ آهي تہ ضرورتمندن کي ايترو ڏنو وڃي جو پوري سال جو خرچ نڪري وڃي پوءِ ڀلي چونہ نصاب کان وڌيڪ ئي ڏيٺو پوي. جڏهن تہ امام شافعي پنهنجي ڪتاب “الام” ۾، ۽ اهڙي طرح سندس ٻين ڪيترن ئي ساٿين جي راءِ آهي تہ محتاجن کي زڪوات مان ايترو حصو ڏنو وڃي جو هنن کي باقي سڄي ڄمار وري زڪوات وٺڻ جي ضرورت ئي نہ پوي.



حضرت عمر بن عبدالعزيز جي دور خلافت ۾ روزانو پڙهو ڏنو ويندو هو تہ قرضدار ۽ شادي جو ارادو رکندڙ (جن وٽ مهر لاءِ پئسا نہ آهن) ڪٿي آهن؟ پوءِ اهڙن ماڻهن جي بيت المال مان مدد ڪئي ويندي هئي.

اسلام هڪ فطري دين آهي، جيڪو چوري کان روڪي ٿو پر گڏوگڏ ماڻهن جي ڪفالت جو بہ حڪم ڪري ٿو. زنا جي خلاف آهي ۽ ماڻهن جي شاديءَ لاءِ حوصلہ افزائي ڪري ٿو. ان جو مالي هدايتون اهڙيون تہ بي مثال آهن جي سڀني معاشرتي خرابين کي دفن ڪري ڇڏين ٿيون.

زڪوات جي حد ڀلي ڪيتري بہ ڦهليل هجي پر ان کان لنوائڻ ۽ ڪيٻائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وڃي ۽ صحت مند ماڻهن کي گهرجي تہ پنهنجي لاءِ محنت سان روزي ڪمائين. ڇو تہ محنت ئي دولت ڪمائڻ جو بهترين وسيلو آهي. حڪومت کي گهرجي تہ بي روزگاري کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي پوري قوت استعمال ڪري ملڪ جي هر ماڻهوءَ کي روزي سان لڳائي.

هتي قابل غور سوال هي آهي تہ آخر ڇا سبب آهي جو مسلمانن جي مقابلي ۾ ٻيون قومون وڌيڪ محنت ڪندڙ ۽ مختلف هنرن ۾ مهارت رکن ٿيون؟ انجو سبب هيءُ ٿو معلوم ٿئي تہ قدامت پرستي ۽ جاهليت جون ريتون رسمون اسلامي تعليمات ۽ مسلمانن جي رسم و رواج ۾ داخل ٿي ويون آهن، جنهن ڪري اسان جي اندروني قوت ۽ ڇرپر رڪجي وئي آهي ۽ ٻيون قومون تيزي سان ترقي ڪندي اسان کان اڳتي نڪري ويون آهن. دور جاهليت جي ماڻهن جو تہ حال بہ هيءُ هو تہ هو زراعت ۽ ڪنهن ڌنڌي ڪرڻ ۾ عار سمجهندا هئا. پنهنجي خانداني حسب نسب تي فخر ۽ وڏائي ڪرڻ هنن جو مَرڪ هو. هاڻي ضروت ان ڳالهہ جي آهي تہ هڪ اهڙو جديد اسلامي معاشرو قائم ڪيو وڃي جنهن جو بنياد الله تعاليٰ جا مقرر ڪيل قانون هجن:

اِعۡمَلُوا فَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمۡ (التوبة: 105)

“عمل ڪندا رهو، الله (تعاليٰ) ڏسندو تہ اوهان جا عمل ڪهڙا آهن.”

عياش ۽ نڪمو ٿي رهڻ وارن جي جاءِ جهنم ئي ٿي سگهي ٿي. اسلام ۾ ناجائز طريقي سان مال ڦٻائڻ ڦرمار ۽ مفت خوري کي روڪڻ لاءِ وياج کي حرام ڪيو ويو آهي ۽ پائيواري جي بنياد تي واپار کي هٿي ڏيارڻ لاءِ همٿايو ويو آهي. اسان کي گهرجي تہ ان ڳالهہ کي سمجهون تہ مال دولت اصل ۾ انسان جي خدمت لاءِ خلقي وئي آهي، نڪي انسان ان جي خدمت لاءِ.

**سنڌيڪار: احمدالدين شر بلوچ**

# ايمان جو صحيح تصور ڇا آهي؟

**علامہ محمد غزالي رحہ**

ايمان ان عام سوچ کان گھڻو اتم ۽ اعليٰ آهي، جيڪا عوام ۾ مشهور آهي. ايمان ڪنهن ماڻهوءَ بابت راءِ ڏيڻ، ڪنهن مسئلي بابت فتويٰ جاري ڪرڻ، ڪنهن فلسفي ڪي مڃڻ يا ڪنهن نفسياتي رنگ ۾ رڱجڻ جو نالو نہ آهي، پر هي تہ هڪ گنڀير تعلق جو نالو آهي جيڪو انسان کي سندس ظاهر کان وٺي دل جي اونهائين تائين خالق ڪائنات سان ڳنڍي ٿو ڇڏي. ان مالڪ سان ناتو جوڙي ٿو جنهن ڪيس وجود عطا ڪيو ۽ ان جي پالنا ۽ پرگهور جو بہ هڪ مضبوط انتظام ڪري ڪيس اجايو ٻکن ۾ مري کپي وڃڻ کان بچائي ورتو.

جهڙيءَ طرح ڄڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ڪم ڪار سان لڳڻ کان پوءِ هڪ طرف پنهنجي وقت جو پورو پورو استعمال ڪندو آهي ۽ ٻئي طرف پنهنجي حال ۽ مستقبل کي بہ سنواريندو ۽ محفوظ ڪندو آهي؛ اهڙيءَ ئي طرح ڄڏهن انسان ايمان جي پڙ ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ڄڻ هو پنهنجي نئين ذميدارين ۾ داخل ٿيڻ سان گڏوگڏ انهن کي ڪاميابي سان نڀائڻ جا وسيلا اختيار ڪري وٺندو آهي. قرآن مجيد چٽيءَ طرح سمجهايو آهي تہ خدائي دعوت جي سَڏَ کان پهريان ماڻهو جهڙوڪر مُردا هوندا آهن. پوءِ ڄڏهن اهي ماڻهو انهن رسولن جي فرمانبرداري ڪن ٿا ۽ سندن نقشِ قدم تي هلن ٿا تہ سندن دلين ۾ خدا رخي فڪر ۽ نظريو جنم وٺي ٿو ۽ پوءِ هو اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار جو نمونو بنجي پون ٿا ۽ هنن جي اندر هڪ اعليٰ زندگيءَ جو ڄڻ تہ نئون روح ڦوڪجي وڃي ٿو.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اسْتَجِيبُوا لِلَّهِ وَلِلرَّسُولِ إِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيكُمْ ﴿الأنفال: 24﴾

“اي ايمان وارؤ! الله ۽ سندس رسول جو سڏ ورنائيو ڄڏهن هو اوهان کي (الله تعاليٰ جي فرمانبرداري يعني انفاق في سبيل الله يا جهاد لاءِ) سڏي انهيءَ لاءِ تہ





اوهان کي (روحاني موت جي حالت مان ڪڍي) زندهہ ڪري ڇڏي.”

زندگي رڳو ماسَ ۽ رتُ ۾ واڌاري جو نالو نہ آهي ۽ نہ ئي وري جسم جي عضون ۾ چرپر جو نالو آهي. اهڙيءَ طرح جي زندگي تہ جانور بہ گذارين ٿا ۽ شايد انهن خاصيتن ۾ انسانن کان بہ وڌيڪ سگهارا آهن. حقيقت ۾ زندگي تہ انسان جي انهيءَ ٻانداپي جو نالو آهي جيڪو الله تعاليٰ کي سڃاڻڻ کان پوءِ ساڻس قائم ٿئي ٿو جنهن جو ظاهري اظهار زباني اقرار آهي ۽ اندروني اظهار سندس حڪمن جي اڳيان جهڪي وڃڻ آهي. اهڙن ماڻهن جو پنهنجي مالڪ جي اڳيان اظهار هي هوندو آهي تہ:

رَبَّنَا إِنَّنَا سَمِعْنَا مُنَادِيًا يُنَادِي لِلْإِيمَانِ أَنْ آمِنُوا بِرَبِّكُمْ فَآمَنَّا ﴿آل‌عمران: 193﴾

“اي اسان جا پروردگار! اسان سڏ ڪندڙ (رسول ﷺ) جو سڏ ٻڌو جو ايمان جي طرف سڏي رهيو هو. هو چئي رهيو هو تہ (اي انسانو!) پنهنجي پروردگار تي ايمان آڻيو. پوءِ اسان (سندس سڏ ٻڌو ۽) ايمان آندو.”

هائو، انهيءَ قول قرار کان پوءِ مؤمن ڄڻ تہ هڪ نئين دنيا ۾ گهڙي پوي ٿو جتي هو صرف پنهنجي مالڪ الله تعاليٰ جي اڳيان گوڏا کوڙي ٿو ۽ ان جي ئي مرضي مطابق حياتيءَ جا پهر پورا ڪري ٿو. پنهنجي ڏيتي ۽ ليتي، پيار ۽ ڌِڪار، سُڪار ۽ ڏُڪار، سُک ۽ ڏُک، صلح ۽ لڙائي؛ مطلب تہ هر حال ۾ هو پنهنجي پالڻهار سان ويجهڙائپ جي ڳولا ۽ ان وٽان تڙجي وڃڻ جي خوف کان هو پوري جو پورو سندس فرمانبردار رهي ٿو. اهو ايمان انسان ۾ هڪ نئون روح ڦوڪي ڇڏي ٿو. پنهنجي خالق ۽ مالڪ حقيقي جي سڃاڻپ رکندڙ ۽ ان کان غافل شخص جي وچ ۾ ايترو ئي سنڌو آهي جيترو روشن ڏينهن ۽ اونداهي رات ۾! پنهنجي پالڻهار کان بي خبر انسان مادي ساز و سامان جي لحاظ کان ڀلي ڪٽي ڪيترو ئي سگهارو ڇونہ ٿي وڃي، پر ان جي حيثيت هڪ ڍور کان وڌيڪ نہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هو ڪن ڳالهين ۾ هوشيار بہ هجي پر پنهنجي مالڪ حقيقي کان بي خبري هن کي اونداهين جي اونهائين ۾ ڦٿو ڪري ڇڏيندي جيڪا ڪيس ناڪام ۽ نامراد بنائي ڇڏيندي. بيشڪ اهڙو ماڻهو زندهہ لاش آهي!

أَوَمَنْ كَانَ مَيْتًا فَأَحْيَيْنَاهُ وَجَعَلْنَا لَهُ نُورًا يَمْشِي بِهِ فِي النَّاسِ كَمَنْ مَثَلُهُ فِي الظُّلُمَاتِ لَيْسَ بِخَارِجٍ مِنْهَا كَذَٰلِكَ زُيِّنَ لِلْكَافِرِينَ مَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿الأنعام: 122﴾

“پوءِ ڇا اهو ماڻهو جو مئل هئو ۽ اسان ان کي جيئرو ڪيو، ۽ اسان هن جي لاءِ نور ٺهرايو جنهن جي روشنيءَ سان ماڻهن ۾ گهمي ڦري، سو انهيءَ ماڻهوءَ

www.sindsalamat.com

جهڙو ٿي سگهي ٿو ڇا جو اونداهين ۾ غلطان آهي ۽ انهن مان ٻاهر نڪرڻ جي واهه ئي ڪانهيس؟ ائين ڪافرن جي نظر ۾ اهي ڳالهيون سهڻيون ۽ چڱيون لڳن ٿيون جيڪي هو ڪندا رهن ٿا.”

ايمان واري زندگيءَ ۾ ڦٽندڙ روشني ضمير جي اها روشني هوندي آهي جيڪا انسان اندر نيڪي ۽ بدي، گناهه ۽ ثواب وغيره وچ ۾ سنڌو ۽ سڃاڻپ ڪرائيندي آهي. انهيءَ ئي سبب ڪري ايمان هڪ احترام لائق شيءِ آهي.

صرف الله تعاليٰ ڪان بي تعلق ماڻهو ئي دنيا جي رنگينين ۾ ڦاسي پنهنجي وجي ٿو ۽ موقعو ملندي ئي گناهن جي گندگي ۾ ٽپي پوي ٿو. جڏهن ته مالڪ حقيقيءَ سان ناتو نڀائيندڙ ماڻهو پنهنجي اندر عدل ۽ انصاف، طهارت ۽ پاڪيزگي ڪي اعليٰ درجي تي رسائڻ جي لاءِ هر وقت جاڪوڙيندو رهندو آهي. پوري زمين تي برڪت ۽ معاشري ۾ سُک ۽ سلامتي انهيءَ ايمان جي ڇانوَ ۾ ئي اُڀرن ۽ وڌن ويجهن ٿا. نبي ڪريم ﷺ جن دلين اندر ايمان جي تاثير جي تشبيهه زمين تي پوندڙ پاڻيءَ جي اثر سان ڏني آهي:

“الله تعاليٰ مونکي جيڪو علم ۽ هدايت ڏئي موڪليو آهي تنهن جو مثال زمين تي جهجهي مقدار ۾ پوندڙ وڏ ڦڙي مينهن وارو آهي، پوءِ جيڪا زمين پلي هوندي سا ئي پاڻي کي چوسي سائي ٿي پوندي.”

ڪري ۽ کوٽي ايمان ۾ اهوئي فرق آهي ته کرو ايمان ڄڻ ماڻهوءَ ۾ نئون روح ڦوڪي ٿو ۽ هو هڪ مثالي زندگي بسر ڪرڻ لڳي ٿو. جڏهن ته کوٽو ايمان زندگيءَ تي ڪوبه اثر نٿو ڇڏي. کرو ايمان انسان کي پنهنجي مالڪ حقيقي جو فرمانبردار ۽ کوٽو ايمان کيس فقط پنهنجي نفس جو غلام بڻائي ڇڏي ٿو. حقيقت ته هيءَ آهي ته ايمان جي سار سنڀال سون ۽ چاندي جي ڍير کان به وڌيڪ سگهاري آهي.

اڄ ڪلهه انسان جي دلين ۾ شخصيت پرستي ۽ راڄ پرستي گهر ڪري وئي آهي جيڪا هڪ قسم جي رياڪاري آهي؛ جنهن جي ڪري عمل ڇٽُ ۽ دل مرده ٿي وڃي ٿي. ان جو هڪڙو ئي علاج آهي ۽ اهو هي آهي ته انسان پنهنجي سڀني عملن جو مرڪز الله تعاليٰ جي خوشنودي کي بڻائي.

حضرت جنيد بغدادي رح جو فرمان آهي ته: “جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ حضرت آدمؑ واري ڪفايت شعاري، حضرت عيسيٰؑ واري پرهيزگاري، حضرت ايوبؑ وارو صبر، حضرت يحييٰؑ واري فرمانبرداري، حضرت ادريسؑ وارو استقلال، حضرت ابراهيمؑ واري محبت ۽ حضرت محمد ﷺ وارا اخلاق هجن



۽ ان سان گڏ جيڪڏهن سندس دل ۾ غير الله جي لاءِ ترِ جيتري به جڳهه آهي، ته پوءِ اهڙي ماڻهوءَ جي اهڙين خصلتن جي الله تعاليٰ کي ڪابه پرواهه نه آهي.” انهيءَ ڪري ڏيکاءَ واري هر عبادت ايمان ۽ ثواب لاءِ انتهائي هاڃيڪار آهي. ڇو ته مينهن جو پاڻي هميشه پلي زمين کي ئي فائدو ڏيندو آهي. پر جيڪڏهن اهو ئي مينهن ڪنهن پٿر تي پوندو ته فقط ان جي سختي کي ئي وائکو ڪندو.

زندگي کي سنواريندڙ ايمان جي خاص نشاني ئي اها آهي ته ان سان انسان جو پنهنجي پالڻهار سان سچائي ۽ محبت جو گهرو تعلق پيدا ٿي وڃي. ايمان انساني سوچ ۽ جذبن جو رخ موڙي ڇڏي ٿو ۽ فيصلي جي بي پناهه قوت پيدا ڪري ٿو.

توحيد اها ناهي ته اسان فقط پٿرن جي تراشيل بتن کي نه مڃيون، باقي ڌن دولت، شان شوڪت، زال، اولاد ۽ حاڪمن کي پنهنجو معبود بنائي پنهنجي جزوي يا سڀني جذبن ۽ احساسن جو رخ انهن ڏانهن موڙي ڇڏيون. ظاهري ۽ ڳجهي طرح جا سڀئي جتن انهن کي ئي راضي ڪرڻ لاءِ هجن ۽ باقي ٿورڙين ڳالهين ۾ الله جا ٿي رهون. اهوئي سبب آهي جو ڪيترائي ماڻهو پنهنجي گمان ۾ ته الله تعاليٰ سان وڏو گهرو تعلق رکندڙ هوندا آهن، پر سندن رهڻي ڪهڻي ۾ ان جو ڪو خاص اثر محسوس ناهي ٿيندو. ٻيڙي ڪڏهن به سڪيءَ تي ناهي ترندي! صحيح ايمان ۽ توحيد جو اثر انسان جي دل جي ڌڙڪڻ، مقصد، انتظام، رهڻي ڪهڻي ۽ معاشي ٻج ڊُک تي اهڙيءَ طرح پوڻ گهرجي جو سڀني سرگرمين جو رخ الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ۽ سندس راضپو ڳولڻ ڏانهن مُڙي وڃي.

غور ڪري ڏسبو ته اسلام جا سڀئي رڪن انهيءَ حقيقتن سان ئي تعلق رکن ٿا. مثال طور نماز ۽ روزو ايمان جا اهي رُڪنَ آهن، جيڪي انسان جي فقط پنهنجي ذات سان تعلق رکن ٿا؛ تنهن ڪري هر ماڻهو انهن جي ادائگي جي لاءِ فقط پنهنجي لاءِ جوابده آهي. انهن ارڪانن کي ادا ڪرڻ سان پاڪائي ۽ اخلاص ۾ واڌارو ٿئي ٿو. پر ان سان گڏ ان جو اثر معاشري تي به پوڻ گهرجي. وري ٻيو مثال وٺو: الله جي راهه ۾ جهاد ۽ ان جي حڪمن مطابق انصاف سان فيصلا نبيرڻ لاءِ فردن سان گڏوگڏ پورو معاشرو ذميدار آهي. ڇو ته انهن معاملن کي سڄو معاشرو ئي نبيري سگهي ٿو. اسلام جتي دل ۾ الله تعاليٰ جي هيڪڙائيءَ ۽ سندس اڳيان پنهنجي سڀني عملن جي جوابدهي جو يقين پيدا ڪري انسان جي

عمل ۽ ڪردار ڪي سنواري ٿو، اتي وسيلن جي باري ۾ به رهنمائي ڪري ٿو ته جيئن دولت کي معاشرو سڌارڻ ۽ سنوارڻ جو ذريعو بنايو وڃي.

حافظ بيهقي حلال روزي ڪمائڻ کي به ايمان جو هڪ شعبو ٻڌائي ٿو. ڇو ته حديث ۾ اچي ٿو: "اي ماڻهؤ! الله تعاليٰ پاڪ آهي ۽ صرف پاڪ شيون ئي قبول ڪري ٿو." اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ ايمان وارن کي به اهو ساڳيو ئي حڪم ڏئي ٿو جيڪو حڪم پنهنجي رسولن کي ڏنائين:

يَا أَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوا مِنَ الطَّيِّبَاتِ وَاعْمَلُوا صَالِحًا إِنِّي بِمَا تَعْمَلُونَ عَلِيمٌ

﴿المؤمنون: 51﴾

"اي پيغمبرؤ! پاڪ شيون کائو ۽ چڱا عمل ڪيو، توهان جيڪي به عمل ڪيو ٿا سي مون کان ڳجها ناهن."

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا كُلُوا مِنْ طَيِّبَاتِ مَا رَزَقْنَاكُمْ ﴿البقرة: 172﴾

"اي ايمان وارؤ! سڀ پاڪ شيون کائو جي الله تعاليٰ توهان جي کائڻ لاءِ پيدا ڪيون آهن."

حلال روزي جي اهميت جو اندازو انهيءَ ڳالهه منجهان لڳائي سگهجي ٿو جو هڪ دفعي نبي ڪريم ﷺ جن هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو مثال ڏيندي فرمايو جيڪو هڪ ڏکي سفر ۾ نڪتل هجي ۽ نهايت ئي حيراني ۽ پريشاني جي حال ۾ آسمان ڏانهن هٿڙا کڻي "يا رب، يا رب!" پڪاريندو هجي ۽ ان جي دعا قبول نه ڪئي وڃي ڇو ته ان جو کاڌو، پيتو، ۽ لباس حرام آهي ۽ پرورش به حرام آمدني تي ٿي آهي. (حديث ۾ اچي ٿو ته الله تعاليٰ مسافر جي دعا کي رد ناهي ڪندو. پر هتي هڪ اهڙي مسافر جي ڳالهه ڪئي وئي آهي جيڪو مسافر هجڻ سان گڏوگڏ پريشان حال به آهي پر پوءِ به سندس حرام ڪمائي ۽ پرورش جي سبب دعا قبول نٿي ڪئي وڃي — مترجم)

مٿين آيتن ۽ حديثن ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ سبق آهي جن ڌن ۽ دولت گڏ ڪرڻ کي پنهنجو مقصد بنائي ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي ڪڌن ڪرتوتن ۽ حرام خوري جي ڪري الله تعاليٰ جي رحمت کان محروم ٿي ويا آهن.

ايمان اسان کان انهيءَ ڳالهه جو به مطالبو ڪري ٿو ته پنهنجن اخلاقن ۽ ڪردار کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ جو به الڪو رکون. ڇو ته هڪ حديث ۾ اچي ٿو ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته: "توهان ۾ سڀني کان ڀلو اهو آهي جنهن جا اخلاق ڀلا آهن."

(علامہ محمد غزالي رح جي ڪتاب "اسلام کي باري مين 100 سوال" تان ورتل)

# دنيا ۽ آخرت جو اسلامي نظريو

علامہ محمد غزالي رح

آخرت هڪ اهڙي حقيقت جو نالو آهي، جنهن کان ڪو به عقلمند ماڻهو غافل نٿو رهي سگهي. پر ان جو مطلب اهو به ناهي ته ماڻهو دنيا کان ئي بيگانو ٿي وڃي. هيءَ ڳالهه بلڪل ائين آهي، جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي ايندڙ وقت لاءِ ڪو منصوبو جوڙي ۽ ان جي تياري اڄ کان ئي شروع ڪري ڇڏي. پر اهڙي ماڻهو کي بيوقوف سڏيو ويندو جيڪو پنهنجي ايندڙ وقت جي منصوبي تي عملدرآمد لاءِ پنهنجي موجوده حالتن ۽ ضرورتن کان غافل ۽ بيگانو ٿي وڃي ۽ نتيجي ۾ نه پنهنجو حال سڌاري سگهي ۽ نه ئي مستقبل.

دعوت ۽ سکيا جي ميدان ۾ ڪي ماڻهو بيان ڪيل مٿئين حقيقت کي ذهن ۾ ناهن رکندا، جنهن ڪري سڌاري جي بدران بگاڙ پيدا ٿي ويندو آهي. ماڻهو اهو سمجهڻ لڳندا آهن ته دين، دنيا جو دشمن آهي ۽ هي به سمجهندا آهن ته تزڪيو ۽ قرب الاهي تيستائين حاصل ٿي نه ٿو سگهي جيستائين مفلسي ۽ سڃائي وڪوڙي نه وڃي. انهن ماڻهن جو وطيرو اهو هوندو آهي جو زندگي جي حقيقتن، مادي قانون ۽ ڪائنات جي اندر الله تعاليٰ جي سنت کان بي خبر رهي ڪري صرف تقدير تي ياڙي زندگي کي ڪل حاصلات سمجهندا آهن. اهڙي سوچ جو نتيجو اهو نڪتو جو انساني شعور بگاڙ جو شڪار ٿي ويو ۽ مسلمانن جي اندر اهڙا نسل پيدا ٿي پيا جيڪي نه دين جي حقيقت کي سمجهي سگهيا ۽ نه دنيا ۾ ڪو فائدو حاصل ڪري سگهيا. اهڙي طرح مسلمانن جي تباهي ۽ بربادي ۾ ٻين ڪوتاهين سان گڏ دين ۽ دنيا متعلق سمجهه جي کوٽ به هڪ وڏو سبب رهيو آهي.

بيشڪ دين ۾ آخرت، بهشت ۽ دوزخ بابت سڀئي ڳالهيون وضاحت سان موجود آهن، پر انهن سڀني ڳالهين جو مقصد انسان کي صحيح رستي تي



www.sindsalamat.com

هلائڻ، آخرت جي مقابلي ۾ دنيا کي اوليت ڏيڻ کان روڪڻ ۽ ان کي اڻ کٽ ۽ دائمي زندگيءَ جي تياري لاءِ هوشيار ڪرڻ آهي.

دنيا کي سمجهڻ ۾ ڪوتاهي ڪرڻ، دنيا ۾ لاچاري ۽ بيوسي واري زندگي گهارڻ، پنهنجي زندگيءَ جي مَهار ٻين جي هٿ ۾ ڏئي مجبوري ۽ محرومي واري زندگي گذارڻ کي پاڪائي يا تقويٰ جو نالو نٿو ڏئي سگهجي. هن قسم جي سوچ ته بلڪل ٻاراڻي حرڪت چئبي جنهن سان دين ۽ ان جي بنيادي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ ناقابل تلافي نقصان پهچي ٿو. سوال آهي ته آخر الله تعاليٰ جي طرفان عطا ڪيل صلاحيتن کان ڪم نه وٺڻ ۽ بيوسي ۽ لاچاري واري زندگي اپنائڻ سان دين اسلام جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهجي ٿي؟

عالمن جو چوڻ آهي ته ڪنهن عمل جي درستگي ۽ قبول پوڻ لاءِ سٺي سوچ ۽ ڀلائيءَ وارو طريقو اختيار ڪرڻ ضروري آهي. ڀلائي وارو طريقو اختيار ڪرڻ جو هي مطلب آهي ته جيڪو عمل ڪيو وڃي سو روايت ۽ شعور جي مطابق هجي. مثال طور جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪائڻ پيئڻ جي بدران ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان چُپ رهڻ جو روزو رکي يا رڪوع ۽ سجدي کان بغير نماز پڙهي ته سندس اهو عمل قبول نٿو ٿي سگهي ڇو ته اهو عمل شريعت جي خلاف آهي. اهڙيءَ طرح اڄوڪي دؤر ۾ ڪير ٽينڪ جو مقابلو لٺ سان يا هن ايٽمي دؤر ۾ گهوڙي تي ويهي جهاد ڪري ته سندس اهو عمل به قابل قبول ناهي، ڇاڪاڻ ته اهو عمل شعور کان خالي آهي.

مون هڪ نصيحت ڪندڙ کي ٻڌو جيڪو ماڻهن کي سورة التڪاثر جو تفسير ٻڌائيندي دنيا کان لا تعلقي جي لاءِ هدايت ڪري رهيو هو. مون کي خيال ٿيو ته اسان هن ڳالهه کي سمجهڻ ۾ ڪيڏي نه وڏي غلطي ڪري رهيا آهيون. جڏهن ته حقيقت هيءَ آهي ته هن سورة ۾ زندگيءَ جي هڪ خراب پاسي جو خبرداريءَ سان نقشو چٽيو ويو آهي. اڄوڪي دؤر ۾ مال ميڙڻ لاءِ هرڪو چرين وانگر پيو ڊوڙي ۽ ڊڪي، جنهن ڪري ماڻهو مال ملڪيت جي مناسب استعمال کان بي خبر ٿي ويا آهن ۽ يقيني طور تي هيءَ تمام ئي ڦٽڪار جوڳي ڳالهه آهي. ڇو ته مال دولت جي پوڄا ۾ لڳو رهڻ هڪ طرف انسان جي اخلاق ۽ ڪردار کي ڦٽائي ڇڏي ٿو ته ٻئي طرف ڪيس سندس ٻين ڪيترين ئي ذميدارين کان به غافل ڪري ٿو ڇڏي. مال دولت بابت وري الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ هن طرح به حڪم ڏئي ٿو:



وَلَا تُؤْتُوا السُّفَهَاءَ أَمْوَالَكُمُ الَّتِي جَعَلَ اللَّهُ لَكُمْ قِيَامًا وَارْزُقُوهُمْ فِيهَا وَاكْسُوهُمْ وَقُولُوا لَهُمْ قَوْلًا مَعْرُوفًا (النساء: ٥)

“اوهان جو مال متاع جنهن کي الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ گذران جو وسيلو بنايو آهي، سو بي سمجهه ماڻهن(يعني ننڍي عمروارن نادان ڇوڪرن) جي حوالي نه ڪري ڇڏيو (جو متان اجايو برباد ڪري ڇڏين) پر هيئن ڪريو جو هنن جي مال مان هنن کي کارايو پيئاريو ۽ لٽو ڪپڙو ڏيو ۽ چڱيون ڳالهيون هنن کي سمجهايو.”

مطلب ته دنياوي خوشحالي حاصل ڪرڻ ۽ ان جي واڌاري لاءِ ڪوشش به ضروري آهي، ڇو ته مؤمن ٻانهو ان خوشحاليءَ جي ڪري پنهنجي ذميدارين کان بيگانو نٿو ٿئي پر اجان به پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ ان ملڪيت کان مدد حاصل ڪري ٿو. هن آيت جو مقصد به آخرت ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ آهي ۽ دنيا کان بيگانو ڪرڻ ناهي. مسڪيني، مفلسي ۽ لاچاري واري زندگي اپنائڻ سان نه اسلام جي ڪا خدمت ڪري سگهجي ٿي، نه ڪا ان کي طاقت ملي سگهي ٿي ۽ نه ئي وري ان جي سکيا يا تدريس ۾ ئي ڪا ترقي حاصل ٿي سگهي ٿي. اهو به ضروري آهي ته مال دولت جي گهٽائي جي ڪري بي ديني، نافرماني، آڪڙ يا وڏائي ۽ ڪنجوسيءَ واري واٽ هلڻ کان پاسو ڪيو وڃي. پر اجا به ڀلو ائين آهي ته اها مالي خوشحالي دين جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جو خيال دل ۾ رکي جائز طريقن کي اپنائي ڪمائي وڃي.

حاصل مطلب هي آهي ته دولت جو پوڄاري ٿي وڃڻ توڙي ڇاڻي ٻڇهي تنگدست ۽ لاچار ٿي وڃڻ، اهي ٻئي ڦٽڪار جوڳا عمل آهن ۽ اهڙيءَ روش کان پاسو ڪرڻ ضروري آهي. ڪي ماڻهو مالدار ٿي ڪري الله جا نافرمان ٿي وڃن ٿا ۽ ڪي مفلس ٿي ڪري ذلت واري زندگي گهارڻ تي مجبور ٿين ٿا. پر هڪ مؤمن نه ته نافرمان ۽ نه ئي وري ذليل يا خوار ٿي سگهي. ڪيترا ئي مال ملڪيت وارا الله جا شڪرگذار ۽ ڪيترائي غريب عزت ۽ غيرت واري زندگي گذاريندڙ آهن!

آخر هڪ مسلمان کي ان ڳالهه مان ڪهڙي هڙ حاصل جو هو دنيا کان لا تعلق ٿي وڃي ۽ ٻيو ڪو اچي ان تي ڏنڊو کوڙي ويهي رهي؟ اهڙي سوچ رهي ته پوءِ امت جي ترقيءَ جو قافلو ڪيئن اڳتي وڌي سگهندو؟ هي ڪيڏي نه پورڙائي ۽ بيوقوفي آهي جو ماڻهن کي سمجهايو وڃي ته حضرت عثمان ۽ حضرت عبدالرحمان بن عوف رضي الله جهڙا مالدار، جن پنهنجو سڄو مال

ملڪيت اسلام جي لاءِ بخشش (وقف) ڪري ڇڏيو، بهشت ۾ مفلس ۽ لاچار ماڻهن کان گهڻو پوءِ داخل ٿيندا؟

ابن ڪثير پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ حيرت ۾ وجهندڙ اسرائيلي داستان بيان ڪيو آهي. قصو هن طرح آهي ته ٻن ماڻهن ڪنهن واپار ۾ ڀائيواري ڪئي، جن جي گڏيل موڙي اٺ هزار درهم هئي. انهن ۾ هڪڙو شريف ۽ نيڪ هئو ۽ ٻيو وري ڪمينو ۽ بد ڪردار ماڻهو هو. بد ڪار هڪ هنرمند جڏهن ته نيڪ ۽ شريف ماڻهو بي هنر هئو جنهن ڪري بد ڪار شخص بيزار ٿي ڀائيچارو ختم ڪري ڇڏيو. (اسان پڇون ٿا ته مؤمن ڀانهو آخر هنرمند ڇو نه ٿو ٿئي؟ هوڏانهن حديث ۾ اچي ٿو ته الله تعاليٰ هنرمند مؤمن کي پسند ڪري ٿو.) خير، ٻئي ڄڻا پنهنجو پنهنجو حصو وٺي الڳ ٿي ويا.

ان کان پوءِ ڇا ٿيو جو جو بد ڪار ماڻهو پنهنجي حصي مان هڪ هزار دينار سان هڪ گهر خريد ڪيو ۽ نيڪ ماڻهوءَ وري هڪ هزار دينا صدقو ڪري ڇڏيا ته جيئن ڪيس بهشت ۾ گهر ملي. (اسان پڇون ٿا ته آخر هڪ نيڪ انسان کي هن دنيا ۾ پنهنجو گهر ڇو نه هجي؟) ٻئي هزار مان بدڪار ماڻهو شادي ڪئي ۽ نيڪ ماڻهو ٻيو هزار به صدقو ڪيو ته جيئن ڪيس بهشت ۾ حور ملي (اسان پڇون ٿا ته نيڪ ماڻهو دنيا ۾ شادي ڪري پاڻ کي ۽ هڪ عورت کي گناهه کان بچاءَ جو سامان ميسر ڪري ڏيڻ، ۽ پنهنجي زال تي خرچ ڪرڻ سان دنيا ۾ اڻ ڳڻيون نيڪيون ڇو نه ڪمائي؟) باقي رهيل ٻه هزار دينار مان بدڪار ماڻهو هڪ باغ خريد ڪيو (۽ هڪ پرآسائش زندگي گذارڻ لڳو) جڏهن ته نيڪو ڪار ماڻهو باقي ٻه هزار به صدقو ڪري ڇڏيا ۽ مفلسي ۽ لاچاري واري زندگي گذارڻ لڳو. اهڙي قسم جي خوش بياني ديني مقصدن ۽ زندگيءَ لاءِ تباهي آڻيندڙ آهي.

مان رڳو اهو ٻڌائڻ ٿو گهران ته جهڙي طرح الله تعاليٰ جي راهه ۾ مرڻ جو نالو جهاد آهي اهڙي طرح الله تعاليٰ جي ٻڌايل سڌي واٽ تي زندگي گذارڻ به يقيناً جهاد ئي آهي. مال دولت جي ڪمائڻ ۾ ناڪامي جي صورت ۾ دين جي مدد ڪرڻ ۾ به ناڪامي پلئہ پوي ٿي. اها هڪ حقيقت آهي ته خرچ اهو ئي ڪري سگهندو جنهن وٽ ڪجهه هوندو. اهو ئي سبب آهي جو حديث ۾ اچي ٿو ته طاقتور مؤمن ڪمزور مؤمن کان ڀلو آهي. قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَلَئِنْ أَذَقْنَا الْإِنسَانَ مِنَّا رَحْمَةً ثُمَّ نَزَعْنَاهَا مِنْهُ إِنَّهُ لَيَئُوسٌ كَفُورٌ ﴿٩﴾ وَلَئِنْ أَذَقْنَاهُ



نَعْمَاءَ بَعْدَ ضَرَّاءَ مَسَّتْهُ لَيَقُولَنَّ ذَهَبَ السَّيِّئَاتُ عَنِّي إِنَّهُ لَفَرِحٌ فَخُورٌ ﴿١٠﴾ إِلَّا الَّذِينَ
صَبَرُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ أُولَٰئِكَ لَهُم مَّغْفِرَةٌ وَأَجْرٌ كَبِيرٌ ﴿١١﴾ (هود)

“۽ جيڪڏهن اسان انسان کي پاڻ وٽان رحمت جو مزو چکايون ٿا ۽ پوءِ وري اها هٽائي ٿا ڇڏيون ته هو هڪدم مايوس ۽ ناشڪر ٿي وڃي ٿو. ۽ جيڪڏهن ڪيس ڏک پهچي ٿو، ۽ ان بعد ڪيس راحت جو مزو ٿا چکايون ته پوءِ چوي ٿو ته هاڻي خرابيون مون کان پرڀي ويون، حقيقت هيءَ آهي ته ان وقت انسان خوشيءَ ۾ پرجي وڃي ٿو ۽ ٻٽاڪون هڻڻ لڳي ٿو. مگر جيڪي ماڻهو صبر ڪن ٿا ۽ نيڪ عمل ڪن ٿا تن جو اهو حال ناهي، انهن لاءِ بخشش آهي ۽ تمام وڏو اجر به آهي.”

مٿئين آيت مان چٽيءَ طرح خبر پوي ٿي ته جڏهن انسان جو حال اهو آهي جو آسودگيءَ وقت وڏائي ڪندڙ ۽ نافرمان، جڏهن ته سچائيءَ جي وقت وري نا اميد ۽ دل شڪستو ٿي وڃي ٿو. هئڻ ته ائين گهرجي ته ڪيس ثابت قدم رهي پنهنجي ذميدارين کي وسارڻ نه گهرجي ۽ اها ئي روش هڪ مؤمن جو شان آهي. مؤمن جي سوچ اها ئي هوندي آهي ته الله تعاليٰ جيڪا ڪيس آسودگي ڏني آهي سا رڳو هن اڪيلي جي لاءِ ناهي، پر ان ۾ انهن ماڻهن جو به حصو آهي جيڪي غريب، نادار ۽ پريشان حال آهن.

فَأَمَّا الْإِنسَانُ إِذَا مَا ابْتَلَاهُ رَبُّهُ فَأَكْرَمَهُ وَنَعَّمَهُ فَيَقُولُ رَبِّي أَكْرَمَنِ ﴿١٥﴾ وَأَمَّا إِذَا مَا
ابْتَلَاهُ فَقَدَرَ عَلَيْهِ رِزْقَهُ فَيَقُولُ رَبِّي أَهَانَنِ ﴿١٦﴾ كَلَّا ۖ بَل لَّا تُكْرِمُونَ الْيَتِيمَ ﴿١٧﴾
وَلَا تَحَاضُّونَ عَلَىٰ طَعَامِ الْمِسْكِينِ ﴿١٨﴾ وَتَأْكُلُونَ التُّرَاثَ أَكْلًا لَّمًّا ﴿١٩﴾
وَتُحِبُّونَ الْمَالَ حُبًّا جَمًّا ﴿٢٠﴾ ﴿الفجر﴾

“انسان کي جڏهن سندس پاليندڙ آزمائي ٿو، پوءِ ان کي عزت ڏئي ٿو ۽ نعمت ڏئي ٿو ته هو چوي ٿو ته منهنجي پالينڌڙ مون کي عزت ڏني. ۽ جڏهن ان کي هن طرح آزمائي ٿو جو مٿس سندس روزي تنگ ڪري ٿو ته چوي ٿو ته منهنجي پالينڌڙ مونکي خوار ڪيو. ائين نه آهي پر اوهين يتيم جي عزت نه ٿا ڪريو ۽ نه ڪي هڪ ٻئي کي مسڪينن کي کاڌي ڏيڻ جي رغبت ڏيو ٿا. ۽ مئلن جو مال ميڙي سيڙي کائو ٿا. ۽ مال سان محبت رکو ٿا.”

مطلب ته آسودگي ۽ مالداري به آزمائش ۽ غربت ۽ سچائي به هڪ آزمائش آهي. هيءَ سوچ غلط آهي ته صرف آسودگي ۾ عزت ۽ آبرو ۽ سچائي ۾ پريشاني ۽ ذلت آهي. ان ڳالهه جو دارو مدار ته نتيجي تي آهي.

www.sindsalamat.com

جيڪو ماڻهو سچائي جي وقت پاڪائي ۽ قناعت اختيار ڪري ٿو سو الله تعاليٰ وٽ ان ماڻهوءَ ڪان تمام گهڻو عزت ۽ مرتبي وارو آهي، جيڪو پنهنجي خوشحالي جي ڪري نافرمان آهي. وري جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي الله تعاليٰ مال دولت ڏئي آسودو ڪيو آهي ۽ هو به پنهنجي گهر جا دروازا غريبن، مسڪينن ۽ محتاجن لاءِ کولي ڇڏيا آهن ۽ انهن جي پرگهور ۾ پنهنجي مال دولت خرچ ڪري ٿو يا جتي خرچ ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي ته هو الله جي راهه ۾ اتي پٺتي نٿو هٽي ته اهڙو ماڻهو بيشڪ پنهنجي امتحان ۾ ڪامياب ۽ ڪاميابي جي ڊوڙ ۾ سوڀارو آهي. حديث جي اندر وٺڻ واري نه پر ڏيڻ واري هٿ کي ئي فضيلت ڀريو سڏيو ويو آهي.

هاڻي جيڪڏهن ڪو ماڻهو، جنهن کي الله تعاليٰ جهجهي مال ملڪيت سان نوازيو آهي، پوءِ هو ان (الله تعاليٰ) جو حق ادا ڪرڻ وقت جنهن ماڻهوءَ کي ڏئي رهيو آهي، تنهن کي بي آبرو ۽ حقير سمجهي ٿو، ته اهو ماڻهو دين ۽ دنيا سان لاڳاپي بنسبت تمام ئي غلط سوچ ۾ ڦاٿل آهي. اهو هڪ اهڙي طرز فڪر آهي، جنهن جي نتيجي ۾ مالدارن جي خلاف ڪدورت ۽ ڪيني جي باهه ڀيڙ ڪري اٿي ٿي. ڪفر ۽ بي ديني جي رئي اڏامڻ لڳي ٿي ۽ پوءِ پوري انسانيت جو آئيندو داءَ تي لڳي وڃي ٿو. ڇا ڪميونزم به اهڙي ئي ماحول ۾ نه اسريو ۽ پکڙيو هو؟

(علامه محمد غزالي جي ڪتاب: ”اسلام کے بارے میں 100 سوال“ تان ورتل)

**سنڌيڪار: احمدالدين شر**

# فڪري قوت جي اهميت

**مولانا سعيد احمد اڪبرآبادي رحمة الله عليه**

دنيا جي تاريخ ۾ اهو واقعو ڪيڏو نه حيرت ۾ وجهندڙ ۽ عبرت جهڙو آهي ته ڪنهن زماني ۾ مسلمانن سوچ ۽ ويچار ڪان به مٿي ٽپي دنيا ۾ ايڏي وڏي ترقي ڪئي ۽ پنهنجن ڪارنامن جا نشان اهڙي طرح ڇٽيا جو دنيا جون قومون انهن جي عظمت ۽ بلندي جي سامهون جهڪي ويون ۽ مڃڻ لڳيون ته مسلمانن جي هن جماعت سان ملي وڃڻ ۾ اسان جي خوش قسمتي ليکي ويندي. پر اڄ صورتحال بدلجي وئي آهي، مسلمانن جي معاشرن ۾ غربت، بدحالي، جهالت ۽ غلامي جا ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا آهن. سندن اتحاد ۽ يڪجهتي اختلاف ۽ انتشار جو شڪار آهي. انهن جي محفلن مان علم، شعور، غور ۽ ويچار موڪلائي ويو آهي، انهن مان ايجاد، تخليق، ٺاهڻ، آباد ڪرڻ ۽ سرسبز بڻائڻ جو سليقو ختم ٿي چڪو آهي ان بجاءِ، تقليد، غلامي آباء پرستي ۽ ماضي تي پڙهڻ ۽ انهن هيروز جا ڪارناما ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ تائين پاڻ کي ڦاسايون ويٺا آهيون. جن تاريخ جي روشن دور جو آغاز ڪيو هو، اهي سياسي قوت ۽ قومن جي رهنمائي جي راز ڪان اڻ ڄاڻ مسلمان، هن وقت ڳاٽاٽي ۾ ته وڏو انگ ٻڌجي ويا آهن ۽ ڪيترن ئي ملڪن جون واڳون سندن قبضي ۾ آهن پر علم، عمل، يقين، اخلاق، خوشحالي، آزادي ۽ خودمختاري ڪان پوري طرح محروم آهن بلڪ ان معاملي ۾ شديد بدنصيبيءَ جو شڪار آهن.

تاريخ جو مطالعو ڪندڙ هڪ عام ماڻهو به ڄاڻي ٿو ته سرڪار رسالت مآب ﷺ جن جي وصال مبارڪ ڪان پوءِ جلد ئي مسلمان جزيرة العرب جي خطي ڪان ٻاهر نڪري دنيا جي مختلف علائقن ۾ ڦهلجي ويا ۽ سخت مقابلن ۽ جنگين جي باوجود اهڙي طرح غالب ٿيندا ويا ۽ توحيد جا شمعدان، شرڪ جي



www.sindsalamat.com

انڌيرن کي پائمال ڪندا ويا. جو پهرين صدي هجري ۾ ئي مسلمانن اوڀر ۾ سنڌ ۽ ترڪستان تائين ۽ اولهه ۾ اندلس تائين اسلامي حڪومتون قائم ڪيون ۽ صدين کان غلامي ۾ ڦاٿل انسانن کي آزادي جي نعمت سان سرفراز ڪيو. نه فقط سياسي قوت ۽ طاقت جا مالڪ بڻيا پر اسلام جي فطري عادلانه ۽ اخلاقي تعليم جي بنياد تي انسانيت سازيءَ جو هڪ نئون ڪلچر وجود ۾ آيو ان کان پوءِ دنيا ۾ علم، فن، ايجاد، ٺاهڻ ۽ جوڙڻ جو نئون رنگ انسانيت ڏٺو ۽ اهڙا عقل کي حيران ڪندڙ ڪارناما ظاهر ٿيندا ويا جو متعصب ۽ حسد رکندڙ تاريخدان به انهن واقعن کي مڃتا ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهن. مگر... هاڻوڪي مسلمانن جي حالت ابتر ٿي چڪي آهي زندگي جي هر شعبي ۾ انهن تي بي بسي ۽ بي وسي ڇانيل آهي علم ۽ عمل جي هر ميدان ۾ هو پوئتي ٿيندا پيا وڃن. ڪٿي اڻڄاڻائپ ۽ ناداني آهي، ڪٿي دشمن قومن جي غلامي جو طوق پائڻ ۾ فخر محسوس ٿي رهيو آهي. پنهنجي شناخت ۽ سڃاڻپ ايتري قدر گم ٿي وئي آهي جو پهرين دور جي مسلمانن جو جانشين چوائڻ ۾ پنهنجو پاڻ تي ڪل پئي اچي.

ايڏي وڏي تبديلي اچڻ کان پوءِ تاريخ جي فلسفي کي ڄاڻندڙ انسان يقيني طرح انهن سببن کي ڄاڻڻ جي تلاش ڪندو جنهن ڪري مسلمانن ۾ ايڏو وڏو ڦيرو اچي ويو. انهن سببن جي جاچڻ کان اڳ مختصر طرح انهن بنيادي ڪارڻن کي ڄاڻو وڃي جن جي ڪري مسلمانن کي ايڏي وڏي عظيم الشان ترقي حاصل ٿي ۽ جنهن جي ڪري هو دنيا جي هڪ صالح ۽ فلاح واري امت بڻيا.

ڄاڻو ماڻهو سمجهن ٿا ته انسان ۾ به قوتون هونديون آهن هڪ سوچڻ ۽ غور ڪرڻ جي قوت، جنهن کي فڪري قوت چئبو آهي. اها قوت دنيا جي شين جي حقيقت ۽ ماهيت کي تلاش ڪندي آهي. اها قوت هر عمل ۾ تحقيق ۽ ريسرچ ڪندي آهي ۽ ان ۾ خير ۽ شر کي ڏسندي آهي ۽ پوءِ فيصلو ڪندي آهي ته ڪهڙو عمل بهتر آهي ۽ ان کي ورتو وڃي ۽ ڪهڙو عمل بڇڙو آهي ان کي ڇڏيو وڃي. فڪري قوت جي ان فيصلي کان پوءِ ٻي قوت عملي آهي اها قوت اڳين فيصلي جي مطابق ڪنهن ڪم جي ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي تحريڪ شروع ڪندي آهي. انهن ٻنهي قوتن جو تعلق انسان جي نفس سان آهي. هڪ قوت مبدء ادراڪ آهي (ڄاڻ جي شروعات) ۽ ٻي قوت مبدء تحريڪ (يعني چرپر جو عمل) وري انهن ٻن قوتن جي هيٺان مختلف قوتون آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي اثر جي دائري ۽ عمل جي ميدان ۾ ڪم ڪن ٿيون. فلسفہ اخلاق جو بنياد



انهن ٻنهي قوتن جي چرپر، ترغيب ۽ تقاضائن تي قائم آهي. انهن قوتن جي بي اعتدالي سبب گهٽتائي ۽ واڌاري ۾ اچي اهي قوتون مبتلا ٿين ٿيون ۽ ذليل اخلاقن جو ظهور ٿئي ٿو ۽ جڏهن انهن قوتن ۾ اعتدال هوندو آهي ته بهتر اخلاق جو ظهور ٿئي ٿو.

اخلاقيات ۾ جنهن کي حڪمت چئبو آهي اها شيءِ انهن ٻن قوتن جي تڪميل جو نالو آهي ۽ اها حڪمت انسان جي اشرف ۽ افضل هجڻ جي بنياد بڻجي ٿي. ان ڪري زندگي انفرادي هجي يا اجتماعي، ان جي ڪاميابي ۽ ترقي جو مدار ان ڳالهه تي آهي ته شخصي يا قومي "قوت فڪري" ۽ "قوت عملي" ٻئي صحتمند هجن. گهٽ وڌائي کان پري هجن، وچٿرائي تي قائم رهي ڪنهن شيءِ جي سٺي ۽ بڇڙي هئڻ کي ڪنهن عمل جي ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ متعلق، اهو رويو اختيار ڪن جيڪو اعتدال تي مبني هجي.

جيئن هڪ فرد ۾ قوت فڪري ۽ قوت عملي هوندي آهي ٺيڪ ان طرح ڪنهن قوم جو مزاج به ايئن آهي ان ۾ به هڪ قوت فڪري هوندي آهي جنهن جي آئيني ۾ هو جهان جي شين کي ڏسندي آهي انهن جي خوبين ۽ خرابين کي پرکيندي آهي ۽ ان طرح قوت عملي به ان ۾ گڏيل هوندي آهي جنهن سبب پوري قوم گڏجي هڪ متفق فيصلي کي عمل ۾ آڻيندي آهي. ان وقت پوري قوم جا عقيدا ۽ عمل هڪ هم آهنگي ۽ هڪ جهڙائپ ۾ گڏجي ويندا آهن سيني جو مرڪز نگاهه هڪ ٿي ويندو آهي. پوءِ جڏهن ڪابه قوم ان مقصد، نصب العين هيٺ ڪنهن منزل کي مقرر ڪندي ته ان کي حاصل ڪري وٺندي ۽ دنيا جي ڪابه طاقت ان جي مقابلي ڪرڻ کان عاجز ٿي ويندي. اهوئي اهو بنيادي فلسفو آهي جيڪو پهرين دور جي مسلمانن ۾ پيدا ٿيو ۽ ان مطابق انهن حيرت انگيز ڪارناما تاريخ ۾ ثابت ڪيا.

سنڌيڪار: مولانا عبدالسلام سومرو

www.sindsalamat.com

# مسلمانن جو عروج ۽ زوال

مولانا سعيد احمد اڪبر آبادي

اسلام جي تعليم تي غور ڪيو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ سموري تعليم جو بنياد عقيدي ۽ عمل تي ٻڌل آهي. عقيدي جو تعلق فڪري قوت سان آهي ۽ عمل جو تعلق عملي قوت سان آهي. اسلام انهن ٻنهي قوتن کي مقرر ڪيل ضابطا ڏنا آهن ۽ ڪجھ ذميواريون مقرر ڪيون آهن. ان طرح هڪ مڪمل دستور عطا ڪيو آهي. جنهن جي روشني ۾ چٽي طرح ڄاڻ ملي ٿي تہ فطري قوت ڪهڙي شيءِ کي سٺي هجڻ ۽ ڪهڙي شيءِ کي بُري هجڻ جو حڪم لڳائي ٿي. ان طرح عملي قوت کي فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ سندس عمل لاءِ چڱو ڪم ڪهڙو آهي ۽ بڇڙو ڪم ڪهڙو آهي. اسلام جو بنيادي دستور قرآن مجيد، هر شيءِ جي وضاحت ۽ چٽائي لاءِ حدن ۽ اندازن کي بيان ڪرڻ لاءِ موجود آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اسلام جو نصب العين انسان جي فڪري ۽ عملي قوت کي ڪامل ۽ معياري بڻائي ان کي بهترين حڪمت سان نوازڻ آهي ۽ کيس اشرف المخلوقات جو مقام ۽ مرتبو ڏيڻ آهي. ان سبب انسان کي پنهنجو نائب ۽ دنيا ۾ جانشين متعين ڪيو ويو. پيغمبرن جي اچڻ کي سعادت ۽ آخري رسول جي تشريف آوري کي احسان عظيم قرار ڏنو ويو. (لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ) آخري پيغمبر جي آمد اهل ايمان تي الله تعاليٰ جو وڏو ٿورو آهي. اها حڪمت خدائي عطيو آهي جنهن کي "خير ڪثير" تمام وڏي ڀلائي ۽ وڏي نعمت چيو ويو آهي. (وَمَنْ يُّؤْتَ الْحِكْمَةَ فَقَدْ اُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيْرًا)
حڪمت کي وڏي نعمت چوڻ مان مراد هي آهي تہ حڪمت جو تعلق فقط علم سان نہ آهي بلڪ عمل بہ ان سان شامل آهي. جو تہ جيڪو علم، عمل کان سواءِ آهي، اهو ڀلائي تہ ڇا پر مصيبت ۽ تباهي جو سبب آهي. جيئن هڪ حديث شريف ۾ آيل آهي تہ "جيڪو علم عمل کان سواءِ آهي اهو ان لاءِ





مصيبت جو سبب بڻبو ۽ جيڪو عمل علم کان سواءِ آهي اهو گمراهي تائين پهچائيندو."

قرآن مجيد هڪ اهڙو عملي پروگرام آهي ۽ عقيدي ۽ عمل جو هڪ متوازن ۽ جامع دستور آهي جو جيڪڏهن ان روشني ۾ فڪري ۽ عملي قوتون متحرڪ ٿين تہ انسان ۾ "حڪمت" پيدا ٿيڻ لازمي آهي. جيڪو شخص انهيءَ حڪمت تي زندگي گهاريندو تہ اها زندگي نهايت ڪامياب هوندي. ان طرح جيڪا بہ قوم قرآن مجيد جي عقيدي ۽ عمل مطابق، معاشري جي صورت گري ڪندي تہ اها دنيا جي صالح ۽ ڪامياب قوم بڻجي ويندي. ان کي اهو حق هوندو تہ اها قوم دنيا جي قومن جي اڳواڻي ڪري ۽ بلند مرتبي تي قرار ڏني وڃي. اها اسان جي دعويٰ ڪنهن خوشفهمي تي ٻڌل ناهي. پر تاريخ جي تجربن ان کي درست ثابت ڪيو آهي. اسلامي عقيدن ۽ عملن جون ڪي بنيادي ڳالهيون اهڙيون آهن جن مسلمانن جي عروج ۽ زوال ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، ان جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

**توحيد:**

توحيد جو تعلق فڪري قوت سان آهي، اسلام جو بنيادي عقيدو توحيد آهي. ان عقيدي جو اثر هي آهي تہ انسان الله سبحانہ وتعاليٰ جي وجود ۽ صفتن ۾ ڪنهن بہ شيءِ کي، مخلوق جي ڪنهن بہ هستي کي شريڪ، ڀائيوار ۽ حصيدار نہ سمجهي. هو دل جي گهراين سان يقين رکي تہ نفعي ۽ نقصان جو مالڪ فقط خدا تعاليٰ آهي. اهوئي اسان جو پيدا ڪندڙ ۽ اسان ان جي مخلوق آهيون، اسان ان جا ٻانها ۽ هو اسان جو اڪيلو معبود برحق آهي. اسان جو رزق، زندگي، موت، عزت، ذلت، ڪاميابي، ناڪامي، دولت، غربت، سڀ ڪجھ ان جي حڪم سان ٿي رهيو آهي. ان ۾ ڪوبہ ٻيو مالڪ وارث ۽ مختيار ناهي. هرگز ناهي ۽ هرگز ٿي نٿو سگهي. ان ڪري انسان کي فقط ان ذات مقدس ۾ اميد ۽ ان کان ڊڄڻ گهرجي. پنهنجون سموريون ضرورتون ان کا ن گهريون وڃن ۽ محتاج فقط ان جو هجڻ گهرجي. اهو يقين رکيو وڃي تہ سمورا انسان برابر ۽ هڪ جهڙا آهن.، ڪوبہ ڪنهن جو حاڪم ۽ ڪوبہ ڪنهن جو تابع ناهي، ڪنهن کي بہ ڪنهن تي ڏاڍ ڪرڻ ۽ ان کي غلام بڻائڻ جو حق حاصل نہ آهي. ڪنهن کي بہ قانون بڻائڻ ۽ ان کي نافذ ڪرڻ ۽ ٻانهن کي پنهنجي مرضي تي هلائڻ جو اختيار نہ آهي. البتہ دنيا جي نظام ۾ ڪمن جي تقسيم ۽ درجہ بندي

www.sindsalamat.com

ضروري آهي، ڪي قاضي، ڪي جج، ڪي واپاري، ڪي منتظم، ڪي مزدور ۽ ڪي زمين سنڀاليندڙ ۽ اناج اپائيندڙ هوندا. پر معيشت ۾ سمورن جو حق برابر هوندو ۽ انسانيت جي زمري ۾ هڪ جهڙا هوندا، ڪنهن ڪي مٿاهون درجو نه هوندو فقط نيڪ عملن ۽ تقويٰ سبب عزت ۽ احترام جي بلندي هر هڪ کي ملي سگهي ٿي.

سڀ ڀلايون، هر قسم جو فلاح ۽ اطمينان انهن خوش نصيبن لاءِ آهي جيڪي پنهنجي هستي کي وجود برحق جي آڏو گم ڪري، فنا ٿي، پنهنجن سڌن ۽ خواهشن کان هٿ کڻي وڃن ٿا، انهن جي محبت، دشمني، ڪشادگي، تنگي، ماڻهن کي ڏيڻ وٺڻ، انهن سان ڳنڍجڻ ۽ ڌار ٿيڻ اهي سمورا عمل فقط خدا تعاليٰ جي رضامندي هيٺ ظاهر ٿين ٿا. ته اهڙا ماڻهو ئي بارگاه ايزدي ۾ پيارا ڀانها قرار ڏنا وڃن ٿا. انهن کان سواءِ اهي ماڻهو جيڪي سرڪش، باغي ٻڌجي، دنيا ۾ فتنو ۽ فساد ڦهلائين ٿا، انسانن لاءِ نفعي آور ٻڌجڻ جي بجاءِ نقصان ڏيندڙ ثابت ٿين ٿا، فطرت جي قانون کي ٽوڙين ٿا. اهي بدبخت ۽ محروم شخص آهن، انهن جو دنيا ۾ وجود بدقسمتي ۽ بڇرائي جي علامت آهي.

سنڌيڪار: مولانا عبدالسلام سومرو

# حديثون ۽ روايتون

پروفيسر مولانا سعيد احمد اڪبر آبادي

جيتوڻيڪ حضور ﷺ جن چٽي طرح ٻڌائي ڇڏيو هو ته جيڪو پاڻ ڄاڻي ٻجهي پاڻ ڪريم ﷺ ڏانهن ڪا ڳالهه منسوب ڪندو ته ان جو ٽڪاڻو دوزخ هوندو. پر تڏهن به وضع حديث (حديث گهڙڻ) جو فتنو صحابه ڪرام جي دور ۾ ئي پيدا ٿي ويو هو. صحيح مسلم ۾ حضرت عبدالله بن عباس کان روايت آهي، فرمائي ٿو ته، جيستائين رسول الله ﷺ جن ڏانهن نسبت ڪري غلط بياني نه ڪئي ويندي هئي، اسين نبي ﷺ جي حديثن جي روايت ڪندا هئاسين، پر جڏهن ماڻهو ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا آهن، اسان حديث جي روايت ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي. حديث گهڙڻ واري فتني جا سبب هي هئا.

(1) انسان جي فطرت آهي ته جڏهن پنهنجي ڪنهن خيال يا راءِ کي مضبوط طريقي تي ۽ طاقت سان ٻڌائڻ گهرندو آهي ته ڪن وڏن ماڻهن جي ڳالهين کي پنهنجي تائيد ۾ پيش ڪري انهن جو حوالو ڏيندو آهي. جيڪڏهن ڪو سچو قول موجود نه هوندو آهي ته پاڻ پنهنجي طرفان ڪا ڳالهه ٺاهي ڪنهن وڏي شخصيت ڏانهن ان کي منسوب ڪري ڇڏيندو آهي. ظاهر آهي ته صحابه جي دور ۾ ايمان ۽ عمل جي لحاظ سان سڀ ماڻهو هڪ جهڙا نه هئا، بلڪ هن زماني ۾ اهي ماڻهو به هئا جن لاءِ قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو.

قَالَتِ الْاَعْرَابُ اٰمَنَّا ؕ قُلْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا وَلٰكِنْ قُوْلُوْٓا اَسْلَمْنَا وَلَمَّا يَدْخُلِ الْاِيْمَانُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ ﴿۱۴﴾

"عرب جا ٻوناٽا چون ٿا ته اسان ايمان آندو اوهان (اي نبي) انهن کي چئو ته اوهان ايمان نه آندو آهي البت ها، هي چئو ته اسان تابعداري قبول ڪئي آهي ۽ ايمان ته اڃا تائين اوهان جي دلين ۾ داخل به نه ٿيو آهي." (ق : 14)



www.sindsalamat.com

بس جيڪي ماڻهو هن آيت جو مصداق هئا، اهي مسلمان ته ضرور هئا ۽ حضورﷺ سان ملاقات جي شرف جي ڪري اصحابن ۾ ليکيا به ويندا هئا ليڪن گهٽي تربيت ۽ ڍگهي صحبت وارن اصحابن جهڙو انهن ۾ نه ورع ۽ تقويٰ هو، نڪي پنهنجي قول ۽ عمل ۾ انهن وانگر مضبوط هئا. انهي ڪري (نيڪ نيتيءَ سان ئي) جڏهن انهن کي پنهنجي ڪنهن خيال يا راءِ کي مضبوط ڪرڻو هوندو هو ته (بنا ڪٽڪي) هڪ ڳالهه نبيﷺ ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيندا هئا. چاهي انهن هيءَ ڳالهه خود گهڙي هجي يا پاڻ جهڙي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کان ٻڌي هجي.

(2) منافقن جو طبقو، جنهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ وري وري آيو آهي، نبوي عهد ڪانپوءِ ختم نه ٿيو بلڪ تاريخ جي هر دور ۾ مسلمان سماج جو لازمي جزو بڻيو رهيو آهي. هي طبقو عهد صحابه ۽ تابعين ۾ هو ۽ هن مسلمانن ۾ خيالن جي انتشار ۽ سوچ ۽ فڪر ۾ خرابي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪڏهن به ڪوتاهي نه ڪئي. هن گندي مقصد جي ڪري هي ماڻهو گهڻي مقدار ۾ وضع حديث به ڪندا هئا. جيئن هن جماعت جو هڪ شخص عبدالڪريم بن ابي العوجاء الوضاع جڏهن گرفتار ڪيو ويو ۽ هن کان پڇا ڳاڇا ڪئي وئي ته هن چيو "مون حلال ۽ حرام جون چار هزار حديثون ٺاهي مسلمانن ۾ پکيڙي ڇڏيون آهن.[1] هي شخص معني بن زائده جيڪو حضرت عمر □ جي خلافت جي دور ۾ ڪوڙا فرمان ٺاهيندو ۽ انهن جي ذريعي پئسا وٺندو هو.[2] ڪوڙ ان جي عادت هئي ۽ مانويه فرقي سان تعلق رکندڙ هو[3].

(3) هن کان علاوه مسلمانن ۾ هڪ طبقو قصاص (قصا ٻڌائيندڙ) ۽ واعظين جو به هو، جيڪو محفل کي گرمائڻ لاءِ ترغيب ۽ ترهيب لاءِ غلط سلط روايتون حضورﷺ جن جي نسبت سان ٻڌائي ڇڏيندو هو. تميم ذريءَ جو تعلق هن طبقي سان هو. جڏهن هن جمع جمع تي وعظ ڪرڻ جي موڪل حضرت عمر □ کان ورتي ته عهد خلافت جي شروعات ۾ پاڻ ڪيس اجازت نه ڏنائون ۽ پڇاڙيءَ ۾ اجازت ڏئي ڇڏيائونس، هن شرط

[1] فتوح البلدان البلاذري ص 450
[2] فجر الاسلام احمد امين ص 211
[3] فجر الاسلام احمد امين ص 211



سان ته جيستائين آئون مسجد ۾ هجان، تيستائين تون وعظ ڪري سگهين ٿو. حضرت عثمان □ جي خلافت جي دور ۾ سندن موڪل سان تميم ذري □ هفتي ۾ ٻه ڀيرا وعظ ڪرڻ شروع ڪيو هو.[4]

قصاص ۽ واعظين جي اها ئي اها جماعت آهي جنهن لاءِ امام مسلم مشهور محدث ۽ حديث جي نقاد يحيٰ بن سعيد القطان جو قول ان جي فرزند محمد جي واسطي سان نقل ڪيو آهي ته، هڪ ڀيري يحيٰ بن سعيد فرمايو:

لم تر الصالحين في شيءِ الڪذب منهم في الحديث.

صالحين جيترو حديث ۾ ڪوڙ ڳالهائين ٿا ايترو اسان ڪنهن ٻئي معاملي ۾ ڪين ڪوڙ ڳالهائيندي نه ڏٺو.

هي ان زماني جي خصوصيت هئي، هن قسم جي ماڻهن جو هميشه حال اهو ئي رهيو آهي. اڄ ته اهو حال آهي جو الله جي پناهه!

هي ته سڀ ڪجهه هوئي، پر هن صورت حال ۾ واڌاري جو سبب هي ٿيو ته عهد فاروقي ۽ عهد عثمانيءَ ۾ سوين جي گهٽائي ۽ ڪشادگيءَ جي ڪري پانت پانت جون قومون عربن جي قومن ۽ قبيلن سان گڏجي سڏجي ويون. انهن جي تهذيب، روايتون، مذهب، لاڙا ۽ رجحان ۽ حياتي گذارڻ جا رستا ۽ طريقا جدا جدا هئا. جيتوڻيڪ انهن مان گهڻا مسلمان ٿي ويا هئا، ليڪن انهن جون قومي خصلتون ۽ خاصيتون يڪدم ختم نٿي ٿي سگهيون. انهيءَ ڪري قومي ۽ نسلي عجميت منهن ڪڍيو، پاڻ ۾ رنجشون ۽ دشمنيون ٿي پيون، هڪ فرقو ٻئي جو مخالف ٿي ويو، ائين هنن دشمنين جو ميدان تمام ڪشادو آهي ليڪن قبيلن جي عجميت ۾ بنو اميه ۽ بنو هاشم ۽ عقيده ۽ فڪر جي ميدان ۾ اهل سنت والجماعت ۽ شيعن جي اختلاف اهو رنگ ڏيکاريو جو اسلام جو پورو حياتيءَ جو نظام ئي ان جي ور چڙهي ويو. هن صورت حال وضع حديث جي رفتار کي تمام تيز ڪري ڇڏيو. هڪ جماعت ٻي جماعت جي مقابلي ۾ پنهنجي سنئين راهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ روايتن کي گهڙڻ ۽ ٺاهڻ ۾ ڪو ڪٽڪو نه ڪندا هئا. جيئن ابن الحديد تمام تفصيل سان ٻڌايو آهي ته شيعن امامن جي فضيلت ۾ تمام گهڻيون حديثون وضع ڪيون (ٺاهيون) آهن ۽ انهن جا مثال لکيا آهن (1). احمد امين ٻين فرقن جي وضع حديث جا مثال به لکيا آهن (2). وضع حديث جي تاريخ، ان جي وجود ۽ سببن جو تفصيلي اڀياس ڪرڻ لاءِ

[4] شرح نهج البلاغه ج2 ص 17

www.sindsalamat.com

علامہ ابن جوزي ۽ ملا علي قاري جي ڪتابن تذڪره الموضوعات جو مطالعو ڪرڻ گهرجي.

هاڻي سوچڻ گهرجي تہ حديث جنهن جي شرعي ۽ ديني حيثيت نهايت اهم آهي ۽ جنهن ۾ ڪوڙي بيان ڪرڻ جي خلاف سخت وعيد حضورﷺ کان روايت ڪيل آهي. جنهن نفس جي خواهشن جي اثر هيٺ وضع ۽ ڪوڙ ۽ فريب جو هي حال آهي، تہ تاريخي روايتن، جن جو واسطو اموين، عباسين، سنين، شيعن، ڪوفہ وارن ۽ شام وارن وغيره جي پاڻ ۾ اختلافن ۽ جهيڙن سان آهي، ان ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ، وضع ۽ دجل جو ڪيترو ۽ ڪيئن ڪجھ دخل نہ هوندو. جيتوڻيڪ حديث ۽ تاريخ ۾ ڪوڙ ۽ وضع جي وبا سان ڪنهن هڪ جماعت کي متعين طور تي محفوظ قرار نٿو ڏئي سگهجي، تنهن هوندي هن کان انڪار ممڪن ڪونهي تہ هن ۾ جيترو گهڻو حصو حضرت عثمان جي مخالفت يعني حضرت علي □ جي حامين ۽ شيعن جو آهي ايترو ڪنهن جو ڪونهي. جيئن ابن الحديث جي حوالي سان گذري چڪو آهي. هنن ماڻهن هڪ پاسي پنهنجن امامن جي فضيلتن ۽ مناقب ۾ تہ ٻئي پاسي حضرت ابوبڪر و عمر ۽ حضرت عثمان جي بي حرمتي ۽ انهن تي الزام مڙهڻ ۾ گهٽائيءَ سان حديثون ۽ تاريخي روايتون گهڙيون ۽ وضع ڪيون. جڏهن تہ هنن ماڻهن جي پروپيگنڊا جي مشين گهڻي طاقتور هئي جنهن ڪري اموي خلافت ختم ٿي ۽ بنو عباس حڪمران ٿي ويا. تنهن ڪري هنن جون ٺاهيل ۽ موضوع حديثون ۽ روايتون ايتري قدر گهڻيون پکڙيون جو اسلامي تاريخ جو حصو ٿي ويون ۽ صحيح ۽ ضعيف جو ويڇو ڏکيو ٿي ويو. هن مان هي اندازو لڳائڻ مشڪل ڪونهي تہ پهرين ۽ ٻي صديءَ جا جيڪي تاريخدان بصره يا ڪوفہ جا رهاڪو ۽ حضرت عثمان □ جي مخالف ٽولي سان متفق هئا، انهن جي ڪتابن يا رسالن ۾ حضرت عثمان ۽ سندس خلافت بابت ڪيتريون ڪجھ غلط ۽ ابتيون سبتيون روايتون نہ هونديون.

سنڌيڪار: مولانا محمد حسين شاھ سجاولي (ايڊيٽر: ماهوار الفاروق)

# دين ۽ دنيا جي ورهاست جو نظريو ۽ اسلام

مولانا سيد سليمان ندوي رحہ

جن تمام وڏين غلطين ۾ اڳوڻن مذهبن جا پيروڪار مبتلا هئا انهن مان هڪ هيءَ بہ هئي تہ دين ۽ دنيا ٻہ مختلف شيون آهن ۽ ٻنهي جو دائرو ڌار ڌار آهي. جيڪو ماڻهو دين اختيار ڪندو اهو دنيا کان جدا ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو ماڻهو دنيا ۽ اسباب دنيا تي نظر وجهندو آهي تہ ان جي هٿن مان دين نڪري ويندو آهي. اُهو خيال جيتوڻيڪ ايران، هندستان چين ۽ ٻين اوڀارين ملڪن ۾ عملي طور رائج ٿيو هو. مذهبي عبادتگاهن جي راهبن ۽ بادشاهن جي زندگيءَ جون حدون ۽ عملي دائرن ۾ اهڙو خلا قائم ٿي چڪو هو جو ٻنهي جو گڏجڻ ۽ هڪ ٻئي سان سهڪار تقريباً ناممڪن بڻجي ويو هو. تنهن هوندي بہ ان سلسلي ۾ اُهي قومون ڳڻڻ جوڳيون هيون جيڪي پاڻ کي آسماني صحيفن جي پيروڪار ۽ نبين جون مخاطب سمجهنديون هيون. هندو، ٻڌ، ڪنفوشسي ۽ زرتشتي نقط نظر جي حوالي سان مشهور غور جي قابل اهو تخيل هو جنهن ۾ انسانن جي اهڙي ورڇ ڪئي وئي هئي جو انهن مان ڪي دين جا ڪارڪن هئا ۽ ڪي دنيا جا. هندن ۾ برهمڻ دين لاءِ، راجپوت بادشاهيءَ لاءِ وئش واپار ۽ زمينداريءَ لاءِ ۽ شودر محنت ۽ مزدوريءَ لاءِ هئا. انهن جي عمرين ۾ بہ تقسيم ڪئي وئي هئي. تہ ٽيھ ورهيہ تعليم لاءِ، ٽيھ ورهيہ ڪمائڻ لاءِ ۽ ٽيھ ورهيہ عبادت لاءِ. ٻڌ ڌرم ۾ ٻوڌي ۽ ڀڪشو ڌار ڌار هئا. ڀڪشو رڳو ڌرم جي سيوا ڪندا هئا ۽ دنيادار الڳ هئا جيڪي دنيا جو ڪاروبهوار هلائيندا هئا ۽ مٿن ڀڪشن جي سمورن خرچن جو بارهيو.

يهودين ۾ لاوي دين جا ڪاهِن هئا، ڪين دنيا جِي ڪمن کان ڌار ڪيو ويو هو ۽ خانداني ورثي کان پڻ محروم هئا. ڇاڪاڻ تہ اُهي دنيا جون شيون هيون ۽



www.sindsalamat.com

باقي دنيادار ماڻهو هئا. عيسائين ان فرق ۽ ويڇي جي ديوار کي اجا وڌيڪ اُڀو ڪري ڇڏيو هو. انهن تہ خدا ۽ قيصرِ پنهنجا ٻہ حڪمران فرض ڪري ورتا هئا ۽ چيائون تہ جيڪو (مال) خدا جو آهي اُهو خدا کي ڏيو ۽ جيڪو قيصر جو آهي اهو قيصر کي ڏيو.

يهودين ۽ نصارن اُن غلط خيال پٽاندڙ هلڻ جي جئين ڪوشش ڪئي ان جي عملي شڪل ٻن متضاد طريقن سان ظاهر ٿي. يعني يهودين آخرت جو مقصد رڳو دنيا کي سمجهيو ۽ نصارن وري رڳو آخرت کي. يهودين جي حڪومت ۽ بادشاهت مال ۽ دولت ۽ وياجي ڪاروبار تي مشتمل هئي. ان جي ابتڙ نصارن دنياوي اسبابن کي مرڳو هٿ ئي نہ لاتو ۽ هر نعمت کي آسماني بادشاهت ۾ تلاش ڪندا رهيا. انهن زندگيءَ جو راهبانہ طريقو ۽ زاهدانہ طرز معيشت اختيار ڪري ڇڏيا.

پر جڏهن حضرت محمدﷺ جي ذريعي اسلام آيو تہ اُن دين ۽ دنيا جي ورهاست واري اُن قديم غلط فهميءَ کي دور ڪيو ۽ ٻڌايو تہ اُهي ٻئي شيون ٻہ، نہ پر هڪ آهن. دين دنيا آهي ۽ دنيا دين آهي. دين ۾ جڏهن نفساني خواهشون شامل ٿين تہ دنيا ٿي پوندي آهي ۽ دنيا ۾ خدائي حڪمن جي پيروي مقصد هجي تہ دين بڻجي پوندو آهي. اهڙيءَ ريت جيڪا شيءِ انهن ٻنهي جي وچ ۾ سنڌو ۽ فرق ٺاهي ٿي اُهو انسان جو نقط نظر (خيال) آهي، جيڪڏهن اهو صحيح هجي تہ هيءَ حد بہ قائم رهندي آهي ۽ ٻئي شيون هڪ ٿي پونديون آهن. اُها ئي حڪومت ۽ بادشاهت جنهن کي دنيا چيو ٿو وڃي جيڪڏهن اها خدا جي مرضيءَ لاءِ ڪئي وڃي تہ دين بڻجي پوندي آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ جن ان کي عملي شڪل ۾ هن ريت اسان کي ٻڌايو جو سندن نماز، روزو، حج، زڪوات، رات جي عبادت، قرآن جي تلاوت، تبليغ، غزوات ۽ فتحون سلطنت جا ڪم ڪار مطلب تہ پاڻ سڳورنﷺ جي سيرت جو هڪ هڪ واقعو دين بہ هيو تہ دنيا بہ. پاڻ سڳورنﷺ کان پوءِ خليفن ۽ صحابہ رضوان الله عليهم پڻ ان نڪتي کي واضح ڪيو ۽ سندن سمورن ڪارنامن جي اندر اهوئي روح نظر آيو جيڪو دين ۽ دنيا جي ميلاپ سان پيدا ٿيو هو، جيڪو قرآن پاڪ جي مرضيءَ پٽاندڙ هيو. قرآن مجيد ڪيترن ئي آيتن ۾ انساني عملن جي بدلي کي دنيا ۽ آخرت ٻنهي سان لاڳاپيل فرمايو آهي.



پر جڏهن کان اُن نقط نظر ۾ تبديلي آئي آهي. مسلمانن جي ڪمن جو رنگ مٽجي ويو آهي ۽ منجهن اسلام بدران يهودين ۽ نصرانين جو رنگ ظاهر ٿيڻ لڳو. اڄ مسلمان قومون يا تہ يهودي تخيل جو شڪار آهن يا عيسوي تخيل جو. محمدي دعوت گهٽو ڪري سندن نظرن کان اوجهل آهي. اڄ مسجد جو ممبر ۽ حڪومتي تخت ڌار ڌار آهي ۽ فوجي سپهہ سالار ۽ نماز جو امام بہ الڳ ٿولا آهن. جيتوڻيڪ اسان جو ممبر ۽ تخت هڪ هيو ۽ اسان جو سپهہ سالار ئي اسان جي نماز جو امام هوندو هو اڄ مسلمان، حڪومت ۽ بادشاهت، واپار ۽ ڪمائي ۽ تعليم ۽ هنر کي دنيا جو ڪم ۽ فقط نماز روزي ۽ تسبيح ۽ وظيفي پڙهڻ کي دين جو ڪم سمجهن ٿا. جيتوڻيڪ نيت صحيح هجي تہ هر دنياوي جدوجهد، هر سياسي هلچل ۽ فڪر هر تعليمي عمل ۽ خدمت، هر واپاري ڪم ۽ ڪاروبار، صنعتي ترقي ۽ ايجاد ۽ دريافت سراسر دين آهي ۽ نيت صحيح نہ هجي تہ سڄي رات جي نماز ۽ سڄي ڏينهن جي عبادت بيڪار آهي.
مسلمان محمد رسول الله صہ جي ان تعليم کي هڪ عرصي کان فراموش ڪري ڇڏيو آهي، انهن بہ دين ۽ دنيا جون حدون مقرر ڪري ڇڏيون آهن.
سنڌيڪار: ثناءُ الله سومرو

# اجتماعي عدل

**مولانا محمد طاسين رحہ**

اجتماعي عدل، دراصل ان اجتماعي حالت جو نالو آهي جيڪا ان وقت ظاهر ٿيندي آهي، جڏهن سماج جي هر فرد جا هر قسم جا حق صحيح طور محفوظ تي ويندا آهن ۽ ڪنهن کي ڪنهن کان ظلم ۽ زيادتيءَ جي شڪايت نہ رهندي آهي يا هيئن چئون تہ، جڏهن ڪنهن سماج جا سڀئي فرد هڪ ٻئي جا حق صحيح ۽ پورا ادا ڪندا آهن تہ ان جي نتيجي ۾ جيڪا صورتحال رونما ٿيندي آهي، ان جو نالو "اجتماعي عدل" يا سوشل جسٽس آهي.

اجتماعي عدل جي خاصيت هيءَ آهي تہ اهو جنهن سماج ۾ قائم ٿيندو آهي، ان جي اندر هر فرد کي جتادار امن ۽ اطمينان جي زندگي نصيب ٿيندي آهي، جنهن جي هر انسان جي دل ۾ پيدائشي ۽ غير اختياري طور تي طلب ۽ خواهش هوندي آهي. ان ريت ان سماج ۾ هر فرد جي انهن صلاحيتن کي اپرڻ ۽ ڪارائتو بڻجڻ جو موقعو ملندو آهي، جيڪي ڪائنات کي مسخر ڪرڻ ۽ ان مان فائدو وٺڻ جي مقصد سان هر انسان جي اندر رکيون ويون آهن.

اجتماعي عدل جي ان خاصيت کي نظر ۾ رکندي سدائين ان جي ضرورت ۽ اهميت محسوس ڪئي وئي ۽ هر دين ۽ مذهب ۽ هر آئين ۽ قانون ان ڏانهن ڌيان ڏنو آهي. حڪومت جو ادارو اجتماعي عدل کي قائم ڪرڻ خاطر وجود ۾ آيو ۽ هر سماج پنهنجي پنهنجي ڍنگ سان اجتماعي عدل قائم ڪرڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ۽ اڄ پڻ هر معاشري ۽ هر ملڪ ۾ ان جي ضرورت ۽ اهميت محسوس ڪئي پئي وڃي ۽ ان لاءِ ڪوشش جو سلسلو جاري آهي.

جيستائين قرآن حڪيم جو تعلق آهي، اهو اجتماعي عدل کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو ۽ سماج ۾ ان جي قيام کي انتهائي ضروري قرار ڏئي ٿو، بلڪ هيئن چوڻ گهرجي تہ اجتماعي عدل اهو مرڪزي مقصد آهي، جنهن کي





قرآن حڪيم پنهنجي سموري تعليم ۾ اهم مقصد طور تي آڏو رکيو آهي ۽ ان جو ثبوت قرآن حڪيم جي هن آيت مان ملي ٿو جيڪا سورت الحديد ۾ هن ريت بيان ٿيل آهي:

"لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَاَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتٰبَ وَالْمِيْزَانَ لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ ۚ"
(الحديد:25)

"بيشڪ اسان پنهنجي رسولن کي پڌرن دليلن سان موڪليو ۽ اسان انهن سان ڪتاب ۽ تارازي (حڪمت ۽ دانائي) نازل ڪئي، تہ ماڻهو عدل ۽ انصاف تي سڌا رهن."

قرآن حڪيم جي هن آيت مان ظاهر ٿئي ٿو تہ، اللّٰه تعاليٰ انساني رشد ۽ هدايت لاءِ جيترا رسول موڪليا ۽ جيترا ڪتاب نازل ڪيا، انهن جو مقصد ليقوم الناس بالقسط هيو. يعني هيءُ تہ انساني سماج ۾ قسط (انصاف) ۽ اجتماعي عدل قائم ٿئي ۽ هڪ اهڙو عادلاڻو معاشرو وجود ۾ اچي جنهن ۾ هر هڪ ماڻهوءَ جا هر قسم جا حق پوريءَ طرح محفوظ هجن.

ٻين لفظن ۾ هن آيت جو مطلب هيءُ آهي تہ اللّٰه تعاليٰ رسالت جي وحي جو جيڪو سلسلو قائم فرمايو، ان مان هڪ وڏو مقصد هيءُ هيو تہ انسانيت کي انهن عقيدن ۽ فڪرن ۽ انهن اصولن ۽ تصورن ۽ عملي طور طريقن کان آگاهہ ڪيو وڃي، جن کي اختيار ڪرڻ سان هر انسان جا هر قسم جا حق صحيح طور تي محفوظ تي ويندا آهن ۽ اجتماعي عدل ۽ انصاف وجود ۾ ايندو آهي. ۽ جيئن تہ قرآن حڪيم ۽ رسالت محمديہ وحيءَجي سلسلي جي آخري ڪڙي ۽ انتهائي طور تي ان جي مڪمل شڪل آهي، تنهن ڪري ان جو صاف مطلب اهو ٿيو تہ قرآن ۽ اسلامي تعليمات جو پڻ هڪ مٿانهون ۽ مرڪزي مقصد هيءُ آهي تہ، انساني سماج ۾ قسط (انصاف) ۽ اجتماعي عدل قائم ٿئي.

قرآن حڪيم جي نظر ۾ اجتماعي عدل جي جيڪا اهميت آهي، ان جو اندازو ان مان پڻ پليءَ پت تي سگهي ٿو تہ قرآن مجيد جي مختلف آيتن ۾ مختلف صيغن سان ٻاويهہ جاين تي لفظ عدل ۽ ٽيويهن جاين تي قسط (انصاف) ۽ اقساط جو ذڪر آهي ۽ ان ۾ ترغيب ۽ تاڪيد آهي تہ زندگيءَ جي هر معاملي ۽ هر حال ۾ عدل ۽ انصاف کي اختيار ڪرڻ ۽ ان تي هلڻ گهرجي. عدل ۽ قسط جو ضد ظلم آهي. قرآن حڪيم ۾ اهڙين آيتن جو ڳاڻاٽو ٻن سون کان وڌيڪ آهي، جن ۾ ظلم جي مذمت ۽ منع ڪيل آهي.

www.sindsalamat.com

قرآن حڪيم ۾ اجتماعي عدل سان لاڳاپيل جيڪو هدايت جو نظام آهي، ان جي تعارف جي سلسلي ۾ هيءَ عرض ڪرڻ ضروري آهي تہ ڪنهن سماج ۾ اجتماعي عدل تڏهن ئي عملي طور تي قائم ٿي سگهي ٿو، جڏهن بہ شيون موجود هجن: هڪ تعليم ۽ تربيت جو اهڙو نظام جنهن مان فردن جا ذهن اجتماعي عدل لاءِ تيار ٿيندا آهن. يعني فردن جي اندر اجتماعي عدل جي ضرورت ۽ اهميت جو احساس ۽ ان جي افاديت جو شعور اڀري ۽ پوءِ لڳاتار زندهہ ۽ سجاڳ رهندو هجي، ڇاڪاڻ تہ ان کانسواءِ اجتماعي عدل قائم ٿي ئي نٿو سگهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن طريقي سان قائم ٿي بہ وڃي تہ گهڻي دير تائين باقي ۽ برقرار نٿو رهي سگهي ۽ ٻي شيءِ حقن ۽ قانونن جو اهڙو ضابطو آهي، جيڪو انساني وحدت ۽ مساوات تي مشتمل ۽ انسان جي فطري گهرجن سان مڪمل هڪ جهڙائپ رکندو هجي، جنهن تي عمل ڪرڻ جي نتيجي ۾ سماج جي سمورن فردن جا هر قسم جا حق مڪمل طور تي محفوظ ٿي ويندا آهن.

غور سان ڏسجي تہ قرآني هدايت جي نظام ۾ هي شيون سهڻي نموني ۽ مڪمل طور تي موجود آهن، يعني قرآن ۾ ايماني عقيدن ۽ اسلامي عبادتن تي ٻڌل تعليم ۽ تربيت جو هڪ اهڙو نظام ملي ٿو، جنهن مان ذهنن ۾ عدل ۽ انصاف جو اهڙو عالمگير احساس ۽ جذبو اڀرندو آهي، جيڪو هڪ انسان کي بغير ڪنهن تخصيص ۽ فرق جي سمورن ٻين انسانن جا حق صحيح طور تي ادا ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت تي آماده ڪندو آهي ۽ عدل جو اهو احساس ۽ جذبو خاص طور تي الله رب العالمين، رحمان ۽ رحيم ۽ مالڪ يوم الدين جي اعتقاد ۽ يقين مان پيدا ٿيندو ۽ اسلامي عبادتن جي ذريعي سدائين زنده ۽ سجاڳ رهندو آهي.

ان سان گڏ قرآني هدايت واري نظام ۾ حقن ۽ قانونن جو هڪ مڪمل ضابطو پڻ موجود آهي، جيڪو انساني برابري ۽ مساوات تي ٻڌل ۽ انساني فطرت سان مڪمل مطابقت رکي ٿو ۽ جنهن تي عمل ڪرڻ جي نتيجي ۾ سڀني فردن جا هر قسم جا حق صحيح طور تي محفوظ ٿي وڃن ٿا. اهي حق پڻ جيڪي هر انسان کي انسان جي حيثيت ۾ پيدائشي طور تي حاصل هوندا آهن، جن کي بنيادي ۽ فطري حق چيو ويندو آهي ۽ جيڪي اجتماعي عدل لاءِ بنياد ۽ پيڙهہ جي حيثيت رکندا آهن ۽ اهي حق پڻ جيڪي فردن جي نسبت سان فردن کي حاصل هوندا آهن، جن کي نسبتي ۽ اضافي حق چيو ويندو آهي. جيئن پيءُ ماءُ ۽ اولاد جا حق، مڙس ۽ زال جا حق، مائٽن ۽ پاڙيسرين جا حق، استاد ۽



شاگرد جا حق، ڪم وٺندڙ ۽ ڪم ڪندڙ يعني مزدور جا حق، حاڪم ۽ رعيت جا حق.

جيتوڻيڪ اجتماعي عدل قائم ڪرڻ لاءِ ان قسم جي حقن جو تحفظ ضروري ۽ اهم آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن سماج ۾ فردن جا بنيادي حق محفوظ نہ هجن تہ رڳو ان ٻئي قسم جي حقن جي حفاظت سان اجتماعي عدل قائم نٿو ٿي سگهي. ڇاڪاڻ تہ بنيادي انساني حقن جو مقصد ۽ فلسفو هيءُ آهي تہ هر فرد کي پنهنجي طبعي ڄمار تائين امن ۽ اطمينان سان زندهہ رهڻ ۽ پنهنجن صلاحيتن کي ڪم آڻڻ جو موقعو ملڻ گهرجي، تنهن ڪري بنيادي حقن جي تحفظ سان وڏي حد تائين امن ۽ اطمينان جي فضا پيدا ٿي ويندي آهي.

اسلام اجتماعي عدل جي سلسلي ۾ بنيادي انساني حقن جي حفاظت تي تمام گهڻو زور ڏئي ٿو، پر افسوس آهي تہ اڄ ڪنهن بہ مسلمان ملڪ ۽ سماج ۾ نہ رڳو هيءُ تہ، عملي طور تي بنيادي انساني حقن کي مڪمل طور تي تحفظ حاصل ڪونهي، بلڪ نظري ۽ علمي طور تي پڻ بنيادي انساني حقن جو اهو تصور واضح نٿو ٿئي، جيڪو قرآن ۽ حديث ۾ پيش ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري ان ڳالهہ جي تمام گهڻي ضرورت آهي تہ مسلمان معاشرا ان پاسي ڌيان ڏين ۽ اجتماعي عدل جي سماجي ۽ معاشرتي پهلوءَ کي خاص طور تي سمجهن ۽ پوءِ ان کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪن، ڇاڪاڻ تہ ان کانسواءِ ڪنهن بہ سماج جو صحيح معنيٰ ۾ سڌارو نٿو ٿي سگهي ۽ نہ اهي گوناگون سماجي، معاشي، سياسي ۽ اخلاقي برايون ۽ بدعنوانيون ختم ٿي سگهن ٿيون، جن جي خاتمي جي اسان سڀ خواهش رکون ٿا.

(سنڌيڪار: ثناءُ الله سومرو)

# اسلامي اقتصادي تعليم جا ٻارهن سنهري اصول

مولانا محمد طاسين رح

(1) سوسائٽي جي صلاحيت رکندڙ ۽ لياقت رکندڙ فردن تي لازم آهي ته اهي معاشي سرگرمين ۾ حصو وٺن ۽ محنت، مشقت سان معاش (کاڌو خوراڪ ۽ ٻيون شيون) حاصل ڪري پنهنجي ۽ پوري سوسائٽي جي خدمت انجام ڏين.

(2) سوسائٽي جي فردن لاءِ جيڪي معاشي جدوجهد ۽ سرگرمين ۾ حصو وٺڻ چاهن ٿا يا وٺي سگهن ٿا انهن لاءِ مناسب ماحول جو هجڻ لازمي آهي ۽ ان سان گڏ اهو به ضروري آهي ته معاشي موقعا سيني لاءِ برابر هجن.

(3) اجرت ۽ معاوضي جو تعين محنت ۽ مشقت جي اعتبار سان ٿيڻ کپي، جنهن ۾ محنت جو مقدار ڪيفيت ۽ مفيد نتيجن جي لحاظ کان معاوضو مقرر ڪيو وڃي ۽ ان سان گڏ اهو به ضروري آهي ته گهٽ ۾ گهٽ اجرت ايتري هجي جنهن سان زندگي جي بنيادي ضرورتن جي ڪفالت ڪري سگهجي.

(4) جڏهن ڪو انسان ڪنهن قدرتي مادي ۾ محنت ۽ مشقت ڪري ان ۾ هڪ نئي افاديت پيدا ڪري ٿو، يعني ان کي هڪ حالت مان ڪڍي ٻي حالت ۾ تبديل ڪري ٿو ته اها شئي ان شخص لاءِ فائدو وٺڻ ۽ فائدو حاصل ڪرڻ جي لحاظ کان مخصوص ٿي وڃي ٿي. يعني ٻين جي مقابلي ۾ ان کي فائدي وٺڻ جو حق وڌيڪ حاصل هوندو، جنهن جو ٻيو نالو شخصي ۽ انفرادي ملڪيت آهي.

www.sindsalamat.com





(5) ملڪيت يا ته قدرتي مادي ۾ ڪوشش، محنت ۽ مشقت ڪري ان جي هيئت تبديل ڪري ان ۾ هڪ نئين افاديت (فائدو) پيدا ڪرڻ سان ثابت ٿيندي، يا ته ڪنهن ٻئي جي ملڪيت ۾ هجڻ واري شئي ان جي حقيقي رضامندي سان گڏ بدلو (مادي يا روحاني) ڏئي ڪري حاصل ڪري سگهجي ٿي.

(6) ڏيڻ وٺڻ جا اهڙا معاملا جيڪا استحصال ۽ استبداد (جبر ۽ ڏاڍ) کي قائم ڪن اهي حرام آهن. اهڙي طرح غرر ۽ ضرر (دوکي ۽ نقصان) جو باعث بڻجندڙ شيون ناجائز هونديون ۽ اهڙا ڪمائڻ جا ذريعا جن ۾ محنت ۽ مشقت کان سواءِ فائدو ورتو وڃي انهن کي روڪيو ويندو.

(7) مال جائز طريقن سان حاصل ڪرڻ سان گڏ اهو صحيح جڳهه ۽ ٺيڪ مقدار ۾ صرف ڪيو وڃي. ان ۾ نه حد کان وڌيڪ خرچ هجي ۽ نه ڪنجوسي بلڪ وچٿرائي هجي.

(8) دولت جي اظهار ۽ معيار زندگي ۾ سوسائٽي جي عمومي حالت جو خيال ڪيو ويندو. (جنهن کي شاهه ولي الله رفاهيت متوسط سان تعبير ڪيو آهي.) يعني نه پرتڪلف ۽ عياشانه طرز زندگي اختيار ڪئي وڃي جيڪا سماج ۾ چند ماڻهو ئي ڪري سگهندا آهن ۽ نه ئي وري غيرمهذب، جهنگلي ۽ بربريت واري زندگي جيڪا فطري قانون جي خلاف هجڻ سان گڏ معاشري لاءِ تباهه ڪن به آهي.

(9) جيڪي افراد طبعي ڪمزوري جي ڪري يا موقعن جي نه ملڻ سبب معاشي جدوجهد کان محروم آهن ته انهن جي معاشي ڪفالت سوسائٽي جي ٻين فردن تي لازم هوندي ان لاءِ مناسب موقعا مهيا ڪيا ويندا. ۽ اجتماعي ضرورت هيٺ مالدارن تي زڪوات، فطره کان عليحده به ٽيڪس لڳايا ويندا ته جيئن توازن قائم رکي سگهجي.

(10) جيڪي فلاحي ۽ اجتماعي اسڪيمون آهن، مثلاً زڪوات، صدقه ۽ فطرو وغيره انهن کي منظم ڪيو ويندو.

(11) جيڪي انفرادي ۽ شخصي نوعيت جا احڪام آهن، مثلاً وراثت، وصيت وغيره انهن جي خرچ لاءِ صحيح ادارا قائم ڪيا ويندا.

(12) حقن جي حفاظت لاءِ انصاف تي ٻڌل ادارا جوڙيا ويندا جن ۾ انسانن جا هڪ ٻئي تي جيڪي مالي حق ٿين ٿا (جيئڻ والدين جو نفعو اولاد

تي، يا نندي اولاد جو پيءُ تي يا زال جو مڙس تي وغيره) انهن کي حقيقي مستحقن تائين پهچايو ويندو.

## مختصر تفصيل ۽ جائزو

مٿين ذڪر ڪيل اسلامي اقتصادي تعليمات جي باري ۾ ٻارهن اصولن جو ڪجھ تفصيل هن طرح بيان ڪري سگهجي ٿو ته:

پهرئين ۽ ٻي تعليم تي عمل ڪرڻ سان هي لازمي طور تي نتيجو نڪرندو ته سوسائٽي جا سڀ ماڻهو (جيڪي صلاحيت ۽ استعداد رکن ٿا) پنهنجو ديني ۽ اخلاقي ۽ قومي فريضو سمجهي ڪري معاشي سرگرمين ۾ حصو وٺندا، جنهن سان ملڪي ۽ قومي دولت ۾ بي پناهہ اضافي سان گڏ سوسائٽي ۾ معاشي خوشحالي جنم وٺندي ۽ معاشرو ڪيترين ئي اخلاقي براين ۽ بڇڙين عادتن کان محفوظ رهندو جيڪي بيڪار، مفت خوري ۽ آرام پسندي سان پيدا ٿينديون آهن.

ٽين تعليم تي عمل ڪرڻ سان معاشري ۾ سڀني فردن جون معاشي ضرورتون ۽ بنيادي حاجتون آساني سان پوريون ٿي وينديون.

چوٿين ۽ پنجين تعليم (جيڪا ابتداء ملڪيت ۽ انتقال ملڪيت جي باري ۾ آهي) تي عمل ڪرڻ سان معاشري جي فردن جي معاشي حقن جو تحفظ ڪري سگهجي ٿو ۽ ان سان گڏ معاشرو جهيڙن، جهڳڙن کان محفوظ رهندي عدل ۽ انصاف سان قائم رهندو. ڇهين تعليم تي عمل ڪرڻ جي نتيجي ۾ معاشري ۾ حلال رزق جي ڪمائڻ جا ذريعا پکڙبا، جنهن سان هر هڪ جي حق جو تحفظ ٿيندو. معاشري ۾ استحصال ۽ استبداد جي باهہ نہ ڀڙڪي سگهندي، (جنهن جي ڪري بقول شاهہ ولي الله اجتماعي اخلاقيات خراب ٿي وڃي ٿي.) ڇهين نمبر تعليم تي جيڪڏهن صحيح طريقي سان عمل ڪيو وڃي ته ان سان سرمايي ۽ محنت ۾ بهترين توازن پيدا ڪري معاشري کي ترقي ڏانهن وٺي سگهجي ٿو. هن سان انهن سڀني طريقن جي، جيڪي دولت کي چند هٿن جو قيدي بڻائي ان کي سماج ۾ ڦهلجڻ نٿا ڏين، پاڙ پٽجي وڃي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪي پيداوار جي وسيلن ۽ دولت تي ڪنهن مخصوص گروهہ جي اجاره داري بہ قائم نہ ٿي سگهندي.

ستين تعليم تي عمل ڪرڻ سان مال اجايو خرچ نہ ٿيندو، بلڪ ان کي محفوظ ڪيو ويندو، جنهن سان انساني فلاح ۽ بهبود جا رستا کوليا ويندا.



اٺين تعليم تي عمل ڪرڻ سان هڪ بهترين اخلاقي معاشرو وجود ۾ ايندو. پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڊوڙ ختم ٿي ويندي جيڪا حقيقت ۾ ناجائز ۽ حرام ذريعن سان مال حاصل ڪرڻ جي جڙ آهي. معيار زندگي ۾ يڪسانيت سان ذهني بيچيني پيدا نہ ٿي سگهندي (ڇو ته بخل ۽ حرص جا جراثيم ختم ٿي وڃن ٿا.)

نائين تعليم جو هي اثر ٿيندو ته معاشري جي سڀني فردن جون بنيادي ضرورتون آساني سان پوريون ٿي وينديون ۽ گڏ ڏهين ۽ يارهين تعليم کي منظم ڪرڻ سان اها ذميواري (يعني ڪمزرون، معذورن ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ) بهترين طريقي سان سرانجام ڏئي سگهجي ٿي. ان سان هڪ بهترين سماج تشڪيل ٿيندو. ، بقول شاهہ ولي الله جي ته معاشري جي ڀلائي ۽ ترقي ان ۾ آهي ته ان ۾ ڪوبہ انسان بنيادي ضرورتن کان محروم نہ هجي.) ۽ ٻاهرين تعليم تي عمل ڪرڻ سان دولت گڏ نہ ٿي سگهندي، بلڪ فردن ۾ تقسيم ٿيڻ سان گهٽ انسانن کي ان مان فائدو وٺڻ جو موقعو ملندو.

مٿي ذڪر ڪيل اسلامي اقتصادي تعليم جي ٻارهن نقطن جي باري ۾ هيءَ ڳالله بغير ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي چئي سگهجي ٿي ته، جيڪڏهن انهن کي پنهنجي لوازمات سان گڏ صحيح طريقي سان انهن تي عمل ڪيو وڃي ته يقيني طورتي هڪ بهترين معتدل ۽ متوازن معاشي ڍانچو وجود ۾ ايندو، جنهن ۾ هر هڪ انسان جون بنيادي ضرورتون آساني سان پوريون ٿيڻ سان گڏ شخصيت جي تعمير، ۽ بقا ۽ واڌارو بہ بهترين انداز سان پروان چڙهندو. جنهن جي نتيجي ۾ معاشري جو گلدستو بهترين گلن سان مهڪجي پوندو. ۽ ان سان انسان جي جان، مال، عزت ۽ نسل جو تحفظ ٿي پوندو جيڪو هر انسان جو طبعي جذبو ۽ فطري خواهش هوندي آهي. غور طلب ڳالهہ اها آهي ته معاشي مصيبتن ۾ جڪڙيل هجڻ جي بدران جڏهن انسان جون معاشي حالتون صحيح رهن ٿيون ته پوءِ اهو انسان الله جي معرفت ۽ ان جي شعور ڏانهن وکون وڌائي ترقي ڪندو وڃي پنهنجي منزل مقصود تائين پهچندو.

سنڌيڪار: مولانا عبداللطيف نانگراج

# ڪڙمت ـ قرآن جي روشنيءَ ۾

مولانا محمد طاسين

جيئن تہ اسلامي شريعت ۽ فقہ جو سرچشمو ۽ حقيقي ماخذ قرآن مجيد آهي، تنهن ڪري ڏسڻو هي آهي تہ ڪڙمت جي معاملي ۾ انهيءَ جي اندر ڪهڙي هدايت ۽ رهنمائي موجود آهي.

هتي هڪ ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ معاملي جي حرمت يا حلت بابت قرآن مجيد جو اسلوب ۽ طريقو هي آهي تہ جڏهن اِهو هڪ ئي قسم جي ڪيترن ئي مسئلن بابت ڪو هڪڙو بنيادي حڪم ڏيڻ گهرندو آهي تہ هو انهن سڀني مسئلن منجهان ڪنهن هڪ اهڙي مسئلي جي باري ۾ حڪم پيش ڪندو آهي جيڪو عام طور تي مشهور ۽ ڄاتل سڃاتل هوندو آهي. انهيءَ ۾ ڄڻ تہ هو اهو فرمائيندو ۽ هدايت ڏيندو آهي تہ منهنجي اڳيان انهيءَ خاص مسئلي بابت، جنهن جي شڪل ۽ حقيقت ڪي توهان چڱي طرح ڄاڻو ٿا، جيڪو حڪم موجود آهي، اهو ئي حڪم هر انهيءَ مسئلي تي بہ لاڳو ٿيندو جنهن جي شڪل ۽ صورت ۽ حقيقت، پنهنجي روح ۽ پنهنجي اثر ۽ نتيجي جي لحاظ کان، انهي خاص مسئلي سان ملندڙ جلندڙ ۽ هڪجهڙائي رکندڙ آهي. اهڙيءَ طرح هڪ بنيادي مسئلي جي پٺيان هڪ مستقل قانون ٻڌايل هوندو آهي. استدلال جي انهيءَ طريقي جو منطق جي اندر نالو "تمثيل" ۽ اصول فقه ۾ "قياس" آهي.

معاشي معاملن جي جواز ۽ عدم جواز جي باري ۾ قرآن حڪيم جو جيڪو بنيادي قانون ۽ عام حڪم آهي سو بہ انهيءَ ئي اسلوب تحت بيان ڪيو ويو آهي، يعني ٻن بنيادي معاملن جي باري ۾ ٻہ مختلف حڪم بيان ڪيا ويا آهن. سورة البقره ۾ فرمان باري تعاليٰ آهي:

وَاَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا (البقرة: ٢٧٥)



www.sindsalamat.com



"۽ الله واپار کي حلال ڪيو آهي ۽ وياج کي حرام ڪيو آهي."

قرآن حڪيم جي هن آيت مان ظاهري طور تي ٻن بنيادي ۽ مخصوص معاشي معاملن بابت ٻہ مختلف حڪم آهن. واپار جي باري ۾ هيءُ حڪم ٻڌايو تہ هي حلال ۽ جائز آهي ۽ وياج جي باري ۾ ٻڌايو تہ هي حرام ۽ ناجائز آهي. پر هي ٻئي حڪم رڳو انهن ٻنهي مسئلن سان خاص طرح لاڳو نہ آهن، پر انهيءَ جهڙن ٻين سڀني معاملن سان بہ لاڳو آهن. ڄڻ تہ هنن ٻنهي آيتن ۾ اهو فرمايو ويو آهي تہ اهڙو هر معاشي معاملو جيڪو پنهنجي شڪل صورت، حقيقت، بناوت، روح، اثر ۽ نتيجي جي لحاظ کان واپار سان هڪجهڙائي رکي ٿو تہ اهو حلال ۽ جائز آهي ۽ هر اهو معاملو جيڪو پنهنجي شڪل صورت، حقيقت، بناوت، روح، اثر ۽ نتيجي جي لحاظ کان وياج سان هڪجهڙائي رکندڙ ۽ ملندڙ جلندڙ هوندو تہ اهو حرام ۽ ناجائز آهي. اهڙيءَ طرح هن آيت ۾ ڄڻ تہ ٻہ قاعدا ۽ اصول بيان ڪيا ويا آهن جن جي روشني ۾ اڻ ڳڻين معاشي معاملن جي باري ۾ قرآني حڪم معلوم ڪري سگهجي ٿو. يعني انهيءَ منجهان هي بہ معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ ڪهڙا معاملا مشتبه ۽ مڪروهہ آهن. پهرين قسم جي معاملن ۾ اهي سڀ معاملا اچي وڃن ٿا جيڪي واپار سان هڪجهڙائي رکن ٿا. ٻئي قسم جي معاملن ۾ اهي سيئي معاملا اچي وڃن ٿا جيڪي وياج سان مڪمل طور هڪجهڙائي رکن ٿا ۽ ٽئين قسم جي معاملن ۾ اهي سيئي معاملا اچي وڃن ٿا جيڪي ڪن ڳالهين ۾ واپار سان تہ ڪن ڳالهين ۾ وري وياج سان مشابهت يا هڪجهڙائي رکن ٿا.

هاڻي اسان پنهنجي اصل موضوع يعني "ڪڙمت" يا "هارپي" ڏانهن اچون ٿا. قرآن مجيد ۾ انهيءَ باري ۾ نہ تہ ان جو وضاحت سان ذڪر ٿيل آهي ۽ نہ وري خاص طرح سان اهو ٻڌايو ويو آهي تہ اهو عمل حلال ۽ جائز آهي يا حرام ۽ ناجائز. باقي قرآن مجيد جي مٿي ذڪر ڪيل بنيادي اصول جي روشني ۾ انهيءَ معاملي جي باري ۾ قرآن جو بنيادي حڪم ضرور معلوم ڪري سگهجي ٿو. هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ جيڪڏهن هي معاملو واپار سان مشابهت يا هڪجهڙائي رکي ٿو تہ قرآني تعليمات موجب حلال ۽ جائز آهي ۽ جيڪڏهن وياج سان هڪجهڙائي رکي ٿو تہ پوءِ پڪ سان حرام ۽ باطل آهي.

انهيءَ اصول کي سامهون رکندي جڏهن اسان غور سان ڏسون ٿا ۽ ان معاملي جو گهرائيءَ سان تجزيو ڪريون ٿا تہ هيءَ ڳالهہ سامهون اچي ٿي تہ هي واپار سان نہ پر وياج سان هڪجهڙائي رکندي نظر اچي ٿو. اهو هئين تہ، جهڙيءَ

طرح وياج جي معاملي ۾ وياج خور جي مُوڙي محفوظ رهي ٿي ۽ معاملو ختم ٿيڻ تي کيس ڪنهن به گهٽتائي ڪانسواءِ واپس ملي وڃي ٿي، اهڙيءَ ئي طرح ڪڙمت جي معاملي ۾ به مالڪ جي لاءِ زمين جيئن جو تيئن محفوظ رهي ٿي ۽ معاملو ختم ٿيڻ کان پوءِ بغير ڪنهن گهٽتائي جي کيس واپس ملي وڃي ٿي. فصل لهڻ کان پوءِ ائين ڪونه ٿيندو آهي ته زمين جي قيمت ۾ گهٽتائي اچي ويندي هجي. يعني ائين نه ٿيندو آهي ته فصل پوکڻ کان پهريان ته ان جي قيمت هڪ لک روپيه في ايڪڙ هجي ۽ فصل لهڻ کان پوءِ ان جي قيمت گهٽجي نوي هزار ٿي وڃي. اجا به ان جي برخلاف ڪڏهن ڪڏهن ائين ضرور ٿيندو آهي ته جڏهن هڪ غير آباد يا ڪلراٺي زمين ڪي هاري وڏي محنت سان ناهيندو آهي ۽ پاڻ ۽ پاڻي وغيره صيحيح طرح سان ڏيندو آهي ته اهڙيءَ طرح پوکيءَ کان پوءِ ان زمين جي قيمت وڌي ويندي آهي. ان ڪانسواءِ جهڙي طرح وياج ۾ واڌو مال (وياج) جي بدلي ۾ وياج خور جي طرفان ڪابه پيداواري محنت ڪانه ٿي ڪئي وڃي جنهن جي ڪري هو واڌو مال جو حقدار ٿي سگهي؛ اهڙيءَ ئي طرح ڪڙمت جي معاملي ۾ به زمين جو مالڪ ڪڙميءَ کان جيڪو فصل جي پيداوار مان حصو وٺي ٿو انهيءَ جي بدلي ۾ مالڪ جي طرفان ڪا به محنت نه ڪئي ويندي آهي جيڪا کيس پيداوار ۾ حصيداري جو حقدار بڻائي سگهي. تنهن ڪري جهڙيءَ طرح وياج خور ٻئي جو مال ناحق سان وٺندو آهي انهيءَ ئي طرح ڪڙمت جي معاملي ۾ به زمين جو مالڪ ڪڙميءَ جو مال ناحق سان وٺندو آهي ۽ پوءِ جهڙيءَ طرح وياج ۾ هڪ ڌر رضا خوشيءَ سان نه پر مجبوريءَ سان انهيءَ معاملي ۾ شريڪ ٿيندي آهي جو ان وٽ ضرورت موجب مال موجود نه هوندو آهي، اهڙيءَ ئي طرح ڪڙمت جي معاملي ۾ به هڪ ڌر يعني ڪڙمي رضا خوشيءَ سان نه پر انهيءَ مجبوريءَ جي ڪري ڀائيوار ٿيندو آهي جو وٽس ضروت جي آڌار پنهنجي زمين نه هوندي آهي. انهيءَ جي ثابتي هيءَ آهي ته جنهن به ماڻهو وٽ ضرورتن جي پورائي لاءِ پنهنجي زمين موجود هوندي ته هو ڪڏهن به ڪڙمت تي ٻئي جي زمين نه ڪاهيندو.

بهرحال غور سان ويچار ڪري ڏٺو وڃي ته ڪڙمت جو معاملو پنهنجي حقيقت، بناوت، اڳ پوءِ، نتيجي ۽ اثرن جي لحاظ کان وياج سان هڪجهڙائي رکندي نظر اچي ٿو. تنهن ڪري قرآن پاڪ جي روشني ۾ جيڪو حڪم وياج جو آهي سو ئي انهيءَ معاملي سان به لاڳو ٿيندو.

انهيءَ معاملي سان تعلق رکندڙ هيءَ حديث نبوي ﷺ جنهن کي امام



حاڪم پنهنجي حديث جي ڪتاب المستدرڪ ۾ بيان ڪيو آهي، پڻ انهيءَ ڳالهه جو ثبوت آهي ته ڪڙمت وياج وانگر آهي. اها حديث هن طرح آهي:

عن ابی الزبیر عن جابر رضی الله عنه بن عبدالله قال لما نزلت اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَايَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِىْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ الايه قال رسول الله ﷺ من لم يذر الخابرة فليوذن بحرب من الله و رسوله هذا حديث صحيح على شرط المسلم ص٢٨٦ج٢۔

”ابو الزبير حضرت جابر  کان روايت ڪندي چيو ته جڏهن وياج جي حرمت بابت قرآن مجيد جي هيءَ آيت نازل ٿي: اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِىْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ الخ ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: جيڪو مخابرت کي نه ڇڏي انهيءَ لاءِ الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي طرف کان اعلان جنگ آهي. يا هي ته هو الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان جنگ جوٽي ٿو.“

هتي اهو ذهن ۾ هجي ته هن حديث ۾ جنهن مخابره جو ذڪر آهي سا اصل ۾ ڪڙمت ئي آهي. جو ته حضرت زيد کان جڏهن پڇيو ويو ته مخابره ڇا آهي؟ ته پاڻ جواب ڏنائون ته: ”تنهنجو زمين کي پوکيءَ لاءِ ڏيڻ تي پيداوار مان اڌ يا ٽيون يا چوٿون حصو وٺڻ.

ذڪر ڪيل حديث جنهن کي امام حاڪم مسلم جي شرط تي صحيح ٻڌايو آهي، انهيءَ ڳالهه تي دلالت ڪري ٿي ته مخابرت يا ڪڙمت جو معاملو وياج جي معاملي وانگر آهي؛ هڪ انهيءَ جي ڪري جو هيءَ حديث ان وقت فرمائي وئي جڏهن سورة بقره ۾ وياج جي حرمت جون آيتون نازل ٿيون ۽ ٻيو ان ڪري جو ان ۾ مخابره نه ڇڏڻ وارن لاءِ به اهي ئي ڌمڪيءَ وارا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن جيڪي وياج نه ڇڏڻ وارن جي لاءِ فرمايا ويا آهن، يعني:

فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللهِ وَرَسُوْلِهٖ

ان کان سواءِ ٻيون ٻه اهڙيون حديثون به ملن ٿيون جن ۾ انهيءَ معاملي کي چٽيءَ طرح وياج سڏيو ويو آهي. هڪ سنن ابي داؤد ۽ معاني الآثار طحاوي جي هيءَ حديث: عن ابن ابی نعم قال حدثنی رافع رضی الله عنه بن خديج انه زرع رضا فمربه النبی ﷺ وهويسقيها فسئاله عن الزرع ولمن الارض، فقال زرعی ببذری و عملی، لی الشطر ولبنی فلان الشطر فقال ﷺ اربيتما فرد الارض على اهلها وخذ نفقتك

”ابن ابي نعم روايت ڪندي چيو ته مونکي رافع  بن خديج ٻڌايو ته پاڻ هڪ زمين جي پوکي ڪيائين. جڏهن پاڻ ان (فصل) کي پاڻي ڏئي رهيو ته نبي

ڪريم ﷺ جن اتان گذريا. پاڻ ﷺ جن ڪائنس پڇيو تہ فصل ڪنهن جو آهي ۽ زمين ڪنهنجي آهي؟ مون عرض ڪيو تہ فصل منهنجي ٻج ۽ محنت سان ٿيو آهي، اڌ اپت منهنجي ۽ اڌ فلاڻي ماڻهو جي ٿيندي. انهيءَ تي پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ تون وياج ۾ مبتلا آهين. زمين مالڪن کي موٽائي ڏي ۽ پنهنجو خرچ واپس وٺي ڇڏ."

ٻي حديث وري هيءَ آهي جنهن کي طبراني "معجم الاوسط" ۾ بيان ڪيو آهي:

عن مسور رضی الله عنه بن مخرمة قال مر رسول الله ﷺ بارض لعبد الرحمٰن بن عوف فيها زرع فقال يا ابا عبدالرحمٰن لا تاکل الربوا ولا تطعمه ولا تزرع الاف الارض ترثها او تورثها او تمنحها. (مجمع الزوائد ج4 ص 12)

"حضرت مسور□ بن مخرمہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن عبدالرحمٰن بن عوف□ سان گڏ هڪ زمين وٽان گذريا جنهن ۾ فصل پوکيل هو. پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ اي ابو عبدالرحمٰن، نہ وياج کاءُ نہ کاراءِ ۽ کنهن زمين جي پوکي نہ کر سواءِ اهڙي زمين جي جنهن جو تون وارث هجين يا فرمايو تہ وارث ڪيو ويو هجين يا توکي مفت ۾ ڏني وئي هجي."

پهرين حديث ۾ "اربيت" يا "اربيتما" جا لفظ ۽ ٻي حديث ۾ "لا تاکل الربوٰ" جا لفظ چٽيءَ طرح سان ٻڌائين ٿا تہ ڪڙمت يا مخابرت جو هي معاملو، وياج جي معاملي وانگر آهي ۽ جهڙيءَ طرح وياج حرام ۽ ناجائز آهي اهڙيءَ ئي طرح هي معاملو بہ حرام ۽ ناجائز آهي. اهو ئي سبب آهي جو رسول الله ﷺ جن رافع بن خديج□ کي وقت کان اڳي ان معاملي کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف کي بہ انهيءَ کان منع فرمايو:

مفسرين منجهان علامہ ابن ڪثير سورة البقره جي وياج جي حرمت واري آيت جي تفسير ۾ مخابرت جي باري ۾ حضرت جابر □ جي مٿي ذڪر ڪيل حديث نقل ڪرڻ کان پوءِ جيڪو لکيو آهي سو هي آهي:

انما حرمت المخابرة وهی المزارعة ببعض ما يخرج من الارض، والمزابنة وهی اشتراء الرطب فی رؤس النخل بالتمرعلیٰ وجه الارض والمحاقلة وهی اشتراء الحب فی سنبله فی الحقل بالحب علی وجه الارض، انما حرمت هٰذه الاشياء وما شاکلها حسا لمادت الربوٰ. (تفسير ابن ڪثير: ج1 ص 327)

"اهو ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجھ نہ آهي تہ حرام ڪيو ويو آهي "مخابره" کي جيڪو پيداوار جي هڪ حصي تي زمين کي پوکيءَ لاءِ ڏيڻ جو نالو آهي، ۽ "مزابنہ" کي جيڪو وڻ ۾ لڳل تازين ڪارڪن کي زمين تي پيل خشڪ ڇوهارن جي عيوض خريد ڪرڻ آهي ۽ "محاقلہ" کي جيڪو بيٺل فصل جي سنگن ۾ موجود اَنَ کي خشڪ اَنَ جي بدلي ۾ خريد ڪرڻ آهي. اهو ۽ ان قسم جا ٻئي معاشي معاملا رڳو انهيءَ ڪري ئي حرام ڪيا ويا آهن تہ جيئن وياج جي مڪمل طرح سان پاڙ پٽي وڃي."

انهيءَ عبارت ۾ علامہ ابن ڪثير؇ مخابره، مزابنہ ۽ محاقلہ ۽ ان سان ملندڙ جلندڙ معاشي معاملن کي حرام هجڻ جو سبب اهو ٻڌايو آهي تہ اهي سڀ وياج تي مبني معاملا آهن ۽ هي تہ انهن کي حرام قرار ڏيڻ جو مقصد، وياج جو مڪمل طرح سان خاتمو ڪرڻ ۽ ان جون پاڙون پٽڻ آهي. انهيءَ عبارت ۾ هي بہ وضاحت آهي تہ مخابره، ڪڙمت جو ٻيو نالو آهي.

ٻيو هڪ عظيم مفسر علامہ القرطبي، پنهنجي جليل القدر تفسير "الجامع الاحکام القرآن" ۾ وياج جي حرمت بابت آيل آيتن مان هن آيت: فَاِنۡ لَّمۡ تَفۡعَلُوۡا فَاۡذَنُوۡا بِحَرۡبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ جي تفسير ۾ لکي ٿو:

هٰذا الوعيد الذی وعد الله به فی الربوٰ من المخاربة قدورد عن النبی ﷺ مثله فی المخابرة عن جابر بن عبدالله قال سمعت رسول الله ﷺ يقول: من لم يذر المخابرة فليوذن بحرب من الله و رسوله و هذا دليل علی منع المخابرة وهی اخذ الارض بنصف او ثلث او ربع و يسمیٰ المزاعة و اجمع اصحاب مالك کلهم و الشافعی و ابوحنيفه واتباعهم و داؤد علیٰ انه لايجوز دفع الارض علی الثلث و الربع ولا علی جزو ربما يخرج من الارض (ج3، ص367)

"الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان جنگ جي هيءَ وعيد ۽ ڌمڪي وياج نہ ڇڏڻ وارن جي لاءِ الله تعاليٰ هن آيت ۾ بيان فرمائي آهي. بلڪل انهيءَ ئي طرح جي وعيد رسول الله ﷺ جن مخابره نہ ڇڏڻ وارن جي لاءِ بہ فرمائي آهي. حضرت جابر □ بن عبدالله راوي آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو، پاڻ فرمايائون: "جيڪو ماڻهو مخابره نہ ڇڏي انهيءَ لاءِ الله ۽ ان جي رسول جي طرف کان اعلان جنگ آهي" هيءَ حديث مخابره جي منع هجڻ جو دليل آهي ۽ مخابره زمين کي اڌ، ٽئين پتي يا چوٿين پتي (جي حصيداري جي بنياد) تي پوکي لاءِ ڏيڻ کي چوندا آهن، جنهن جو ٻيو نالو ڪڙمت آهي. سيئي مالڪي عالم، امام شافعيؒ، امام ابو حنيفہ؇ ۽ انهن جي ڪجھ پوئلڳن ۽ داؤد ۽ ظاهري جو انهيءَ ڳالھ تي اجماع آهي تہ زمين کي پيداوار جي ٽئين، چوٿين يا ڪنهن بہ حصي پتي تي ڏيڻ جائز نہ آهي."

علامہ القرطبي جي ذڪر ڪيل عبارت هڪ تہ انهيءَ ڳالھ جي ڇنڊڇاڻ آهي تہ مخابره وياج جهڙو ئي معاملو آهي. ٻيو ان ڳالھ جي بہ ڇنڊڇاڻ آهي تہ مخابره ۽ ڪڙمت هڪڙي ئي معاملي جا ٻہ نالا آهن جنهن جي حقيقت هيءَ آهي تہ زمين ڪي ان جي پيداوار جي هڪ حصي يا پٽي تي پوکي لاءِ ڏيڻ وٺڻ. ۽ ٽيون ان ڳالھ جي ڇنڊڇاڻ تہ انهيءَ معاملي جي عدم جواز تي امام مالڪؓ ۽ ان کي مڃڻ وارا سڀئي علماء، امام ابو حنيفہؓ ۽ امام شافعيؓ ۽ انهن جا ڪجھ پيروڪار، ان کان سواءِ فقہ ظاهري جو امام داؤد، سڀئي متفق آهن. بهرحال منهنجي اها دعويٰ تہ ڪڙمت جو معاملو وياج جي معاملي سان هڪجهڙائي رکي ٿو، سو علامہ ابن ڪثير ۽ علامہ القرطبي جي ذڪر ڪيل بيانن مان چڱيءَ طرح سان ثابت ٿئي ٿو. ائين ڪٽي چوان تہ جيڪا ڳالھ مان چئي رهيو آهيان اها ئي ڳالھ ڪجھ چوٿيءَ جا مفسرينِ قرآن بہ پنهنجي تفسيرن ۾ لکي چڪا آهن.

جيستائين منهنجي علم ۽ مطالعي جو تعلق آهي، تہ ڪڙمت جي موضوع تي باقاعدي لکڻ وارن عالمن سڳورن پنهنجي بحث ۽ تحقيق جو دائرو صرف حديث ۽ فقہ تائين محدود رکيو آهي؛ ڪنهن بہ قرآن جي حوالي سان انهيءَ تي بحث ناهي ڪيو. جڏهن تہ عالمن جو عقيدو ۽ دعويٰ هميشہ کان هيءَ رهي آهي تہ قرآن مجيد ۾ انساني زندگيءَ سان تعلق رکندڙ هر مسئلي بابت تفصيلي يا اجمالي طور تي هدايت ۽ رهنمائي پڪ سان موجود آهي. مون انهيءَ دعويٰ مطابق ڪوشش ڪئي آهي تہ سڀ کان پهريان ڪڙمت جي مسئلي سان تعلق رکندڙ قرآني هدايت کي ڄاتو وڃي. سو انهيءَ باري ۾ پنهنجي علمي ۽ فڪري حيثيت ۽ طالب علمي جستجو موجب جيڪو ڪجھ قرآن ڪريم مان سمجهي سگهيو آهيان تنهن کي مٿي ذڪر ڪيل سٽن ۾ پيش ڪري ڇڏيو اٿم، جيڪو صحيح آهي يا غلط يا ڪيتري حد تائين صحيح آهي ۽ ڪيتري حد تائين غلط؟ انهيءَ جو فيصلو کليل ذهن وارا منصف مزاج عالم سڳورا ئي ڪري سگهن ٿا. تنهن هوندي بہ جيڪڏهن ڪنهن کي منهنجي موقف سان اتفاق نہ هجي ۽ اهو منهنجي نتيجي ۽ فڪر کي صحيح نہ سمجهندو هجي ۽ گڏوگڏ ان جي اها دعويٰ بہ هجي تہ ڪڙمت هڪ جائز ۽ حلال معاملو آهي تہ انهيءَ لاء لازم آهي تہ قرآن مجيد مان ٻيو ڪو اصولي ۽ بنيادي تصور پيش ڪري، جنهن مان ڪڙمت جو جواز نڪري سگهندو هجي. هتي رڳو ائين چئي ڇڏڻ صحيح ۽ ڪافي نہ ٿيندو تہ جيئن تہ عالمن ۽ پوءِ وارن فقيهن انهيءَ مسئلي جي باري ۾ قرآن مجيد مان استدلال ضروري نہ سمجهيو آهي تنهن



ڪري اڄ اسان کي بہ انهيءَ جي ضرورت نہ آهي. ان جو جواب هي آهي تہ جيئن تہ اڳين عالمن جي سامهون هيءُ مسئلو اهڙيءَ طرح نہ هو جهڙيءَ طرح اڄ اسان جي سامهون موجود آهي؛ اهڙيءَ طرح انهن جي زماني ۾ نہ عام طرح اها دعويٰ هئي تہ قرآن مجيد اصولن جي لحاظ کان هڪ اهڙو جامع ۽ ڪامل ڪتاب آهي جنهن ۾ انساني زندگيءَ سان واسطو رکندڙ هر مسئلي بابت گهٽ ۾ گهٽ اصولي ۽ بنيادي هدايت ضرور موجود آهي ۽ نہ انهن کان هيءُ مطالبو ڪيو ويندو هو تہ ڪڙمت جي مسئلي بابت هو حديث سان گڏ قرآن مجيد مان بہ رهنمائي ۽ روشني پيش ڪن؛ ۽ جيئن تہ اڄ هيءَ دعويٰ بہ عام آهي ۽ هيءُ مطالبو بہ آهي، تنهنڪري اسان جي لاءِ هيءُ ضروري ٿي پوي ٿو تہ اسان ڪڙمت جهڙي اهم مسئلي بابت حديث نبوي سان گڏوگڏ قرآن مجيد مان بہ گهٽ ۾ گهٽ اصولي هدايت ضرور پيش ڪريون. اها ڳالھ انهيءَ لاءِ بہ ضروري آهي تہ اڄ جو قانوني ذهن ڪنهن جزوي قانون جي صحت ۽ عدم صحت ۽ انهيءَ جي نظري حيثيت جو تعين انهيءَ اصولي تصور سان ڪري ٿو جنهن تي اهو جزوي قانون ٻڌل هوندو آهي. ان کان سواءِ ڪنهن خاص مسئلي بابت جڏهن حديثن ۽ روايتن ۾ اختلاف ڏٺو ويندو هجي، يعني ڪن مان ان جي جواز ۽ ڪن مان ان جي عدم جواز جو مفهوم نڪرندو هجي تہ اهڙي صورت ۾ انهيءَ اختلاف کي سلجهائڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ سڀ کان پلو ۽ صحيح معيار قرآن مجيد ئي ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري جيڪي حديثون ۽ روايتون قرآن مجيد جي اصولي هدايت سان مطابقت رکندڙ هجن انهن کي بنا ڪنهن ڪنجهڻ ڪرڪڻ جي پنهنجي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪي ان سان مطابقت ۾ نہ هجن انهن کي مناسب ضاحت ۽ سمجهاڻيءَ سان ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

**سنڌيڪار: احمد الدين شر بلوچ**

# ڪڙمت — هڪ مڪمل وياج تي مبني عمل

پروفيسر ڊاڪٽر فاروق عزيز

اسلامي نقط نگاهه کان ڪڙمت يا هارپي تي زمين ڏيڻ هڪ مڪمل وياج تي مبني ڏنڏو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو شروع کان وٺي آخر تائين وياج سان هڪجهڙائي رکي ٿو جنهن جو تفصيل هن طرح آهي:

1. جهڙيءَ طرح وياج جي ڏيتي ليتي ۾ وياج خور پنهنجي رقم قرضدار کي خاص عرصي تائين استعمال لاءِ ڏيندو آهي بلڪل ائين ئي زمين جو رڳو نالي ۾ مالڪ بہ "پنهنجي زمين" ٻين کي استعمال / پوکي لاءِ ڏئي ٿو.
2. جهڙي طرح وياج ۾ مدت جو تعين لازمي هوندو آهي اهڙيءَ ئي طرح ڪڙمت جي معاملي ۾ بہ مدت جو تعين ضروري هوندو آهي.
3. وياج خور هڪ خاص عرصي کان پوءِ پهريان کان ئي طئي ٿيل واڌو رقم ۽ موڙي گڏي سڏي وصول ڪندو آهي. ائين ئي زمين جو مالڪ بہ پنهنجي زمين اصلي حالت ۾ ۽ ان مان حاصل ٿيل پيداوار وياج جي صورت ۾ وصول ڪندو آهي جڏهن تہ ڊل جي صورت ۾ هو بلڪل قرض ڏيندڙ وانگر روڪ اضافي رقم وصول ڪندو آهي.
4. زمين جو مالڪ ۽ وياج خور، ٻنهي مان ڪو بہ محنت ناهي ڪندو.
5. جهڙي طرح وياج ۾ سرمائي جو مالڪ ناحق اضافي رقم وصول ڪندو آهي، اهڙيءَ ئي طرح زمين جو رڳو نالي ۾ مالڪ بہ زمين جي پيداوار ۾ ناحق حصيدار ٿيندو آهي.
6. جهڙي طرح قرض وٺندڙ مجبوريءَ کان ئي وياج تي قرض وٺندو آهي، اهڙيءَ ئي طرح ڪڙمت جي ڪم ۾ بہ هاري ويچارو مجبور ٿي انهيءَ ڪم ۾ شامل ٿيندو آهي.



www.sindsalamat.com



7. واپار جو معاملو (بيع)، جنهن کي قرآن حلال سڏيو آهي، ان جو ڪو هڪ بہ اهڙو شرط نہ آهي جيڪو وياج جي ڪاروبار يا ڪڙمت ۾ پورو ٿيندو هجي.

انهيءَ ڪري رڳو عام فهم (Commonsense) جي بنياد تي ئي اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ ڪڙمت مڪمل طرح هڪ وياج تي مبني عمل آهي.

قرآن جي نظر ۾ زمين جي پيداوار جو مالڪ اهو ئي آهي جيڪو ان تي محنت ڪري ٿو. قرآن پاڪ ۾ ڪڙمت جي عمل جي واضح طرح نفي ڪئي وئي آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

وَهُوَ الَّذِيٓ اَنْشَاَ جَنّٰتٍ مَّعْرُوْشٰتٍ وَّغَيْرَ مَعْرُوْشٰتٍ وَّالنَّخْلَ وَالزَّرْعَ مُخْتَلِفًا اُكُلُهٗ وَالزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُتَشَابِهًا وَّغَيْرَ مُتَشَابِهٍ ۭ كُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖٓ اِذَآ اَثْمَرَ وَاٰتُوْا حَقَّهٗ يَوْمَ حَصَادِهٖ ڮ وَلَا تُسْرِفُوْا ۭ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿١٤١﴾ ﴿الأنعام: ١٤١﴾

"۽ اُهو (الله) آهي جنهن ڇپرن وارا ۽ بنا ڇپرن وارا باغ ۽ ڪجيون ۽ پوکون جن جا ڦر قسم قسم ۽ زيتون ۽ ڏاڙهون هڪ جهڙا ۽ جُدا جُدا قسم جا پيدا ڪيا، جڏهن ڦرن تڏهن سندن ڦر مان کائو ۽ سندن لاباري وقت الله جو حق (سندن زڪوٰة) ڏيو، ۽ اجايو نہ وڃايو، ڇو تہ الله اجايو وڃائيندڙن کي دوست نہ رکندو آهي."

هن آيت ۾ الله تعاليٰ جتي پنهنجي نشانين جو ڪجهہ ذڪر ڪيو آهي اتي گڏوگڏ جنهن عظيم الشان حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي سا هيءَ آهي تہ جڏهن زرعي پيداوار حاصل ٿئي تہ ان مان ان جو حق ادا ڪريو يعني ضرورتمندن کي بہ انهيءَ مان ڏيو. اتي غور ڪرڻ جوڳي ڳالهہ هيءَ آهي تہ لاباري واري ڏينهن انفاق جو حڪم ڪنهن کي ڏنو پيو وڃي؟ قرآن جي لفظن تي غور ڪريو: "وَاٰتُوْا حَقَّهٗ يَوْمَ حَصَادِهٖ" (۽ لاباري واري ڏينهن ان جو حق ادا ڪريو)، هيءُ حڪم لاباري ڪندڙ کي ڏنو پيو وڃي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٺي چئجي تہ هن آيت ۾ لابارو ڪندڙ کي زرعي پيداوار جو مالڪ سمجهيو ويو آهي انهيءَ ڪري ئي ان کي انفاق جو حڪم ڏنو پيو وڃي. هتي هيءَ ڳالهہ بہ توجهہ گهري ٿي تہ انفاق جو حڪم "لابارو ڪرائيندڙ" کي نٿو پيو ڏنو وڃي. ڇو تہ ڪڙمت جي صورت ۾ زمين جو نالي ۾ هڪ مالڪ هوندو آهي ۽ ڪڙمي ان جي ميوي يا فصل ۾ لابارو وجهندو آهي، جنهن جو هن آيت ۾ ڪو بہ ذڪر نٿو ملي. زمين تي محنت ڪرڻ واري کي سندس محنت جو ڦل زرعي پيداوار جي صورت ۾ ملڻ تي ان جي

“اصل مالڪ” کي انفاق جو حڪم ڏنو ويو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته قرآن ڪريم صرف محنت ڪرڻ واري کي ئي زمين جي پيداوار جو مالڪ تسليم ڪري ٿو ۽ انفاق جو حڪم به ظاهر آهي ته مالڪ کي ئي ڏنو پيو وڃي ڪڙمي يا غلام کي نه، ڇو جو هو ته پيداوار جو مالڪ ئي ناهي هوندو.

انهيءَ ڪري اها ڳالهه چٽي ٿي وڃي ٿي ته قرآن جي نظر ۾ زمين جي پيداوار تي صرف ان تي محنت ڪندڙ جو ئي حق آهي ۽ هيءُ عمل پنهنجو پاڻ ڪڙمت جي ڪليل ترديد آهي، جنهن ۾ زمين جي پيداوار محنت ڪندڙ نه پر زمين جي نالي ۾ مالڪ جي ليکي ويندي آهي.

انهيءَ ڳالهه جي وڌيڪ تصديق سورة القلم جي هيٺ ڏنل آيت مان به ٿئي ٿي:

اَنِ اغۡدُوۡا عَلٰی حَرۡثِکُمۡ اِنۡ کُنۡتُمۡ صٰرِمِیۡنَ﴿۲۲﴾ ﴿القلم: ۲۲﴾

“جيڪڏهن اوهين لاباري ڪرڻ وارا آهيو ته پنهنجي پوک تي سويرو هلو”

قرآن مجيد جي هيءَ آيت به انهيءَ ڳالهه تي دلالت ڪري ٿي ته لابارو ڪندڙ ئي پيداوار جو مالڪ آهي. هتي هيءَ ڳالهه به غور لائق آهي ته لاباري جي وقت لابارو ڪندڙ لاءِ ان جي “پنهنجي پوک” حرثکم (پنهنجو فصل) جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن جيڪي ان ڳالهه جو ڪليل دليل آهن ته رڳو نالي ۾ زمين جو مالڪ فصل جو مالڪ نه هوندو آهي پر لابارو ڪندڙ ئي ان جو مالڪ هوندو آهي.

انهيءَ دليل جي بنياد تي ڪير هيءُ اعتراض ڪري سگهي ٿو ته هي ڪو الله تعاليٰ جو حڪم نه آهي. پر سورة القلم ۾ ٻن ماڻهن جو قصو بيان ڪيو ويو آهي جن کي الله تعاليٰ فصلن سان نوازيو هو، انهن لاباري لاءِ صبح جو سوير وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ وڃڻ کان پهريان هڪ ٻئي کي سڏ ڪيا؛ مٿي ذڪر ڪيل لفظ انهن سڏن جي ترجماني ڪن ٿا، تنهن ڪري انهيءَ بنياد تي هيءُ نتيجو ڪڍڻ صحيح نه آهي ته زمين جي پيداور تي صرف انهيءَ جي ئي حقداري آهي جيڪو ان تي محنت ڪري.

هن قسم جو اعتراض انهيءَ ڪري مڃڻ جوڳو نه آهي جو:

1. قرآن مجيد انهن جي هن مؤقف جي ڪٿي به تصديق ناهي ڪئي. الٽو هيءُ مؤقف قرآن مجيد جي بنيادي تعليم سان مطابقت ئي نٿو رکي ٿو. انهيءَ ڳالهه جي ڇنڊڇاڻ اڳ ۾ بيان ڪيل سورة الانعام جي آيت نمبر 141 ۾ به ٿي چڪي آهي، جنهن ۾ چٽيءَ طرح زمين جي پيدوار تي صرف محنت ڪرڻ واري جو حق تسليم ڪيو ويو آهي.



2. هي ڪو الڳ مثال نه آهي. ربا (وياج) جي حرمت جهڙو بنيادي حڪم به قران پاڪ ۾ سڌو سنئون ڪونه ڏنو ويو آهي. اهو به وياج جي حرمت تي اعتراض ڪندڙن جي قول جي هڪ حصي جي جواب ۾ آيو آهي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَذَرُوۡا مَا بَقِىَ مِنَ الرِّبٰٓوا اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ﴿۲۷۸﴾ ﴿البقرة: ۲۷۸﴾

“اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ جيڪڏهن اوهين (الله ۽ رسول کي) مڃيندڙ آهيو ته جيڪي وياج مان رهيل آهي سو ڇڏيو.”

مٿي ذڪر ڪيل آيت ۾ وياج جي حرمت جو بنيادي حڪم “وَاَحَلَّ اللّٰهُ الۡبَيۡعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا” (الله تعاليٰ واپار کي حلال ڪيو آهي ۽ وياج کي حرام) هن حڪم تي اعتراض ڪرڻ وارن جي قول جي جواب ۾ ڏنل حڪم جو هڪ ٽڪرو آهي. انهن لفظن کي اعتراض ڪرڻ وارن جي قول کان هٽائي ڇڏيو ته اعتراض ڪندڙن جي قول جي ڪا به حيثيت نٿي رهي. تنهن ڪري هيءُ جملو اعتراض ڪندڙن جي قول جي جواب جو ئي هڪ ٽڪرو آهي، پر ڇا ان مان وياج جي حرمت واري حڪم تي ڪو اثر پوي ٿو؟ پڪ سان نه؛ ته پوءِ مٿي ذڪر ڪيل آيت (القلم: 22) تي به ان قسم جو اعتراض نٿو ٿهي.

قران جو هيءُ حڪم انهن سيني آيتن جي تسلسل ۾ آهي جنهن موجب معاوضو رڳو محنت جو ئي تسليم ڪيو ويو آهي. اهي آيتون (2/267)، (4/32)، (7/141) ۽ (53/39) جي تسلسل ۾ آهن. ان ڪانسواءِ ان جو ربط انهيءَ بنيادي تصور سان به آهي، جنهن موجب زمين جي نجي ملڪيت ممڪن ئي ناهي. زمين مان انسان پنهنجي محنت سان جيڪو ڪجهه حاصل ڪري اهو ئي ان جو آهي. باقي زمين صرف الله تعاليٰ جي آهي:

اِنَّ الۡاَرۡضَ لِلّٰهِ ۙ ﴿الأعراف: ۱۲۸﴾

“ساري زمين الله جي آهي”

مٿي ڏنل دليلن سان قرآن مجيد مان ڪڙمت يا هارپي جي حرمت ثابت ڪئي وئي آهي، پر پوءِ به ڪجهه ٻين دليلن جي مدد سان به ان جو باطل هجڻ ثابت آهي.

هتي هڪ سادو سوال ڪري سگهجي ٿو ته ڇا ڪڙمت کي قرآن پاڪ مان

ثابت ڪري سگهجي ٿو؟ يا ان جي حق ۾ ڪو قرآني دليل پيش ڪري سگهجي ٿو؟

ان جو جواب پڪ سان نفي جي صورت ۾ آهي. قرآن مجيد مان ڪڙمت جي ڪنهن به شڪل کي جائز ثابت نٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي اهڙو حڪم ڪو سڌو يا اڻ سڌو پيش ڪري سگهجي ٿو. اجا به، جيئن مٿي ڏنل دليلن سان ثابت ڪيو ويو آهي، قرآن انهيءَ عمل جي وڏي واڪ ترديد ڪري ٿو. حقيقت هيءَ آهي ته ڪڙمت جو تصور قرآن ڪريم جي سموري تعليم سان مڪمل ٽڪراءَ ۾ آهي. انهيءَ ڪري ان جو قرآن مجيد مان جائز ثابت ٿيڻ ممڪن ئي نه آهي.

هتي رڳو ائين چوڻ صحيح ۽ ڪافي نه ٿيندو ته ”جيئن ته علماء سلف ۽ فقيهن ۽ متقدمين انهيءَ باري ۾ قرآن مجيد مان استدلال ضروري نه سمجهيو تنهن ڪري اڄ اسان کي به انهيءَ جي ضرورت نه آهي“، جو ته علماءِ سلف جي سامهون اهو مسئلو انهيءَ شڪل ۾ نه هو جنهن شڪل ۾ اڄ اسان جي سامهون آهي. اهڙيءَ طرح انهيءَ زماني ۾ نه عام طور اها دعويٰ هئي ته قرآن مجيد اصولن جي لحاظ کان هڪ جامع ۽ ڪامل ضابط حيات تي ٻڌل ڪتاب آهي، جنهن ۾ انساني زندگيءَ سان تعلق رکندڙ هر مسئلي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اصولي ۽ بنيادي هدايت موجود آهي. انهن کان اهو مطالبو به نه هو ته زراعت جي مسئلي تي اهي حديث سان گڏ قران مجيد مان به رهنمائي ۽ روشني پيش ڪن: پوءِ جيئن ته اڄ اها دعويٰ به عام آهي ۽ هي مطالبو به آهي، تنهن ڪري اسان لاءِ ضروري ٿي پوي ٿو ته اسان ڪڙمت جهڙي اهم مسئلي تي حديث نبويﷺ سان گڏ قران مجيد مان به گهٽ ۾ گهٽ اصولي هدايت ضرور پيش ڪريون. اهو سڀ ڪجهه انهيءَ لاءِ به ضروري آهي جو اڄ جو قانوني ذهن ڪنهن جزوي قانون جي صحت ۽ عدم صحت ۽ ان جي نظري حيثيت جو تعين انهيءَ اصولي تصور سان ڪندو آهي جنهن تي اهو جزوي قانون ٻڌل هوندو آهي“. ♦

ڪڙمت جي ترديد ۾ سيني وٽ مجيل هڪ شرعي قائدو به موجود آهي، جيڪو هيءُ آهي ته: ”جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي غير آباد زمين جاگير جي طور تي ڏني وئي هجي ۽ اهو ماڻهو ان کي ٽن سالن تائين آباد نه ڪري سگهي ته حڪومت کي اهو اختيار حاصل آهي ته اهڙي ماڻهوءَ کان اها زمين واپس وٺي.“ هيءُ ڳالهه ته غير آباد زمين جو جاگيردار جيڪڏهن ٽن سالن تائين ان کي آباد نه ڪري سگهي ته ان کان پوءِ اهڙي زمين تان سندس حق ختم ٿي وڃي

♦مولانا محمد طاسين، مروجہ نظام زمينداري اور اسلام، ص-36.



ٿو، ڪيترين ئي حديثن ۽ آثارن مان به ثابت آهي.♣

انهيءَ حوالي سان مولانا محمد طاسين لکي ٿو: ”احتجار و تحجير جو مطلب آهي ته ڪنهن غير آباد زمين جي چئني پاسن کان پٿر وغيره ڪوڙي حدبندي ڪرڻ ۽ اهو ٻڌائڻ ته زمين جو هيءُ ٽڪرو منهنجي آباد ڪرڻ لاءِ آهي، ٻيو ڪو ان کي آباد ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪري. مطلب ته انهيءَ تحجير و احتجار سان ڪو به ماڻهو جيتوڻيڪ ان غير آباد زمين جو مستقل مالڪ ڪونه ٿو ٿئي پر پوءِ به ايترو ضرور آهي ته ٽن سالن تائين ڪيس اها زمين آباد ڪرڻ جو حق حاصل رهي ٿو ۽ ٽن سالن تائين ٻيو ڪو به ان کي آباد نه ٿو ڪري سگهي. آباد نه ڪري سگهڻ جي صورت ۾ ٽن سالن کان پوءِ سندس پوڪ ڪرڻ جو حق ختم ٿي وڃي ٿو ۽ هاڻي ڪو ٻيو اهڙو ماڻهو جيڪو ان کي آباد ڪري ان جو مالڪ بڻجي وڃي ٿو.“ ♥

ڪنهن به غير آباد زمين کي آباد ڪرڻ بابت هن سيني وٽ مجيل اصول کي اهي ماڻهو به مڃين ٿا جيڪي زمين جي ذاتي ملڪيت جا حامي آهن. اهو اصول به پنهنجو پاڻ ئي ڪڙمت جي ڪليل طرح مخالفت ڪري ٿو، جو ڪڙمت واري عمل جي موجودگيءَ ۾ اهو اصول بلڪل ئي بي معنيٰ ٿي وڃي ٿو. ڇو ته جيڪڏهن ڪڙمت جو ڪو وجود هجي ها ته ڪو به ماڻهو وڏي کان وڏي زمين کي آباد ڪرائي سگهي ها ۽ ان صورت ۾ ٽن سالن جي پابندي هڪ بي معنيٰ ڳالهه ٿي وڃي ٿي. تنهن ڪري شريعت جو اهو اصول ڪليل طرح ڪڙمت جي ترديد ڪري ٿو.

انهيءَ جي لاءِ وڌيڪ ثبوت حضرت عمر □ جا اهي فيصلا آهن جن موجب پاڻ انهن زمينن کي سندن مالڪن کان واپس ورتيون جن تجحير جي ذريعي اهي زمينون پاڻ وٽ رکيون هيون. انهيءَ فيصلي جي اڳيان حضرت بلال بن حارث □ جي اها جاگير به اچي وئي جيڪا نبي ڪريمﷺ جن کيس عطا ڪئي هئي ۽ هو ان کي رضا خوشيءَ سان واپس ڏيڻ لاءِ راضي ڪونه هو. پر ان جي باوجود به حضرت عمر □ ڪانئس اها زمين زبردستي وٺي ٻين کي ورهائي ڏني. ”انهيءَ روايت مان ان معاملي بابت هيءُ نتيجو به ملي ٿو ته ان وقت مسلمانن مان ڪڙمت جو رواج ختم ٿي چڪو هو نه ته حضرت بلال بن

♣مولانا مفتي محمد تقي عثماني، ملڪيت زمين اور اس ڪي تحديد، ص-79 تا 80

♥مولانا محمد طاسين، مروجہ نظام زمينداري اور اسلام، ص 43 تا 44

حارث پنهنجي انهيءَ واڌو زمين کي هارپي تي ڏئي سگهي پيو ۽ حضرت عمر □ فرمائي سگهي پيو ته واڌو زمين ڪڙمت تي ڏئي ڇڏ. ائين ڪرڻ سان زمين به آباد ٿي ويجي ها ۽ ان جي ملڪيت به قائم رهي ها.”◆

ڪڙمت جي معاملي تي چئني وڏن فقيهن مان امام ابو حنيفهؒ ۽ امام مالڪؒ جي راءِ ته ڪڙمت جي بلڪل ئي خلاف آهي. حضرت امام شافعيؒ وٽ به ڪڙمت هڪ باطل ۽ ناجائز معاملو آهي، پر هو باغ جي تيار فصل کي ٺيڪي تي ڏيڻ کي جائز سمجهي ٿو. امام احمد بن حنبلؒ جي راءِ موجب ڪڙمت جي صرف هڪ شڪل جائز آهي، جنهن ۾ ٻج به مالڪ جي طرفان هجي. پر جيڪڏهن ٻج به هاريءَ جي طرفان هجي ته پوءِ ڪڙمت جي هيءَ صورت ان وٽ به ناجائز آهي. ائين ڪٺي ڪجي ته چئني امامن مان ٽن امامن، امام ابو حنيفهؒ، امام مالڪؒ ۽ امام شافعيؒ جو ڪڙمت جي باري ۾ آخري ۽ طئي ٿيل راءِ اها آهي ته ڪڙمت هڪ فاسد، باطل، مڪروهه ۽ حرام معاملو آهي.♠

اهو ئي سبب آهي جو ڪجهه آفريقي ملڪن ۾ جتي شافعي ۽ مالڪين جي گهڻائي آهي، اتي ڪڙمت جو نالو نشان به ڪونهي. ظلم ته اهو آهي جو امام ابو حنيفهؒ جا پوئلڳ پنهنجي امام جي انهيءَ راءِ کي ڪا به اهميت ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن.

امام ابو حنيفهؒ ڪڙمت جي باطل هئڻ بابت هڪ دليل هيءُ به ڏئي ٿو ته ڪڙمت جي معاملي ۾ آجر جنهن ماڻهوءَ کي اجير بڻائي ٿو تنهن جي اجرت ڳجهي هوندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن به سبب جي ڪري فصل يا باغ مان ڪجهه حاصل نه ٿي سگهيو ته اجير جو سمورو ڪم بنا ڪنهن اجرت جي رهجي ويندو. جڏهن ته ڪجهه حديثن ۾ واضح هدايت موجود آهي ته آجر کي اجرت تي لڳائڻ کان پهريان ڪم جي نوعيت جي حساب سان اجر جو تعين ڪيو وڃي. نبي ڪريم ﷺ جن جي انهن واضح حڪمن جي روشنيءَ ۾ به ڪڙمت هڪ باطل عمل ثابت ٿي وڃي ٿو.

قياسي نوعيت جو هڪ دليل هيءُ به آهي ته حضور ﷺ جن جي هڪ حديث ۾ اجير کي ان جي پيدا ڪيل شيءِ مان اجرت ڏيڻ کان منع ڪئي وئي آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته جيڪا شيءِ مزدور جي محنت سان وجود ۾

◆ مولانا محمد طاسين، مروجه نظام زميندارِي اور اسلام، ص 48 تا 49

♠ Ziaul Haque, Land Lord & Peasant in Early Islam, pp 358-359



اچي انهيءَ ئي شيءِ جي صورت ۾ مزدور کي اجرت نه ڏني وڃي پر ان کان اڳ ٻي ڪا شيءِ اجرت طور ڏني وڃي. ڪڙمت جي اندر نبي ڪريم ﷺ جن جي انهيءَ حڪم جي کليل طرح خلاف ورزي آهي. ڇو ته ڪڙمت جي صورت ۾ هاريءَ کي معاوضو ان جي ئي پيدا ڪيل شيءِ مان ڏنو ويندو آهي.

مٿي ڏنل دليلن جي بنياد تي آساني سان هن نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو ته ڪڙمت هڪ مڪمل طور تي باطل عمل آهي جيڪو قرآني حڪمن جي کليل طرح خلاف ورزي آهي ۽ مڪمل طرح وياج سان مشابهت رکندڙ آهي. انهيءَ ڪري ڪنهن به طرح سان انهيءَ فعل کي اسلامي قرار نٿو ڏئي سگهجي.

**سنڌيڪار: احمد الدين بلوچ**

www.sindsalamat.com

# تقليد ۽ اجتهاد

**مولانا وحيدالدين خان**

انساني ذهن جا ٻه قسم آهي: تقليدي ۽ اجتهادي. تقليدي ذهن ۽ اجتهادي ذهن جي فرق کي سادي نموني هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو ته تقليدي ذهن مان مراد بند ذهن آهي ۽ اجتهادي ذهن مان مراد کليل ذهن. تقليدي انسان جو ذهني سفر هڪ حد تي پهچي رڪجي ويندو آهي. ان جي ابتڙ اجتهادي انسان جو ذهني سفر لڳاتار اڳتي وڌندو رهندو آهي. اهو موت کان اڳ ڪڏهن به ختم ناهي ٿيندو. ان فرق کي هن مثال مان سمجهو:

شيڪسپيئر انگريزي ٻوليءَ جو تمام وڏو اديب آهي. سندس وفات 1616ع ۾ ٿي. ٻيو ان کان پوءِ جي زماني جو اديب جارج برنارڊ شا آهي، جنهن جي پيدائش 1856ع ۾ ٿي. عملي زماني جي لحاظ کان ٻنهي جي وچ ۾ تقريبا ٽن سئو سالن جو فاصلو آهي. برنارڊ شا جو مقام انگريزي ادب جي تاريخ ۾ شيڪسپيئر کان گهٽ آهي. برنارڊ شا ان جو ذڪر ڪندي چيو ته: "منهنجو قد جيتوڻيڪ شيڪسپيئر کان ننڍو آهي پر مان شيڪسپيئر جي ڪلهن تي بيٺل آهيان."

هيءُ جملو مجتهدانه طرزِ فڪر جو هڪ مثال آهي. ان طرز فڪر مان سوچ جي بلندي، حوصلو ۽ همتِ پيدا ٿيندي آهي. جنهن معاشري جي ماڻهن ۾ اهو مزاج هجي تنهن جي ذهني ارتقا جو سفر بنا ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهندو. هر نئين ٿهي پوئين ماڻهن جي عملي سرمايي ۾ واڌارو آڻيندي ۽ ان کي وڌيڪ ترقي وٺرائي ايندڙ نسل تائين پهچائيندي رهندي.

## موجوده مسلم معاشرو

هينئر مسلم معاشري کي وٺو. هاڻوڪي دؤر ۾ مسلمانن اندر ذهني





ارتقا جو عمل تقريباً بيهجي ويو آهي. ان جو سبب هيءُ آهي ته انهن جي اندر مقلدانه طرز فڪر جو رواج پئجي ويو آهي ۽ مجتهدانه طرز فڪر جو ائين خاتمو ٿي چڪو آهي، ڄڻ اها ڪا برائي هجي ۽ جنهن کي ڇڏڻ ئي بهتر هجي. عام طور تي ماڻهن جو ذهن اهو ٿهي ويو آهي ته علم ۽ تحقيق جو سمورو ڪم علماءِ سلف ڪري چڪا آهن، تنهن ڪري هينئر اسان جي ڪرڻ جو ڪم فقط هيءُ آهي ته اسان سندن ڪتابن کي پڙهون ۽ انهن جي پيروي ڪريون. پر ان قسم جي سوچ، فڪري ترقيءَ لاءِ هڪ مستقل رڪاوٽ آهي. ان معاملي ۾ مسلمانن لاءِ طرز فڪر جون ٻه صورتون ٿي سگهن ٿيون. اهي ٻئي صورتون هينيون آهن:

- منهنجو قد اسلاف کان ننڍو آهي، پر مان اسلاف جي ڪلهن تي بيٺو آهيان.
- منهنجو قد اسلاف کان ننڍو آهي، تنهن ڪري اسلاف جي پيرن ۾ پيو آهيان.

ان ورچ مطابق پهريون طرز فڪر مجتهدانه آهي. اهو مسلمانن جي عملي ۽ ذهني سفر کي لڳاتار ترقيءَ ڏانهن وٺي ويندڙ آهي. جنهن گروهه اندر اها فڪري روايت هجي، ان جو هر ايندڙ نسل پنهنجي پوئين نسل جو مڪمل احترام ڪندي ان جي ترقيءَ کي ڏاڪي جي طور استعمال ڪندو. اهڙيءَ ريت هر ايندڙ نسل پنهنجي پوئين نسل مان فائدو وٺندي اڳتي وڌندو رهندو.

ان جي ڀيٽ ۾ ٻيو طرز فڪر مقلدانه آهي. اهو مسلمانن جي ذهني سفر کي هڪ حد تائين روڪي ڇڏيندڙ آهي. ان طرز فڪر جا هڪ ئي وقت ٻه نقصان ٿيندا. هڪ هي ته اهڙا ماڻهو اسلام جي اعليٰ فڪري درجن کان محروم ٿي ويندا. هو وڌندڙ معرفت ۽ اؤسر کان واقف ٿي نه سگهندا. ان جو ٻيو نقصان هيءُ ٿيندو ته هو عملي ۽ فڪري ميدان ۾ ٻين قومن کان پوئتي رهجي ويندا. انسانيت جي روان دوان قافلي ۾ هو راهه جي دز بڻجي رهجي ويندا.

اهو تقليدي طرز فڪر بلڪل اهوئي آهي، جنهن کي جاهلي واري دؤر جي مشهور شاعر عنتره بن اشداد العسبي (وفات 415 ھ) پنهنجي شعر ۾ هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

هل غادر الشعراء من متردم

ان جو مطلب هيءُ آهي ته گذريل شاعرن ڇا ڪا جاءِ پيوند لڳائڻ لاءِ ڇڏي آهي؟ يعني هو سڀ ڪجهه چئي ويا آهن، هينئر ڪنهن شاعر لاءِ ڪا به شيءِ

www.sindsalamat.com

باقي نہ رهي آهي جو هو ان ۾ ڪجهہ واڌارو ڪري سگهي.

ادب جي دنيا جو هيءُ طرز فڪر جڏهن مذهب ۾ داخل ٿي وڃي تہ ان کي تقليدي فڪر چيو ويندو آهي ۽ ان قسم جو تقليدي فڪر ذهني ترقيءَ لاءِ زهرِ قاتل جي حيثيت رکي ٿو. اهو ماڻهن کي ذهني جمود ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ذهني جمود کان وڌيڪ هاڃيڪار ٻي ڪا بہ شيءِ ڪنهن فرد يا گروهہ لاءِ ناهي.

## اجتهادي عمل جي اهميت

اجتهاد رڳو ڪو ذهني مشغلو ڪونهي پر اجتهاد مسلمانن جي هڪ اهم ترين ضرورت آهي. اجتهادي عمل جي ذريعي اهل اسلام هر دؤر ۾ پنهنجي ديني حيثيت کي نئين سر قائم ڪندا رهندا آهن. هو بدلجندڙ حالتن ۾ اسلام کي ٻيهر موافق بڻائي هيءُ ثابت ڪندا آهن تہ اسلام هڪ ابدي مذهب آهي. اهو هر ايندڙ زماني ۾ ايترو ئي مناسب (Relevent) آهي، جيترو قديم زماني ۾. جڏهن تہ اجتهاد جو عمل اسلامي فڪر کي مسلسل طور تي وقت پٽاندر (Update) بنائڻ جو هڪ ذريعو آهي.

## اجتهاد ڇا آهي؟

اجتهاد مان مراد آزادانہ راءِ قائم ڪرڻ نہ آهي. اجتهاد مان مراد هيءَ آهي تہ قرآن ۽ سنت کي اسلام جا اصل سر چشما (Sources) سمجهي، انهن تي غور ڪري قياسي يا استنباطي طور تي شريعت جا نوان احڪام معلوم ڪرڻ. حقيقت هيءَ آهي تہ اجتهاد بہ تقليد جو ئي هڪ قسم آهي. عام مقلد فقيهن جي تقليد ڪندو آهي ۽ مجتهد اهو آهي، جيڪو خدا ۽ رسول جي تقليد ڪري ۽ قرآن ۽ حديث جي نصن تي غور ڪري سڌو سنئون احڪام جو استنباط ڪري.

اجتهاد مان مراد اهو ئي فڪري عمل آهي، جنهن کي قرآن ۾ استنباط (النساء: 83) چيو ويو آهي. فقيهن جي اصطلاح ۾ انهيءَ جو نالو "قياس" آهي. ٻين لفظن ۾ ان ڳالهہ کي هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو تہ اجتهاد مان مراد اڻ سڌيءَ طرح احڪام حاصل ڪرڻ آهي، جڏهن سڌيءَ طرح احڪامن حاصل ڪرڻ جي صورت بظاهر موجود نہ هجي.

استنباط جو لفظ "نبط" مان ورتل آهي. نبط جي لفظي معنيٰ آهي زمين جي اندران پاڻي جو ڪڍڻ. "استنباط الفقيهہ" يعني فقيهہ جو قرآن ۽ حديث ۾ غور ڪري ان جي لڪل معنيٰ کي ڪڍڻ. مفسر القرطبي لکيو آهي: "الاستنباط في اللغة،



الاستخراج وهو يدل على الاجتهاد اذا عدم النص والاجماع" (الجامع الاحكام القرآن ٥/٢٩٢) يعني استنباط جي معنيٰ استخراج جي آهي. ان جو مطلب آهي نص ۽ اجماع جي غير موجودگيءَ ۾ اجتهاد ڪري شريعت جو حڪم معلوم ڪرڻ.

اسلام جي فقيهن ٻي صدي هجريءَ ۾ اجتهاد جو اهو ئي ڪم ڪيو. عباسي خلافت جي زماني ۾ ڪثرت سان نوان مسئلا پيدا ٿيا. انهن مسئلن جو سڌو سنئون يا منصوص جواب بظاهر قرآن ۽ سنت ۾ موجود نہ هيو. ان وقت فقيهن اجتهاد جي ذريعي ان مسئلي کي حل ڪيو. انهن قرآن ۽ سنت جي نصن مان قياس يا استنباط جي ذريعي نئين حالتن ۾ پنهنجي لاءِ شرعي رهنمائي ماڻي ورتي. تاريخ ۾ ان جو سفر ڪنهن رڪاوٽ کان سواءِ لڳاتار جاري رهيو.

پر ٻين ۽ ٽين صدي هجريءَ کان پوءِ مسلمانن ۾ ڪن سببن ڪري هڪ غلط تصور قائم ٿي ويو، اهو هيءُ هو تہ قرآن ۽ سنت مان سڌي سنئين طور تي جيڪو اجتهاد يا استنباط ڪرڻو هو اهو ان ابتدائي دؤر جي فقيهن تڪميلي طور تي انجام ڏئي ڇڏيو آهي. هينئر لاءِ سڌو سنئون نصن مان احڪام حاصل ڪرڻ جي ضرورت ناهي. بعد جي مسلمانن لاءِ ڪرڻ جو جيڪو ڪم رهيو، اهو هيءُ هئو تہ هو انهن فقيهن جي ڪتابن کي پڙهن ۽ انهن تي غور ڪري بعد جي زمانن لاءِ شرعي احڪام معلوم ڪندا رهن. اهڙيءَ طرح اسلام جي عملي تاريخ ۾ عباسي دؤر جي فقيهن کي مجتهد مطلق جو درجو ملي ويو ۽ بعد جي دؤر جي فقيهن کي فقط مجتهد مقيد جو. پهرئين دور جي فقيهن جو اجتهاد قرآن ۽ سنت تي مبني هوندو هو، پر بعد جي علماءِ لاءِ اجتهاد جو مطلب فقط هيءُ وڃي رهيو تہ هو پهرئين دؤر جي فقيهن جي دائري ۾ محدود رهندي پنهنجي لاءِ شرعي احڪامن جو تعين ڪن.

## فڪري الميو

اهوئي اهو مقام آهي، جتان مسلمانن لاءِ فڪري الميي جي شروعات ٿئي ٿي. ان فڪري مؤقف مسلمانن کي هڪ بيٺل قافلو بڻائي ڇڏيو. امير شڪيب ارسلان (وفات 1946ع) پنهنجي ڪتاب "لماذا تاخر المسلمون و تقدم غيرهم" ۾ جيڪو بحث ڇيڙيو هو، ان جو اصل جواب هيءُ آهي تہ نئين زماني ۾ مسلمانن جي پسپائيءَ جو واحد سبب اهو هو تہ منجهن اجتهاد جو عمل بيهجي ويو هو.

اجتهاد ڪو اختياري عمل ڪونهي. اهو هڪ اٽل فطري عمل آهي. ائين ڪونهي تہ اجتهاد توڙي ڪيو وڃي يا نہ ڪيو وڃي مڙئي خير آهي. حقيقت

www.sindsalamat.com

هيءُ آهي تہ اجتهاد جي عمل کي روڪڻ جڻ فطرت جي عمل کي روڪڻ آهي ۽ فطرت جي عمل کي روڪڻ فقط ان قيمت تي ٿيندو آهي تہ خود روڪيندڙ پنهنجي ترقيءَ جي سفر کي ختم ڪري ڇڏي.

درياءَ جي زندگي ان جي روانيءَ ۾ آهي. درياءَ جي وهندڙ پاڻيءَ کي جيڪڏهن روڪي ڇڏجي تہ ان ڪانپوءِ اهو درياءُ نہ رهندو بلڪ اهو هڪ ڍيپل تلاءُ ۾ تبديل ٿي ويندو. اهڙي طرح ڪو گروهہ جيڪڏهن پنهنجي اندر اجتهاد جو عمل روڪي ڇڏيندو تہ منجهس اهڙو جمود پيدا ٿيندو جيڪو سندس لاءِ هر قسم جي، مذهبي توڙي روحاني ترقيءَ کي ناممڪن بڻائي ڇڏيندو.

## فقه جي تدوين اقتداري دؤر ۾

هن حادثي جي پاڙ هيءَ آهي تہ اسان جو هاڻوڪو فقه عباسي خلافت جي دؤر ۾ سهيڙيو ويو. هيءُ اهو زمانو هو، جڏهن مسلمانن کي عالمي دبدبو حاصل هو. ڪين دنيا ۾ سڀ کان وڏي سياسي طاقت جي حيثيت حاصل ٿي وئي هئي. ان صورتحال کي هڪ شاعر پنهنجن هنن لفظن ۾ نظم ڪيو آهي:

ہمیں چھائے ہوئے شرق سے تا غرب دنیا میں
نہ تھا پلہّ کسی ملت کا دنیا میں گراں ہم سے

موجوده فقه انهيءَ حاڪمانہ دؤر ۾ سهيڙيو ويو. ان جو قدرتي نتيجو هيءُ نڪتو تہ ان دؤر جو مزاج ان ۾ داخل ٿي ويو. هيءُ سهيڙيل فقه هڪ قسم جو حاڪمانہ فقه بڻجي ويو.

## موجوده فقه ڪافي ناهي

ٻين ۽ ٽين صدي هجريءَ ۾ جيڪو فقه سهيڙيو ويو، ان بابت بعد ۾ مسلمانن جو عام عقيدو هيءُ ٿي ويو تہ هيءُ هڪ مڪمل فقه آهي ۽ انساني زندگيءَ بابت قرآن ۽ حديث جي سموري تعليمات مفصل ۽ مڪمل طور تي ان ۾ شامل آهي. هيءُ عقيدو ان نظريي کي حق پاسائتو ثابت ڪندو هو تہ فقه جي تدوين کان پوءِ هينئر اجتهاد جو دروازو بند ٿي چڪو آهي. هينئر فقط مقيد اجتهاد يا مقلدانہ اجتهاد جو دروازو مسلمانن لاءِ کليل آهي.

اهو عقيدو قديم دؤر ۾ بظاهر درست هيو، پر جڏهن حالتون بدليون، خاص طور تي جڏهن روايتي دؤر ختم ٿيو ۽ جديد سائنسي دؤر آيو تہ هيءُ



عقيدو مسلمانن لاءِ سخت نقصانڪار ثابت ٿيو. مسلمان پنهنجي تصور مطابق فقه کي مڪمل قانوني نظام سمجهي ويٺا هئا. سندن خيال هو تہ ڪين پنهنجن مسئلن لاءِ سهيڙيل فقه کان ٻاهر ڏسڻ جي ضرورت ناهي. تنهن ڪري جديد دؤر جا مسلمان تمام گهڻين قيمتي هدايتن کان محروم ٿي ويا جيڪو قرآن ۽ سنت ۾ تہ موجود هيون، پر فقه ۾ ان کي جڳهہ نہ ملي هئي. ڪجهہ مثالن مان ان معاملي جي وضاحت ٿئي ٿي.

موجوده دؤر ۾ جيڪو سياسي انقلاب آيو، ان جي نتيجي ۾ هڪ نئون سياسي نظام پيدا ٿيو جنهن کي جمهوريت (Democracy) چئجي ٿو. اسان جو موجوده فقه ان کان اڳ بادشاهت جي دؤر ۾ ٺهيو هو، تنهن ڪري ان ۾ جديد جمهوريت جو ڪو بہ تصور شامل نہ هيو، جنهن ڪري فقه جي ڍانچي ۾ سوچيندڙ ان جي اهميت کي نہ سمجهي سگهيا. ڪنهن ان کي لاديني نظام قرار ڏيئي حرام ٻڌايو، ڪنهن ان کي فقط ”مٽي ڳٽپ“ سمجهيو. پر اصل حقيقت هيءَ آهي تہ جمهوريت مسلمانن لاءِ هڪ سياسي نعمت جي حيثيت رکندي هئي. قديم بادشاهت جي ابتڙ جمهوريت ”اقتدار ۾ شرڪت“ (Power Sharing) جي اصول تي مبني آهي. جمهوري نظام مسلمانن کي هيءُ موقعو ڏئي ٿو تہ سهٽي تدبير سان هر ملڪ ۾ سياسي نفوذ حاصل ڪري سگهن، پر مسلمان اجتهادي طرز فڪر کان محروميءَ ڪري ائين ڪري نہ سگهيا. سندن مقلدانہ ذهن هيءُ تہ سوچيو تہ آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ خلافت قائم ڪرڻ جي تحريڪ هلائين، ۽ ڪيلي فورنيا کي خيلي فورنيا ۾ تبديل ڪرڻ جو ڪل جوڳو خواب ڏسن، پر سندن سمجهہ ۾ هيءَ ڳالهہ نہ اچي سگهي تہ هو اقتدار ۾ شرڪت جي جديد اصول کي استعمال ڪري آمريڪا ۾ پنهنجي سياسي جڳهہ حاصل ڪن.

موجوده زماني ۾ مسلم فڪر جي پسماندگيءَ جو سبب هيءُ هيو تہ انهن مجتهدانہ طرز فڪر، ٻين لفظن ۾ مدون فقه کان ٻاهر اچي سڌو سنئون قرآن ۽ حديث مان رهنمائي وٺڻ جو دروازو پنهنجي مٿان بند ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن اهو فڪري حادثو پيش نہ اچي ها ۽ هو کليل ذهن سان قرآن ۾ تدبر ڪن ها تہ ڪين معلوم ٿئي ها تہ قرآن ان معاملي ۾ ڪين واضح رهنمائي ڏيئي رهيو آهي.

هيءَ رهنمائي قرآن جي سورة نمبر 12 ۾ موجود آهي. ان ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ الله جي پيغمبر حضرت يوسفؑ جي زماني ۾ مصر ۾ هڪ بادشاهہ حڪومت ڪندو هو. ڪنهن سبب هو ان لاءِ راضي ٿي ويو تہ حضرت يوسف

www.sindsalamat.com

ڪي پنهنجي سياسي نظام ۾ هڪ با اختيار شريڪ جي حيثيت سان شامل ڪري. حضرت يوسف[ؑ] پنهنجي هم عصر بادشاهه جي ان پيشڪش تي راضي ٿي ويو ۽ سندس سياسي نظام ۾ هڪ حڪومتي عهدو قبول ڪري ورتائين. هيءُ عهدو بظاهر بادشاهه جي ماتحت وزيرِ خوراڪ ۽ زراعت جو هو، پر عملي طرح اهو نائب سلطنت جو عهدو رهيو. ڇاڪاڻ ته قديم زراعتي دؤر ۾ ڪنهن ملڪ جون سموريون اقتصادي ۽ غير اقتصادي سرگرميون زراعت تي مبني هونديون هيون. ان لحاظ کان حضرت يوسف[ؑ] کي جيڪو عهدو مليو، اهو ڄڻ ته ملڪ جي سڀ کان وڏي ڪليدي عهدي جي حيثيت رکندو هو.

جديد دؤر جا مسلمان جيڪڏهن فقهي تقليد مان نڪري سڌو سئون قرآن تي مجتهدانه غور فڪر ڪن ها ته ڄاڻي وٺن ها ته قرآن ۾ حضرت يوسف جو ڄاڻايل واقعو سندن لاءِ هڪ عظيم پيغمبرانه مثال هيو. اهو کين هيءَ رهنمائي ڏئي ٿو ته هو جمهوريت جي نئين دؤر ۾، اقتدار ۾ شرڪت جي اصول کي پنهنجي حق ۾ استعمال ڪن ۽ هيءُ يقين رکن ته ان جو ائين ڪرڻ پيغمبرانه اسوه جي عين مطابق آهي.

## تقليدي نظر ۽ اجتهادي نظر جو فرق

مولانا سيد حسين احمد مدني (وفات 1957ع) لکيو هو ته: "تاريخ ٻڌائي ٿي ته هند ۾ جڏهن مسلمان آيا ته عام طور تي هتان جا رهواسي ٻڌ مذهب رکندا هئا ۽ ڇوت ڇات ته پري رهي، وهانءَ شادي بہ خوشيءَ سان هڪٻئي سان ڪندا هئا. ان جو نتيجو هيءُ نڪتو ته ميل ميلاپ نهايت سگهارو اثر ڇڏيو. خاندانن جا خاندان مسلمان ٿي ويا. ان کان پوءِ جڏهن محمود غزنوي جو زمانو آيو ته هندن ۾ مختلف سببن ڪري اشتعال پيدا ٿئي ٿو ۽ شنڪر آچاريہ ماڻهن کي ٻڌ مذهب مان ڪڍي، برهمڻي مذهب کي اختيار ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو ۽ پوءِ برهمڻي مذهب سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويندو آهي. برهمڻ ڇاڪاڻ ته ڏسي رهيا هئا ته اسلام جوسيلاب ميل ميلاپ سبب سندن مذهب کي مٽائي رهيو آهي، تنهن ڪري انهن عوام ۾ نفرت جي پروپيگنڊا پکيڙيندي مسلمانن کي "مليڇ" چيو. اڪبر ان تفريقي خيال ۽ عقيدي کي پاڙئون پٽڻ گهريو. جيڪڏهن اڪبر جي جاري ڪيل پاليسي جاري رهي ها ته ضرور برهمڻن جي هيءَ چال دفن ٿي وڃي ها ۽ اسلام جا متوالا اڄ هندستان ۾ اڪثريت ۾ هجن ها. اڪبر عام هندو ذهنيت ۽ نفرت کي اندران ئي اندران کوکلو ڪري ڇڏيو



هو. اڪبر (پنهنجي حڪمت عمليءَ سبب) نفس دين اسلامي روايتن سان لاڳاپيل ڪجهه غلطيون پڻ ڪيون جنهن ڪري مسلمان طبقي ۾ ان جي خلاف بدظني پکڙجي وئي. جيتوڻيڪ گهڻا بدظني ڦهلائيندڙ غافل ۽ گهٽ سمجهه رکندڙ هئا. جيئن معلوم آهي ته صلح حديبيہ ئي مڪي جي فتح ۽ عرب جي فتح جو پيش خيمو آهي. جنهن ڏينهن صلح حديبيہ پوري ٿي، انهيءَ ڏينهن "انا فتحنا لك فتحا مبينا" جي آيت نازل ٿي. پاڻ ۾ ميل ميلاپ، نفرت ۾ ڪمي اچڻ، مسلمانن جي اخلاق ۽ سندن تعليمات جو معائنو ڪرڻ، دلين مان هٺ ۽ ضد ختم ٿيڻ وغيره، اهي ئي ڳالهيون هيون، جن قريش کي ڇڪي ڇڪي صلح حديبيہ کان پوءِ مسلمان بڻائيندي مڪي کان مديني پهچايو. مطلب ته ميل ميلاپ نفرت جي خاتمي جو سبب آهي ۽ اهو قومن کي اسلام ڏانهن آڻڻ وارو آهي ۽ نفرت ضد جو سبب ۽ عدم اطلاع علي المحاسن آهي ۽ اهو اسلامي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ آهي. ڇاڪاڻ ته اسلام تبليغي مذهب آهي، تنهن ڪري ان جو فرض آهي ته جيتريقدر ٿي سگهي، ڌارئي کي پاڻ ۾ شامل ڪري؛ نڪي ان کي دور ڪري. تنهن ڪري جيڪڏهن پاڙيسري اسان سان نفرت ڪن ته اسان کي ساڻن نفرت ڪرڻ نہ گهرجي. جيڪڏهن هو اسان کي ناپاڪ ۽ مليڇ چون ته اسان کي کين ائين نہ چوڻ گهرجي. هو اسان سان ظالمانہ ورتاءُ ڪن ته اسان کي ساڻن ظالمانہ ۽ غير منصفانہ ورتاءُ نہ ڪرڻ گهرجي." (مڪتوبات شيخ الاسلام، حصو پهريون، مڪتوب نمبر63، ڇاپو مڪتبہ دينيہ ديوبند. ص — 141 — 146)

مولانا حسين احمد مدنيءَ جي هن بيان تي غور ڪيو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته مقلدانہ نظر ڪيئن شين کي فقط سندن ظاهر (Face Value) تي وٺندي آهي ۽ مجتهدانہ نظر ڪيئن لڪل حقيقتن تائين پهچي ويندي آهي. مغل بادشاهه اڪبر جيتوڻيڪ گهڻو تعليم يافتہ نہ هيو، پر هو بي حد ذهين هو. هُن هِن راز کي سمجهي ورتو ته اسلام پنهنجي فطري ڪشش سبب هر انسان کي اپيل ڪندو آهي. شرط فقط هيءُ آهي ته ماڻهن جي وچ ۾ ضد ۽ نفرت جي فضا نہ هجي. هن وڏيڪ ان حقيقت کي سمجهيو ته برهمڻن، هندن ۽ مسلمانن ۾ دوري پئدا ڪري اسلام جي پرچار کي مصنوعي طور تي روڪي ڇڏيو آهي. ان دريافت سبب اڪبر هيءُ ڪيو ته ڪجهه بي ضرر هندو رسمن کي پنهنجي درٻار ۾ رائج ڪري ڇڏيو. اڪبرجي هيءَ روش هندو مذهب کي اپنائڻ لاءِ نہ هئي، پر اها فقط دل وٺڻ لاءِ هئي. ان جو اصل مقصد اسلام جي پرچار ۾ پيدا ٿيندڙ رڪاوٽن کي دور ڪرڻ هيو.

پر اڪبر جا همعصر عالم ان راز کي سمجهي نہ سگهيا. سندن نظر فقط اڪبر جي گيڙوءَ ڪپڙي کي ڏسي سگهي. اڪبر جنهن گهري پاليسيءَ تحت وقتي طور تي گيڙوءَ ڪپڙي کي اختيار ڪيو هو، ان حڪمت کي سمجهڻ کان هو قاصر رهيا. انهن هن جي خلاف ايترو طوفان مچايو، جو سندس منصوبو پنهنجي تڪميل تي پهچڻ کان اڳ ئي ختم ٿي ويو. ان معاملي کي غلط رنگ ڏيڻ جو نتيجو هيءُ نڪتو جو هندستاني تاريخ جو سفر اسلام جي موافقت ۾ جاري ٿيڻ بدران اسلام جي خلاف جاري ٿي ويو. مولانا سيد حسين احمد مدني ان معاملي تي جيڪو تبصرو ڪيو آهي، اهو مجتهدانہ نظر جو هڪ واضح مثال آهي. هو پنهنجي مجتهدانہ بصيرت سبب هن راز کي دريافت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو تہ معتدل حالتن ۾ مسلمانن ۽ غير مسلمانن جي وچ ۾ ميل ميلاپ هميشہ اسلام جي اشاعت جي صورت ۾ ظاهر ٿيو . چريءَ ۽ گدري جي وچ ۾ جيڪڏهن ٽڪراءُ هجي تہ فتح هميشہ چريءَ کي ئي ٿيندي. پوءِ چريءَ کي گدري مٿان رکيو وڃي يا گدري جي هيٺان، ايستائين جو ان وقت بہ گدري کي ئي نقصان رسندو آهي، جڏهن چريءَ بظاهر پنهنجو پاڻ کي گدري جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو هجي.

## صحيح معيار ۽ غلط معيار

مقلدانہ فڪر جا تمام گهڻا نقصان آهن. انهن ۾ شايد سڀ کان وڏو نقصان هيءُ آهي تہ اهڙا ماڻهو حق کي خود حق سان نٿا سڃاڻن، پر هو ان کي ماڻهن جي نسبت سان سڃاڻن ٿا. اهڙن ماڻهن جو سڀ کان وڏو مرجع سندن مفروضہ بزرگ بڻجي ويندا آهن. هي مفروضہ بزرگ جنهن شيءِ کي حق بڻائين ان کي هو حق مڃين ٿا. ڪو بہ شخص جيڪو سندن مفروضہ بزرگن جي فهرست ۾ شامل نہ هجي، اهي جيتوڻيڪ ڪيترن ۽ گهڻن دليلن سان ڪنهن ڳالهہ کي چو نہ پيش ڪري، هو ان کي مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن جي اندر هيءَ صلاحيت ئي نہ هوندي آهي تہ هو دليل جي ذريعي ڪنهن شيءِ کي سڃاڻن ۽ ان کي اختيار ڪن.

اهو ئي واحد سڀ کان وڏو سبب آهي، جنهن ڪري هر دؤر ۾ پيغمبرن جو انڪار ڪيو ويو. پيغمبر پنهنجن همعصرن کي هڪ نئون شخص ڏسڻ ۾ ايندو هو، جيڪو سندن مفروضہ بزرگن جي فهرست کان ٻاهر هو. تنهن ڪري هو پيغمبر کي سندس زندگيءَ ۾ لحاظ جوڳي شخص جو درجو نہ ڏيئي



سگهيا. وڏيڪ هي تہ پيغمبر جڏهن سندن محبوب شخصيتن تي تنقيد ڪندو هو تہ هو ان سان ويتر وڏيڪ پڙڪي پوندا هئا ۽ ان جي پيغام تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا هئا.

مقلدانہ ذهن ۽ مجتهدانہ ذهن ۾ سڀ کان وڏيڪ اهم فرق هيءُ آهي تہ مقلدانہ ذهن رکندڙ ماڻهو، حق کي فقط پنهنجين شخصيتن جي حوالن سان سڃاڻن ٿا. ان جي ابتڙ مجتهدانہ ذهن رکندڙ ماڻهن ۾ هيءُ صفت هوندي آهي تہ هو حق کي خالص دليل جي زور تي سڃاڻن ۽ ان کي پوري آمادگيءَ سان اختيار ڪري سگهن.

انهيءَ فرق جو هي نتيجو آهي تہ مقلدانہ ذهن رکندڙ ماڻهو عين انهيءَ شيءِ کان محروم ٿي ويندا آهن، جنهن کي دين ۾ سڀ کان وڏيڪ اهم حيثيت حاصل آهي. يعني "معرفت وارو ايمان". معرفت واري ايمان جو سرچشمو ذاتي دريافت (Self Discovery) آهي. مقلدانہ ذهن رکندڙ ماڻهو خود پنهنجي ذهن کي آزادانہ طور تي استعمال ئي نہ ڪندا آهن. تنهن ڪري هو معرفت واري اسلام کان واقف نہ ٿيندا آهن.

مجتهدانہ ذهن رکندڙن جو معاملو ان جي بلڪل ابتڙ آهي. اهڙن ماڻهن جي ذهن جون دريون هر وقت کليل رهنديون آهن. هو سدائين آزادانہ طور تي غور فڪر لاءِ تيار رهندا آهن. اهي هيءَ صلاحيت رکندا آهن، تہ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جو حق هجڻ ظاهر ٿئي. تہ هو فورا ان کي سڃاڻي وٺن ۽ ڪنهن جهجهڪ کان سواءِ ان کي مڃي وٺن.

موجوده دنيا ۾ ڪنهن انسان لاءِ سڀ کان وڏي شيءِ هيءَ آهي تہ هو حق کي دريافت ڪري. اهو احساس تہ مون سچائيءَ کي ماڻي ورتو آهي، بيشڪ هن دنيا جي سڀ کان وڏي نعمت آهي. پراها عظيم ترين نعمت فقط انهن ماڻهن کي ملندي آهي، جيڪي مجتهدانہ فڪر رکندڙ هجن. جيڪي مقلدانہ فڪر جي اونداهين ۾ گم هوندا، اهي ڪڏهن بہ معرفت جي سچائيءَ جو تجربو نٿا ڪري سگهن.

www.sindsalamat.com

# دين جو روح- حقوق العباد جي ادائگي

مولانا محمد سليمان طاهر انڊڙ

دنيا ۾ جيڪو بہ خدا تعاليٰ جو پيغمبر آيو، ان انسانن کي اهو پيغام ڏنو تہ اي انسانو! خدا پرست بڻجو، خدا جي مخلوق جي خدمت ڪريو، انهن جي ڏکن ۽ اهنجن کي هٽايو، انهن سان همدردي ۽ شفقت وارو رشتو قائم ڪريو. اها ڳالهہ سيني مذهبن ۽ مصلحين جي گڏيل ڳالهہ رهي آهي. پر اُمتون ٽولا ٽولا ٿي جدا ٿي ويون. انهن پلائي جي ڳالهہ کي مڃڻ ۽ ان تي هلڻ جي بجاءِ انهن نبين سڳورن جا بت ٺاهي انهن جي پوڄا ڪرڻ لڳا. ۽ مذهبن جي بنياد تي جنگيون ۽ لڙايون ڪندا رهيا. پيغمبرن ڪي ميڇيائون پر ان جي تعليم ڪان انڪار ڪيائون. حضرت عيسيٰ دنيا جو بادشاه نہ بڻيو هو جو ان سان غريب ۽ امير جي ورهاست ٿي وڃي ٿي. هو تہ بيوس ۽ لاچار ماڻهن جي مدد ڪندي هن دنيا مان رخصت ڪري ويو پر مسيح جي نالي تي ماڻهو اٿيا ۽ انهن ڪمزور ماڻهن کي ڦاسين تي لٽڪايو. گوتم ٻڌ، غريبن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تاج ۽ تخت ڇڏيو. امن ۽ سلامتي جو پيغام ڏنو، خدمت خلق کي ڇوٽڪاري جو ذريعو ٻڌايو. مگر سندس پيروڪار لاڳيتو انسانيت آزاري ۾ رڌل رهن ٿا. ڪرشن محبت جي بانسري وڄائيندو رهيو، غريبن سان گڏ ڪائيندو رهندو هو مگر دنيا وارن غريبن جي پرگهور نہ لڌي. حضرت آدم عليہ السلام فرمايو تہ اي اولاد آدم! اي منهنجي نسل مان پيدا ٿيندڙ انسانو! مان مساوات انساني تي رشتو قائم ڪيو مگر توهان نسل ۽ خون جي فرق تي جدائيون قائم ڪري ورتيون ۽ بادشاهي جا تاج مٿي تي رکيا. پاڙي وارو بک مرندو رهيو ۽ پاڻ پيٽ پريندا رهيا. اوهان هر مصلح جي مخالفت ڪندا رهيا مگر قيامت ڏينهن شفاعت جي اميد بہ انهن مان رکندا ٿا اچو. اها ڪيڏي منافقت ۽ ڪيترو پاڻ



www.sindsalamat.com



سان دوکو آ. ڪائنات جي پيدا ڪندڙ جو قسم تہ جيڪو شخص ٻانهن تي رحم نٿو ڪري، مخلوق سان ناانصافي ڪري ٿو ان تي فيصلي واري ڏينهن هرگز رحم نہ ڪيو ويندو، جيڪو دنيا ۾ مخلوق جا حق ادا نٿو ڪري ان کي ڪوبہ بدلو نہ ڏنو ويندو. هيءَ تقويٰ ڇا آهي فقط ماڻهن جي خدمت ۽ خدا سان سرڪشي ۽ بغاوت ڪان رڪجي وڃڻ. قرآن چيو: انسانو! انصاف ۽ رحم ڪرڻ سکو، اهو انصاف نہ آهي تہ توهان دسترخوان تي پيٽ پريو ۽ غريب هڪ گرهہ لاءِ سڪندو وتي ۽ اُس ۾ سڙندو رهي ۽ سردي ۾ ڏڪندو رهي. امير قيمتي لباس ڍڪي، سواري تي چڙهي اڏرندو وڃي ۽ غريب حيرت ۽ عجب سان ڏسي پنهنجي غربت جو ماتم ڪندو رهي. دولتمند جڏهن ڪنهن محتاج کي ڪجهہ ڏئي ٿو تہ وڏائي سان ڦوندجي وڃي ٿو تہ هن ڪا وڏي نيڪي ڪئي آهي. حالانڪ هن جو عمل ان لٽيري جهڙو آهي جنهن پهريائين رن زال ۽ يتيم کي لٽيو هجي پوءِ ان لٽ ڦر مان هڪ سيڪڙو واپس ڪري آڪڙجي وڃي تہ مان نيڪ انسان آهيان ۽ نيڪي ڪئي اٿم. ڪجهہ ماڻهو جيڪي وڏا دولتمند ٿي ويندا آهن انهن گهڻن جي وسيلن جي لٽ ڦر ڪري قبضو ڪيو آهي، هي دنيا جي زمين سموري مخلوق لاءِ برابر جي ملڪيت آهي. ان ۾ هوشيار، چالاڪ ۽ عيار ماڻهو پنهنجي حق ڪان وڌيڪ حصو حاصل ڪري ڦٻايون ويٺا آهن. اهي فريبي ماڻهو سمجهن ٿا تہ اسان هنر سان ڪمايو آهي ائين ناهي هنن ڏاڍ ۽ ظلم سان غريبن جي ملڪيت ۽ انهن جي جائز حقن تي ڌاڙا هنيا آهن. انهن کي ان لٽ ڦر جي سزا سخت عذاب جي شڪل ۾ ملندي. سواءِ انهن ماڻهن جي جيڪي پڇتاءَ ڪري پنهنجي ملڪيت کي فلاح انسانيت لاءِ وقف ڪري ڇڏين، ۽ غريبن جي مفاد لاءِ دولت کي ورهائي ڇڏين. انهن جي شايد نجات ٿي وڃي.

انسانو! سمجهي ڇڏيو تہ دين جو روح، خدمت خلق، انسانن سان رحم، شفقت، نرم رويو ۽ خالص خداپرستي آهي. فقط نمازن ۽ وظيفن تي زور ۽ رياڪاري واريون رسمون ادا ڪرڻ سان الله تعاليٰ راضي نٿو ٿي سگهي. حقوق العباد کي اڳرائي ڏيو. انسانن، حيوانن، جانورن ۽ ساهہ واري مخلوق تي رحم ڪرڻ سان شايد جنت جا وڌيڪ حقدار ٿي ويندؤ، انهن عبادتن ڪان جيڪي رياڪاري سان ادا ڪيون وڃن.

فَوَيۡلٌ لِّلۡمُصَلِّيۡنَ ۙ﴿۴﴾ الَّذِيۡنَ هُمۡ عَنۡ صَلَاتِهِمۡ سَاهُوۡنَ ۙ﴿۵﴾ الَّذِيۡنَ هُمۡ يُرَآءُوۡنَ ۙ﴿۶﴾

(سوره الماعون-4-6)

نمازون ۽ روزا انسان سازي لاءِ سينگار آهن، تربيت جو ذريعو آهن ۽ بارگاه ايزدي ۾ قرب جو وسيلو آهن. مگر اها نماز جيڪا ابوبڪر صديق □ پڙهي ۽ پوءِ پورو مال خدا جي راهه ۾ لٽائي ڇڏيو ۽ خلافت جي دور ۾ جيڪو وظيفو ورتائين اهو سمورو بيت المال ۾ جمع ڪرائي ڇڏيائين. پوري زندگي بک ۽ ڏک ۾ گذارڻ کي ترجيح ڏنائين. عمر فاروق □، جنهن نماز پڙهي، پٺي تي اناج کڻي بي سهارا ماڻهن جي پر گهور لڌي. سندس گهريلو زندگي خوراڪ ۽ لباس رعيت جي عام ماڻهن کان به هيٺين سطح تي هوندو هيو. حضرت علي □ جيڪو نماز پڙهي، پوءِ مزدوري ڪري گهر آٽڻ جي بجاءِ مسڪينن ۾ ورهائيندو هو. عثمان ذي النورين □ جنهن تجارت جو سمورو اناج مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ تبوڪ جي موقعي تي سمورو مال لٽائي ڇڏيائين. انهن پاڪباز انسانن جون نمازون ۽ روزا ۽ عبادتون، انفاق في سبيل الله ۽ انسانن جي خدمت ۾ رڪاوٽ نه وجهنديون هيون.

انسان جي تقويٰ اها آهي ته دولت خوب ڪمائي پر پنهنجي گهر ۾ هڪ عام غريب کان وڌيڪ خرچ نه ڪري ۽ سمورو مال مخلوق تي لٽائيندو رهي، سمورا پيغمبر ۽ اولياءَ الله نه دولتمند هئا نه ئي زڪواة ڏيندڙ، بلڪ دولت کي ورهائيندڙ هئا.

"اَلَّذِیۡ جَمَعَ مَالًا وَّ عَدَّدَہٗ"

وارو شخص عذاب الاهي کان بچي نٿو سگهي.

# بادشاهي نظام به شرڪ جي برابر آهي

## مولانا محمد سليمان طاهر انيڙ

الله سبحانه و تعاليٰ جي وجود کي مڃڻ ايمان آهي. ان ذات کي پنهنجن صفتن ۽ وصفن ۾ اڪيلو سمجهڻ توحيد آهي، جڏهن ته مخلوق مان ڪنهن به شيءِ جاندار يا غير جاندار، زنده يا مرده، ڪنهن کي به ڪنهن صفت ۾ شريڪ تصور ڪرڻ، ان سان ڀائيوار ڄاڻڻ شرڪ آهي. قرآن مجيد ۾ خاص طرح الله تعاليٰ لاءِ ٽن صفتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ربّ- مَلِڪ- اِلٰـه – يعني رَبِّ الناسِ. مَلكِ النّاس – اِلٰهِ النّاس.

سموري ڪائنات جو رب، پاليندڙ، سنڀاليندڙ، نپائيندڙ، ربوبيت جو نظام ڻاهيندڙ. ڪائنات جي هر شيءِ لاءِ خوراڪ ۽ ڪفالت جو انتظام ڪندڙ، وسيلا ٺاهيندڙ ۽ انهن کي مهيا ڪندڙ، انهن جي سڪيا ڏيندڙ، انهن سڀني ڪمن ۾ هو اڪيلو منتظم ۽ عطا ڪندڙ آهي. انهن ڪمن مان ڪنهن به شيءِ ۾ ڪنهن به مخلوق جو ذري برابر به دخل ناهي، نه وري انهن کي ڪو اختيار آهي، نه وري اهڙي حيثيت حاصل آهي. ساري مخلوق پاڻ پنهنجي ذات لاءِ به رب تعاليٰ جي مڪمل طرح محتاج آهي. ٻي مخلوق جي ذميواري ته پري جي ڳالهه آهي. مخلوق مان هرشيءِ فاني هئي. عدم جي دور ۾ هئي پوءِ رب تعاليٰ جڏهن چاهيو ته ان مان هر هڪ کي هڪ وجود مليو. مگر اهو وجود به باقي نه رهندو. وري ان تي فنا ايندي.

وَ كُنۡتُمۡ اَمۡوَاتًا فَاَحۡيَاكُمۡ ۚ ثُمَّ يُمِيۡتُكُمۡ ثُمَّ يُحۡيِيۡكُمۡ (البقره-28)

توهان فنا جي حالت ۾ هيؤ پوءِ اوهان کي زندگي ڏني وئي. پوءِ وري اوهان تي موت طاري ٿيندو. وري پوءِ قيامت جي ڏينهن زندگي ڏيئي اٿاريا ويندؤ ۽ ان ڏانهن سڀني جي موت ٿيندي.



www.sindsalamat.com

چا فاني مخلوق مان ڪنهن جي حيثيت آهي، ڪنهن کي قدرت آهي، ڪنهن کي مجال آهي ته هو سموري مخلوق جو رَبُ ٿي سگهي. هاڻي اها ڳالھ ثابت ٿي وئي ته ربوبيت ۾ ڪو به الله تعاليٰ سان شريڪ ناهي. چاهي اهو نبي هجي يا امام، ولي هجي يا بزرگ، فرشتو هجي يا جن يا جيڪو اوهان ذهنن ۾ ناهيو ۽ گھڙيو آهي، انهن مان ڪو به رب ناهي. ڪنهن کي به رب سمجهڻ يا رب وارو معاملو ڪرڻ خالص شرڪ ۽ ڪفر آهي.

نيڪ ان طرح "مَلِڪ النّاس" به الله تعاليٰ جي ذات مقدس آهي. يعني اهو ئي حاڪم، بادشاھ- حڪم ڏيندڙ ۽ حاڪميت جي مقام تي فائز آهي. ساري مخلوق عبديت جي درجي ۾ آهي. علي الاطلاق فقط الله تعاليٰ جي اطاعت لازم آهي. قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو ته "الا له الخلق والامرط" مخلوق فقط ان جي آهي ۽ ان تي حڪم به ان جو ئي لاڳو ٿيندو. حڪم لاءِ ضروري آهي ته ان جي ملڪيت هجي. مخلوق جو مالڪ خدا آهي. ان ئي ساري مخلوق کي پيدا ڪيو آهي ۽ فقط ان کي جڳائي ٿو ته مخلوق کي پنهنجي حڪم هيٺ هلائي. انسانن لاءِ اطاعت جو نظام ناهڻ ۽ انهن کي طبعي ۽ فطري قانونن تي هلائڻ، پنهنجي مشيّت هيٺ ڪائنات جي چرخي کي ضابطي ۾ آڻڻ اها وصف خداوندي آهي، ان ۾ ٻي ڪنهن جو به دخل ناهي. ڪنهن کي به حق ناهي نه وري اختيار آهي ته هو ذري جيتري به مرضي هلائي سگهي. جيڪي ماڻهو اختيار ۽ اقتدار جو پاڻ کي مختار سمجهن ٿا. انسانن کي غلام بڻائي پاڻ کي بادشاھ ۽ حاڪميت جو مجاز تصور ڪن ٿا. اهي خالص شرڪ ۽ ڪفر ۾ ڦاٿل آهن. انهن حاڪميت الاهي تي ڌاڙو هنيو آهي. اهي خيانت ڪار ڏوهاري آهن.

ان طرح دنيا ۾ جيڪي ڊڪٽيٽر، آمر، فوجي جنرل، بادشاھ ۽ عوام کي غلام بڻائيندڙ حڪمران موجود آهن، انهن سيني کي باغي، ڌاڙو ۽ خائن سمجهڻ گهرجي. انهن سيني تاريخ جي هر دور ۾ پنهنجو پاڻ کي پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ سمجهيو ۽ عوام سان دوکيبازي ۽ فريب ڪاري ڪئي. ان ڪري هو جلد ئي دنيا ۾ به عبرت جو نشان بڻجي ويا ۽ هولناڪ انجام تي پهتا ۽ آخرت ۾ به ڪين اصل چهرو ڏيکاريو ويندو. جڏهن چيو ويندو ته "اين الملوڪ، اين الجبارون؟"

دنيا ۾ بادشاهي جا نعرا هڻڻ وارا ڪٿي آهن سامهون اچن، ڏاڍ ۽ ظلم سان حڪومت ڪرڻ وارا ڪٿي آهن. ماڻهن جي سامهون اچن. ان طرح قرآن مجيد ۾ الله سبحانه و تعاليٰ کي "اله الناس" يعني سمورن انسانن جو معبود



برحق قرار ڏنو ويو آهي. الهٰ فقط الله تعاليٰ جي ذات آهي. مخلوق مان ٻي ڪا به هستي نه الهٰ آهي نه وري الهٰ ٿي سگهي ٿي. ان ڪري ايمان آڻڻ لاءِ اهو اقرار ڪرڻ لازمي آهي ته الله تعاليٰ ئي الهٰ آهي ٻيو ڪو به الهٰ ڪونهي "لااله الاّ الله"

حمد ۽ ثنا، رڪوع ۽ سجدو، دعا ۽ سوال. عبوديت جون سموريون رسمون، انسان جو احتياج ۽ مجبوري جون سموريون صورتون فقط الله سبحانه و تعاليٰ لاءِ مخصوص آهن. ڪنهن به نبي مرسل، ڪنهن به ولي بزرگ ۽ ڪنهن به محترم شخصيت يا مخلوق مان ڪنهن به قوت ۽ طاقت جي ظاهري حيثيت رکندڙ يا وهم گمان ۾ ايندڙ ڪنهن به شيءِ آڏو احتياج جا هٿ ڊگهيرڻ خالص شرڪ آهي.

توحيد جي مڃڻ لاءِ تمام وصفون الله تعاليٰ لاءِ مخصوص ڪيون ويون آهن. خاص طرح ربوبيت، حاڪميت ۽ الوهيت ۾ ڪنهن به طرح جو شرڪ ناقابل برداشت آهي. معاشري ۾ خدا تعاليٰ جي حاڪميت ۾ شرڪ ڪرڻ سان وڏو فساد برپا ٿئي ٿو. هر دور ۾ انسانن جو هڪ گروهه مستڪبرين جي شڪل ۾ رونما ٿئي ٿو ۽ هو خدائي اختيارات سنڀالڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري ٿو. عوام کي غلامي جا طوق پارائي ٿو. انهن کي ضعيف ۽ ڪمزور بڻائي پنهنجو ٻانهون بڻائڻ تي مجبور ڪري ٿو.

توحيد آزادي جو پروانو آهي ان عقيدي سان انسان آزادي واري زندگي گذاري سگهن ٿا. جڏهن ته شرڪ ذلت ۽ غلامي جي نشاني آهي. جنهن سان شرفِ انسانيت مجروح ٿئي ٿو. انسان اسفل السافلين تائين پهچي وڃي ٿو. مشرڪ دنيا ۾ به دربدر ٺوڪرون کائيندو رهي ٿو ۽ آخرت ۾ به ان جو ڪو والي وارث نه هوندو. جو ته هُن دنيا ۾ خدا جي ولايت کان منهن موڙيو ۽ جن کي وارث ۽ موليٰ قرار ڏنائين ته اهي قيامت ڏينهن هن کان بيزار ٿي ويندا. مشرڪ جو انجام "خَسر الدنيا ولآخِره ــ ذَالک هُوَ الخُسران المبين" هوندو آهي.

www.sindsalamat.com

# سڌي واٽ جي تلاش

مولانا محمد سليمان طاهر انڊڙ

دنيا ۾ هر هڪ ماڻهو، صحيح ۽ غلط جي متعلق هڪ خيال رکي ٿو. ان ڪري انهن ۾نهي شين جا هر ماڻهو وٽ الڳ الڳ ماپا آهن. انهن ماپن جو هڪ ٻي سان ٽڪراءُ پڻ موجود رهي ٿو. اهي اختلافي سوچون معاشري ۾ تعصب، ڇڪتاڻ ۽ انتقامي روڳ پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجن ٿيون. ڪنهن شخص کي ڪنهن شخصيت پاڻ ڏانهن ڇڪيو آهي، ڪنهن کي وري ڪنهن ڪتاب مان رهنمائي ملي آهي. ڪنهن کي ڪنهن سياستدان ۽ حڪمران جي ڳڻ قيدي بڻائي ڇڏيو آهي. ڪو وري ڪنهن مرشد جي ڪرامتن ۾ قاتل نظر پيو ايندو. ڪي تہ اهڙا تقليدي ذهن بہ اوهان کي ڏسڻ ۾ ايندا جو “چلو تم ادهر کو هوا هو جدهر کي” جو پيمانو ناهي ڪيڏ لڳڻ، ئي سندن مشغلو هوندو آهي.

سڌي واٽ جي تلاش ۾ انسان جو ڀٽڪندو رهڻ سندس پراڻي ڪمزوري رهي آهي. انسان کي اها سوچ گهٽ ئي نصيب ٿئي ٿي تہ هو هلاڪت ۽ برٻادي کان بچڻ لاءِ پنهنجي پالڻهار ۽ پيدا ڪندڙ سان رابطي ۾ اچي. رحم ۽ ڪرم جي چادر ڍڪائيندڙ، ٻاجهاري مهربان جي سچن ۽ مخلص نمائندن (پيغمبرن ۽ رسولن) جي پيغام ڏانهن ڀرپور توجهه ڪري. انهن آسماني ڪتابن ۽ صحيفن مان هدايت حاصل ڪري جيڪي رهنمائي لاءِ موڪليا ويا آهن. اسلام ۽ قرآن کي پنهنجي زندگي لاءِ اڳواڻ قرار ڏي جيڪي هن جي لاءِ خاص طرح نازل ڪيا ويا آهن. آخرت واري حياتي کي پنهنجو ابدي گهر سمجهي، جنت کي حاصل ڪرڻ ۽ دوزخ جي عذاب کان بچڻ پنهنجي منزل قرار ڏئي ڇڏي. انسان جڏهن هدايت جو رستو انهي جڳهه تان تلاش ڪندو تہ يقيني طرح هو هدايت تي پهچي ويندو ۽ پوءِ هو انهن سيني رستن کان بيزار ٿي ويندو جن جي ذريعي هو فريب مڪر تباهي، برٻادي ۽ دنيا آخرت جي عذاب جي آڙاهن ۾ گرفتار ٿي سگهي ٿو. فقط





اهي انسان سڌي واٽ تي پهچي سگهن ٿا جن قرآن مجيد کي پنهنجو رهنما بڻايو آهي. انهن ماڻهن کي ئي دنيا ۾ راحت ۽ آخرت ۾ ڪاميابي حاصل ٿيندي ۽ جنت ۾ رهڻ جا حقدار قرار ڏنا ويندا.

سڌي واٽ تي هلڻ لاءِ سڀ کان وڏيڪ اهميت واري ڳالهہ اها آهي تہ انسان جو ايمان مضبوط هجي. جيڪو ماڻهو سچي دل سان يقين رکي تہ هن جو پيدا ڪندڙ، پاليندڙ، آسمانن ۽ زمين جو ٺاهيندڙ، مخلوق جو هلائيندڙ ڇلائيندڙ، انسانن کي حياتي ڏيئي پوءِ انهن کي ماريندڙ ۽ ٻيهر جياريندڙ، قيامت جي ڏينهن جو مالڪ ۽ فيصلا ڪندڙ اڪيلو معبود برحق ذات خداوند قدوس الله رب العالمين آهي ۽ مخلوق جي پيدا ڪرڻ جو مقصد سندس عبادت، فرمانبرداري ۽ ان جي حاڪميت کي تسليم ڪرڻ ۽ ان جي عملي حاڪميت کي قائم ڪرڻ لاءِ جهاد ڪرڻ ئي ايمان جي تقاضا ۽ نيڪ بختي آهي تہ پوءِ پڪ سمجهو تہ اهڙو انسان هدايت جي سڌي واٽ تي پهچي ويو ۽ هو صراط مستقيم تي هلي رهيو آهي. ان وٽ تي هلڻ وارو انسان خدا، قرآن ۽ قيامت تي اهڙو پڪو ويساهہ رکندو آهي جو ان کي ڪڏهن بہ حياتي جي ڪنهن لمحي ۾ شڪ نہ پيدا ٿيندو آهي. شڪ جي اچڻ سان نفاق پيدا ٿيندو آهي. ۽ پوءِ ان جي سرحد ڪفر جي ويجهو ٿي ويندي آهي.

اسان جي معاشري ۾ ڪيترا انسان موجود آهن، جيڪي پاڻ کي “اهل ايمان” ۾ ڳڻن ٿا پر انهن جي دلين ۾ انهن بنيادي عقيدن جي متعلق شڪ ۽ وهم موجود رهن ٿا. جڏهن اهڙا ماڻهو حق جي انڪاري وڏائي خورن ۽ دولت مندن جي ڪچهرين ۾ ويهندا آهن تہ اتي خدا ۽ اسلام تي چٽرون ڪيون وينديون آهن ۽ انهن جو مذاق اڏايو ويندو آهي تہ هي ماڻهو خاموشي سان ٻڌندا آهن ۽ پوءِ انهن جي اثر هيٺ اچي ايمان کان محروم ٿي ويندا آهن ۽ آهستي آهستي خدا ۽ اسلام جا دشمن بڻجي ويندا آهن. حق کان محرومي وڏي بدبختي آهي ۽ جڏهن تہ حق جي واٽ تي هلڻ وڏي خوش قسمتي آهي. قرآن مجيد ٻڌائي ٿو تہ:

وَّلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَيُؤْمِنُوْا بِهٖ فَتُخْبِتَ لَهٗ قُلُوْبُهُمْ ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ (سورت الحج 54)

“ڄاڻ رکندڙ ماڻهو ان نتيجي تي پهچي ويندا آهن تہ اهي ڳالهيون پالڻهار جي طرفان حق سچ آهن پوءِ هو ان تي يقين رکندا آهن ۽ انهن جون دليون ان حق لاءِ

www.sindsalamat.com

جهڪي ويندِيون آهن. يقيني طرح الله تعاليٰ يقين رکندڙن کي سڌي واٽ جي طرف رهنمائي فرمائيندو آهي.“

جيڪي انسان فرمانبرداري جي مڪمل جذبي سان الله تعاليٰ سان ڳنڍجي ويندا آهن. انهن جي اها ڳالهه ثابت ڪري ٿي ته هو سڌي واٽ (صرات مستقيم) تي قائم آهن. ڇو ته جيڪو شخص الله تعاليٰ تي يقين رکي ٿو ۽ قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب واري لمحي کان خوف رکي ٿو ته ان کي دنيا جي رنگينين ڏانهن هرگز رغبت نٿي ٿي سگهي. هو ته هر وقت خدا تعاليٰ جي خوشنودي جو طالبو هوندو ۽ جنت جي حقيقي نعمتن ڏانهن متوجهه رهندو. هتان جون ٿوري وقت جون خوشيون هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي نه سگهنديون.

خدا تعاليٰ جو رضامندو، جڏهن زندگي جو اڪيلو مقصد بڻجي وڃي ته پوءِ مومن سمورا ڪم خدا جي مرضيءَ مطابق ڪندو اهي ۽ هر ڪم ڪرڻ کان اڳ اهو پيو سوچيندو ته منهنجو پيارو سائين ان ڪم ڪرڻ ۾ خوش ٿيندو يا ناراض ٿيندو. پوءِ خوشي وارا ڪم پورا ڪندو ۽ ناراضي وارن ڪمن کان ڪوهين پري ويندو.

قرآن مجيد ٻنهي ڪردارن تي روشني وجهي ٿو:

وَ كَيْفَ تَكْفُرُوْنَ وَ اَنْتُمْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ اٰيٰتُ اللّٰهِ وَ فِيْكُمْ رَسُوْلُهٗ ؕ وَ مَنْ يَّعْتَصِمْ بِاللّٰهِ فَقَدْ هُدِيَ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ (سورت آل عمران 101)

“توهان لاءِ انڪار ڪرڻ جي ڪا به گنجائش نه رهي آهي. اوهان تي الله تعاليٰ جون آيتون پڙهيون ويون آهن. اوهان ۾ الله جو رسول موجود آهي (جيڪو ڇٽي طرح توهان کي سمجهائي رهيو آهي) پر ان جي مقابلي ۾ جيڪي شخص الله تعاليٰ سان ڳنڍجي وڃن ٿا پوءِ انهن کي الله تعاليٰ سڌي واٽ جي بهترين رهنمائي ڪري ٿو“

قرآن مجيد وڏيڪ ٻڌائي ٿو ته:

كَبُرَ عَلَى الْمُشْرِكِيْنَ مَا تَدْعُوْهُمْ اِلَيْهِ ؕ اَللّٰهُ يَجْتَبِيْۤ اِلَيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَهْدِيْۤ اِلَيْهِ مَنْ يُّنِيْبُ (سورت الشوريٰ 13)

“مشرڪن کي ايمان ۽ يقين جي ڪيفيتن ڏانهن جيڪا دعوت ڏيئي رهيا آهيو اها انهن لاءِ ڳري پٿر جي ٻوجهه وانگر مٿن ڪري رهي آهي. الله تعاليٰ جن لاءِ چاهيندو آهي انهن کي سعادت لاءِ چونڊيندو آهي ۽ هو انهن لاءِ هدايت جو انتظام ڪندو آهي جيڪي ان ڏانهن پهريائين متوجهه ٿيندا آهن“



جيڪي انسان ايمان جي ڪيفيت سان پاڻ کي گناهن کان پاڪ رکندا آهن ۽ پنهنجي اخلاقي سکيا لاءِ ڪوشش ڪندا رهندا آهن ته الله تعاليٰ انهن کي وڌيڪ توفيق بخشيندو آهي. خدا انهن کي مقبول ٻانهن ۾ شامل ڪري ڇڏيندو آهي. مگر اهڙي اطاعت ۽ فرمانبرداري لاءِ انسان ۾ عجز ۽ انڪساري جو هئڻ پهريون شرط آهي. نرم دل رکندڙ، معاف ڪندڙ ۽ همدرد انسان ئي “تقويٰ” ڏانهن وڌي سگهي ٿو. تقويٰ دل جي هڪ ڪيفيت جو نالو آهي. تقويٰ جو پوري جو پورو تعلق دل سان ڳنڍيل آهي. ايثار، قرباني، انفاق، همدردي، نرم دلي، حُسن اخلاق، خدا خوفي ۽ هر ڪم ۾ مڪمل عبديت جو اظهار تقويٰ جون علامتون ۽ نشانيون آهن. جيڪو شخص انهن وصفن کان محروم آهي اهو تقويٰ کان پوري طرح محروم آهي. تقويٰ جي صفتن کان محرومي ايمان جي محرومي تائين پهچي وڃي ٿي. الله تعاليٰ وٽ اهڙو ايمان معتبر آهي. جيڪو تقويٰ سان سينگاريل هجي. قرآن مجيد ايمان ۽ تقويٰ کي هڪ ٻئي لاءِ لازمي تصور ڪري ٿو.

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰۤى اٰمَنُوْا وَ اتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ وَ لٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ (الاعراف 96)

“جيڪڏهن ڳوٺن وارا ماڻهو ايمان ۽ تقويٰ سان سينگاريل هجن ها ته انهن جي مٿان آسمان ۽ زمين مان برڪتون ۽ رزق جي ڪشاگي جا دروازا کولي ڇڏيون ها. پر انهن توحيد جي دعوت کي ڪوڙو سمجهو ۽ انڪار ڪيو ته پوءِ سندسن عملن سبب انهن کي عذاب ۾ گرفتار ڪيوسون.“

انسان جي اندر هڪ فيصلي واري قوت رکي وئي آهي جيڪا گناهه جي متعلق ڇٽو شعور رکي ٿي ۽ گناهه کان بچڻ جي رستن کان به ڄاڻ رکي ٿي. انسان کي بد ڪرداري ۽ آلودگين ۾ ڦاسائڻ ۾ سندس نفس جو اهم حصو آهي. نفس جي ان داخلي ڪيفيتن متعلق آگاهه ڪيو ويو ته:

وَ نَفْسٍ وَّ مَا سَوّٰىهَا ۪ۙ (٧) فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَ تَقْوٰىهَا ۪ۙ (٨) قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ۪ۙ (٩) وَ قَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰىهَا ؕ (١٠)

(سورت الشمس 7-8-9-10)

“نفس کي سنواريوسون پوءِ ان ۾ نيڪي بڇڙائي جي سمجهه وڌي سون. ڪامياب آهي اهو شخص جنهن نفس کي پاڪ ڪيو ۽ نامراد آهي اهو شخص جنهن نفس کي آلودگين ۾ ڦاسايو“

www.sindsalamat.com

نفس انسان لاءِ هڪ وڏي آزمائش آهي. انسان کي بڇڙن ڪمن ۽ نافرمانين ڏانهن ڇڪيندو رهندو آهي. ان اعتبار سان انسان جو وڏو دشمن آهي هي انانيت پسند، حريص، لالچي ۽ خود غرض هوندو آهي. پنهنجن خواهشن کي پوري ڪرڻ جون راهون تلاش ڪندو رهندو آهي. ڪيس پنهنجن ذاتي مفادن جو اونو هوندو اٿس. جيئن ته اهي سموريون شيون جائز ذريعن سان پوريون نه ٿينديون آهن ان ڪري نفس، انسان سمورا هٿيار استعمال ڪرڻ لاءِ پڙڪائيندو رهندو آهي.

حضرت يوسف عليہ السلام جي ذريعي نفس جي ان ڪيفيت کي هن طرح بيان ڪيو ويو آهي.

وَمَآ اُبَرِّئُ نَفۡسِىۡ‌ ۚ اِنَّ النَّفۡسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوۡٓءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّىۡ‌ ؕ اِنَّ رَبِّىۡ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ

(سورت يوسف 53)

“مان پنهنجي نفس جي پاڪدامني نٿو ڪريان ڇو ته نفس انسان کي بڇڙي ڪم تي پڙڪائيندو رهندو آهي. سواءِ ان شخص جي جنهن تي پالڻهار رحم ڪري، منهن جو پالڻهار بخشيندڙ ۽ مهربان آهي”

ان راز تان پردو کڻڻ ۽ اهل ايمان کي واقف ڪرڻ ته نفس هر وقت انهن کي نافرمانين ڏانهن ڇڪيندو رهي ٿو، وڏي اهميت جي ڳالهه آهي. انسان کي سمجهڻ گهرجي ته سڌي واٽ کان هٽائڻ لاءِ نفس جون رٿائون ڪيتري قدر هلاڪت واريون ثابت ٿي سگهن ٿيون. هو هر وقت انسان کي پٽڙيءَ تان لاهڻ لاءِ شرارتون گهڙيندو رهندو آهي. ۽ هو ڪڏهن به وقفو نٿو ڪري. هر لمحي تاڙ ۾ رهندو آهي ته ڪڏهن ۽ ڪهڙي نموني انسان کي ڪنهن کڏ ۾ ڪيرائي هميشه لاءِ برباد ڪري ڇڏي.

نفس جي اصلاح ۽ سڪيا لاءِ ضروري آهي ته نفس جي خواهشن کي ٺڪرائي ضمير جي فيصلي تي عمل ڪيو وڃي. نفس جن لذتن ۽ دنيا پيروري ڏانهن ترغيب ڏئي ته ان جي مخالفت ڪري ايثار، قرباني، انفاق، همدردي، ٻانهن جي حقن ۽ خدا جي اطاعت وارن عملن ۾ جنبي وڃڻ گهرجي. ان طرح سان سڌي واٽ تي قائم رهڻ آسان ٿي ويندو ۽ شيطاني راهن کان بچڻ سولو ٿي پوندو.

# توحيدي معاشرو يا طبقاتي معاشرو

مولانا محمد سليمان طاهر انيڙ

دنيا جي سمورن نبين ۽ پيغمبرن، پنهنجي دور ۾ زمين جي مختلف حصن ۾ جيڪي معاشرا وجود ۾ آندا يا جيڪا هنن نيڪ ٻانهن تعليم ڏني ۽ ماڻهن کي هڪ نظريي تي گڏ ڪيو، اهو هي هيو ته سمورا انسان توحيد جي فڪر تي ڪٺو ٿي مساوات ۽ برابريءَ سان خدا جا ٻانهان بڻجي رهن. انسانن جو رب، حاڪم ۽ معبود هڪ آهي ۽ هڪ ئي هئڻ گهرجي. ڪوبہ شخص ڪنهن کان برتر ۽ بلند ناهي، جيئن ٻانهپ ۾ سڀ هڪ جهڙا آهن اهڙي طرح قانون به سڀني تي هڪ جهڙو لاڳو ٿيندو ۽ رزق جي وسيلن ۽ پيداواري ذريعن ۾ به هو سڀ برابري جي بنياد تي شريڪ آهن. سڀني جي ڪفالت ٿيڻ لازمي آهي. رزق جي بنياد تي طبقن جي پيدا ٿيڻ کي شرڪ قرار ڏنو ويو. عبادت، قانون ۽ رزق ۾ برابري ۽ ڪفالت، سمورن انسانن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ايمان جو لازمي حصو قرار ڏنو ويو. اهڙي توحيدي معاشري کي وجود ۾ آڻڻ، نبين جي بعثت جو اصل مقصد مقرر ڪيو ويو. ان جي مقابلي ۾ دولت جي تفاوت، دولت تي هڪ هٽي قائم ڪرڻ، انسانن جي گهٽائي کي ڪفالت کان محروم ڪرڻ، انهن کي غلام بڻائي، انهن جي محنت جو استحصال ڪرڻ ۽ انهن کي ڍورن ڍڳن واري زندگي گذارڻ تي مجبور ڪرڻ کي مشرڪانہ معاشرو قرار ڏنو ويو. اهي چند ماڻهو جيڪي دولت تي قبضو ڪري پاڻ کي “اِلٰه— ملڪ ۽ رب” سمجهڻ لڳا، انهن کي پيغمبرن طاغوت قرار ڏنو ۽ انهن کي مٽائڻ، نيست و نابود ڪرڻ ۽ انهن جي عهدن، اختيارن ۽ دولت کي پائمال ڪرڻ اصل ايمان ۽ توحيد جو مرڪزي نڪتو تصور ڪيو ويو. ان ڪري قرآن مجيد ۾ پڻ چٽائي سان اها ڳالهه چئي وئي ته “طبقاتي نظام” جنهن ۾ دولت کي، حڪومت کي، انسان جي



www.sindsalamat.com

بغاوت ڪي ۽ ان جي ذاتي مفاد، سڌن ۽ خواهشن کي "الٰه" جو درجو ڏنو وڃي ٿو اهو هڪ طاغوتي ۽ مشرڪانہ نظام آهي، جنهن کي ميٽائڻ، ان سان بغاوت ڪرڻ ۽ ان جي خلاف مزاحمت ڪرڻ توحيد ۽ ايمان جي تقاضا آهي.

أَفَرَأَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ إِلَٰهَهُ هَوَاهُ (الجاثية: ٢٣)

"انهيءَ سرڪش انسان جي اوهان کي خبر آهي جنهن پنهنجي خواهشن، سڌن، عهدن، اختيارن ۽ دولت جي آڪڙ کي پنهنجو خدا قرار ڏنو آهي ۽ هو انهن جي پوڄا ڪري ٿو."

"سرمايہ داري ۽ طبقاتي نظام سنئون سڌو ڪفر ۽ شرڪ جو نظام آهي. ان نظام جي موجودگي ۾ ايمان ۽ توحيد جو خاتمو ٿي وڃي ٿو.

قُلْ أَعُوذُ بِرَبِّ النَّاسِ ○ مَلِكِ النَّاسِ ○ إِلَٰهِ النَّاسِ ○ (الناس: 1 - 3)

"انسانن جو رب، انسانن جو حاڪم ۽ انسانن جو معبود هڪ آهي."

۽ سڀ انسان بہ "عبديت" ۾ برابر آهن. ان ڪري ربوبيت، حاڪميت ۽ معبوديت ۾ سڀني کي هڪ صف ۾ ڳٽيو ويندو. هي ڪيڏو وڏو ظلم ۽ شرڪ عظيم آهي تہ جيڪي ماڻهو عبادت ۾ سمورا هڪ جهڙا آهن، نماز جي صفن ۾ وڏو ۽ ننڍو سڀ برابر آهن پر وسيلن جي ورهاست ۽ قانون جي نفاذ ۾ تفاوت ڪيو ٿو وڃي تہ هن تي قانون لڳندو ۽ هن ڏوهہ بہ ڪيو آهي تہ قانون لاڳو نہ ٿيندو ۽ دولت جا وسيلا هن وٽ گڏ ٿيندا وڃن، هن وٽ فيڪٽريون، ملون، ڪاروبار، جايون ۽ محلات، اختيار ۽ عهدا سڀ ڪجهہ موجود هجن پر انسانن جي گهڻائي بک، بيماري، علاج، اٽي لٽي ۽ اجهي کان محروم، ڏکن، دردن ۽ اهنجن ۾ مبتلا ۽ سموري عمر تڙپندي تڙپندي زندگي گذاري مري وڃي پر ڪيس رياست ڪفالت کان بہ محروم رکي. ڇا اهو مشرڪانہ ۽ طاغوتي معاشرو ناهي؟ ڇا ربوبيت جي نظام جو قيام خدا جي مشيت ناهي؟ توحيد جي تقاضا ناهي؟ ايمان جي عملي تصور ۾ شامل ناهي؟ پيغمبرن (عليهم السلام) طبقاتي معاشرن کي ٽوڙي توحيد تي مبني معاشرن کي قائم ڪيو جيڪي اجتماعي عدل جا ضامن هئا.

سيدنا موسيٰ عليہ السلام کي الله تعاليٰ حڪم فرمايو تہ:

اذْهَبْ إِلَىٰ فِرْعَوْنَ إِنَّهُ طَغَىٰ (طه: ٢٤)

"اي موسيٰ! فرعون ڏانهن پيغام کڻي وڃ! اهو هڪ سرڪش انسان بڻجي ويو آهي."

وَجَعَلَ أَهْلَهَا شِيَعًا (القصص: ٤)



"فرعون پوري قوم کي طبقن ۽ ٽولن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي."

هن ڪن ماڻهن کي ضعيف ڪمزور بڻائي، دولت جي وسيلن کان محروم ڪري غلام ڪري رکيو آهي ۽ ڪن خوشامندين کي طاقتور ڪري رکيو آهي. ان ڪري اهڙي باغي انسان کي نيست و نابود ڪرڻ اسان جي مشيت ۾ آهي.

وَنُرِيدُ أَنْ نَمُنَّ عَلَى الَّذِينَ اسْتُضْعِفُوا فِي الْأَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ أَئِمَّةً وَنَجْعَلَهُمُ الْوَارِثِينَ (القصص: ٥)

"اسان گهرون ٿا تہ جن شخصن کي ڪمزور، محتاج ۽ محروم ڪيو ويو آهي ۽ جن کي بکن ڏکن ۾ گذارڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي، انهن کي قومن جو رهنما بڻايون ۽ انهن کي زمين جي خزانن جو وارث ڪيون ۽ ظالمن ۽ سرڪشن کي پائمال ڪري عبرت جو نشان بڻايون."

حضرت سيدنا خاتم الانبياءِ والمرسلين ﷺ جن تہ هڪ مڪمل انقلابي نظريي سان دنيا ۾ ان وقت تشريف فرما ٿيا جڏهن هيءَ دنيا طبقاتي معاشري ۾ ورهايل هئي. انسان منڊين ۾ ڊورن وانگر وڪامندا هئا. نخوت ۽ ڪبر سبب ڇوڪرين کي جيئرو قبرن ۾ پوريندا هئا. عورت ٻانهي هئي جيڪا عياشي ۾ استعمال ٿيندي هئي ۽ جنهن جي عصمت فروشي دولت جو ذريعو هئي. اهڙي اوندهہ انڌوڪار جي دور ۾ پيغمبر اسلام ظالمن، سرڪشن ۽ مستڪبرن کي للڪاريو ۽ اهڙي طبقاتي مشرڪانہ معاشري کي ميٽائڻ خاطر اڪيلي سر ميدان ۾ نڪري آيا. انساني تاريخ جي اها هڪ وڏي ڪشمڪش هئي، هڪ وڏي مزاحمت هئي، هڪ وڏو ٽڪراءُ هيو جيڪو 610 ع ۾ مڪي جي سر زمين ۾ ظاهر ٿيو. مڪي جي مقدس زمين ان وقت غلامن سان ڀريل هئي. آزادي جي هن پيغام ٻانهن ۾ ڦرڦوٽ پيدا ڪئي. هو پنهنجن آقائن جي خلاف نڪري نروار ٿيا ۽ سيدنا محمد ﷺ جي ڇوڏاري ڪٺو ٿيندا ويا. پوءِ ظلم، ستم ۽ جبر جي چڪي ڦرندي وئي پر بلال، صهيب، عمار، ياسر، سميہ، خبيب، فهيره ۽ مڪي جي با اثر ماڻهن، ابوبڪر، عثمان تائين بہ توحيد جي معاشري قائم ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ڪين شديد ايذاء پهچايا ويا. انهن کي پنهنجي وطن کان لڏڻ تي مجبور ڪيو ويو. پر نيٺ اها ڪشمڪش پنهنجي منزل تائين پهتي. ظالم، جابر ۽ مستڪبر نابود ٿي ويا. ڪي جهنم رسيد ٿيا، ڪن هٿيار ڦٽا ڪيا، ڪن اطاعت قبول ڪئي ۽ جزيرة العرب ۾ توحيد جو معاشرو قائم ٿي ويو. دنيا جا خزانا انهن جي پيرن ۾ پوندا رهيا.

www.sindsalamat.com

ان توحيدي معاشري جي هڪ جهلڪ ملاحظ فرمايو:

سيدنا عمر فاروق رضي الله جي خلافت جو دور آهي. يمن جو علائقو جيڪو سر سبز ۽ خوشحال ليکيو ويندو هو. ان علائقي تي حضرت معاذ بن جبل □ کي گورنر مقرر ڪيو ويو. ان علائقي مان جيڪي زڪوات ۽ صدقات جمع ٿيا انهن جو ٽيون حصو بيت المال مدينہ طيبہ ڏانهن موڪلي ڏنو ويو. حضرت عمر □ مبارڪباد بجاءِ ڪيس تنبيهہ نامو ڏياري موڪليو تہ هي ايترو مال مديني ڇو موڪليو اٿيئي؟ اسان توکي ان ڪري گورنر نہ ڪيو هيو سون تہ مال حاصل ڪري اسان ڏانهن موڪلي ڏي. اتان جو مال اتي حاصل ڪري اتان جي غريبن ۽ محتاجن ۾ ورهائي ڇڏ. حضرت معاذ □ جواب موڪليو تہ هن علائقي جا ماڻهو ايترا خوشحال ۽ مالدار آهن جو ڪو هڪ ماڻهو بہ مال وٺڻ لاءِ تيار ناهي. سڀ ڏيڻ لاءِ ئي آتا آهن. هاڻي دولت کي مان ڪهڙي تصرف ۾ آڻيان؟

عبدالحميد بن عبدالرحمان، عراق جو گورنر هو. هن رعيت ۾ سمورا وظيفا ورهائڻ کان پوءِ مرڪز کي لکيو تہ ڪافي رقم موجود آهي، ان کي ڪهڙي استعمال ۾ آڻيان؟ حڪم مليو تہ جن ماڻهن تي قرض موجود آهن، انهن جا قرض ادا ڪرڻ لاءِ رقم استعمال ڪريو. جڏهن قرض ادا ٿي ويا تہ ڇيو ويو تہ اجان ڪافي رقم موجود آهي. حڪم ڏنو ويو تہ جن شخصن جون شاديون نہ ڪيل آهن، انهن جي شادي ڪرڻ ۾ تعاون ڪيو. انهن جي مهر ادا ڪرڻ ۾ رقم استعمال ڪيو. جڏهن شاديون ٿي ويون تہ ڇيو ويو تہ اجان بہ رقم موجود آهي. حڪم ڏنو ويو تہ غير مسلمن کي زراعت وڌائڻ ۽ انهن جي زرعي اخراجات ۾ رقم کي استعمال ڪريو.

سيده عائشہ صديقہ $ کي ٻارنهن هزار درهم سالانہ وظيفو رياست طرفان ملندو هو. ان کان سواءِ بہ ڪيترا اصحاب ڪرام ڪيس هديا، تحفا ۽ صدقات عطا ڪندا رهندا هئا. مگر سيده صديقہ سموري مال کي غريبن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيندي هئي ۽ گهر ۾ ڪوبہ مال يا دولت ذخيرو ڪري نہ رکندي هئي. هڪ دفعي حضرت عبد الله بن زبير ڪيس حجت ڪندي ڇيو تہ عائشہ! سڀ مال خرچ ڪرين ٿي ڪجهہ تہ پاڻ وٽ رکندي ڪر. متان ڪڏهن تڪليف ۾ اچين وڃين. ان ڳالهہ تي سيده کي سخت ڪاوڙ اچي وئي ۽ چوڻ لڳي تہ تون مونکي دولت جمع ڪرڻ جو مشورو ٿو ڏئين ۽ سڄائپ جو خطرو ٿو ڏيارين. بس هاڻي مون سان نہ ڳالهائيندو ڪر نہ ايندو ڪر، نہ ويندو ڪر. توسان قطع ڪلامي



آهي. حضرت ابن زبير □ سخت پريشان ٿيو. معافيون وٺڻ لڳو پر سيده گهڻو عرصو ان ڳالهہ تي ناراض رهي. فقط ان نڪتي تي تہ تون مونکي مال جمع ڪرڻ جو مشورو ڇو ڏنو؟ نيٺ حضرت عبد الله بن زبير □ اڪابر اصحابِ رسول ﷺ کي منٿون ڪري سيده صديقہ □ جي خدمت ۾ سفارش ۽ معافَ ڪرڻ لاءِ آندو جن جي درخواست تي سيده صديقہ معافي ڏني ۽ ڪائونس عهد ورتو تہ وري ڪڏهن بہ مال دولت متعلق مونکي خرچ ڪرڻ کان اشاري ۾ بہ ڳالهہ نہ ڪندين.

هي آهي سنتِ رسول ﷺ جي پيروي ۾ اصحاب رسول ﷺ جو قائم ڪيل "توحيدي معاشرو". جنهن ۾ مال دولت جمع ڪرڻ، سرمايہ داري نظام کي وجود ۾ آڻڻ، مسڪينن کي گهرجن کان محروم ڪرڻ کان شديد نفرت هوندي هئي ۽ خلافت سمورن انسانن جي ڪفالت لاءِ ضامن هوندي هئي. خلافت جي عادلانہ ۽ منصفانہ معاشري جي ٽٽڻ کان پوءِ جڏهن ملوڪيت ۽ بادشاهي سسٽم شروع ٿيو تہ پهرين بدعت اها سامهون آئي تہ مال ۽ دولت کي چند هٿن جي قبضي ۾ رکيو ويو ۽ هڪ خاص طبقي لاءِ آهستي آهستي زمين جي ملڪيت کي جائز بڻائي ان کي غير محدود ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. ان طرح جاگيرداري ۽ سرمايہ داري جو رواج پيدا ٿي ويو. قرآن مجيد ۾ سون چاندي جي خزانن کي جمع ڪرڻ کان روڪيو ويو هو ۽ ان لاءِ عذاب جي تنبيهہ ڪئي وئي مگر چند ماڻهن دولت جا انبار جمع ڪرڻ شروع ڪيا. فقط ادائي في صد رقم ڏيئي پنهنجي دولت کي پاڪ سمجهڻ لڳا. اهڙي طرح هزارين ايڪڙ زمين تي قابض ٿي هارين جو هڪ طبقو يعني پراڻي غلامي کي ٻيهر وجود ۾ آندو ويو. مذهبي پيشوائيت بہ جاگيرداري ۽ سرمايہ داري يعني ٻين لفظن ۾ طبقاتي مشرڪانہ نظام جون پاڙون پختيون ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. "من احيا الارض فهي له" جنهن زمين پاڻ آباد ڪئي اهائي ان جي آهي، جنهن ٽي سال لاڳيتو پاڻ زمين غير آباد رکي تہ ان جي ملڪيت نہ رهندي، اهڙي واضح ارشاد رسول ﷺ کي ٺڪرايو ويو. "مَاذَا يُنْفِقُونَ ؟ قُلِ الْعَفْوَ" ضرورت کان وڌيڪ دولت گهرج وارن کي ڏيئي ڇڏيو.) قرآن ۽ ارشاد رسول ﷺ جي خلاف فتوائون جوڙڻ ۽ سرمايہ دارن ۽ جاگيردارن جي حق ۾ اجتهاد ڪرڻ ۽ ربوبيت جي توحيدي نظام کي نابود ڪرڻ، ڇا اهو يهودين ۽ عيسائين جي احبار ۽ رهبان وارو ڪاروبار ناهي. ڇا امت مسلمہ انهن مشرڪانہ تصورن جي موجودگي ۾ ڪو انقلاب، ڪا نئين تعمير يا نشاۃ ثانيہ ڪري سگهي ٿي؟

# دعوت توحيد ۾ پيغمبرن جو ڪردار

مولانا محمد سليمان طاھر انيڙ

قرآن مجيد بنيادي طرح ھڪ ”دعوتي ڪتاب“ آھي. اھو انسانن ڪي زندگي گذارڻ جا اصول ۽ ضابطا عطا ڪري ٿو تان تہ ھو دنيا ۾ ھڪ صاف ستري ۽ پاڪيزه زندگي گذاري سگھن. انسانن تائين ھدايت پھچائڻ لاءِ الله تعاليٰ جو اھو دستور رهيو آھي تہ ھو انسانن مان ڪن انسانن کي ان مقصد لاءِ چونديندو آھي. پوءِ انھن ڏانھن پنھنجي ھڪ فرشتي روح القدس (حضرت جبريلؑ) ذريعي وحي نازل ڪندو آھي. اھو وحي ڪتاب يا صحيفي جي صورت اختيار ڪندو آھي. ڪڏھن الله تعاليٰ سڌو سنئون پيغمبر جي دل تي وحي نازل ڪندو آھي. يا وري پردي جي پٺيان پاڻ ھم ڪلام بہ ٿيندو آھي ۽ سوال ۽ جواب بہ ڪندو آھي. مگر اھو سمورو رابطو فقط پيغمبر سان ٿيندو آھي. پيغمبرن ڪان سواءِ ڪنھن غير پيغمبر سان بہ جيڪڏھن رب العالمين چاھي تہ ڪنھن فرشتي ذريعي ھمڪلام ٿي سگھي ٿو. جيئن سيده مريم بنت عمران سان قرآن مجيد ۾ جبرئيل امينؑ ذريعي پيغام پھچائڻ جو ذڪر موجود آھي. قرآن مجيد ۾ پيغمبرن سان رابطي جون صورتون ھن طرح بيان ڪيون ويون آھن.

وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّكَلِّمَهُ اللّٰهُ اِلَّا وَحْيًا اَوْ مِنْ وَّرَآئِ حِجَابٍ اَوْ يُرْسِلَ رَسُوْلًا فَيُوْحِيَ بِاِذْنِهٖ مَا يَشَآءُ ۭ اِنَّهٗ عَلِيٌّ حَكِيْمٌ (الشوريٰ: ٥١)

”ڪنھن بہ انسان لاءِ اھا ڳالھ ممڪن ناھي تہ الله تعاليٰ ھن سان ڳالھ ٻولھ ڪري سواءِ ان جي جو ان جي دل تي وحي نازل ڪري، يا پردي جي پويان ڳالھائي يا ان ڏانھن ڪو بہ فرشتو موڪلي جيڪو خدا جي اجازت سان جيڪو



www.sindsalamat.com



خدا گھري تہ اھو وحي نازل ڪري. ھو بلند ۽ حڪمت وارو آھي.“

الله تعاليٰ پيغمبرن ڏانھن جيڪو وحي نازل فرمايو آھي يا جيڪو پيغام سيني نبين ڏانھن ھڪ بنيادي دعوت جي طريقي سان موڪليو ويو آھي. اھو پيغام آھي ”ايمان بالله“ اختيار ڪرڻ.

قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو ويو:

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا نُوْحِيْٓ اِلَيْهِ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدُوْنِ (الأنبياء: ٢٥)

”اي پيغمبر! توکان اڳ ھن دنيا ۾ جيڪو بہ رسول موڪليو ويو آھي تہ انھن سيني رسولن ڏانھن ھڪ گڏيل ڳالھ جيڪا وحي ڪئي وئي آھي، اھا ھيءَ آھي تہ ھن ڪائنات ۾ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ معبود، رب ۽ حاڪم ناھي، جنھن جي عبادت – بندگي ۽ اطاعت ڪئي وڃي.“

ان مان معلوم ٿيو تہ سمورا نبي ۽ رسول، داعي الي الله، توحيد جا پرچارڪ، معلم انسانيت، مربي، منڪي، ھادي ۽ مھدي ھئا. اھي سمورا ھڪ برادري جا فرد ھئا. يعني نبوت ۽ پيغمبري جي رشتي ۾ پاڻ ۾ مربوط ۽ گڏيل ھئا. اھو ئي سبب آھي تہ انھن سمورن ”ھاديان برحق“ تي ايمان آڻڻ، انھن جي نبوت ۽ رسالت کي تسليم ڪرڻ، انھن تي نازل ٿيل ڪتابن ۽ صحيفن کي برحق ڄاڻڻ، ايمان جو بنيادي حصو آھي. ڪنھن بہ ھڪ نبي يا پيغمبر کان منھن موڙڻ يا ان کي نہ مڃڻ، سموري سلسلي نبوت جو انڪار ڪرڻ آھي:

اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ ۭ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ مَلٰۗىِٕكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَ رُسُلِهٖ ۣ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ ۣ (البقرة: ٢٨٥)

”ايمان آندو رسول، ان ڳالھ تي جيڪا ان جي طرف نازل ڪئي وئي سندس رب جي طرفان، ۽ سمورن مؤمنن بہ ان تي ايمان آندو. رسول ۽ اھل ايمان الله تي ايمان آڻين ٿا ان جي ملائڪن تي، ان جي نازل ڪيل ڪتابن تي ۽ سمورن رسولن ۽ نبين تي ۽ ھو چون ٿا تہ ايمان آڻڻ ۾ اسان ڪنھن بہ رسول ۾ فرق نٿا ڪيون، بلڪ سيني تي ھڪ جھڙو ايمان آھي.“

ھن دنيا ۾ زمين تي قدم رکندڙ پھريون انسان پھريون پيغمبر ۽ پھريون معلم انسانيت سيدنا آدمؑ ھو. ڪيس مڪمل ھدايت ۽ تعليم سان سرفراز ڪري زمين ۾ خدا جو خليفو مقرر ڪيو ويو. پوءِ سندس اولاد مان ڪوڙ ساترا نبي ۽ پيغمبر پيدا ڪيا ويا. انسانيت کي زندگي گذارڻ جي ديني ۽ دنوي

تعليم پيغمبرن ذريعي ملي. کاڌي خوراڪ جا آداب، رهڻي ڪهڻي، گهر جوڙڻ، گهر جو سامان، برتن ٿانو، لٽي ڪپڙي جو هنر، مطلب تہ زندگي جي سيني وهنوارن جي ڄاڻ ۽ سڪيا پيغمبرن ذريعي انسانيت کي ملندي وئي. ان طرح مهذب انسانن سان معاشري کي سنواريو ۽ سينگاريو ويو. اهو عمل ارتقائي مرحلن مان گذرندو رهيو.

## حضرت نوح عليہ السلام جي تاريخي جدوجهد

ڳچ عرصي کان پوءِ انسانن ۾ شرڪ جي شروعات ٿي وئي. اها هن طرح ٿي تہ قوم ۾ جيڪي بزرگ ۽ با ڪمال شخصيتون پيدا ٿينديون رهيون، تن جي وفات کان پوءِ انهن جي عقيدت ۽ يادگيري لاءِ انهن جا مجسما ٺاهي رکيا ويا ۽ انهن جون روزانہ زيارتون ڪندا رهيا. اهو دور بہ گذريو. پوءِ ٻيو نسل پيدا ٿيو تہ انهن زيارتن کان اڳتي وڌي انهن جي محبت ۾ گرفتار ٿي بندگي جون رسمون ادا ڪرڻ لڳا، سجدا ۽ دعائون پنڻ کان پوءِ سڌو سنئون انهن کي خدا تعاليٰ جي اختيارن ۾ شريڪ ڪري معبود چوڻ لڳا. ان دؤر ۾ الله تعاليٰ توحيد جو پهريون مبلغ ۽ داعي حضرت سيدنا نوح؏ کي پيغمبر بڻائي ان قوم ڏانهن موڪليو، جنهن زندگي جو تمام وڏو عرصو قوم کي توحيد جي دعوت ڏني. قرآن مجيد ٻڌائي ٿو تہ:

وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا نُوۡحًا اِلٰی قَوۡمِهٖ فَلَبِثَ فِیۡهِمۡ اَلۡفَ سَنَةٍ اِلَّا خَمۡسِیۡنَ عَامًا ؕ فَاَخَذَهُمُ الطُّوۡفَانُ وَهُمۡ ظٰلِمُوۡنَ (العنكبوت: ١٤)

”اسان نوح؏ کي سندس قوم ڏانهن رسول ڪري موڪليو. هُن ان قوم ۾ دعوت ڏيندي 950 سال گذاريا. پر جڏهن ايتري عرصي تائين ماڻهن توحيد کي قبول نہ ڪيو تہ انهن تي پاڻي جو عذاب آڻي ٻوڙي ڇڏيو سون. هو واقعي ظالم هئا.

حضرت نوح؏ جي دعوت جو بيان هن طرح ڪيو ويو آهي:

اِنَّاۤ اَرۡسَلۡنَا نُوۡحًا اِلٰی قَوۡمِهٖۤ اَنۡ اَنۡذِرۡ قَوۡمَكَ مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ یَّاۡتِیَهُمۡ عَذَابٌ اَلِیۡمٌ. (نوح: ١)

”اسان نوح؏ کي قوم ڏانهن رسول ڪري موڪليو سون ۽ ڪيس هدايت ڪئي سون تہ هو پنهنجي قوم کي ايندڙ وڏي عذاب کان خبردار ڪري.

وڏي عذاب کان بچڻ لاءِ خدا پاڪ جو اهو دستور آهي تہ اهڙي قوم کي اڳ ۾ خبردار ڪيو وڃي ڪنهن نذير جي حجت پوري ڪرڻ کان اڳ عذاب ۾ مبتلا ڪرڻ سنت الله جي خلاف آهي. حضرت نوح؏ پنهنجي تبليغ جو طريقو هن طرح بيان



ڪري ٿو:

قَالَ رَبِّ اِنِّیۡ دَعَوۡتُ قَوۡمِیۡ لَیۡلًا وَّنَهَارًا ۙ ﴿٥﴾ فَلَمۡ یَزِدۡهُمۡ دُعَآءِیۡۤ اِلَّا فِرَارًا ﴿٦﴾ وَاِنِّیۡ كُلَّمَا دَعَوۡتُهُمۡ لِتَغۡفِرَ لَهُمۡ جَعَلُوۡۤا اَصَابِعَهُمۡ فِیۡۤ اٰذَانِهِمۡ وَاسۡتَغۡشَوۡا ثِیَابَهُمۡ وَاَصَرُّوۡا وَاسۡتَكۡبَرُوا اسۡتِكۡبَارًا ۚ ﴿٧﴾ ثُمَّ اِنِّیۡ دَعَوۡتُهُمۡ جِهَارًا ۙ ﴿٨﴾ ثُمَّ اِنِّیۡۤ اَعۡلَنۡتُ لَهُمۡ وَاَسۡرَرۡتُ لَهُمۡ اِسۡرَارًا ۙ ﴿٩﴾ ﴿نوح: ٩-٥﴾

”حضرت نوح؏ پنهنجي پالڻهار کي دعوت جي رپورٽ ڏيندي) چوي ٿو تہ اي منهنجا رب سائين! بيشڪ مون پنهنجي قوم کي توحيد جي دعوت رات جو بہ ڏنم تہ ڏينهن جو بہ ڏنم (دعوت جو ڪوبہ ٽائيم ٽيبل مقرر نہ هو. هر وقت صبح شام، رات ڏينهن، هڪ کي ۽ سڀني کي، هوريان ۽ ڏاڍيان جيئن مصلحت ۽ حڪمت جي تقاضا سامهون ٿي آئي تہ مان توحيد جي پيغام ۾ مصروف رهيس) پر عجب ڳالهہ اها سامهون آئي تہ جيئن جيئن انهن کي دعوت پيو ڏيان تہ هو مون کان پري ڀڄڻ ۾ ۽ مون کان نفرت ڪرڻ ۾ روز بروز اڳ اڳرا هئا. يعني انهن جون دليون ذري جيترو بہ نرم نہ پيون ٿين. مان انهن ماڻهن کي جيئن توحيد ڏانهن پيو سڏيان تان تہ هو تنهنجي رحمت جا حقدار ٿين ۽ تون هنن کي معاف ڪرين تہ هو دعوت کي ٻڌڻ کان ئي ٿهي پيا وڃن ۽ پنهنجن ڪنن ۾ آڱريون پيا وجهن تان تہ ڪو بہ آواز هنن جي ڪنن جي ذريعي دل تائين نہ پهچي سگهي. پاڻ کي ڪپڙن ۾ ويڙهي اهڙو بند ٿي پيا وڃن جو هو مونکي نہ ڏسن ۽ نہ ٻڌي سگهن. ۽ اها روش انهن جي هميشہ قائم رهندي پئي اچي يعني ضد ۽ ساڙ جي. ان کان سواءِ وڏائي ۽ غرور جي انتها تي پهتل هئا.“

حضرت نوح؏ وڏيڪ خداوند قدوس کي ٻڌائي ٿو تہ:

قَالَ نُوۡحٌ رَّبِّ اِنَّهُمۡ عَصَوۡنِیۡ وَاتَّبَعُوۡا مَنۡ لَّمۡ یَزِدۡهُ مَالُهٗ وَوَلَدُهٗۤ اِلَّا خَسَارًا ۚ﴿٢١﴾ وَمَكَرُوۡا مَكۡرًا كُبَّارًا ۚ﴿٢٢﴾ ﴿نوح: ٢٢-٢١﴾

”نوح چيو تہ اي پالڻهار! اهي منهنجي تہ هر ڳالهہ جي مخالفت ڪن ٿا، مگر اهڙن بدڪارن جي هر ڳالهہ مڃين ٿا جيڪي وڏيڪ دولت مند ۽ صاحب اولاد آهن، جن هنن کي فقط نقصان پهچايو آهي. هي رات ڏينهن مڪر ۽ فريب جا ڪوڙا داستان گهڙي، ان ۾ بدمست رهن ٿا.“

ان مان معلوم ٿيو تہ بدڪار ۽ بيهوده ماڻهو هر دور ۾ صالح انسانن جي مخالفت ڪندا آهن. انهن جي اصلاح جي دعوت کي قبول نہ ڪندا آهن. پر ان جي مقابلي ۾ سرمايہ دارن ۽ دولت مند بدڪردارن جي ڪڍ لڳي انهن کي پنهنجو ليڊر

www.sindsalamat.com

مجيندا آهن. ان سبب دنيا ۾ به انقلاب جي گهڙي اچڻ تي نيست و نابود ٿي ويندا آهن ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ به دردناڪ عذاب تيار ٿيل آهي جهن ۾ هي ليڊرن سميت داخل ڪيا ويندا.

حضرت نوحؑ ۽ قوم جو ان مسئلي تي جهڳڙو هيو ته قوم جي گذريل دور ۾ جن بزرگن جا مجسما قوم ٺاهي انهن جي عبادت ڪرڻ ۾ مشغول هئا ۽ انهن کي خدائي اختيار به سونپي ڇڏيا هئائون. قوم انهن جي عبادت ڪرڻ کان نه پئي رڪجي جڏهن ته حضرت نوحؑ ان شرڪ کي خدا جي بغاوت سمجهندي قوم کي ان کان نجات ڏيارڻ جي دعوت ڏيئي رهيو هو.

ان موقعي تي قوم حضرت نوحؑ کي چٽيءَ طرح ٻڌايو ته اسين انهن بزرگن جي عبادت کان هرگز نه مڙنداسون. قرآن مجيد ۾ قوم جي هٺ ڌرمي جو ذڪر ڪيو ويو آهي:

وَقَالُوۡا لَا تَذَرُنَّ اٰلِهَتَكُمۡ وَلَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَّلَا سُوَاعًا ۙ وَّلَا يَغُوۡثَ وَيَعُوۡقَ وَنَسۡرًا ۚ﴿۲۳﴾
﴿نوح: ۲۳﴾

“قوم اتفاق راءِ سان اهو موقف ٻڌايو ته هرگز نه ڇڏجو پنهنجن خدائن کي، ۽ نه ڇڏجو ود ۽ سواع کي، نکي يغوث ۽ يعوق ۽ نسر کي.”

کي اڻ پڙهيل علماء سوءِ چوندا آهن ته اهي پٽر جا بت گهڙيل هئا جن جي هو پوڄا ڪندا هئا. انهن ۾ بزرگن جو ذڪر چو؟اهڙن اٽڪلن کي اسان حضرت خاتم الانبياء سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو هي ارشاد گرامي ٻڌائينداسون. حضور ڪريم ﷺ انهيءَ آيت پاڪ جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا ته حضرت نوحؑ جي قوم جا اهي معبود جن جي عبادت کان هو نه پيا رڪجن اهي ڪير هئا؟ فرمايائون ته: “اسماء رجال صالحين من قوم نوح” (بخاري شريف)

اهي ود، سواع ۽ ٻيون شخصيتون حضرت نوحؑ جي قوم جون صالح ۽ بزرگ شخصيتون هيون جن جي وفات کان پوءِ قوم وارن انهن جا مجسما ٺاهيا ۽ انهن جي عبادت ڪرڻ لڳا. معلوم ٿيو ته اهي رڳا پٽر جا بت نه هئا بلڪ بزرگ شخصيتن جون شڪليون ٺاهي، انهن کي معبود قرار ڏيئي، انهن کي خدا تسليم ڪندا هئا.

حضرت نوحؑ ۽ سندس قوم جو معاملو جڏهن آخري حد تائين پهتو، قوم تي حجت قائم ٿي وئي. عذاب جو مرحلو ويجهو ٿي چڪو ته الله تعالىٰ حضرت نوحؑ کي حڪم فرمايو ته اسان جي هدايتن هيٺ هڪ ٻيڙي تيار ڪر



جنهن ۾ اهل ايمان سوار ٿيندا ۽ انهن کي ئي عذاب کان بچايو ويندو ۽ باقي سيني مشرڪن کي هڪ وڏي پاڻي جي سيلاب ۾ ٻوڙيو ويندو.

قرآن مجيد ۾ ان جو ذڪر هن طرح ڪيو ويو آهي:

وَاصۡنَعِ الۡفُلۡكَ بِاَعۡيُنِنَا وَوَحۡيِنَا وَلَا تُخَاطِبۡنِىۡ فِى الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا ۚ اِنَّهُمۡ مُّغۡرَقُوۡنَ ﴿۳۷﴾ وَيَصۡنَعُ الۡفُلۡكَ وَكُلَّمَا مَرَّ عَلَيۡهِ مَلَاٌ مِّنۡ قَوۡمِهٖ سَخِرُوۡا مِنۡهُ ؕ قَالَ اِنۡ تَسۡخَرُوۡا مِنَّا فَاِنَّا نَسۡخَرُ مِنۡكُمۡ كَمَا تَسۡخَرُوۡنَ ﴿۳۸﴾ ﴿هود: ۳۸-۳۷﴾

“اي نوح ٻيڙي کي ٺاهڻ شروع ڪر. اسان جي هدايت سان ۽ اسان جي سامهون. اي نوح هڪ ڳالهه ٻڌي ڇڏ ته ظالمن ۽ مشرڪن متعلق اسان سان ڪابه گفتگو نه ڪجانءِ يعني انهن جي ڪابه سفارش نه ٿيڻ گهرجي چو ته انهن جو مقدر هلاڪ ٿيڻ آهي. پوءِ جيئن جيئن حضرت نوحؑ ٻيڙي ٺاهيندو پيو وڃي ته قوم جا اوباش ماڻهو هن تي ٺوڪون ۽ چٿرون ڪندا پيا وڃن. نوحؑ هنن کي جواب ڏنو ته اڄ اوهين پلي ٺوڪون ڪريو پر هاڻي جلد اهو ڏينهن اچڻ وارو آهي ته اسين به اوهان تي، اوهان جي هلاڪ ٿيڻ تي چٿرون ڪنداسون.”

اهو وقت پري ناهي جڏهن توهان اڪين سان ڏسندؤ ته ڪنهن تي ذليل ڪندڙ اهو لمحو اچي رهيو آهي ۽ ڪير آهي جيڪو دائمي عذاب ۾ گرفتار ٿي ويندو.

ٿوري ئي وقت ۾ اسان جو حڪم اچي ويو. تنور ابري پيو. ان وقت اسان نوح کي حڪم ڪيو سون ته ٻيڙي ۾ هر جنس مان ٻه (نر ۽ مادي) ويهار. پنهنجي خاندان کي پر جن تي خدائي حڪم هلاڪ ٿيڻ جو آهي، انهن کي نه ويهار جيڪي مؤمن آهن انهن کي سوار ڪر. مؤمن هئا ئي ٿورا، آڱرين تي ڳڻڻ جيترا.

“هاڻي چڙهو ٻيڙي ۾، الله جي نالي سان اها هلندي ۽ ان جي نالي تي بيهندي”

اها ٻيڙي مؤمنن کي ڪٽي هلي. لهرن ۾ لهرون اهڙيون جهڙا پهاڙ. نوحؑ جي پٽ تي نظر پئجي وئي. چوڻ لڳو اي پٽڙا! ٻيڙي ۾ سوار ٿي، ڪافرن سان سنگت ڇڏي ڏي. هنيلو پٽ، پيءُ جي چوڻ ۾ نه آيو. چوڻ لڳو ته مان ڪنهن وڏي پهاڙ جي چوٽي تي چڙهي ويندس ۽ اها چوٽي مونکي پاڻي کان بچائي ڇڏيندي. حضرت نوحؑ فرمايو ته اڄ هن عذاب کان خدا پاڪ جي حڪم کان سواءِ بيو ڪو به بچي نٿو سگهي. ائين ئي پيءُ ۽ پٽ ڳالهائيندا رهيا ته پاڻي جي هڪ لهر آئي ۽ حضرت نوحؑ جو پٽ پاڻي ۾ غرق ٿي ويو. سموري مشرڪ قوم

جڏهن پاڻي ۾ هلاڪ ٿي ويئي ته الله تعاليٰ جي حڪم سان ٻيڙي جودي پهاڙ تي سڌي طرح بيهجي وئي.

الله تعاليٰ حڪم فرمايو ته اي زمين پاڻي کي ڇهي وڃ، اي آسمان پاڻي کي بند ڪر. پاڻي سڪي ويو ۽ خدا جو حڪم پورو ٿي ويو ۽ چيو ويو ته ظالم قوم لاءِ فقط تباهي ۽ بربادي آهي. جڏهن معاملو ختم ٿيو ته حضرت نوحؑ کي پٽ جي يادگيري آئي. چوڻ لڳو ته "پالڻهار!، پٽ ته منهنجي خاندان مان هو. ان کي بچڻ گهربو هو." خداوند قدوس پنهنجي ڪبريائي ظاهر ڪندي ارشاد فرمايو ته "اي نوحؑ اهو مشرڪ پٽ تنهنجي خاندان ۾ شامل نٿو ٿي سگهي. ان مشرڪ کي غرق ٿيڻو هو. "اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ" اهو عمل جي اعتبار سان بدڪار انسان هو. ان متعلق مون سان آئينده لاءِ ڪا به حجت نه ڪجانءِ متان جاهلن ۾ ڳڻيو وڃين."

حضرت نوحؑ جلد ئي خبردار ٿي ويو ۽ عرض ڪيائين ته "يا الله مون کي اهڙي سوال ڪرڻ ۽ سفارش ڪرڻ کان پنهنجي پناهه ۾ رک، جنهن جو مونکي پورو علم ناهي. مون کي معاف فرماءِ ۽ مون تي رحم فرماءِ." الله تعاليٰ حضرت نوحؑ جي لغزش کي معاف فرمائي مٿس رحمتن ۽ برڪتن جي پالوٽ ڪئي.

هي قرآن مجيد ۾ حضرت نوح ۽ سندس قوم جي ڪشمڪش جو مختصر احوال ٻڌايو ويو آهي. دعوت توحيد جي سلسلي ۾ ڪيڏي وڏي جدوجهد ڪئي وئي. صدين تي مشتمل جاکوڙ هڪ پيغمبر جي حوالي سان انساني تاريخ ۾ موجود آهي. ان مان سبق ملي ٿو ته هر دور ۾ مؤمنين، صالحين، دعوت توحيد کي پنهنجو نصب العين بڻائي، اهڙي ڀرپور جدوجهد ۾ مشغول رهن. اهو ئي قرآن مجيد جو پيغام آهي.

## امام انسانيت حضرت سيدنا ابراهيم خليل اللهؑ

عراق جي سر زمين تي، شرڪ ۽ بت پرستي جي ڪاري انڌيري ۾ هڪ شخصيت جنم ورتو. رياست جو سربراه نمرود خدا هجڻ جو دعويدار هيو. سندس پيءُ رياست جي مذهبي منصب تي فائز هيو. نمرود جي خدائي ۽ بتن جي پوڄا جي حفاظت سندس منصب جي تقاضا هئي. پوري قوم بت پرستي ۾ ٻڌل هئي. هوش ۽ عقل کان ڪوهين ڏور هئا.

اهڙي ماحول ۾ سيدنا ابراهيمؑ فطرت جي سڏ کي قبول ڪندي، مظاهر پرستي کان بيزار ٿي توحيد تي قائم رهڻ جو اعلان ڪيو. رات جو تاري جي



روشني کي ڏسندي چوي ٿو: "ڇا هي منهنجو رب آهي؟"

فَلَمَّآ اَفَلَ قَالَ لَآ اُحِبُّ الْاٰفِلِيْنَ ﴿الأنعام: ٧٦﴾

"جڏهن تارو گم ٿي ويو ته چيائين ته گم ٿيندڙ منهنجو رب ناهي."

وري جڏهن چنڊ کي ڏٺائين ته چيائين ته ڇا هي منهنجو رب آهي؟ جڏهن لهي ويو ته چيائين جيڪڏهن الله هدايت نه ڪري ها ته مان گمراهه ٿي وڃان ها.

جڏهن سج کي ڏٺائين ته چيائين ته هي ته ڪو وڏو رب آهي! پر جڏهن اهو به لهي ويو ته چوڻ لڳو ته مان اهڙن معبودن کان بيزار آهيان. مان پنهنجي رب پاڪ ڏانهن توجهه ڪريان ٿو جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو. مان ڪڏهن به شرڪ ڪندڙن مان نه ٿيندس.

ان تي سندس قوم هن سان جهيڙو ڪرڻ شروع ڪيو. هن قوم کي دليلن سان سمجهايو ته جن معبودن کي ناهي پوڄا ڪريو ٿا اهي ته ڪجهه به نٿا ڪري سگهن. جن کان توهين ڊڄو ٿا، مون کي ته انهن جي ڪا به پرواهه ڪانهي. اهي فطري دليل اسان ابراهيم کي سمجهايا سون ۽ اها اسان جي هدايت هئي جيڪا هن کي عطا ڪئي سون.

حضرت ابراهيمؑ رياست جي بادشاهه کي توحيد جو پيغام ڏنو ته ان الله جي عبادت ڪر جيڪو ماري ۽ جياري ٿو ته هن بيوقوف چيو ته مارڻ ۽ جيارڻ ته منهنجي هٿ ۾ به آهي! ڪنهن کي ڦاسي تي لٽڪايان ۽ ڪنهن کي ڇڏي ڏيان. حضرت ابراهيم چيو ته الله تعاليٰ سج کي اوڀر کان اڀاري ٿو. تون خدا آهين ته اولهه کان سج اڀار. ان تي مشرڪ مبهوت ٿي ويو. ڪو به جواب ڏيئي نه سگهيو. حضرت ابراهيمؑ پنهنجي پيءُ کي به سمجهايو ته اي منهنجا بابا سائين! اهڙن معبودن جي عبادت ڇو ٿو ڪرين جيڪي نه ٻڌن ٿا نه ڪي ڏسن ٿا. نه ڪي ڪو توکي نفعو پهچائي سگهن ٿا.

مگر آزر هڪ مذهبي منصب تي فائز ٿي دنوي مفادن ۾ ڪيڏي رهيو هو. هو بت پرستي کي ڪيئن ٿي ڇڏي سگهيو! آزر پنهنجي پٽ کي خبردار ڪيو ته بتن جي مخالفت کي ڇڏ. ورنه مون کان جدا ٿي وڃ.

قَالَ اَرَاغِبٌ اَنْتَ عَنْ اٰلِهَتِيْ يٰٓاِبْرٰهِيْمُ ۚ لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ لَاَرْجُمَنَّكَ وَاهْجُرْنِيْ مَلِيًّا ﴿٤٦﴾

﴿مريم: ٤٦﴾

پيءُ آزر پنهنجي پٽ ابراهيم کي چوي ٿو ته تون منهنجي معبودن کان منهن موڙي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن تون ان ڳالهه کان نه مڙندين ته مان توکي

پٿرن سان سنگسار ڪري ڇڏيندس ۽ هاڻي مون ڪان ٽري وڃ. سيدنا ابراهيمؑ پنهنجي پيءُ ۽ پوري قوم کي آخري نصيحت ڪندي چوي ٿو ته:

إِذْ قَالَ لِأَبِيهِ وَقَوْمِهِ مَا هَٰذِهِ التَّمَاثِيلُ الَّتِي أَنتُمْ لَهَا عَاكِفُونَ ﴿٥٢﴾ قَالُوا وَجَدْنَا آبَاءَنَا لَهَا عَابِدِينَ ﴿٥٣﴾ ﴿الأنبياء: ٥٣-٥٢﴾

”ابراهيم جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ قوم کي چيو ته هي ڪهڙيون مورتيون اوهان بڻايون آهن جن کي خدا ڪوٺيو ٿا ۽ جن جي آڏو اوهان اونڌا ڪريا پيا آهيو؟ چوڻ لڳا ته اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي انهن جي عبادت ڪندي ڏٺو آهي تنهن ڪري اسين به اها رسم ادا ڪري رهيا آهيون.“

مشرڪ عقل ۽ شعور سان نه سوچيندو آهي. هو خدا جي تلاش دليل سان نه ڪندو آهي بلڪ هو آباء پرستي ۽ سلف پرستي ۾ انڌي تقليد کي معيار بڻائي شرڪ ۽ ڪفر کي اختيار ڪندو آهي. حضرت ابراهيمؑ قوم تي حجت پوري ڪرڻ بعد پڪو پهه ڪيو ته هنن ڪوڙن خدائن کي پڃي پورا پورا ڪري ڇڏيندس. هڪ ڏينهن اهڙو موقعو آيو. پوري قوم قومي ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پنهنجا گهر ڇڏي رواني ٿي. حضرت ابراهيمؑ ان موقعي تي بت خاني ۾ وڃي پهتو. هڪ ڪهاڙي سان سيني بتن کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيائين. فقط هڪ لٺ سردار کي ڇڏي ڏنائين تان ته پڄاري ان ڪان اچي حال احوال وٺن:

فَجَعَلَهُمْ جُذَاذًا إِلَّا كَبِيرًا لَّهُمْ لَعَلَّهُمْ إِلَيْهِ يَرْجِعُونَ ﴿٥٨﴾ ﴿الأنبياء: ٥٨﴾

ميلي ڪان موٽ ڪائيندي بتن جا پوڄاري سڌو بت خاني ۾ اچي پهتا. ڏسن ته سمورا سندن معبود اونڌا سونڌا ٿيا هيٺ ڪريو پيا آهن. پهرين دانهن ۾ اهي لفظ اچاريائون ته:

مَن فَعَلَ هَٰذَا بِآلِهَتِنَا إِنَّهُ لَمِنَ الظَّالِمِينَ ﴿٥٩﴾ ﴿الأنبياء: ٥٩﴾

”اسان جي معبودن جو هي حال ڪنهن ڪيو؟ اهو ته ڪو وڏو ظالم آهي.“

قَالُوا سَمِعْنَا فَتًى يَذْكُرُهُمْ يُقَالُ لَهُ إِبْرَاهِيمُ ﴿٦٠﴾ ﴿الأنبياء: ٦٠﴾

”ڪن همراهن چيو ته اسان جي شهر ۾ هڪ نوجوان آهي جيڪو انهن معبودن جي خلاف ڳالهائيندو رهندو آهي. ان کي ابراهيم چوندا آهن.“

سيدنا ابراهيمؑ کي قومي درٻار ۾ آندو ويو. بادشاهه، وزير، سندس پيءُ ۽ درٻاري اچي گڏ ٿيا. پهريون سوال هي ڪيو ويو ته:

قَالُوا أَأَنتَ فَعَلْتَ هَٰذَا بِآلِهَتِنَا يَا إِبْرَاهِيمُ ﴿٦٢﴾ ﴿الأنبياء: ٦٢﴾



”اي ابراهيم هي حالت اسان جي معبودن سان تو ڪئي آهي؟“

ابراهيم جواب ڏنو. بتن جو سردار چڱو مڙس ٿيو ويٺو آهي. ان جي موجودگي ۾ اهو واقعو پيش آيو آهي. ان ڪان پڇو ته اهو ڪم ڪنهن ڪيو؟ سيني مشرڪن جا ڪنڌ هيٺ ٿي ويا. ڪنڌ هيٺ ڪيون ذلت ۽ خواري سان چوڻ لڳا ته:

لَقَدْ عَلِمْتَ مَا هَٰؤُلَاءِ يَنطِقُونَ ﴿٦٥﴾ ﴿الأنبياء: ٦٥﴾

ابراهيم اسان کي ذليل نه ڪر. توکي ته خبر آهي ته اهي اسان جا معبود ڳالهائيندا ناهن! سيدنا ابراهيمؑ پنهنجي استدلال سان جنگ کٽي ورتي ۽ هنن کي پوري قوم جي آڏو ذليل ٿيڻو پيو. ان وقت سيدنا ابراهيمؑ پوري وقار ۽ نظريه توحيد جي برتري جي احساس سان قوم کي چٽي ڏنو ته:

أَفَتَعْبُدُونَ مِن دُونِ اللَّهِ مَا لَا يَنفَعُكُمْ شَيْئًا وَلَا يَضُرُّكُمْ ﴿٦٦﴾ ﴿الأنبياء: ٦٦﴾

”ڇا پوءِ توهان الله کي ڇڏي اهڙن معبودن جي عبادت ڪندا آهيو جيڪي ذري جيترو به توهان کي نفعو نه ٿا پهچائي سگهن ۽ نه وري ذري جيترو ڪو نقصان ٿا رسائين!“

مشرڪ قوم ذليل ۽ خوار ٿي وئي. دليل جي ميدان ۾ شڪست کائي وئي. پر هٺ ڌرمي ۽ آباء پرستي کين مجبور ڪيو ته هو سچ کي قبول نه ڪن ۽ ڪوڙ تي سندرو ٻڌي ابراهيمؑ کي ڪا تاريخي سزا ڏين. سڀ متفق ٿي چوڻ لڳا:

حَرِّقُوهُ وَانصُرُوا آلِهَتَكُمْ إِن كُنتُمْ فَاعِلِينَ ﴿٦٨﴾ ﴿الأنبياء: ٦٨﴾

ابراهيمؑ کي باهه ۾ ساڙيو ۽ پنهنجن معبودن جي مدد ڪريو جيڪڏهن ڪو بدلو وٺڻ گهرو ٿا.

مهينن تائين ڪاٺيون گڏ ڪيون ويون. وڏو آڙاهه تيار ٿيو. پوءِ ان ۾ ابراهيم کي وڌو ويو. مگر سندن سازشون ناڪام ٿيون. خدا سڌو سنئون حڪم جاري فرمايو:

قُلْنَا يَا نَارُ كُونِي بَرْدًا وَسَلَامًا عَلَىٰ إِبْرَاهِيمَ ﴿٦٩﴾ ﴿الأنبياء: ٦٩﴾

”اي باهه ٿڌي ٿي وڃ! مڪمل سلامتيءَ واري ٿي پؤ، ابراهيمؑ تي.“

ايڏو عظيم الشان معجزو ڏسڻ ڪان پوءِ به قوم کي هدايت نصيب نه ٿي ۽ هو ان شرڪ تي قائم رهيا. جن معبودن جو حال هنن پاڻ اکين سان ڏٺو هو. توحيد ۽ شرڪ جي اها انساني تاريخ هزارن سالن ڪان هلندي پئي اچي.

خدا جي پيغمبر ۽ امتن جا صالح انسان هر دور ۾ توحيد جي سمجهاڻي ٻه ڏيندا پيا اچن. قرآن مجيد ۾ پيغمبرن جي جدوجهد جو احوال وڏي تفصيل سان بيان ٿيل آهي. سيدنا موسيٰؑ جي فرعون خلاف مثالي مزاحمت، فلسطين ۽ القدس جي سرزمين تي سوين پيغمبرن جي جدوجهد، بني اسرائيل جي آخري رسول سيدنا مسيح عليہ السلام جون پرپور ڪاوشون، دعوت توحيد جون بي مثال ڪڙيون آهن.

هاڻي امت مسلمہ جنهن کي ملت ابراهيم جو وارث بڻايو ويو آهي، ان تي ذميواري لڳائي وئي آهي تہ قيامت تائين ايندڙ انسانيت کي توحيد جي شفاف تعليم ڏئي. قرآن مجيد جي ذريعي انسانيت تي خدا جي حجت قائم ڪري. حجت قائم ٿيڻ کان پوءِ داعي ۽ مدعوين جي مسئوليت ختم ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن دعوت توحيد ۽ قرآن مجيد جو چٽو پيغام، قومن جي ٻولين ۾ انهن تائين نہ پهتو تہ اهل اسلام کان ٻہ قيامت ڏينهن مسئلوليت ٿيندي ۽ جن قومن تي حجت قائم نہ ٿي ۽ قرآن جي پيغام کان ناواقف رهجي ويا تہ اهي خدا پاڪ کي چئي سگهن ٿا تہ اسان تائين حق جي روشني نہ پهتي تہ پوءِ اسان تي عذاب ڇو ٿيڻ گهرجي؟

# خاتم الانبياء ﷺ جي دعوتي جدوجهد

**مولانا محمد سليمان طاهر انيڙ**

زمين تي انسانن جي آباد ٿيڻ کان پوءِ کين سڌي واٽ ڏيکارڻ لاءِ الله تعاليٰ پنهنجا خاص نمائندا هن دنيا ۾ موڪلڻ شروع ڪيا، جن کي پيغمبر، رسول، نبي ۽ هادي جو نالو ڏنو ويو. حضرت آدمؑ ۽ ابليس کي حڪم مليو تہ اوهان زمين ۾ آباد ٿيو ۽ هڪ مقرر وقت تائين اوهان کي اتي رهڻو آهي. سيدنا آدم عليہ السلام کي نبوت سان فائز ڪري هدايت سان نوازيو ويو. مگر ابليس کي اولاد آدم لاءِ ابتلا ۽ آزمائش طور تي اختيار ڏنا ويا. اهڙي طرح گذريل هزارن سالن کان اهو دور شروع ٿيو ۽ اجا تائين هلي رهيو آهي. هاديان برحق جو جيڪو سلسلو سيدنا آدم کان شروع ٿيو هو، ان جي پڄاڻي خاتم الانبياء والمرسلين سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جن تي ڪئي وئي. انهن سمورن پيغمبرن انسانيت کي حق جي راهہ ڏيکاري ۽ حق تي هلڻ لاءِ انهن جي رهنمائي ڪئي. انهن تي اها ذميواري ٻہ وڌي وئي تہ هو دنيا ۾ الله تعاليٰ جي حاڪميت قائم ڪن. هر نبي ۽ پيغمبر جو دور پنهنجن مخصوص قومي ۽ زماني حالتن مطابق گذريو. عام طرح "لِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ" هر قوم ۾ انهيءَ قوم مان هڪ فرد جو انتخاب ڪري هدايت پهچائڻ جي ذميواري ڏني وئي. "وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوْمِهٖ "هر رسول کي سندس قوم جي ٻوليءَ ۾ ڪتاب يا صحيفو الاهي ڏنو ويو تان تہ اها قوم پنهنجي قومي ٻولي ۾ خدا جو پيغام پڙهي، سمجهي ۽ ان تي عمل ڪري. هر پيغمبر سان عام طرح قومن جيڪو رويو اختيار ڪيو، اهو نهايت ظالمانہ ۽ درد ناڪ هيو. نبين کي شديد اذيتون ڏنيون ويون. مٿن مصيبتن جا پهاڙ ڪيرايا ويا ۽ ڪيترن پلارن کي قتل تہ ڪيو ويو. "وَيَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ حَقٍّ".



www.sindsalamat.com

ڪيئي هزار سال اڳ عراق ۾ ستارا پرست ۽ بت پرست هڪ قوم ۾ هڪ هادي برحق موڪليو ويو. توحيد جي ان مبلغ جو نالو هيو "سيدنا ابراهيم خليل اللهؑ". ان عظيم شخصيت مشرڪانہ ماحول ۾ توحيد جي دعوت عام ڪئي. بت پرست بادشاھہ، بت فروش خاندان، ۽ بتن جي پوڄاري قوم کي دليل جي ميدان ۾ لاجواب ڪري ڇڏيو. هن مقدس انسان عراق کان مصر جي طرف هجرت ڪئي ۽ پوءِ فلسطين ۾ اچي آباد ٿيو. ڪيس حڪم ٿيو تہ مڪة المڪرمہ ۾ ڪعبت الله جي تعمير ڪري. ان کان اڳ هن پنهنجي پٽ ۽ گهرواري کي انهيءَ "وادي غير ذي زرع" ۾ اچي آباد ڪيو هئائين. اهي سمورا انتظام، خاتم الانبياء ﷺ جي آمد لاءِ ٿي رهيا هئا. سندس اولاد مان هڪ نسل وڌيو ۽ ويجهيو. عرب علائقي ۾ رهڻ ڪري اهو نسل عرب خاندان ۾ تبديل ٿي ويو. قريش قبيلي جي هاشمي خاندان مان هڪ پاڪباز شخصيت پيدا ٿي، جنهن تي ختم نبوت جا تاج رکيو ويو. ڪتاب مقدس عطا ڪري هدايت جي منصب تي ڪين فائز ڪيو ويو. دعاء ابراهيم ۽ بشارت عيسيٰؑ جو ظهور دنيا جي سامهون آيو.

دنيا جي آخري پيغمبر جي بعثت جا ٻہ دور هئا. پهريون دور هو قوم قريش جي هدايت ۽ انهن کي عالمي قيادت لاءِ تيار ڪرڻ. ان ۾ فرمايو ويو:

"لِّتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَمَنْ حَوْلَهَا".

"بنيادي ڳوٺ ۽ ان چوڌاري واري خطي ۾ انذار"

"لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اُنْذِرَ اٰبَآؤُهُمْ"

"اهڙي قوم کي خبردار ڪرڻ جن جي وڏن تائين پيغام نہ پهتو هو"

"هُوَ الَّذِيْ بَعَثَ فِي الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ"

"الرَّسُوْلَ النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ ﷺ" کي اميين ۾ هادي ڪري موڪليو ويو.

بعثت جو ٻيو مرحلو هيو:

"وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا"

"اسان توهان کي سموري دنيا جي انسانن جي هدايت لاءِ بشير ۽ نذير ڪري موڪليو آهي."

"وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ"

"اسان توهان کي دنيا جي سمورين قومن ڏانهن رحمت جو پيغام ڏيئي موڪليو آهي تان تہ انهن جي ڪتاب ذريعي نجات ٿئي."

پيغمبرؑ توحيد جي دعوت جو آغاز مڪي جي بت پرست معاشري ۾ شروع ڪيو. نبوت جو پهريون آواز "غار حرا" ۾ روح القدس فرشتي جي



ذريعي ڪنن ۾ گونجيو. هڪ ڪتاب سندن سامهون آڻي چيو ويو تہ پڙهہ — پڙهہ — پڙهہ — پوءِ پڙهندا ويا. گهر ۾ اهڙي حالت ۾ پهتا جو مٿن هڪ خاص قسم جي ڪيفيت طاري هئي. عظيم ۽ ڏاهي عورت سيده خديجة الڪبريٰؓ کين تسلي ڏيندي چيو تہ "اوهان تہ غريبن جا همدرد هوندا آهيو، مسڪينن کي ڪاڌو ڪارائيندا آهيو، اگهاڙن کي ڍڪيندا آهيو، مسافرن جي پرگهور لهندا آهيو، مظلوم جو ساٿ ڏيندڙ آهيو. اهڙي ڀلاري ۽ برگزيده شخصيت سان خدا تعاليٰ جو ڪو سئو رويو ئي ٿي سگهي ٿو." پوءِ ڪين ورقہ بن نوفل وٽ وٺي وئي جنهن دين فطرت قبول ڪيو هو ۽ بت پرستي کان بيزار هو. هن پوڙهي شخص ڳالھ ٻڌندي ئي چيو تہ غار حرا ۾ اها شخصيت جبريل امين جي هئي جيڪو پاڪ فرشتو سيدنا موسيٰ ۽ سيدنا مسيحؑ تي نازل ٿيندو هيو. اوهان کي نبوت تي فائز ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو تہ ڪاش مان جيئرو هجان ها تہ توهان جي مدد ڪريان ها جڏهن توهان کي مڪي مان نيڪالي ڏني ويندي. ﭘاڻ ڪريم ﷺ جن تعجب سان پڇيو تہ ڇا مونکي پنهنجي شهر وارا هن شهر مان ٻاهر نڪرڻ تي مجبور ڪندا.

ورقہ ٻڌايو تہ هي پيغام ئي اهڙو آهي جو جنهن بہ ان پيغام کي پهچايو آهي ان کي شديد ايذاء ڏنا ويا آهن. سيده خديجہ ۽ ورقہ بن نوفل نبوت جي تصديق ڪئي. پوءِ سيدنا علي جيڪو ان گهر ۾ پنهنجي سوٽ سان گڏ رهندو هو ۽ زيد بن حارثہ جنهن کي پٽ بڻايو ويو هو، انهن تصديق ڪئي ۽ گهر جي دنيا کان ٻاهر جنهن آزاد شخصيت تصديق ڪئي اهو هيو ابو بڪر صديق □.

غار حرا ۾ "اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ" کان پوءِ جيڪو پيغام آيو ان ۾ چيو ويو "يٰٓاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ قُمْ فَاَنْذِرْ وَرَبَّكَ فَكَبِّرْ" اي ڪپڙا ڍڪيندڙ! (سمهڻ جو وقت ختم ٿي ويو) هاڻي اٿ ۽ انذار ڪر ۽ رب جي تڪبير بلند ڪر. منصب نبوت تي فائز ٿيڻ کان پوءِ ٽي سال مخفي طرح تبليغ ڪئي وئي "دار ارقم" ۾ هڪ تبليغي ۽ تربيتي مرڪز قائم ٿيو. ان عرصي ۾ چاليھ ڪن موحدين جي جماعت منظم ٿي وئي.

اقام رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم بمكة ثلاث سنين من اول نبوة مستخفيا فاعلن فى الرابعه

پيغمبر اسلام ﷺ جن مڪي ۾ ٽي سال مخفي طرح توحيد جو پيغام پهچايو پوءِ چوٿين سال ظاهري اعلان ڪري پيغام کي نروار ڪيائون. چوٿين سال هي وحي الاهي نازل ٿيو:

فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٩٤﴾

کولي کولي توحيد جو پيغام پهچايو ۽ مشرڪن ڪان جدا ٿي وڃو!

پاڻ ڪريم ﷺ جن صفا جي پهاڙي تي دستور مطابق چڙهي قبيلن جا نالا وٺي انداز ڪيو. فرمايائون: يايها الناس قولوا لا اله الا الله تفلحوا — وتملكوا ايها العرب وتدين لكم بها العجم فاذا آمنتم كنتم ملوكا في الجنة (زاد المعاد) "اي انسانو! الله کان سواءِ ٻين ٺاهيل معبودن جي عبادت کان بيزار ٿي وڃو ته اوهان کي ڪاميابي حاصل ٿيندي. ان پيغام کي ڪٺي اٿو ته عرب جا حڪمران بڻجي ويندؤ ۽ سمورا عجمي ان نظام تي هلي پوندا. جيڪڏهن ايمان آڻيندؤ ته بهشت جا حقدار ٿي ويندؤ."

ان موقعي تي ابو لهب سامهون آيو. پٿر هڻندي چوندو رهيو ته: "تبالك يا محمد الهذا جمعتنا" (نعوذ بالله) اي محمد تون هلاڪ ٿي وڃين ڇا تون ان ڳالھ لاءِ اسان کي هت دعوت ڏني هئي؟

دعوت عشيره جي موقعي تي به جڏهن خاندان جي ماڻهن جي دعوت ڪندي سڀني تائين پيغام پهچايو ته ابو لهب ان ۾ به رڪاوٽ وجهي ناڪام بڻايو. موسم حج ۾ مڪي کان ٻاهران آيل قافلا جڏهن منيٰ ۾ قيام ڪندا هئا يا واپار سانگي قافلا عڪاظ، مجنه، ذي المجاز خيمن ۾ قيام ڪندا هئا ته اتي وڃي هادي برحق ﷺ جن توحيد جو پيغام پهچائيندا هئا.

وابولهب ورائه يقول لا تطيعوه فانه صابئٌ كذاب، فيردون على رسول الله اقبح الرد ويقولون اسرتك وعشيرتك اعلم بك حيث لم يتبعوك. (زاد المعاد)

"جتي جتي حضور ڪريم ﷺ جن توحيد جو پيغام ٻڌائڻ لاءِ پهچن پيا ته پٺيان ابولهب به اتي پڄي ويندو ۽ چوندو رهندو هو ته هن جي پٺيان نه لڳجو، هي بي دين ۽ ڪوڙو شخص آهي. ان تي قافلي وارا ذلت وارو رويو اختيار ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته هي تنهن جي خاندان جا ماڻهو توکي وڌيڪ سڃاڻين ٿا جڏهن هي توکي نٿا مڃين ته پوءِ تون ڪهڙو سچو هوندين؟"

قريشي قوم جي مشرڪن جي عناد ۽ عداوت جو اهو مرحلو به سامهون آيو ته قريش جا سمورا قبيلا گڏجي هاشمي خاندان جو معاشي بائيڪاٽ ڪيائون. چو ته هنن ابو طالب کي آگاھ ڪيو هو ته يا ته محمد جي سرپرستي تان هٿ ڪڍي وڃ يا وري محمد اسان جي حوالي ڪر. ٻي صورت ۾ محمد جي سرپرستي ڪرڻ سبب سموري هاشمي خاندان کي ڏيڻ وٺڻ، پيت برادري ختم ٿي ويندي. پوءِ ٽي سال اهڙا آيا جو حضور ڪريم ﷺ جن هاشمي خاندان سان گڏجي شعب ابي طالب ۾ محصور ٿي ويا. هاشمي خاندان مان فقط هڪ



نياڳو شخص ابو لهب اهڙو بدبخت بڻيو جو خانداني رشتي کي به ٺڪرائي شعب ابي طالب ۾ ساٿ نه ڏنو. ٽي سال ٻکن ۽ ڏکن ۽ تڪليفن مان نيٺ وڃي پار پيا. اهڙي اذيت ناڪ ڪيفيت مان گذرڻ کان پوءِ جلد ئي اسلام تي فدا ٿيندڙ خاتون سيده ام المؤمنين خديجة الڪبريٰؓ وصال ڪري وئي ۽ پوءِ جلد ئي خواجه ابو طالب جيڪو پيغمبر اسلام جو وڏو پرجهلو هيو اهو به انتقال ڪري ويو. پاڻ ڪريم ﷺ جن کي انهن ٻن عظيم شخصيتن جي وڇوڙي هيڻو ڪري ڇڏيو. ان ڪري ان سال کي "عام الحزن" قرار ڏنائون يعني ڏک وارو سال. فقط پيغمبر اسلام ﷺ کي ئي تڪليفون نه ڏنيون ويون، پر سندن جان نثار ساٿين، خاص طرح اهل توحيد جي بي سهارا ۽ پرديسي غلامن تي مصيبتن جا پهاڙ ڪيرايا ويا، انهن کي تتل ٿانڊن تي ليٽايو ويو، پٿرن سان چٿيو ويو، جسمن تي ڏنڀ ڏنا ويا، ڪن کي ته قتل ڪيو ويو. انهيءَ صورتحال کي ڏسندي اهڙن بي سهارا ۽ بعض اهم شخصيتن کي اجازت ڏني وئي ته هو حبش ملڪ ڏانهن هجرت ڪري وڃن. انهن ۾ عثمان بن عفان  ۽ جعفر بن ابي طالب  به شامل هئا.

شعب ابو طالب جي دردناڪ حادثي کان پوءِ حضور ڪريم ﷺ جن دين اسلام جي لاءِ ڪنهن مرڪز جي تلاش ۾ طائف جو سفر اختيار ڪيو، پر اهو شهر اڃا هدايت قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. حضور ڪريم ﷺ کي اهڙي اذيت واري صورت سامهون آئي جو عرش عظيم به هڪ دفعي ڏڪي ويو. سندن دعوت توحيد کي ڪنهن به سنجيدگي سان نه ٻڌو. ويتر مٿن سنگباري ڪئي وئي. رستي تي بي هوش ٿي ڪري پيا. زيد بن حارثه  اڪيلو ساٿي گڏ هو. هڪ باغ ۾ پناھ حاصل ڪيائون. فرشتا پيغام کڻي پهتا ته طائف وارن کي سندن ڪئي جي ٻن جبلن جي وچ ۾ قيمون ڪري ڇڏيون. ليڪن رحمت عالم جا چپ مبارڪ هنن لفظن سان چريا ۽ مٿي نظر کڻندي فرمايائون ته: "يا الله منهنجي قوم کي هدايت نصيب ڪر. هي مونکي نٿا سڃاڻين."

ان طرح مڪي واپسي تي، طائف کان ناڪام موٽندي ويتر مشرڪين جا ظلم ۽ ايذاء وڌي ويا. قريشين کي موقعو مليو ته ڪين سرپرستي ڪندڙ ابو طالب به هاڻي نه رهيو آهي، ان ڪري جيڪو وڻي سو ڪري وٺون. الندوه ۾ سڀني قبيلن جي سردارن جي گڏجاڻي ٿي، ان ۾ ابليس به يمن جي هڪ سردار جي روپ ۾ شريڪ ٿيو. ان جي مشوري سان پيغمبر اسلام جي قتل جو منصوبو ان طرح ٺهيو ته سڀ گڏجي ان تي حملو ڪندا تان ته هاشمي خاندان

ڪنهن ڪان بدلو نہ وٺي سگهي. ابو جهل جي سرڪردگي ۾ حملي لاءِ پيغمبر جي گهر جي ٻاهران رات جو اچي گڏ ٿيا تہ جيئن ٻاهر نڪري تہ تلوارن جو وار ڪيو وڃي. اڌ رات گذرڻ ڪان پوءِ هادي برحق گهر ڪان ٻاهر نڪتا. سيني تي اونگهہ طاري ٿي چڪي هئي. پاڻ نهايت اطمينان سان انهن جي وچ مان گذرندي سڌو ابو بڪر صديق جي گهر پهتا. ان کي ساڻ ڪري منيٰ واري رستي ڏانهن ويندي "غار ثور" ۾ وڃي مڪين ٿيا. ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون اتي قيام ڪرڻ ڪان پوءِ اٺ گهرائي انهن تي سوار ٿي جده واري ساموندي رستي تان ٿيندي مدينہ طيبہ ۾ منزل اندوز ٿيا.

هجرت ڪان پوءِ تحريڪ ٻي دور ۾ پهچي وئي. هي دور پهرين دور ڪان بہ وڌيڪ سخت دور ثابت ٿيو. بدر جي لڙائي"يوم الفرقان" هئي. بي سهارا ماڻهو، وسيلن ڪان خالي ميدان ۾ آيا مگر سندن جذبن ۽ حوصلن ڪين فتح ڏياري. احد جي جنگ ۾ قريشي وڏي تياري سان آيا. تياري جو عملي مظاهرو بہ ڪري ڏيکاريائون. جماعت جو سربراهہ شديد زخمي ٿي پيو ۽ لشڪر ۾ انتشار اچي ويو. مگر انصارن جي بهادري جنگ جو مثبت نتيجو سامهون آندو. سيدنا حمزه جي شهادت پيغمبر کي ڏکايل ڪري ڇڏيو. ان ڪان پوءِ جنگ خندق جنهن کي جنگ احزاب "سمورن ٽولن جي گڏيل جنگ" چيو ويو آهي، هڪ خوفناڪ جنگ هئي، جنهن ۾ بنو قريظ جي يهودين بہ ميثاق مدينہ جي بد عهدي ڪري قريشين جي ساٿ ڏنو. ان جنگ ۾ بہ مسلمان سوڀارا ٿيا. پوءِ صلح حديبيہ ٿيو جنهن معاهدي تحريڪ کي عالمي تحريڪ بڻائي ڇڏيو. ان معاهدي ڪان پوءِ مڪي جي فتح جو دروازو کلي ويو. خيبر مان يهودين جي نيڪالي ٿي. دنيا جي سمورين عالمي قوتن کي اسلام جي دعوت پهچائڻ لاءِ خط روانا ڪيا ويا. تحريڪ طاغوتي قوتن سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ پاڻ کي ميدان ۾ لاٿو. 8 هجري ۾ وڏي دانائي ۽ ڏاهپ سان بنا ڪنهن ويڙه جي مڪو فتح ٿي ويو. الله جي گهر کي شرڪ ڪان پاڪ ۽ صاف ڪيو ويو. طائف رضاڪارانہ طور اسلام ۾ داخل ٿيو. بنو سعد – بنو اسلم قبيلا فتح ڪيا ويا. پهريون مرحلو تڪميل سان همڪنار ٿيو. "ام القريٰ ومن حولها" ۽ "جزيرة العرب" ۾ اسلام سياسي قوت سان اقتدار حاصل ڪيو. خدا جي حاڪميت قائم ٿي وئي. ڪفر، شرڪ ۽ طاغوتي نظام شڪست کائي ويو. ڏهين هجري ۾ هڪ لک ڪان وڌيڪ موحدين جي جماعت پنهنجي محبوب رهبر ﷺ جي اڳواڻي ۾ "حجة الوداع" ادا ڪيو. ان موقعي تي پيغمبر اسلام ﷺ جن دنيا



جي سمورن انسانن کي عالمي منشور هدايت عطا ڪيو جنهن ذريعي دنيا جي انسانن کي زندگي جا بنيادي اصول پهچايا ويا ۽ سندن دنيا جي ڪاميابي ۽ اخروي نجات لاءِ هڪ دائمي لائحہ عمل ڏنو ويو. جنهن شخصيت غار حرا مان هدايت جي سفر جو آغاز تعليم جي پيغام سان ڪيو هيو، جنهن پاڪباز انسان صفا جي پهاڙي تان نهايت درد ڀريو خطبو ڏنو هو، جنهن مجاهد شخصيت شعب ابو طالب ۾ مصيبتن ۽ بکن کي برداشت ڪيو هو، جنهن رحمدل شخصيت طائف وارن کي سندن ڪريل روش هوندي بہ معافي جو اعلان ۽ هدايت جي دعا ڪئي هئي، جنهن رحمتِ عالم مڪي جي گهر ۾ حملہ آورن کي ۽ غار ثور ۾ سندس قتل تي هڪ سو اٺن جي انعام رکندڙ سنگدل انسانن کي "لا تثريب عليڪم" جي بشارت ڏني هئي سو اڄ حجة الوداع جي موقعي تي شرڪ ۽ بت پرستي جي تحريڪ کي پنهنجن قدمن سان مٽائي رهيو هو ۽ پنهنجي خاندان جي خون جي بدلي جي خاتمي جو اعلان ڪري رهيو هو. اڄ هو قصويٰ تي سوار ٿي پنهنجو ڪنڌ رب السمٰوات والارض جي حضور ۾ نوائي رهيو هو ۽ فرمائي رهيو هو تہ اڄ جي ڪاميابي منهنجي ڪاميابي ناهي بلڪ رب ذي الجلال جي فضل ۽ ڪرم سان اسلام جي فتح ۽ ڪامراني جو ڏينهن آهي.

فرمايائين تہ : "نصر عبده و هزم الاحزاب وحده" "جنهن ذات مقدس پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) جي مدد ڪئي ۽ سمورن طاغوتي لشڪرن کي اڪيلي طور شڪست ڏني"

ان عظيم الشان جشن "فتح اسلام" جي موقعي تي الله تعاليٰ امت مسلمہ کي هڪ بي بها ۽ بي بدل تحفو عنايت فرمايو. اهو هي هيو تہ:

اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ؕ

اڄ جي هن يادگار ڏينهن تي توهان جو دين، ضابطہ حيات توهان لاءِ ڪامل ۽ مڪمل ڪري ڇڏيم. اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيم ۽ اوهان لاءِ قيامت تائين اسلام کي دين جي حيثيت سان پسند ڪري ڇڏيم.

ڪتاب الله جي حفاظت سان هميشہ لاءِ دين اسلام محفوظ ٿي ويو ۽ اسلام جي احياء لاءِ هڪ خير امت جو قيام عمل ۾ اچي ويو جيڪي شهداء علي الناس جو فريضو قيامت تائين اخلاص ۽ استقامت سان ادا ڪندا رهندا. اهڙي جدوجهد ڪندڙ پاڪباز گروهہ جي ملاء اعليٰ طرفان مدد ۽ نصرت جاري رهندي. "اللهم صل عليٰ سيدنا محمد و عليٰ آل سيدنا محمد و بارک وسلم"

# انساني تخليق جو مقصد

ڊاڪٽر الطاف جاويد

الله تعاليٰ انسانن ۽ جنن جي تخليق جو  مقصد پنهنجي “عبادت” قرار ڏنو آهي

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ(الذاريات. 56)

“۽ مون جنن ۽ انسانن کي هن لاءِ پيدا ڪيو آهي ته منهنجي عبادت ڪن.”

سمورن نبين ۽ رسولن عليهم السلام جي بعثت جو مقصد اها ئي دعوت هئي، ڇاڪاڻ ته الله جي عبادت ئي انسان جو حقيقي مقصد آهي.

جڏهن الله جي عبادت ئي زندگيءَ جو حقيقي مقصد آهي ته ان جي مفهوم جو صحيح تعين ۽ ان جي معنيٰ ۽  مطلب جي صحيح سمجهاڻيءَ کي پهرين ترجيح ملڻ گهرجي. هيءُ اصطلاح هڪ اهڙي نئين تعبير جي تقاضا ڪري ٿو، جيڪا جديد دور ۾ عقيدن، عبادتن، اخلاق، رياستي معاملن ۽ حڪومتي، معاشرتي، معاشي، سياسي، تهذيبي ۽ تمدني مسئلن ۾ الله  جي ذات کي مرڪز ثابت ڪري.

ان لحاظ کان تربيتي عبادتون (نماز، روزو، حج ۽ زڪوات) هن وسيع ۽ گهڻ پهلوئي عبادت جو جز آهن. حڪم، حڪومت ۽ رياست جي سمورن مسئلن ۾ الله جي ٻڌايل ضابطن جي پابندي به الله جي عبادت آهي. معاشرت، معيشت ۽ سياست جي سمورن معاملن الله جي حڪمن جي پابندي ۽ لحاظ به الله جي عبديت جو اظهار آهي. انفرادي، اجتماعي، قومي ۽ بين الاقوامي تعلقات ۽ رابطن جي سمورن اصولن ۽ قاعدن کي توحيد جي بنياد تي بيهارڻ الله جي عبادت جا مختلف پهلو آهن.



www.sindsalamat.com



اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ اَمَرَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ” (يوسف-40)

الله کان سوءِ ڪنهن جي حاڪميت ڪانهي، اُن حڪم ڏنو آهي ته ان کانسواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريو. اهو ئي مضبوط رستو دين آهي. پر گهڻا ماڻهو اها حقيقت ان انداز سان نه ٿا ڄاڻن.”

پوري معاشي ۽ معاشرتي نظام کي بدلائي ان کي توحيد جي اصولن تي نئين سر قائم ڪرڻ صلوات جو عملي نتيجو آهي. ان تي شعيبؑ کان سندس قوم تعجب وچان پڇيو هو:

قَالُوْا يٰشُعَيْبُ اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ اَنْ نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَآ اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ فِيْٓ اَمْوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا (هود:87)

“انهن چيو ته شعيب! ڇا تنهنجي نماز اهو سيکاري ٿي ته جن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا آيا آهن، اسين انهن کي ڇڏي ڏيون، يا پنهنجي مال ۾ جيڪو تصرف ڪرڻ چاهيون، نه ڪريون.”

ڪائنات جي تسخير، انسانيت جا سمورا معاملا- خالق، مخلوق ۽ ڪائنات جي تعلق جا فطري اصول پروڙڻ ۽ انهن جي مطابق انفرادي ۽ اجتماعي زندگي گذارڻ، الله جي عبادت آهي. توحيد، عبادت ۽ نماز جي هن مفهوم ۽ معنيٰ کي عملي جامو پهرائڻ، يعني ان کي سماجي عمل ۾ بدلائڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ان ڏس ۾ ڊاڪٽر گورايه لکي ٿو ته: “الله جي عبادت جي هن وسيع ۽ گهڻ پهلوئي تصور کي عملي جامو پهرائڻ جو فطري ۽ سائنسي ذريعو اها هدايت آهي، جيڪا قرآن ۾ محفوظ آهي”

هلندڙ دور ۾ قرآن جي دعوت جو مقصد فطري ۽ سائنسي طريقي جي دريافت ۽ ڪائنات ۽ زندگيءَ جي سمورن معاملن کي ان تي بيهارڻ لاءِ عملي پروگرام ترتيب ڏيڻ آهي، جنهن جا ڪجهه اصول هي آهن:

1- جديد سائنسي، ٽيڪنيڪي، حياتياتي، نفسياتي، معاشي ۽ جمهوري نظرين ۽ تصورن جي عظمت کي مڃيندي ان جي اصولن ۽ بنيادن تي تحقيق ڪرڻ ۽ ڏسڻ ته اهي ڪيتري حد تائين الله جي عبادت جي قرآني تصور سان مطابقت رکن ٿا ۽ ڪيتري حد تائين ان سان ٽڪراءُ ۾ آهن.

2- فرد، خاندان، قبيلي، قوم جي تعلقات ۽ رياستي مسئلن، حڪومتي معاملن، معاشرتي لاڳاپن کي الاهيات جي عقيدن مان جاري ٿيندڙ دين

جي اخلاقي ۽ روحاني قدرن تي بيهارڻ، تہ جيئن فرد ۽ معاشري جا لاڳاپا ۽ فرد، معاشري ۽ رياست جا رابطا الله جي عبادت جي عقيدي سان سلهاڙجي وڃن.

3- عقيدن، عبادتن ۽ ڪار ونهوار جي اهڙي نئين تعبير ڪرڻ جنهن ۾ اهي هڪ ٻئي جا مددگار، سهڪاري ۽ هڪٻئي سان جڙيل ٻڌجن ۽ هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجن. حقوق الله ۽ حقوق العباد ۾ ان توازن ۽ مناسبت کي اجاگر ڪرڻ، جنهن کي قرآن "فطرة الله" چيو آهي:

فِطۡرَتَ اللّٰهِ الَّتِیۡ فَطَرَ النَّاسَ عَلَیۡهَا ؕ لَا تَبۡدِیۡلَ لِخَلۡقِ اللّٰهِ ؕ (الروم. 30)

"الله جي فطرت کي جنهن تي انسان کي پيدا ڪيو اٿس (اپنايو)، الله جي ٺاهيل فطرت ۾ تبديلي نٿي ٿي سگهي."

4- گذريل دور جي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي نظام کي هوبهو موٽائڻ ۽ ان جي نشات ثانيہ بدران اسلام جي فطري، ابدي، سرمدي ۽ آفاقي اصولن کي چٽي ۽ ڪليل انداز ۾ پيش ڪرڻ، تہ جيئن انهن جي بنياد تي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي نظام وجود ۾ آڻي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ نظام فطرت ارتقا پذير آهي.

جنهن نسبت سان فطرت ۽ معاشرت ارتقا ڪن ٿا، انهيءَ نسبت سان قرآني قدرن جي بنياد تي نئون نظام پڻ گهربل آهي.

5- قرآني تعليم کي پيش ڪرڻ وقت هن اصول کي سامهون رکڻ تہ قرآني تعليم جي هڪ تعبير هر دور جي تقاضائن مطابق ممڪن آهي ۽ جن تعليمات جي تعبير ماضيءَ ۾ خارجي تقاضائن جي فقدان سببان اجا تائين نہ ٿي آهي، انهن جي پهرين تعبير کي پليڪار چوڻ ۽ ان جي حوصلہ شڪنيءَ بدران حوصلہ افزائي ڪرڻ دعوت الي القرآن آهي. قرآن هر زماني جي تقاضائن لاءِ هدايت رکي ٿو. هن زماني جي ماڻهن جو فرض هي آهي تہ هو پنهنجي زماني جي ماڻهن لاءِ محفوظ هدايت جي تلاش ڪن. گذريل دورن جي رهنمائن پنهنجي پنهنجي دور جي تقاضائن لاءِ هدايت تلاش ڪئي هئي، هاڻوڪو دؤر يا مستقبل جون حالتون ۽ تقاضائون انهن جي آڏو نہ هئا، هو انهن تي سوچڻ جو اظهار ڪيئن ڪن ها؟



قرآن جي تعليم نہ بدلجندڙ آهي پر مختلف دورن ۽ علائقن ۾ ان جون تعبيرون بدلجندڙ آهن. شريعت خدا جي عطا ڪيل آهي، اها اڻ بدلجندڙ آهي. شريعت جي تعبير انساني بناوت آهي، اها بدلجندڙ آهي. هي بہ قرآن ڏانهن دعوت آهي تہ ابدي، حتمي، قطعي، اٽل ۽ اڻ بدلجندڙ کي وقتي، عارضي، بدلجندڙ ۽ ڦرندڙ کان الڳ ڪجي ۽ ڪنهن ڏوراپي ڏيندڙ جي ڏوراپي جي پرواهہ ڪرڻ ڪانسواءِ شريعت کي شريعت ۽ شريعت جي تعبير کي، شريعت جي تعبير چئجي.

منهنجي نظر ۾ مٿيان پنج اصول قرآن ڏانهن دعوت جي عمل کي وڌيڪ تيز ڪري سگهن ٿا. (سنڌيڪار: عبدالمؤمن ميمڻ)

# اسلامي انقلاب جو قومي ۽ ذاتي پسِ منظر

الطاف جاويد

مکي جي بين الاقوامي حيثيت جي ڪري اتي هر سال هڪ واپاري پڙي لڳندي هئي جنهن کي "سوق عڪاظ" چيو ويندو هو. اها پڙي طائف کان مکي تائين ڏهن ملين جي علائي تي پکڙيل هوندي هئي. انهيَءَ ۾ هندوستان، چين، ايران، حبشه، مصر، سمرقند، بخارا، مطلب ته ڏورانهن ملڪن جا واپاري پنهنجو مال کپائڻ جي لاءِ آڻيندا هئا ۽ گڏوگڏ پنهنجي مذهبن، فڪرن، فلسفن ۽ ٻين علمن کي به آڻيندا هئا. انهيَءَ ڪري ئي مڪي ۾ سڀني مذهبن جي بنيادي تعليم ۽ فڪرَ ۽ نظريا پکڙيل هئا. انهيَءَ صورتحال کي ڏسي ڪري اها ڳالهه پڪي طرح چئي سگهجي ٿي ته اسلام رڳو عرب ۽ حجاز جي مقامي حالتن جي پيداوار نه هو، پر انهيَءَ جي نظرياتي جوڙجڪ ۾ دنيا جي سڀني مذهبن جي فڪرن ۽ رسمن ۽ مختلف فلسفن جي مکتبن به حصو ورتو هو.

انهيَءَ باري ۾ مولانا سنڌي فرمائي ٿو ته:

"قرآن حنيفيت ۽ صابيّت، ٻنهي قومن جي فڪرن جو بلڪل وچ آهي. صابي ذهنيت به انهيَءَ نور مان فائدو ماڻي سگهي ٿي ۽ حنيفيت به. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي هڪ حديث ۾ روايت ٿيل آهي ته "کل ارض مثل آدمکم و نوح مثل نوحکم". فرمايائون ته هتي ارض جو مطلب قوم آهي ۽ دنيا کي ستن وڏين قومن، تهذيبن يا جهانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. تورات، انجيل ۽ قرآن رڳو اهڙي طرح جي هڪ قوم جي تاريخ آهي. انهيَءَ قسم جا واقعا لڳ ڀڳ سمورين قومن تي گذري چڪا آهن".

مولانا صاحب فرمايو: اهو سمجهڻ ته الله تعاليٰ جا پيغمبر ۽ خلق خدا کي سڏي وات ڏيکارڻ وارا رڳو دجله ۽ فرات جي ماترين ۽ شام ۽ حجاز ۾ ئي آيا،



www.sindsalamat.com



ڪنهن به طرح مڃڻ جوڳو نه آهي.

مولانا صاحب وڌيڪ فرمايو: شاهه صاحب (شاهه وليُّ اللهؒ) جي انهيَءَ فڪر مان ئي مون اهو سمجهيو ته قرآن مجيد قومن کي گڏ ڪندڙ آهي ۽ اهو رڳو هڪ گروهه يا قوم جي تاريخ جي بيان تائين محدود نه آهي، ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته ان ۾ گهڻو تڻو ذڪر بني اسرائيل جي نبين جو ڪيو ويو آهي، پر اهو به هڪ مصلحت ۽ وقت جي گهرجن موجب هو. پڪ سان فڪر به انسانيت وانگر لامحدود هوندو آهي، پر جڏهن اهو ٻين کي ٻڌائڻ جي لاءِ خاص لفظن ۽ حرفن ۾ بيان ڪرڻو هجي ته مخاطبن کي ڌيان ۾ رکندي ان کي هڪ خاص وقت ۽ علائقي سان مخصوص ڪرڻو پوندو آهي. قرآن جي بيان واري انداز جي حدبندي به انهيَءَ سبب جي ڪري ئي آهي. پر انهيَءَ جي باوجود، هر هنڌ ان جي آيتن ۾ سمايل مفهوم جي عالمگيريت ۽ جامعيت بلڪل چٽي آهي. جيڪڏهن ماڻهو قرآن جي مطالعي ۾ غور ۽ فڪر کان ڪم وٺي ته ان تي اها ڳالهه واضح ٿي ويندي ته سموري انسانذات قرآن پاڪ ۾ پنهنجو مطلب ۽ مقصد حاصل ڪري سگهي ٿي. (افڪار و حالات: صفحه86)

انهيَءَ ڪري اسلام حضرت ابراهيمؑ جي تحريڪ کي، سامي قومن جي دائري مان ڪڍي، آريائي ۽ زرد قومن (صابئين) تائين پکيڙي ڇڏيو ۽ يهوديت ۽ نصرانيت کان سواءِ غير سامي قومن جي ڏاهن جي فڪرن ۽ نظرين مان به استفادو ڪيو. انهيَءَ ڪانسواءِ يهوديت ۽ مسيحيت جي فڪري ۽ عملي غلطين جي خلاف جدوجهد، اسلام جي نظرياتي ۽ سماجي ماحول جي تياري ۾ تمام گهڻو حصو ورتو.

## ذاتي پس منظر:

پاڻ ڪريم ﷺ جن، نبوت کان اڳ وارن پنهنجي واپاري سفرن ۾، مختلف قومن جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي مطالعي ۽ مشاهدي مان نتيجا اخذ ڪيا. مظلوم ۽ محروم فردن جي عملي سهائتا جي لاءِ پاڻ هڪ عوام دوست ۽ انساني همدردي واري مجلس حلف الفضول جو بنياد وڌائون. چو ته اهڙي نموني جي هڪ تحريڪ بني اسرائيل جي نبين ۾ به قائم رهي چڪي هئي جنهن کي ايسينية (Essenies) چيو ويندو هو. حضرت عيسيٰؑ به انهيَءَ فرقي يا تحريڪ جو هڪ رڪن هو. اهو فرقو حضرت عيسيٰؑ کان پوءِ عيسائيت ۾ ضم ٿي ويو هو. ويجهڙائيءَ ۾ ئي انهيَءَ فرقي جا آثار بحيره

مردار کان اڻ ميل پري هڪ پِڙي جي ڪوٺائيءَ مان لڌا ويا آهن، جيڪا انهيءَ فرقي جي هڪ وسندي هئي.

نندپڻ جي ڏينهن ۾ ٻڪرين چارڻ جي محنت ۽ تڪيلف جي احوالن کان واقفيت ۽ پنهنجي اعليٰ اخلاقن جي ڪري عوام جي اندر صادق ۽ امين جي حيثيت ۾ شهرت ماڻڻ، حجر اسود کي پنهنجي جاءِ تي لڳائڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي ڏاهپ سان عرب قبيلن ۾ هڪ خونخوار جنگ کي روڪڻ واري تدبير سان سندن امن دوستي ۽ جنگ ۽ فساد کان نفرت جو اظهار ۽ سوق عڪاظ جي ڪري مڪي ۾ پکڙيل مذهبن ۾ موجود فڪري غلطين ۽ انهن مذهبن جو انساني زندگي جي عملي مسئلن سان لاتعلقي ۽ بي عملي تي غار حرا جي خاموش اڪيلائين ۾ ويچارڻ، اهي سيئي ڳالهيون پاڻ سڳورن ﷺ جي فڪري طريقيڪار جو ڏس ڏين ٿيون.

غار حرا ۾ ڳوڙهي سوچ ويچار ڪانپوءِ پاڻ ﷺ جن سمجهي چڪيو هو ته، تاريخ جي شروعاتي دورن کان ئي ظالم ۽ مظلوم، حاڪم ۽ محڪوم، آقا ۽ غلام جي وچ ۾ هڪ ڇڪتاڻ ۽ ٽڪراءَ جي ڪيفيت هلندي پئي رهي آهي. اهڙي طرح مختلف قومن ۽ ملڪن ۽ معاشي طبقن ۾ اندروني ڇڪتاڻ ۽ خونخوار فسادن جي نوعيت ۽ انهن جي سببن جي ڪين واقفيت ٿي چڪي هئي. ايراني ۽ رومي سامراجي حڪومتن جي وچ ۾ هلندڙ جنگ ۾ ٻنهي طرفن کان غلامن تي ٻڌل فوجون حصو وٺنديون هيون ۽ انهن ڊگهي عرصي تائين هلندڙ جنگين، جن جو اصل سبب طبقاتي ڇڪتاڻ ۽ ٽڪراءُ هو. تنهن عربن جي واپار ۽ انهن جي رستن کي بند ڪري ڇڏيو هو، جن تي قريش ۽ ٻين عرب قبيلن جا واپاري قافلا ايندا ويندا هئا.

آخرڪار انهيءَ ڳڻتي، سوچ ويچار ۽ غور ۽ فڪر رمضان مهيني جي سترهين تاريخ جي بابرڪت رات جي آخري حصي ۾، جنهن کي قرآن ڪريم "ليلة القدر" چيو آهي، جڏهن پاڻ ﷺ جي عمر مبارڪ چاليهن سالن جي ٿي چڪي هئي، وحي الاهيءَ جي روشني ۾ سورت علق جي پهرين پنجن آيتن ۾ زندگيءَ کي ٻيهر سان سڪيو ستابو ۽ جاري ساري رکڻ، انسانن وچ ۾ نسل، قوميت، رنگ، مذهب ۽ ٻوليءَ ۾ فرق جي بنياد تي پيدا ٿيڻ وارن ويڇن ۽ تصورن کي ٻاهر ڪري ڇڏڻ، فطرت جي مظهرن جي پوڄا جي جاءِ تي انهن جي مطالعي ۽ انهن ۾ ڪم ڪرڻ وارن قانونن کي سمجهڻ ۽ انهن کي انسان جي تعميري مقصدن ۽ ڀلائي جي لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ تخليق جي مسئلي کي



صحيح بنيادن تي حل ڪرڻ جي لاءِ نه رڳو بنيادي تصورَ مهيا ڪري ڇڏيا، پر عمليِ اُپائن جو ڏِڳ به سمجهائي ڇڏيو ويو.

تنهن ڪري اسلام جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ جي انهن ذاتي، قومي ۽ بين الاقوامي حالتن ۽ وحي الاهيءَ جي روشنيءَ ۾ وجود جي اصليت (Ontology) ۽ علم (Epistemology) جي بنيادي مسئلن جو حل ڏيڻ سان نبوت جي خاتمي جا سبب مهيا ڪري ڇڏيا، جنهن جو مطلب اهو هو ته وحي جي ذريعي انسانيت جو ڪامل منشور ملڻ کان پوءِ اچڻ وارن زمانن ۾ انسان کي وري وري نبوت جي رهنمائي جي ضرورت نه رهندي، پر هو پنهنجي علم ۽ تجربي ۽ وحي الاهي جي انساني زندگيءَ جي سڀني رخن تي، ان جي بنيادي جزن جي روشنيءَ ۽ مدد سان، پنهنجي مقصد حيات يعني عالمگير روحاني، غير طبقاتي معاشري جي منزلن تائين پهچ حاصل ڪرڻ جي قابلِ ٿي ويو آهي، جنهن ۾ هڪ فرد پنهنجو پاڻ کان بيگانو ٿي وڃڻ واري ڪُن مان ڇوٽڪارو ماڻي وٺندو ۽ انسانيت پنهنجي وڃايل وحدت ۽ جنت کي ٻيهر حاصل ڪري وٺندي.

**سنڌيڪار: عبدالسلام سومرو**

www.sindsalamat.com

# نئين سيرت طيبہ لکڻ جي ضرورت

**الطاف جاويد**

سيرت طيبہ تي اڻ ڳڻيا ڪتاب لکيا ويا آهن، پر انهن مان ڪنهن بہ انهيءَ سماجي انقلاب جي واضح نشاندهي نہ ڪئي آهي، جيڪو مديني جي معاشري ۾ ظاهر ٿيو هو. سيني ليکڪن رڳو واقعن کي ورجايو آهي، پر انهيءَ انقلابي تبديليءَ تي روشني نہ وڌي آهي جنهن جي بنياد تي ڊاڪٽر خليفہ عبدالحڪيم مديني جي رياست کي ”گڏيل جمهوريت“ چيو آهي. انهيءَ جو بنيادي سبب هي آهي تہ لکڻ وارن انهيءَ ڳالھ کي بلڪل ئي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي تہ اسلام جو بنيادي ڪارنامو طبقاتي معاشري کي توحيدي معاشري ۾ تبديل ڪرڻ هو. نبين جي بعثت جي شروعات ئي انهيءَ وقت ٿي، جڏهن زرعي دؤر جي شروعات کان وٺي معاشرو ٻن مخالف معاشي طبقن ۾ ورهائجي ويو هو. منڍ کان ئي مالڪ ۽ ٻانهي جا ٻہ طبقا وجود ۾ اچي ويا هئا. ٿورڙن هوشيار ۽ چالاڪ ماڻهن معاشري تي پنهنجو قبضو ڄمائڻ شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ پيدواري ذريعن تي، جيڪو ان وقت ”زمين“ هئي (چاڪاڻ تہ مشينون ان وقت ايجاد ڪونہ ٿيون هيون)، پنهنجي ذاتي ملڪيت قائم ڪري ورتي. انهن ماڻهن غلامن جي محنت جي استحصال سان حاصل ڪيل دولت جي زور تي رياست قائم ڪري ورتي. قبيلي جي چڱي مڙس آهستي آهستي بادشاھ جي حيثيت اختيار ڪري ورتي ۽ جنگين جي ذريعي غلامن، جيڪي حقيقت ۾ قيدي هئا، جي تعداد ۾ واڌارو ڪرڻ شروع ڪيو. رياست جا جزا جهڙوڪ، فوج، پوليس، عدالتون ۽ قانون وغيره وجود ۾ اچڻ لڳا جن جو بنيادي ڪم مالدار طبقن جي دولت ۽ اقتدار جي حفاظت ڪرڻ هو.

غلام پنهنجي انساني حيثيت وڃائي هڪ وکر بڻجي ويو هو، جنهن کي





قتل توڙي وڪرو ڪري سگهجي پيو، ان کان سخت پورهيو وٺي سگهجي پيو، ۽ ان کي ناقابل برداشت سزا ڏئي سگهجي پئي. اهڙيءَ طرح انسان جو انسان تي ظلم وڌندو ويو. غلام جي محنت جي استحصال سان حاصل ڪيل دولت ۽ اقتدار کي قائم رکڻ، اجا بہ ان ۾ واڌاري جي لاءِ جنگ ۽ فساد عام ٿيندو ويو. بابلي، سميري، ڪلداني، آشوري، ايراني، مصري ۽ روما جهڙي شروعاتي تهذيبن تي ٻڌل سلطنتن انسانن تي جيڪي ظلم ڪيا، سي تاريخ جي ورقن ۾ لکت جي شڪل ۾ موجود آهن. دولت ۽ اقتدار جي جهجهائي جنسي ڪميٽائپ کي جنم ڏنو. پيداواري ذريعن تي ٻڌل تهذيب بابت موجوده زماني ۾ اقبالؒ چيو آهي تہ:

خواجه نان بندهٔ مزدور برد
آبرؤ دختر مزدور برد

انهيءَ مان اندازو ٿي سگهي ٿو تہ چڙواڳ بادشاهن ۽ حاڪمن جي دور ۾ انسانيت جو ڪهڙو حال هوندو. قرآن نبوت جي بعثت جو هڪ سبب ”بعضکم لبعض عدو“ جي صورتحال کي سڏيو آهي. يعني جڏهن انسان مالڪ ۽ ٻانهي جي طبقن ۾ ورهائجي ويو ۽ ٻنهي طبقن جا مفاد هڪٻئي جي تمام ئي مخالف ٿي ويا. معاشري جي ارتقا سان گڏ مالڪ ۽ ٻانهي، جاگيردار ۽ هاري، مشين جي ايجاد کان پوءِ ڪارخانيدار ۽ مزدور جي شڪل اختيار ڪري ورتي ۽ ڪارخانيدار ۽ مزدور پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پيا.

عام تاريخدانن تاريخ ۾ ان جي واقعن کي بادشاھ ۽ اميرن جي واقعن سان واڳيل ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهڙي طرح تاريخ عوام جي بدران بادشاهن ۽ حاڪمن جي اڳيان پويان ڦيرا پائڻ لڳي. عوام جون حالتون ڇا هيون، انهن جي محنت ڇا ڇا پيدا ڪيو ۽ ڪهڙيون شڪليون اختيار ڪيون، انهن جي محنت جو ڪهڙن ڪهڙن حيلن سان استحصال ڪيو ويو، غلام تي ڪهڙا ڪهڙا ظلم ڪيا ويا، انهن سيني ڳالهين کي مؤرخ نظر انداز ڪندو رهيو. غلامن جي پنهنجي آزاديءَ جي لاءِ جدوجهد ۽ بغاوتن جو ذڪر نہ ڪيو ويندو هو، پر جيڪڏهن ائين ٿيو بہ، تہ اهو بہ بادشاهن جي مفادن جي حوالي سان ٿيو آهي.

انهيءَ تاريخي پس منظر سان اهو واضح ٿي وڃي ٿو تہ، نبوت ۽ نبين جي بعثت جو اصل مقصد حقيقت ۾ غلام ۽ مالڪ تي ٻڌل معاشري جي انهيءَ ڍانچي کي بدلائڻو هو. يعني توحيد الاهي جي نظريي کي سماجي طور حاڪم بڻائي غلاميءَ ۽ جبر کي ختم ڪرڻو هو تہ جيئڻ ماڻهو آزاديءَ سان پنهنجي

www.sindsalamat.com

لاءِ سک ۽ سلامتيءَ جو دين اختيار ڪري سگهن. ان سان هڪ طرف انهن جي بادشاهن جي دين تي رهڻ وارو جبر ۽ ٻيو پورهيي جي استحصال جو جبر، ٻئي عذاب ختم ٿين. اهڙي طرح اهڙو توحيدي غير طبقاتي معاشرو قائم ڪرڻ هو، جيڪو خوف يعني جنگ، فساد ۽ بغاوتن ۽ ڏک يعني غربت، بک، مسڪيني، جهالت ۽ غلاميءَ کان پاڪ معاشرو هجي، ته جيئن پيداواري ذريعن (جهڙوڪ، زمين، ٻيلا، کاڻيون، سمونڊ ۽ پوءِ مشينون ۽ ڪارخانا جن ۾ محنت اجتماعي شڪل ۾ موجود آهي) کي ڏهه سيڪڙو ماڻهن جي ملڪيت جي قبضي مان ڪڍي ڪري، عوام جي (جيڪو نوي سيڪڙو هو) قبضي ۾ ڏنو وڃي. الله تعاليٰ اهي سيئي ذريعا "الخلق عيال الله" جي حوالي سان سيني انسانن جي لاءِ پيدا ڪيا هئا جيئن ته قرآن چيو آهي:

هُوَ الَّذِیۡ خَلَقَ لَکُمۡ مَّا فِی الۡاَرۡضِ جَمِیۡعًا ۚ(البقره:٢٩)

"اهو (الله) ئي آهي جنهن جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي (سو) توهان (سيني) جي لاءِ پيدا ڪيو".

قرآن جي مطابق نبين جي بعثت سامي، آريائي ۽ زرد قومن جي هر ڳوٺ ۾ ٿي هئي. انهن سيني نبين جي بعثت جو مقصد توحيد الاهي جي تصور واري معاشري جي برخلاف جڙيل معاشري کي غير طبقاتي يا توحيدي معاشري ۾ تبديل ڪرڻ هو، ته جيئن نوي سيڪڙو ماڻهو پنهنجي مادي، جسماني، تهذيبي ۽ علمي ضرورتن کي آسانيءَ سان حاصل ڪري عبادت ۽ خدا جي ياد جي ذريعي خدا سان ويجهڙائي ماڻي سگهن. پر ٿيو ائين جو مذهبي پيشوائن نبين جي انهيءَ سماجي نصب العين يعني معاشري جي نيئن سر جوڙجڪ جي تصور کي، مراعات يافته طبقي جي مفادن کي تحفظ ڏيڻ جي لاءِ، عوام جي نظرن کان پاسيرو ڪري ڇڏيو ۽ اها ڳالهه ديني نطق نظر کان انهن جي ذهن ۾ ويهاري وئي ته دولت جي ورهاست الله تعاليٰ ڪندو آهي؛ مالڪ، جاگيردار ۽ ڪارخانيدار جي دولت مزدور جي محنت جي استحصال جو نتيجو نه آهي، پر اها الله جي جوڙيل تقدير آهي.

هر مذهب، ويندي اسلام جي مذهبي پيشوائن به انهيءَ مسئلي کي نظر انداز ڪيو ۽ آخرت جي ڇوٽڪاري کي ظاهري عبادتن جي ادائگي، عبادتگاهن جي تعمير ۽ سينگار ۽ صبر ۽ شڪر سان واڳي ڇڏيو ۽ اها ڳالهه واعظن ۽ خطبن ۾ وري وري چئي ويندي آهي ته خدا جي طرفان امير ۽ غريب جي قائم ڪيل طبقن کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش حقيقت ۾ خدائي حڪمن



جي خلاف بغاوت آهي، جنهن جي سزا جهنم آهي. امير جيڪڏهن عبادتون ڪن ۽ پنهنجي دولت سان خيراتون ۽ صدقا ڏيندا رهن ته اهي محنت جي استحصال واري ڏوهه ۾ ملوث هجڻ جي باوجود به جنت ۾ داخل ٿيندا.

هي هو اهو تاريخي پس منظر، جنهن کي سيرت نگار نظر انداز ڪندو رهيو آهي. هو اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت عرب معاشري ۾ زنا ۽ شراب يا قتل ۽ خون خرابي جا قصا ته بيان ڪندو رهيو آهي، پر هُن اسلام جي ظاهر ٿيڻ کان وٺي اٺ هزار سالن کان به وڌيڪ عرصي تي ٻڌل تاريخ کي، جنهن جي شروعات زرعي دور جي شروعات سان ٿي هئي، محمد عربي ﷺ جي بعثت ۽ اسلام کي الڳ ڪري ڇڏيو. ان کي غلام ۽ زرعي غلام جي محنت جي استحصال سان حاصل ڪيل دولت جا ڍير نظر ڪونه آيا، جن تي جاگيردار ۽ مالڪ جي آسائشن جو دارومدار هو.

اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت عرب معاشرو دنيا جي ٻين معاشرن جو حصو هو، جن ۾ غلام ۽ مالڪ تي ٻڌل معاشي طبقا موجود هئا ۽ غلام جي محنت جي استحصال سان، عظيم الشان سلطنتون قائم ٿينديون هيون. قرآن ڪريم اسلام کان اڳ وارن معاشرن جي جوڙجڪ تي روشني وجهندي، نموني جي طور تي حڪمران طبقي (فرعون)، مالدار طبقي (قارون) ۽ انهن طبقن کي مذهبي جواز عطا ڪرڻ وارا مذهبي پيشوائيت (بلعم باعور ۽ هامان) جي نشاندهي ڪئي آهي. رسول الله ﷺ پنهنجي واپاري سفرن ۾، انهن معاشرن جي بچي ويل آثارن کي پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ انهن جو مطالعو ڪيو هو. پاڻ غار حرا جي اڪيلائين ۾ انهن جي تباهه ڪندڙ نتيجن ۽ انهن جي ازالي جي طريقن تي غور ڪيو هو. حقيقت ۾ غار حرا ۾ نازل ٿيڻ واري پهرين وحي جو، جيڪا سورت علق جي شروعاتي پنجن آيتن تي مشتمل هئي، تاريخي پس منظر محنت جي استحصال سان حاصل ڪيل دولت ۽ ان جي ڪثرت کان خوف ۽ ڳڻتي تي ٻڌل حالتن تي مشتمل هو. ايتري تائين جو حبشه ڏانهن هجرت واري وقت تائين نازل ٿيڻ وارين آيتن ۽ سورتن جا مخاطب اميرن جو طبقو آهي ۽ قرآن جو لهجو انهن جي خلاف تمام ئي سخت ۽ طوفاني آهي.

قرآن انساني معاشري جي جوڙجڪ، جنهن جي شروعات آدم جي زمين تي لاهڻ واري وقت کان ٿئي ٿي، ڏاڍائي ۽ وڏائي ڪندڙن جي مقابلي ۾ هيٺن ۽ نئڙت سان هلڻ وارن ٻن مخالف طبقن تي مشتمل قرار ڏنو آهي. پر سيرت نگار ۽ قرآن جو تفسير لکڻ واري مفسر، انهن طبقن ۽ انهن جي پاڻ ۾ ڇڪتاڻ جي

منطقي نتيجن کي بنيادي طور تي نظر انداز ڪري ڇڏيو. انهن زنا ۽ شراب وغيره جي قصن کي تہ وري ورجايو آهي، پر غلام جي محنت جي استحصال مان گڏ ڪيل دولت، جيڪا حقيقت ۾ انهن بڇڙن ڪرتوتن جو بنيادي سبب آهي، جو ذڪر ئي نہ ڪيو.

قرآن جڏهن اهو چوي ٿو تہ قومن جي تباهي جو سبب (بني اسرائيل) ۾ نبين کي ايذائڻ وارو طبقو (السباء) ڏاڍ ڪندڙ (مالدار) آهي تہ انهيءَ جي معنيٰ ئي اها آهي تہ دولت جي گهٽائي جو بنيادي سبب محنت جو استحصال آهي. پر اسان جو تاريخدان ۽ مفسر دولت جي جهجهائي مان پيدا ٿيندڙ بڇڙائيءَ کي هٿي ڏيڻ واري منطقي نتيجي جو ذڪر تہ ڪري ٿو، پر ان جي بنيادي سبب، محنت جي استحصال جو ذڪر نٿو ڪري. هو انهيءَ ڳالهہ تي ڌيان ئي نٿو ڏئي تہ هڪڙو تمام ئي ننڍڙو طبقو، جيڪو ڏهہ سيڪڙو انسانن تي ٻڌل آهي، تنهن وٽ دولت جي جهجهائي اچي ڪٿان ٿي؟ جڏهن تہ نوي سيڪڙو انهيءَ کان محروم آهن. نتيجو اهو آهي تہ سيني تفسيرن ۾ سيرت طيبہ جو مطالعو، مسلم معاشري ۾ ڪابہ انقلابي تبديلي نہ آڻي سگهيو ۽ مسلم معاشرو اجا تائين غربت، جهالت ۽ بد امني جو شڪار نظر اچي ٿو.

اِهو آهي اُهو تاريخي پس منظر، جنهن کي نظر انداز ڪندي، سيرت طيبہ لکڻ وارو ذهن، اسلام کي معاشري جي طبقاتي ورڇ کي ختم ڪري غير طبقاتي يا توحيدي معاشرو جوڙڻ واري انقلابي تحريڪ جي بدران هڪ اصلاح پسند مذهب سڏي ٿو، جنهن جو مقصد رڳو ظاهري عبادتن جي ادائگي ۽ واعظ ۽ خطبي جي ذريعي اخلاق کي پنهنجائڻ جي تلقين ڪرڻ آهي يا وري رڳو مسجدن جي تعمير ۽ سينگار ڪرڻ ئي عبادت قرار ڏنو ويندو آهي. هو انهيءَ ڳالهہ کي نظر انداز ڪري ڇڏي ٿو تہ فرد جي تربيت ۾ پرگهور خلا ۾ نہ ٿيندي آهي پر معاشري ۾ ٿيندي آهي ۽ معاشرتي قوتون ان جي اخلاقي ۽ ذهني تربيت ۾ پاڳي پائيوار ٿين ٿيون. جيڪڏهن معاشرو طبقن تي مشتمل هوندو تہ فرد يا تہ ڏاڍائي ڪرڻ وارن جي طبقي مان هوندو جيڪو محنت جي استحصال کي قدرت جو قانون سمجهندي پنهنجي دولت ۾ واڌارو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ انهيءَ دولت جي جهجهائي سان پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد جي اعليٰ ماحول ۾ علمي ۽ تهذيبي تربيت ڪندو ۽ معاشري ۾ اعليٰ مقام حاصل ڪندو؛ يا وري اهو فرد مزدور ۽ ڏتڙيل طبقي ۾ اک کوليندو جتي محرومي، غربت، بک، جهالت ۽ پوئتي رهجي وڃڻ ان جي تقدير ٿيندي.



چا اسلام انهن طبقن کي قائم رکڻ جي لاءِ آيو هو؟ يا انهن طبقن کان پاڪ ۽ صاف معاشرو قائم ڪرڻ گهري ٿو؟ اسان جو تاريخدان ۽ مفسر انهيءَ سوال جو جواب اڄ تائين نہ ڏئي سگهيو، اجا بہ هو انهيءَ ڳالهہ تي ڳنڍ ڏئي بيٺو آهي تہ معاشري جي طبقاتي ورڇ خدائي تقدير آهي جنهن کي بدلائي نٿو سگهجي.

پر جڏهن سيرت طيبہ جو قرآن پاڪ جي نزول جي ترتيب سان مطالعو ڪيو وڃي ٿو تہ، تاريخي پس منظر ۾ صاف نظر اچي ٿو تہ نہ رڳو اسلام پر دنيا جا سيئي مذهب، پوءِ پلي اهي سامي، آريائي يا زرد قومن سان واسطو رکندڙ ئي چونہ هجن، معاشري جي طبقاتي ورڇ کي تبديل ڪرڻ، پنهنجي ظهور جو بنيادي سبب ٻڌائن ٿا. ٿيو ائين جو هزارين سالن جي عرصي ۾ مذهبي پيشوائن نبين يا مذهبن جي مقدس بانيڪارن جي انقلابي تعليم کي، مراعات يافتہ طبقي جي مفادن ۾ بدلائي ڇڏيو. اڄ حالت اها آهي تہ نہ رڳو هين مذهبَن، پر اسلام جي نقلابي تعليم کي بہ بدلايو ويو آهي، ايتري تائين جو لفظ انقلاب کي دين جو دشمن سڏيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ اسلام ۾ هين مذهبن جو اصل منصب رڳو دعوت ڏيڻ ۾ مسئلا ٻڌائڻ آهي، نہ ڪ انقلاب! هين لفظن ۾، مذهب اصلاح جي لاءِ آيا آهن نہ ڪ انقلاب جي لاءِ!!

پر سيرت طيبہ کي جڏهن انهيءَ تاريخي پس منظر ۾ قرآن جي نزول جي ترتيب سان مطالعو ڪيو وڃي ٿو تہ نتيجا سيرت جي روايتي تاريخدان جي اخذ ڪيل نتيجن کان مختلف، اجا بہ مخالف نڪرن ٿا. جنت، جنهن مان نڪرڻ کان پوءِ انساني نسل شڪار ڪري پيٽ پاليندو هو، تنهن جو شڪار دريائن مان مڇي ۽ ٻئي جانور پڪڙي ۽ ٻيلن مان ميون ۽ جانورن جي گوشت مان حاصل ڪرڻ هوندو هو. انسان قبيلن جي شڪل ۾ رهندا هئا ۽ قبيلن کي جتي کاڌ خوراڪ ملندي هئي اتي رهائش اختيار ڪري وٺندا هئا. دريائن ۽ ٻيلن تي ڪنهن قبيلي يا ماڻهو جو ذاتي قبضو نہ هوندو هو. ٻين لفظن ۾ اجا روزيءَ جي وسيلن تي فردن جي ذاتي ملڪيت قائم نہ ٿي هئي. قرآن انهن حالتن کي "وڪلا منها رغداً حيث شئتما" جي لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. پر زراعت واري دؤر ۾ فصل تي فردن جو ذاتي قبضو ٿي ويو ۽ انهيءَ آزاد زندگي جو، جنهن کي جنت چيو ويو آهي خاتمو ٿي ويو. زراعت سان زمين تي ذاتي ملڪيت جي شروعات هڪٻئي سان جهيڙي جهٽي ۽ فساد جي شڪل اختيار ڪري ورتي. قرآن انهيءَ حالت کي استعاري طور آدم جي ٻن پٽن هابيل ۽ قابيل جي قصي جي صورت ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ قابيل زبردستي هابيل کي قتل ڪري

ان جي زال ۽ مال ملڪيت تي قبضو ڪري ورتو. هابيل شڪار واري زماني جي علامت آهي، جو ته هو قربان گاهه ۾ ڏاچي يا ٻيو ڪو جانور وٺي آيو هو ۽ قابيل اَنَ جا داڻا ڪٽي آيو هو جيڪو زراعت واري دؤر جي نشاني آهي، جنهن ۾ ڪٽڪ جي پوکي شروع ٿي هئي. هابيل جي قتل يعني شڪار واري دؤر جي خاتمي کان پوءِ قابيل وارو دؤر شروع ٿيو جيڪو پيداواري ذريعن تي ذاتي ملڪيت تي مشتمل هو ۽ اڄ تائين جاري آهي. هن دؤر ۾ قابيلي فطرت يعني ڦر مار ۽ ٻين جي دولت تي ڏاڍ سان قبضو، جنسي ڇڙواڳي، هڪ طبقي ۾ دولت جي ڪثرت ۽ گهڻن ئي انسانن جو محروم ۽ لاچار ٿيڻ، شراب نوشي، جوا بازي جهڙين بڇڙين عادتن معاشري کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو. قرآن جو هي چيو هو ته توهان وٽ نبي ايندا رهندا، پوءِ جيڪو معاشرو انهن جي تعليم تي عمل ڪندڙ ٿيندو سو خوف ۽ ڳڻتي يعني مخالف طبقن جي ويڙهه جهيڙن کان بچيل رهندو ته اها حالت نبين جي وفات سان گڏ ئي ختم ٿي ويندي رهي، ايتري تائين جو اسلام ۾ به اها حالت رڳو ٿيهن سالن تائين ئي رهي. ان کان پوءِ ملوڪيت ۽ ان جي منطقي مخالفت جو دؤر شروع ٿي ويو. ويهين صديءَ جي شروعات ۾ اشتراڪي انقلاب جنتي معاشرو جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مذهب کي بلڪل ئي نظر انداز ڪري ڇڏڻ جي ڪري اشتراڪي معاشرو انهن اخلاقن ۽ عادتن کي حاصل ڪرڻ کان محروم رهيو جيڪو هڪ غيرطبقاتي معاشرو جوڙڻ جي لاءِ اڻٽر هوندو آهي.

ٻئي پاسي مذهبي پيشوائن پنهنجن ڪجهه ذاتي مفادن خاطر مراعات يافته طبقي جيِ مفادن جي تائيد ڪري، ديني نطقه نظر کان جنتي معاشري جي جڙڻ کي تقريباً نا ممڪن بڻائي ڇڏيو آهي. آدم جو زمين تي موڪلڻ جو مقصد اهو هو ته هاڻي انسان زميني زندگي ۾ جنت جي جوڙجڪ ڪري. پر جيستائين مذهبي پيشوائيت جو ادارو قائم آهي، جنت جي جوڙجڪ ناممڪن نظر اچي ٿي ۽ هي ادارو انهيءَ وقت تائين ختم ڪونه ٿيندو جيستائين پيداواري ذريعن تي عوام جي ملڪيت قائم نٿي ٿئي ۽ پاڪ ڪتابن جو مطالعو مذهبي پيشوائن جي بدران عالمن جي ذريعي نٿو ڪيو وڃي. انهن ٻنهي تبديلين سان ئي انساني وحدت ۽ خلافتِ آدم جو قيام ۽ وحدت دين جو تصور عملي جامو پهري سگهندو ۽ انسان مِلتن جي لفظن ۾ ٻيهر پنهنجي گم ٿيل جنت کي حاصل ڪري وٺندو.

**سنڌيڪار: مولانا سليم الله چوهاڻ**

# مڪي تعليم جو خلاصو

**ڊاڪٽر الطاف جاويد**

قرآن پاڪ جي ذريعي نبي ڪريم ﷺ جن جيڪا مڪي ۾ تعليم ڏني هئي، ان جو خلاصو هي آهي ته ان سڄي تعليم ۾ انقلابي نظرئي جا حصا ڏنا ويا آهن. مديني ۾ ان نظرئي تي معاشري جو نئون خاڪو جوڙيو ويو آهي:

**رحمت وارو خدا:** الله آهي سندس امر ڪانسواءِ ڪير به سفارش نٿو ڪري سگهي. سندس قدرت ۾ ڪير به شريڪ نه آهي، اهو ظالمن کي سزا ۽ نيڪوڪارن کي بدلو ڏيندو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن آخري فيصلو ڪندو، پر هو اڪرم آهي ان ڪري سندس انصاف ۾ رحمت به داخل آهي ۽ ان پنهنجي لاءِ به رحمت جو قانون جوڙيو آهي. ان ڪري فقط عدل ڪرڻ تي مجبور نه آهي، بلڪ رحم ڪرڻ جو پابند آهي، هواڪرم آقا آهي. هو سڀ ڪجهه ڪري سگهي پر ظلم نه ڪندوآهي. (وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ) اهو رحيم آهي، هو هڪ ماڻهوءَ جي ڏوهه تي ٻئي ماڻهوءَ کي سزا نه ڏيندوآهي. ان ڪري شفاعت ۽ ڪفارو بي معنيٰ آهي. اُهو خدا سڀني قومن جو خدا آهي، سندس ڪا خاص چونڊيل قوم نه آهي. سندس نشانيون هر هنڌ پکڙيل آهن، معجزن جي ضرورت نه آهي.

مرڻ کان پوءِ ٻيهرجيئرو ٿيڻ ۽ نا اميدي: ظلم ۽ زيادتيءَ کان توبه ڪريو. دنيا جون ڪيتريون قومون ظلم ڪرڻ جي ڪري تباهه ٿيون آهن ۽ ائين نه سمجهو ته ظلم جي سزا کان بچي ويندؤ. هي يقين ڄاڻو ته جيڪو ڪندؤ سوئي لوڙيندؤ، اها الله تعاليٰ جي سنت آهي. جيڪڏهن دنيا مان بچي ويؤ ته آخرت ۾ ضرور سزا ملندوَ. مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرو ٿيڻ يقيني آهي، پر



www.sindsalamat.com

جيڪي ماڻهو ظالم آهن، اهي نا اميديءَ جي حالت ۾ آهن ۽ ٻيهر جيئرو ٿيڻ جا انهيءَ ڪري منڪر آهن، انڪار ڪرڻ سان نااميدي پيدا ٿيندي آهي.

مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرو ٿيڻ ۽ اميد: نيڪوڪاريءَ (عدل سان گڏ رحم) جو نتيجو هن دنيا ۾ خوشحالي آهي ۽ مرڻ کان پوءِ بہ جنت آهي. ان ڪري محبت ۽ رحمت جي فضا قائم ڪريو ۽ نااميديءَ کي ڪفر سمجهو. خدا پرستيءَ جو لازمي نتيجو مسرت، فراغت ۽ زندگي ۽ اميد آهي. گناهہ ڪرڻ کان پوءِ توبہ ڪريو الله تعاليٰ ٻاجهارو معاف ڪري ڇڏيندو، ڪنهن جي شفارش جي ضرورت نہ آهي.

فڪر جي آزادي: اهائي تعليم سيني نبين سڳورن ۽ هدايت ڪندڙن جي تعليم رهي آهي. اهائي تعليم قرآن پاڪ جي پڻ آهي. منڪرن لاءِ نہ فقط قرآن پاڪ بلڪ سيئي احڪام ۽ الاهي ڪتاب رکو معجزاتي آهن. ڇوتہ هو نہ الله تعاليٰ کي مڃين ٿا ۽ نہ وري مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئري ٿيڻ کي مڃين ٿا. هو پنهنجي عقل کي پروهتن ۽ ڪاهنن (موجوده زماني ۾ نيچري ۽ مذهبي اڳواڻن) جي هٿان وڪڻي چڪا آهن. ان ڪري الاهي ڪتابن کي مڃيو، جنهن جو لازمي نتيجو فڪر جي آزادي آهي. ان سان طبقاتي ڇڪتاڻ ختم ٿي ويندي آهي ، محبت ۽ رحمت جي ڪري ضمير جو سچو آواز الله تعاليٰ جو آواز بڻجي ويندو آهي.

محنت ڪرڻ سان دولت حاصل ڪرڻ ۽ نبين سڳورن جي دشمني: مڪي پاڪ ۾ نازل ٿيندڙ قرآن پاڪ ۾ مالدارن تي سخت تنقيد ڪئي وئي آهي ۽ معاشي طبقي جي حيثيت سان ان نبين سڳورن جو دشمن چيو ويو آهي. سورت سبا ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ نبين سڳورن کي تڪليفون ڏيندڙ اهوئي مالدار طبقو آهي. بلڪ هي بہ چيو ويو تہ سيني بداخلاقين جو منبع اهو ئي مالدار طبقو آهي. سوال هي آهي تہ هي دولت ڪٿان اچي ٿي.

زراعت جي زماني کان وٺي اسلام جي ظاهر ٿيڻ تائين هي دولت غلام ۽ زرعي غلام جي محنت جي استحصال سان آئي هئي. آقا ۽ جاگيردار ۽ ان دولت جا مالڪ هئا. اسلام کان پوءِ جڏهن يورپ ۾ سائنسي منهاج تحقيق کي عروج مليو تہ مشينون ايجاد ٿيون ۽ پهريون ڀيرو هڪ ڪارخاني جي ڇت جي هيٺان هزارن مزدورن ڪم ڪرڻ شروع ڪيو تہ محنت جي استحصال ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ دولت جي ڪم تي ڄاڻ ملي. ۽ ان ريت خبر پئي تہ دولت نہ آسمان مان لٿي آهي ۽ نہ ئي زمين کان نڪري ٿي، بلڪ هي محنت ڪندڙن جي محنت جو نتيجو



آهي پر ان محنت سان حاصل ٿيل پيداوار جي هڪ وڏي حصي تي مفت خور ماڻهو ڪارخاني جي مالڪ جي حيثيت قبضو ڪري ٿو. غلام ۽ زرعي غلام جي محنت جو استحصال ائين ٿيندو رهيو آهي، جيئن اڄ مزدور جو استحصال ٿي رهيو آهي. آقا، جاگيردار ۽ ڪارخاني جي مالڪ سرمائيدار جي سڄي دولت انهيءَ محنت جي استحصال جو نتيجو آهي.

قرآن پاڪ ۽ ٻين مقدس ڪتابن جي تفسير ۽ تشريح ڪندي مذهبي اڳواڻن انهن ڪتابن کي ان جي تاريخي پس منظر کان جدا ڪري مطالعو ڪيو، جنهن جو گهٽو فائدو غلام بڻائيندڙ آقا، جاگيردار ۽ ڪارخاني وارن کي ٿيو آهي. قرآن پاڪ ڪتيرن ئي هنڌن هي ٻڌايو آهي تہ الله تعاليٰ رزق جا سڀ ذريعا پنهنجي ٻانهن لاءِ پيدا ڪيا آهن. هابيل کان اڳ ۽ حضرت آدمؑ جي اولاد کان پوءِ جيڪو معاشي نظام قائم ٿيوان ۾ ڏهہ سيڪڙو جي قريب ماڻهن جي پيدا وار جي ذريعن تي قبضو ٿي ويو ۽ نوي سيڪڙو گهٽائي ان جي فائدي کان محروم رهجي وئي.

انسان پنهنجي عملن ۾ خود مختار آهي، هي سندس فرض هو تہ هو اهڙو معيشت جو نظام جوڙي تہ پيداوار جا ذريعا عوام جي فائدي لاءِ کليل رهندا، پر ائين نہ ٿيو قرآن پاڪ جي موجوده ترتيب ۾ مڪي ۽ مدني سورتن کي هڪ ٻئي سان ملايو ويو آهي ان سان مڪي دور ۾ نازل ٿيندڙ قرآن پاڪ ۾ مالدارن تي جيڪا سخت تنقيد ڪئي وئي آهي، اها نظرن کان اوجهل ٿي وئي آهي، ۽ ان سبب جي ڪري قرآن پاڪ معاشري ۾ ڪابہ بنيادي تبديلي آڻڻ ۾ مدد نہ ڏئي سگهيو، بلڪ روايتن جي زور سان غلاميءَ جو ادارو دائمي بڻايو ويو. سياسي نظام ۾ ملوڪيت قائم ڪئي وئي. عوام ۽ ان جي مفادن کي حڪومت، قانون سازي ۽ معاشي نظام ٺاهڻ کان محروم ڪيو ويو.

جيستائين قرآن پاڪ جي تعليم موجب پيداوار ذريعن کي ڪجهہ ماڻهن جي قبضي مان ڪڍي محنت ڪندڙ عوام جي جي ملڪيت ۾ نہ ڏنو ويندو تہ اها ساڳي صورتحال جيئن جو تيئن رهندي.

آئون پنهنجي ڪتاب "*انقلاب مکہ*" ۽ "*فہم قرآن کے جدید منہاج*" ۾ امام ابن تيميہ جي فتويٰ آندي آهي، جنهن ۾ امام موصوف چيو آهي تہ: "موجوده قرآن پاڪ جي ترتيب پڙهڻ جي لاءِ آهي، پر تحقيق جي لاءِ ڪنهن بہ ترتيب مان ڪم وٺي سگهجي ٿو. ان ڪري هي ضروري آهي تہ تحقيق جي لاءِ مڪي ۽ مدني دور ۾ نازل ٿيندڙ قرآن پاڪ کي جدا مطالعو ڪيو وڃي".

www.sindsalamat.com

اسلام جي معاشي نظام بابت هي ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته مديني ۾ نبي ڪريمﷺ ڪڙمت کي وياجي ڪاروبار چيو هو. پر بغداد جي خلافت جي دٻاءُ جي ڪري فقيهن مجتهد جي شاگردن ڪڙمت کي ڪجهه شرطن سان جائز ڪري ڇڏيو. حالانڪ حضرت ابوبڪرؓ مالِ غنيمت جي برابري تقسيم کي لازمي ڪيو ۽ حضرت عمرؓ مصر، شام ۽ عراق مان حاصل ٿيل زمينن کي بيت المال ۾ وقف ڪري ڇڏيو ۽ اهو ئي عمل خيبر جي فتح کان پوءِ نبيﷺ جن به اختيار ڪيو هو ته زمينون ۽ باغ رياست جي ملڪيت جي لاءِ آهن ۽ يهودي هارين کان ڊل ونڊ شروع ڪئي.

جيئن ته ڪڙمت کي جائز ڪيو ويو هو، ان ڪري مشينن ايجاد ٿيڻ کان پوءِ ڪارخاني کي به انهيءَ اصول هيٺ مالڪ ۽ مزدور جي شڪل ڏني وئي. فقه جيئن جاگيرداريءَ کي جائز ڪيو هو ائين ئي ڪارخاني داريءَ کي به جائز ڪيو. هاري جي محنت جو استحصال وانگر مزدور جي محنت جو استحصال به فقهي نقطي نظر سان جائز ڪيوويو. جيستائين اها صورتحال رهندي دولت هڪ ننڍڙي امير طبقي جي ملڪيت ۾ گڏ ٿيندي رهندي .

قرآن پاڪ چيو آهي ته ڪمزور ۽ لاچار طبقي جو فرض آهي ته هو پنهنجي شعور کي بيدار ڪري ۽ پنهنجي تنظيم ٺاهي موجوده جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام کي ختم ڪري ڇڏي. هن زماني جي انسان جي معاشي مونجهارن ۽ مشڪلاتن مان نجات قرآن جي پڌايل اشتراڪي معيشت اختيار ڪرڻ ۾ آهي ۽ حقيقي مذهب يعني توحيد الاهي جي نظريي هيٺ اخلاقي ۽ روحاني قدراپنائڻ يا نه اپنائڻ جي سزا ۽ جزا جي لاءِ مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئري ٿيڻ تي ايمان آڻڻ بيحد ضروري آهي. جيستائين به هي حصا جدا جدا رهندا انساني معاشرو تباهيءَ جي ڏهڻ ۾ قاتل هوندو. حقيقي مذهب ۾ جنهن کي مقدس مذهبن جي بانين رواج ڏنو هو هي ٻئي حصا گڏ ڪيا ويا آهن پر مذهبي اڳوڻن ان کي جدا ڪري ڇڏيو آهي.

ان ڪري قرآن پاڪ ۽ سيرت پاڪ جو جيستائين طبقاتي نقطئہ نظر ۽ نازل ٿيڻ جي ترتيب جي روشنيءَ ۾ مطالعو نه ڪيو ويندو تيستائين قرآن پاڪ ۽ سيرت معاشري ۾ ڪا به تبديلي نٿا آڻي سگهن.

(سنڌيڪار: چوهاڻ سليم الله سنڌي حڪمت قرآن)

# سرمائي پرست لاءِ قرآن جي للڪار

مولانا محمد انس راڄپر

انساني زندگيءَ لاءِ هدايت ۽ رهنمائيءَ جو ڪوبہ پروگرام ايستائين لاپاٿتو ٿي نٿو سگهي جيستائين انساني زندگيءَ جي مڙني جهتن ۽ پهلوئن لاءِ مڪمل رهنمائي جو ان ۾ جوڳو بندوبست نہ ڪيو وڃي. اسلام بہ انسانيءَ زندگي کي سوڀارو ۽ بهتر بنائڻ جو هڪ پروگرام آهي. پاڻ اهو ڀليءَ ڀت ڄاڻون ٿا تہ هيءُ پروگرام انساني زندگيءَ جي سڀني پهلوئن بابت رهنمائي ڪندڙ پروگرام آهي. پر اڪثر طور پاڻ، اسلام جي آمد کي هن رخ ۾ ڏسندا آهيون تہ اسلام کان اڳ مذهبي رسمون، جهڙوڪ بتن جي پوڄا، نذرو نياز، قبرن تي پڙ چاڙهڻ وغيره جيڪي هٽائي ختم ڪري، ان جي جڳهہ تي الله جي عبادت ۽ خاص الله لاءِ نذر و نياز ۽ قربانيءَ جو نظام جوڙيو ۽ مروج ڪيو ويو. شرڪ ۽ ڪفر جو تعبير بہ اسان وٽ ان ئي معنيٰ جي پس منظر مطابق هلندو اچي تہ اسلام کان اڳ واريون بت پرستيءَ، نذر نياز ۽ چڙهاون واريون رسمون شرڪ ۽ ڪفر آهن ۽ پوءِ واريون الله جي سجدي ۽ عبادت وغيره واريون رسمون اسلام آهن. حالانڪ انساني زندگيءَ لاءِ اسلامي پروگرام جو هيءُ صرف هڪ پهلو آهي، جنهن کي اسان ڪل اسلام ۽ ڪل دين سمجهي ويٺا آهيون.

هن ئي تصور تحت عبادت ڪندڙ ۽ عبادت جي لوازمات جو خيال رکندڙ ماڻهو نيڪ، صالح، متقي، پرهيزگار ۽ فرمانبردار ٻانهو سڏيو ويندو آهي. اهڙي عبادت ۽ ان جي لوازمات کان پري ٿيل بدڪار، غيرصالح، تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ کان پري ۽ نافرمان تصور ٿيندو آهي. هن تصور تحت جيڪڏهن آمريڪي سامراجيت جو چيمپئن صدر اوباما ٻين سڀني سامراجي استحصالي علامتن رکڻ باوجود جيڪڏهن صرف ڪلمو پڙهي تہ مسلمان ۽ نماز روزو


www.sindsalamat.com

رکي تہ نيک صالح ۽ نمازي سڏجڻ ۾ ايندو. جيئن پاڪستان جو ماڊل ڊڪٽيٽر جنرل ضياء کي ڏرين وٽ "شهيد صدر" ۽ "اسلام جو چيمپئن" سڏجڻ ۾ آيو. اهڙيءَ طرح هڪ وڏو صنعتڪار ۽ سرمائيدار نماز روزي، حج ۽ زڪوات جو پابند ۽ وضع قطع ۾ پرهيزگارن وانگر ٿيڻ سان پرهيزگار، متقي ۽ الله وارو ٿي ويندو. ٻئي پاسي ڪان صورتحال هي آهي تہ اهو جنهن سرمائي، صنعت ۽ مل جو مالڪ آهي اهو سڀ مروج سرمائيدارانہ نظام جي پيداوار آهي، جيڪو پورهئي جي استحصال واري ظلم ۽ ناانصافيءَ تي ٻيٺل آهي. ڇا هنن ديني اصطلاحن جهڙوڪ تقويٰ پرهيزگاري، الله جي فرمانبرداري ۽ اطاعت جو تعلق زندگيءَ جي ٻين شعبن سان ڪونهي؟ مخلوق جيڪا الله جو عيال آهي انهن سا ن عدل ۽ احسان جي واٽ هلڻ، اخلاقيات ۽ معاملات کي الله جي حڪمن مطابق نڀاهڻ آخر تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جو بنياد ڇو نہ آهن؟ ظاهر آهي تہ الله جا حڪم زندگيءَ جي ٻين شعبن لاءِ بہ آهن، تہ اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو تعلق انهن شعبن سان بہ ٿيندو. ان صورت ۾ ٻين شعبن بابت حڪمن کي نظرانداز ڪري اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ ۽ تقويٰ جي تصورن کي مڪمل ڪيئن ٿو بنائي سگهجي.

اسلام بابت هيءَ ڳالهہ اڪثر ذهنن کي سولائيءَ سان مڃڻ ۾ نہ ٿي اچي تہ ان جون معيشت ۽ اقتصاديات بابت بہ ڪي رهنمايون آهن. پر جڏهن اسان قرآن شريف جو بغور مطالعو ڪريون ٿا ۽ قرآن کي روايتي مذهبيت جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل پنهنجي ذهني فوبيائن ڪان آزاد ٿي ڏسون ٿا تہ يقين ڪرڻو پوي ٿو تہ اسلام معيشت جي نظام کي پنهنجي ديني نظام ۾ بنيادي اهميت جو موضوع قرار ڏنو آهي. ان ڪري اطاعت ۽ فرمانبرداري، تقويٰ ۽ پرهيزگاري جا تصور بہ معيشت جي نظام جي صحيح بنيادن تي قيام ۽ عدل ۽ انصاف، ظلم ۽ استحصال ڪان پاڪ ٿيڻ ڪان سواءِ مڪمل نہ ٿا ٿي سگهن.

## تقويٰ:

تقويٰ جي لفظ جي اسان معنيٰ ڪندا آهيون پرهيزگاري. ان جي معنيٰ جي وڌيڪ تفصيل کي ڇڏي ساديءَ طرح ان جي مطلب ۽ معنيٰ مطابق مفهوم آهي الله جي نافرمانيءَ ڪان بچڻ ۽ ان جي احڪامن تي عمل ڪرڻ. پر اها تقويٰ ۽ پرهيزگاري زندگيءَ جي اقتصادي حڪمن تي عمل سان بہ اهڙو ئي تعلق رکي ٿي. جيئن ان جو تعلق ٻين مختلف عملن سان پڻ آهي. ان جو قرآن شريف



جي چند هدايتن جي روشنيءَ ۾ مطالعو ڪنداسين تہ ڳالهہ واضح ٿيندي.

سورة "الليل" ۾ الله جو فرمان آهي.

وَالَّيۡلِ اِذَا يَغۡشٰى ۝١ وَالنَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى ۝٢ وَمَا خَلَقَ الذَّكَرَ وَالۡاُنۡثٰٓى ۝٣ (آيت 1 ڪان 3 )

رات جو قسم جڏهن اها ڍڪي ٿي، ڏينهن جو قسم جڏهن اهو روشن ٿئي ٿو ۽ جيڪو نر ۽ مادي پيدا ڪيو اٿس ان جو قسم.

رات ۽ ڏينهن جي فرق ۽ مذڪر ۽ مؤنث جي فرق جيان الله سائين فرمائي ٿو. اِنَّ سَعۡيَكُمۡ لَشَتّٰى ۝٤ "اوهان جون ڪوششون بہ مختلف (قسمن) جون آهن."

انهن مختلف قسمن ۽ الڳ رخن ۾ ٿيندڙ ڪوششن منجهان هڪ ڪوشش انهن ماڻهن جي آهي، جن جي باري ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو: فَاَمَّا مَنۡ اَعۡطٰى وَاتَّقٰى ۝٥ وَصَدَّقَ بِالۡحُسۡنٰى ۝٦ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلۡيُسۡرٰى ۝٧ "پوءِ جنهن شخص ڏنو ۽ تقويٰ اختيار ڪئي ۽ (خلقٽهار جي هن) تمام چڱي ڳالهہ کي سچو سمجهيائين تہ ان لاءِ (زندگي) آساني ڪنداسين."

۽ ٻي ڪوشس انهن ماڻهن جي آهي جن باري ۾ فرمان آهي. وَاَمَّا مَنۡۢ بَخِلَ وَاسۡتَغۡنٰى ۝٨ وَكَذَّبَ بِالۡحُسۡنٰى ۝٩ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلۡعُسۡرٰى ۝١٠ "۽ جنهن شخص بخل ڪيو ۽ بيپرواهي ڪئي ۽ (خلقٽهار جي هن) تمام چڱي ڳالهہ کي ڪوڙو ڪيو تہ ان (جي زندگيءَ) کي تمام مشڪل رستي تي لڳائي ڇڏينداسين."

هنن ٻن مختلف قسمن جو بيان ڪندڙ هيءُ آيتون اهو واضح ٿيون ڪن تہ هڪ روش ڏيڻ جي آهي. جنهن کي آيت ۾ "لفظ اعطيٰ" اسان بيان ڪيو ويو آهي. ان کي الله تعاليٰ ساراهيو بہ آهي تہ گڏوگڏ ان کي تقويٰ اختيار ڪرڻ سان تعبير بہ ڪيو آهي جيئن سورت جي ايندڙ آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ: وَسَيُجَنَّبُهَا الۡاَتۡقَى ۝١٧ الَّذِىۡ يُؤۡتِىۡ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى ۝١٨ "ان (باهہ ڪان) پرهيزگار کي بچايو ويندو جيڪو پنهنجو مال ڏئي ٿو ۽ پاڪ ٿئي ٿو."

ٻي روش بخل جي آهي، نہ ڏيڻ جي آهي، ان جي مذمت ڪئي وئي آهي ۽ ان کي بي پرواهيءَ سان تعبير بہ ڪيو ويو آهي. حاصل مفهوم اهو ٿيو تہ هڪ عمل ڏيڻ جو آهي، جيڪو جابجا قرآن ۾ يقيمون الصلواة جي حڪم سان گڏ ومما رزقناهم ينفقون جي لفظن سان تعبير ٿيندو رهيو آهي. هن آيت ۾ الله تعاليٰ ان کي تقويٰ سڏيو آهي. هن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ جيڪو الله جي رستي ۾ مال خرچ نہ ٿو ڪري، ۽ ڏيڻ جي واٽ تي نٿو هلي اهو متقي ناهي. بلڪ الله جي رستي ۾ خرچ ڪرڻ ۽ ڏيڻ سان ئي تقويٰ جو تعلق آهي.

ان جي مقابلي ۾ ٻيو عمل بخل جو آهي، يعني الله جي رستي ۾ خرچ نہ

ڪرڻ جو. جيڪو تقويٰ جي بلڪل منافي ۽ ان جو ضد آهي. جنهن جو مطلب اهو ٿيندو تہ بخل ڪرڻ وارو ۽ الله جي رستي ۾ نہ ڏيڻ وارو متقي نٿو ٿي سگهي.

هتي هڪ خاص ڳالھ سمجھڻ جي آهي تہ ماڻهو بخل ڇو ٿو ڪري، الله جي رستي ۾ ڇو نٿو ڏئي. بخل ۽ نہ ڏيڻ جا مختلف سبب ٿين ٿا. هڪ ماڻهوءَ وٽ ڪجھ بہ ڪونهي، اهو بہ ڪونہ ڏيندو. هڪ ماڻهوءَ وٽ صرف هڪ ڏينهن يا هڪ مهيني يا هڪ سال جو قوت گذر آهي. اهو ان خوف کان نہ ڏيندو تہ ڏئي ڇڏيندس تہ سياڻي ڪٿان کائيندس. پگهار کان اڳ ڪٿان پوري ڪندس. فصل لهڻ کان اڳ اناج ڪٿي پيو تہ ڪٿان پوري ڪندس. هن قسم جي ماڻهوءَ لاءِ ئي حڪم آهي تہ:

وَلَا تَجْعَلْ يَدَكَ مَغْلُوْلَةً اِلٰى عُنُقِكَ وَلَا تَبْسُطْهَا كُلَّ الْبَسْطِ فَتَقْعُدَ مَلُوْمًا مَّحْسُوْرًا ﴿٢٩﴾ (بني اسرائيل-٢٩)

”پنهنجو هٿ ڪنڌ سان ٻڌل بہ نہ رک يعني هرحال ۾ بخيليءَ جي واٽ نہ وٺ ۽ هٿ کي بلڪل کولي بہ نہ ڇڏ جو وري پاڻ ملول ٿيڻو پوي.“

انهن ٻنهي صورتن جي مقابلي ۾ هڪ ماڻهو بچايو رکيو ويٺو آهي پر ڏئي نہ ٿو. اهو ڇو نہ ٿو ڏئي؟ جواب ظاهر آهي تہ اهو ان ڪري نٿو ڏئي تہ ڏيڻ سان سندس گهٽي مال گڏ ڪرڻ سرمايو ميڙڻ، شاهوڪار ۽ سرمائيدار ٿيڻ جي خواهش پوري ٿيڻ کي خطرو لاحق ٿئي ٿو. الله تعاليٰ هن پوئين صورت واري بخل کي تقويٰ جو ضد سڏي ٿو. ٻين لفظن ۾ الله تعاليٰ سرمائيداريءَ جي طلب ناڻي جي ميڙ ميڙان کي تقويٰ جي خلاف سڏي ٿو. هاڻي اوهان آيت جي لفظن ۾ گهرائيءَ سان نظر ڪيو تہ جيڪو ”اعطيٰ“ ڏئي ٿو تہ اهو ”واتقيٰ“ تقويٰ ٿو ماڻي. ۽ جيڪو ”بخيل“ بخل ٿو ڪري اهو ”استغنيٰ“ شاهوڪاري ٿو طلبي، سرمائيداري ٿو طلبي.

ترجمي ۾ استغنيٰ جي معنيٰ بيپرواهي ڪيل آهي، جيڪا لفظ جي اصل معنيٰ آهي، پر جڏهن اها بيپرواهي معاش جي نسبت سان هجي تہ ان مان شاهوڪاري جي طلب مراد ٿيندي آهي. جيئن لفظ ”غني“ الله جو صفاتي نالو آهي معنيٰ اتس ”بي پرواھ“ پر ساڳئي وقت ان جي معنيٰ ”شاهوڪار“ بہ آهي. ان طرح ڏيڻ ۽ خرچ ڪرڻ، جيڪو تقويٰ جو عمل سڏجي ٿو، سادو ۽ مٿاڇرو عمل ناهي، بلڪ هيءُ هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو متقي انسان جي



زندگيءَ جي هڪ مسلسل معاشي روش جي نشاندهي ڪري ٿو. جنهن مطابق متقي انسان جي زندگيءَ جو محور، ڏيڻ آهي. ان جون سموريون محنتون ۽ ڪاوشون ڏيڻ لاءِ آهن. پوءِ اهو ماڻهو جيترو حاصل ڪري ٿو، هڪ خاص ترتيب سان پنهنجي ضرورتن جي پورائي ڪان پوءِ، ٻين جي ضرورتن لاءِ ڏئي ٿو ڇڏي.

اهڙيءَ طرح بخل جي قسم وارو عمل بہ سادو ۽ مٿاڇرو ناهي، جيئن اسان ماڻهو اڪثر قناعت ۽ ڪفايت شعاريءَ کي بہ بخل سڏي ونندا آهيون. فلاڻو بخيل آهي، سنگت ۾ خرچ ئي نٿو ڪري. هتي اهو بخل ناهي. هن بخل مان مراد هڪ اهڙو باضابط عمل آهي، جنهن سان ماڻهو سرمائيداري ۽ شاهوڪاريءَ جي طلب جي راھ ۾ هلي ٿو، سندس زندگيءَ جو محور آهي گهٽي کان گهٽو سرمايو گڏ ڪرڻ.

هن ئي قسم جي روش رکندڙن سرمائي پرستن کي الله تعاليٰ ساڳي سورة جي اڳين آيتن ۾ للڪاري ٿو.

وَاِنَّ لَنَا لَلْاٰخِرَةَ وَالْاُوْلٰى ﴿١٣﴾ فَاَنْذَرْتُكُمْ نَارًا تَلَظّٰى ﴿١٤﴾ لَا يَصْلٰهَآ اِلَّا الْاَشْقَى ﴿١٥﴾ الَّذِىْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿١٦﴾

”۽ اسان لاءِ آهي آخرت ۽ دنيا (اڄ بہ سڀاڻ بہ) پوءِ ڊيڄاريان ٿو اوهان کي ڇپين واري، ڀڙڪندڙ، شعلہ انگيز باھ کان جنهن ۾ اهڙي بدبخت کان سواءِ بيو نہ وڌو ويندو، جنهن ڪوڙو ڪيو ۽ منهن موڙيو (مراد سرمائي پرست بخيل آهي جنهن بخل ڪيو، شاهوڪاري طلبي ۽ خلقڻهار جي هن تمام چڱي ڳالھ کي ڪوڙو ڪيو.)“

اهڙيءَ طرح هيءَ للڪار بہ دل ڏڪائيندڙ آهي، جيڪا قرآن جي پهرين وحي جي لفظن سان گڏ آيل آهي، جيتوڻيڪ پهرين وحي ناهي پر ابتدائي وحين مان هڪ ضرور آهي، ساڳئي ئي سرمائي پرست کي للڪار آهي. كَلَّآ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَيَطْغٰىٓ ﴿٦﴾ ”(العلق-6) خبردار انسان حدون لتاڙي وڃيون آهن، (”ليطغيٰ“ هن لفظ تي الڳ بحث اڳتي ڪبو.) هو پاڻ کي سرمائي پرست ڏسڻ ٿو گهري. (استغنيٰ وارو ساڳيو لفظ آهي جيڪو مٿين آيتن ۾ ذڪر ٿيو.)

تفسيرن هن انسان مان ابوجهل مراد ورتو آهي پر مقصد هر سرمائي پرست آهي. عام طور ابوجهل کي هڪ بت پرست جي وصفن سان موصوف شخص سمجهيو ويندو آهي، پر لفظ استغنيٰ سان ان جي بت پرست شخص هئڻ

سان گڏ هڪ سرمائي پرست شخص طور سڃاڻپ ٿئي ٿي، اهو سرمائي پرست ۽ بت پرست انسان: اَرَءَيۡتَ الَّذِىۡ يَنۡهٰى ﴿٩﴾ عَبۡدًا اِذَا صَلّٰى ﴿١٠﴾ (العلق-10،9) "تو ڏٺو! جيڪو روڪي ٿو ٻانهي کي جڏهن اهو نماز ٿو پڙهي."

اَرَءَيۡتَ اِنۡ كَانَ عَلَى الۡهُدٰٓى ﴿١١﴾ اَوۡ اَمَرَ بِالتَّقۡوٰى ﴿١٢﴾ (العلق-12،11)

"تو ڏٺو! ته اهو هدايت تي آهي ۽ تقويٰ جو حڪم ٿو ڪري."

نماز پڙهندڙ بندي مان مراد نبي ﷺ جن آهن، جن کي اهو بت پرست ۽ سرمائي پرست شخص نماز پڙهائڻ ۽ تقويٰ جي حڪم ڪرڻ کان روڪي ٿو.

هتي هڪ لمحي لاءِ سوچيو! جيڪڏهن سرڪش انسان کي سرمائي پرست انسان جي تناظر ۾ ڏسڻ بجاءِ صرف بت پرستي جي تناظر ۾ ڏسجي ته پوءِ اهو بت پرست الله جي صرف پرستش کان روڪيندڙ محسوس ٿيندو ۽ جنهن نماز کان روڪي ٿو اها به صرف پرستش جو عمل سمجھ ۾ ايندي. پر جيڪڏهن سرڪشيءَ کي لفظ "استغنيٰ" جي مٿي ذڪر ٿيل سرمائي ۽ شاهوڪاريءَ جي طلب واري روش جي تناظر ۾ ڏسبو ۽ تقويٰ کي ڏيڻ ۽ خرچ ڪرڻ واري روش جي تناظر ۾ ڏسبو ته سرڪش انسان (ابوجهل) هڪ بت پرست هئڻ سان گڏ سرمائي پرست شخص ۽ نبي ﷺ پرستش جي موحدانه روايتن جي امين هئڻ سان گڏ هڪ سرمائي شڪن، تقويٰ واري ڏيڻ ۽ خرچ ڪرڻ واري روش جو ڏس ڏيندڙ الله جو ٻانهو سمجھ ۾ ايندو. جنهن جي نماز حضرت شعيب عليہ السلام جي نماز وانگر صرف بت شڪنيءَ جو درس نه پر سرمائي شڪنيءَ جو درس ڏيندڙ به آهي. جيئن قرآن ۾ ٻڌايو ويو آهي:

قَالُوۡا يٰشُعَيۡبُ اَصَلٰوتُكَ تَاۡمُرُكَ اَنۡ نَّتۡرُكَ مَا يَعۡبُدُ اٰبَآؤُنَاۤ اَوۡ اَنۡ نَّفۡعَلَ فِىۡۤ اَمۡوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا ؕ اِنَّكَ لَاَنۡتَ الۡحَلِيۡمُ الرَّشِيۡدُ ﴿٨٧﴾ (هود آيت 87)

"اي شعيب ڇا تنهنجي نماز توکي حڪم ٿي ڪري ته اهو ڇڏي ڏيون جنهن جي اسان جا ابا ڏاڏا عبادت ڪندا هئا يا اسان پنهنجي مالن ۾ جيڪو (واڌارو) ڪرڻ گھرون ٿا اهو ڇڏي ڏيون."

هيءُ ڏسو ۽ سمجھو ته سرڪش ابوجهل هڪ سرمائي پرست جي حيثيت سان الله جي بندي محمد ﷺ کي نماز کان ڇو ٿو روڪي. ڇا هيءَ نماز ان جي صرف بتن جي مخالف هئي يا هيءَ نماز سرمائي جي واڌاري ڪرڻ کان به روڪيندڙ آهي. اهو سڀ سمجھڻ ڪانپوءِ هاڻي اچو انهن آيتن تي جيڪي سرمائي پرست انسان لاءِ للڪار آهن.



كَلَّا لَئِنۡ لَّمۡ يَنۡتَهِ ۙ لَنَسۡفَعًۢا بِالنَّاصِيَةِ ﴿١٥﴾ نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ خَاطِئَةٍ ﴿١٦﴾ فَلۡيَدۡعُ نَادِيَهٗ ﴿١٧﴾ سَنَدۡعُ الزَّبَانِيَةَ ﴿١٨﴾ (العلق-18،15)

"خبردار جيڪڏهن اهو (پنهنجي اهڙي روش کان) نه مڙيو ته ضرور ان کي چوٽيءَ کان جهلي گھليندا سين، جيڪا چوٽي ڪوڙي گنهگار آهي پوءِ ڀل ته پنهنجي ڪچهريءَ وارن کي سڏي (جن جي آسري تي ڪڏندو هو) اسين به پنهنجي سپاهين کي سڏينداسين."

سورة علق جي آيتن ۾ "اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَيَطۡغٰٓى" آيو آهي ان ۾ يطغي لفظ جنهن مادي ۽ معنيٰ وارو آهي اها معنيٰ ۽ ان مادي جا ٻيا لفظ به قرآن ۾ استعمال ٿيا آهن. ان جي معنيٰ صاف ۽ ظاهر آهي سرڪشي ۽ حد لنگھي وڃڻ. سورة علق جي آيتن ۾ ابوجهل جي سرڪشيءَ جو ذڪر آهي ان جي سرڪشيءَ ۾ بنيادي سرڪشي سرمائي پرستي، سرمائي وڌائڻ ۽ شاهوڪاريءَ جي طلب واري روش آهي. اهڙيءَ طرح قرآن ۾ جتي به سرڪشي جو ذڪر اچي اتي ان مان سرڪشيءَ جو هيءُ پهلو به ضرور نظر ۾ رکڻو پوندو. جيئن

"اِذۡهَبۡ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ اِنَّهٗ طَغٰى ﴿٢٤﴾" (طٰهٰ-24)

اهڙيءَ سرڪشي ڪندڙن لاءِ ئي قرآن ۾ "طاغوت" جو لفظ آيل آهي جنهن مان سرمائيدار جيئن نمرود ۽ والار پسند ظالم حڪمران جيئن فرعون ۽ اهڙا ٻيا مراد آهن.

هدايت ۽ گمراهي ٻن متضاد سوچن جي طور اسان وٽ سڃاتل رهيون آهن، مٿي جن ٻن روشن جو ذڪر ٿيو هڪ تقويٰ ۽ خرچ ڪرڻ واري ۽ ٻي سرمائي پرستيءَ ۽ مال ۾ واڌاري ڪرڻ واري، انهن ٻن روشن کي به هدايت ۽ گمراهيءَ جي روش سمجھڻ گھرجي. جيئن قرآن شريف جي سورة فاتحه ۾ هدايت جو سڌو رستو طلب ڪرڻ ۽ گمراهن جي رستي کان بچڻ جي دعا آيل آهي. هدايت ۽ گمراهيءَ جي ٻن رستن کي مٿي ذڪر ڪيل ٻن روشن جي تناظر ۾ الله تعاليٰ هن طرح بيان فرمايو آهي.

وَهَدَيۡنٰهُ النَّجۡدَيۡنِ ﴿١٠﴾ فَلَا اقۡتَحَمَ الۡعَقَبَةَ ﴿١١﴾ وَمَاۤ اَدۡرٰىكَ مَا الۡعَقَبَةُ ﴿١٢﴾ فَكُّ رَقَبَةٍ ﴿١٣﴾ اَوۡ اِطۡعٰمٌ فِىۡ يَوۡمٍ ذِىۡ مَسۡغَبَةٍ ﴿١٤﴾ يَّتِيۡمًا ذَا مَقۡرَبَةٍ ﴿١٥﴾ اَوۡ مِسۡكِيۡنًا ذَا مَتۡرَبَةٍ ﴿١٦﴾ (البلد-10، 16)

"۽ اسان ان کي (هدايت ۽ گمراهي جا) ٻه شاهي رستا ڏيکاريا آهن. پر هو لڪ لنگھي نه سگھيو. توکي ڪهڙي خبر لڪ ڇا آهي اهو غلام آزاد ڪرڻ آهي. يا

www.sindsalamat.com

بک جي ڏينهن ۾ ڪاڏو ڪارائڻ آهي، مٽي مائٽيءَ واري يتيم کي يا مٽيءَ هاڻي مسڪين کي.”

هي هدايت جي روش آهي. صاف ظاهر آهي ته گمراهيءَ جي روش ڏيڻ ۽ خرچ ڪرڻ بجاءِ سرمائي ۾ واڌاري ڪرڻ واري روش آهي. ڏسو انهيءَ روش جي مذمت سان گڏ سورة مدثر جي هنن آيتن ۾ الله اهڙي روش وارن کي ڪيئن للڪاريو آهي.

ذَرۡنِیۡ وَ مَنۡ خَلَقۡتُ وَحِیۡدًا ﴿۱۱﴾ وَّ جَعَلۡتُ لَہٗ مَالًا مَّمۡدُوۡدًا ﴿۱۲﴾ وَّ بَنِیۡنَ شُہُوۡدًا ﴿۱۳﴾
وَّ مَہَّدۡتُّ لَہٗ تَمۡہِیۡدًا ﴿۱۴﴾ ثُمَّ یَطۡمَعُ اَنۡ اَزِیۡدَ ﴿۱۵﴾ (سورة مدثر، آيت 11- 15)

“مون کي ۽ جنهن کي مون اڪيلو پيدا ڪيو آهي ڇڏي ڏي، جنهن کي مون وڏو مال ڏنو آهي ۽ حاضر پٽ به ڏنا اٿم. ان لاءِ (دنيا جي سڀ شيءِ) چڱيءَ طرح پکيڙي ڇڏي اٿم، پر پوءِ به هو (خرچ ڪرڻ بجاءِ) طمع ٿو رکي ته ان کي وڌيڪ ڏيان.

اهڙيءَ طرح وڌيڪ حاصل ڪرڻ مال وڌائڻ سرمائي پرستيءَ جي سورة تڪاثر ۾ به مذمت ڪئي وئي آهي، سورة همزه ۾ مال جمع ڪندڙ ۽ ان کي ڳڻيندڙ جي مذمت ڪئي وئي آهي، اهي سڀ لامحدود سرمائي جي حصول کي رد ڪندڙ قرآني هدايتون آهن ۽ تقويٰ جو بنياد آهن.

لامحدود سرمائي جي حصول جي روش هڪ اهڙي خطرناڪ روش آهي جيڪا انيڪ گناهن ۽ نافرمانين جو سبب بڻبي آهي، ۽ اها روش زمين تي گوناگون فسادن ۽ خرابين جي موجب ٿيندي آهي. مثال طور هي روش ئي ماپ تور ۾ يعني حقدار کي پورو حق ڏيڻ ۾ ڪوت ڪرڻ جو سبب بڻبي آهي ۽ ماڻهن جي حقن ۾ ۽ انهن جي پورهئي جي معاوضي ۾ گهٽتائي ڪرڻ جو سبب بڻبي آهي ۽ نتيجي ۾ زمين فساد جو مرڪز بڻبي آهي. الله تعاليٰ ان ڳالهه کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

وَ یٰقَوۡمِ اَوۡفُوا الۡمِکۡیَالَ وَ الۡمِیۡزَانَ بِالۡقِسۡطِ وَ لَا تَبۡخَسُوا النَّاسَ اَشۡیَآءَہُمۡ وَ لَا تَعۡثَوۡا فِی
الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِیۡنَ ﴿۸۵﴾ (سورة هود آيت 85)

“ماپ ۽ تور انصاف سان پوري ڪريو، ماڻهن کي سندس شيون ڪٽائي نه ڏيو. ۽ زمين ۾ فسادي ٿي بگيڙو نه وجهو.”

اها سرمائي پرستي آهي جيڪو مزدور جي محنت آڌار مزدوري ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿو ٿئي. مزدور جي اجرت گهٽ ڏيڻ سان ئي سرمائي ۾ اضافو ٿي



سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح سرمائي پرستي شين جي قيمتن مقرر ڪرڻ ۾ انصاف کي ڪڏهن به قبول نه ڪندي. ڇاڪاڻ ته بي تحاشا منافعو تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن هو ماڻهن جي ضرورتن ۽ مجبوريءَ مان ناجائز فائدا وٺندا. ڇا هڪ سرمائيدار جيڪو مزدورن کي انصاف ڀري اجرت نه ڏئي ۽ انهن جي بي روزگاري واري مجبوريءَ جو فائدو وٺي معاوضو مقرر ڪري ۽ انهن جي بنيادي ضرورتن جو لحاظ رکي معاوضو مقرر نه ڪري، اهڙي طرح ڪروڙين رپيا ناجائز طرح منافعو ڪمائي يا شين جي ناجائز قيمتن مان ڪروڙن جو منافعو ڪمائي ڇا اهو صرف زڪوات جا چند هزار يا چند لک ڏئي پنهنجو مال حلال ڪري سگهي ٿو؟ اها ئي سرمائيداريت هڪ ازم بڻجي ويندي آهي ۽ الله جي مشيت هوندي آهي ته اهو نظام نابود ٿئي. ان صورت ۾ الله جي مجيندڙن جي مٿان فرض بيهندو آهي ته اهي اهڙي نظام جي بربادي لاءِ ٿيندڙ ڪوشش جا ساٿاري ٿين.

# سرمائي پرستيءَ بابت حديث ۽ فقهه جي راءِ

**مولانا محمد انس راڄپر**

مون پنهنجي گذريل مضمون ۾ سرمائي پرستي، گهڻي کان گهڻي سرمائي جي حصول جي ڪوشش، سرمائي طلبي وغيره جي حوالي سان چند گذارشون قرآن شريف جي روشنيءَ ۾ عرض رکيون هيون.

قرآن شريف سرمائي طلبيءَ جي روش کي "استغناء" ۽ "تڪاثر" جي اصطلاحن سان تعبير ڪيو آهي. لفظ "تڪاثر" مفاعلة جي باب مان آهي. جنهن جي معنيٰ آهي: "هڪ ٻئي کان گهڻي دولت حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ". ان عمل جي سورة "تڪاثر" ۾ مذمت ڪئي وئي آهي.

اڄ ڪلهه "تڪاثر" جي جڳهه تي "مسابقت" جو اصطلاح ڪتب اچي ٿو. مسابقت يا گوءِ پچائڻ، سرمائيدارانه نظام جو بنياد ۽ ان جو روح آهي. مسابقت جيڪڏهن سرمائيدارانه نظام مان نڪري وڃي ته اهو پاڻ ئي اچي پٽ تي ڪرندو. ان ڪري قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ مسابقت (هڪ ٻئي کان معاشي ميدان ۾ اڳتي نڪرڻ) جي عمل جي "تڪاثر" جي اصطلاح سان مذمت ڪئي آهي.

مسابقت جا انساني نفس جي اندر سرچشما آهن. حرص، حسد، غرور ۽ تڪبر، ماڻهوءَ ۾ مسابقت جي روش انهن سرچشمن مان ڦٽندي آهي. قرآن شريف جي روشنيءَ ۾ آءٌ ان تي پوئين دفعي چند گذارشون عرض ڪري چڪو آهيان. منهنجي خواهش هئي ته حديث ۽ فقهه مان به ڪجهه ان بابت معلومات هٿ ڪري پڙهندڙن آڏو پيش ڪجي. خوشقسمتيءَ سان اها مونکي هڪ هنڌ جائتي ٿيل هٿ چڙهي وئي، مون کي اها مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي جي رسالي "حسن الفهم والتعقل في جمع الكسب والتوكل" ۾ ملي وئي، ان جو اختصار عرض ڪجي ٿو.



www.sindsalamat.com



مخدوم عبدالواحد فقهه حنفي جي ماخذن: الملتقي، هاوي الفتاوي، سراجي ۽ تحفة الفقه جي حوالن سان ڪمائڻ جا چار قسم ذڪر ڪيا آهن. (1) فرض (2) مستحب (3) مباح (4) حرام.

(1) **فرض:**

پنهنجي ذات ۽ اهل عيال جي ڪفايت ۽ قرض ادا ڪرڻ جيترو مقدار ڪمائڻ فرض آهي. جيڪو پنهنجي ذات ۽ اهل عيال لاءِ محنت ڪري ۽ پورهيو ڪري حلال رزق ڪمائڻ جي ڪوشش نه ٿو ڪري سو فرض جو تارڪ آهي. مخدوم صاحب ان تي وڏيڪ به بحث ڪيو آهي ۽ قرآن مان "فضل" جي طلب بابت جيڪي آيتون آهن، سي دليل طور پيش ڪري انهن تي اقوال مفسرين جي روشنيءَ ۾ بحث ڪيو آهي.

(2) **مستحب:**

پنهنجي ضرورتن ۽ ڪفايت کان وڌيڪ، فقير ۽ محتاج جي مدد لاءِ ڪمائڻ مستحب آهي. لکي ٿو ته ادنيٰ ڪفايت کان وڌيڪ فقير ۽ محتاج جي مدد لاءِ ڪمائڻ نفلي عبادت کان افضل آهي.

(3) **مباح ۽ جائز:**

ضرورت جون شيون وڌيڪ بهتر طور حاصل ڪرڻ لاءِ ڪمائڻ جائز آهي. مثال ڪفايت جيترو سٺو کاڌو، سٺو لباس ۽ سٺي رهائش لاءِ ڪمائڻ. اهو جائز آهي. ان جي اجازت ڏئي سگهجي ٿي.

(4) **حرام:**

هڪ ٻئي کان پاڻ کي وڌيڪ فخر وارو، گهڻائي وارو ڏيکارڻ ۽ آڪڙ، تڪبر ۽ غرور لاءِ ڪمائڻ ۽ گڏ ڪرڻ حرام آهي. ڪمائڻ جو هيءُ قسم زرپرستي، سرمائي پرستي، تڪاثر ۽ مسابقت آهي. اهوئي قسم سرمائيداريءَ جو بنياد آهي جنهن کي قرآن جي هدايتن ۽ حنفي فقيهن حرام قرار ڏنو آهي.

مخدوم عبدالواحد ڪمائڻ جا مٿيان چار قسم بيان ڪري هيٺين حديثن کي حنفي مسلڪ جي انهيءَ تقسيم جي دليل طور ذڪر ڪيو آهي.

1_ ابو هريره رضي الله کان مروي آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: "جنهن حلال دنيا طلب ڪئي (هن مقصد لاءِ) ته پاڻ کي مسئلن کان بچائي ۽ پنهنجي اهل لاءِ پلو ڪري ۽ پاڙي واري تي مهربان ٿئي، سو جڏهن قيامت جي ڏينهن الله سان ملندو ته ان جو چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر ڀڪندڙ هوندو. پر جنهن حلال دنيا گهڻي لاءِ، فخر لاءِ ۽ ڏيکاءَ لاءِ طلب ڪئي ته اهو قيامت جي ڏينهن جڏهن الله سان ملندو ته الله مٿس ڏمريل هوندو." (بيهقي_ ابو نعيم)

2_ ڪعب بن عجره رضي الله کان مروي آهي ته نبي ﷺ جن هڪ ڏينهن اصحابن سڳورن سان ويٺل هئا. سندن نظر هڪ نوجوان تي پئي. جيڪو تازي ڪل وارو ۽ طاقتور هو، محنت ڪري رهيو هو. ماڻهن چيو: هن لاءِ بربادي هجي. ڪيڏو نه چڱو ٿئي ها جيڪڏهن سندس ڪل الله جي رستي ۾ ڪم اچي ها!" اهو ٻڌي رسول الله ﷺ جن فرمايو: "ان کي نه چئو، اهو جيتوڻيڪ پنهنجي نفس لاءِ محنت ڪري رهيو آهي ته پاڻ کي مسئلن کان بچائي، پاڻ کي ماڻهن کان بي پرواهه ڪري ته اهو به الله جي رستي ۾ آهي. جيڪڏهن اهو پنهنجي والدين لاءِ محنت ٿو ڪري ته جيئن انهن کي پريشانين کان بچائي، ته اهو به الله جي رستي ۾ آهي. پر جيڪڏهن فخر، آڪڙ ۽ گهڻي خاطر ٿو محنت ڪري ته پوءِ اهو شيطان جي رستي ۾ آهي." (طبراني)

هنن ٻن حديثن ۽ فقهه حنفيءَ جي ڪمائڻ جي قسمن ۾ سرمائي پرستي زرطلبي، تڪاثر ۽ مسابقت جي خلاف قرآن جي مذمت ۽ ذڪار جو پورو پورو عڪس چٽائيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو. حديثن ۾ فخر، آڪڙ ۽ گهڻي جي طلب جي لفظن سان ان روش جي مذمت ڪئي وئي آهي.

اسان جي بدقسمتي آهي ته قرآن جي ان قسم جي تعليم کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. ان کي جيڪا اهميت ڏيڻ گهرجي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ اجتماعيت ۽ معاشرت جا جيئن بنياد رکڻ گهرجن، سي نه رکيا ويا آهن.

ڪاش اسان جا باصلاحيت ماڻهو، جيڪي پنهنجي علم، مهارت ۽ هنر جي ذريعي گهڻي کان گهڻي پيداوار ۽ سرمايو حاصل ڪري سگهن ٿا، سي پنهنجون اهڙيون صلاحيتون زرپرستيءَ بجاءِ معاشري ۾ غريب طبقن جي بهبود لاءِ استعمال ڪن ته هوند عبادت الاهيءَ جي عظيم عمل جي ثواب جا حامل ٿي پون.

# نظرئي ۽ فڪر ۾ بقاءِ انفع جو اصول

مولانا محمد انس راڄپر

نظريہ ارتقا جي باني ڊارون جو چوڻ آهي ته "جاندارن ۾ زندهه رهڻ لاءِ شديد ڪشمڪش ٿيندي رهي ٿي. ان ڪشمڪش مان بچي سلامت اهي رهن ٿا جيڪي ماحول سان وڌيڪ مطابقت ڪري سگهن ٿا ۽ وڌيڪ باصلاحيت (Fittest) آهن. فلسفي ۾ ان خيال ترقي ڪري جيڪا اڳين منزل اختيار ڪئي سا نتيجيت (Pragmatism) جي منزل آهي، هيءَ فلسفيانه تحريڪ آمريڪا ۾ پيدا ٿي، جنهن حياتيات کان اڳتي وڌي ان خيال کي فڪر ۽ نظرئي تي اطلاق ڪيو: ۽ چيو ته "هر اهو نظريو ۽ عمل صحيح آهي جنهن جو نتيجو سٺو هجي" يا جيڪو انسانيت لاءِ وڌيڪ فائديمند هجي. ان ۾ معروضي نتيجيت وغيره جو نظريو به هليو، جنهن بابت وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ کان پاسو ڪندي اسان اهو ڏسڻ گهرون ٿا ته حياتياتي بقا ۽ فڪري بقا لاءِ قرآن شريف جو تصور ڪهڙو آهي. حياتياتي بقا بابت ڊارون جي تصور جي تائيد ۾ هيءَ آيت پيش ڪئي ويندي آهي.

الَّذِىْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا (الملڪ- 2)

"موت ۽ حياتي پيدا ڪيائين ته اوهان کي آزمائي ڏسي ته اوهان مان ڪير وڌيڪ سٺن عملن وارو آهي."

پر اسان حياتياتي بقا جي سلسلي ۾ وڌيڪ بحث ۾ نه ٿا پوڻ گهرون، اسان سڌو فڪر ۽ نظريي جي بقا ۽ غلبي بابت قرآن شريف جو جيڪو تصور آهي ان تي بحث ڪرڻ طرف اچون ٿا. قرآن جنهن فڪر ۽ نظرئي جو حامل ۽ علمبردار آهي، تنهن کي ان "دين حق" سان تعبير ڪيو آهي. ٻين باطل دينن سان هن دين جو ٽڪر ڪائڻ ۽ ان ڪشمڪش مان سوڀارو ٿي غالب ٿيڻ جو عمل ڪيئن

www.sindsalamat.com

مڪمل ٿيندو؟ ان جو هت تجزيو ڪبو. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ نبيﷺ جي بعثت جو مقصد بيان ڪندي فرمايو آهي:

هُوَ الَّذِيٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ (التوبہ- 33)

”هو اها ذات آهي، جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ دين حق سان گڏي ان لاءِ موڪليو ته ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري، جيتوڻيڪ مشرڪن کي ناپسند هجي.“

سڀني دينن تي دين حق جو غلبو رسول الله صلي الله عليہ و سلم جن جي اچڻ جو مقصد آهي. جيڪو مقصد دين حق جي سڀني پيروڪارن جو به آهي. هن آيت ۾ اهڙين ڪوڙ ڀين آيتن مان دين حق جي غلبي ۾ بقا جي اجزاءَ ترڪيبيءَ مان هڪ جزو اهڙي انساني ڪوشش آهي، جيڪا دين حق جي غلبي لاءِ ڪم اچي.

ڇا ڪنهن حق واري دين جي غلبي لاءِ انساني ڪوشش ئي ڪافي آهي يا ان ۾ ان جي ضرورت به آهي ته ان دين ۾ خود غالب ٿيڻ جي سگهه به هئڻ گهرجي؟ شايد اها ضرورت ظاهر ڪرڻ لاءِ ئي الله تعاليٰ هن آيت ۾ صرف ”دين“ جو لفظ استعمال نه ڪيو، پر ”دين حق“ جو لفظ استعمال ڪيو: يعني دين جي غلبي لاءِ اهو ضروري آهي ته اهو دين ”حق“ به هئڻ گهرجي. يعني اهو پنهنجي جوهر ۾ غالب ٿيڻ جي سگهه به رکندو هجي. نه ته پل ڪيترين به انساني ڪوششون ڪم آنديون وڃن، اهڙو دين ڪڏهن به غالب نه ٿي سگهندو جيڪو حق نه هجي. قرآن ۾ الله تعاليٰ فرمايو:

وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ۭ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ﴿٨١﴾ (بني اسرائيل- 81)

”چئو! حق آيو ۽ باطل مٽجي ويو ڇاڪاڻ ته باطل مٽجڻو ئي آهي.“

جيئن روشني ٿيندي ئي اونده ختم ٿي ويندي آهي، ائين حق جي ايندي ئي باطل پڇي ويندو آهي. اها حق جي پنهنجي قوت ۽ جوهر آهي، جنهن ڪري باطل ان آڏو نه ٽڪندو آهي.

ڪنهن دين جي غالب ٿيڻ جي سگهه جو مدار ڪهڙي ڳالهه جي مٿان آهي؟ يا هڪ کي حق سڏجي ۽ ٻئي کي باطل قرار ڏجي ان جو ڪهڙو معيار آهي؟ ڇا منهنجو دين، منهنجي ابن ڏاڏن جو دين، ڇاڪاڻ ته منهنجو ۽ منهنجي ابن ڏاڏان جو آهي، ان ڪري حق آهي؟ جيڪو منهنجو ۽ منهنجي ابن ڏاڏن جو



ناهي سو باطل آهي؟ يا جنهن دين جي حق هئڻ جي اسان دعوا ڪيون، اهو حق آهي، جنهن کي باطل قرار ڏيون اهو باطل آهي؟ يا ان جو ڪو معيار آهي؟ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ائين ناهي، بلڪ اسان وٽ دين جي حق هئڻ جو هڪ معيار آهي. جيڪو دين ان معيار تي پورو لهندو سو حق آهي. جيڪو ان معيار تي پورو نه لهندو سو باطل آهي. الله تعاليٰ ان معيار کي سمجهائڻ لاءِ چند مثالن جو سهارو ورتو آهي. فرمائي ٿو:

اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتْ اَوْدِيَةٌۢ بِقَدَرِهَا فَاحْتَمَلَ السَّيْلُ زَبَدًا رَّابِيًا ۭ وَمِمَّا يُوْقِدُوْنَ عَلَيْهِ فِي النَّارِ ابْتِغَآءَ حِلْيَةٍ اَوْ مَتَاعٍ زَبَدٌ مِّثْلُهٗ ۭ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْحَقَّ وَالْبَاطِلَ ڛ فَاَمَّا الزَّبَدُ فَيَذْهَبُ جُفَآءً ۚ وَاَمَّا مَا يَنْفَعُ النَّاسَ فَيَمْكُثُ فِي الْاَرْضِ ۭ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ ﴿١٧﴾ (الرعد:17)

(1) ”آسمانن مان اسان پاڻي وسايو آهي، جنهن ڪان پوءِ نهرون پنهنجي پيمانن مطابق وهي هليون آهن. پوءِ وهڪرن پنهنجي مٿان گجي ڪنئي.

(2) ۽ جيڪي شيون اوهان باهه ۾ پگهرائيندا آهيو، اسلحه ۽ سامان ٺاهڻ لاءِ، انهن تي به اهڙي گجي ٿيندي آهي. ان طرح الله تعاليٰ حق ۽ باطل جو مثال بيان ڪري ٿو. سو گجي اڏري ختم ٿي ويندي البته جيڪا شيءِ انسان کي نفعو ڏئي ٿي، سا زمين تي ٽڪي سگهي ٿي.“

هن آيت ۾ الله تعاليٰ حق ۽ باطل جو هڪ مثال اهو ڏنو آهي ته هڪ آهي پاڻي جيڪو نهرن ۾ تيزوهڪرن جي صورت ۾ وهي ٿو ۽ ٻي آهي ان تي نهنڌڙ جهاڳ ۽ گجي. پاڻي باقي رهي ٿو جهاڳ ۽ گجي اڏري، سڪي ختم ٿي ٿي وڃي، حق ۽ باطل به ائين ئي آهن. حق انسان کي نفعو ڏئي ٿو ان ڪري اهو قائم ۽ باقي رهي ٿو. باطل انسان کي فائدو نه ٿو ڏئي ان ڪري اهو ختم ٿي ٿو وڃي.

ان جو ٻيو مثال هن آيت ۾ لوهه، پتل يا سون وغيره جهڙن ڌاتن جو آهي انهن کي به جڏهن پگهرائبو آهي ته انهن تي به جهاڳ ۽ گجي ٿيندي آهي. جهاڳ ۽ گجي ڪيڏي ڦٽي ڪبي آهي ڇاڪاڻ ته انسان جي فائدي جي ڪانهي. لوهه، پتل يا سون وغيره ڇاڪاڻ ته انسان جي نفعي وارا آهن ان ڪري اهي قائم رهن ٿا.

نباتات ۾ ڪيترن ئي قسمن جا گاهه ٻوٽا ۽ ڏٿ ٿيندا هئا، جيڪي انسان روز جهنگن مان چونڊي گهرڪٽي ايندو هو ۽ پنهنجو قوت گذر ڪندو هو.

www.sindsalamat.com

اهڙن ڪيترن ئي قسمن جي گاهن، ٻوٽن ۽ ڏٿن مان جيڪي انسان پنهنجي فائدي ۾ ڏٺا تن کي پنهنجي محنت سان اهڙي زندگي بخشي جو زمين تان لکين ٻوٽا ناپيد ٿي ويا پر ڪڻڪ، جوئر، ٻاجهري ۽ سرنهن وغيره جهڙا انساني فائدي وارا ڏٿ اڄ به زنده سلامت ۽ آباد آهن.

بلڪل اهڙيءَ طرح نظريا ۽ فڪر به جيڪي انسانيت کي فائدو ڏين ٿا. انسان جي ڏک، درد، پيڙا، ظلم ۽ اذيت ۾ ان جو سهارو بنجن ٿا انسان پنهنجي جانين ۽ سرن جا نذرانا ڏئي انهن کي جياري ۽ زمين تان ڪٽي آسمان تي پهچائي ڇڏي ٿو. پر جيڪڏهن فڪر ۽ نظريي ۾ انسان پنهنجي درد جو درمان ۽ مسئلن جو قانوني تحفظ نه ٿو ڏسي ته پوءِ ان فڪر جي سربلندي، غلبو ۽ احياء، ڪجهه به نه ٿو ٿي سگهي. دين اسلام جو جڏهن ظهور ٿيو ته ان ۾ انسانيت جي ڪمزور ۽ ضعيف طبقن پنهنجو جياپو ڏٺو، پنهنجي دردن جو درمان ڏٺو، عرب کان وٺندي روم ۽ فارس تائين جي پيڙهيل طبقن اسلام ۾ پنهنجي زندگي، جياپو ۽ آزادي ڏٺي تڏهن ئي انهن طبقن جي ماڻهن پنهنجو گهر ٻار ۽ سر ساهه صدقو ڪري دين اسلام کي سربلند ڪيو ۽ باطل نظامن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو.

اڄ جڏهن اسان دين اسلام جي غلبي، احياءَ ۽ سربلنديءَ جو فڪر ڪيون ٿا ته اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته قرآن جي هنن ارشادن ۾ اسان لاءِ اها رهنمائي ۽ سبق آهي ته انساني افاديت کان خالي فڪر ۽ نظرئي جي سربلندي، غلبو ۽ احياءُ خام خياليءَ کان سواءِ ڪجهه به ناهي. ان ڪري ضروري آهي ته اڄ جي دور جي انسان جو جيڪو درد ۽ پيڙا آهي ۽ ان جا جيڪي مسئلا آهن، انهن جو اسان تجزيو ڪيون. اسلام ۽ قرآن جي بنيادي اصولن جي روشنيءَ ۾ انهن مسئلن دردن ۽ پيڙائن جو درمان ۽ قانون بنائي دين اسلام کي پيڙهيل طبقن آڏو پيش ڪيون. تڏهن اسان دين اسلام کي ٻيهر غالب ۽ سربلند ڏسي سگهون ٿا. دين جي قربان گاهه ۾ انسانيت جي قربان ٿيڻ جي قيمت تي دين جو احياءُ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪيون. يعني انسانيت جي موت جي قيمت تي دين جي حياتي نه گهرون بلڪ دنيا کي پيغام ڏيون ته هي دين انسانيت لاءِ زندگيءَ جو پيغام کڻي آيو آهي. جيئن قرآن جو فرمان آهي:

يَآاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اسۡتَجِيۡبُوۡا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوۡلِ اِذَا دَعَاكُمۡ لِمَا يُحۡيِيۡكُمۡ (الانفال:24)

“اي ايمان وارو الله ۽ رسول جو سڏ ورنايو جڏهن توهان کي ان (دين) ڏانهن سڏين جيڪو اوهان کي جياپو ڏئي ٿو.”



اسلام کي اهڙي ڍنگ سان کڻي اچو جو هڪ اهڙي قوم جيڪا زندگيءَ جون سڀ توانايون وڃائي نري مرده ٿي چڪي آهي، سا هن دين جي ذريعي آرس ڀڃي اٿي پئي ۽ هڪ متحرڪ ۽ ناقابل شڪست قوت بنجي اٿي، پوءِ ڏسو ته ان قوم جا جوڌا ڪيئن ٿا اسلام کي سربلندين تي پهچائن. اسلام شروع واري دور ۾ اهو ئي ڪارنامو سرانجام ڏنو هو، جنهن جو ذڪر سورت قريش ۾ الله تعالي هنن لفظن ۾ فرمايو:

لِاِيۡلٰفِ قُرَيۡشٍ ۙ﴿۱﴾ اٖلٰفِهِمۡ رِحۡلَةَ الشِّتَآءِ وَ الصَّيۡفِ ۚ﴿۲﴾ فَلۡيَعۡبُدُوۡا رَبَّ هٰذَا الۡبَيۡتِ ۙ﴿۳﴾ الَّذِيۡۤ اَطۡعَمَهُمۡ مِّنۡ جُوۡعٍ ۬ۙ وَّ اٰمَنَهُمۡ مِّنۡ خَوۡفٍ ﴿۴﴾

الله جي فضل سان قريش هڪ اهڙي سرگرم معاشي قوت بنجي اٿيا جو سياري اونهاري جي تجارتي سفرن جي نتيجي ۾ نه رڳو سکيو ڪائڻ لڳا پر امن وارا به ٿي پيا. ان طرح قرآن ۽ اسلام کي مرده قومن جي سُکي حياتي ۽ زندگيءَ جو ذريعو بنائڻ ۾ اسان ڪامياب ٿياسين ته اسان اسلام کي سربلند ۽ غالب بنائڻ ۾ ڪامياب به ٿينداسين. پر جيڪڏهن زندگيءَ کان مايوس طبقن جي ماڻهن کي زندگيءَ جي جوت بخشڻ بجاءِ انهن کي قرآن جي ڦيٽن ۽ تعويذن جو آفيم ڪارائي سڪون جي ننڊ ڪرائيندا رهياسين ته پوءِ اسلام جو غلبو خام خياليءَ کان سواءِ ڪجهه به ڪونه رهندو.

# انسان چاڙهي چڙهي نہ سگهيو

مولانا محمد انس راڄپر

دنيا ۾ تہ ڏينهون ڏينهن ترقي، تحقيق ۽ غور فڪر ٿيندو رهي ٿو. نيئن سر نوان نظريا، فڪر ۽ سوچون گلاب جي گلن جي مڪڙين وانگر انسان آڏو ٽڙن ٿيون ۽ انساني زندگيءَ کي تازگي ۽ فرحت بخشين ٿيون؛ پر اسان وٽ سدائين پاٽي پيو ولوڙجي، چاڪيءَ جي ڏاند وانگر ساڳيا پنڌ ۽ پيچرا. ساڳيا لاتون ساڳيا چگهہ نہ رات ڪٽي نہ بات ڪٽي. مٿان وري مصيبت اها تہ ڦڙڪ بہ ٻاهر ناهي ڪڍٽي، پنڌ بہ ناهن جاچٽا، تجزيو بہ ناهي ڪرٽو، ڇا پاتو ڇا وڃايو؟ اهو بہ ناهي ڏسٽو. جتان ڪالھ پنڌ شروع ڪيوسين، اڄ بہ اتي ئي چو بيٺا آهيون؟ اڳتي تہ ڇا پر اڃا بہ پوئتي چو آهيون؟ نبيﷺ جن فرمايو:

"من استواه يومان فهو مغبون"

(جنهن جا ٻہ ڏينهن برابر رهيا سو ٺڳيل آهي).

پر اسان کي احساس ئي ڪونهي تہ ڪو اسان ٺڳجي رهيا آهيون. االله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو:

"وَهَدَيۡنٰهُ النَّجۡدَيۡنِ (10) فَلَا اقۡتَحَمَ الۡعَقَبَةَ (11) وَمَآ اَدۡرٰىكَ مَا الۡعَقَبَةُ (12) فَكُّ رَقَبَةٍ (13) اَوۡ اِطۡعٰمٌ فِىۡ يَوۡمٍ ذِىۡ مَسۡغَبَةٍ (14)"

"اسان انسان کي ٻہ واٽون ڏيکاريون پر اهو چاڙهي چڙهي نہ سگهيو (بلند واٽ وٺي نہ سگهيو) تو کي خبر آهي تہ اُها چاڙهي ڇا هي؟ (اها آهي) غلام آزاد ڪرڻ، مسڪينن کي غربت جي ڏينهن ۾ ڪارائڻ، مائٽ يتيمن کي يا مٽيءَ هاڻن مسڪينن کي."

اسان چو چاڙهي چڙهي نہ سگهيا آهيون. چو غلامي اڄ بہ انسان جو مقدر آهي. مسڪين اڄ بہ انگ اگهاڙو پيٽ بکيو چو آهي. يتيم اڄ بہ ڏڪارجي چو ٿو.





فلسفي ۾ سوال جي اهميت آهي. جواب بہ ايترو اهم ناهي هوندو، جيترو فلسفي ۾ سوال اهم هوندو آهي. جڏهن سوال اٿندو آهي، تڏهن ئي ماڻهو آرس ڀڃي، چرڪ ڀري اٿندو آهي؛ پر اسان وٽ سوال ڪرڻ منع آهي.

اسان مسلمان جتي اڪثريت ۾ آهيون، غلامي، ذلت، بک، بدحالي ۽ ابتري اتي ديرو ڄمايو ويٺي آهي. اسان وٽ اسلام آهي، قرآن آهي، اسان حاملين قرآن وسنت آهيون؛ پر ڏينهون ڏينهن ابتريءَ جو شڪار آهيون. اسان کي ابن ڏاڏن کان موروثي طور اهو خيال مليو آهي، جيڪو اسان طوطي وانگر ياد ڪري ڇڏيو آهي تہ اسلام حق آهي، قرآن حق آهي ۽ اسان دين حق جا پيروڪار ۽ حامل آهيون. ان ڪري دنيا تي غلبو حاصل ڪرڻ اسان جو مقدر آهي. نسلن کان اهو خيال سينن ۾ سانديون پيا اچون؛ پر دنيا تي غلبي وارو اسان جو مقدر اسان کي ڏٺو نہ ٿو ليي. اسان کي ان بابت سوال ڪرڻ گهرجي، جڏهن اسان کي ان جو صحيح جواب ملي ويندو تہ اسان کي ان ڀنورَ مان نڪرڻ جو صحيح رستو بہ ملي ويندو.

جنهن دين اسلام جا اسين حامل آهيون، سو اهوئي ساڳيو دين آهي، جيڪو يهودين، نصارن ۽ ٻين اڳين امتن کي مليو.

"شَرَعَ لَكُمۡ مِّنَ الدِّيۡنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوۡحًا وَّ الَّذِىۡۤ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ وَمَا وَصَّيۡنَا بِهٖۤ اِبۡرٰهِيۡمَ وَ مُوۡسٰى وَعِيۡسٰٓى."

"اوهان لاءِ اهوئي دين مقرر ڪيو ويو آهي. جنهن جي اسان نوح کي وصيت ڪئي ۽ جيڪو اسان توڏانهن وحي ڪيو آهي ۽ جنهن جي اسان ابراهيم، موسيٰ ۽ عيسيٰ کي وصيت ڪئي هئي."

هن مان ثابت ٿيو تہ سڀ اڳيون امتون ساڳئي دين حق جون ۽ الهامي ڪتابن جون حامل هيون. پر هڪ عرصي گذرڻ کان پوءِ اهي امتون دين حق جي بار کڻڻ ۽ ذميواري جي حيثيت کان ڪري پيون. جيئن الله تعاليٰ يهودين بابت فرمايو:

"مَثَلُ الَّذِيۡنَ حُمِّلُوا التَّوۡرٰىةَ ثُمَّ لَمۡ يَحۡمِلُوۡهَا كَمَثَلِ الۡحِمَارِ يَحۡمِلُ اَسۡفَارًا."

"جنهن کي الله تعاليٰ تورات جو حامل بنايو، پوءِ اهي ان جا حامل نہ ٿي سگهيا، تن جو مثال گڏھ جهڙو آهي، جنهن تي ڪتاب لڏيا ويا هجن."

ڇا اهو قبول ڪري سگهجي ٿو تہ اسلام ۽ قرآن جا حامل دين اسلام جي تحمل ۽ ذميواري جي حيثيت کان ڪري پيا آهن؟ ان جو جواب اسان کي

www.sindsalamat.com

نبي ﷺ جن جي هن فرمان مان ملي ٿو، جنهن ۾ پاڻ هڪ انصاري صحابيءَ کي فرمائن ٿا ته:

“جلد قرآن امت جي هٿن مان نڪري ويندو.” انصاري صحابي چوڻ لڳو يا رسول الله! اهو ڪيئن ٿيندو حلانڪ اسان قرآن پڙهون ٿا، اسان وري پنهنجي اولاد کي پڙهائيندا سين، اهو پنهنجي اولاد کي پڙهائيندو؟ پاڻ فرمايائون اي سعد! آءُ تو کي سيني انصارن مان سياڻو سمجهندو هوس! ڇا نه ٿو ڏسين ته اهل ڪتاب تورات ۽ انجيل پڙهن ٿا!

معنيٰ جيئن يهودي ۽ نصارا موجود آهن، تورات ۽ انجيل پڙهن ٿا، تيئن مسلمان به اڪثريت ۾ هوندا، قرآن پڙهندا؛ پر انهن جو اهو پڙهڻ ائين هوندو جيئن (نبي ﷺ جي زماني ۾) يهودين ۽ نصارن جو تورات ۽ انجيل پڙهڻ هو. انهن ۾ قرآن هوندو پر حالت وڃي يهودين ۽ نصارن جهڙي رهندي، دين حق ۽ قرآن جي هوندي به هو ان جا صحيح حامل نه هوندا.

مسلمانن جي اڄ جي حالت رسول الله ﷺ جن جي هن فرمان مبارڪ جي حقيقي عڪاسي ڪندڙ آهي. جيڪي مسلمان سمجهن ٿا ته قرآن اڄ به اسان ۾ ائين موجود آهي، جيئن اڳي هو، مٿئين حضور ﷺ جن جي ارشاد وارا ڏينهن اڃا ناهن آيا، سي ڀليل آهن. اسان مان قرآن پر ڪري اڏامي هليو ويو آهي. اڄ قرآن کي پوتين ۾ ويڙهي گهر ۾ برڪت لاءِ رکيو ويو آهي. ثواب ڪمائڻ لاءِ ختما ڪري پڙهيو ٿو وڃي، مدرسن ۽ مسجدن ۾ اهڙن ئي مقصدن لاءِ قرآن جون مجلسون زنده ۽ جاويد آهن، پوءِ جي اهڙا مدرسا ۽ مسجدون لکن جي تعداد ۾ شاندار عمارتن سان آباد آهن، تڏهن به انهن جو تعلق وري به زندگيءَ جي اهڙن ئي حصن سان آهي. انهن مدرسن ۽ مسجدن جي وڏن کان وڏن عالمن ۽ اڪابرن جو معاشري ۾ وڏي ۾ وڏو مقام اهو آهي ته ڪانئن دعا وٺجي، تعويذ وٺجي، سندن واعظ مان ايمان جي تازگي (ذهني تسڪين/ ذهني عياشي) حاصل ڪجي. مالي پريشانيون ٿين، نوڪريءَ جا مسئلا ٿين، گهر ۾ بي برڪتي ٿئي، ذهني سڪون حاصل نه هجي ته اهڙن روحانيت وارن اڪابرن وٽ ماٿهو اچيو ڳاهٽ ٿين ته، اسان خوش ته اسلام زنده آهي. ملا جو ڪاروبار جاري آهي ته پاڻ سمجهيو ته اسلام ۽ قرآن زنده آهي. ختمن جي ماني ۽ صدقن جا ٻڪرا ڪائي مڇ کي وٽ ڏئي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيري مون پارو مولوي چئي ته هيءَ قرآن جي برڪت آهي ته اهو سراسر دوکو آهي.



انساني زندگيءَ جا سرگرم ۽ مؤثر حصا اڄ قرآن ۽ دين حق جي هدايتن کان خالي آهن. زندگيءَ جا سياسي، سماجي ۽ معاشي حصا اڄ به قرآن کان خالي آهن. مسلمانن جي زندگيءَ جي سرگرم حصن ۾ قرآن موجود نه ٿيو ته ڪيئن قبول ڪجي ته قرآن مسلمانن ۾ زنده آهي.

اڄ به انساني اڪثريت غلاميءَ جي زندگي گذاري ٿي. مسلمان اميرن جا خزانا سرمائي سان ڀريل آهن، پر ڪروڙين غريب مسلمان موجود آهن جيڪي پيٽ جي باهه اجهائڻ ۽ انگ ڍڪڻ لاءِ گڏهن ۽ ڍڳن جيترو پورهيو ڪن ٿا. نه غذائي ضروتون ميسر آهن، نه صحت حاصل آهي، نه علم حاصل ڪرڻ جا موقعا آهن. محنت ڪشن ۽ پورهيتن تي تمام وڏا ٽيڪس هڻي انهن جي ڪئي ڪمائي ميڙي چونڊي اميرن ۽ مقتدر طبقن جي بي پناهه عياشين جي نظر ڪئي ٿي وڃي. اڳي ته رڳو هڪ خطي جي عوام جي پگهر پورهئي جو استحصال ساڳئي علائقي جي اميرن ۽ مقتدر طبقن جي عياشين لاءِ ڪيو ويندو هو. پر هاڻي ايم پي اي ايم اين ايز ۽ يوسي ناظم جي حڪمرانن کان وٺي صوبي جي حاڪمن، وري وفاق جي حاڪمن کان ويندي عالمي سامراج تائين وري هيڏانهن تجارتي زندگيءَ ۾ هڪ عام دڪاندار کان وٺي عالمي سرمائيدارن تائين محنت جي استحصال جو هڪ نظام جڙيل آهي، جنهن پورهيت طبقي ۽ محنت ڪشن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. ۽ ايئن زندگي جا ڪيئي شعبا آهن جتي غريب کي ڦرڻ ۽ ان جي رت جو آخري ڦڙو به نپوڙي ڪڍڻ جو سلسلو هلي رهيو آهي.

ڇا پوءِ اهو قبول نه ڪجي ته زمانو صدين کان موٽي ان هنڌ پهتو آهي جنهن لاءِ الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو ته: (انسان) چاڙهي چڙهي نه سگهيو”

نبي ﷺ جن پنهنجي انقلاب مڪمل ڪرڻ واري موقعي تي فرمايو هو: اڄ زمانو ڦري ان هيئت تي آيو آهي. جنهن تي پيدا ٿيو هو.” يعني پنهنجي قدرتي حالت تي، جنهن ۾ ڪوبه ظلم فساد ۽ استحصال نه هو. پر ان کان پوءِ زمانو گهڻو گذري چڪو آهي. هاڻي مسلمان ان حالت کان ڦري ۽ دنيا ان حالت مان ڪڏهوڪو نڪري وري اچي ان هنڌ بيٺي آهي جنهن لاءِ قرآن چيو: “انسان چاڙهي چڙهي نه سگهيو”. اسان کي اهو سوچڻ گهرجي ته جتي اڳيون قومون هيون اسان اتي پهتل آهيون ۽ هيءَ اسان جي حالت تحمل دين ۽ تحمل قرآن جي رتبي کان ڪرڻ جي ڪري آهي. ان ڪري آهي ته قرآن اسان جي زندگين منجهان نڪري چڪو آهي.

اسان دين حق ۽ قرآن جا صحيح حامل تڏهن ٿي سگهنداسين، جڏهن اسان قرآن ۽ دين حق جي ذريعي زندگيءَ جي سرگرم حصن سياست، معيشت ۽ معاشرت ۾ پورهيت ۽ محنت ڪش جي استحصال ۽ انساني غلامين جي خاتمي جو سبب بڻجندا سين ۽ دين حق کي زندگيءَ جي سرگرم ۽ مؤثر حصن ۾ انساني فائدي جي قابل بنائينداسين.

# مغضوب عليهم ۽ ضالين جو گروهه

**مولانا محمد انس راڄپر**

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ قرآن شريف جي مقدمي (افتتاحي) يعني صورت فاتحه ۾ هڪ دعا سيکاري آهي، جيڪا اسان مسلمان هر نماز جي هر رکعت ۾ پڙهندا آهيون. دعا جا لفظ هي آهن:

اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿۵﴾ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ۬ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ﴿۷﴾

"(اي الله) اسان کي سڌو رستو ڏيکار. انهن جو جن تي تو انعام ڪيو آهي. انهن جو نه جن تي تو غضب نازل ڪيو آهي ۽ نه گمراهن جو."

مفسرن لکيو آهي ته غضب ڪيلن مان يهودي ۽ گمراهن مان نصارا مراد آهن. الله تعاليٰ يهودين لاءِ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي:

وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ وَالْمَسْكَنَةُ ۚ وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ (سورة بقره: 61)

"مٿن ذلت ۽ مسڪيني مسلط ڪئي وئي آهي ۽ انهن الله جو غضب خريد ڪري ورتو آهي."

هتي اسان ڀڻ ڳالهين تي بحث ڪنداسين: هڪ ته غضب ڪيل ۽ گمراهه صرف يهودي ۽ نصارا آهن. ٻيو ڪو يا اسان مسلمان غضب ڪيل ۽ گمراهه ٿي سگهون ٿا يا نه؟ ٽيو ته الله جي غضب جي نتيجي ۾ غضب ڪيل ماڻهو صرف قبر ۽ قيامت ۾ خراب ٿيندو يا ان جا ڪي ٻيا به اثر آهن؟

اسان کي جڏهن الله تعاليٰ بار بار صورت فاتحه ۾ دعا سيکاري آهي ته، اسان کي غضب ڪيلن ۽ گمراهن جو رستو نه ڏيکار، تنهن مان به ظاهر آهي ته اسان مسلمان ڪنهن به وقت اهڙي رستي تي هلي سگهون ٿا، جيڪو غضب



www.sindsalamat.com

ڪيلن ۽ گمراهن جو آهي، ان ڪري اهڙي صورتحال کان بچڻ جي دعا هر وقت زبان تي جاري رکائي وئي آهي.

ان کان سواءِ قرآن ۾ ڪيترين جاين تي مسلمانن کي اهل ڪتاب وانگر نه ٿيڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي. جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

يَآاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَكُوۡنُوۡا كَالَّذِيۡنَ اٰذَوۡا مُوۡسٰى ط (الاحزاب-69)

"اي ايمان وارؤ انهن وانگر نه ٿيو جن موسيٰ کي ايذايو."

ٻئي هنڌ آهي:

وَمِنَ الَّذِيۡنَ قَالُوۡۤا اِنَّا نَصٰرٰٓى (انهن وانگر نه ٿيو) جن چيو: اسان نصارا آهيون.

سردست مون کي اهي آيتون ملي سگهيون آهن، نه ته اهڙيون ڪوڙ آيتون آهن. جن مان ثابت ٿيو ته مسلمان به يهودين ۽ نصارن جهڙو ڪم ڪري انهن وانگر گمراهي جي رستي تي هلي سگهن ٿا.

باقي رهيو سوال ته غضب ڪيل ۽ گمراهه ڪيئن ٿيندا آهن. انهن کي ڪي سگ ٿيندا آهن يا ڪي ٻيون انهن جون نشانيون ٿينديون آهن جن سان اهي سڃاپجي سگهندا آهن؟

الله جي غضب جي معنيٰ آهي: "الله جو پنهنجي ٻندن کي گناهن جي سزا ڏيڻ جو ارادو ڪرڻ." گناهن جي سزا جو اسان وٽ تصور انفرادي به آهي ته قبر ۽ قيامت سان به اهو جوڙيو ويو آهي. يعني صرف قبر ۽ قيامت ۾ سزا ملندي. دنيا جي هن زندگيءَ ۾ سزا جو اسان پنهنجي دلين مان خوف ئي ڪڍي ڇڏيو آهي.

جڏهن ته غضب ڪيلن ۽ گمراهن مان مراد هڪ جماعت، امت ۽ قوم آهي. يعني هڪ امت جهڙوڪ يهودي ۽ نصارا غضب ڪيل ۽ گمراهه آهن. مسلمانن کي انهن وانگر نه ٿيڻ جو تاڪيد به امت جي حيثيت ۾ آهي. قرآن مجيد ۾ يهودين ۽ نصارن تي الله جي غضب جو اظهار قبر ۽ قيامت ۾ انهن کي عذاب ڪرڻ سان نه ڪيو ويو آهي. بلڪ هن دنيا ۾ انهن کي ذلت، خواري ۽ مسڪنت ملڻ جي صورت ۾ ڪيو ويو آهي. جيئن هن مضمون ۾ ذڪر ڪيل پهرين آيت ۾ ڏسي سگهجي ٿو ۽ ان سان گڏ سورت اعراف ۾ جيڪو الله تعاليٰ فرمايو آهي، سو ڏسو:

اِنَّ الَّذِيۡنَ اتَّخَذُوا الۡعِجۡلَ سَيَنَالُهُمۡ غَضَبٌ مِّنۡ رَّبِّهِمۡ وَ ذِلَّةٌ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا

(اعراف: 152)



"جن ڳاڻي کي (خدا ڪري) ورتو جلد انهن کي سندن رب طرفان غضب ۽ دنيا جي حياتي ۾ ذلت پهچندي."

سورة بني اسرائيل ۾ الله تعاليٰ انهن تي پنهنجي غضب جي هڪ صورت بُخت نصر هٿان انهن جي مغلوب ٿيڻ جي بيان فرمائي وئي آهي:

وَقَضَيۡنَاۤ اِلٰى بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ فِى الۡكِتٰبِ لَتُفۡسِدُنَّ فِى الۡاَرۡضِ مَرَّتَيۡنِ وَلَتَعۡلُنَّ عُلُوًّا كَبِيۡرًا ﴿۴﴾

(بني اسرائيل: 5 کان 8)

"ڪتاب ۾ بني اسرائيل بابت فيصلو ڪيو سين ته، اوهان زمين ۾ ٻه دفعا فساد ڪندؤ ۽ تمام وڏي سرڪشي ڪندؤ.

جڏهن ٻنهي پيرن مان پهريون (فساد) جو انجام ايندو ته اسان انهن تي پنهنجي سخت طاقت وارا ٻانها اٿاريندا سين جيڪي شهرن ۾ گهڙي پوندا ۽ انجام پورو ٿيڻو آهي.

وري اوهان کي هڪ ڀيرو موٽائيندا سين. مال ۽ اولاد جي اوهان کي مدد ڏيندا سين ۽ اوهان کي گهڻي نفري وارو ڪندا سين.

جيڪڏهن چڱو ڪندؤ ته پنهنجي لاءِ چڱو ڪندؤ. برو ڪندؤ ته پنهنجي لاءِ. ۽ جڏهن پويون واعدو ايندو ته جيئن اوهان جي شڪل ئي بگاڙي ڇڏي، تڏهن اهي ائين مسجد (بيت المقدس) ۾ گهڙندا جئين پهرئين ڀيري گهڙيا هئا. ۽ جنهن تي غالب ٿيندا تنهن کي چڱيان اجاڙيندا.

ٿي سگهي اوهان جو رب اوهان تي رحم ڪري، پر جيڪڏهن اوهان موٽندو ته اسان به موٽنداسين.( يعني ٻيهر اوهان کي سزا ڏينداسين."

ڇهه سال قبل مسيح ۾ بابل جي بادشاه بُخت نصر يهودين تي حملو ڪيو. ڪين ذليل ڪيائين. هزارين يهودين کي غلام بنايائين. هيڪل کي برباد ڪيائين. مٿين آيتن ۾ "پهرئين انجام" مان ان ڏانهن اشارو آهي. آيت ۾ ٻئي انجام مان مراد رومي آهن، جن بيت المقدس کي بلڪل تباه ڪري ڇڏيو. بني اسرائيلن کي ماري ڪُٽي سٽي فلسطين مان ڪڍي ڇڏيو. آخري آيت ۾ يهودين کي ڌمڪي آهي ته جيڪڏهن وري به نه سڌريؤ ته مسلمانن جي اوهان مٿان غلبي جي صورت ۾ اوهان تي ٻيهر ذلت، مسڪنت ۽ خواري مسلط ڪئي ويندي. مطلب ته غضب ڪيل قوم کي الله تعاليٰ دنيا ۾ ان طرح ذليل ۽ خوار ٿو ڪري ته قومون مٿن حملي آور ٿين ٿيون، ذلت ۽ مسڪيني سندن مقدر ٿئي ٿي.

مسلمان جڏهن مشرڪن جي مقابلي ۾ ضعيف ۽ ڪمزور هئا ۽ پوءِ

www.sindsalamat.com

مضبوط ٿيا ۽ مشرڪن کي شڪست ڏنائون تہ اللہ تعاليٰ سندن ان حالت بابت فرمايو:

وَلَقَدۡ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ بِبَدۡرٍ وَّاَنۡتُمۡ اَذِلَّةٌ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۱۲۳﴾ (آل عمران-123)

"اللہ تعاليٰ اوهان جي بدر ۾ مدد ڪئي حالانڪ اوهان ڪمزور ۽ ذليل هيو."

مسلمانن جي غلبي واري حالت ۾ نہ هئڻ واري زندگيءَ بابت چيو ويو تہ اوهان "اذله" هيا، جڏهن اللہ اوهان جي مدد ڪئي، اوهان غالب ٿيا، مان ۽ عزت حاصل ڪئي.

مديني جي منافقن جي سردار پنهنجي سرداريءَ جي گهمنڊ ۾ اچي مهاجر ۽ انصار صحابہ ۾ هڪ فتنو ڪڙو ڪري، ان جو فائدو وٺي، چيو: ليخرجن الاعز منها الاذل "مديني مان عزت وارا (شان شوڪت ۽ اقتدار جا مالڪ) ذلت وارن کي ڪڍي ڇڏيندا." اللہ تعاليٰ فرمايو، منافق ڀليل آهن، تہ ڪو عزت ۽ اقتدار اجا بہ وٽن آهي. اللہ تعالي فرمايو:

وَلِلّٰهِ الۡعِزَّةُ وَلِرَسُوۡلِهٖ وَلِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَلٰـكِنَّ الۡمُنٰفِقِيۡنَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۸﴾ ( المنافقون-8) .

"عزت ۽ غلبو اللہ، سندس رسول ۽ مؤمنن کي حاصل آهي. پر منافق نہ ٿا ڄاڻن."

پر جڏهن قومون لڇڻ ۾ نہ رهنديون آهن، تہ عزت، غلبو ۽ وقار بہ وڃائي ويهنديون آهن. انهن کي اللہ دنيا ۾ ئي قومي برباديءَ جي صورت ۾ عذاب ڪندو آهي، پوءِ اهي مسلمان ڇو نہ هجن. جيئن هڪ هنڌ اللہ تعاليٰ مسلمانن کي مخاطب ٿي فرمايو آهي:

اِلَّا تَنۡفِرُوۡا يُعَذِّبۡكُمۡ عَذَابًا اَلِيۡمًا ۙ وَّيَسۡتَبۡدِلۡ قَوۡمًا غَيۡرَكُمۡ (التوبہ-39)

"جيڪڏهن جهاد نہ ڪندؤ تہ اوهان کي دردناڪ عذاب ڪندو ۽ اوهان جي جڳهہ تي ٻي قوم بدلائي آڻيندو."

هيءُ مسلمانن کي تنبيه ۽ ڌمڪي آهي. ڇا مسلمانن ۾ اجا اهو وقت ڪونہ آيو آهي! تہ اللہ کين عذاب ڪري ۽ ٻين قومن کي مٿن غالب ڪري؟

يهودين تي اللہ تعاليٰ ڪيئي دفعا ۽ خاص طور تي ٻہ دفعا اهڙو عذاب ڪيو: هڪ بخت نصر بادشاه جي ذريعي ٻيو رومين جي ذريعي ۽ ان سان گڏ مسلمانن جي ذريعي بہ. ان طرح مڪي جي مشرڪن تي اللہ مسلمانن جي ذريعي عذاب ڪيو، جڏهن فرمايائين:



قَاتِلُوۡهُمۡ يُعَذِّبۡهُمُ اللّٰهُ بِاَيۡدِيۡكُمۡ (التوبہ-14)

"انهن کي قتل ڪيو، اللہ کين اوهان جي هٿان عذاب ڪرڻ تو گهري."

ڇا مسلمانن تي اللہ اهڙو عذاب نازل ڪونہ ڪيو آهي؟ هڪ دفعو نہ، ٻہ دفعا نہ، ڪئي دفعا مسلمان اللہ جي اهڙي عذاب کي سهي چڪا آهن. بغداد تي تاتارين جي حملي کان وٺي، عثماني خلافت جي تخت ۽ تاج جي تاراج ٿيڻ کان وٺي، ڪيترن ئي مسلمانن جي فرنگي غلاميءَ کان ويندي اڄ ڪلهہ عالمي، آمريڪي سامراج ۽ انهن جي اتحادين هٿان مسلمان قومن جي روز روز تذليل، ڇا ان الاهي عذاب کان گهٽ آهي جيڪو اللہ يهودين ۽ نصارن تي ڪيو. صديون گذري چڪيون آهن جو مسلمان دنيا ۾ اللہ جي عذاب ۾ مبتلا آهن! ڪيترين ئي غالب قومن هٿان لتاڙجي چيڀاٽجي ذليل ۽ خوار ٿي چڪا آهن. پر پوءِ بہ امت کي خوش رکيو تو وڃي تہ هيءَ ڀلي امت آهي جلدئي ڪونہ ڪو ڪرشمو ٿيندو، ڪو ظاهر ٿيندو جيڪو سڄي ڪايا پلٽي ڇڏيندو. اللہ هن امت تي شڪليون بدلائڻ جو عذاب نہ ڪندو، وغيره پر جيڪو عذاب اسان تي مسلط آهي، جيڪو ڀوڳي رهيا آهيون، تنهن جي سڄاڳي ڪوبہ ڏيڻ وارو ڪونهي. مسلمانن جي هيءَ ذلت ۾ ورتل امت ڪڏهن بہ غلبو حاصل نہ ڪري سگهندي. ڇاڪاڻ تہ هيءَ عذاب ۾ مبتلا آهي. هيءَ ان مقام تي پهچي چڪي آهي، جتي يهودي ۽ نصارا پهچڻ کان پوءِ صرف عذاب جا ئي مستحق ٿيا هئا. شاه ولي اللہ دهلوي چواٽي قرآن ۾ يهودين ۽ نصارن کي مليل تنبيهن ۽ دڙڪن وارين آيتن ۾ جيڪڏهن مسلمانن جو نالو شامل ڪجي تہ يهودين ۽ نصارن جي خرابين جو سمورو قرآن جو تجزيو مسلمانن تي پورو نظر ايندو.

اڄ اسان کي خوش فهمين مان نڪري اچڻ گهرجي. پنهنجي ڇاڪ گريبانن ۾ جهاتي پائڻ گهرجي. مٽي ۾ پيل ڏوڙ ڇنڊي، اکيون پٽي، پاڻ سنڀالڻ گهرجي. پنهنجي سوچن، فڪر ۽ عمل جي نئين سر آبياري ڪرڻ گهرجي. پنهنجو جائزو وٺي پاڻ کي بدلائڻ گهرجي. مولانا سنڌي ان ئي حالت مان ڪڍڻ لاءِ فرمايو هو: "بدلجو نہ تہ زمانو اوهان جو نالو نشان ئي مٽائي ڇڏيندو!".

# مسلمانن ۽ اهل ڪتاب جون ھڪجھڙيون تمنائون

مولانا محمد انس راڄپر

قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ يهودين جي ذڪر ۾ ارشاد فرمايو آهي:

وَمِنْهُمْ أُمِّيُّوْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ الْكِتٰبَ اِلَّآ اَمَانِيَّ (البقره 78)

"انهن مان ڪي اڻڙا آهن جيڪي ڪتاب مان سواءِ "اماني" جي ٻيو ڪجھ بہ ڪونہ ٿا ڄاڻن."

هن آيت ۾ لفظ 'اماني' جيڪو ذڪر ٿيو آهي، سو جمع آهي. ان جو واحد آهي 'امنية'. واحد جي صورت ۾ هيءُ لفظ قرآن شريف ۾ نبيءَ جي 'دل جي خواهش' جي معنيٰ ۾ آيو آهي.(الحج: 52) نبي سنيون خواهشون ۽ تمنائون ڪندا آهن. البتہ ان هڪ آيت کان سواءِ قرآن ۾ هي لفظ پنهنجي جمع 'اماني' جي صورت ۾ آيو آهي، "معجم الفاظ القرآن الڪريم" ۾ 'امنية' جي معنيٰ هن طرح بيان ڪئي وئي آهي.

الامنية: مايرغب فيہ المرء ويشتهاه. واڪثر مايڪون ذالڪ الآمال الباطلة ڪطول البقاء وعدم البعث. ('الامنية' جي معنيٰ آهي: 'جنهن ۾ ماڻهو شوق رغبت ۽ خواهش رکي'، اڪثر اهو باطل اميدن جي باري ۾ استعمال ٿيندو آهي، جهڙوڪ: ڊگهي بقاء ۽ عدم بعث. امنية جو جمع اماني ايندو آهي.)

بيروت جو ڇپيل هڪ عربي مختصر تفسير، جيڪو شيخ حسنين محمد خلوف جو لکيل آهي ۽ ان جي حاشيہ تي اسباب نزول تي سيوطيءَ جو ڪتاب 'لباب النقول' بہ ڏنل آهي، تنهن ۾ لکيل آهي، تہ 'اماني' اڪاذيب تلقوها عن احبارهم" (ڪوڙ، جيڪي پنهنجي يهودي عالمن کان سکيا اٿن.)



www.sindsalamat.com



معجم الفاظ القرآن الڪريم واري مٿي ذڪر ڪيل آيت جي هيٺان لکيو آهي تہ: و امانيهم انهم لايعذبون ولايحاسبون.(انهن جون اميدون) تمنائون ۽ خوش فهميون) هي آهن تہ ڪين عذاب نہ ٿيندو ۽ نہ سندن حساب ٿيندو.) خود قرآن شريف "اماني" جي وضاحت ۾ تفسير هن طرح فرمايو آهي.

وَقَالُوْا لَنْ يَّدْخُلَ الْجَنَّةَ اِلَّا مَنْ كَانَ هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ۭ تِلْكَ اَمَانِيُّهُمْ (البقره: 111)

"چيائون جنت ۾ يهودين ۽ نصارن کان سواءِ ٻيو ڪو بہ داخل نہ ٿيندو. اهي انهن جون تمنائون (سڌون ۽ خواهشون) آهن."

سڄي بحث جو خلاصو اهو تہ يهودين جا امي، چٽ ۽ جاهل قسم جا ماڻهو صرف اهو ڄاڻيندا هئا تہ 'جنت ۾ يهودين ۽ نصارن کان سواءِ ڪو بہ نہ ويندو' يا سندن ڄاڻ صرف اها هئي تہ: جهنم ۾ اهي چند ڏينهن کان وڌيڪ عرصو نہ رهندا'. قرآن ۾ انهن جي ان سڌ ۽ خواهش جو الله تعاليٰ هنن لفظن سان ذڪر فرمايو آهي.

وَقَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً (البقره:80)

"۽ چيائون: تہ اسان کي باهہ نہ ڇهندي سواءِ ٿورڙن ڏينهن جي"

معنيٰ يهودي امين (چٽن) جي سڄي ڄاڻ ان محور ۾ ڦري ٿي. قرآن انهن جي اهڙي هڪ ٻي سڌ ۽ تمنا يا خوش فهميءَ جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ انهن چيو آهي: نحن ابناء الله واحبائه (اسان الله جا پٽ ۽ سندس دوست آهيون) سيوطيءَ 'لباب النقول' ۾ ابن عباس جي روايت نقل ڪئي آهي تہ:

جڏهن رسول الله ﷺ مديني آيا تہ يهودي چوندا هئا، دنيا جي مدت ستر هزار سال آهي. ماڻهن کي دنيا جي هڪ هزار سال جي عيوض هڪ ڏينهن عذاب ڪيو ويندو. ان طرح اهي صرف ست ڏينهن عذاب ۾ رهندا پوءِ عذاب ختم ٿي ويندو"

ابن عباس جي هڪ ٻي روايت آهي تہ:

"اسان صرف چاليهہ ڏينهن جهنم ۾ داخل ٿينداسين. جيڪي چاليهہ ڏينهن ڳابي جي پوڄا ڪئي سين."

يهودين جي انهن خوش فهمين ۽ تمنائن جو جتي بہ الله تعاليٰ قرآن ۾ ذڪر ڪيو آهي اتي ئي انهن جو جواب بہ ڏنو آهي مثلن انهن جي هن چوڻ تہ: "جنت ۾ صرف يهودي ۽ نصارا داخل ٿيندا" جو جواب الله تعالي هنن لفظن سان ڏنو:

وَقَالُوْا لَنْ يَّدْخُلَ الْجَنَّةَ اِلَّا مَنْ كَانَ هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ۭ تِلْكَ اَمَانِيُّهُمْ ۭ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١١١﴾ بَلٰى ۤ مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَھُوَ مُحْسِنٌ فَلَهٗٓ اَجْرُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۠ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا ھُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿١١٢﴾. (البقره: 111_112)

“اهي انهن جون تمنائون (خوش فهميون) آهن. چئو ته جيڪڏهن ان ۾ سچا آهيون ته پنهنجو دليل آڻيو. ها جنهن پاڻ الله جي حوالي ڪيو ۽ اهو نيڪوڪار آهي ته ان لاءِ سندس رب وٽ اجر آهي ان کي نه خوف هوندو نه ڳڻتي.”

هن آيت ۾ ٻڌايو ويو ته ان خوشفهميءَ لاءِ وٽن ڪوبه دليل ڪونهي. ۽ اهو به ٻڌايو ويو ته جنت ۾ دخول جو شرط پاڻ ارپڻ ۽ صالح عمل آهي. ان کان سواءِ ڪنهن به خوش فهميءَ ۾ رهڻ نه گهرجي.

يهودين جي ٻي خوشفهمي ته: ‘ڪين باهه ۾ صرف چند ڏينهن وڌو ويندو’. جو جواب هن طرح ڏنو ويو:

وَقَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ۭ قُلْ اَتَّخَذْتُمْ عِنْدَ اللّٰهِ عَهْدًا فَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ عَهْدَهٗٓ اَمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٠﴾ بَلٰى مَنْ كَسَبَ سَيِّئَةً وَّاَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْۗـــــَٔــتُهٗ فَاُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ ھُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٨١﴾ (البقره: 80_81)

“چئو ته ڇا توهان الله کان ڪو اهڙو عهد ورتو آهي؟ جنهن جي اهو مخالفت نه ڪندو! يا الله متان اهڙي ڳالهه ٿا چئو، جنهن کي اوهان ڄاڻو ئي نه ٿا؟ ها جنهن به گناهه ڪيو ۽ ڪيس سندس گناهن گهيرو ڪري ورتو ته، اهي جهنمي آهن، اهي ان ۾ هميشه رهندا.”

سندن ٻي خوش فهميءَ ته: ‘اسان الله جا پٽ ۽ دوست آهيون’ جو جواب هن طرح ڏنو ويو آهي:

فَلِمَ يُعَذِّبُكُمْ بِذُنُوْبِكُمْ ۭ بَلْ اَنْتُمْ بَشَرٌ مِّمَّنْ خَلَقَ ۭ (المائده-18)

“چو اوهان کي اوهان جي گناهن جي ڪري عذاب ڪندو؟ بلڪ اوهان الله جي مخلوق انسان آهيو.”

يهودين جي مذهب جي سڄي وايو منڊل جو بنياد انهن چند خوشفهمين تي ٻڌل هو جن کي هڪ هڪ ڪري قرآن ڊاهي ڦٽو ڪيو. ڪين چيو ويو ته اهي خوش فهميون آهن. انهن جي ڪابه اهميت ڪانهي. اهميت انسان جي ايمان ۽ عمل جي آهي، ڪنهن نسل يا فرقي تي ڪاميابيءَ جو دارو مدار ڪونهي.



## مسلمانن جي حالت:

مٿي ذڪر ڪيل حالت ته يهودين ۽ نصارن جي هئي، جن کي قرآن ‘مغضوب عليهم’ (غضب ڪيل) ‘ضالين’ (گمراهه) سڏيو آهي ۽ قرآن جي ‘افتتاحيه’ (سورة فاتحه) ۾ اسان صراط مستقيم جي دعا ۾ انهن جي رستي کان بچڻ جي دعا گهري چڪا آهيون. پر اهو ڄاڻو ئي ڪونه ٿا ته جنهن ڏيڻ مان نڪرڻ جي دعا پيا گهرون ان ڏيڻ ۾ ته پاڻ ڦاٿا پيا آهيون. نه اها خبر ٿا رکون ته اسان ڪي ڪهڙي ڏيڻ مان نڪرڻو آهي نه اها خبر آهي ته ڪهڙي ڏيڻ ۾ ڦاٿل آهيون. حقيقت اها آهي ته، اڄ جو مسلمان بنهه ساڳين حالتن جو شڪار آهي ۽ ساڳين ‘سڌن’، ‘تمنائن’ ۽ خوشفهمين ۾ ورتل آهي. جن ۾ يهودي ۽ نصارا ورتل هئا. اڄ جي مسلمان ۽ ان دؤر جي يهودي ۽ نصاري ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. نبي ﷺ جي فرمان: “جيئن جتيءَ جو هڪ پادر ٻئي پادر جي مطابق هوندو آهي، تيئن توهان اڳين امتين جي پيروي ڪندؤ.” جي مطابق مسلمان بنهه ساڳين بيمارين ۽ مصيبتن جو شڪار اچي ٿيو آهي. جن جو شڪار يهودي ۽ نصارا ٿيا هئا. شاه ولي الله صاحب جن فرمائين ٿا ته: “ان زماني جي مصيبتن مان ڪابه مصيبت اهڙي ڪانهي، جنهن ۾ هن زماني جي ڪا جماعت ورتل نه هجي.”

مسلمانن جي هڪ فرقي مرجئه جو عقيدو آهي: ته الله گنهگارن کي ثواب ڏيندو. ايمان جي هوندي معصيت ڪوبه نقصان نه ڏيندي، جيئن ڪفر جي هوندي ڪابه چڱائي ۽ اطاعت فائدو ڪانه ڏيندي آهي.” مرجئي فرقي جي اڳواڻ مقاتل بن سليمان جو چوڻ آهي ته: قيامت جي ڏينهن الله دوزخ جي مٿان هڪ رستو ٺاهيندو ۽ مؤمن گنهگارن کي ان تان گذرڻ جو حڪم ڏيندو. پوءِ انهن کي دوزخ جو سيڪ ۽ حرارت گناهه جي مقدار جيتري پهچندي ۽ ان درد ۾ ان جو عذاب پورو ڪيو ويندو.”

هن مان اندازو لڳايو ته يهودين ۽ عيسائين جي مٿي ذڪر ڪيل عقيدن ۽ مسلمانن جي هنن عقيدن ۾ ڪو فرق نظر اچي ٿو؟ ڇا مسلمانن جي عام ذهن ۽ عام مبلغن جي ڪل معلومات جو ذخيرو اهڙي قسم جي اعتقادن جي ويجهو ويجهو نه ٿو ڦري؟ جيڪڏهن ڪنهن کان اها جرئت پڇي ۽ شيعا، سني، بريلوي، ديوبندي مبلغن جي واعظن ۾ اهڙي قسم جي اميدن، تمنائن، سڌن ۽ خوشفهمين جو مواد جمع ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته هوند يهودين ۽ نصارن

جي تمنائن ۽ سڌن جو انهن آڏو ڪنڌ شرم کان جهڪي وڃي. ان جو تفصيل هتي بيان نه ٿو ڪري سگهجي ڇا ڪاڻ ته اهو تفصيل پنيور ڪي پاه ڏيڻ جي برابر آهي. حقيقت ۾ قرآن جي هيءَ آيت، جيڪا شروع ۾ ذڪر به ٿي، سؤ فيصد اڄ جي مسلمان مبلغن ۽ عام ذهنيت تي سچي ٿي اچي ته:

وَمِنْهُمْ اُمِّيُّوْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ الْكِتٰبَ اِلَّآ اَمَانِيَّ

"انهن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي ڪتاب مان سواءِ "اماني" (تمنائن ۽ سڌن) جي ٻيو ڪجھ به ڪونه ٿا ڄاڻن."

جڏهن ته علم ڪلام جي مسلڪ اهل سنت جي امام ابو الحسن اشعري جو عقيدو ان جي ابتڙ هي آهي ته: خير ۽ شر الله جي مشيت سان آهي، تنهن باوجود مسلمان پنهنجي جرم جي پاداش ۾ جهنم جي عذاب جا مستحق ٿيندا." رڳو اهو ئي نه پر يهودين ۽ نصارن جي سڌن جي جواب ۾ قرآن ۾ ذڪر ڪيل آيتن ڪي جيڪڏهن ڏسجي ۽ انهن ۾ غور فڪر ڪري وڃجي ته به اهڙي قسم جي غلط اميدن ۽ خوشفهمين کان مسلمانن جو پلؤ آجو ٿي وڃي پر مسلمانن جي مجموعي فڪر جي زوال مسلمانن جي سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيتن ڪي مڏو ڪري ڇڏيو آهي.

قرآن ۾ 'اماني' جو لفظ يهودين ۽ نصارن ڏانهن اشاري طور "هم" جي اضافت سان آيو آهي. هڪ هنڌ 'ڪم' جي اضافت سان به آيو آهي، جنهن ۾ مسلمانن کي مخاطب ڪيو ويو آهي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته باطل سڌون ۽ خوشفهميون رڳو اهل ڪتاب کي ناهن. باطل سڌون ۽ خوشفهميون قرآن جي مخاطبين (مسلمانن) ۾ به ٿي سگهن ٿيون. ان ڪري الله تعاليٰ فرمايو:

لَيْسَ بِاَمَانِيِّكُمْ وَلَآ اَمَانِيِّ اَهْلِ الْكِتٰبِ ۭ مَنْ يَّعْمَلْ سُوْۗءًا يُّجْزَ بِهٖ ﴿١٢٣﴾ (نساء:123)

"نه اوهان (مسلمانن) جي سڌن ۽ خوشفهمين تي آهي نه اهل ڪتاب جي خوشفهمين تي آهي. جيڪو به برو عمل ڪندو تنهن کي ان جو بدلو ڏنو ويندو."

هن آيت ۾ مٿي اهل ڪتاب جي سندن خوش فهمين تي جواب جي طور الله جي فرمانن ۾ ڏسو ته اهل ڪتاب جي خوشفهمين جي ترديد سان گڏ لفظ 'بليٰ من اسلم' ۽ 'بليٰ من ڪسب' کان پوءِ جي لفظن ۾ ايمان ۽ مطلق عملن کي جنت ۽ جهنم جو دارو مدار قرار ڏنو ويو آهي ان ۾ ڪنهن به نسل، گروهه ۽ فرقي کي جنت ۽ جهنم جو دارو مدار قرار نه ڏنو ويو آهي. پوءِ ڇونه يهودي



هجن يا نصارا ۽ هن آخري آيت ۾ اهو به چيو ويو ته، ڇو نه مسلمان هجن، جنت ۽ جهنم جو دارو مدار عملن تي آهي.

ان سلسلي ۾ شاه ولي الله صاحب جن جو بيان قرآن جي صحيح تصور کي بيان ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو پاڻ لکن ٿا:

"الله تعاليٰ هر دين ۾ نبين ۽ انهن جي پيروڪارن کي پنهنجي پياري هئڻ يا پنهنجي ويجهي هئڻ جي يقين سان نوازيو آهي ۽ دين جي منڪرن جي مذمت ڪندي انهن کي ڪاوڙ وارين صفتن سان موصوف ڪيو آهي، ان لاءِ هر قوم ۾ جيڪي جيڪي لفظ استعمال ۾ ايندا هئا اهي لفظ استعمال ڪيا ويا. ان قاعدي تحت يهودين ۾ خدا جي پياري يا محبوب جي جڳهه تي پٽ جي لفظ آڻڻ ۾ ڪو حرج نه سمجهيو ويو، ته ان مان يهودين هي مطلب ورتو ته، اهو اسان جو مخصوص شرف آهي. جيڪو صرف يهودين، عبرين ۽ اسرائيلين لاءِ مخصوص آهي. انهن اهو نه سمجهيو ته اهو شرف صرف الله جي طرفان نبين جي بعثت جي ذريعي، جنهن رستي تي هلڻ جو چيل هو، ان تي هلڻ، قائم رهڻ ۽ عاجزي اختيار ڪرڻ سان مخصوص آهي. ۽ ان کان سواءِ ان جو ڪوبه مطلب ڪونهي. ان قسم جون ٻيون به ڪوڙ قسم جون سوچون انهن جي ذهنن ۾ پيدا ٿي چڪيون هيون. قرآن شريف انهن سڀني غلط سوچن کي بهتر طريقي سان رد ڪيو آهي."

شاه ولي الله جي هن بيان مان سندس مقصد صاف نظر اچي رهيو آهي ته، الله جي پياري ۽ ويجهي هئڻ جي وصفن جو تعلق نبين جي عملي زندگيءَ واري رستي تي هلڻ، جهد ۽ نيڪوڪاريءَ تي قائم رهڻ ۽ عاجزي اختيار ڪرڻ سان آهي.

# انساني عملن ۾ انساني اختيار ۽ ارادو

محمد انس راڄپر

قرآن شريف ۾ ڪيترين ئي آيتن مان ائين معلوم ٿيندو آهي، ته انسان جا ڪم جهڙوڪ: هدايت، گمراهي، نيڪي ۽ بدي انسان جي پنهنجي وس ۾ ڪانهي، الله جي وس ۾ آهي. ان جي مرضي جنهن کي هدايت ڪري، جنهن کي گمراه ڪري، جنهن کي نيڪيءَ جي توفيق ڏئي، جنهن کي برائيءَ جي.

ٻئي پاسي قرآن ۾ اهو ٿو ڏسجي ته الله تعاليٰ ڪيترن ئي عملن جي ڪرڻ جي انسان کان گهر ڪئي آهي، جيئن فرمان آهي:

"اٰمِنُوۡا بِاللّٰهِ" (الله تي ايمان آڻيو) يا جيئن:

"وَ اَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ" (نماز قائم ڪريو)،

"وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ" (زڪوات ادا ڪيو)

ساڳئي وقت الله تعاليٰ انسان کي ايمان ۽ هدايت قبول نه ڪرڻ جي صورت ۾ عذاب جو مستحق به قرار ڏنو آهي. جيئن فرمان آهي:

وَّ لَهُمۡ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ (انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي) وغيره.

جيڪڏهن هدايت ۽ گمراهي، نيڪيءَ ۽ بديءَ ۾ انسان جو ڪو به اختيار ۽ وس ڪونه ٿو هلي ته پوءِ انسان کان انهن جي الله گهر ڇو ڪئي آهي ۽ ڇو انهن کي هدايت قبول نه ڪرڻ ۽ صالح عمل نه ڪرڻ تي عذاب جو مستحق قرار ڏنو آهي.

هن مسئلي تي علم ڪلام جي نقط نظر کان به بحث ڪري سگهجي ٿو. پر هتي اسان مسئلي تي لغت ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان بحث ڪريون ٿا. جنهن کان پوءِ هن موضوع سان تعلق رکندڙ قرآن جون آيتون سمجهڻ به آسان ٿي پونديون. ۽ مسئلي جي نوعيت به سمجهه ۾ اچي ويندي. عربي لغت ۽ ٻوليءَ





جي امام، امام راغب اصفهاني لکيو آهي ته: انسان جيڪي ڪم ڪري ٿو ان جا ٻه پهلو آهن، هڪ پهلو هيءُ آهي ته اهو ڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي. ان لحاظ کان چئبو آهي ته فلاڻي هيءُ ڪم ڪيو، فلاڻي نه ڪيو. ٻيو پهلو هوندو آهي ته اهو ڪم ڪنهن جي طرفان ساڃهه، توفيق ۽ سگهه ملڻ سان ٿيو ۽ اهو ڪم انسان لاءِ ڪنهن آسان ڪيو؟. هن لحاظ کان هر ڪم جو پهريون سبب الله آهي، ان ڪري چئبو ته ان جو ڪرڻ وارو الله آهي. يعني جيڪڏهن ڪو هدايت يافته ٿيو ته اهو به چئي سگهجي ٿو ته: "فلاڻو هدايت وارو ٿيو آهي" ائين به چئي سگهجي ٿو ته: "فلاڻي کي الله هدايت ڏني آهي".

مثال زيد ڪنهن کي ڪجهه ڏنو ته اهو به چوڻ صحيح آهي ته: "زيد ڏنو". اهو چوڻ به صحيح آهي ته: "الله ڏنو". هيءُ ته ديني نقط نظر کان آهي پر امام راغب فرمائي ٿو ته، هونءَ به انساني ڪمن جا ڪيترائي سبب ٿيندا آهن. ۽ انساني ڪم ٻوليءَ ۽ عام محاوري ۾ انهن سڀني سببن ڏانهن منسوب ٿيندا رهندا آهن. امام راغب ان جا ڪيترائي مثال ڏنا آهن، اسان صرف هڪ مثال پيش ڪريون ٿا.

هڪ پکيءَ جي پرن مان ڪنهن ڪاريگر شاعر لاءِ بهترين نيزو ٺاهيو شاعر ان جي ساراه ڪندي چيو:

ڪست رايشها مضرحيه

شڪاري پکيءَ ڪيس پنهنجا پر ڦهرايا آهن.

زره پاتي ته شاعر پاڻ هوندي پر ان جو هڪ سبب اهو پکي بڻيو، جنهن جي پرن سان زره ٺاهي وئي، ان جو سبب ڪاريگر به هو پر شعر ۾ لطف پيرڻ لاءِ ان جي نسبت پکيءَ ڏانهن ڪئي وئي.

ان طرح هدايت، گمراهي، برو يا ڀلو عمل انساني ڪم آهي، جيڪي انسان پنهنجي اختيار ۽ ارادي سان ڪندو آهي پر ان لاءِ الله تعاليٰ جا قانون جڙيل آهي ته هن روش ۽ هن ڪم ۽ هن تلاش ۽ تڙپ جي نتيجي ۾ هيءَ هدايت ماڻهوءَ کي پلئه پوندي. اهڙي طرح هن روش، هن ڪم ۽ هن ٻي رخيءَ ۽ ٻي گوندرائي جي سبب ماڻهوءَ کي گمراهي ۽ ضلالت پلئه پوندي. اهي قانون جاڪاڻ ته الله جا جوڙيل آهن، انهيءَ ڪري انهن قانونن جي نتيجي طور مليل هدايت يا گمراهي جي نسبت الله ڏانهن چوڻ ۾ اچي ٿي. جاڪاڻ ته انهن قانونن جي توفيق ۽ ساڃهه الله وٽان ملندي آهي ان ڪري قرآن شريف ۾ ڪڏهن انهن انساني ڪمن جي الله طرف نسبت ڪئي ويندي آهي ته ڪڏهن انسان ڏانهن

www.sindsalamat.com

ڪئي ويندي آهي. الله ڏانهن نسبت جو مطلب اهو نه وٺڻ گهرجي ته انسان کي کو پنهنجي ڪمن ڪرڻ جو ڪو اختيار ئي ڪونهي. بلڪ انسان جي هر ڪم جو انسان کي پورو پورو اختيار آهي، ان ڪري پنهنجي هر عمل جو انسان پاڻ ذميوار آهي. انسان پنهنجي ڪم جي ارادي، چونڊ ۽ ان لاءِ ڪوشش ڪرڻ تي پورو وس رکي ٿو، ان ڪري ان جو پاڻ ذميوار به آهي. جيئن الله فرمايو آهي.

بَلٰى مَنْ كَسَبَ سَيِّئَةً وَّ اَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْٓئَتُهٗ

"ها جنهن برائي ڪمائي ۽ سندس گناهن ڪيس گهيري ورتو."

ٻئي هنڌ آهي:

وَمَنْ اَرَادَ الْاٰخِرَةَ وَسَعٰى لَهَا سَعْيَهَا

"جنهن آخرت جو ارادو ڪيو ۽ ان لاءِ ان پنهنجون ڪوششون ڪيون"

ان ۾ صاف نظر پيو اچي ته بري يا ڀلي ٻنهي جو ارادو ۽ ڪسب انسان جي اختيار ۾ آهي ۽ ان جو ذميوار به هو پاڻ آهي. ارادو ۽ ڪسب انسان پاڻ ڪندو آهي ان جي تڪميل جي سگهه ۽ قوت انسان کي الله عطا ڪندو آهي. انسان جي مرضي آهي جهڙو به ارادو ڪري، الله ان کي هر ارادي ۽ ان جي ڪوشش ۾ تڪميل جي سگهه عطا ڪندو آهي، برو ارادو ڪري يا چڱو. جيئن الله فرمائي ٿو:

كُلًّا نُّمِدُّ هٰٓؤُلَآءِ وَ هٰٓؤُلَآءِ مِنْ عَطَآءِ رَبِّكَ ۭ وَمَا كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا ۝٢٠

"هر ڪنهن جي اسان مدد ڪندا آهيون. اها تنهنجي رب جي عطا آهي ۽ تنهنجي رب جي عطا ڪنهن کان به جهليل ڪانهي."

قرآن ۾ الله ٻندن جي گمراه ڪرڻ جي به پاڻ ڏانهن نسبت ڪئي آهي. جيئن: فَيُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ" (الله گمراه ڪندو آهي، جنهن کي گهرندو آهي.) اهو سمجهائيندي معجم الفاظ القرآن الڪريم واري لکيو آهي ته: "اضله" جون ٻه معنائون آهن:

1. جعله ضالا (کيس گمراهه ڪيائين)
2. وجده ضالا (کيس گمراهه لڌائين)

عربي محاوري مان ان جو مثال بيان ڪندي لکيو اٿس:

"يقال: احمدته وابخلته، اي وجدته محمودا وبخيلا

(چيو ويندو آهي "احمدته وابخلته" يعني ڪيس ساراهيل ۽ بخيل ڏٺم)

وڌيڪ لکي ٿو ته: "انهن ٻن معنائن ذريعي قرآن ۾ گمراهن جي گمراهيءَ



جي الله ڏانهن نسبت جو تفسير ڪرڻ ممڪن ٿي پيو آهي جيئن: فيضل الله من يشاءُ ۽ 'ومن يضلل الله فما له من هاد' جيڪڏهن 'اضلال الله' جي معنيٰ 'جعل' (گمراهه ڪرڻ) وٺجي ته ان جو مطلب ٿيندو ته: الله انسان جي جبلت ان طرح ٺاهي آهي ته جڏهن اهو سٺي يا خراب رستي جي رعايت رکندو ته الله ان سان سندس الفت وڌائيندو ۽ ان سان ڪيس لازم بنائي ڇڏيندو ۽ ان کان ان جو ڦرڻ يا ڦيرائڻ ناممڪن ٿي ويندو. اهو ان جي طبيعت ٿي ويندو. ان طرح گمراهه ڪرڻ جي نسبت الله ڏانهن ڪرڻ صحيح ٿي پوندي، جنهن انسان جي جبلت ان طرح ٺاهي آهي."

هن بيان جي لحاظ کان گمراهه ڪرڻ جي الله ڏانهن نسبت ڪافر ۽ فاسق جي باري ۾ قرآن ۾ آئي آهي. ڇاڪاڻ ته اهي گمراهيءَ سان محبت ڪن ٿا، انهن کي هدايت جي تڙپ ئي ڪونهي. اهو خدا جو قانون آهي ته تڙپ ۽ تلاش نه هوندي ته هدايت به نه هوندي. مومن جي باري ۾ گمراهيءَ جي ڳالهه نه آئي آهي، بلڪ الله مؤمن کي گمراهه ڪرڻ جي پاڻ ڏانهن نسبت کان انڪار ڪيو آهي.. جيئن فرمان آهي:

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِلَّ قَوْمًا بَعْدَ اِذْ هَدٰىهُمْ

"الله ڪي نه ٿو جڳائي ته ڪنهن قوم کي انهن جي هدايت واري ٿيڻ کان پوءِ گمراهه ڪري"

الله جو ڪنهن جي دلين کي ڦيرائڻ، دلين تي مهر هڻڻ، دل جي بيماري کي وڌائڻ به ان طرح آهي، ته الله تعاليٰ ڪافر ۽ فاسق جي گمراهيءَ سان محبت جي ڪري ان جي دلين کي گمراهي ڏانهن ڦيرائي ٿو ڇڏي يا ايمان قبول ڪرڻ کان انهن جي دلين تي تالا هڻي ٿو ڇڏي يا انهن جي دل جي بيماري وڌائي ٿو ڇڏي.

ان اصول تي الله تعاليٰ جي قرآن ۾ هن فرمان کي سمجهڻ گهرجي. فرمان آهي:

خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰى سَمْعِهِمْ ۭ وَعَلٰٓى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ ۡ

وَّلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۝٧

"الله انهن جي دلين ۽ ڪنن تي مهر هڻي ڇڏي آهي. ۽ انهن جي اکين تي پردا آهن ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي."

ان جو مطلب به اهو آهي ته جيڪي ماڻهو هٺ، ضد ۽ دشمني ۾ اچي ويندا آهن ته الله انسان جي جبلت ٺاهي آهي ته هٺ ۽ ضد جي ڪري اهي صحيح ۽ حق ڳالهه سمجهڻ، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي صلاحيت کان ئي محروم ٿي ويندا آهن. ان قانون تحت انهن جي دلين تي مهر لڳڻ جي نسبت انسان جي جبلت ٺاهڻ واري الله ڏانهن ڪري سگهجي ٿي پر ان جو اهو مطلب نه وٺبو ته اهو ڪو الله پنهنجي مرضي سان ڪيو آهي بلڪ ان جو سبب خود انسان پاڻ آهي. اها ڳالهه هن آيت مان وڌيڪ چٽي ٿئي ٿي جنهن ۾ آهي ته ڪافرن چيو: قلوبنا غلف" (اسان جون دليون تالي لڳل آهن) ته الله تعاليٰ ڪين جواب ۾ چيو: بل طبع الله عليها بڪفرهم" (بلڪ الله انهن تي انهن جي ڪفر جي ڪري مهر هڻي ڇڏي آهي) هن آيت ۾ مهر هڻڻ جي الله پاڻ ڏانهن نسبت ڪئي آهي، پر ان جو سبب ٻڌايو آهي ته انهن جي ڪفر جي ڪري الله انهن تي مهر هنئين آهي. جنهن مان ثابت ٿيو ته ان جو اصل سبب خود انسان جو پنهنجو فعل آهي.

ڳالهه جو آخري نتيجو اهو ته هدايت توڙي گمراهي انسان جي پنهنجي ارادي ۽ ڪوشش جو نتيجو آهي. الله فرمائي ٿو:

وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا۔

"جيڪو اسان ڏانهن اچڻ جي ڪوشش ڪندو ان کي اسان پنهنجا رستا ڪولي ڏيکاريندا سين."

اهڙيءَ طرح گمراهي به انسان جي پنهنجي ارادي ۽ ڪوشش جو نتيجو آهي جيڪي گمراهيءَ ڏانهن رغبت رکندا آهن، تن جي گمراهيءَ کي الله ٽهائين وڌائي ڇڏيندو آهي.

# "ولي" ڇا آهي

**مولانا محمد انس راڄپر**

الله جي طرفان دنيا ۾ ڪو عهدو ۽ رتبو، جيڪڏهن ڪنهن انسان کي ڏنو ويو آهي، ته اهو صرف رسول ۽ نبي جو عهدو ۽ رتبو آهي. جنهن انسان کي الله رسالت ۽ نبوت لاءِ منتخب ڪندو آهي، تنهن کي رسول ۽ نبي چئبو آهي. اهل تشيع ياٺر نبوت کان سواءِ ولايت کي به هڪ اهڙو عهدو ۽ رتبو سمجهندا آهن، جيڪو سندن نظر ۾ رسالت ۽ نبوت وانگر خدا جي طرفان وهبي طور ملندو آهي. ان تصور تحت انهن جي ڪلمي ۾ نبوت جي اقرار سان گڏ ولايت جو اقرار به شامل آهي.

اهل سنت جي هڪ طبقي وٽ پڻ "ولايت" هڪ عهدو ۽ رتبو آهي. جيڪو الله تعاليٰ پنهنجي خاص بندن کي عطا ڪندو آهي. ولايت بابت اهل سنت جي هن طبقي ۽ اهل تشيع ۾ فرق اهو آهي ته اهي ولايت کي "ڪسبي" تصور ڪندا آهن. معنيٰ اهو عهدو محنت ڪري هرڪو حاصل ڪري سگهي ٿو، جڏهن ته اهل تشيع ۾ اهو وهبي آهي. تصوف جي سلسلن ۾ ولايت سان گڏ ان جهڙا ٻيا به رتبا ۽ عهدا آهن، جن جي درجي بندي به ٿيل آهي. ان تناظر ۾ ولايت تي بحث ڪبو ته اهو تمام ڊگهو ٿي ويندو. هتي اسان اهو بحث ڪنداسين ته قرآن شريف ۾ ولايت ڪو اهڙو عهدو يا رتبو آهي يا نه؟ قرآن ۾ لفظ ولي به آيو آهي. ان جو جمع اولياء به آيو آهي. الله ڏانهن اضافت سان اولياء الله به آيو آهي.

هن جو اصل مادو آهي و ل ي. وليہ يليہ وليا جي معنيٰ آهي، جاءِ نسب وغيره ۾ ويجهو ٿيڻ. ولي يلي ولاية جي معنيٰ آهي، مدد ڪرڻ. انهن ٻن صيغن جي هڪ صورت ۾ معنيٰ ٿيندي دوست ۽ مائٽ. ٻي معنيٰ ٿيندي مددگار ۽



www.sindsalamat.com

حامي. قرآن شريف ۾ مدد جي معنيٰ ۾ هي لفظ هن آيت ۾ استعمال ٿيو آهي:

هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ؕ هُوَ خَيْرٌ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ عُقْبًا (الڪهف: 44)

“اتي ولايت (مدد ڪرڻ) سچي الله جي اختيار ۾ آهي، ان جو ثواب سڀ کان سٺو ۽ ان جو ڏنل بدلو سڀ کان ڀلو آهي.”

ساڳيو ولايت جو لفظ هڪ ٻئي جي مدد، ڀائپيءَ (مواخات) ۽ دوستيءَ جي معني ۾ به استعمال ٿيو آهي. جيئن شروع هجرت جي زماني ۾ مهاجر ۽ انصار صحابه ۾ مواخات ۽ ولايت قائم ڪئي وئي هئي. جنهن جي نتيجي ۾ الله تعاليٰ فرمايو ته اهي هڪ ٻئي جا اولياءَ (دوست) آهن. فرمان آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَ جٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ يُهَاجِرُوْا مَا لَكُمْ مِّنْ وَّلَايَتِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا ۚ (الانفال 72)

“بيشڪ جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ پنهنجي جان ۽ مال سان الله جي رستي ۾ جهاد ڪيو، ۽ جن (انهن کي) پنهنجي گهرن ۾ ٽڪايو ۽ (انهن جي) مدد ڪيائون، سي هڪ ٻئي جا اولياء (دوست) آهن. جن ايمان آندو (پر) هجرت نه ڪيائون انهن جي ولايت (دوستي) سان اوهان جو ڪوبه ڪم ناهي، جيستائين اهي هجرت ڪن.”

ساڳيو لفظ ڪافرن ۽ ظالمن جي هڪ ٻئي جي دوست هئڻ جي معنيٰ ۾ به استعمال ٿيو آهي. جيئن:

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ (الانفال: 73)

“جن ڪفر ڪيو آهي، سي هڪ ٻئي جا اوليا (دوست) آهن.”

وَ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۚ (الجاثيه: 19)

“۽ بيشڪ ظالم هڪ ٻئي جا اولياء ( دوست) آهن.”

هنن آيتن جي روشنيءَ ۾ اولياء ۽ ولي مؤمن به ٿي سگهن ٿا، ته ڪافر به ٿي سگهن ٿا، پر مؤمن مؤمن، جو ولي ٿيندو، ڪافر، ڪافر جو ولي. يعني مؤمن، مومن جو دوست ۽ ڪافر، ڪافر جو دوست ٿيندو. مومن کي اجازت ناهي ته اهو ڪافر کي پنهنجو ولي (دوست) بنائي. جيئن الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

لَا يَتَّخِذِ الْمُؤْمِنُوْنَ الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ .(آل عمران: 28)

“مؤمن ڪافرن کي پنهنجا اولياء (دوست) ڪري نه وٺن، مؤمنن کان سواءِ.”



قرآن شريف ۾ جتي مومن کي مومن جو ولي (دوست) قرار ڏنو ويو آهي، اتي الله تعالي پاڻ کي به مومنن ۽ متقين جو ولي (دوست) قرار ڏنو آهي. جيئن سندس فرمان آهي: “وَ اللّٰهُ وَلِيُّ الْمُتَّقِيْنَ” (الجاثيه: 19) “الله متقين جو ولي (دوست) آهي.” ٻئي هنڌ وڌيڪ تفصيل سان الله تعالي پاڻ کي مومنن جو ولي (دوست) ۽ شيطاني ۽ باطل قوتن کي ڪافرن جو ولي (دوست) سڏيو آهي. فرمان آهي:

اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ۬ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْلِيٰٓئُهُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ ؕ (البقره: 257)

“الله مومنن جو ولي (دوست) آهي انهن کي اونداهين مان ڪڍي روشنيءَ ڏانهن ٿو آڻي ۽ جن ڪفر ڪيو آهي، انهن جا اولياءَ طاغوت آهن، جيڪي کين روشنيءَ مان ڪڍي اونداهين ڏانهن آڻين ٿا.”

هنن آيتن جي روشنيءَ ۾ هر مؤمن ٻئي مؤمن جو دوست ۽ مددگار آهي. مؤمن جي اهڙي قسم جي دوستي، محبت، ولايت ۽ معاونت دين جو اصل مقصد آهي. اهو ئي سبب آهي جو نبيﷺ جن مديني شريف ۾ جڏهن اسلامي رياست جو بنياد وڌو ته هي حڪم جاري ڪيائون ته مؤمن پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا اولياء، دوست ۽ مددگار آهن. ۽ اها مؤمنن جي مؤمنن لاءِ ولايت- ايمان، جهاد ۽ هجرت جي شرطن سان مشروط آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي ايمان ۾ ڪوتاهي ٿي، جهاد ۽ هجرت جي عمل ۾ ڪوتاهيءَ جو ڪنهن ارتڪاب ڪيو ته ان سان ولايت، محبت ۽ دوستي جو تعلق به ختم ٿي ويندو. جيئن مٿي ذڪر ڪيل سورت انفال جي آيت نمبر 72 ۾ اهڙي هدايت ڏسي چڪاسين. ان کان علاوه نيڪيءَ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد جو قرآن حڪم به ڪيو آهي. جيئن فرمان آهي:“وَتَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى” (المائده:2) “نيڪيءَ ۽ تقويٰ ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪيو.” حقيقت ۾ مؤمنن جو پاڻ ۾ محبت، مودت، مواخات ۽ موالات جو شروع اسلام ۾ مهاجر ۽ انصار صحابه جي مواخات جهڙو نمونو اڄ به جيڪڏهن زنده ٿي پئي ته هوند اسان جو معاشرو جنت نظير بنجي پوي. ۽ ان مواخات ۽ موالات جو تعلق معاشري ۽ سماج جي مڙني زندگيءَ جي شعبن سان هو. الله هر مؤمن کي ٻئي مومن جو اهڙو ولي ۽ دوست ڏسڻ ٿو چاهي، جيڪو ٻئي مؤمن جو مددگار، پرجهلو ۽ ٻانهن ٻيلي ٿي زندگي گذاري.

باقي اهڙو “ولي” جيڪو عام مؤمنن ۽ مسلمان ڀانهن کان الڳ ٿلڳ ڪنهن خاص مقام جو صاحب هجي. انساني زندگيءَ ۾ ڀلايون، مواخات ۽ اشتراڪي زندگيءَ کان ڪٽيل هجي. ٻيا مؤمن رڳو ان جي آڏو ٻانهون ٻڌي مدد ۽ واهر لاءِ دعائون گهرندا ۽ گهرائيندا هجن، اهڙي ڪنهن ولي جو تصور قرآن ۾ موجود ڪونهي.

اصل ۾ هيءُ تصورات مسلمانن ۾ ان وقت کان پنهنجي لاءِ گنجائش ڳولهڻ لڳا جڏهن کان مسلمانن ۾ اسلام جو اجتماعي نظام زندگي نه رهيو. ٻاهمي مواخات ۽ موالات نه رهي، نه ايمان رهيو نه عمل رهيو، نه جهاد رهيو نه هجرت ۽ ان اجتماعي ديني نظام لاءِ نه ڪوششون رهيون، تڏهن نالي ۾ مسلمان چوائيندڙ خلق اهو سمجهڻ شروع ڪيو ته ديني نظام- اخلاق، عمل ۽ ڪردار اسان ڀارن عام ماڻهن جي وس جي ڳالهه ناهي. اهو ڪم اهي ڪري سگهندا جيڪي پهتل هجن، جيڪي عام انساني فطرت کان ڪنهن مٿاهين فطرت جا مالڪ هجن. ان لاءِ عام ماڻهن پنهنجي جندُ ديني نظام مان ڇڏائڻ لاءِ اهڙا خيالي شخص پيدا ڪيا جيڪي سندن خيال ۾ دين جا صاحب آهن، الله وٽ پهتل آهن، انهن جي سڌي الله سان ڏيٺ ويٺ آهي. اسان ماڻهو انهن کي نذرونياز ڏئي، انهن جا هٿ پير چمي پنهنجي ڪا سولي ڪرائي سگهون ٿا، نه ته “چہ نسبت خاک را بہ عالم پاک” جي چوڻ مطابق اسان جي ڪهڙي جاءِ جو پاڪيزه عملن جا صاحب بنجي سگهون!. نتيجو ان جو اهو نڪتو جو عام مسلمان ايمان ۽ عمل جي اهڙي رتبي کان پري ٿي ويهي رهيا ۽ عام فطرت کان مٿاهين قسم جا ماڻهو ٿيا وڃي الله جا ولي. حالانڪ قرآن شريف ۾ ڪٿي به ڪنهن اهڙي ولي جو ذڪر ڪونهي، جيڪو مومنن جي صفن کان مٿاهون مومنن جي مدد ڪرڻ وارو هجي، جنهن کي ولايت جي عهدي يا رتبي جو صاحب چئجي. قرآن جي نظر ۾ هر مؤمن جيڪو ديني نظام جو حامل، ايمان، جهاد ۽ هجرت جو صاحب آهي، اهڙو هر مؤمن ٻئي مؤمن جو ولي ۽ دوست آهي ۽ الله اهڙن سڀني مومنن جو ولي ۽ دوست آهي ۽ جيڪو اهڙو مومن ناهي، تنهن جي ولايت ۽ دوستيءَ سان نه مسلمانن جو ڪجهه وڃي، نه ئي الله انهن جو ولي ۽ مددگار ٿيندو. نه صرف ايترو پر جيئن الله مومنن کي جهليو آهي ته ڪافرن کي پنهنجو ولي ۽ دوست ڪري نه وٺن، تيئن پنهنجي صفن کان ٻاهر ڪنهن مٿاهين هستيءَ کي پنهنجو ولي ۽ دوست بنائڻ کان منع ڪئي آهي. مومنن لاءِ اهڙي ڪا مٿاهين هستي جنهن کي هو پنهنجو ولي ۽ دوست



قبول ڪن، سا صرف الله جي هستي آهي. هڪ نه پر تمام گهڻيون اهڙيون آيتون قرآن ۾ موجود آهن، جن ۾ هيءُ مضمون بيان ٿيو آهي. الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي پنهنجو مددگار ۽ ولي بنائڻ کي ڪمزور سهارو ۽ تمام ڪمزور حفاظت قرار ڏيندي الله فرمائي ٿو:

مَثَلُ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ كَمَثَلِ الْعَنْكَبُوْتِ ۚ اِتَّخَذَتْ بَيْتًا ۭ وَاِنَّ اَوْهَنَ الْبُيُوْتِ لَبَيْتُ الْعَنْكَبُوْتِ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ (العنكبوت: 41)

“الله کان سواءِ جن کي انهن پنهنجا اولياء (مددگار) بنايو آهي، تن جو مثال ائين آهي جيئن ڪوريئڙو هجي جنهن پنهنجي حفاظت لاءِ گهر ٺاهيو. حالانڪ جيڪڏهن ڄاڻن ته ڪوريئڙي جو گهر گهرن ۾ سڀني کان وڌيڪ ڪمزور هوندو آهي.”

نبيﷺ جن کي چيو ويو ته تون به چئو!

اِنَّ وَلِيَّ اللّٰهُ الَّذِيْ نَزَّلَ الْكِتٰبَ ڮ وَهُوَ يَتَوَلَّى الصّٰلِحِيْنَ (الاعراف: 196)

“بيشڪ منهنجو ولي الله آهي جنهن ڪتاب نازل ڪيو ۽ اهو صالحن کي دوست ۽ ولي بنائيندو آهي”

ٻئي هنڌ ڪين الله فرمايو:

قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَتَّخِذُ وَلِيًّا فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَهُوَ يُطْعِمُ وَلَا يُطْعَمُ ۭ (الانعام: 14)

“چئو! ڇا الله کي ڇڏي ٻين کي آءٌ پنهنجو ولي بنايان؟ حالانڪ الله ۽ آسمان زمين پيدا ڪندڙ آهي، کارائڻ وارو آهي، ڪيس ڪير ڪونه ٿو کارائي.”

هن مان ثابت ٿيو ته ولايت يا ولي مومن جي صفت آهي، عهدو ناهي، هيءَ صفت اسلام جي معاشرتي ۽ معاشي نظام جو الڳ نه ٿي سگهندڙ جزو آهي. بلڪ هيئن چوڻ اجا وڌيڪ صحيح ٿيندو ته ڪنهن جڳهه تي جيڪڏهن اسلام جو عملي نظام قائم ٿيو ته انسانن ۾ لازمي نتيجي جي طور اها ولايت ۽ اخوت شروع زماني جي مهاجر ۽ انصار صحابہ جي مواخات (ڀائپي) ۽ موالات (دوستي) وانگر هڪ خوبصورت ٻوٽي وانگر ڦٽي، نڪري ۽ نروار ٿي بيهندي. مواخات ۽ موالات جي ان وصف جي نتيجي ۾ هر مومن حق جي ۽ هڪ ٻئي سان مرحمت ۽ ٻاجهه جي تلقين ڪندو رهندو. جيئن قرآن شريف ۾ الله تعالي فرمايو آهي:

“ثُمَّ كَانَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ وَتَوَاصَوْا بِالْمَرْحَمَةِ ”

(پوءِ جن ايمان آندو آهي، سي حق ۽ مرحمت جي تلقين ڪندا رهن ٿا.) صحابہ مو الات جي نتيجي ۾ رحماءُ بينهم جي وصف جا صاحب ٿيا، جن جي اهڙي هڪ ٻئي سان محبت ڀري معاشرت جي ثمر بار وڻ ۽ ٻوٽي ڪي هن مثال سان الله تعالي تورات، انجيل ۽ قرآن ۾ بيان فرمايو آهي:

كَزَرْعٍ اَخْرَجَ شَطْـَٔهٗ فَاٰزَرَهٗ فَاسْتَغْلَظَ فَاسْتَوٰى عَلٰى سُوْقِهٖ يُعْجِبُ الزُّرَّاعَ لِيَغِيْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ(الفتح: 29)

“اهڙي پوک وانگر آهن، جنهن پنهنجا سلا ڪڍيا، پوءِ ان کي مضبوط ڪيائين، پوءِ ٿلهي ٿي، پوءِ پنهنجي ڪانن تي سڌي ٿي بيٺي، پوکيندڙن کي وڻڻ لڳي، تان تہ ڪافرن جي جيءَ کي ساڙي.”

# قوم بابت جديد نظريو ۽ قرآن

مولانا محمد انس راڄپر

پاڪستان جي ٺهڻ جو بنياد ٻہ قومي نظريي کي بڻايو ويو. جن ڏرين اهو ملڪ ٺاهڻ پئي گهريو، انهن پاران تصور اهو ڏنو ويو تہ دنيا ۾ قومون صرف ٻہ آهن: مؤمن ۽ ڪافر. برصغير جي هڪ نهايت قليل مذهبي گروهہ ان تصور کي اهڙو تہ اپاريو جو لڳو پئي تہ جهڙوڪ نبي صلي الله عليہ وسلم جي بعثت ۽ قرآن جو نزول دنيا مان قومن ۽ قبيلن کي ختم ڪري دنيا کي ٻن قومن ۾ ورهائڻ لاءِ ٿيو.

جيڪڏهن ائين چئجي تہ دنيا مان اختلاف ختم ڪرڻ لاءِ نبي ﷺ جي بعثت ۽ قرآن جو نزول ٿيو تہ اهو چوڻ بلڪل صحيح ٿيندو، جيتوڻيڪ قومن ۽ قبيلن ۾ باهمي مفادن جي ٽڪراءَ جي ڪري اختلاف پيدا ٿيندو رهيو آهي تہ بہ اهو چوڻ صحيح نہ ٿيندو تہ اسلام قومن ۽ قبيلن کي ختم ڪرڻ گهري ٿو. ڇاڪاڻ تہ اختلاف جو سبب قوم ۽ قبيلو نہ هوندو آهي؛ مفادن جو ٽڪراءُ اختلافن جو سبب ٿيندو آهي. مفادن جي ٽڪراء کي حل ڪرڻ لاءِ اسلام نظام عدل ڏنو آهي؛ قومن جي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ اسلام اهڙو ڪوبہ فارمولو نہ ڏنو آهي. بلڪ قومن ۽ قبيلن ۾ ماڻهن کي ورهائڻ جي عمل جي الله پاڻ ڏانهن نسبت ڪئي آهي، جيڪا ڳالهہ ان جو دليل آهي تہ الله تعاليٰ ان ورهاست کي رد نہ پر قبول ڪري ٿو. بلڪ اهو ٿو ثابت ٿئي تہ اهو عمل فطري آهي. الله جو فرمان آهي: وجعلناكم شعوبا وقبائل لتعارفو “اسان اوهان کي قومن ۽ قبيلن ۾ ورهايو آهي، تہ جيئن اوهان جو پاڻ ۾ تعارف ٿي سگهي”.

بني اسرائيلن جي قبيلن ۾ تقسيم کي الله پاڻ ڏانهن منسوب ڪندي فرمايو آهي: قطعناهم اثني عشر اسباطا امما. نہ صرف اهو پر ماڻهن جي



www.sindsalamat.com

مختلف ميڙن ۽ گروهن کي جيڪي علامتون قوم ۽ قبيلي جي سڃاڻ ڏينديون آهن، تن کي نہ رڳو الله پيدا ڪيو آهي، پر انهن کي الله پنهنجي نشانين مان هڪ نشاني قرار ڏنو آهي. اهي نشانيون آهن رنگ ۽ زبان. جيئن فرمان آهي:

وَ مِنۡ اٰيٰتِهٖ خَلۡقُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَ اخۡتِلَافُ اَلۡسِنَتِكُمۡ وَ اَلۡوَانِكُمۡ ؕ (الروم:22)

“الله جي نشانين مان آهي آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۽ اوهان جي زبانن ۽ اوهان جي رنگن جو اختلاف”

ٻئي هنڌ الله تعالي فرمايو آهي:

وَ مِنَ النَّاسِ وَ الدَّوَآبِّ وَ الۡاَنۡعَامِ مُخۡتَلِفٌ اَلۡوَانُهٗ كَذٰلِكَ ؕ (فاطر:28)

“۽ ماڻهن، جانورن ۽ چوپاين جا بہ ان طرح مختلف رنگ آهن”.

الله زمين جي مٿاڇري تي موسمون بہ مختلف رکيون آهن، نشيب ۽ فراز، هيٺاهيون ۽ مٿاهيون پيدا ڪيون آهن. ڪٿي ريتيلي زمين آهي، تہ ڪٿي پٿريلي ۽ ڪٿي ميداني. پيداواري ذريعا، جيڪي انسان لاءِ رزق ۽ روزگار جو ذريعو آهن، سي مختلف جڳهن تي مختلف آهن. اهي سڀ لقاءَ آهن جيڪي الله پيدا ڪيا آهن ۽ اهي سڀ انسان جي مزاج، رنگ، رهڻي ڪهڻي، اٿڻي ويهڻي، لباس، ڪاروبار، زبان وغيره کي جدا جدا ۽ مختلف بنائن ٿا. انهن کي نہ ماڻهو پيدا ٿو ڪري سگهي نہ تبديل ٿو ڪري سگهي، ان ڪري قومن جي فرق کي بہ انسان ختم نہ ٿو ڪري سگهي. الله تعاليٰ ان ئي سبب جي ڪري قومن ۽ قبيلن کي ڄاڻ جي نہ صرف پاڻ ڏانهن نسبت ڪئي آهي، پر اهي عوامل ۽ لقاءَ جيڪي ماڻهن جي رنگ، زبان ۽ رهڻي ڪهڻي ۾ فرق جو سبب بنجن ٿا، انهن کي بہ الله پنهنجي نشانين مان ڳڻايو آهي.

تنهن جي ڪري اهو چوڻ بنهہ غلط ٿيندو تہ الله پنهنجي دين اسلام جي ذريعي قومن کي ختم ڪرڻ ٿو گهري. نہ رڳو اهو تہ دين اسلام قومن کي ختم ڪرڻ نہ ٿو گهري پر دين اسلام پنهنجي مڃيندڙن جي الڳ قوم بنائڻ بہ نہ ٿو گهري. نہ ئي اسلام پنهنجي مڃيندڙن کي قوم بنائڻ جي ڪا تعليم ڏني آهي.

لغوي لحاظ کان “قوم” جو اصل مادو “ق. و. م” آهي. عربيءَ ۾ اهو مادو جن مختلف صيغن ۾ استعمال ٿيو آهي، اتي ان جي معنيٰ ۾ جاءِ ۽ زمين کي وڏو دخل آهي. جيئن ان جي هڪ صورت آهي ‘قام’: ويهڻ. هن معنيٰ لاءِ ضروري آهي تہ ڪا جاءِ هجي جتي ويهڻ جو عمل ٿئي. ‘قيام’: رهڻ ۽ ڪنهن هنڌ کي وطن بنائڻ جي معنيٰ ڏيندو آهي. ‘المقام’: رهڻ جي جاءِ، ‘مقيم’:



رهائشي، ‘القائم والقيم’: ثابت ۽ سڌو، جنهن ۾ ٽيڙائي ڦڏائي نہ هجي، ‘اقامتہ’ رهائش اختيار ڪرڻ. ‘تقويم’ مصدر آهي، چئبو آهي: ‘قوم الشي’ بمعنيٰ ‘عدله’ (ٺيڪ بناياين، ان ۾ جيڪي ٽيڙايون ۽ ڦڏايون هيون، سي ڪڍي ڇڏيائين.) قوم: ماڻهن جي اهڙي جٿي کي چئبو آهي، جيڪي ڪنهن هڪ جاءِ تي گڏ ٿيا هجن ۽ اهي هڪ ٻئي کي قوت فراهم ڪندڙ ۽ گڏجي هڪ ٻئي کي سگهہ فراهم ڪندڙ هجن. معجم الفاظ القرآن الڪريم ۾ آهي: “ماڻهوءَ جي قوم ان جي قريبن کي چئبو آهي، جيڪي ان جا تابع، ۽ ان سان گڏ رهندڙ هجن. ‘نبي جي قوم’ ان جو ڪٽنب آهي. ۽ اهي جيڪي ساڻس وطني يا اهڙا ٻيا اجتماعي رابطا ۽ تعلق رکندڙ هجن، قرآن ۾ قوم نوح، قوم هود، قوم ابراهيم، قوم لوط، قوم موسيٰ، قوم تبع ۽ قوم صالح جي اضافت سان قوم جو ذڪر ٿيو آهي. هر جڳهہ تي مراد اها آهي جيڪا مٿي ٻڌائي وئي. پوءِ نبيءَ جا اهي هم قوم مؤمن هجن يا ڪافر سندس قوم چئبا. جيئن قرآن ۾ قارون لاءِ چيو ويو آهي:

اِنَّ قَارُوۡنَ كَانَ مِنۡ قَوۡمِ مُوۡسٰى فَبَغٰى عَلَيۡهِمۡ (قصص: 76)

“قارون موسي عليہ السلام جي قوم مان هو، پوءَ پنهنجي قوم تي ظلم ڪيائين”

نوح؈ جي ڪافر سردارن کي الله سندس قوم سڏيو آهي، جيئن سندس فرمان آهي

فَقَالَ الۡمَلَؤُا الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡ قَوۡمِهٖ (مؤمنون:24)

“نوح جي قوم جي جن سردارن ڪفر ڪيو، انهن چيو.”

اهڙيءَ طرح نبي جي مٿان ايمان آڻيندڙ جي، مومن ۽ مسلمان هئڻ باوجود قوم اها سڏبي جنهن سان ان جو وطني تعلق آهي، جيئن قرآن جي هن آيت مان اهو سمجهہ ۾ اچي ٿو:

فَاِنۡ كَانَ مِنۡ قَوۡمٍ عَدُوٍّ لَّكُمۡ وَهُوَ مُؤۡمِنٌ فَتَحۡرِيۡرُ رَقَبَةٍ مُّؤۡمِنَةٍ ؕ (النساء:92)

“جيڪڏهن اهو مقتول اوهان جي دشمن قوم مان آهي ۽ مومن آهي تہ مومن ٻانهو آزاد ڪرڻو آهي.”

قوم جي جديد تعريف ۾ ٻي جيڪا شيءِ ڪم ايندي آهي، سا آهي زبان، ان کي الله تعالي قوم ڏانهن منسوب ڪري بيان ڪيو آهي. جيئن سندس هن فرمان ۾ نظر اچي ٿو:

وَمَآ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ رَّسُوۡلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوۡمِهٖ (الابراهيم:4)

“اسان رسول هميشہ ان جي قوم جي زبان وارو موڪليندا آهيون”

بني اسرائيل هڪ قوم آهن. انهن کي الله تعالي فرعون جي غلاميءَ مان نجات ڏني ۽ انهن تي قوم جي حيثيت ۾ وڏا انعام ڪيائين ۽ انهن کي اهي احسان ياد ڏياريندي فرمايائين:

يٰبَنِىۡٓ اِسۡرَآءِيۡلَ اذۡكُرُوۡا نِعۡمَتِىَ الَّتِىۡٓ اَنۡعَمۡتُ عَلَيۡكُمۡ وَاَنِّىۡ فَضَّلۡتُكُمۡ عَلَى الۡعٰلَمِيۡنَ (البقره:40)

“اي بني اسرائيلو! منهنجي انهن نعمتن کي ياد ڪيو جيڪي مون اوهان تي ڪيون ۽ مون اوهان کي دنيا جي قومن تي فضيلت عطا ڪئي.”

هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ڪنهن قوم جي عزت، آجپو، اقتدار، سڌارو ۽ سربلندي حاصل ڪرڻ، ان قوم جو اهڙو حق آهي، جيڪو الله تعالي قومن کي عطا فرمائي ٿو ۽ اهو ان جو انعام آهي. ان ڪري قوم کي غلاميءَ مان نجات ڏيارڻ، قوم جي عزت ۽ آجپي لاءِ جدوجهد ڪرڻ گناہ ڪونهي، نيڪي آهي. اهڙي نيڪي جنهن لاءِ الله تعالي حضرت موسيٰ ۽ حضرت هارون عليهما السلام جي بعثت فرمائي.

ڪا قوم جيڪڏهن ڪمزور پست ۽ محڪوم بنائي وڃي تہ ان کي ڪمزور حالت مان ڪڍي غلبو، اقتدار، آجپو ۽ عزت ڏيارڻ، ان کي ظلم، پستيءَ ۽ مصيبتن مان ڪڍڻ غلط نہ پر الله جي ارادي ۽ مشيت جي تڪميل ڪرڻ برابر آهي. الله تعالي بني اسرائيلن جي فرعون جي غلاميءَ مان نجات لاءِ حضرت موسي عليہ السلام جي بعثت جي ذڪر جي موقعي تي فرمايو آهي:

وَنُرِيۡدُ اَنۡ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيۡنَ اسۡتُضۡعِفُوۡا فِى الۡاَرۡضِ وَنَجۡعَلَهُمۡ اَئِمَّةً وَّنَجۡعَلَهُمُ الۡوٰرِثِيۡنَ ۙ ﴿۵﴾ وَنُمَكِّنَ لَهُمۡ فِى الۡاَرۡضِ وَنُرِىَ فِرۡعَوۡنَ وَهَامٰنَ وَجُنُوۡدَهُمَا مِنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا يَحۡذَرُوۡنَ (القصص:5)

“اسان ارادو ڪيو آهي تہ جن (بني اسرائيلن) کي زمين ۾ ڪمزور بنايو ويو آهي، تن کي امام بنايون ۽ زمين جو وارث بنايون، انهن کي زمين تي حاڪميت عطا ڪري فرعون هامان ۽ سندس لشڪر کي اهو (انقلاب) ڏيکاريون، جنهن کان اهي ڊڄندا هئا.”

البتہ پنهنجي قوم جي ظلم تي مدد ڪرڻ، ان جي ٻي قوم تي ناجائز غلبي، قبضي ۽ ظلم ۾ ان جو ساٿ ڏيڻ، قوم جي استعماري ۽ سامراجي



عزائم ۾ ان جي ساٿاري بنجڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي. ان عمل کي نبي ﷺ جن عصبيت قرار ڏنو آهي. جيئن جاهليت جي زماني ۾ ڏاڍا قبيلا هيڻن تي هلائون ڪندا هئا ۽ هر قبيلا ماڻهو پنهنجي قبيلي جي هر حال ۾ مدد ڪندا هئا. چاهي اهو حق تي هجي چاهي ناحق تي، انجي نبي ﷺ جن مذمت فرمائي ۽ ان کي عصبيت قرار ڏيندي فرمايو: ’من مات علي العصبيت فليس منا‘( جيڪو عصبيت تي مري ويو، اهو اسان مان ناهي) ’عصبيت‘ جو مادو ’عصب‘ آهي، بدن جي پٺن ۽ نسن کي، ناناڻي ڏاڏاڻي مائٽيءَ جا ٻئي طرف جنهن پشت ۾ ملن ان کي ۽ علم ميراث ۾ ذوي الفروض کي ’عصبة‘ چئبو آهي. ان لحاظ کان ’نسلي تعلق جي بنياد تي، جائز ناجائز جو لحاظ ڪرڻ بنا، لڙائي ڪرڻ کي ’عصبيت‘ چئبو آهي.

قرآن جو نقط نظر تہ اهو آهي تہ مومنن جون ٻہ جماعتون جيڪڏهن پاڻ ۾ وڙهن، مومن جو فرض اهو ناهي تہ اهو ان لڙائيءَ جو حصو بنجي. بلڪ مومن جو فرض اهو آهي تہ ٻنهي مومن جماعتن ۾ صلح ڪرائي، پر جڏهن ڏسجي تہ مومنن جي ٻنهي جماعتن مان هڪ جماعت ٻيءَ تي ظلم ٿي ڪري تہ ان صورت ۾ ويهي صلاتون ڪونہ پڙهبيون. پر مومن جي مٿان الله جي طرفان فرض عين آهي تہ ظلم ڪندڙ جماعت سان ايستائين لڙائي ڪندو رهي جيستائين ظلم جو فيصلو ٿي وڃي. قرآن ۾ الله تعالي فرمائي ٿو:

وَاِنۡ طَآئِفَتٰنِ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ اقۡتَتَلُوۡا فَاَصۡلِحُوۡا بَيۡنَهُمَا ۚ فَاِنۡۢ بَغَتۡ اِحۡدٰٮهُمَا عَلَى الۡاُخۡرٰى فَقَاتِلُوا الَّتِىۡ تَبۡغِىۡ حَتّٰى تَفِىۡٓءَ اِلٰٓى اَمۡرِ اللّٰهِ (الحجرات:9)

“جيڪڏهن مومنن جون ٻہ جماعتون پاڻ ۾ لڙائي ڪن تہ انهن ۾ صلح ڪيو، پر جيڪڏهن هڪڙا ٻين تي ظلم ڪن تہ انهن سان جنگ ڪيو، جيڪي ظلم ڪن ٿا، ايستائين جيستائين معاملو الله جي حوالي ٿي وڃي.”

ان ڪري مظلوم قومن جي پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد عصبيت ناهي. بلڪ جيڪي قومون ظالم آهن، انهن جا استعماري ۽ قبضي گيريءَ وارا جيڪي عزائم آهن، اهي عصبيت آهن. مذهبي بارگاہ منجهان يا مفتيءَ جي قلم منجهان مظلوم قومن جي جدوجهد لاءِ عصبيت جون فتوائون جاري ٿين ۽ ظالم قوم جي استعماري ۽ ظالمانہ منصوبن کي ’قومي مفادن‘ جا تمغا ڏنا وڃن، تہ انهن جي اهڙي ڪردار کي موسويت نہ پر هامانيت چئبو. اهڙو ڪردار ادا ڪندڙ مذهبي پيوتار قرآن ۽ اسلام جا نہ فرعونيت جا نمائندا آهن.

# مقصد بعثت نبي امي ﷺ

مولانا محمد انس راڄپر

قرآن ۾ الله تعاليٰ نبي ﷺ جي نبوت جي ذميوارين، مقصدن ۽ ڪمن جو بار بار ڪٿي اختصار سان تہ ڪٿي وري تفصيل سان ذڪر فرمايو آهي. ان مضمون جي حوالي سان قرآن مجيد جون ٻہ آيتون خاص طور مقصد نبوت کي واضح ڪرڻ واريون آهن. پهرين آيت الله تعاليٰ انهن آيتن جي تسلسل ۾ بيان فرمائي آهي جن ۾ حضرت موسيٰ طورسينا جبل تي قوم جي ستر ماڻهن سان گڏ، زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪري، جيڪا دعا گهري، ان جو ذڪر آهي. دعا ۾ حضرت موسيٰ الله تعاليٰ کان دنيا جي ۽ آخرت جي بهتري گهري آهي. ۽ الله جواب ۾ چيو آهي: "اسان جنهن کي گهرنداسين، تنهن کي منهنجو عذاب پهچندو ۽ منهنجي رحمت هر شيءِ تي وسيع آهي" ان ڪانپوءِ نزول قرآن واري وقت، جن لاءِ الله تعاليٰ دنيا ۽ آخرت جي بهتري لکي آهي تن جو ذڪر ڪيو آهي. فرمايو ويو:

فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٦﴾

(الاعراف)

"(پنهنجي وسيع رحمت) اسان انهن لاءِ لکي ڇڏي آهي جيڪي تقويٰ اختيار ڪن ٿا زڪواة ادا ڪن ٿا، اسان جي آيتن تي ايمان رکن ٿا. ۽ امي نبيءَ جو اتباع ڪن ٿا."

يعني جيڪا دنيا ۽ آخرت جي بهتري حضرت موسيٰ ۽ ٻين انبياء بني اسرائيل جي نتيجي ۾ بني اسرائيلن کي ملي، جيئن الله تعاليٰ هڪ هنڌ کين پنهنجي نعمت ياد ڏياريندي فرمايو: "الله جي ان نعمت کي ياد ڪيو، جڏهن الله اوهان ۾ نبي پيدا ڪيا، اوهان جون بادشاهتون بنايائين، اوهان کي اهو





ڏنائين جيڪو جهان ۾ ڪنهن کي نہ ڏنائين." اهڙي نعمت هاڻي انهن کي ملندي جيڪي هن ڪتاب قرآن تي ايمان آڻيندا، تقويٰ اختيار ڪندا ۽ زڪوات ادا ڪندا. ۽ ان سان گڏ اهي امي نبي تي ايمان آڻيندا. تڏهن کين دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي(دنيا ۾ اقتدار ۽ اختيار ۽ آخرت ۾ جنت) ملندي. ان ڪان پوءِ ان آيت جو ذڪر آهي جيڪا نبوت جو مقصد بيان ڪرڻ واري آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي.

يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهٰىهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ وَيَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ وَالْاَغْلٰلَ الَّتِيْ كَانَتْ عَلَيْهِمْ ۭ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٥٧﴾

(الاعراف)

"نبي امي کين چڱاين جو حڪم ٿو ڪري ۽ برائين کان روڪي ٿو. انهن لاءِ پاڪ شيون حلال ٿو ڪري ۽ ناپاڪ شيون حرام ٿو ڪري. انهن جا بار ۽ انهن جي ڳچيءِ ۾ پيل ڳٽ لاهي ڦٽا ٿو ڪري. جيڪي مٿس ايمان آڻن ٿا، سندس حمايت ۽ مدد ڪن ٿا ۽ وٽس جيڪو نور نازل ٿيو آهي ان جي پيروي ڪن ٿا اهي ئي ڪامياب آهن."

هن آيت ۾ نبي ﷺ جا ڪم جيڪي ٻڌايا ويا آهن اهي هي آهن: چڱائين جو حڪم، برائين کان روڪڻ، پاڪ شيون حلال ۽ ناپاڪ شيون حرام ڪرڻ، ذهنن تان بار ۽ ڳچين مان ڳٽ لاهي ڦٽا ڪرڻ.

ٻي آيت جيڪا نبي ﷺ جي بعثت جي مقصدن جي وضاحت ڪندڙ آهي، سا آهي:

هُوَ الَّذِيْ بَعَثَ فِي الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۤ ﴿٢﴾

"الله اهو آهي جنهن امين ۾ انهن منجهان هڪ رسول موڪليو آهي، جيڪو انهن تي الله جون آيتون تلاوت ٿو ڪري، انهن جو تزڪيو ٿو ڪري ۽ کين ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ٿو ڏئي." (جمعہ)

هن آيت جو مضمون قرآن ۾ ڪيترين ئي جاين تي آيو آهي، جنهن ۾ نبي ﷺ جي بعثت جو مقصد هيٺ بيان ڪيل ڪمن کي ٻڌايو ويو آهي.

امت جي ماڻهن کي آيتن جي تلاوت ڪري ٻڌائڻ، انهن جو تزڪيو ڪرڻ ۽ کين ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏيڻ.

www.sindsalamat.com

نبوت جي جن ڪمن جو هنن ٻن آيتن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، تن ۾ منهنجي ناقص عقل جي غور فڪر مطابق تزڪيو، سڀني ڪمن مان اهم ڪم آهي. ٻيا ڪم جهڙوڪ تزڪيي جي حصول جو ذريعو آهن. مثال چڱائن جو حڪم ۽ برائين کان روڪڻ جو ڪم تزڪيي جو ذريعو آهي. پاڪ شيون حلال ۽ ناپاڪ شيون حرام ڪرڻ به تزڪيي جو ذريعو آهن. ذهنن تان بار لاهڻ ذهني تزڪيي جو ذريعو آهي. ماڻهن جي ڳچيءَ مان غلاميءَ جا ڳٽ لاهي ڦٽا ڪرڻ به تزڪيي جوذريعو آهي. البت غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڪهڙي طرح تزڪيي جو ذريعو آهي، اهو تزڪيي جي معنيٰ سمجهڻ کان پوءِ ئي صحيح طرح سمجهه ۾ ايندو. اهڙيءَ طرح الله جي آيتن جي تلاوت ۽ ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم به تزڪيي جو ذريعو آهن.

## تزڪيو:

تزڪيو الهامي دعوت جو اهم مقصد آهي، حضرت موسيٰ عليہ السلام کي الله تعاليٰ فرعون ڏانهن موڪليو ته ڪيس چئو.

فَقُلْ هَلْ لَّكَ اِلٰٓى اَنْ تَزَكّٰى ۝۱۸ (النازعات)

"ڇا تنهنجو تزڪيي (اصلاح) جي طرف اچڻ جو ارادو آهي."

سورة عبس ۾ نابين صحابي ابن ام مڪتوم جو ذڪر آهي. نبي ﷺ جن مڪي جي وڏن سردارن سان محو گفتگو هئا، جو هي نبي ﷺ جن کان ڪجهه معلوم ڪرڻ لڳو. پاڻ ﷺ جن سندن اهڙي مداخلت کي پسند نه ڪيو، الله ان جو ذڪر ڪندي رسول الله ﷺ جن کي فرمايو: "تو نابين جي اچڻ تي منهن ڦيريو، ڪهڙي خبر شايد اهو تزڪيو اختيار ڪري ....... ۽ تون ان ڏانهن توجه ڪري رهيو هئين جيڪو بي پرواهي ڪري رهيو آهي حالانڪ توتي ان جي ذميواري ڪانهي ته اهو تزڪيو اختيار ڪري." سورة عبس: 10-7

تزڪيو ڇاهي؟ ان جي معنيٰ تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان تزڪيہ گهڻو ڪري نفس جي اصطلاح ٻڌي آهي. ان جي معنيٰ نفس جي صفائي ۽ پاڪائي ڪجي ته به صحيح آهي: پر ان جي صحيح ۽ جامع معنيٰ نفس جي اصلاح آهي. اصحاب ڪهف پنهنجي ساٿين مان ڪن کي جڏهن کاڌو وٺڻ لاءِ روانو ڪيو ته لفظ آهن:

"فَلْيَنْظُرْ اَيُّهَآ اَزْكٰى طَعَامًا" (الڪهف: 19)



"ڏسڻ گهرجي ته بهتر، صاف ۽ غذا جي صلاحيت رکندڙ کاڌو ڪٿي ٿو ملي."

الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو آهي ته جيڪڏهن مڙس پنهنجي زال کي طلاق ڏئي ۽ پوءِ سندس عدت پوري ٿي وڃي ته ان کي نڪاح کان منع نه ڪرڻ گهرجي. پوءِ فرمان آهي:

"ذٰلِكُمْ اَزْكٰى لَكُمْ وَاَطْهَرُ ؕ" (البقره: 232).

"اهو اوهان لاءِ وڌيڪ ستو ۽ پاڪ آهي."

هن ۾ به تزڪيہ مان مراد معاشري ۽ گهر جي اصلاح آهي. گهر ۽ معاشرو سڌريل رکڻ گهرو ٿا ته طلاق ڏنل عورت کي نڪاح ڪرڻ کان منع نه ڪيو.

معجم معاني الفاظ القرآن واري لکيو آهي:

"زکا یزکو زکاۃ ای نما و زاد"

يعني هن مادي جي معنيٰ آهي نشونما، واڌ ويجهه، ترقي، ڊولپمنٽ. فرد، معاشري ۽ سماج جي، جسماني، روحاني ۽ اخلاقي طرح ڊولپمنٽ ۽ سڌارو. معجم واري آيت:

"يَتْلُوْا عَلَيْكُمْ اٰيٰتِنَا وَيُزَكِّيْكُمْ" (البقره:151)

۾ 'يزکيکم' جي معنيٰ 'يطهرکم ويصلحکم' لکي آهي. معنيٰ اوهان کي پاڪ ڪري ۽ اوهان جي اصلاح ڪري، تطهير ۽ گندگيءَ کان صفائي به اصلاح جو عمل آهي.

يعني نبي ﷺ جي بعثت جو بنيادي مقصد اصلاح آهي. امت جي هر هڪ فرد جي اصلاح، معاشري، سماج ۽ سوسائٽي جي اصلاح ۽ ڊولپمينٽ، بلڪ پوري ڪائنات ۽ پوري انسانذات جي اصلاح ۽ ڊولپمنٽ نبي ﷺ جي بعثت جو مقصد آهي. هن ڪان پوءِ سوال آهي ته نبي ﷺ ڪهڙي قسم جي اصلاح ڪرڻ ٿي گهري؟ اسان جي آڏو جڏهن الله ۽ رسول جو نالو ايندو آهي ته اسان جي ذهنن ۾ هڪ طرفو تصور قائم ٿيل آهي ۽ فقط ان ڏانهن ئي نظر ويندي آهي. جنهن مطابق چند مذهبي رسمن کي نبوت ۽ الله رسول جو ڪم سمجهي وٺندا آهيون. باقي زندگيءَ جي سموري وهنوار سان الله رسول جو ڪهڙو ڪم!، جو پاڻ کي انهن ڪمن لاءِ الله جي آڏو جوابدار سمجهون. نماز پڙهي، روزو رکيو، حج ڪيو، نذرونياز ڪيو، الله رسول جو ڪم پورو ٿيو. باقي زندگي ۾ اسان جيئن به ڪيون، ان سان تزڪيہ نفس يا ديني ذميوارين جو

**ڪهڙو تعلق!!**

قرآن ۾ غور فڪر ڪجي ٿو ۽ نبي ﷺ جن جي زندگيءَ کي ڏسجي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته تزڪيي ۽ اصلاح جو تعلق صرف چند رسمن سان ناهي، بلڪ انسان جي پوري زندگيءَ سان آهي. غور و فڪر ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته نبي ﷺ جن وٽ زندگي ديني ۽ دنياوي حصن ۾ ورهايل ناهي. بلڪ هڪ وحدت آهي جنهن جي پوريءَ طرح اصلاح ئي نبوت جو مقصد آهي.

مٿي حضرت موسيٰ جي فرعون ڏانهن دعوت جو ذڪر ٿيو. الله فرمايو: "اذهب الى فرعون انه طغىٰ" (اي موسيٰ فرعون ڏانهن وڃ ان سرڪشي اختيار ڪئي آهي) قرآن ۾ پاڻ فرعون بابت مطالعو ڪنداسين ته ان جي سرڪشيءَ جو تفصيل معلوم ٿي ويندو، ته اها ڪهڙي قسم جي سرڪشي هئي جيڪا ختم ڪرڻ لاءِ موسي عليہ السلام مبعوث ٿيو. فرمان آهي:

"اِنَّ فِرْعَوْنَ عَلَا فِي الْاَرْضِ وَجَعَلَ اَهْلَهَا شِيَعًا يَّسْتَضْعِفُ طَآئِفَةً مِّنْهُمْ يُذَبِّحُ اَبْنَآءَهُمْ وَيَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ؕ"

"فرعون زمين ۾ سرڪشي اختيار ڪئي آهي. زمين وارن کي ٽولن ۾ تقسيم ڪيو اٿس. انهن مان هڪ ٽولي کي ڪمزور ڪيو اٿس. انهن جي پٽن کي ذبح ٿو ڪري ۽ زالن کي زنده ٿو رکي."

بني اسرائيل سان ان جي ظلمن جو تفصيل قرآن ۾ بين جاين تي به آهي. مختصر طور هن هڪ آيت مان فرعون جي سرڪشي واضح آهي، جيڪا خالص سياسي سرڪشي، سياسي، معاشي ۽ قومي استحصال تي مبني هئي.

حضرت موسيٰ ان سرڪش فرعون طرف موڪليو ويو ۽ الله ڪيس فرمايو:

"فَقُلْ هَلْ لَّكَ اِلٰٓى اَنْ تَزَكّٰى"

"اي موسي! ڪيس چئو: ڇا تنهنجو اصلاح جي طرف اچڻ جو ارادو آهي؟" هيءَ نظام سلطنت جي اصلاح جي دعوت هئي، جنهن جي ذريعي حضرت موسيٰ بني اسرائيلن جي سياسي، معاشي ۽ قومي استحصال جو خاتمو ڪرڻ گهريو ٿي.

حضرت شعيب عليہ السلام پنهنجي قوم جي اصلاح لاءِ آيو. قرآن ۾ آهي:

وَيٰقَوْمِ اَوْفُوا الْمِكْيَالَ وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿٨٥﴾ (هود)



"اي قوم ماپ ۽ تور انصاف سان پوري ڪيو، ماڻهن کي انهن جون شيون گهٽائي نه ڏيو ۽ زمين ۾ فساد ڦهلائڻ وارا نه ٿيو"

هن ۾ ڏسو، حضرت شعيب جي اصلاح ڪهڙي آهي؟. قرآن ۾ ماپ تور جي ڪوٽ جي عمل کي ڪيئن فساد ڦهلائڻ سان تعبير ڪيو ويو آهي. شعيب جي قوم ڪيس چيو:

قَالُوْا يٰشُعَيْبُ اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ اَنْ نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَآ اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ فِيْٓ اَمْوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا ؕ اِنَّكَ لَاَنْتَ الْحَلِيْمُ الرَّشِيْدُ ﴿٨٧﴾ (هود)

"اي شعيب! ڇا تنهنجي نماز توکي اهو ٿي حڪم ڪري ته انهن کي ڇڏيون جن جي اسان جا ابا ڏاڏا عبادت ڪندا هئا. ۽ پنهنجي مالن ۾ جيئن چاهيون ائين به نه ڪيون؟"

اسان جي پياري نبي حضرت محمد ﷺ جن به پنهنجي دور جي اهڙن سردارن کي چيلينج ڪيو. سوره مدثر جون پهريون ست آيتون پهرين وحي کان پوءِ نازل ٿيون. انهن ستن آيتن کان پوءِ واريون آيتون جن ۾ الله تعاليٰ مڪي جي سردارن جي مذمت ڪئي آهي، سي چند مهينن کان پوءِ نازل ٿيون. يعني شروعاتي وحي جون آيتون آهن. انهن آيتن ۾ ڏسو، ڪيئن الله تعاليٰ انهن جي سرمائي پرستيءَ جي مذمت ٿو ڪري. فرمان آهي.

فَاِذَا نُقِرَ فِي النَّاقُوْرِ ﴿٨﴾ فَذٰلِكَ يَوْمَئِذٍ يَّوْمٌ عَسِيْرٌ ﴿٩﴾ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ غَيْرُ يَسِيْرٍ ﴿١٠﴾ ذَرْنِيْ وَمَنْ خَلَقْتُ وَحِيْدًا (١١) وَّ جَعَلْتُ لَهٗ مَالًا مَّمْدُوْدًا (١٢) وَّ بَنِيْنَ شُهُوْدًا (١٣)

(المدثر)

"جڏهن صور ڦوڪيو ويندو، اهو ڏينهن ڏاڍو ڏکيو هوندو. ڪافرن لاءِ سولو نه هوندو. مون کي ۽ ان شخص کي ڇڏي ڏي جنهن کي مون اڪيلو پيدا ڪيو آهي، ڪيس ڪوڙ مال ڏنو آهي، حاضر رهندڙ پٽ ڏنا آهن. مون سندس اقتدار جي راهه هموار ڪئي آهي. پوءِ به طمع ٿو رکي، ته مان ڪيس اجا به وڌيڪ ڏيان! هر گز نه!! اهو اسان جي آيتن جو دشمن آهي."

هنن آيتن مان ظاهر ٿيو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن جي دعوت صرف ڪلمي پڙهائڻ لاءِ نه هئي، بلڪ مالدارن، سرمائيدارن ۽ سردارن جي اصلاح لاءِ به هئي. سندن پروگرام ۾ اها ڳالهه لازمي جز هئي ته مالدار ماڻهو، پنهنجي دولت ۾، غريبن ۽ مسڪينن جو حق تسليم ڪن. الله تعاليٰ فرمايو:

"وَفِيٓ اَمۡوَالِهِمۡ حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَالۡمَحۡرُوۡمِ ﴿۱۹﴾" (الزاريات: 19)

"انهن جي دولت ۾ محروم ۽ محتاج ماڻهن جو حق آهي."

الله تعاليٰ نبي ﷺ جن کي قرآن شريف ۾ هدايت فرمائي آهي:

"خُذۡ مِنۡ اَمۡوَالِهِمۡ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمۡ وَتُزَكِّيۡهِمۡ" (التوبہ: 103)

"انهن جي دولت مان انهن کان زڪوات وصول ڪر. انهن کي پاڪ ڪر ۽ انهن جي اصلاح ڪر" يعني انهن کان زڪوات وصول ڪري ان جي ذريعي انهن جي سياسي، سماجي، اخلاقي، معاشي ۽ معاشرتي اصلاح ۽ ڊولپمينٽ ڪر.

هي سڀ ڳالهيون اهو ثابت ٿيون ڪن ته نبي ﷺ به زندگيءَ جي گونا گون پهلوئن جي اصلاح لاءِ مبعوث ٿيا. عورتن جا مسئلا هجن، مرد ۽ عورت جي تعلق، ماءُ پيءُ، يتيمن مسڪينن يا بيواهن جا مسئلا هجن؛ نبي ﷺ جن سڀني مسئلن جي اصلاح ڪئي. ٻين تفصيلن جو هتي احاطو نه ٿو ڪري سگهجي. اجمالي طور آءٌ عرض ڪيان ته نبي ﷺ جن پنهنجي پيروڪارن جي ذهني، اخلاقي، سماجي، سياسي ۽ معاشرتي طرح اصلاح ڪري انهن کي اقتدار، اختيار ۽ حڪومت جون واڳون سونپڻ جو مقصد به پنهنجي نبوي مقصدن ۾ شامل رکيو. جيئن اهو انهن آيتن مان به واضح آهي، جن جو شروع مضمون ۾ ذڪر ٿيو. جن ۾ بني اسرائيلن تي الله جي نعمت ۽ دنيا ۽ آخرت جي بهتري عطا ڪرڻ جو ذڪر آهي ۽ جيئن الله تعاليٰ جي هن فرمان مان به ظاهر آهي:

وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مِنۡكُمۡ وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسۡتَخۡلِفَنَّهُمۡ فِى الۡاَرۡضِ كَمَا
اسۡتَخۡلَفَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ۖ وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمۡ دِيۡنَهُمُ الَّذِى ارۡتَضٰى لَهُمۡ
وَلَيُبَدِّلَنَّهُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ خَوۡفِهِمۡ اَمۡنًا ؕ (النور: 55)

"جن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا، انهن سان الله واعدو ڪيو آهي ته انهن کي زمين ۾ حڪومت عطا ڪندو. جيئن انهن کان اڳين (بني اسرائيل ۽ ٻين) کي عطا ڪئي هئي. انهن لاءِ، انهن جي دين، جنهن کي الله انهن لاءِ پسند ڪيو آهي، تنهن کي تمڪن ۽ غلبو عطا ڪنداسين. انهن کي خوف جي حالت کان امن جي حالت ۾ تبديل ڪنداسين."

هن آيت ۾ اقتدار ۽ غلبي سان گڏ امن جي به بشارت ڏنل آهي. رسول الله ﷺ جن جي ابتدائي دعوت ۾ ئي قريش کي الله جي دين جي آغوش ۾ اچڻ جو فائدو ياد ڏياريندي چيو ويو:



"فَلۡيَعۡبُدُوۡا رَبَّ هٰذَا الۡبَيۡتِ ﴿۳﴾ الَّذِىۡۤ اَطۡعَمَهُمۡ مِّنۡ جُوۡعٍ ۙ وَّاٰمَنَهُمۡ مِّنۡ خَوۡفٍ ﴿۴﴾"

"قريش کي گهرجي ته هن گهر جي رب جي عبادت ڪن، جنهن کين بک کان ڪارايو ۽ خوف کان امن ڏنو آهي."

هتي عربن کي ٻڌايو ٿي ويو ته هن گهر جي رب تي ايمان پوري عرب جي خوشحالي ۽ امن جو موجب ٿيندو.

بخاري "باب علامات النبوة" ۾ روايت آندي آهي ته: پاڻ سڳورا ﷺ ماڻهن کي بشارت ڏيندا هئا ته هڪ زمانو ايندو جڏهن صنعا کان هڪ عورت اڪيلي سفر ڪندي ۽ خدا کان سواءِ ان کي ڪنهن شيءِ جو خوف نه هوندو، ته ماڻهو ان تي تعجب ڪندا هئا".

بخاري شريف ۾ ئي هيءَ روايت به آئي آهي ته: سنه 9 هجريءَ ۾ هڪ شخص شڪايت ڪئي ته منهنجو مال ڌاڙيل ڦري ويا آهن. پاڻ فرمايائون: جلد اهو زمانو ايندو جڏهن مڪي ڏانهن قافلا بنا ڪنهن نگهبان جي ويندا.

اسلام اچڻ کان اڳ سڄو عرب جدا جدا قبيلن ۾ ورهايل هو. هر قبيلي جا رئيس به الڳ ته خدا به الڳ الڳ هئا. انهن وچ ۾ قبيلائي جهيڙا هلندڙ هئا. بڪر ۽ تغلب قبيلن وچ ۾ چاليهه سال جنگ هلي. حضرموت ۽ ڪندي جا قبيلا به پاڻ ۾ وڙهي مئا. اوس ۽ خزرج وچ ۾ به لڙائي هلندڙ هئي. خاص حرم ۾ بنو قيس ۽ قريش ۾ حرب فجار جو سلسلو جاري هو. پهاڙن ۽ صحرائن ۾ خودمختار ڏوهاري قبيلا آباد هئا. انهن قبيلن جي معاش جو ذريعو ڪمزور قبيلن کي ڦرڻ ۽ لٽڻ هو. حج جا ٽي مهينا لاڳيتو حرم جي ڪري جنگ نه ڪرڻ ڪانئن سٺو نه ٿيندو هو. ان ڪري حرم جا مهينا به ڪڏهن گهٽائيندا هئا ته ڪڏهن وڌائيندا هئا.

شبلي نعماني ڪتاب الاموال جي حوالي سان لکيو آهي:

"وذالك لانهم كانو يكرهون ان تتوالى عليهم ثلاثة اشهر لاتمكنهم الاغارة فيها لان معاشهم كان من الاغارة" (شبلي نعماني: سيرت النبي جلد: 2 ص: 2)

قريش کي بيت الله جي متولي هئڻ جي ڪري الله تعاليٰ عزت ڏني هئي. اهي واپار ڪري گذر سفر ڪري وٺندا هئا. باقي ٻين عرب قبيلن جي حالت تمام ابتر هئي. واپار، سٽ ڪتڻ، چمڙي جي دباغت مان به انهن کي آمدني ٿيندي هئي پر قبائلي فسادن سندن جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو هو. اسلام جي اچڻ ۽ نبي ﷺ جي ڪوشش جي نتيجي ۾ اهي قبيلا ڪير ڪنڊ تي پيا ۽ انهن وچ ۾ اهو امن ۽ خوشحالي پيدا ٿي پئي، جنهن جو تصور به عرب ۾ نه ٿي ڪيو ويو.

www.sindsalamat.com

## جنگ جو نئون تصور:

نبي ﷺ جن جي بعثت کان اڳ جنگيون ڦرمار لاءِ وڙهيون وينديون هيون. نبي ﷺ جن مظلومن کي ظلم جي خلاف جنگ ڪرڻ جي اجازت ڏني. الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو:

"أُذِنَ لِلَّذِيْنَ يُقٰتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا ؕ"

"لڙائي جي اجازت ڏجي ٿي ان ڪري ته هنن سان ظلم ڪيو ويو آهي."
مظلوم ظلم جي خلاف لڙائي ڪن. مڪي ۾ جيڪي مرد ۽ عورتون ظلم جي چڪين ۾ پيسجي رهيون آهن انهن مظلومن جي آزادي لاءِ لڙائي ڪيو.

وَالْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَآءِ وَالْوِلْدَانِ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا مِنْ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ الظَّالِمِ اَهْلُهَا ۚ (النساء: 75)

"جيڪي ڪمزور مرد عورتون ۽ ٻار پڪاري رهيا آهن ته اي پروردگار هن ظالمن جي شهر مان اسان کي آزاد ڪر."
اهڙيءَ طرح تزڪيي ۽ اصلاح جي نتيجي ۾ ايمان وارن کي اها تعليم ۽ سکيا ڏني وئي ته ڦرمار ۽ استحصال لاءِ جنگ نه پر فتني ۽ فساد جي خاتمي لاءِ جنگ ڪيو. الله حڪم فرمايو:

"وَقَاتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ"

"ايستائين انهن سان جنگ ڪيو جيستائين فتنو ختم ٿي وڃي ۽ سمورو نظام الله جي حڪم مطابق ٿي وڃي."
حضرت معاذ بن انس کان ابو داؤد ۾ روايت آهي: "آءٌ رسول الله ﷺ جن سان هڪ جنگ ۾ شريڪ ٿيس. ماڻهن دشمن جي پڙاءُ واري هنڌ ئي حملو ڪيو ۽ ڦر لٽ ڪئي. نبي ﷺ جن ماڻهو موڪلي پڙهو ڏياريو جنهن پڙاءِ واري جاءِ تي حملو ڪيو ۽ ڦرلٽ ڪئي تنهن جو ڪو به جهاد ڪونهي." يعني لڙائي ڦرڻ مار لاءِ نه ڪيو، اهڙي لڙائي جهاد ناهي. دشمن سان وڙهو دشمن جيڪو ڇڏي ڀڄي سو غنيمت آهي اهو ڪٽو، پر جيڪو غنيمت لاءِ لڙائي ڪري، ان لاءِ جهاد جو ڪو به اجر ۽ ثواب ڪونهي (ابوداؤدباب النهى اذا كان فى الطعام قلة)
مال غنيمت هٿ اچي ته اهو اميرن، سردارن لاءِ ناهي اهو به صرف غريبن ۽ مسڪينن لاءِ آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي:

"وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَلِلرَّسُوْلِ وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى



وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ" (الانفال: 41)

## آخري نتيجو:

رسول الله ﷺ توحيد جي دعوت ۽ تزڪيي ۽ اصلاح جي ذريعي مسلمانن جي دلين کي به بدلايو ته سندن زندگيءَ کي به تبديل ڪيو. ڪالهه جيڪي پنهنجي قبيلي جي فخر، رئيس جي حڪم ۽ قبيلي جي خدا لاءِ ٻين قبيلن سان وڙهندا ۽ ڦرلٽ ڪندا هئا. تن کي رسول الله ﷺ جن هيءُ عقيدو سيکاريو:

قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۶۲﴾ (الأنعام)

"چئو بيشڪ منهنجي نماز منهنجي قرباني، منهنجي زندگي، منهنجو موت، اهڙي الله لاءِ آهي جيڪو مڙني جهانن/قومن جو پالڻهار آهي"
هاڻي هنن ماڻهن پنهنجي قبيلي جي فخر، عزت ۽ ترقي بجاءِ پوري انسان ذات جي عزت ۽ فخر کي پنهنجو ايمان بنائي ڇڏيو. اڳي صرف ڪعبي ۽ حج جي خاص مهينن کي محترم سمجهيو ويندو هو هاڻي هنن کي رسول الله ﷺ اهو سبق سيکاري ورتو هو ته:

ماڻهن جو رت، مال ۽ زندگي ائين حرمت واري آهي جيئن الله جو گهر ڪعبة الله ۽ حج جا مهينا حرمت وارا آهن.

الله تعاليٰ هن عقيدي جي ذريعي "انهن جي دلين ۾ اها محبت پيدا ڪئي، جيڪا محبت زمين جا سڀ خزانا خرچ ڪرڻ سان به پيدا نه ٿي ٿي سگهي." رسول الله ﷺ جي محنت جي نتيجي ۾ نه رڳو قبائلي نفرت جو خاتمو ٿيو پر الله تعاليٰ اسلام جي دعوت کي قبول ڪندڙ مڙني قبيلن کي خوشحال ۽ شاهوڪار به بنائي ڇڏيو. هڪ موقعي تي نبي ﷺ جن مديني جي انصارن کي فرمايو:

"اي انصارو! ڇا ائين ڪونهي ته آءٌ اوهان وٽ ان وقت آيو هوس جڏهن اوهان گمراهه هئا. الله اوهان کي (منهنجي اچڻ کان پوءِ) هدايت ڏني. محتاج هئا، الله اوهان کي غني ۽ شاهوڪار بنايو. پاڻ ۾ وڙهيل هئا الله اوهان جون دليون ڳنڍي ڇڏيون!؟."

www.sindsalamat.com

# اللّٰه جي دين جا دنياوي ۽ مادي نتيجا

مولانا محمد انس راڄپر

ڇا الله تعاليٰ ديني احڪامن ذريعي انسان جي صرف آخرت جي تعمير ڪرڻ تو گهري، دنيا جي زندگيءَ جي تعمير نہ تو ڪرڻ گهري؟ ڇا الله تعاليٰ پنهنجي ديني احڪامن ذريعي انسان جي صرف انهن ڪمزورين ۽ گناهن کي درست ڪرڻ تو گهري، جيڪي انسان عبادت ۽ ذڪر الاهي وغيره جي معاملي ۾ ڪري ٿو؟ يا ڇا انهن مان هڪ معاملو اصل مقصد ۽ نصب العين آهي ۽ ٻيو مقصد ناهي صرف ضمني طور درست ٿئي تہ ٺيڪ نہ تہ نهيو؟

قرآن شريف ۾ اسان کي اهڙا ڪئي مثال ملندا جن ۾ الله تعاليٰ دنيا ۾ انسان جي پاڻ ۾ معاملن جي خرابين، ڪمزورين ۽ غلطين ۽ ڪوتاهين کي درست ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي آهي. ۽ دنياوي معاملن جي اهڙين غلطين ۽ ڪوتاهين تي الله طرفان ڏنل حڪمن ۽ هدايتن تي عمل نہ ڪرڻ تي سخت تنبيھ ڪئي آهي ۽ ان کي ڪتاب جي هڪ حصي کان انڪار جي برابر قرار ڏنو آهي ۽ ان تي دنيا ۽ آخرت ۾ سخت عذاب جو ڏڍڪو ڏنو آهي. مثال سورت بقره جي آيت نمبر 83، 84، 85 ۽ 86 ڏسو.

وَ اِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ لَا تَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ ۗ وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّذِي
الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَقُوْلُوْا لِلنَّاسِ حُسْنًا وَّاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ۗ ثُمَّ
تَوَلَّيْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْكُمْ وَاَنْتُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٨٣﴾ وَ اِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ لَا تَسْفِكُوْنَ
دِمَآءَكُمْ وَلَا تُخْرِجُوْنَ اَنْفُسَكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ ثُمَّ اَقْرَرْتُمْ وَاَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿٨٤﴾ ثُمَّ اَنْتُمْ
هٰٓؤُلَآءِ تَقْتُلُوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَتُخْرِجُوْنَ فَرِيْقًا مِّنْكُمْ مِّنْ دِيَارِهِمْ ۡ تَظٰهَرُوْنَ عَلَيْهِمْ بِالْاِثْمِ
وَالْعُدْوَانِ ۭ وَاِنْ يَّاْتُوْكُمْ اُسٰرٰى تُفٰدُوْهُمْ وَهُوَ مُحَرَّمٌ عَلَيْكُمْ اِخْرَاجُهُمْ ۭ اَفَتُؤْمِنُوْنَ



www.sindsalamat.com



بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ ۚ فَمَا جَزَآءُ مَنْ يَّفْعَلُ ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ
الدُّنْيَا ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُرَدُّوْنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ ۭ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٥﴾
اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ۡ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ
يُنْصَرُوْنَ ﴿٨٦﴾

“۽ جڏهن اسان بني اسرائيل کان عهد ورتو، تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪيو، والدين، مائٽن، يتيمن ۽ مسڪينن سان سهٽي هلت هلو. نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ڏيو. ان ڪانپوءِ اوهان مان ٿورن کان سواءِ ٻيا ان کان ڦري ويا ۽ اوهان منهن موڙيندڙ آهيو ۽ جڏهن اسان اوهان کان عهد ورتو، تہ پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو رت نہ وهائجو، هڪ ٻئي کي پنهنجي گهرن مان نہ ڪڍجو! پوءِ ان جو اوهان اقرار ڪيو ۽ اوهان ان جا شاهد آهيو. ۽ پوءِ اوهان اهي ساڳيا ئي آهيو جيڪي پنهنجن جو قتل ڪيو ۽ پنهنجي ئي هڪ گروهہ کي انهن جي گهرن مان ڪيو ٿا، انهن سان زيادتي ۽ دشمنيءَ جو مظاهرو ٿا ڪريو ۽ جيڪڏهن اهي اوهان وٽ قيدي ٿي اچن ٿا تہ انهن جوفديو ٿا ڏيو حالانڪ انهن کي گهرن مان ڪڍڻ ئي اوهان تي حرام آهي. ڇا اوهان ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان آڻيو ٿا ۽ هڪ حصي جو ڪفر (انڪار) ٿا ڪريو، اوهان مان جيڪي اهو ڪم ڪن ٿا ان جو بدلو، دنيا جي حياتيءَ ۾ خواريءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي ۽ قيامت جي ڏينهن اهي سخت عذاب ڏانهن موٽايا ويندا. اهي ئي اهي ماڻهو آهن جن آخرت جي عيوض دنيا جي حياتي خريد ڪئي آهي.”

هنن آيتن ۾ ڏسبو تہ اهل ڪتاب کان الله جن ڳالهين جو عهد ورتو، تن ۾ الله جي عبادت ۽ نماز جو قيام عبادت جا معاملا آهن، باقي جن بہ معاملن جو عهدو ورتو ويو آهي، تن جو تعلق انساني معاملن سان آهي. جهڙوڪ: والدين، مٽن مائٽن ۽ مسڪينن سان سهٽو سلوڪ ڪرڻ، پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو رت وهائڻ ۽ هڪ ٻئي جي گروهن کي انهن جي آبادين مان جلاوطن ڪرڻ، هي سڀ انساني معاملات سان تعلق رکندڙ ڳالهيون آهن. جن جي اهل ڪتاب سان عهد ڪرڻ کان پوءِ خلاف ورزي ڪئي.

## ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان ۽ هڪ جو انڪار:

هن آيت ۾ عبادت ۽ نماز کان علاوه جن ڳالهين بابت بني اسرائيل کان عهد ورتو ويو آهي، تن مان اهل ڪتاب جن ڳالهين ۾ عهد ٽوڙيو ۽ الله جي عهد جي خلاف ورزي ڪئي، سي ڳالهيون نماز ۽ عبادت سان تعلق رکندڙ

ناهن. اهي ڳالهيون جن ۾ بني اسرائيل عهد جي خلاف ورزي ڪئي آهي سي انساني معاملات سان تعلق رکن ٿيون جهڙوڪ اهي هڪ ٻئي جو رت وهائن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي گهرن کان بي گهر ڪن ٿا. هڪ ٻئي جي خلاف دشمني ۾ ڏوهه ڪن ٿا. اهو عمل انهن مٿان الله حرام ڪيو آهي. هنن آيتن ۾ انهيءَ عمل جي ترديد ڪئي وئي آهي.

ڇا اهي نماز ۽ عبادت ۾ ڪوتاهي نه ڪندا هئا؟ شايد ان معاملي ۾ انهن جي ڪوتاهي اهڙي درجي جي نه هئي جو الله هنن آيتن ۾ انهن جي ان ڪوتاهيءَ تي انهن کي تنبيهه ڪري! انهن جي هڪ ٻئي جي رت وهائڻ ۽ هڪ ٻئي کي گهرن مان ڪيڻ جي ڪوتاهي ۽ نافرماني ان حد کي پهتي هئي، جو الله هنن آيتن ۾ انهن جي انهيءَ نافرمانيءَ جو ذڪر ڪيو. ان تي تنبيهه فرمائي ۽ ان رويي کي الله جي ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان ۽ هڪ کان ڪفر ڪرڻ برابر قرار ڏنو.

شايد اهي اڄ ڪلهه جي اسان واري حالت جو وچي شڪار ٿيا هئا، جو الله جي عبادت ۽ نماز وغيره پڙهي پاڻ کي الله وارو به ثابت ڪري وٺندا هئا. ۽ خود غرض مفادن جي معاملي ۾ الله جي حڪمن کي اورانگهي هڪ ٻئي جو رت وهائڻ ۽ هڪ ٻئي کي بي گهر ڪرڻ کان به نه مڙندا هئا.

شايد اهڙي خود خياليءَ جو شڪار ٿيا هجن جو عبادت ۽ نماز کي اصل مقصد ۽ نصب العين سمجهندا هجن ۽ هڪ ٻئي سان معاملات وارن حڪمن کي بي مقصد ۽ ضمني چوندا هجن !! يا شايد زبان سان ائين نه چوندا هجن ته انهن جي عملي روش ۽ زبان حال اهي ٻڌائيندا هجن، تڏهن الله تعاليٰ انهن جي اهڙي روين کي "ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان ۽ هڪ حصي کان ڪفر" جي برابر قرار ڏنو ۽ تنبيهه ڏيندي فرمايو: "ڇا اوهان ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان ٿا آڻيو ۽ هڪ حصي جو ڪفر (انڪار) ٿا ڪريو"

## ان جو نتيجو:

الله جي عهد کي ٽوڙڻ ۽ ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان ۽ هڪ جو انڪار ڪرڻ جو نتيجو ڪهڙو نڪرڻو آهي. الله ان جو نتيجو ٻڌايو آهي دنيا جي حياتيءَ ۾ خواري ۽ آخرت ۾ سخت عذاب اڪثر ديني معاملن ۾ جزا ۽ سزا کي آخرت سان جوڙيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته اهو تصور ڪيو ويندو آهي، ته ديني احڪامن تي عمل صرف آخرت سنوارڻ لاءِ هوندو آهي. ديني احڪامن



مان دنيا سڌارڻ مقصد ٿي نه هوندو آهي. تنهن ڪري ظاهر آهي ته ديني عملن جو نتيجو به دنيا ۾ نه ڏنو ويندو آهي، ان جي نتيجي لاءِ آخرت جو ئي انتظار ڪيو ويندو آهي. پر هن آيت ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته دنياوي معاملات ۾ الله جي حڪمن جي نافرماني دنيا ۾ خواري ۽ آخرت ۾ عذاب جو سبب بنجي ٿي. الله تعاليٰ يهودين (بني اسرائيل) جي مٿان، الله جي آيتن جي انڪار ۽ نافرمانيءَ ۾ حد لنگهي وڃڻ جي ڪري هڪ هنڌ ذلت ۽ مسڪنت جي سزا جو ذڪر ڪندي فرمايو آهي:

وَضُرِبَتۡ عَلَيۡهِمُ الذِّلَّةُ وَالۡمَسۡكَنَةُ ۚ وَبَآءُوۡ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ كَانُوۡا يَكۡفُرُوۡنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقۡتُلُوۡنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيۡرِ الۡحَقِّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوۡا يَعۡتَدُوۡنَ ﴿۶۱﴾

(البقره : 61)

"۽ انهن تي ذلت، بربادي، گهٽيا ۽ پست حالت مسلط ڪئي وئي آهي ۽ انهن الله جو غضب خريد ڪري ورتو آهي. اهو ان ڪري ته اهي الله جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا ۽ نبين کي ناحق قتل ڪندا هئا. ۽ انهن نافرماني ڪئي ۽ اهي حد ٽپي ويا هئا."

بني اسرائيل کي دنيا ۾ الله عزت، غلبو ۽ فضيلت به عطا ڪئي. جڏهن الله جي حڪمن جي نافرماني ڪيائون ته الله جي غضب کي دعوت ڏنائون. الله انهن کي ذلت، زوال، خواري، بربادي ۽ تباهي جي سزا ڏني. آخرت ۾ سزا جو معاملو الڳ آهي. هيءَ صرف دنياوي سزا آهي. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ بني اسرائيل کي ٻه دفعا فساد ڪرڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ شڪست ۽ بربادي‌ءَ جو ذڪر ڪيو آهي. هڪ بربادي ۽ شڪست انهن کي بابلين ۽ آشورين جي هٿان نصيب ٿي. بابل ۽ نينوا جي بادشاهه بخت نصره 586 ق م ۾ يروشلم تي ڪاهه ڪئي. ۽ بني اسرائيل کي برباد ڪري ڇڏيائين. وري هنن پاڻ سنڀاليو، عزت حاصل ڪئي. الله کين خوشحالي ۽ غلبو عطا ڪيو. پر وري جڏهن سندن پرڪار خراب ٿيا ته سن 70ع ۾ رومي شهنشاهه ٽائيٽس مٿن ڪاهي آيو ۽ ساڳيءَ طرح کين برباد ڪيائين. هي ٻئي پيرا شڪستون ۽ بربادين، جيڪي بني اسرائيل کي پلئه پيون، سي الله تعاليٰ جي انهن طرفان نافرمانيءَ جو نتيجو هيون. يعني ٻه پيرا انهن جو سياسي زوال ۽ شڪست الله جي طرفان نافرمانيءَ جي سزا هئي. ان جو الله قرآن ۾ هن طرح ذڪر ڪيو آهي:

وَقَضَيۡنَاۤ اِلٰى بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ فِى الۡكِتٰبِ لَتُفۡسِدُنَّ فِى الۡاَرۡضِ مَرَّتَيۡنِ وَلَتَعۡلُنَّ عُلُوًّا كَبِيۡرًا

﴿٤﴾ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ اُوْلٰىهُمَا بَعَثْنَا عَلَيْكُمْ عِبَادًا لَّنَآ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ فَجَاسُوْا خِلٰلَ
الدِّيَارِ ۭ وَكَانَ وَعْدًا مَّفْعُوْلًا ﴿٥﴾ ثُمَّ رَدَدْنَا لَكُمُ الْكَرَّةَ عَلَيْهِمْ وَ اَمْدَدْنٰكُمْ بِاَمْوَالٍ
وَّبَنِيْنَ وَجَعَلْنٰكُمْ اَكْثَرَ نَفِيْرًا ﴿٦﴾ اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ ۣ وَ اِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا ۭ
فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ لِيَسُوْۗءٗا وُجُوْهَكُمْ وَ لِيَدْخُلُوا الْمَسْجِدَ كَمَا دَخَلُوْهُ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّ
لِيُتَبِّرُوْا مَا عَلَوْا تَتْبِيْرًا ﴿٧﴾ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يَّرْحَمَكُمْ ۚ وَاِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا ۘ وَ جَعَلْنَا جَهَنَّمَ
لِلْكٰفِرِيْنَ حَصِيْرًا ﴿٨﴾ (بني اسرائيل: 4، 8)

”اسان ڪتاب ۾ بني اسرائيل کي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪيو ته اوهان زمين ۾ ٻه ڀيرا فساد ڪندؤ ۽ تمام وڏو ظلم ڪندؤ. جڏهن انهن جو پهريون واعدو آيو ته اسان اوهان تي پنهنجا خوفناڪ ٻانها موڪليا ته اهي گهرن ۾ گهڙي پيا ۽ واعدو پورو ٿيو. پوءِ اسان اوهان کي انهن تي وارو ڏنو. اوهان کي مال ۽ اولاد سان مدد ڏني سين. ۽ اوهان کي وڏي جماعت بنايوسين. جيڪڏهن چڱو ڪندؤ ته پنهنجي لاءِ چڱو ڪندؤ. ۽ جيڪڏهن برائي ڪندؤ ته ٻه پنهنجي لاءِ ڪندؤ. پوءِ جڏهن پويون واعدو آيو، ته (اسان ساڳيءَ طرح اوهان تي پنهنجا ٻانها مسلط ڪيا) ته اوهان جا چهرا بگاڙي ڇڏين. ۽ مسجد ۾ ائين داخل ٿين جيئن پهريائين داخل ٿيا هئا. ۽ هن لاءِ ته جنهن تي غالب ٿين تنهن کي برباد ڪن. اوهان جو رب اوهان تي رحم ڪري، سو پري ناهي، پر جيڪڏهن وري ساڳي ڪار ڪندؤ ته اسان ٻه اهوئي ڪنداسين. ۽ جهنم کي ڪافرن لاءِ اسان جيل خانو بنايو آهي.“

يعني فساد، فتني ۽ نافرمانيءَ جي نتيجي ۾ ٻه دفعا شڪست، ذلت ۽ تباهي ملي. نافرمانيءَ ظلم ۽ فساد کان مڙيا ته الله کين غلبو، عزت ۽ قوت ڏني. هيءُ دنياوي غلبو ۽ دنياوي زوال دين جي مٿان عمل جا نتيجا آهن. هن مان ثابت ٿيو ته دنيا ۾ اجتماعي طور انساني معاملات بابت الله جي حڪمن تي عمل جي نتيجي ۾ مادي ۽ دنياوي بهتريءَ جا نتيجا ملندا، سياسي استحڪام ۽ غلبو نصيب ٿيندو ٻي صورت ۾ دنياوي بربادي، سياسي عدم استحڪام ۽ غلامي پلئه پوندي.

الله تعاليٰ دنياوي بهتري جو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ئي دنياوي معاملات جي سلسلي جا حڪم ۽ هدايتون ڏنيون آهن. جن تي عمل جي نتيجي ۾ الله دنياوي غلبو عزت ۽ آجپو عطا ڪرڻ گهري ٿو. اهو الاهي ديني تعليم جو اهم حصو آهي. ان کان انڪار ڪرڻ الله جي ڪتاب جي هڪ حصي جو انڪار ڪرڻ برابر آهي.

# قومن جي تقدير

## خواجه غلام الدين سيد

جيڪڏهن اسان تاريخ جا ورق اٿلايون ته بار بار اهو تماشو نظر ايندو ته قومون اسرنديون آهن، عروج ماڻينديون آهن، تمدن جي سرمائي ۾ ڪجهه واڌارو ڪنديون آهن ۽ پوءِ هوريان هوريان انهن جو زوال شروع ٿيندو آهي. ايستائين جو آخر ۾ رڳو انهن جو عبرت جوڳو افسانو تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ رهجي ويندو آهي. ڇا اهو ٻه انسان جي مرڻ، جيئڻ ۽ سج جي اڀرڻ ۽ لهڻ وانگر هڪ اٽل ۽ فطري حادثو آهي، جنهن ۾ انسان جي هٿن جي ڪاريگريءَ جو ڪو عمل دخل ڪونهي يا ان ۾ ڪنهن سماجي ۽ اخلاقي قانون جي ڪارفرمائي آهي؟ منهنجي خيال ۾ قومن جي عروج ۽ زوال کي رڳو ڪنهن ٻاهرين طاقت جي تابع قرار ڏيڻ ٻي سمجهيءَ جو ثبوت آهي. حقيقت هيءَ آهي ته قومون خود پنهنجي عمل سان پنهنجو حال ۽ مستقبل ٺاهينديون آهن ۽ پنهنجي ئي بداعمالين ڪري تباهه ٿينديون آهن. قدرت جو قانون ته انصاف تي ٻڌل آهي، اهو نه ڪنهن قوم تي ظلم ڪندو آهي ۽ نه ان جي هرويرو ناز برداري ڪٽندو آهي. قرآن حڪيم جي لفظن ۾ ان حقيقت کي هيئن بيان ڪيو ويو آهي: ”خدا ڪنهن قوم جي حالت تيستائين نه بدلائيندو آهي جيستائين اهي پاڻ پنهنجي اندروني صلاحيتن کي تبديل نه ڪن يا پنهنجي حالت نه بدلائين.“ (الرعد:11)

تنهن ڪري مسئلي جي صورت اها ٿي بڻجي ته قومن لاءِ سٺي ۽ خراب عمل جا معيار ڪهڙا آهن؟ ڪهڙا وسيلا ۽ سبب آهن، جيڪي سندن زندگيءَ ۾ سگهه، سونهن ۽ لقاءُ پيدا ڪن ٿا ۽ ڪين ڪهڙا ڪمزوري، بداخلاقي ۽ زوال ڏانهن وٺي وڃن ٿا؟ قدرت فردن ۽ قومن کي مختلف قسمن جون جسماني، دماغي ۽ اخلاقي قوتون، صلاحيتون ۽ مادي وسيلا عطا ڪيا آهن ۽ ڪاميابيءَ



www.sindsalamat.com

لاءِ هيءُ شرط رکيو آهي تہ هو انهن کي ضايع نہ ڪن، بلڪ هڪ قيمتي امانت سمجهي انهن مان پورو پورو فائدو وٺن. اسلام جي اصطلاح ۾ ڪنهن نعمت جي مناسب استعمال کي ”شڪر“ چوندا آهن. جيڪي قومون شڪر جو فرض ادا ڪنديون آهن ۽ پنهنجي دولت، علم ۽ قوت کي ڪفايت ۽ معقوليت سان استعمال ڪنديون آهن، انهن جون قوتون ۽ صلاحيتون فروغ ماڻينديون آهن ۽ ڪين دنيا ۾ ڪاميابيون حاصل ٿينديون آهن. ان جي ابتڙ جيڪي قومون انهن نعمتن جو غلط استعمال ڪنديون آهن، انهن جون قوتون هيٺيون ٿي پونديون آهن. اهو ئي مڪافات عمل يا جزا ۽ سزا جو قانون آهي.

خدائي فرمان آهي: ”جيڪڏهن توهان شڪر ڪندؤ تہ توهان جي نعمتن ۾ واڌارو ڪندس، پر جيڪڏهن نعمتن جو ڪفر (ناشڪري) ڪندؤ تہ منهنجو عذاب بہ سخت آهي.“ (الابراهيم:7) پر اهو عذاب خدا جي طرفان سڌو سنئون نازل ناهي ٿيندو، پر قدرت جي قانونن جو نتيجو هوندو آهي، جيڪي ٻرندڙ جبلن جي لاون وانگر ماٺ ميٺ ۾ پنهنجو ڪم ڪندا رهندا آهن. ايستائين جو جيڪي قومون ظاهري طور خوشحال ۽ طاقتور ڏسجن ٿيون، اوچتو خدائي قانون جي سخت پڪڙ ۾ اچي ڏوڙ ٿي وينديون آهن. ان تعزير ۽ سزا ۾ دير ٿي سگهي ٿي، پر ان کان ڇوٽڪارو ممڪن ناهي. جيئن جيئن ڪنهن قوم ۾ فڪر ۽ عمل جي جدوجهد ۽ ڪوشش ۽ طلب جي صلاحيت گهٽبي آهي، ان جي عبرتناڪ انجام جو پاڇو وڌڻ ۽ پکڙجڻ شروع ٿي ويندو آهي.

هينئر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ قوم ۾ صالح حياتيءَ ۽ جياپي جو بنياد وجهڻ لاءِ ڪهڙا شرط ضروري آهن؟ منهنجي خيال ۾ قومي ترقيءَ لاءِ سڀ کان پهريون شرط اهو آهي تہ، قومي زندگيءَ جو بنياد سماجي انصاف جي اصولن تي رکيو وڃي. ان صفت کانسواءِ ٻيا سمورا ڪمال بيڪار آهن يا بيڪار ٿي ويندا آهن. جنهن سماج ۾ انصاف نہ هوندو آهي اتي تلوار ۽ قلم، ادب ۽ آرٽ، دولت ۽ واپار، قوت ۽ حڪومت سيني کي ڪا شيءِ اندر ئي اندر اڏوهيءَ وانگر ڪائيندي رهندي آهي. ايستائين جو هڪ ڏينهن اها سڄي عمارت پٽ اچي پوندي آهي. قديم يونانين جي تهذيب جنهن ۾ علم ۽ آرٽ جي هم آهنگيءَ هڪ خاص من موهيندڙ شان پيدا ڪري ڇڏيو هو ۽ قديم رومي تهذيب جيڪا پنهنجي ڪشادي مملڪت، دانائي ۽ سياسي قوت تي ناز ڪندي هئي، اهي ٻئي ڇو تباهہ ٿيون؟ ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ سمورن انسانن جو بحيثيت انسان جي احترام نہ هيو ۽ ان ڏيک ويک ۾ وٽندڙ ٻاهرين سطح جي



اندران غريبن ۽ مظلومن جون اهڙيون اونداهيون زندگيون دٻيل هيون، جيڪي تهذيب جي روشنيءَ ۽ عام انساني حقن ٻنهي کان بلڪل محروم هيون. پر مثالن لاءِ ماضيءَ ۾ وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، اڄ بہ مغربي تهذيب جي ناڪاميءَ جو عبرت انگيز نظارو اسان جي اکين آڏو آهي. اتي هڪ پاسي سائنس، صنعت ۽ حرفت جي ترقي ۽ انساني دماغ جي تخليقيت  انسان جي ڪم ڪرڻ ۽ دولت ڪمائڻ جي صلاحيت کي سؤ ٻيرا وڌائي ڇڏيو آهي ۽ ٻئي پاسي سرمائيداري جي ظلمن سبب ڪيترائي  ملڪ غربت، جهالت ۽ بيڪاريءَ ۾ گرفتار آهن. انسان وٽ اڄ اهڙا علمي ۽ مادي وسيلا موجود آهن، جن جي مدد سان هو غربت ۽ بيڪاريءَ کي ختم ڪري سگهي ٿو، بيمارين جي روڪٿام ڪري سگهي ٿو، ماڻهن جي رهڻ لاءِ گهر، پائڻ لاءِ ڪپڙا ۽ پڙهڻ لاءِ ڪتاب مهيا ڪري سگهي ٿو، پر ڇاڪاڻ تہ سماجي لاڳاپن ۾ انصاف جي ڪارفرمائي ڪونهي، تنهن ڪري سائنس جي ترقي وڏي حد تائين بيڪار بڻيل آهي ۽ خوشحالي ۽ امن امان اٿليا آهن. انهيءَ صنعت ۽ حرفت جي ترقي ۽ چرپر جي آساني ۽ تيزيءَ ڪري قومن ۾ هڪ ٻئي سان ڳانڍاپي ۽ انحصار جو هڪ نئون احساس پيدا ٿيو آهي. انهن حالتن ۾ دولت ۽ ٻين مادي وسيلن جي مناسب ورهاست نہ رڳو انصاف ۽ اخلاق جي روءِ سان ضروري آهي، بلڪ عملي طور پڻ ان کان سواءِ چارو ڪونهي. پر اهو انهيءَ صورت ۾ ممڪن آهي، جڏهن قوم جي فردن ۾ ٻڌي ۽ ايڪو هجي. قوم جو هر فرد اجتماعي عزت ۾ پنهنجي عزت ۽ اجتماعي ذلت ۾ پنهنجي ذلت سمجهي ۽ رڳو پنهنجو فڪر ڪرڻ بدران انصاف جي اصول تي عمل ڪري. نہ تہ ٻي صورت ۾ خود غرضي، تعصب ۽ نفاق جو دور شروع ٿي ويندو آهي، جيڪو بنا شڪ جي اجتماعي زوال جي شروعات آهي.

قومي ترقيءَ لاءِ ٻيو اهم شرط محنت، جفاڪشي ۽ حلال روزي ڪمائڻ آهي. فردن وانگر جماعتن ۽ قومن لاءِ پڻ چرپر، تحرڪ ۽ جدوجهد ضروري آهي. جڏهن ڪا قوم عمل ۽ جدوجهد واري جياپي کان لنوائيندي آهي ۽ ان جا فرد عيش عشرت يا گوشہ نشينيءَ کي ترجيح ڏيندا آهن تہ سندن قوتون ۽ صلاحيتون زنگجي وينديون آهن ۽ جسماني ۽ ذهني ڪاهليءَ جي منجهن عادت پئجي ويندي آهي. ماڻهو ڪم کان بيزار ٿيڻ  لڳندا آهن ۽ محنت ۽ پورهيو ڪري روزي ڪمائڻ بدران پيري مريدي، درويشي، مجاوري جي ڦيٽن ڦندن ۾ پئجي ويندا آهن يا اميرن، ڀوتارن ۽ رئيسن سان گڏ رهڻ ۽ سندن

خوشامد ڪري گذارڻ وارو ذليل پيشو اختيار ڪندا آهن. ان ريت ”مقدس فقيرن“ جو هڪ ٽولو پيدا ٿي پوندو آهي، جيڪو ڪو عملي ۽ تخليقي ڪم ڪرڻ بدران مختلف بهانن سان خدا جي نالي تي ٻين جي ڪمائي ڦٻائيندو آهي. منجهن سوال ڪرڻ جي عادت پئجي ويندي آهي، جيڪا خودي ۽ خودداريءَ لاءِ زهريلو اثر رکندي آهي. ان نڪمي ٽولي ۾ انهن سڀني کان سواءِ اهو ڪاٽڪو مالدار طبقو بہ شامل آهي جيڪو (مفت خوري ڪميشن ۽ دلاليءَ جي ڪن مخصوص ٽڪساٽن سان) بنا محنت ۽ پورهئي جي ڪمايل دولت تي عيش ڪندو آهي ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ اجتماعيت جو قرض ادا نٿو ڪري. جيئڻ جيئڻ قوم ۾ اهڙن سهل پسند ماڻهن جو ڳاٽاٽو وڌندو ويندو آهي، اوترو ئي ان جي زوال جا ڏينهن ويجها ٿيندا ويندا آهن، تنهن ڪري انصاف ۽ دانائي ٻنهي جي تقاضا آهي تہ قومي زندگيءَ جي تنظيم ۽ جوڙجڪ ۾ سڀ کان پهرين جاءِ انهن خدا جي ٻانهن کي ڏني وڃي، جن جي محنت ۽ جفاڪشيءَ تي اسان جي تهذيب ۽ تمدن جو دارومدار آهي ۽ اهو قول رڳو محفل کي گرمائڻ لاءِ نہ، پر حقيقت ۾ بہ سياست جو اصول هئڻ گهرجي تہ: ”جنهن کيت مان پورهيت ۽ هاريءَ کي روزي ميسر نہ ٿئي، ان جي هر ڪڻڪ جي داڻي کي ساڙيو وڃي.“

يونان، مصر ۽ روم جون قديم تهذيبون وڏي مان شان سان اڀريون. انهن جي زوال جو هڪ سبب تہ مان مٿي ٻڌائي چڪو آهيان، يعني سماجي لاڳاپن ۾ انصاف جي اٺهوند. ٻيو سبب هيءُ آهي تہ ڪجھ عرصو طاقت ۽ شان مان سان زندگي گذارڻ بعد اهي قومون ڪاهلي، عيش عشرت ۽ نڪمائپ ۾ پئجي وينديون آهن ۽ منجهن ڪوشش ۽ عمل جي گرميءَ بدران ميلن ۽ مزن جون محفلون مچنديون آهن. نتيجو اهو نڪتو تہ قدرت جي اٽل قانون پاسو بدلايو، جنهن ڏسندي ئي ڏسندي انهن جي طاقت ۽ عظمت کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو.

مطلب تہ ڪم، پورهيو ۽ عمل قومن جي زندگيءَ ۽ موت لاءِ پرک جي ڪسوٽي آهي. جيڪا قوم ڪم ڪندي اها زندھ رهندي. جيڪا قوم ڪم کان لنوائيندي ۽ ان کي هڪ بار ۽ ٻوجھ سمجهي ٻين جماعتن يا قومن تي وجھڻ جي ڪوشش ڪندي اها فنا ٿي ويندي ۽ اهڙي قوم جي جنازي تي گهٽ ۾ گهٽ مان ڳوڙها ڳاڙڻ لاءِ تيار نہ آهيان. ڪم تہ زندگيءَ جي قيمت آهي ۽ جيڪو شخص، قوم يا طبقو اها قيمت ادا نٿو ڪري ان لاءِ منهنجي دل ۾ ايتري عزت آهي جيتري هڪ چور يا ڌاڙيل جي.



جڏهن انصاف، محنت، سادگيءَ ۽ ڪفايت شعاريءَ جي بنيادن تي قومي زندگيءَ جي عمارت اڏجي پوي تہ ان ۾ سگهہ، سونهن، سوڀيا ۽ نظم ۽ ترتيب پيدا ڪرڻ لاءِ قوم جي فردن ۾ ٽن صفتن جي ضرورت آهي: جرائت، رواداري ۽ ضابطو.

جرائت زندگيءَ جي علامت آهي. ان جي بدولت قوم ۾ حوصلي ۽ ڏکيائين سان منهن ڏيڻ جي صلاحيت پيدا ٿيندي آهي. ان جي ابتڙ خوف جيڪو جرائت جو ضد آهي، زندگيءَ جا پر ڪٽي ڇڏيندو آهي. ٻي صفت رواداري آهي، جنهن کانسواءِ انفراديت جي تڪميل ناممڪن آهي. جنهن کانسواءِ قومي زندگيءَ ۾ تنوع (رنگا رنگيت) جو شان پيدا نٿو ٿي سگهي. خدا جي دنيا ۾ يڪسانيت ناهي بلڪ اختلاف انساني فطرت جو جزو آهي. جيڪڏهن ڪنهن قوم ۾ رواداريءَ جو جذبو نہ هجي تہ اتي اختلاف مخالفت جي شڪل اختيار ڪندا آهن ۽ هر ٽولو ٻين تي زبردستيءَ سان هڪ خاص قسم جي يڪسانيت مڙهڻ گهرندو آهي، جيڪا ترقيءَ جي راھ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ آهي. ضابطو ۽ ڊسيپلين ان لاءِ ضروري آهي، تہ ان کانسواءِ ڪو بہ ڪم نظم ۽ ترتيب ۽ بهتر طريقي ۽ انداز سان نٿو ٿي سگهي ۽ فردن ۽ جماعتن ۾ هرويرو ڇڪتاڻ ٿيندي رهي ٿي. جنهن ۾ سندن قوت ضايع ٿيندي آهي. پر اصلي ڊسيپلين اهو آهي جيڪو ڪنهن ٻاهرين طاقت يا ڪو ظالم حڪمران قوم تي ٻاهران نہ مڙهي، پر اهو آزاد فضا ۾ خوشيءَ سان ڪم ڪرڻ ۽ مقصدن جي ايڪي ۽ اتحاد جو نتيجو هجي.

ٿي سگهي ٿو تہ اوهان چئو تہ، انهن سڀني صفتن جي اهميت مڃي سين، پر انهن جي تربيت ڪيئن ڪجي؟ منهنجي خيال ۾ وڏي پئماني تي قومي ۽ شخصي ڪئريڪٽر جي جوڙجڪ لاءِ ڪجھ شرطن جو پورو ڪرڻ ضروري آهي، جن مان سڀ کان پهريون شرط هيءُ آهي تہ قوم جي آڏو ڪو وڏو نصب العين هجي، جنهن کي اڪثر ماڻهو خوشيءَ سان مڃن. جيڪو انهن جي تنظيم ۽ وحدت لاءِ هڪ مرڪز جو ڪم ڏئي ۽ سندن فڪر ۽ عمل تي حاوي ٿي وڃي. جڏهن بہ ڪنهن قوم عروج حاصل ڪيو آهي تہ اهڙي ڪنهن آدرش ان لاءِ محرڪ قوت جو ڪم ڏنو آهي. مثال طور قديم زماني ۾ هندن آڏو حق جي معرفت جو نصب العين هيو، يعني ان ازلي ۽ ابدي حقيقت تائين رسائيءَ جي ڪوشش جنهن جي پيٽ ۾ دنياوي زندگيءَ جي حقيقت هڪ پاڇي کان وڌيڪ نٿي ڀانئجي. ٻڌ مذهب نفس جي تهذيب کي پنهنجو نظريو بڻايو هو. قديم

يونانين پنهنجي زندگيءَ ۾ تهذيب ۾ خير، حق ۽ حسن جي تصورن کي سمائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. رومين انساني تمدن جي سرمائي ۾ قانون، انصاف ۽ سياسي امن جي تصورن جو واڌارو ڪيو هو. اسلام پنهنجي پيروڪارن آڏو انساني وحدت، انصاف، ڀائپي ۽ مساوات جو نصب العين رکيو هو ۽ تاريخ جي ان اونداهي دور ۾ هڪ شمع روشن ڪئي، جنهن جي روشنيءَ جا ڪرڻا اڄ تائين اسان تي پون ٿا. پر انهن سمورن آدرشن جي اهميت ان ڪري آهي ته اهي ڪن خاص علمي، اخلاقي، سماجي يا جمالي قدرن سان ڀرپور آهن. نه ته رڳو دولت ۽ سياسي طاقت پيدا ڪرڻ ۽ ان جي ذريعي ٻين قومن کي غلام بڻائي خدا جي ڌرتيءَ تي فتنو ۽ فساد برپا ڪرڻ عظمت جو دليل ڪونهي، بلڪ حيوانيت جو ثبوت آهي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته يوناني سقراط، افلاطون ۽ ارسطو کان وڌيڪ سڪندر تي فخر ڪن ها. چنگيز خان جا وحشي مغل اسان جي آڏو احترام جا حقدار هجن ها ۽ هٽلر جو بادشاهي جنون ۽ انگريزن جو عالمگير بادشاهيءَ جو قيام گوئٽي ۽ شيڪسپيئر، حافظ ۽ نيوٽن جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن کان گهٽ وڌيڪ اهم شمار ڪيو وڃي ها.

پر رڳو هڪ نصب العين مقرر ڪرڻ ڪافي ناهي، ڇاڪاڻ ته عام ماڻهن لاءِ ڪنهن خالي تصور ۾ ڪا ڇڪ ۽ ڪشش نه هوندي آهي، پوءِ اهو طاقت ۽ شان شوڪت جو هجي يا حسن۽ جمال جو يا انصاف ۽ خدمت جو. ان تصور کي حقيقت جو ويس ڍڪائڻ لاءِ ضروري آهي ته قوم کي صحيح وقت تي ڪو اهڙو اڳواڻ ملي وڃي جنهن جي سموري زندگي ۽ عمل ان نصب العين جي تشريح هجي، ڇاڪاڻ ته هڪ سچي، پرخلوص ۽ بي لوث انسان جي ذات ۾ ئي اها ڪشش هوندي آهي، جيڪا لکين ماڻهن جي دل ۽ دماغ ۾ انقلاب آڻي سگهي ٿي. سندس صحبت جي فيض مان هوريان هوريان قوم ۾ اهڙن مخلص ۽ سچن ڪارڪنن جو هڪ ٽولو پيدا ٿي ويندو آهي، جيڪو نيڪي ۽ سچائيءَ کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻائي وٺندو آهي. عزت ۽ عهدي جي رشوت ۽ دولت ۽ سگهه جي لالچ سندس نيت ۾ خرابي ۽ سندس قدمن ۾ جهجهڪ پيدا نه ڪري سگهندا آهن.

دنيا جي تاريخ ۾ اڄ تائين ڪا به سياسي ۽ سماجي يا مذهبي تحريڪ تيستائين ڪامياب نٿي آهي ۽ نه ڪنهن قوم کي عروج حاصل ٿيو آهي، جيستائين منجهس قربانيون ڏيندڙ جماعت عوام جي بي غرض خدمت لاءِ سندرو نه ٻڌو هجي. چوڻ وارا ته اهو ٿا چون ته اهڙن ئي ماڻهن جي برڪت سان



ڌرتي پنهنجي محور تي قائم آهي، پر جڏهن ڪنهن قوم ۾ نيڪ ۽ بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي خدمت ڪندڙن جي جماعت باقي نه رهندي آهي ته سندن اخلاقي ۽ مادي زوال شروع ٿي ويندو آهي. پوءِ قدرت جي قانون مطابق ڪا ٻي قوم ان جي جاءِ والاريندي آهي، جنهن ۾ جدوجهد، خلق جي خدمت ۽ نعمتن جي شڪر يعني انهن جي صحيح استعمال جي بهتر صلاحيت هوندي آهي. فطرت اڪثر ڪري اهڙي قوم کي ڊگهي مهلت پڻ ڏيندي آهي پر جڏهن بداعمالين جو پيمانو ڇلڪي پوندو آهي ته عمل جي جزا سزا جو قانون اوچتو ڪين جهلي وٺندو آهي، ان وقت اهي غفلت ۾ ٻڏل هوندا آهن.

”قومن پنهنجي هٿن سان جيڪو ڪجهه ڪيو، ڪمايو هو، اڄ ان جي بدلي ۾ خشڪي ۽ پاڻيءَ ۾ فتنو ۽ فساد برپا ٿي ويو آهي، ته جيئن ماڻهو پنهنجن عملن جو ڦل چکن. شايد ڪين ان مان عبرت ملي ۽ هو سنئين رستي ڏانهن اچن.“ (الروم:41)

ظاهر ۾ ته اڄوڪي زماني ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ ۾ طاقت جي ڪشمڪش ڏسجي پئي، يعني جن قومن وٽ وڌيڪ جنگ جو سامان ۽ دولت ۽ صنعت ۽ حرفت جا وسيلا هوندا، اهي ان مقابلي ۾ ڪامياب ٿينديون، جڻ ته ڪاميابيءَ جو مطلب وسيلن جي گهٽائي يا جنگ جي ڪاميابي آهي، پر اهو خيال صحيح ڪونهي. ان ۾ فاتح ۽ مفتوح ٻنهي جي هار ۽ دنيا جي تباهي آهي، ان سان کٽڻ هارائڻ جا لفظ ئي بي معنيٰ ٿيندا. پر صورتحال کي جيڪڏهن گهري نظر سان ڏسجي ته خبر پوندي ته اصل مقابلو قدرن ۽ اخلاقي اصولن جو آهي، مقابلو انهيءَ ميدان ۾ آهي يا هئڻ گهرجي ته ڪهڙو نظام انسان لاءِ هڪ بهتر ۽ ڀرپور زندگي مهيا ڪري سگهي ٿو، جنهن ۾ ڪين پنهنجي صلاحيتن کي فروغ ڏيڻ جو موقعو ملي. ان نظام جي جوڙجڪ لاءِ موجوده دور جي تقاضائن کان باخبر رهڻ ضروري آهي. دنياجون حالتون تمام تيزيءَ سان بدلجن پيون. هي دور ماڻهن کي پنهنجي حال تي ڇڏڻ بدران رٿابندي ۽ اجتماعيت جو دور آهي. تبديلي ۽ انقلاب زندگيءَ جي فطرت ۾ شامل آهن. جنهن قوم يا جماعت ۾ انقلاب کان متاثر ٿيڻ جي صلاحيت نه رهندي آهي، اها زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ مات کائي ويندي آهي.

اجتماعيت پڻ بذات خود هر مرض جي دوا ڪونهي، ان ۾ به ظلم، حق تلفي، انسان دشمني ۽ استحصال جا امڪان آهن ۽ نسلي غرور، آمريت ۽ ملوڪيت ان کي پڻ مسخ ڪري سگهي ٿي. اصل سوال هي آهي ته ڪهڙي قوم يا قومون ان نئين نصب العين جي روشنيءَ ۾ سائنس، صنعت ۽ حرفت جي حيرت

www.sindsalamat.com

انگيز طاقتن کي انسانذات جي فائدي لاءِ استعمال ڪنديون؟ وقت ئي ان جو جواب ڏيندو. پر مون کي هن ڳالهه جو يقين آهي تہ قومن ۽ فردن جي زندگيءَ ۾ امن ۽ خوشي فقط تڏهن ئي راهه وٺي سگهي ٿي، جڏهن اهي اخلاق ۽ شرافت جي بنيادي اصولن کي اپنائڻ سگهن، ڪا بہ قوت، دولت يا سائنس ان جو متبادل نٿا ٿي سگهن.

سنڌيڪار: ثناءُ الله سومرو

# عادل معاشي نظام جي اهميت ۽ ضرورت

**مولانا عبداللطيف نانگراج**

انسان جو معاشي مسئلو ايترو ئي قديم آهي جيترو انسان جو پنهنجو وجود. پنهنجن ضرورتن جو احساس ۽ انهن جي تڪميل لاءِ جدوجهد ڪرڻ انسان جي فطرت جو حصو آهي.

الله تعاليٰ انسان کي پيدا ڪري هن پوري ڪائنات کي رزقا للعباد (ٻانهن لاءِ رزق جو انتظام ڪرڻ) جي قدرتي مهر لڳائي ۽ انسان ۾ اهڙين قدرتي قوتن جو خزانو و ديعت رکيائين تہ جيئن انسان پنهنجو رزق حاصل ڪري سگهي ۽ پنهنجن معاشي سهولتن لاءِ هن ڪائنات مان بالواسط يا بلاواسط نفع حاصل ڪري. نہ صرف ايترو پر انهيءَ طلب ۽ جدوجهد کي فضل الله (الله جي نعمت جهڙي محترم نانءُ سان موسوم ڪري.

اهڙي طرح سواءِ للسائلين (تلاش ۽ جستجو ڪرڻ وارن لاءِ برابر آهي) جهڙن الفاظن سان پنهنجي رحمت کي عام ڪري ڇڏيائين.

ڪائنات جي هن ڪارخاني ۾ طبعي طور تي هي جذبو هر انسان ۾ موجود آهي تہ خدا تعاليٰ جي ڏنل نعمتن مان بهره مند ٿئي. پر هي انفرادي جذبو پنهنجي عملي جدوجهد ۾ يقيناً هڪ تقابل ۽ ڪشمڪش جي فضا کي جنم ڏئي ٿو. تنهن ڪري انساني سوسائٽي ۾ هڪ صالح معاشي نظام جي ضرورت پيدا ٿئي ٿي تہ جئين ان تقابلي ڪشمڪش کي توازن ۾ رکجي. فطرت جي آثارن انسانن کي ڊگهي تجرباتي تسلسل ۾ عقل جي بنياد تي هيءَ ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي. تہ ڪنهن بہ معاشري جي ڀلائي ۽ تمدني ترقي جو راز هڪ صالح معاشي نظام ۾ ئي پوشيده آهي. جيستائين انسان معاشي طور تي مستحڪم رهي ٿو تہ ان جي تمام اعمال ۾ اعتدال رهي ٿو ۽ جيئن ئي انسان جي معاشي حالت خراب ٿئي ٿي تہ ان جي تمام شعبن ۾ انتشار ۽ افرادن ۽ ادارن



www.sindsalamat.com

۾ هڪ ڪشمڪش جي فضا پيدا ٿئي ٿي، پوري سوسائٽي ۾ اخلاقي انارڪي ڦهلجڻ لڳي ٿي، نتيجي طور اهو معاشرو اخلاقي لحاظ سان تباه ٿيڻ سان گڏ تمدن ۾ به حقيقي ترقي نه ڪندو.

معاشي طرح انسان ٻن طبقن ۾ تقسيم ٿي وڃي ٿو. هڪ طبقو خود غرضي سرمائيدار، عيش پسند، متڪبر، مغرور ۽ قاروني خصلتن جهڙو. ٻيو ٽولو غريب، لاچار، مفلس محنت ڪش مزدور ۽ ويچاري زندگي بسر ڪندڙ. ٻنهي طبقن جا مقاصد عليحده عليحده، مفادات جدا جدا ۽ ٻنهي جا نظريا الڳ الڳ. ٻنهي طبقن جي باهمي ڪشمڪش ۽ تصادم جي ڪري دنيا تمام وڏي بحران مان گذري جيڪي آهي. ٻنهي طبقن جي چڪتاڻ معاشي ظلم جي هولناڪ منظرن کي ڏسي چڪي آهي جيڪي سرمائيدارانه ۽ اشتراڪيت جي صورت ۾ دنيا جي تختي تي ظاهر ٿيا. اسلام هڪ اهڙو صالح معاشي نظام پيش ڪري ٿو جنهن اخوت، باهمي رواداري عام خوشحالي سان گڏ معاشري جي طبعي ترقي به پنهنجي فطري تسلسل سان قائم رهي ٿي.

اسلام فرد ۽ جماعت جي درميان توازن قائم ڪري هڪ اهري سوسائٽي جو تصور پيش ٿو ڪري جنهن ۾ هر شخص پنهنجي استعداد ۽ صلاحيت مطابق پنهنجي شخصيت جي نشونما ڪندي ترقي ڪري پنهنجي حدڪمال وڃي حاصل ڪري، پر گڏوگڏ فرد کي اقتصادي جدوجهد ۾ بي لغام ۽ ڪليل ڇوٽ کي به سختي سان منع ٿو ڪري جنهن ذريعي فرد پنهنجي خواهشات ۽ ذاتي مفادات جي خاطر اجتماعيت لاءِ باعث نقصان ٿئي ۽ فرد جون ڪوششون ۽ سرگرميون اجتماعيت لاءِ تنگي جو سبب بڻجن. اسلام فردن کي اجتماعيت جو خادم تصور ڪري انهن کي مفاد عامہ جي لاءِ تيار ڪري ٿو. فردن جي حلال ذريعن سان حاصل ڪيل دولت تي حقوق ملڪيت تسليم ڪندي انهن کي اجتماعي مقاصد لاءِ خرچ ڪرڻ جو حڪم ڪري ٿو. اسلام معاشيات کي دولتمندن جي وچ ۾ نفعي جي ڊوڙ نٿو بڻائي بلڪ ان کي تمدني ترقي ۽ افاديت عامہ جو ذريعو قرار ڏئي ٿو. بقول ابوالڪلام آزاد:

گویا اسی نظام معیشت میں بلاشبہ زیادہ سے زیادہ کمانیوالے موجود ہوں گے، کیونکہ سعی و کسب کے بغیر کوئی مؤمن زندہ ہی نہیں رہ سکتا۔ لیکن جو فرد جتنا زیادہ کمائے گا اتنا ہی زیادہ انفاق پر مجبور بھی ہو گا۔ اس طرح افراد کی کمائی جتنی بڑھتی جائیگی اتنی ہی جماعت بحیثیت



جماعت کے خوشحال ہوتی جائیگی قابل اور مستعد افراد زیادہ سے زیادہ کمائیں گے، لیکن اپنے ہی لیے نہیں کمائیں گے، تمام افراد قوم کیلئے کمائیں گے۔ یہ صورت پیدا نہ ہو سکے گی کہ ایک طبقہ کی کمائی دوسرے طبقوں کیلئے محتاجی و مفلسی کا پیام ہو جائے۔

(ترجمان القرآن ج2و132)

درحقيقت اسلام جي معاشي پاليسي "قل العفو" (ضرورت کان وڌيڪ حاصل ڪيل مال معاشري تي خرچ ڪرڻ) ۽ ليس للانسان الا ماسعي (انسان کي جدوجهد جو ثمر ملڻ گهرجي) ۽ الغنم بالعزم (مالي فائدو انهن کي ملڻ گهرجي جيڪي مشقت برداشت ڪن) باهمي تعاون ۽ اشتراڪ عمل جهڙن اصولن تي قائم ڪئي وئي آهي. جنهن سان محنت ۽ سرمايي ۾ توازن قائم رکندي هڪ بهترين ۽ عام خوشحال سوسائٽي قائم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. اسلام ڪسب معاش جي اهڙن تمام ذريعن ۽ طريقن کي ناجائز قرار ڏئي ٿو جنهن جو سرمايو چند هٿن ۾ گردش ڪري جيڪي ذريعا معاشري جي اجتماعي اخلاق کي فاسد ٿا ڪري ڇڏين اسلام معيشت جي اهڙي جدوجهد کي به حرام قرار ڏئي ٿو جنهن ۾ هڪ شخص جو فائدو ٻين انسانن لاءِ سوسائٽي ۾ تنگي جو سبب بڻجي. پئسي تي پيسو ڪمائڻ، ناجائز منافع خوري رشوت، چوري جوا ۽ (ڌوڪي ۽ ٺڳي سان مال حاصل ڪرڻ) جي معاملن کي جيڪي باهمي نزاع جنگ وجدل جو سبب بڻجن ٿا ۽ جن مان بخل خود غرضي ذاتي مفاد، لالچ ۽ حرص جهڙيون قبيح خصلتون جنم وٺن ٿيون. ناجائز قرار ڏئي ٿو. (اسلام سود (وياج) احتڪار (ذخيره اندوزي) ۽ اڪتناز (زراندوزي) کي حرام ٿو ڪري جيڪي معاشي ظلم ۽ استحصال جو باعث بڻجن ٿا. اهڙن تمام لين دين جي طريقن کي ختم ٿو ڪري جيڪي عام انساني فلاح جي بجاءِ مخصوص طبقي جي استبداد کي قائم ڪن ٿا. جنهن جي نتيجي ۾ محنت ۽ معيشت جي جائز جدوجهد به بيڪار ٿي پوي. اسلام طبعي توازن کي قائم رکندي تمام ڪائنات ذي روح کي حق معيشت ۾ مساوي حيثيت ڏئي سمورن انسانن کي الله جي نعمتن ۽ قدرتي وسيلن مان مستفيد ٿيڻ جو برابر طور تي حق عطا ڪري ٿو.

اسلام هن ڳالھ کي سختي سان منع ٿو ڪري ته قومي وسائل دولت ۽ ملڪي ذرائع آمدني تي معاشري جو مخصوص ٽولو پنهنجي اجاره داري ۽

بالادستي قائم ڪري ٻين کي پنهنجي طبعي حق کان محروم ڪري ڇڏي. اسلام دولت کي گڏ ڪرڻ يا اهڙا طريقا اختيار ڪرڻ جيڪي سرمايي کي ڦهلجڻ بدران ان کي چند مالدارن جي هٿ ۾ بند ڪري ڇڏن تانجو ٻيا افراد انهن جي رحم ۽ ڪرم جا محتاج ٿيو پون سختي سان روڪي ٿو ۽ دولت کي محدود فردن ۾ گڏ ڪرڻ جي بدران ان کي معاشري جي تمام فردن تائين پهچايو وڃي ته جيئن ان مان هر هڪ انسان پنهنجي آزادي ۽ عزت نفس سان گڏ مستفيد ٿي سگهي.

اسلام جي اقتصادي پاليسي کي جيڪڏهن مقصد جي لحاظ کان گهري نظر سان ڏٺو وڃي ۽ عملي نتائج جي نقط نظر سان ان جو تحقيقي جائزو ورتو وڃي ته هي ڳالهه چٽي طرح نظر ايندي ته ان جي معاشي تنظيم ۽ تشڪيل ۾ هن ڳالهه کي مقصد (نصب العين) يا آئيڊيا جي حيثيت حاصل آهي ته معاشري جي هر هڪ فرد کي بقدر ضرورت معاش جو سامان، رزق، مال هرحال ۾ آسانيءَ سان ميسر ڪيو وڃي ۽ سوسائٽي جي تمام فردن کي رزق ۽ مال حاصل ڪرڻ جا موقعا مساوي طور تي مهيا ڪيا وڃن.

اها الله تعاليٰ جي مشيت آهي ته ڌرتي جي مٿان ان جي مخلوق مان هر ڪنهن کي رزق جا مناسب وسيلا مهيا هجن. امام شاهه ولي الله ﷬ صالح انساني معاشري جي تشڪيل جي لاءِ اها ڳالهه بيحد ضروري قرار ڏئي ٿو ته جيئن الله جا ٻانها رزق ۽ روزگار جي بي اعتدالين واري ڏيڻ ۾ ڦاٿل نه هجن ۽ ان ذهني انتشار کان آجا هجن ته جيئن انهن ۾ سماج جو ڪارائتو ۽ مفيد فرد بنجڻ جا موقعا پيدا ٿي سگهن. اهي وڏا انساني بار پنهنجي مٿان کڻي هڪ طرف پنهنجي ماڻهپو مڪمل ڪري سگهن ۽ ٻئي طرف پنهنجي خالق سان عبديت جو عهد نڀائڻ جا وسيع موقعا ماڻي سگهن.

# اسلام ۽ ٻين مذهبن جي حقيقي تعليم کي فراموش ڪرڻ جا نتيجا

**مولانا عبداللطيف نانگراج**

يورپ جي فڪري، تهذيبي ۽ تمدني يلغار جي ڪري اڄ جي دور ۾ مذهب جي باري ۾ هي غلط خيال ۽ تصور پنهنجون پاڙون مضبوط ڪري رهيو آهي ته مذهب جو انسان جي سماجي زندگيءَ سان ڪوبه تعلق نه آهي. مذهب انسان جو ذاتي مسئلو ۽ شخصي رجحان آهي. جنهن جو معاشري جي تعمير ۽ سنوارڻ سان ڪوبه واسطو نه آهي. هن تصور سان مذهب جي باري ۾ عام لاپرواهي ۽ لاغرضي پکڙجي پئي وڃي ۽ عام طرح اهو سمجهيو پيو وڃي ته رواجي زندگيءَ ۾ مذهبي تعليمات تي عمل ڪرڻ يا نه ڪرڻ برابر آهي.

مذهب جي باري ۾ هڪ رويو ته اهوئي آهي ته ان جو بلڪل انڪار ڪري ڇڏجي (يعني مذهب انساني ذهن جي پيداوار آهي، ڪو خدائي قانون نه آهي.) جيئن يورپ وارن جي پروپيگنڊا آهي.

ٻيو رويو انهن مذهبي پوئلڳن جو آهي جيڪي مذهب جو عقيدو ته رکن ٿا، ان کي الله جي بي انتها نور جي روشني به قرار ڏين ٿا ۽ مذهب کي انسانذات جي طبعي تقاضا به تسليم ڪن ٿا، پر ان جي روح کي پوئتي ڪري ظاهر پرستيءَ ۾ محو ٿي وڃن ٿا. يعني ان جي حقيقي تعليمات کي نظرانداز ڪري ڇڏن ٿا.

حقيقت ۾ هيءَ هڪ ئي سکي جا ٻه پاسا آهن، ٻنهي روين جو نتيجو هڪ ئي آهي. قرآن شريف چٽي طرح بيان ڪري ڇڏيو آهي ته مذهب جي اصل تعليمات جو انڪار يا ان کان لاپرواهي ڪرڻ جي ڪري انسان جي زندگيءَ تي تمام هاڃيڪار اثر ٿئي ٿو.



www.sindsalamat.com

سورة نور جي آيت نمبر 39 ۾ فرمايو ويو آهي ته، ”حق کان پٺتيل ماڻهن جا عمل انهيءَ رڃ وانگر آهن جا ڪنهن ورياسي بيابان ۾ هوندي آهي، اڃايل ماڻهو ان رڃ کي پاڻي ٿو سمجهي (۽ ان ڏي ڊوڙندو ٿو وڃي) تان ته جڏهن اتي پهچي ٿو تڏهن خبر پويس ٿي ته هتي ته ڪجهه به نه آهي. تان ته اهو الاهي قضا کي پاڻ وٽ ڏسي ٿو. سو خدا سندس عملن جو حساب پوري طرح ڪري انهن جو بدلو ڪيس ڏئي ٿو. ۽ (يقين ڄاڻو ته) اللّٰه تعاليٰ حساب وٺڻ ۾ بلڪل تکو آهي.“

سورة نور جي آيت نمبر 40 ۾ آهي:

”پليل ماڻهو ڄڻ ته هڪ تمام اونهي سمنڊ جي اونده ۾ آهن. جنهن تي لهرن مٿان لهرون ڇانئجي ويون آهن. ۽ انهن جي مٿان وري ڪڪر آهن. يعني اونده مٿان اونده جا تهه چڙهيل آهن. (ايتريقدر جو) جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍي ته ان کي به ڏسي نه سگهي. (هيءَ حقيقت آهي ته) جنهن کي خدا (سندس جهل ۽ خودغرضي سبب) روشني نه عطا ڪري تنهن جي لاءِ ڪابه روشني آهي ئي ڪانه.“

پهريون مثال انهن ماڻهن جي لاءِ آهي جيڪي مذهب جي حقيقي تعليم کي ڇڏي رڳو ان کي چند رسمن ۾ بند ڪري ڇڏن ٿا ۽ انهن جي پوڄا پاٺ ڪري ان کي ئي سڀ ڪجهه سمجهن ٿا.

روح کي فنا ڪري رڳو چند عبادتن ۾ دين کي بند ڪرڻ ۽ ان کي ئي سڀ ڪجهه سمجهڻ وارن ماڻهن لاءِ ڄڻ مذهب هڪ سراب وانگر آهي جو ظاهر ۾ ته اهي ان کي حقيقي مذهب سمجهندا آهن پر حقيقت ڪجهه به نه هوندي آهي ۽ اهو رويو عقيدي جي باوجود دين جو عملاً انڪار آهي. اڄ اسلام ۽ دنيا جي سمورن مذهبي پوئلڳن جو اهوئي حال آهي.

ٻيو مثال انهن ماڻهن جو آهي جيڪي مذهب کي اهميت نٿا ڏين. مذهب کي هڪ فالتو ۽ بيڪار شيءِ سمجهن ٿا ۽ ان جو انڪار ٿا ڪن، اهو رويو مغربي مريدن ۽ ڪميونسٽن جو آهي. انهن جو مثال اهڙن ماڻهن وانگر آهي جيڪي اهڙي جڳهه ڦاٿل هجن جتي رڳو اونداهي ئي اونداهي هجي، جتي روشنيءَ جو نالو نشان ئي نه هجي.

اهي مغربي مريد سمجهن ٿا ته سائنسدانن ايٽم بم، هائڊروجن بم ٺاهڻ ۽ تيز اڏامندڙ هوائي جهاز ۽ چنڊ تائين پهچائيندڙ شٽل گاهون ٺاهي انهن انسانذات



جي لاءِ سڀ ڪجهه ڪري ورتو آهي، حقيقت ۾ اها انهن جي ڀُل آهي. بيشڪ سائنس جي ترقيءَ پنهنجا ڇيهه ڪري ڇڏيا آهن پر انهن سائنسي سهولتن کي نسورو فائدي وارو بنائڻ لاءِ اهو ڏانءُ ۽ فڪر کٽي آهي جو انسانيت کي سک ۽ سلامتي حاصل ٿئي. ان اڻهوند جي ڪري انسانيت کي ٻن وڏين عالمگير جنگين سان گڏ مسلسل انسانن جو قتل ۽ استحصال پلئه پيو آهي. جيڪڏهن وحدت انسانيت جي رهنمائيءَ جو اهو ڏانءُ ۽ فڪر مذهب کان حاصل ڪيو وڃي ها ته هيڏي ساري سائنسي هوند انسانيت لاءِ وڏي فائديمند بنائي سگهجي ها.

اللّٰه تعاليٰ هن ڪائنات جي سيج کي ٻي شمار نشانين سان سجائي ڇڏيو آهي جنهن جي هڪ هڪ نقش مان حق تائين رسائي جي روشني حاصل ٿئي ٿي. بس رڳو مصنوعي پردن کي هٽائي دل جي اکين سان انهن جو مشاهدو ڪرڻو آهي. پر جيڪي هيڏن ڏوڏن هوندي به دل جا انڌا آهن انهن کي بائيولاجي، زولاجي ۽ اهڙا ٻيا ڪوڙ مادي علم ته نظر اچن ٿا پر اللّٰه جي معرفت کان پري پٺتيل آهن ۽ اکين جي روشني هوندي به حق کي نٿا سڃاڻن.

جيڪڏهن تاريخ جو صحيح تجزيو ڪيو وڃي ته وڏن وڏن تهذيبن جي مٽجڻ جو بنيادي سبب هيءُ معلوم ٿيندو ته اهي وحدت الوجود جي حق واري معرفت کان انڌيون هيون. هاڻي به يورپ جو ظاهري شان ۽ شوڪت ته واڻڙو ۽ حيران ٿو ڪري ڇڏي، پر حقيقت ۾ يورپ تباهي ۽ بربادي ۾ جڪڙيل آهي. ٻن خطرناڪ عالمي جنگين ڪانپوءِ هر نئي سج نڪرڻ سان ننديون ننديون جنگيون ۽ اندروني فساد ظاهر ٿين ٿا ۽ هاڻي ٽين جنگ جو مانداڻ مچي چڪو آهي. اقبال لينن جي زبان سان مغرب جو صحيح نقشو چٽيو آهي.

يورپ ميں بهت روشنی علم و ہنر ہے
حق یہ ہے کہ بے چشمہ حیوان ہے یہ ظلمات

مغرب هڪ طرف ترقيءَ جي ايڏي هوند ۾ آهي ته ٻئي طرف اطمينان ۽ سلامتي جي ايڏي اڻهوند ۾ ٻڏل آهي، پر هاڻي ان جي نقش قدم تي هلندي مشرقي قومون به مذهب کان پري ٿينديون پيون وڃن. جنهن ڪري مشرق جو معاشرو به وڃي ٿو ڏينهون ڏينهن مصيبتن ۾ جڪڙبو.

ٻئي رويا هڪ ئي نتيجو پيدا ڪن ٿا. يعني تباهي ۽ بربادي، فتنو ۽ فساد. مذهب جي حقيقي تعليم (يعني اللّٰه جي معرفت، انسان دوستي، آزادي ۽

مساوات) ٻين لفظن ۾ شرڪ جي سمورن بتن کي ٽوڙي (جنهن ۾ سرمائيداري ۽ جاگيرداري بہ اچيو وڃن.) توحيد جي تصور تي غير طبقاتي معاشرو قائم ڪرڻ آهي.

جيڪڏهن اها ڳالهہ اسان سمجهي نہ سگهياسين تہ اسين روشني هوندي بہ انڌا آهيون، علم هوندي بہ جاهل آهيو، ۽ انقلابي پروگرام هوندي بہ اسين زوال ۽ تنزليءَ جو شڪار رهنداسين.

# آزاديءَ جو اڳواڻ ﷺ

## مولانا عبداللطيف نانگراج

اسلامي تعليم جو هڪ بنيادي حصو هي آهي تہ خدا تعاليٰ انسان کي آزاد پيدا ڪيو آهي ۽ انهيءَ آزاديءَ جي آگاهي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جو رستو ٻڌائڻ اسلام جو اهم مقصد آهي.

فطرت جي تعليم بہ هيءَ آهي تہ جيئن خدا تعاليٰ انسان کي آزاد پيدا ڪيو آهي. تيئن انسان آزاديءَ ۾ ئي رهڻ پسند ڪري ٿو. مولانا عبيدالله سنڌي تہ انسان جو ترجمو آزاد (حر) سان ڪيو آهي. پاڻ غلام کي پورو انسان نٿا سمجهن. باقي هي جو انسان پاڻ کي غلط رسمن ۽ ظالم روايتن جي هٿڪڙين ۽ ڏنڊا ٻيڙين ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي يا پاڻ کي پاڻ جهڙي ئي انسانن جي تسلط ۾ آڻي انهن جو غلام بڻائي ڇڏيو آهي، اهو سندس فطرت جي خلاف آهي. اها غلامي جي زنجير فطرت سان جنگ آهي. تنهن ڪري دنيا ۾ ڪنهن بہ انقلاب کي ان وقت تائين حقيقي انقلاب نٿو چئي سگهجي جيستائين اهو انقلاب انسانن کي غلامي مان ڪڍي آزادي جي طرف نہ وٺي اچي. ڇو تہ انقلاب جو حقيقي مفهوم "فطرت" کي سالم رکڻ آهي.

تنهن ڪري پاڻ ڪريم ﷺ توحيد جي فڪر تي ماڻهن کي سڏيو جنهن جو بنياد ئي نفيءَ ۽ لا (نہ) تي هو. اها نفي ۽ لا (نہ) سڀني انساني غلامين کان انڪار جي هئي ۽ ان ڪانپوءِ هڪ الله جي عبديت جو اقرار هو. پاڻ سڳورن ان انقلابي طريقي تي انسانن جي رهنمائي ڪري انسانن کي پنهنجي گم ڪيل آزادي جو تحفو عطا ڪيو. مولانا روميءَ بہ نبوت جي ان حقيقت کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي: خلق را از انبياءَ آزادي است. (انبياءَ جو بنيادي مقصد مخلوق خدا کي آزادي ڏيارڻ آهي.) پاڻ ڪريم ﷺ جن کان اڳ دنيا ۾ ان وقت رڳو غلاميون ۽ مصنوعي حدبنديون هيون. پوري دنيا ۾ انسان طرحين



www.sindsalamat.com

طرحين غلامين ۾ جڪڙيل هئا. ظالمن ۽ جابرن پنهنجي رعيت کي غلام بڻائي ڇڏيو هيو. ڪن کي فردي غلاميءَ ۾، ڪن کي طبقاتي غلامي ۾ ۽ ڪن کي وري قبيلائي، قومي غلاميءَ ۾. هرطرف هي معمول بڻجي ويو هو ته هڪڙا طاقتور انسان ٻين انسانن کي جانورن وانگر پنهنجي خواهشن ۽ مقصدن لاءِ استعمال ڪندا هئا. جڻ ته اهي لاچار انهن لاءِ مشينون يا ڪو تجارتي اوازار هجن جو انهن کان پنهنجي ذاتي نفعي لاءِ ڪم ورتو ويندو هجي.

مذهبي راهبن ۽ احبارن ماڻهن جي ذهنن کي مسحور ڪري انهن کي خرافات ۽ فرسوده عقيدن جي ذريعي ذهني غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيو هو. مرد مافوق طاقت بڻجي عورت تي ظلم جي باهه ٻاري ويٺا هئا. انهن کي پنهنجو پالتو جانور سمجهي گهريلو زندگيءَ ۾ اهڙي طرح قيد ڪري ڇڏيو هيو، جو انهن کي نه پنهنجي راءِ جي آزادي هئي نه ئي وري اهي پنهنجي حقن جو مطالبو ڪري پئي سگهيون.

درنده صفت مالدارن معاشري ۾ معاشي صورت جو حليو بگاڙي ڇڏيو هو. عوام مالي مصيبتن ۽ مشقتن جي عذابن کي سهندي سهندي ذهني ۽ طبقاتي غلامي ۾ مبتلا ٿي چڪو هيو. سندس عملي قوتون ڪمزور ٿي چڪيون هيون. انسان جيڪو اشرف المخلوقات جي لقب سا ن سنوارجي خليفة الله في الارض جو منصب ڪٽي آيو هو، سو ذليل ۽ رسوا بڻجي چڪو هو. پوري ڪائنات جيڪا هن لاءِ ٺاهي وئي هئي، اڄ اهو ان ڪائنات جي پوڄا ڪري رهيو هو. آسماني مخلوق جو مسجود پاڻ پٿرن، وڻن جو ساجد بڻجي چڪو هو. پنهنجي ئي هٿ سان جوڙيل بتن جي آڏو پنهنجو ڪنڌ جهڪائيندو هو. جنهن ڪائنات کي هو پنهنجي خداداد قوتن سان مسخر ڪرڻ جي صلاحيت رکندو هو اتي اهو خود پاڻ ڪائنات جي هر شي کان مسخر ٿي چڪو هو.

پاڻ ڪريم ﷺ اهڙي اونداهيءَ ۾ روشني بڻجي آيا. رڃ جهڙي سماج ۾ رحمت جا ڪڪر بڻجي انسانيت لاءِ ڇپر ۽ ڇانءَ بڻجي پيا. پاڻ عرب جي صحرا ۾ انسان جي آزادي جو جهنڊو کوڙيائون. سندن پروگرام ۾ فطرت جي صحيح تعليم هئي، سندن اصلاح ۾ سڀني قسمن جا پهلو هئا ۽ هر قسم جون انساني آزاديون هيون، سندن تعليم اعتدال جي نقطي کان انچ به هيٺ يا مٿي نه هئي. پنهنجي ذڪاوت ۽ فراست سان هر شيءِ کي گهرائي سان ڏٺائون. استبداد جو ڪوبه پاسو ظاهري يا مخفي سندن نظرن کان اوجهل نه هو. پاڻ هڪ هڪ ڪري



غلاميءَ جي سڀني زنجيرن کي معاشري مان ڪڍي ڦٽو ڪري ڇڏيائون. انسان کي آزاد ڪري خدا جي اڳيان ان کي سربسجود ڪيائون. اهو سندن رهنمائي جو اثر هو جو انسان پنهنجي آزادي سان پنهنجي مرضي کي خدا جي مرضي سان ملائي ڇڏيو. پاڻ توحيد جا پرچارڪ بڻجي انسان کي سندس ڪمال عطا ڪيائون. ديوتائن ۽ مصنوعي بتن کي انسان جي نفساني خواهشات جي تسڪين قرار ڏيندي انهن کي ٽوڙي ڇڏيائون. انسان جي ضمير کي اجاگر ڪندي ان کي حيواني لذتن کان آزاد ڪيائون، انسان کي هر قسم جي وهم ۽ غيراصلي خوف کان آزاد ڪري هڪ خدا جي خوف ۽ لحاظ سان سندس دل کي ڀريائون. درحقيقت توحيد جو صحيح تصور ئي سڀني غيرفطري خوفن جي پاڙ پٽي ٿو ڇڏي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن کان اڳ ۾ مذهبن جو ڪم وڃي اهو رهيو هو جو اهي الڳ الڳ ٽولا ٺاهي هڪ ٻئي جي تڪذيب ڪندا هئا. هر ڪنهن پنهنجا پنهنجا الڳ الڳ معبود ٺاهي انهن کي پوڄڻ شروع ڪيو هو. ان گروهن جا مذهبي پيشوا عوام ۽ مصنوعي بتن جي وچ ۾ دلاليءَ جو ڪم ڪندا هئا. ۽ سماجي طورتي انساني معاشرو غلط رسمن ۾ جڪڙيل هيو. آقا ۽ غلام ۾ ورهايل انسان پنهنجي انسانيت جي درجي کان هيٺ ڪري چڪو هو. اها غلامي قديم تاريخ جي علامت بڻيل عرب معاشري جي تهذيب جو حصو بڻجي چڪي هئي. عورت ذلت ۽ رسوائي جي زندگي ۾ بند هئي. عورت جي باري ۾ هي تصور ڪيو ويندو هو ته عورت هڪ هيچ ذات آهي جيڪا مرد جي محڪوم ٿي ڪري رهڻ لاءِ پيدا ڪئي وئي آهي. مرد ان کي جيئن چاهي پنهنجي نفعي لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو. آزادي ۽ عورت هڪ ٻئي جا ضد آهن. جبري شادي جا واقعا عام هئا، عورت کي سندس وراثت جي حق کان به محروم ڪيو ويو هو.

پاڻ ڪريم ﷺ توحيد جي مضبوط اصول ۽ عقيدي تي مساوات جو پروگرام پيش ڪيو. سڀني آسماني مذهبن جي بنيادي تعليم کي چٽو ڪري اهو پيغام ڏنو ته سڀني مذهبن جي هڪ ئي واٽ آهي. اها آهي خدا پرستي ۽ انسان دوستي. پاڻ حقيقي خدا شناسي ۽ انسان شناسي جي تعليم سان گروهن جي پاڙ پٽي ڇڏيائون.

پاڻ توحيد جي عام ۽ فطري عقيدي کي اهڙي طرح بيان ڪيائون جو وچ ۾ آيل مذهبي پيشه وريت جي ايجنڊا جي اهميت ختم ٿي وئي. انسان جو

سڏوسنئون تعلق پنهنجي خالق سان ڳنڍجي پيو. پاڻ اها تعليم ڏنائون ته خدا هڪ آهي، سڀ ان جا ٻانها آهن ۽ سڀ برابر آهن. تنهن ڪري هي آقا ۽ غلام جو تصور ختم ڪري ڇڏيو.

عورت کي هڪ مستقل سماجي حيثيت عطا ڪري ان کي آزاديءَ راءِ جو حق عطا ڪيو. نڪاح کي هڪ آزاد معاهدو قرار ڏئي جبري شادي جي جاهلي رواج جي پاڙ پٽي ڇڏي. عورت کي جائداد ۾ حصو عطا ڪيو ويو. عورت لاءِ نڪاح، طلاق، وراثت ۽ ملڪيت جا اهڙا ته قانون مرتب ڪيائون جو هاڻي مرد ان کي غلام نٿو بڻائي سگهي، بلڪ ان جو هم سفر ٿي ڪري زندگي جي گاڏي کي ترقي ڏانهن وٺي هلي ٿو. ۽ سڀ کان وڏيون ٻه غلاميون، سياسي غلامي ۽ اقتصادي غلامي. ان دور ۾ ماڻهو شهنشاهيت ۽ بادشاهت جي قبضي ۾ هوندا هئا. بادشاه رعيت کي پنهنجو مال سمجهي انهن کي پنهنجن فائدن لاءِ استعمال ڪندا هئا. ملوڪيت ۽ آمريت جي بنياد تي اقتدار قائم هئا، ڪوبه سماجي معاهدو ۽ انصاف نه هوندو هو. انسان کي پنهنجي حقن جي لاءِ راءِ جي آزادي نه هئي، جيڪو حق جي ڳالهه ڪندو هو ان کي ختم ڪيو ويندو هو.

پاڻ ﷺ جن فرمايو، انسان کي انسان تي حق نه آهي ته هو ان تي شخصي اقتدار يا غلبو قائم ڪري، بادشاهه ۽ سلطان صرف ذات باري تعاليٰ ئي آهي. انسان صرف ان جو خليفو آهي. ۽ خليفو خادم هوندو آهي. ان کي پنهنجي رعيت جي خدمت ڪرڻي هوندي آهي، ۽ ان سان گڏ خلافت الله جي نعمت آهي ان جو شڪر هي آهي ته ماڻهو اهڙا ڪم ڪري جن سان رعيت کي فائدو پهچي ۽ انهن کي ختم ڪندو وڃي جيڪي رعيت کي نقصان پهچائيندڙ آهن. هڪ روايت ۾ آهي ته هڪ اعرابي پاڻ سائين جن کي چيو "انت ملڪنا" (ڇا تون اسان جو بادشاهه آهين؟) پاڻ سڳورن فرمايو ته: "نه، بادشاهه صرف الله آهي." پاڻ پنهنجي عمل ۽ ڪردار سان "خليفي" هجڻ جو اهڙو ته نمونو پيش ڪيو جو اڳتي هلي خلفاءِ راشدين ان کي اختيار ڪيو ۽ اهو خليفي جو ڪردار اڄ تائين دنيا لاءِ آئيڊيل آهي.

معاشي لحاظ کان معاشرو وياج ۽ ڏوڪي جي ڪٽن جذبن تي قائم هو. سرمائيدار طبقو وياج جي ذريعي وڃي پيو امير ٿيندو ۽ غريب طبقو وڃي پيو غلامي ۾ جڪڙبو. ٻيو جاگيردار طبقو جيڪو زراعت جي طريقي سان هارين تي ظلم ڪندو هو ۽ ٻئي مفت خور ۽ ڪاٺو طبقا معاشري لاءِ ڏچو بڻجي چڪا هئا. پاڻ وياج جي ڪمائي کي ختم ڪري صدقي (عام ڀلائي لاءِ جوڙيل



اسڪيمون) جي بنياد تي اقتصادي معاشرو جوڙي انسانن کي ان وڏي لعنت کان بچايو. "جيڪو مئل زمين کي جياري، اها زمين ان جي آهي." اهڙن زرعي سڌارن جي ذريعي هاري طبقي کي سندس حقَ واپس ڪيا. زڪواة سان رواداري، ڀائپي ۽ همدردي وارو سماجوادي نظام جوڙيو ۽ وراثت جو قانون جاري ڪري دولت جي تقسيم ڪئي ته جيئن معاشي وسيلا سرمائيداريت قائم ڪرڻ جي بجاءِ وڏي پيماني تي ورهائجي وڃن.

غلاميءَ جو هڪ ٻيو قسم علمي غلامي هئي. اسلام کان اڳ ۾ انسان ته ڇا پر علم به آزاد نه هو. علم تي مخصوص راهبن ۽ احبارن جو قبضو هو، جيڪي ان کي سرمائيدارن جاگيردارن ۽ بادشاهن جي فائدي لاءِ استعمال ڪندا هئا. عوام کي علمي حقيقتن کان پري رکيو ويندو هو. غريب عوام کي علم حاصل ڪرڻ جي اجازت نه هوندي هئي. خدا ۽ ٻانهن جي وچ ۾ فاصلو پيدا ڪيو ويو هو ۽ عوام کي ديوتائن جي پوڄا تائين بند ڪيو ويندو هو. پاڻ ﷺ علم کي الله جي نعمت قرار ڏنائون. ان سمنڊ مان سيني کي حصو حاصل ڪري وٺڻ جو حڪم ڪيائون. ضروري علم، جيترو پنهنجي شخصي صلاحيتن کي سنوارڻ ۽ معاشري ۾ پنهنجي ذميوارين نڀائڻ لاءِ ضروري هجي، ان کي لازم ڪيائون. جيئن عبادت لاءِ مسجد جي اداري جو وجود پيو تيئن علم جي واڌاري لاءِ درسگاهه جي اداري کي قائم ڪيو ويو. پهريان علم آزاد نه هيو، پاڻ ان کي هميشه آزاد ڪري ڇڏيائون. اهڙي آزدي جو مؤرخ ۽ دانشور هن ڳالهه لکڻ تي مجبور آهن ته "هاڻي علم کي ڪير به غلام نٿو بڻائي سگهي."

آخر ۾ نفساني خواهشن جي غلامي، انسان پنهنجو پاڻ کي پنهنجي نفس جو غلام بڻائي ڇڏيو هو. اخلاقي طورتي افرادن جي صحيح نشوونما نه هجڻ ڪري معاشرو طرحين طرحين جي براين جو ڳڙهه بڻجي چڪو هو. هڪ طرف مذهبي ٽولو حق جو پرچارڪ ۽ نجات جو ذريعو بڻجي پنهنجي پيداگيريءَ جا گهڻ گهيڙ بڻائي چڪو هو ته ٻئي طرف وري عوام پاڻ به مذهبي راهبن ۽ احبارن کي تحفا ۽ مال ملڪيت ڏئي گناهه بخشرائڻ کي سعادت سمجهندو هو. پاڻ ڪريمن ﷺ علمن جي فطري طريقن ۽ مقصدن جي تعليم ڏئي انساني معاشري کي اخلاقي لحاظ کان سوڌيو ۽ سنواريو. انسان ۾ جوابدهي ۽ ذميواري جو احساس بيدار ڪيو. سندن تعليم هي هئي ته توهان پنهنجي ايمان ۽ عمل صالح سان باطني قوتن کي صحيح طريقي سان استعمال ڪري پنهنجي

۽ نشوونما ڪريو ۽ معاشري کي ۽ سنوارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريو. جيڪڏهن توهان انهن کي غلط طريقي سان استعمال ڪيو ته توهان ۾ شيطانيت جي غلبي جي ڪري توهان انسانيت کان ٻه هيٺ ڪري پوندؤ. جيڪڏهن انقلاب جي معنيٰ استبداد ۽ ظلم کي ختم ڪرڻ آهي ته بيشڪ هي حجازي انقلاب دنيا جو وڏي ۾ وڏو انقلاب آهي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ ان انقلاب جا رهبر ۽ اڳواڻ آهن. جن جو هر قدم ظلم جي خلاف اٿندڙ هو ۽ هر عمل استبداد جي خاتمي لاءِ هو. جيڪو معاشي، سماجي، مذهبي، علمي يا نفساتي ميدان ۾ انسانن جي مٿان مسلط ڪيو ويو هو. حقيقت هي آهي ته هينئر به دنيا جو حقيقي انقلاب قرآن جي ٻڌايل اصولن ۽ پيغمبر جي اختيار ڪيل حڪمت عملين ۽ طريقي جي پيروي ڪرڻ کان سواءِ ناممڪن آهي.

# معيشت جو اجتماعي اخلاق تي اثر

## علم الاقتصاد و علم الاجتماع جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو ۽ شاهه ولي الله

**مولانا عبداللطيف نانگراج**

### معاشرو انساني نوع جي طبعي تقاضا آهي

**Society is the specific tendency of human**

انسان طبعي ۽ فطري طور تي مدني الطبع آهي. قدرت انسان جي ضرورتن جي نوعيت ئي ڪجهه اهڙي رکي آهي جو هڪ اڪيلو انسان هزارين ڪوشش ڪرڻ جي باوجود به انهن کي پورو نٿو ڪري سگهي. يقينن اهو انسان پنهنجن ضرورتن جي پورائي لاءِ ٻين انسانن جو محتاج بڻجي ٿو. اهو ”احتياج“ انسانن کي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ملي جلي رهڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو. نتيجي ۾ معاشرا ۽ اجتماع وجود ۾ اچن ٿا.

سماج افرادن جي ترڪيبي هيئت جو نالو آهي. يعني معاشرو ۽ فرد لازم ۽ ملزوم آهن. هن ڳالهه تي ته قديم ۽ جديد سڀ حڪيم ۽ دانشور متفق آهن ته انفرادي اخلاقن جو مظهر انساني اجتماع ۾ ئي ٿي سگهي ٿو. ڪنهن به انسان جو بحيثيت هڪ فرد جي ان جو اخلاقي جائزو نٿو وٺي سگهجي ۽ نه ئي وري ان جي انساني قدر جو ڪو يقين ڪري سگهجي ٿو. يعني جيستائين ڪنهن انسان کي سوسائٽيءَ جي ڪنهن جز يا فرد جي حيثيت سان نه ڏٺو وڃي تيستائين ان جي اخلاقي بلندي ۽ پستي ۽ ان جو سماجي قدر معلوم نٿو ڪري سگهجي. هڪ انسان جو هن نقطي نظر سان ان جي قدر جو جائزو ورتو ويندو ته ان انسان جي ڪمن مان معاشري کي جيڪڏهن فائدو پهچي ٿو ته چئبو ته هي انسان سٺو آهي. پر جيڪڏهن معاشري کي نقصان پهچي ٿو ته چئبو هي انسان خراب



www.sindsalamat.com

آهي. اهڙي طرح سان ان انسان جو سماجي قدر بہ معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ هن جي ڪمن مان جيترو سماج کي فائدو پهچندو تہ چئبو تہ سندس ڪم ايترو پلو آهي ۽ ائين ان جي ڪمن مان جيترو سماج کي نقصان پهچندو تہ چئبو تہ سندس ڪم ايترو خراب آهي. حضرت شاهہ ولي الله انسان جي تمدني زندگيءَ جي مختلف رخن تي گهري نظر وڌي آهي. شاهہ صاحب فرمائن ٿا: "انساني زندگي، اجتماعي زندگيءَ کانسواءِ گذارڻ ناممڪن آهي. تنهنڪري هر انسان ڪنهن نہ ڪنهن جماعت جي رڪن هجڻ جي حيثيت سان زنده رهي سگهي ٿو ۽ هي ڳالهہ اسان جي قدرت کان پاهر آهي تہ ڪنهن فرد جي خوبين جو بحث جماعت کان الڳ ڪري ڪيون. جو تہ اسان کي اها ڪيئن خبر پوندي تہ جنهن جماعت سان ان جو تعلق آهي ان جي اندر اهي ڪهڙيون وصفون آهن جن سان سٺن اخلاقن ۽ فضائل ۾ مدد ملندي آهي يا انهن وصفن جو هجڻ اخلاقي ۽ پلائيءَ واري زندگي لاءِ پيدا ڪنديون آهن. (اخلاق و فلسفهءِ اخلاق، ص11)

شاهہ صاحب ان سلسلي ۾ وڌيڪ فرمائن ٿا تہ:

"حقيقت هيءَ آهي تہ انسان نہ صرف ڪنهن هڪ ڳانڍاپي سان جڙيل آهي بلڪ اهو ڪيترين ئي ڳانڍاپن جي سلسلي جي ڪڙي آهي، جيڪي پاڻ ۾ مليل ۽ مرتب آهن. هو هڪ خاندان جو جز آهي. هڪ شهر جو حصو آهي. هڪ قوم جو فرد آهي ۽ پوءِ آخر ۾ هو هڪ بين الاقوامي نظام جو رڪن آهي."

(اخلاق و فلسفہ اخلاق ص 220)

مطلب تہ امام صاحب وٽ ماڻهوءَ جو عمل ۽ اخلاق صرف ان جي ذات جي پيداوار ناهي پر اهي اخلاق اجتماعي زندگيءَ ۾ (سماج) ۾ ئي ظاهر ٿين ٿا. ڪو بہ فرد بحيثيت هڪ فرد جي ترقي نٿو ڪري سگهي، بلڪ ان کي سوسائٽي جو حصو بڻجي ڪري ئي رهڻو پوي ٿو. پوءِ ان ۾ ان جون مختلف حيثيتون ٿين ٿيون. خانداني، قبيلائي، قومي ۽ بين الاقوامي وغيره اصل حقيقت هي آهي تہ سماجي فلسفي ۾ هي مسئلو (فرد ۽ جماعت جو) انتهائي اهم آهي. شاهہ صاحب وٽ جيتوڻيڪ ماڻهوءَ جي ذات بہ حقيقي قدر ۽ قيمت جي حامل آهي ۽ پاڻ ان جي انفراديت جو ضرور احترام بہ ڪن ٿا. تنهن ڪري سندن فلسفي جو هڪ بنيادي نقطو هيءُ بہ آهي تہ "فرد جو معاشي مسئلو آساني سان حل ٿيڻ گهرجي. جو تہ مالي طور تي مستحڪم شخصيت ئي حقيقي اخلاق جو مظهر بڻجي سگهي ٿي."



پر پاڻ هن ڳالهہ تي زور ڏين ٿا تہ فرد جي تشڪيل ۽ تعمير صرف سماج جي اندر رهڻ سان ئي ممڪن آهي. تنهن ڪري مادي ۽ روحاني ترقي سماج جي اندر رهي ڪري ٿيندي. انهيءَ ڪري فردن جي باري ۾ جيڪڏهن اوهان کي بهتر نتيجا ونڻا آهن تہ اوهان کي اهڙو سماج اڏڻو پوندو. فرد جي باري ۾ سندن فلسفو هي آهي تہ فرد جا بہ مختلف پاسا آهن. هڪ فرد جو تعلق ذات مطلق (يعني سندس خالق سان آهي بيو سندس هم جنس افرادن سان هي سماجي تعلق آهي. ۽ ڪو بہ انسان سماج کان الڳ ٿلڳ ٿي ڪري نہ پنهنجي تعمير ڪري سگهي ٿو ۽ نہ ئي وري نجات حاصل ڪري سگهي ٿو. شاهہ صاحب وٽ "نجات هڪ سماجي عمل آهي."

پر جيئن معاشرو فرد جي لاءِ ڪسوٽي ۽ معيار آهي تيئن معاشرو فرد جي "تربيت گاهہ" بہ آهي. جيڪڏهن معاشرو صحيح اصولن تي قائم هوندو تہ ان معاشري جي هنج ۾ پلجندڙ انسان بہ بهترين شخصيت سان سنوارجي سگهبا. پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن معاشرو شر ۽ فساد جو ڳڙهہ هوندو تہ ان ۾ رهندڙ فرد بہ ان رنگ ۾ رنگجي ويندا. پر هتي سوال هي آهي تہ معاشري کي ڪيئن سڌارجي ۽ سنوار جي ۽ ان کي ڪيئن بهترين ۽ مضبوط اصولن جي بنياد تي قائم ڪجي؟ ان ڳالهہ کي مسلم حڪيمن ۽ يورپي دانشورن حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

يوناني حڪيمن اخلاقيات (Ethics) ۽ اجتماعيات (Sociology) تي تمام گهڻو لکيو آهي. پر انهن بنهي کي الڳ الڳ موضوع بڻائي لکيو آهي جيئن يوناني حڪيمن ۾ ارسطو ، افلاطون، ايپي ڪيور ۽ بين تمام گهڻو ڪجهہ لکيو آهي. پر انهن فلسفين هنن بنهي شين (اخلاقيات ۽ اجتماعيات) جي پاڻ ۾ ڳانڍاپي کي بيان نہ ڪري سگهيا آهن.

مغربي دانشورن منجهان ڪانٽ، سپينسر، شوپنهار، ڊيڪارٽ، مل، سپنوزا، ۽ هيگل اجتماعيت ۽ اخلاقيات تي تمام گهڻو ڪجهہ لکيو آهي پر اهي بہ بنهي جي پاڻ ۾ ڳانڍاپي کي بيان نہ ڪري سگهيا آهن. ائين ئي مسلم حڪيمن ۾ ابن مسڪويہ، غزالي، ماوردي، راغب، ڪندي، فارابي، ابن سينا، ابن رشد، ابن خلدون، ابن عربي وغيره انفرادي اخلاق تي تمام وڏا بحث ڪيا آهن. هر ڪنهن وار جي ڪل لاتي آهي، پر سندن قلم اجتماعي اخلاق ۽ معيشت جي باري ۾ رڪيل نظر اچي ٿو.

اصل ۾ حڪيم ۽ دانشور هن ڳالهہ تي زور ڏيندا رهيا آهن تہ بهترين

افرادن جي تعمير سان ئي اجتماعي اخلاق کي سڌاري سگهجي ٿو. يعني بلند اخلاقي اجتماعيت کي اخلاقيات جي هيٺان رکيو آهي.

سندن نظريو هي آهي ته علم الاجتماع کي علم الاخلاق جي هيٺان ڪري دنيا کي جنت جو نمونو بڻائي سگهجي ٿو. پر هنن انفراديت پسند صوفين ۽ دانشورن جن اخلاق کي معاشي ارتفاق تي مقدم رکيو آهي ان جو نتيجو هي نڪتو آهي ته نه سماج ۾ سڌارو اچي سگهيو آهي ۽ نه ئي وري تزڪيہ نفس جو ڪم صحيح طريقي سان ٿي سگهيو آهي، جيڪو معاشري تي ڪي خاطر خواهه اثر مرتب ڪري.

جيئن مولانا عبيدالله سنڌي رحمت الله عليہ جن فرمايو: "عام طور تي تصوف اخلاق سان شروع ڪيو وڃي ٿو. معاشي ضرورتون حيواني زندگيءَ جي لاءِ تسليم ڪيون وڃن ٿيون، پر انهن جو انسانيت سان ڪو ڳانڍاپو نٿو تسليم ڪيو وڃي. جنهن ڪري اسان جي سياست کوکلي ٿي چڪي آهي. ۽ اسان جا عقلمند ۽ مهذب ماڻهو اجتماعي ڪمن کان پاسيرو رهڻ کي ڪمال سمجهن ٿا." (الفرقان، ولي الله نمبر، ص 320)

پر شاه ولي الله اهو پهريون حڪيم ۽ فلسفي آهي جنهن علم الاخلاق ۽ علم الاجتماع ۾ علم الاقتصاد جي اهميت ۽ ان جي درجي کي متعين ڪيو آهي. سندن نظريو هي آهي ته بهترين سماج جي تشڪيل لاءِ عادل معاشي نظام جو هجڻ ضروري آهي. هڪ اهڙو اقتصادي نظام جيڪو افراط ۽ تفريط کان خالي ۽ عدل ۽ انصاف جي بنياد تي قائم هجي. سندن چوڻ آهي ته اجتماعي معاشيات جو اجتماعي اخلاق تي تمام گهرو اثر پوي ٿو. تنهن ڪري اجتماعي اخلاق جي سڌارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ هڪ رواداري ۽ امداد باهمي ۽ تعاون جهڙن اصولن تي قائم اقتصادي نظام هئڻ ضروري آهي. جيستائين ان قسم جو معاشي سسٽم سوسائٽي ۾ قائم نه ٿيندو تيستائين اخلاقي حسن نروار نه ٿيندو. جيڪڏهن قومن جي جسم ۾ فاسد معاشي نظام جو رت ڊوڙندو رهندڙ هوندو ته ان قوم جو اجتماعي اخلاق تباهه ٿي ويندو.

مولانا عبيدالله سنڌي ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا: "حضرت امام ولي الله" معاشي ضرورتن کي سڌو سنئون انسانيت جو جز قرار ڏئي ڪري بڻائي ڇڏيو آهي ته انهن ضرورتن کي آسانيءَ سان حل ڪرڻ لاءِ صحيح نظام جوڙڻ ضروري آهي. ته جيئن انسان پنهنجون ضرورتون آسانيءَ سان پوريون ڪري وٺي ۽ ان کان پوءِ ان وٽ ڪجهه وقت بچي ته جيئن اهو پنهنجي لطيفن (اندروني



اخلاق) جي تڪميل ۽ ان ۾ سڌارو ڪري سگهي (يعني ذات مطلق سان پنهنجي تعلق کي سگهارو بڻائي سگهي) (الفرقان ولي الله نمبر ص 230)

شاهه صاحب معاشيات ۽ شخصيت جي تعمير جي لاڳاپي کي چٽو ڪري ڏيکاريو آهي. شاهه صاحب حجت الله البالغ ۾ ذڪر ڪيو آهي ته "انساني عملن جي لاءِ محرڪ قوتون نفسي ڪيفيتون معاشي حالتن جي اثرن هيٺ جڙنديون آهن.

بدور بازغه ۾ چٽو فرمايو اٿن:

"انما الاخلاق بالاحوال لا بالعلوم" (بدور بازغه 41)

يعني انساني اخلاق معلومات سان نه بلڪ حالتن سان پيدا ٿيندا آهن."

هڪ هنڌ حجت الله البالغ ۾ لکن ٿا: انسانيت جا اجتماعي اخلاق ان وقت بلڪل برباد ٿي ويندا آهن. جڏهن هنن تي ڏاڍ ۽ جبر ڪري اقتصادي تنگي تي مجبور ڪيو وڃي ۽ انهن کان حيوانن ۽ ڍڳن ۽ ڍورن وانگي ڪم ورتو وڃي.

پاڻ هڪ هنڌ اجتماع انساني جي خرابين جي سببن تي بحث ڪندي سڀ کان وڌيڪ اهم سبب اقتصادي عدم توازن کي قرار ڏين ٿا. پاڻ فاسد تمدن کي ( Corruption of Civilization ) اشرافيہ طبقي جي عياشين جو نتيجو قرار ڏين ٿا.

پاڻ چون ٿا ته جڏهن اشرافيه طبقو پنهنجي عيش و عشرت ۽ عياشين تي ملڪ جو پيسو لٽائي ٿو، نتيجي ۾ ملڪ جا محنت ڪندڙ ۽ ڪمائيندڙ ماڻهو بنيادي ضرورتن وارا پيشا ڇڏي ڪري انهن اشرافيه طبقي جي لاءِ عياشيءَ واريون شيون ٺاهن ٿا ۽ نتيجي ۾ زراعت، صنعت ۽ حرفت جهڙا پيشا جن تي صحيح تمدني ترقي موقوف هوندي آهي، اهي ختم ٿيندا ويندا آهن. جنهن ڪري معاشرو ترقي کان محروم رهجي ويندو آهي. ۽ گڏوگڏ عياشيءَ جي ڪري اخلاقي فساد پکڙبو آهي. پوءِ وري اها وبا صرف مٿي طبقي ۾ ئي نه رهندي آهي، بلڪ پوري قوم ۾ سرايت ڪري ويندي آهي.

شاهه صاحب ان باري ۾ روم ۽ فارس جي شهنشاهيت واري نظام کي مثال طور پيش ڪندي آخر ۾ لکن ٿا: "ان اقتصادي بدحالي جو نتيجو هي نڪرندو آهي ته اشرافيه طبقو پنهنجي عياشيءَ جي سامان جي پورائي لاءِ هارين، مزدورن ۽ صنعتڪارن تي وڏا وڏا ٽيڪس هڻندو آهي. پوءِ اهي ويچارا ٽيڪس ادا ڪرڻ ۽ پنهنجن ٻارن ٻچن جي پيٽ پالڻ ۾ رڌل رهندا آهن. آخرت واري سعادت جي باري ۾ ته سوچڻ ئي پري جي ڳالهه آهي.

www.sindsalamat.com

پوءِ آهستي آهستي انسانن مان سوچڻ ۽ سمجهڻ جو مادو ئي ختم ٿي ويندو آهي. ڪڏهن ته وري ائين ٿيندو آهي جو ملڪ ۾ ڪو هڪ به اهڙو نه ملندو آهي جيڪي مادي زندگي کان مٿي ٿي ڪري ابدي ڪائنات جي اصولن کي سمجهي ۽ ان جي مطابق عمل ڪري

(شاهه ولي الله ڪا فلسفه عمرانيات و معاشيات ص 137).

هڪ هنڌ پاڻ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت جي غرض تي ڳالهائيندي لکن ٿا ته "رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت جو هڪ مقصد هي هيو ته پاڻ طبقاتي ۽ جبري نظام کي ختم ڪري عادل اقتصادي نظام قائم ڪن ته جيئن ماڻهو معاشي ارتفاق کان فارغ ٿي ڪري الهي ارتفاق ۾ ترقي ڪن" پاڻ ڪريم ﷺ جي زماني ۾ اهو نظام روم ۽ فارس جي بادشاهيءَ جي صورت ۾ عمل پذير هيو، تنهن ڪري ان کي ختم ڪرڻ سندن نبوت جي اهم مقصدن منجهان هڪ هو."

(شاهه ولي الله ڪا فلسفه عمرانيات و معاشيات، ص 141)

شاهه صاحب جي ان نقطي نظر جي وضاحت قاضي جاويد احمد صاحب هيئن بيان ڪئي آهي. قاضي صاحب لکن ٿا: "شاهه صاحب وٽ، فرد جي تعمير ۽ ان جي ذات جي نشو و نما لاءِ تعاون، باهمي رواداريءَ جهڙن اصولن تي هڪ اجتماعي ۽ فلاحي نظام ضروري آهي. شاهه صاحب وٽ اهڙو سماجي نظام عادل اقتصادي نظام سان ئي تشڪيل ٿئي ٿو. اهو معاشي نظام دولت جي مساويانه تقسيم جي اصولن جو پابند هوندو. شاهه صاحب اهي فلسفي ۽ مفڪر آهن جن معيشت جي رد عمل ۾ پوندڙ نفسياتي اثرن کي اجاگر ڪيو آهي. شاهه صاحب چون ٿا ته معاشي نظام جيڪڏهن صحيح اصولن تي قائم هوندو ته نتيجي ۾ انسان جي جسماني ۽ روحاني قوتن ۾ توازن ۽ اعتدال رهندو. انسان ۾ اخلاق فاضله ۽ سٺيون خصلتون جنم وٺنديون. پاڻ وري ظالمانه معاشي نظام جي خرابين ۽ ان جي سماجي ۽ نفسياتي اثرن کان به آگاهه ڪن ٿا.

پاڻ چون ٿا ته غير انساني معاشي نظام جهڳڙن، ڦرلٽ ۽ هڪ ٻئي کان مسابقت جي عمل کي جنم ڏئي ٿو. حسد، بغض، ڪينو ۽ زوراوري جهڙن زهريلن جراثيمن کي انسان جي اندر ۾ پيدا ٿو ڪري. اهو نظام قومن جو استحصال ڪري ٿو ۽ هڪ قوم کي ٻين قومن جي حقن تي حملو ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. اهڙو نظام بداخلاقي جي مرض کي پکيڙي ٿو. نتيجي ۾ ماڻهو الله جي ياد ۽ روحاني زندگيءَ جي ترقي کان بلڪل پري ۽ محروم رهجي وڃن ٿا. اهو نظام محنت ڪندڙن تي ظلم جا نوان نوان دروازا کولي ٿو.



اڳتي قاضي صاحب لکن ٿا ته شاه ولي الله تمام چٽي طرح ظالمانه معاشي نظام جي نفسياتي اثرن جي طرف توجهه ڏيارن ٿا. پاڻ لکن ٿا ته هي ظالم نظام انسانن کي انسانيت کان ڪيرائي انهن کي اڌ انسان بلڪ جانورن ۾ تبديل ڪري ٿو ڇڏي. پر هن نظام جي زد ۾ رڳو محنت ڪندڙ طبقو ئي متاثر نٿو ٿئي. بلڪ مٿيون ۽ ڪائو طبقو به ان نظام جي زد ۾ اچي ٿو."

(افڪار شاهه ولي الله ص، 192-193).

طبقاتي سماج ۾ دولت مند ۽ اهل زر طبقو تمام انساني حسن کان محروم ٿي ڪري صرف "مال حاصل ڪرڻ" جي حسد تي زندهه رهي ٿو. ائين ئي اهي انسانيت جي درجي کان ڪري ڪري اڌ انسان واري درجي تي پهچي وڃن ٿا. جڏهن ته محنت ڪندڙ طبقو جبري مشقت تي مجبور هوندو آهي ۽ آزادانه جسماني ۽ روحاني توانائي جي ترقي نه هجڻ ڪري پنهنجي جسم کي فنا ۽ پنهنجي روح کي تباه ڪري ڇڏيندو آهي. ائين ئي پورو انساني نسل غير انساني صورت جو شڪار بڻجي پوي ٿو، بقول شاهه ولي الله جي اهڙو سماج مجرمن ۽ ذهني مريضن کي جنم ڏئي ٿو . (تعليمات شاهه ولي الله، ص 193).

شاهه صاحب جن جي ان نظريي کي سامهون رکي ڪري اڳتي هلي ڪارل مارڪس چيو ته "طبقاتي سماج فرد ۾ بيزاري بيچيني پيدا ڪري ان جي نفي ٿو ڪري ۽ انقلاب ان نفي جي نفي ڪرڻ جو عمل آهي، جنهن سان هڪ نئون ۽ مڪمل انسان جنم وٺي ٿو. ڳالهه جو حاصل مطلب ته فرد جي ذات جي نشوونما ۽ ان جي روحاني ترقيءَ لاءِ انسان دوست اقتصادي نظام جو هجڻ ضروري آهي."

جيئن حضرت سنڌي فرمائن ٿا: "عوام جي معاشي ۽ اقتصادي حالتن جي اصلاح، سندن اخلاق جي اصلاح لاءِ اول شرط آهي. اقتصادي نظام جي ٺيڪ ۽ صحيح هجڻ جو نتيجو هي نڪرندو ته انساني اجتماعيت جا اخلاق مڪمل ٿيندا. پوءِ انهن اخلاقن جي تڪميل ئي قبر ۽ حشر جي مصيبتن کان انسان کي نجات ڏياريندي. پوءِ ٻئي درجي ۾ جنت جي نعمتن مان مستفيد ٿيڻ جي قوت پيدا ڪندي ۽ ٽئي درجي تي پهچي ڪري فرد کي رب العالمين جي ديدار لاءِ تيار ڪندي." (الفرقان، ولي الله نمبر ص 320)

اسان جي هن مٿئين تحرير مان شاهه صاحب جي فڪر ۾ معيشت جي اهميت جي باري ۾ خبر پوي ٿي ۽ شاهه صاحب جي خصوصيت ۽ امتيازي حيثيت جي ڄاڻ به ملي ٿي. حقيقت هيءَ آهي ته شاهه صاحب جي فلسفي ۾ تصوريت پسندانه نظريي کي رد ڪيو ويو آهي. پاڻ سماج جي جوڙجڪ ۽ معاشرن جي تشڪيل جا مادي ۽ معاشرتي سبب ٻڌائن ٿا. ۽ ان سان گڏ معاشرن جي جوڙجڪ، قومن جي عروج ۽ زوال ۾ معيشت کي بنيادي اهميت جي نظر سان ڏسن ٿا. پر ان سان گڏ اخلاق، معيشت ۽ مذهب جي پاڻ ۾ مليل ڳانڍاپي کي بيان ڪري انهن کي سماج جي تعمير ۽ تقريب جو حقيقي محرڪ قرار ڏين ٿا. حقيقت ۾ شاهه صاحب اسلامي تاريخ جا پهريان حڪيم آهن جن انسان جي سماجي ارتقا جي نظريي، انساني تهذيب جي ارتقا، ان جي مختلف مرحلن ۽ مرحلن جي محرڪن ۽ مقتضيات ۽ سببن ۽ انهن جي عروج ۽ زوال جو هڪ تجزيو ڪيو آهي. شاهه صاحب ئي پهريون حڪيم آهي جنهن علم الاجتماع ۽ علم الاخلاق ۾ علم الاقتصاد کي بنيادي اهميت ڏني آهي.

مارڪس شاهه صاحب کان گهڻو پوءِ پيدا ٿيو جنهن اشتراڪيت ۽ سرمايئدارانه نظام جي باري ۾ تسلسل سان پنهنجو نظريو پيش ڪيو ۽ دنيا ۾ هلچل مچائي ڇڏي. مارڪس پنهنجي اقتصادي نظريي کي پيش ڪرڻ وقت مذهب کي خارج ڪري ڇڏيو بلڪ سندس فلسفو لاديني فڪر تي قائم آهي. مارڪس مذهب کي عادل اشتراڪي نظام جو مخالف ۽ دشمن قرار ڏئي ٿو. جڏهن ته شاهه صاحب "عدل" ۽ "رب" جهڙن خدائي صفتن کي عقلي دلائل سان واضح ڪري علم الاقتصاد کي مذهب جو پابند ٻڌائي ٿو. تنهن ڪري شاهه صاحب جي حجت الله البالغه ۽ بدور بازغه کي داس ڪيپٽال (Das Capital) تي ترجيح ۽ فوقيت آهي.

# انفاق في سبيل الله

## مولانا عبداللطيف نانگراج

فطرت جو هيءُ سڌو ۽ ساڌو اصول آهي ته معاشرت ۽ معيشت ۾ سڀ انسان هڪ جهڙا ناهن ۽ قدرتي صلاحيتن جي خيال کان به انهن ۾ وڏو فرق آهي. ڪن ۾ ڪمائڻ ۽ دولت حاصل ڪرڻ جو صلاحيتون اعليٰ معيار جون هونديون آهن ته ڪن ۾ وري گهٽ. ڪن کي وري سازگار ماحول ملي وڃڻ جي ڪري ترقي جا موقعا ملي ويندا آهن ۽ اهي پنهنجي معيشت بهتر ڪري وٺندا آهن. ڪي ويچارا مواقع حاصل نه هجڻ ڪري زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ پوئتي پئجي ويندا آهن. بهرحال معيشت ۾ اختلاف فطري حد تائين برو نه آهي. ڇو ته انسان ڪو مشين يا گاڏي ته ناهي جنهن کي هڪ ئي بٽڻ تي پيو هلائجي. پر جيڪڏهن اها معاشي اڻ برابري حد کان وڌي وڃي ته اها معاشري لاءِ تباهيءَ ۽ بربادي جو وڏو ڪارڻ بنجي پوي ٿي. تنهن ڪري هر آسماني مذهب ماڻهن جي مالن ۾ غريبن جو حق رکيو آهي ۽ غريبن، يتيمن، مسڪينن ۽ ضرورت مندن تي خرچ ڪرڻ جي تعليم ڏني آهي. هاڻي ته "مستحقن جي مدد ڪرڻ" اهڙو عالمگير اصول تسليم ڪيو ويو آهي جو مذهب جا مخالف به ان جو انڪار نٿا ڪري سگهن.

اسلام جي اقتصادي نظام جو هڪ بنيادي جز "انفاق" آهي. انفاق جي معنيٰ آهي خرچ ڪرڻ، ٻئي جي ضرورت پوري ڪرڻ. يا ڪنهن ڪمي يا نقص کي ختم ڪرڻ. ان کي آسان ڪجي ته مطلب هي نڪرندو ته اهڙي طرح خرچ ڪرڻ جو معاشري جي اڻ برابري ختم ٿي وڃي، يا اخلاقي ڪمزوريون جيڪي انسانن جي بنيادي ضرورتن جي پوري نه ٿيڻ جي ڪري پيدا ٿين ٿيون، انهن کي دور ڪرڻ. قرآن پاڪ ۽ حديث جي روءِ سان انفاق هڪ وسيع ۽ جامع معنيٰ رکندڙ لفظ آهي. اسان وٽ انفاق جي قانوني حيثيت (Obligation)، ڪي صرف



www.sindsalamat.com

زڪوات ۾ محدود ڪيو ويو آهي، باقي انفاق جا حڪم، مستحب يا مندوب (Recommended Act) جي دائري ۾ شامل ڪيا ويندا آهن. ان سوچ جي بنيادي غلطي دولت ۽ ملڪيت جي باري ۾ اسلام جي نقطي نظر کي صحيح طور نہ سمجهڻ آهي.

حقيقت هيءَ آهي تہ دولت ۽ ملڪيت تي قرآن پاڪ مستقل مالڪ هجڻ جو حق ابتدا کان تسليم ئي نہ ڪيو آهي. ارشاد خداوندي آهي:

إِنَّ اللهَ اشْتَرَىٰ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ أَنْفُسَهُمْ وَأَمْوَالَهُمْ بِأَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ﴿التوبہ: 111﴾

”بلاشبه الله تعاليٰ مؤمنن کان سندن جانيون ۽ مال ملڪيتون خريد ڪري ورتيون آهن. هن قيمت تي (خريد ڪيو اٿس تہ) کين بهشت (جي دائمي زندگي) ملي.“

يعني مال ۽ ملڪيت جو حقيقي مالڪ الله تعاليٰ آهي، باقي انسان ان جو امين ٿي ڪري ان مال ۽ ملڪيت کي سندس بندن جي ڀلائي لاءِ خرچ ڪرڻ جو پابند آهي. هڪ هنڌ تہ مال جي سڌي نسبت خدا تعاليٰ پاڻ ڏي ڪئي آهي:

وَآتُوهُمْ مِنْ مَالِ اللهِ الَّذِي آتَاكُمْ ﴿النور: 33﴾

هتي تہ تاويل جي ڪا گنجائش ئي نہ آهي. دولت ۽ ملڪيت کي پنهنجي مستقل مالڪي ڏيکارڻ قارون جي ذهنيت آهي. جيئن قرآن پاڪ قارون جي ذهنيت جي ترجماني هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

قَالَ إِنَّمَا أُوتِيتُهُ عَلَىٰ عِلْمٍ عِنْدِي ﴿القصص: 78﴾

”(قارون جواب ۾) چيو تہ مون کي جو هيتري دولت ملي آهي سا يقيناً مون پنهنجي علم (عقل ۽ هنر ۽ محنت) سان حاصل ڪئي آهي. (مون تي خدا ڪو احسان ڪونہ ڪيو آهي.)“

مال ۽ دولت تي پنهنجي مستقل مالڪي ڏيکارڻ، ان کي عام ڀلائي لاءِ خرچ نہ ڪرڻ، فساد آهي. جيئن هن آيت کان اڳين آيت مان ظاهر ٿئي ٿو. جنهن ۾ قارون کي سندن قوم چيو:

وَلَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِي الْأَرْضِ ۖ إِنَّ اللهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِينَ ﴿القصص : 77﴾

هڪ ٻئي هنڌ ارشاد آهي:

وَالَّذِينَ يَكْنِزُونَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا يُنْفِقُونَهَا فِي سَبِيلِ اللهِ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿التوبہ: 34﴾



“۽ جيڪي ماڻهو سون چاندي پنهنجي خزاني ۾ گڏ ڪري رکندا رهن ٿا ۽ ان کي الله جي راهہ ۾ خرچ نہ ٿا ڪن تن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ”. هن آيت ۾ لفظ “ڪنز” آيو آهي، تنهن ڪري هن آيت جي تفسير ۾ عام عالمن ۽ محققن جو مسلڪ هي آهي تہ جنهن مال مان زڪوات ۽ ٻيا مالي فريضا ادا نہ ڪيا وڃن، اهو مال “احتڪار” (بنيادي ضرورت جي شين کي روڪي رکڻ) ۽ “اڪتناز” (دولت کي گڏ ڪرڻ) جي فهرست ۾ شامل آهي، انڪري اهو ڪنز جي باري ۾ آيل وعيد ۽ خدائي سزائن جو ڪارڻ بڻبو. اهڙي قسم جي دولت ۽ ثروت جو نالو “سرمايه پرستي” آهي. سورة همزه ۾ مال کي گڏ ڪندڙ لاءِ هلاڪت ۽ جهنم جي وادي جو وعيد ٻڌايو ويو آهي. ارشاد آهي: الَّذِي جَمَعَ مَالًا وَعَدَّدَهُ ﴿الهمزه: 2﴾ “جنهن جي (زندگيءَ جو مقصد) مال کي ميڙي ۽ ان جي ڳڻ ڳڻان ڪرڻ رهيو آهي.”

هي ڪجهہ آيتون هيون جن کي اڳيان رکي ڪري هي نتيجو واضح طور نڪري ٿو تہ انسان پاڻ دولت جو مستقل مالڪ نہ آهي بلڪ، الله تعاليٰ جو امين آهي ۽ مال ۽ دولت کي گڏ ڪري رکڻ جائز نہ آهي بلڪ ان کي عام ڀلائي لاءِ يعني جيڪي حاجتمند آهن، انهن تي خرچ ڪرڻو آهي. دولت کي پنهنجي مستقل ملڪيت سمجهڻ، ان کي گڏ ڪري رکڻ (يعني مستحقن ۽ ضرورتمندن تي خرچ نہ ڪرڻ، بلڪ پنهنجون تجوڙيون ڀرڻ يا غيرضروري ڪمن ۽ عياشين تي پئسو لٽائڻ) قارون جي ذهنيت جي ترجماني آهي. جيڪو فساد آهي ۽ مفسدين کي الله تعاليٰ پسند نہ ڪندو آهي.

جڏهن انسان قرآن جو مطالعو ڪري ٿو تہ ڏسي ٿو تہ ان ۾ زڪواة کان علاوه جا بجا انفاق جو حڪم پڻ ڏنو ويو آهي ۽ ان سان گڏ مال گڏ ڪرڻ واري لاءِ سخت وعيد بيان ڪيا آهن. هاڻي جيڪڏهن انهن آيتن جون اهي تاويلون ڪجن تہ “گڏ ڪرڻ” مان مراد آهي زڪواة نٿو ڏئي يا وري “انفاق”مان مراد بہ صرف زڪوات آهي. يا وري جيڪڏهن زڪواة کان علاوه جيڪو انفاق جو حڪم آهي اهو مستحب آهي، فرض ۽ لازم نہ آهي، صحيح نظر نٿو اچي. ڇا زڪواة ڪانپوءِ ماڻهو پنهنجي مال جو مستقل مالڪ آهي ۽ ان کي جيئن وڻي تيئن ان کي خرچ ڪري؟ ڀلي گڏ ڪري رکي؟ پوءِ جيڪڏهن ائين آهي تہ ان لاءِ زڪواة جو حڪم ئي ڪافي هئو باقي پوءِ گڏ ڪرڻ لاءِ وعيد ۽ انفاق جي مطلق لفظ ڳالهائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هيءَ ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ انفاق جي معنيٰ رڳو خرچ ڪرڻ ناهي بلڪ اهڙي طرح خرچ ڪرڻ آهي جيئن معاشي

www.sindsalamat.com

اڻ برابري ختم ٿي وڃي. اهڙي طرح جو عام طور تي ماڻهن جون بنيادي ضرورتون يعني کائڻ، پهرڻ، رهڻ، صحت ۽ تعليم آساني سان پوريون ٿين. رياست بہ اهڙِ نظام جوڙڻ جي پابند آهي. انفاق جي ٻين حڪمن کي صرف مستحب جي حيثيت ڏيڻ، اهو بہ صحيح نظر نٿو اچي. حقيقت هيءَ آهي تہ ڪو بہ نظام پنهنجا گهربل نتيجا قانوني حيثيت کانسواءِ ڏئي ئي نٿو سگهي. جيڪڏهن اسلام جي اقتصادي پاليسي جو بنياد سماجي ڀلائي ۽ عام مفاد تي آهي تہ پوءِ يقيناً انفاق جي بہ قانوني حيثيت تسليم ڪرڻي پوندي.

قرآن پاڪ ۾ ڪيتريون ئي آيتون آهن جن ۾ چيو ويو آهي تہ سرندي وارن جي مالن ۾ غريبن ۽ مسڪينن جو حق آهي؛ الذاريات: 19، المعارج: 25. سورة النحل ۾تہ هيئن بہ چيو ويو آهي تہ: فهم فيه سواء (النحل: 71) "حالانڪ سڀ ان ۾ هڪ جهڙا حقدار آهن"

هاڻي مسئلو هي آهي تہ جيڪڏهن زڪواة کانپوءِ بہ معاشي اڻ برابري رهي ٿي ۽ اڪثر طبقو غربت ۽ مفلسي جي ڪري پنهنجن بنيادي ضرورتن کان بہ محروم آهي تہ ڇا پوءِ بہ انفاق کي قانوني حيثيت نہ ڏبي؟ ۽ مٿين آيتن ۾ "حق"مان ڇا مراد آهي؟ صرف زڪواة ڏيڻ يا انهن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ؟ سوره النحل ۾ تہ هينئين طبقي کي انهن جو برابر جو حقدار قرار ڏنو ويو آهي. ۽ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن سماج ۾ رهندڙ انسانن جي عام حالت فطري حد تائين هڪ جهڙي هوندي.

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله جو قول آهي تہ: ان في المال حقاً سوا الزكوٰة (بخاري، ڪتاب الزڪواة) "تہ مال ۾ زڪواة کانسواءِ بہ ٻيا (لازمي ۽ ضروري) حق آهن." اصل مسئلو هي آهي تہ جيڪڏهن معاشري ۾ معيشت توازن ۽ اعتدال ۾ آهي، عام طبقي کي ڪا مشقت ۽ غير ضروري ڏکيائي پيش نٿي اچي ۽ زڪواة جي ادائگي سان طبعي توازن قائم رهندو اچي ٿو ۽ ان ۾ ڪو بہ بگاڙ نٿو اچي تہ ان صورت ۾ اضافي ٽيڪس لڳائڻ جي يقيناً ضرورت نہ آهي. پر جيڪڏهن طبقاتي نظام قائم ٿي وڃي يا ڪا هنگامي حالت پيش اچي تہ ان صورت ۾ زڪواة کانسواءِ ٻيا اضافي ٽيڪس لڳائي صورتحال کي بيلنس ۾ رکڻ ضروري آهي. پوءِ ان ۾ اها صورت بہ آهي جو ماڻهن کي پئسو بينڪن يا ٽجوڙين ۾ گڏ ڪرڻ نہ ڏنو ويندو، بلڪ جيڪڏهن ڪا وڏي آفت اچي وڃي جنهن سان سماج جو غريب طبقو گهڻو متاثر ٿئي تہ ان صورتحال ۾ ضروت کان وڌيڪ رکڻ گناهہ جي زمري ۾ اچي ٿو ۽ اهو فساد آهي، ان کان



جبري طور تي روڪيو ويندو. ان باري ۾ ارشاد آهي: وَيَسْأَلُونَكَ مَاذَا يُنفِقُونَ قُلِ الْعَفْوَ ﴿البقرة:219﴾ "(اي پيغمبر!) ۽ تو کان پڇن ٿا تہ حق جي راهہ ۾ ڇا خرچ ڪيون؟ انهن کي چئُ تہ جيڪي توهان جي ضرورتن کان وڌيڪ هجي سو خرچ ڪيو."

مطلب تہ ضرورت جي حالتن ۾ ماڻهن کان جيڪڏهن ذاتي ملڪيت ڇڏائڻي پئي تہ اها بہ جبري طور تي ڇڏائي سگهجي ٿي. پر جيڪڏهن انفاق جا حڪم ترغيبي ۽ استحبابي تسليم ڪيا وڃن تہ بہ حڪمت جو اصول هي آهي تہ ضرورت جي وقت ترغيبي حڪم قانوني حيثيت اختيار ڪري وٺندا آهن. ۽ جيڪڏهن انفاق جي فلاسافيءَ تي غور ڪيو وڃي تہ اها معنيٰ وڌيڪ چٽي نظر ايندي.

هاڻي اسان هتي ڪجهہ "آثار"ذڪر ڪيون ٿا، جن مان مٿين حقيقت جي ڄاڻ ملي ٿي. حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو: "جنهن شخص وٽ ضرورت کان وڌيڪ قوت ۽ طاقت جو سامان آهي تہ اهو ان کي ڏئي جنهن وٽ نہ آهي ۽ جنهن وٽ ضرورت کان وڌيڪ کائڻ پيئڻ جو سامان آهي، اهو غريب ۽ مسڪين کي ڏئي." حضرت ابو سعيد خدري  جن فرمائن ٿا تہ ان کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن مستحقن جا نالا ڪنيا، ايسيتائين جو اسان کي گمان ٿيو تہ بچت مال ۾ تہ اسان جو حق ئي نہ آهي."

حضرت علي رضي الله عنه جو قول آهي تہ: "الله تعاليٰ دولتمندن تي اهو لازم ڪري ڇڏيو آهي تہ اهي غريبن ۽ مسڪينن جي اهڙي طرح مدد ڪن جو اها انهن کي ڪفايت ڪري وڃي. جيڪڏهن (انهن جون بنيادي ضرورتون پوريون نہ آهن بلڪ) اهي ڪپڙي لٽي کان عاري، مالي مصيبتن ۾ جڪڙيل آهن تہ اها ڳالهہ نتيجو آهي هن ڳالهہ جو تہ سوسائٽي ۾ دولت مند پنهنجا حق پورا نٿا ڪن. ۽ قيامت جي ڏينهن ان باري ۾ انهن کي جواب ڏيڻو پوندو."

اهڙا ڪوڙ سارا آثار ذڪر ڪري آخر ۾ علامه ابن حزم لکي ٿو تہ سماج ۾ دولت مندن تي غريبن ۽ مسڪينن جي معاشي ڪفالت ڪرڻ لازم آهي ۽ جيڪڏهن قومي خزاني جي آمدني، غريبن ۽ مسڪينن جي ضرورت پوري نٿي ڪري سگهي تہ حڪومت تي لازم آهي تہ اها دولت مندن تي اضافي ٽيڪس هڻي غريبن جي ضرورت پوري ڪري ۽ حضرت ابو سعيد خدري واري روايت تي تبصرو ڪندي لکن ٿا تہ "صحابہ رضي الله عنهم جو اجماع آهي تہ سماج ۾ جيڪڏهن ڪو شخص ننگو، بکيو يا بنيادي ضرورتن کان محروم

آهي تہ مالدارن جي ضرورت کان واڌو مال مان ان جي ضرورت پوري ڪرڻ لازمي آهي”. (محلي ج 6، ص 108)

# آزاديءَ جو حقيقي مفهوم

**مولانا عبداللطيف نانگراج**

دنيا جي ٻين ڪيترن ئي لفظن ۽ اصطلاحن وانگي، اسلامي نقطي نگاهہ کان “آزاديءَ” جو مفهوم (Concept) بہ ان مفهوم کان مختلف آهي جيڪو دنيا جي ٻين قومن ۾ سمجهيو يا تصور ڪيو وڃي ٿو.

جيئن ابوالڪلام آزاد رحہ لکن ٿا: “اسان تورات جا صحيفا ڏٺا، زبور جون دعائون پڙهيون، سليمان جا مثل نظرن جي اڳيان گذريا، يسوع جي اخلاقي تعليم جا واعظ ٻڌا. انهن سيني ۾ هر جاءِ تي عاجزي، انڪساري، نوڙت، ظلم سهڻ، درگذر ڪرڻ، سماحت ۽ عفوو ڪرم جا ظاهر ۾ دل لڀائيندڙ سراب صفت منظر نظر آيا. پر انهن مان اهي اصول ئي پونيرن حذف ڪري ڇڏيا جيڪي قومن ۾ خود داري، سر بلندي ۽ سچ چوڻ جي صلاحيت جا جوهر پيدا ڪندا آهن. جن جي ڪري قومن جي ڳچين ۾ سچائيءَ ۽ آزادي ۽ حق پرستي جو اهڙو تہ “العروة الوثقىٰ” هوندو آهي جيڪو نہ تلوار سان ڪٽجي سگهجي ٿو، نہ وري باهہ ان کي ساڙي سگهي ٿي ۽ نہ ئي وري محبت ۽ خوف جا ديو ان کي ٽوڙي سگهن ٿا. چو تہ انهن اهڙي شيءِ کي پنهنجي دماغ ۽ دل ۾ مضبوطيءَ سان جهلي رکيو آهي، جيڪا ٽٽڻ يا ڀڃڻ جي ناليءَ کان واقف ئي ناهي.” (اسلام مين آزادي کا حقيقي تصور)

اهو آزاديءَ جو ڪهڙو تصور آهي؟ آزاديءَ جي ڇا معنيٰ آهي؟

اهو آهي توحيد جو عقيدو. خدا جي بندگيءَ جو يقين. اسلام جي نظر ۾ آزاديءَ جو مفهوم هي آهي تہ انسان الله کان سواءِ هر ڪنهن جي بندگي ۽ اطاعت کان آزاد ٿي وڃي. ايتري تائين جو پنهنجي نفس، پنهنجن خواهشن، پنهنجن مفادن ۽ اهڙن ٻين قوتن جا طوق لاهي ڪري صرف هڪ خدا جي غلامي جي رسي پنهنجي ڳچيءَ ۾ پائي.



www.sindsalamat.com

حقيقت هيءَ آهي ته ڪائنات جي هن تڪويني نظام ۾ انسان جو رتبو ۽ درجو سڀني کان مٿي آهي. هن ڪائنات ۾ انسان کي مرڪزي حيثيت ڏني وئي آهي. قدرت جي طرفان انسان کي هيءَ صلاحيت عطا ڪئي وئي آهي ته اهو ڪائنات جي سڀني شين مان فائدو حاصل ڪري پنهنجي مقصد تائين رسائي حاصل ڪري، هيءَ پوري ڪائنات انسان کي فرمانبردار ۽ تابع ڪري ڏني وئي آهي. تنهن ڪري اسان ڏسون ٿا ته انسان پنهنجي عقل ۽ عمل سان هن ڪائنات جي شين کي مختلف صورتن ۽ شڪلين ۾ تبديل ڪري انهن مان پنهنجا غرضَ پورا ڪندو رهي ٿو.

انسان جي ڪائنات ۾ مرڪزي حيثيت يا ٻين جي ڀيٽ ۾ جيڪو ان کي بلند درجو عطا ڪيو ويو آهي، ان جو سبب هيءُ آهي ته انسان هن دنيا ۾ خدا تعاليٰ جو "خليفو" آهي. خدا جي صفتن جو هن دنيا ۾ ظهور انسان جي ذريعي ئي ٿيڻو آهي. ۽ خدا جي صفتن جو جلوه گاهه بڻجڻ جو مطلب آهي ته انسان پاڻ کي اخلاقي طور تي سگهارو ڪري. اخلاقيات جو سڌارو هڪ گڏيل سٺي معاشري کانسواءِ ممڪن نه آهي ۽ هڪ سٺو گڏيل معاشرو آزاديءَ کانسواءِ ٻي ڪابه معنيٰ نٿو رکي. تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته آزادي ۽ انسان لازم ۽ ملزوم آهن. ان جو ئي نالو دين قيم آهي. يعني آزاد انسانن جي جڙيل معاشري جو قانون، يا انسانيت جي آزاديءَ جو قانون.

تنهن ڪري جيڪي شخص، قومون يا معاشرا، آزاديءَ جي نعمت کان محروم آهن، انهن کي اڳ ۾ آزادي ملڻ گهرجي. ڇو ته آزاديءَ کانسواءِ سٺا ڪردار پيدا ڪرڻ يا بهترين معاشرا جوڙڻ، ناممڪن آهي. ان جو وڏو دليل هي آهي ته حضرت موسيٰ عليه الصلاة والسلام فرعون کي پهريان ائين نه چيو ته "مسلمان ٿي!" بلڪ ان کي چيائون ته: "بني اسرائيلين کي آزاد ڪر!" ۽ بني اسرائيلين کي خدا جا حڪم يا قانون يا شخصي ذميواريون به تڏهن ڏنيون ويون جڏهن انهن کي فرعون کان آزادي ملي. ڇو ته غلامي انسان جي صلاحيتن ۽ خوبين کي ختم ڪري ڇڏي ٿي، پوءِ انسان اعليٰ پروگرام يا صحيح نصب العين کي سمجهي نٿو سگهي.

حقيقت ۾ آزاديءَ جي نقطي جي ابتدا به توحيد جو عقيدو آهي ته انتها به توحيد. يا وري چئجي ته توحيد هڪ مرڪز يا محور آهي جنهن جي چوڌاري آزادي طواف ڪري ٿي، يا شايد ڪنهن درجي ۾ اهي ٻئي هڪ به ٿي سگهن ٿا.



توحيد جي اها ڪهڙي معنيٰ آهي ۽ آزاديءَ جو اهو ڪهڙو مفهوم آهي جيڪو هڪ ئي معنيٰ ۾ اسان جي سامهون اچي ٿو. اها هيءَ معنيٰ آهي ته انسان دنيا ۾ ڪنهن جو غلام نه آهي. اهو صرف هڪ الله جو ٻانهو آهي. جيڪڏهن اهو پاڻ کي ٻئي ڪنهن جو غلام بڻائيندو ته اهو مشرڪ آهي. ۽ قرآن جو قول آهي ته: "مشرڪ لاءِ مغفرت نه آهي." (النساء)

قرآن جو حڪم هي آهي ته اعليٰ اقتدار ۽ حاڪمانه قوت صرف خدا تعاليٰ جي ئي آهي. ماڻهو ماڻهوءَ غلام نه آهي، طبقا طبقن جا غلام نه آهن، قومون قومن جون غلام نه آهن. عبديت صرف الله تعاليٰ جي آهي. حڪم صرف الله تعاليٰ جو آهي، اها ئي توحيد آهي ۽ حقيقي آزادي. ان کانسواءِ ٻئي جي اڳيان جهڪڻ، پاڻ کي غلاميءَ ۾ جڪڙڻ آهي. حقيقي آزادي ان نسان کي حاصل آهي جنهن جي دل ۽ دماغ ۾ خدا جو خوف ۽ ان جي اميد سندس مرڪز هجي. حقيقي آزاد معاشرو اهو چئبو جيڪو بادشاهه، شهنشاهه، قانون جو واضع، شارع ۽ قانون ساز اسيمبليءَ جو مرڪز صرف خدا کي مڃيندڙ هجي.

قرآن چوي ٿو ته:

لَا تَتَّخِذُوا إِلَٰهَيْنِ اثْنَيْنِ ﴿النحل: 51﴾

"ٻه الله ڪري نه وٺو."

عقيدو ته هڪ خدا جو هجي پر قانون ۽ غلبو يا طاقت وري ڪنهن ٻي قوت لاءِ تسليم ڪجي. جيئن اسلام کان اڳ ۾ انسان هي سمجهندو هو ته حق، طاقت ۽ غلبي جو نالو آهي، پر اسلام ٻڌايو ته نه، بلڪ خدا جو نالو حق آهي ۽ غلبو به ان جو ئي آهي، خدا کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي "حق" ناهي ته خدا جي ٻانهن کي غلام بڻائي. ان مان هي به معلوم ٿيو ته حقيقي آزادي، انساني مساوات سان جڙيل آهي، ته سڀ انسان خدا جا ٻانها ۽ ان جا پيدا ڪيل آهن. تنهن ڪري برتري ۽ فوقيت جو ته تصور ئي نٿو ڪري سگهجي ۽ جيڪڏهن برتري ۽ فضيلت آهي به ته مرڪز جي قرب ۽ بعد جي لحاظ کان:

إِنَّ أَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللَّهِ أَتْقَاكُمْ ﴿الحجرات: 13﴾

انساني حقن جو هي اعلان فرانس جي انقلاب کان يارنهن سو سال پهريان گذري چڪو آهي، هي صرف اعلان ئي نه آهي، بلڪ گبن (Gibon) جي قول مطابق "اهڙو معاشرو، جنهن جو مثال ڳولڻ، غلطي ڪرڻ جي مترادف آهي."

## آزادي جي بنيادي گهرج

هڪ ته آزاديءَ جي سڀ کان پهرين ۽ بنيادي تقاضا، ذهني آزادي آهي. ذهني طور تي جڪڙيل فرد يا قوم يا معاشرو، ڪڏهن به عملي آزادي حاصل نه ڪري سگهندو، بلڪ ان لاءِ تصور به نه رکي سگهندو. خارجي غلاميون چاهي اهي معاشي استحصال، سياسي غلامي يا سماجي جبر ۽ ڏاڍ تي مبني هجن، اهي سڀ ذهني غلاميءَ جا عڪس هونديون آهن.

تنهن ڪري انفرادي طور تي ذهن آزاد هجن، فرد آزاديءَ سان سوچي سمجهي نتيجا ڪڍي ته پوءِ ئي اهو ڪو عملي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. جو ته آزاديءَ سان سوچيل ۽ ڪڍيل نتيجن سان ئي عملي راهون آسان ٿينديون آهن. جيئن مولانا حفظ الرحمان رح چون ٿا: "هر انسان کي هي بنيادي حق مليل آهي ته اهو پنهنجي عقيدي جي مطابق ڪنهن شيءِ جي فيصلي ڪرڻ ۾ آزاد هجي. جو ته سچائيءَ جي تلاش ڪنهن گروهه يا ٽولي جي ميراث نه آهي، بلڪ هر هڪ انسان کي هي حق آهي ته اهو جنهن شي جي باري ۾ صحيح يا غلط جو تصور رکي ٿو ۽ ان وٽ دليل به آهن، ته اهڙي ڳالهه چوڻ ۾ اهو آزاد آهي. پوءِ ڀلي ڪٿي ان جي راءِ ٻين رهنمائن يا قائدين جي خلاف هجي، يا ان جي قومي راءِ جي خلاف هجي. جيڪڏهن اسان ماڻهن کي آزاد طريقي سان سوچڻ کان روڪيون يا انهن کي پنهنجن نتيجن کي بيان ڪرڻ کان روڪيوسين ته ڪيترائي سچائي جا نڪتا تاريخ جي صفحن ۾ ڇتجڻ کان رهجي ويندا ۽ انسانيت ڪنهن حد تائين سچائي کان به محروم رهندي. تنهن ڪري اسان کي ايتري نرمي يا آساني ضرور ڪرڻ کپي ته هر انسان کي سندس تصور يا خيال ظاهر ڪرڻ ضرور ڏنا وڃن. پوءِ انهن جي سچائيءَ جي بنيادي معيارن (Universal Truth) تي پرک ڪري فاسد کي ڦٽو ڪجي ۽ سٺي کي قائم رکجي ته جيئن حق غالب رهي ۽ باطل ختم ٿي وڃي."

## ترقيءَ لاءِ آزاديءَ جي ضرورت

پيو ته عام طور تي چيو ويندو آهي ته "ترقيءَ لاءِ آزادي ضروري آهي." پر هتي جيڪا اهم ڳالهه آهي، اها هيءَ آهي ته اسلامي نقطي نگاهه کان ترقي مان مراد جامع ترقي آهي، جيڪا روحاني ۽ مادي ٻنهي شين تي شامل هجي. يعني دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي آزادي سان جڙيل آهي. اصل ۾



حقيقت هيءَ آهي ته انسان جي زندگي هڪ تسلسل جو نالو آهي، جنهن جا ٻه رخ آهن، پر انهن مان آخري، اول تي موقوف آهي. يعني آخرت جي ڪاميابي، دنيا جي ڪاميابيءَ تي دارو مدار رکي ٿي، جيڪڏهن هتي انسان خدا جي صفتن جو ڪامل درجي ۾ مظهر بڻيو هوندو ته آخرت ۾ راحت ۽ سڪون ۾ رهندو. ۽ دنيا جي ڪاميابي، ان ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ، آزادي تي موقوف آهي. صحيح آزاد معاشرا ئي بهترين اخلاقي شخصيتن کي جنم ڏيندا آهن. تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته تمدني ترقي به ڪنهن حد تائين اخلاق کي متاثر ڪري ٿي.

هن مان هي به معلوم ٿيو ته دين ۽ دنيا جي تقسيم جو تصور صحيح نه آهي. مسلم ملڪن ۾ هي رجحان لڏو ويندو آهي ته دين جي حاصل ڪرڻ لاءِ "ترڪ دنيا" کي اختيار ڪرڻ گهرجي. دين ۽ دنيا گڏ نٿا ٿي سگهن. مٿي ذڪر ڪيل قضيا هن ڳالهه جو نتيجو آهن ته اسان اسلام جي مزاج کي سمجهيو ئي نه آهي. اسلام سڀ کان اڳ ۾ پنهنجي معاشري ۽ پنهنجي نظام جي ڳالهه ڪري ٿو، بلڪ پنهنجن اصولن تي پيدا ڪيل بهترين معاشري کي ٻين قومن جي اڳيان دعوت جي دليل طور پيش ڪري ٿو. تنهن ڪري اهڙي تقسيم جي ڪا به گنجائش نه آهي.

ان باري ۾ اسان مولانا عبيدالله سنڌي جو آخر ۾ هي ٽڪرو بيان ڪيون ٿا جيڪو "تفسير المقام المحمود" ۾ سورة الانشقاق ۾ لکيو اٿن:

"آخرت جا معاملا سمجهڻ لاءِ هڪ مضبوط ۽ فلسفي ذهن کپي. خبر ناهي، الاءِ جو عام مسلمانن جا ذهن ڪنهن منظم ۽ مستحڪم عملي پروگرام جي طرف توجهه نٿا ڏين. اسان جو خيال آهي ته مخالفن جي پروپيگنڊا انهن جي ذهن کي گهڻو متاثر ڪيو آهي ۽ اهي ان پروپيگنڊا جي اثر هيٺ اچي ويا ۽ ان سان گڏ هن خيال به سندن ذهنن کي خراب ڪيو جيڪو ڪن صوفي منش ماڻهن انهن جي اڳيان پيش ڪيو ته دين ۽ دنيا گڏ نٿا ٿي سگهن، يعني جيڪڏهن مسلمان آخرت جي فلاح ۽ ڀلائي گهرن ٿا ته دنيا کي بلڪل ڇڏي ڏين. هن فڪر جي غلبي اڳتي هلي مسلمانن کي تمدني ترقي ڪرڻ نه ڏني، بلڪ ان لاءِ رڪاوٽ بڻجي پيو. جڏهن ته پهرئين دور جا بزرگ دنيا جي ڪمن ڪارن ۾ به اڳيا اڳيان هوندا هئا. امام ابو حنيفه رح پاڻ هڪ صوفي بزرگ هو، پر واپار به ڪندا هئا ۽ ان سان شاگردن، فقيرن ۽ غريبن جي خدمت ڪندا هئا." (ص 78)

www.sindsalamat.com

تنهن ڪري بنيادي نڪتو هيءُ آهي ته دين جي فلاح لاءِ دنيا جي تعمير ضروري آهي. ۽ دنيا جي تعمير لاءِ آزاديءَ جو هجڻ ۽ آزاديءَ جو جذبو هر وقت زنده رهڻ ضروري آهي.

اها هڪ ڪليل حقيقت آهي ته آزاديءَ کانسواءِ دين جو ڪافي حصو عمل کان رهجي ويجي ٿو. تنهن ڪري حقيقي ترقي لاءِ حقيقي آزاديءَ جو هجڻ ضروري آهي.

# دين جي تجديد جي تحريڪ ۽ شاهه ولي الله رحمة الله عليه

**مولانا اخلاق حسين قاسمي**
اختصار: مولانا عمران الله سومرو

امام شاهه ولي الله دهلوي رحمة الله عليه جي دور ۾ شروع ٿيندڙ دين جي تجديد جي تحريڪ جا علمي ۽ فڪري اهڃاڻ سمجهڻ لاءِ ان جي تاريخي پس منظر جو ڄاڻڻ ضروري آهي.

اورنگزيب جي وفات (1707ع) کان پوءِ مغل سلطنت جي زوال جون نشانيون ظاهر ٿيڻ شروع ٿي چڪيون هيون. جيڪي لڳ ڀڳ ڏيڍ سو سالن جي عرصي ۾ مغل حڪومت جي پڄاڻي جي صورت ۾ پنهنجي نتيجي تي پهتيون.

هي رڳو ڪنهن حڪومت جو پورو ٿيڻ نه هيو بلڪ هن سان مغل تهذيب، اسلامي روايتون ۽ شاندار مضبوط قدر پڻ فنا ٿي ويا. ڏيڍ سو سالن جو هي دور ٻارهن مغل شهنشاهن جي عياشيانه زندگي، سياسي اٿل پٿل اندروني سازشن، ٻاهرين حملن، معاشي بدحالي اخلاقي ڇڙواڳي ۽ تهذيبي زوال جهڙا منظر پنهنجي ڪک ۾ سانڍيو ويٺو آهي. جنهن تي هڪ مورخ هنن لفظن لکڻ تي مجبور ٿيو پوي ته "عمل ۽ ترقي جي قوت کان محروم هيءَ صدي زوال پرستي کي بطور هڪ لازمي نتيجي جي قبول ڪيون ويٺي آهي." پر تعجب جهڙي ڳالهه هي آهي ته اهڙي سياسي ابتري جي باوجود مسلمانن جي علمي زندگيءَ تي زوال نظر نٿو اچي. عام معاشرو تقليدي، رسمي ۽ رواجي زنجيرن ۾ جڪڙيل هجڻ جي باوجود هڪ خاص طبقي ۾ ذهني پختگي ۽ فڪري قوت چٽي طرح ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان دور ۾ به علمي مرڪز دهلي ۽ لکهنؤ (ولي اللّهي خاندان ۽ فرنگي محلي جا عالم) دين جي سڌاري ۽ سماجي اخلاقيات کي



www.sindsalamat.com

سنوارڻ جا فريضا ادا ڪندي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان سان گڏ ٻين شهرن ڪلڪته، خيرآباد، مدراس ۽ بدايون ۾ به علم جي لاٽ ٻرندي نظر اچي پئي.

مطلب ته اجتماعي طور تي يا انفرادي طرح شهر شهر ڳوٺ ۾ تعليم، تربيت، تصنيف، تاليف، شعر ۽ ادب ۽ هدايت ۽ نيڪي جي مشغلي جا سلسلا جاري هئا. حقيقت ۾ مسلمانن جي فڪري تاريخ جي لحاظ کان ان دور کي مذهب ۽ تهذيب جي اصلاح، علمن ۾ نواڻ آڻڻ جي اعتبار سان نشاته ثانيه جو دور چئي سگهجي ٿو.

قدامت پسندي روايت پرستي ۽ تقليدي جمود جو لڳاتار عمل جنهن فڪري ڪشادگي ۽ اجتهاد جو دروازو بند ڪري ڇڏيو هو، اهو هاڻي ڪلي چڪو هو. اهل علم دين جي صحيح تصور کي اجاگر ڪرڻ سان علمن کي محفوظ ڪري رهيا هئا. نون خيالن ۽ فڪرن جي پيڙهه پئجي رهي هئي.

ان دور ۾ سيني عام ۽ خاص ماڻهن اهو سمجهي ڇڏيو هو ۽ مذهبي، سماجي تمدني ۽ تعليمي ترقي سندن عملي جاکوڙ سان ئي ڳانڍاپيل آهي. اهو تصور ايندڙ فڪري انقلاب ۽ عملي جذبي لاءِ رستو هموار ڪري رهيو هو.

اورنگزيب جي وفات کان پوءِ جيڪو اخلاقي بحران ۽ سياسي بيچيني پيدا ٿي چڪي هئي. ان کي سڀ کان پهرئين شاهه صاحب جهڙي ذهين ترين انسان سمجهي ورتو. ان جي حقيقي سببن کي اجاگر ڪندي ان بحران تي قابو پائڻ لاءِ منصوبه بندي شروع ڪري ڇڏي. هن ذڪي الفهم عالي دماغ نرم دل ۽ انقلابي ذهنيت رکندڙ شخص هيءَ ڳالهه سمجهي ڇڏي هئي ته شهنشاهيت جي هن مطلق العنان دور جي خاتمي لاءِ ضروري آهي ته ان جي مقابلي ۾ گهڻ قومي ۽ سماجوادي هڪ منظم ۽ مڪمل نظام حيات پيش ڪيو وڃي. ان لاءِ شاهه صاحب هڪ پروگرام تشيڪل ڏنو اقتصادي، سياسي، مذهبي، فوجي ۽ سماجي قانون مرتب ڪيا، جن کي اختيار ڪري هڪ بهترين معاشرو قائم ڪري سگهجي پيو.

حقيقت ۾ هي هڪ ذهني ۽ فڪري انقلاب لاءِ قدم هيو. جيئن ته سيد ابوالحسن علي ندوي لکي ٿو ته: “هن تحريڪ ۾ اصلاح سان گڏ علمي ۽ فڪري رنگ به چٽي طرح نظر اچي ٿو. هن جي دائري ۾ درس، تعليم، تصنيف، تاليف، تربيت ۽ اصلاح، معقول ۽ منقول ۾ تطبيق، مذاهب اربعه ۾ انصاف پسندي، شرعي احڪامن جي حڪمتن کي ظاهر ڪرڻ، مقاصد شريعت جي وضاحت ڪرڻ، روايت ۽ ڪوري تقليد کان پاسو ڪرڻ پنهنجي بالغ نظري ۽ عالي دماغ سان ملت اسلاميه جي تشخص ۽ تحفظ لاءِ منصوبه بندي ڪرڻ، هندستان ۾



اسلام ۽ اسلامي حڪومت جي بقا لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۽ سڀ کان اهم هيءَ ڳالهه ته ايندڙ وقت جي عقلي تقاضائن کي سامهون رکندي انهن سيني مسئلن ۽ فڪرن کي علما جي طبقي ۾ منتقل ڪرڻ جون عملي ڪوششون اچي وڃن ٿيون.”

توڙي جو شاهه صاحب رح جو فڪر ۽ نظريو سندن زماني ۾ پريس جي نه هجڻ ڪري عام طور تي پکڙجي نه سگهيو، پر پاڻ جيڪي تعليم ۽ تربيت جا مرڪز (مدرسه رحيميه دهلي، تڪيه شاهه علم الله رائي بريلي) قائم ڪري ويا هئا. انهن شاهه صاحب جي نظرين کي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي ڇڏيو. شاهه صاحب جي فرزند شاهه عبدالعزيز (1746- 1824ع) سندن فڪر ۽ نظريي کي عملي طور تي نافذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سندن خاندان هن انقلابي پروگرام کي عوامي سوچ ۾ تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو.

هن تجديد دين جي تحريڪ نظرياتي ۽ عملي اعتبار سان تاريخ تي پنهنجا اثر ڇڏيا آهن. هن تحريڪ معروضي حالتن جي تقاضائن مطابق علما جي ٽولي ۾ علمي ۽ عملي انقلاب پيدا ڪيو. انهن ۾ اهڙو جذبو بيدار ڪيو جو اهي ملوڪيت سان ٽڪر کائڻ ۾ اتي پيا. فوجي صورت ڪٽي نه به هئي پر اهي انسان خدائي خدمتڪار ٻئجي ملڪ ۾ ذهني، فڪري عملي انقلاب لاءِ پيش پيش رهيا. دهلي تي هن تحريڪ جو اثر تقريبا اڌ صديءَ تائين رهيو. هن تحريڪ جي اصلاحي ۽ انقلابي درجابندي ڪئي وڃي ته ان کي پنجن محاذن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو.

پهريون ذهني ۽ فڪري محاذ: علم، ادب، تهذيب ۽ ثقافت تي فڪر جي لحاظ کان ۽ تصوف ۾ شدت ۽ مذهبي تنگيءَ جي لحاظ کان جيڪي ايراني اثر ڇائنجي چڪا هئا. انهن کي ختم ڪري صحيح اخلاقي تعمير ڪرڻ هن جو اهم حصو هو.

ٻيو فوجي محاذ: جيڪو جهاد جي اصول تي قائم رهيو. يعني اهڙي مقدس جنگ جنهن ۾ انسان ڪنهن عظيم نصب العين لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي. توڙي جو شاهه اسماعيل شهيد (ف 1830ع ۽ سيد احمد شهيد (ف 1830ع جي رهبري ۾ هن محاذ ۾ ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو، پر پوءِ به ان جا اثر انگريزن سان نفرت ۽ جنگ جي صورت ۾ موجود رهيا، جنهن جي نتيجي ۾ 1857ع جي آزاديءَ جي جدوجهد ٿي ۽ پوءِ ان جا اثر مختلف مزاحمتي تحريڪن جي صورت ۾ 1947ع تائين قائم رهيا.

ٽيون سياسي محاذ: جنهن ۾ گذريل سياسي تبديلين جو حقيقت پسنديءَ سان جائزو وٺي ايندڙ وقت لاءِ بهترين تدبيرون ڪرڻ ۽ صحيح اسلامي اصولن تي هڪ مستحڪم رياست قائم ڪرڻ لاءِ رستو هموار ڪرڻ شامل آهي.

چوٿون اقتصادي محاذ: هي ڪڏهن عملي طور تي پنهنجي آب و تاب سان وجود ۾ نہ اچي سگهيو، پر هن ۾ جيڪا اسلامي اصولن کي سامهون ڪري اقتصادي نظام جي تعمير ڪئي وئي آهي، بعد ۾ مارڪس ۽ اينجلز جي سيڪيولر نظرين ۾ ان جي جهلڪ ضرور نظر اچي ٿي.

پنجون معاشرتي محاذ: جنهن جي اشاعت شاهہ اسماعيل شهيد جي ڪتابن ۽ سيد احمد شهيد جي روحاني زندگي سان ٿي. هيءَ ڪڙي شاهہ صاحب کان شروع ٿيندي شاهہ عبدالعزيز (ف 1824ع) شاهہ اسحاق (ف 1846ع) جي واسطن سان مولانا محمد قاسم نانوتوي تائين پهچي ٿي. جنهن جي علمي ۽ عملي ڪوششن جي ذريعي مسلمانن ۾ هڪ خاص فڪر ۽ نظريي جي پيڙهہ پئي. جنهن جو نالو ديوبند آهي. ان طرح هاڻي تائين شاهہ ولي الله دهلويءَ رحہ جي تحريڪ احياء دين جو سلسلو هلندو پيو اچي. ان ۾ ڪوبہ وڏاءُ ڪونهي تہ هي دور شاهہ صاحب جي فڪر جو دور آهي ان فڪر ذريعي اسلام جي نشاة ثانيہ ٿي سگهي ٿي. (مترجم جو نوٽ) اقتصادي محاذ تي شاهہ ولي الله جا پوئلڳ قرآن جو پيغام واضح اصولن سان انسانيت کي پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا. ديوبند جو مرڪز سنت ئي رجائيت پسند ٽولي جي قبضي ۾ اچي ويو ۽ ان سان اها تحريڪ هچڪولين ۾ پئجي وئي.

# قارون جو قصو ۽ مال ملڪيت بابت قرآن جو نظريو

**ڊاڪٽر سيد رضوان علي ندوي**

قرآن ڪريم ۾ قارون ۽ ان جي اڻ ڪٿ مال ملڪيت، سندس وڏائي ۽ ان جي نتيجي ۾ هن جي بربادي جو سبق آموزداستان قرآن پاڪ ۾ صرف سورة القصص ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. ان جي پسِ منظر ۾ مال دولت بابت قرآن جو نظريو وضاحت سان سمجهايو ويو آهي.

هن قصي جي شروعات هنن لفظن سان ٿئي ٿي:

إِنَّ قَارُونَ كَانَ مِنْ قَوْمِ مُوسَىٰ فَبَغَىٰ عَلَيْهِمْ ۖ وَآتَيْنَاهُ مِنَ الْكُنُوزِ مَا إِنَّ مَفَاتِحَهُ لَتَنُوءُ بِالْعُصْبَةِ أُولِي الْقُوَّةِ إِذْ قَالَ لَهُ قَوْمُهُ لَا تَفْرَحْ ۖ إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ الْفَرِحِينَ (القصص:76)

”قارون در حقيقت موسيٰ جي قوم جو ماڻهو هو، مگر هو پنهنجي قوم جي ماڻهن تي ظلم ڪرڻ لڳو. اسان هن کي دنيائي دولت جا وڏا خزانا ڏنا هئا، ايترا جو رڳو انهن جون ڪنجيون بہ مضبوط ماڻهن جي هڪ ٽولي مشڪل سان کڻي سگهي ها، سندس قوم جي ماڻهن ڪيس چئي ڏنو تہ آڪڙ نہ ڪر! جو تہ الله تعاليٰ يقيناً آڪڙ ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري“.

هن آيت جي تشريح هيءَ آهي تہ قارون هئو تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام جي قوم بني اسرائيل منجهان، پر هن مال دولت، شان شوڪت ۽ عهدن جي لالچ ۾ وقت جي فرعون جو ساٿ ڏنو هئو، جنهن ڪري فرعون بہ هن کي گهڻو نوازيو هو. سندس بي حساب دولت ڪيس ايترو تہ سخت مزاج ۽ مطلبي بنائي ڇڏيو هو جو هو پنهنجي ئي قوم جي مٿان فرعون جي هُشي تي ظلم ڪرڻ لڳو هئو.

ڪجهہ مفسرن جي خيال مطابق هن وٽ ايترو تہ مال ملڪيت هو جو ان جي خزاني جون ڪنجيون بہ خچرن تي لڏي ڪنيون وينديون هيون. هتي هي بہ



www.sindsalamat.com

معلوم ٿئي ٿو ته اصل ۾ هن قصي کي بيان ڪرڻ جو مقصد مڪي جي ڪافرن کي، جيڪي نبي اڪرم ﷺ جن کي چوندا هئا ته الله تعاليٰ اسان کي هيترو ڌن دولت ڏنو آهي سو جيڪڏهن تون به الله تعاليٰ کي پيارو هجين ها ته توکي به ايتري گهڻي ملڪيت ڏني وڃي ها، سمجهائڻو هو ته توهان پنهنجي مال دولت کي ڏسي آڪڙجي نه وڃو. الله تعاليٰ جيڪو حشر قارون جو ڪيو سو توهان سان به اهڙو لقاءُ ڪري برباد ڪري سگهي ٿو. هن سڄي قصي ۾ اسلام جو مال ملڪيت بابت جيڪو نظريو آهي پڻ سمجهايو ويو آهي ته انسان الله تعاليٰ طرفان مليل مال ملڪيت جي نشي ۾ اچي جڏهن آڪڙ ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو ته هن هي سڀڪجهه پنهنجي ذاتي محنت ۽ ڪوشش سان حاصل ڪيو آهي ته پوءِ اهڙي ماڻهو کان ڏنل مال کسيو وڃي ٿو. هن کان اڳتي ارشاد ٿئي ٿو:

وَابْتَغِ فِيمَا آتَاكَ اللهُ الدَّارَ الْآخِرَةَ (القصص:77)

“۽ الله تعاليٰ توکي جيڪو هيترو رزق ۽ مال دولت ڏني آهي تنهن سان آخرت جي گهر لاءِ تلاش ڪر!”

انهيءَ مان معلوم ٿيو ته مال ملڪيت ڪا خراب شيءِ نه آهي پر خراب ڳالهه هيءَ آهي ته پاڙيوارن غريبن، يتيمن، مسڪينن، بيواهن ۽ محتاجن جي سهائتا لاءِ استعمال ڪري پنهنجي آخرت سنوارڻ جي بجاءِ ان کي گڏ ڪري رکيو وڃي. هن آيت ۾ اها ئي ترغيب ڏني وئي آهي ته اهڙا ڪي فلاحي ڪم ڪيا وڃن جن سان آخرت پلي ٿئي. اڳتي اها به سمجهاڻي ڏني وئي ته:

وَلَا تَنْسَ نَصِيبَكَ مِنَ الدُّنْيَا (القصص:77)

“۽ دنيا ۾ جيڪو تنهنجو حصو آهي سو به نه وِسار.”

يعني توهان پنهنجي دولت سان پنهنجي، پنهنجي اولاد ۽ مٽن مائٽن وغيره جي سڌاري، واڌاري ۽ خوشحالي لاءِ به پلي خرچ ڪريو. ان ڪانپوءِ هدايت ڪئي وئي:

وَأَحْسِنْ كَمَا أَحْسَنَ اللهُ إِلَيْكَ وَلَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِي الْأَرْضِ إِنَّ اللهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِينَ (القصص:77)

“۽ جيئن الله تعاليٰ توتي احسان ڪيو آهي تيئن تون به (ماڻهن تي) احسان ڪر ۽ نه ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙو مچاءِ، يقيناً الله تعاليٰ فساد ۽ بگاڙو مچائيندڙن کي ناپسند ٿو ڪري”.



هاڻي ڏسو ته اسلام معاشري ۾ سڌاري جي لاءِ ڪهڙو نه پلو اصول پيش ڪندي سمجهائي ٿو ته جڏهن الله تعاليٰ توهان تي مهرباني ڪري مال ملڪيت سان نوازيو آهي ته پوءِ توهان به ماڻهن جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪريو. پر افسوس آهي ته ڪيترائي ارب پتي مسلمان ايتري قدر ڀلائي جا ڪم نه ڪري سگهيا آهن جيتري قدر فورڊ فائونڊيشن (Ford Foundation) يا بل گيٽس ۽ روڪ فيلر فائونڊيشن (Rockefeller Foundation) وغيره وارا ڪن ٿا.

فساد عربي ٻولي جو لفظ آهي جنهن جي معني “خرابي” آهي، پوءِ اها ڪٿي مادي هجي يا فڪري. فساد جي مقابلي ۾ “صلاح” جو لفظ آهي. انهيءَ ڪري چئبو ته جيڪو ماڻهو اصلاح نٿو ڪري سو فساد ڪري رهيو آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجو مال برائين کي عام ڪرڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا قرآن جي نظر ۾ اهي فسادي آهن. هن کان اڳتي قارون جي بهاني بازي ۽ ان تي خدائي تنبيهه جو ذڪر ڪندي فرمايو ويو:

قَالَ إِنَّمَا أُوتِيتُهُ عَلَىٰ عِلْمٍ عِنْدِي ۚ أَوَلَمْ يَعْلَمْ أَنَّ اللهَ قَدْ أَهْلَكَ مِنْ قَبْلِهِ مِنَ الْقُرُونِ مَنْ هُوَ أَشَدُّ مِنْهُ قُوَّةً وَأَكْثَرُ جَمْعًا وَلَا يُسْأَلُ عَنْ ذُنُوبِهِمُ الْمُجْرِمُونَ (القصص:78)

“(قارون جواب ۾) چيو ته مون کي جو هيتري دولت ملي آهي سا يقيناً مون پنهنجي علم (عقل، هنر ۽ محنت) سان هٿ ڪئي آهي. هن کي اها به خبر نه هئي ڇا ته الله تعاليٰ هن کان اڳي گهڻين ئي اهڙين امتن کي برباد ڪري چڪو آهي جيڪي ڪانئس قوت ۾ گهڻو وڌيڪ هيون ۽ مال دولت به گهڻو وڌيڪ گڏ ڪيو هئائون ۽ گنهگارن کي سندن گناهن سببان (سزا ڏيڻ وقت) پڇا ڪانه ڪبي آهي.”

اڄ جي دؤر ۾ به جيڪڏهن نظر ڪٽي نهاربو ته عرب ملڪن ۾ اهڙا ماڻهو به آهن جن مان هر هڪ وٽ سؤ سؤ قارونن جي برابر مال ملڪيت موجود آهي پر پوءِ به هو الله جي راهه ۾ مسلمانن تي آيل مصيبتن جي وقت ۾ به خرچ نٿا ڪن، جنهن ڪري هو هر وقت آمريڪا ۽ ٻين مغربي ملڪن جي غلامي ۾ جڪڙجي خوار خراب ٿيا آهن. انهن جو به اهڙو ئي حشر ٿي سگهي ٿو جهڙو قارون جو ٿيو هو. اڳتي بيان ٿيو:

فَخَرَجَ عَلَىٰ قَوْمِهِ فِي زِينَتِهِ (القصص:٧٩)

“(هڪ ڏينهن) هو (قارون) وڏي دٻدٻي سان پنهنجي قوم جي (ماڻهن) سامهون آيو”.

يوم الزينہ جشن جو ڏهاڙو هئو. Jewish Encyclopedia جي مطابق قارون ان ڏينهن پنج هزار سينگاريل ٻانهين ۽ ڪيترن ئي گهوڙي سوار نوڪرن چاڪرن جي جهرمٽ ۾ ٻاهر نڪتو جنهن کي ڏسي ماڻهن حسرت سان چيو تہ:

قَالَ الَّذِينَ يُرِيدُونَ الْحَيَاةَ الدُّنْيَا يَا لَيْتَ لَنَا مِثْلَ مَا أُوتِيَ قَارُونُ إِنَّهُ لَذُو حَظٍّ عَظِيمٍ ﴿القصص:79﴾

"جيڪي (ماڻهو) هن دنيا جي زندگيءَ (جي عيش عشرت) جا چاهيندڙ هئا، تن چيو هاءِ هاءِ ! جيڪر اسان کي بہ اهڙي دولت ملي ها جهڙي قارون کي آهي (تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها!) يقيناً هو وڏي ڀاڳ وارو ۽ خوش نصيب آهي" .

هي ائين ئي هو جيئن اڄ ڪلهہ اسان وٽ بہ ڪيترائي ماڻهو سرمائيدارن جا ٺٺ ٺانگر ڏسي خواهش ڪندا آهن تہ جيڪر هو بہ اهڙا ئي امير ٿي وڃن. حالانڪ مال ملڪيت تہ هڪ وڏي آزمائش آهي جنهن جي غلط استعمال سان انسان جي ٻئي جهان برباد ٿي وڃن ٿا.

وَقَالَ الَّذِينَ أُوتُوا الْعِلْمَ وَيْلَكُمْ ثَوَابُ اللَّهِ خَيْرٌ لِمَنْ آمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا وَلَا يُلَقَّاهَا إِلَّا الصَّابِرُونَ ﴿القصص:80﴾

"پر جيڪي ماڻهو علم وارا هئا، تن چيو ڏٺو تہ افسوس اوهانجي حال تي، الله تعاليٰ وٽان جيڪي (نعمتون) انعام ۾ ملڻ ٿيون سي گهڻو بهتر آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان ٿا رکن ۽ صالح عمل ٿا ڪن. پر اهي نعمتون صرف اهي ماڻهو حاصل ڪن ٿا جيڪي صبر ۽ ثابت قدميءَ سان (حق جي راهہ تي) قائم رهن ٿا".

هن آيت ۾ سمجهايو ويو آهي تہ الله جي نيڪ ٻانهن جو هيءُ ڳڻ نہ آهي جو ڪنهن مغرور دولت مند جي ملڪيت کي ڏسي هرکجي ۽ موهجي وڃن، پر ڪين هميشہ الله تي ئي ڀروسو ۽ ان وٽان ئي چڱائي جي اميد رکڻ گهرجي. اڳتي قارون جي اجائي آڪڙ جو انجام بيان ڪيو ويو:

فَخَسَفْنَا بِهِ وَبِدَارِهِ الْأَرْضَ فَمَا كَانَ لَهُ مِنْ فِئَةٍ يَنْصُرُونَهُ مِنْ دُونِ اللَّهِ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُنْتَصِرِينَ ﴿القصص:81﴾

"سو اسان هن (قارون) کي ۽ سندس گهر کي زمين ۾ پوري ڇڏيو. پوءِ ڪا بہ اهڙي جماعت ڪانہ هئي جا هن جي الله تعاليٰ جي مقابلي ۾ مدد ڪري سگهي ها، نڪي هو پاڻ کي بچائي سگهيو" .



هن قصي بيان ڪرڻ کان پوءِ انهن ماڻهن کي سمجهايو ويو جيڪي قاروني سوچ رکندڙ آهن:

وَأَصْبَحَ الَّذِينَ تَمَنَّوْا مَكَانَهُ بِالْأَمْسِ يَقُولُونَ وَيْكَأَنَّ اللَّهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَشَاءُ مِنْ عِبَادِهِ وَيَقْدِرُ ﴿القصص:82﴾

"۽ جيڪي ماڻهو ڪالهہ تائين سندس ظاهري شان شوڪت جا خواهشمند ٿيا هئا سي هاڻي چوڻ لڳا تہ يقيناً الله ئي آهي جو پنهنجي بندن مان جنهن لاءِ وٽيس تنهن جو رزق ڪشادو ڪري ۽ جنهن لاءِ وٽيس تنهن لاءِ تنگ ڪري."

هن آيت مان اها ڳالهہ چڱي طرح معلوم ٿئي ٿي تہ جيڪڏهن ڪنهن وٽ مال دولت جي ڪثرت آهي تہ ان جو مطلب اهو ناهي تہ هي ڪو الله جو پيارو آهي، پيارو تہ اصل ۾ اهو آهي جيڪو سندس فرمانبردار ۽ ٻين لاءِ ڀلو آهي؛ پوءِ ڀلي چو نہ غريب ئي هجي. سو جڏهن الله جي نيڪ ٻانهن قارون جو اهو حشر اکين سان ڏٺو تہ چوڻ لڳا:

لَوْلَا أَنْ مَنَّ اللَّهُ عَلَيْنَا لَخَسَفَ بِنَا ۖ وَيْكَأَنَّهُ لَا يُفْلِحُ الْكَافِرُونَ ﴿القصص:82﴾

"جيڪڏهن اسان تي الله جو احسان نہ هجي ها تہ اسان کي بہ زمين ۾ پوري ڇڏي ها. يقينا معلوم ٿو ٿئي تہ ڪافر ڪڏهن بہ ڪامياب ڪونہ ٿيندا."

هن کان اڳتي وارين آيتن ۾ هن سڄي قصي بيان ڪرڻ جي حڪمت بہ بيان ڪئي وئي آهي:

تِلْكَ الدَّارُ الْآخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِينَ لَا يُرِيدُونَ عُلُوًّا فِي الْأَرْضِ وَلَا فَسَادًا ۚ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِينَ ﴿القصص:83﴾

"اهو آخرت جو گهر (يعني جنت) اسان انهن ماڻهن لاءِ تيار ڪري رکيو آهي جيڪي زمين تي هٺ ۽ وڏائي، ظلم ۽ فساد ۽ بگاڙو نہ ٿا چاهين ۽ (ياد رکو! تہ) چڱي پڇاڙي فقط انهن جي لاءِ آهي جيڪي گناهن کان پرهيز ڪندڙ آهن ۽ نيڪ عمل ڪندڙ آهن".

آخر ۾ هڪ عام اصول بيان ڪندي فرمايو ويو:

مَنْ جَاءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهُ خَيْرٌ مِنْهَا ۖ وَمَنْ جَاءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزَى الَّذِينَ عَمِلُوا السَّيِّئَاتِ إِلَّا مَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿القصص:84﴾

"جيڪو نيڪي سان ايندو تنهن کي ان کان بهتر انعام ملندو پر جيڪڏهن ڪو برائي سان ايندو تہ پوءِ جن برائيون ڪيون هونديون تن کي فقط

www.sindsalamat.com

اوتري قدر سزا ملندي جيتري قدر هن برا عمل ڪيا هوندا“.

هيءُ به الله تعاليٰ جي رحمت ۽ ٻاجهه جي هڪ جهلڪ آهي ته نيڪي جو بدلو ته ڏهوڻو ملي يا هڪ جاءِ تي ٻڌايو ويو ته ست سئوڻو ملي ٿو. پر ان جي برعڪس برائي جي وري فقط اوتري سزا ڏني وڃي جيتري ڪئي وڃي.

قرآن پاڪ ۾ هن قصي بيان ڪرڻ جو مقصد هيءُ آهي ته جهڙي طرح قارون الله تعاليٰ طرفان ڏنل بي شمار دولت ۽ مال ملڪيت کي الله جي راهه ۾ خرچ نه ڪرڻ ۽ پنهنجي اجائي هٺ ۽ آڪڙ جي ڪري تباهه ۽ برباد ٿي ويو، سندس مال ملڪيت نه ته ڪيس دنيا ۾ ڪم اچي سگهي ۽ نه آخرت ۾ ڪنهن ڪم ايندي؛ اهڙيءَ طرح اڄ جا ارب پتي مسلمان به جيڪڏهن پنهنجي پئسي ڏوڪڙ کي تجوڙين ۾ گڏ ڪندا رهيا ۽ لکين انسانن جي حاجتن ۽ بنيادي ضرورتن کي پورو ڪرڻ بجاءِ پنهنجي ڏيک ويک ۽ شان شوڪت لاءِ خرچ ڪندا رهيا ته قارون وانگر هي به هڪ ڏينهن برباد ٿي ويندا ۽ هي مال هنن جي ڪجهه به ڪم اچي نه سگهندو. پر جيڪڏهن هو پنهنجي ان مال مان پاڙيوارن، مسڪينن، محتاجن ۽ عام انسانن جي مدد ڪندا ۽ انهن جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ خرچ ڪندا ته هنن مسڪينن جي دعائن جي سبب دنيا ۾ به عزت واري زندگي بسر ڪندا ۽ آخرت به سنوارجي ويندن. هتي هي به سبق ملي ٿو ته غريب کي به پنهنجي غربت تي مايوس نه ٿيڻ گهرجي پر هميشه الله تعاليٰ وٽان ڀلائيءَ جي اميد رکڻ گهرجي.

(ڊاڪٽر سيد رضوان علي ندوي جي ڪتاب “قرآن کي روشني مين” تان ورتل؛
قرآني آيتن جو ترجمو علامه علي خان ابڙو جي تفسير المنير تان ورتل)

# اسلام ڇا آهي؟

**احمد الدين شر بلوچ**

الله تعاليٰ جي سيني حڪمن اڳيان پنهنجو مٿو ٽيڪي فرمانبردار ٿي رهڻ جو نالو اسلام آهي. يعني ٻڌڻ ۽ فرمانبرداريءَ جي بنياد تي انسان ۽ سندس پالڻهار وچ ۾ جيڪو تعلق پيدا ٿئي ٿو، سو ئي صحيح معنيٰ ۾ اسلام آهي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو سمجهڻ لڳي ته زمين ۽ آسمان ۾ ڪنهن جي بادشاهي آهي ئي ڪانه ۽ پوءِ هو ڪنهن جي هدايت ۽ رهنمائيءَ کانسواءِ پنهنجي سَڌن مطابق، جيئن وڻيس تيئن پيو ڪري؛ ته اهڙي سوچ جيڪڏهن ڪنهن انسان جي ٻئي ڪنهن انسان سان لاڳاپن بابت هجي ها ته ڪنهن حد تائين ڪٿي ان کي مڃي سگهجي پيو. پر جڏهن اها سوچ انسان ۽ سندس پالڻهار بابت هجي؛ جنهن ڪيس پنهنجي قدرت سان پيدا ڪيو، پنهنجي نعمتن سان تاتي نپائي وڏو ڪيو ۽ ڪيس سنئين واٽ ڏيکاري ۽ پوءِ ان تي هلڻ جي توفيق بخشي؛ ته اهڙي سوچ کي مڃڻ جي ڪابه واٽ نظر ڪانه ٿي اچي. انسان لاءِ تمام ضروري آهي ته هو الله تعاليٰ جي حڪمن ۽ مرضيءَ اڳيان پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏي.

وَمَنْ يُّسْلِمْ وَجْهَهٗٓ اِلَى اللّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ۭ وَاِلَى اللّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ۝22 (لقمان)

“جيڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ عملي طرح سان به نيڪو ڪار هجي ته اهڙي ماڻهوءَ ڄڻ ته هڪ مضبوط رسيءَ کي پڪڙي ورتو ۽ شين جي پڇاڙي ۽ انجام ته الله تعاليٰ جي وس ئي آهي.”

خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ لاڳاپن جي نوعيت ان کانسواءِ آخر ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي جنهن کي زمين جي ڪنهن ٽڪري تي ٿورو وقت گهارڻ کان پوءِ وري به پنهنجي خلقڻهار ڏانهن موٽي وڃڻو آهي، ته انسان پنهنجي پالڻهار جو مڪمل


www.sindsalamat.com

فرمانبردار ٿي رهي. پوءِ سوچڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته اهو لاڳاپو اڻ ڄاڻائي تي مبني ۽ باغيانه هئڻ گهرجي يا سڄاڻپ ۽ خود حوالگي وارو؟

فطرت جي گهرج ته اها آهي ته انسان پنهنجي پالڻهار کي سڃاڻي، ان جي حڪمن کي مڃي ۽ ان جي ڏنل هدايتن تي عمل ڪري. اهو ئي اسلام جو مقصد آهي جنهن جي لاءِ سڀني رسولن تعليم ڏني. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

إِنَّ الدِّينَ عِندَ اللَّهِ الْإِسْلَامُ ﴿١٩﴾ (آل عمران)

“بيشڪ دين ته الله تعاليٰ وٽ اسلام ئي آهي.”

جڏهن ڪو به انسان الله تعاليٰ جي حڪمن اڳيان فرمانبرداريءَ ۾ پنهنجو مٿو ٽيڪڻ جو اعلان ڪندو آهي ۽ سندس هدايتن جو احترام ڪندي انهن تي عمل ڪندو آهي ته جڻ هو ان وقت سڄي ڪائنات جي سُر سان سُر ملائيندو آهي، جيڪا پوريءَ طرح پنهنجي پالڻهار جي حڪمن اڳيان ڪنڌ نوائي سندس عظمت جو اعلان ڪري رهي هوندي آهي.

أَفَغَيْرَ دِينِ اللَّهِ يَبْغُونَ وَلَهُ أَسْلَمَ مَن فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ طَوْعًا وَكَرْهًا وَإِلَيْهِ يُرْجَعُونَ ﴿٨٣﴾ (آل عمران)

“پوءِ هي ماڻهو الله تعاليٰ جي فرمانبرداري وارو رستو (الله جو دين) ڇڏي ڪو ٻيو دڳ ڳولڻ گهرن ٿا ڇا؟ جڏهن ته آسمان ۽ زمين جون سڀئي شيون سرهو ٿي توڙي ارهو ٿي الله تعاليٰ جي اڳيان فرمانبردار (مسلم) ٿي ڪنڌ جهڪائي چڪيون آهن ۽ انهيءَ (الله) ڏانهن ئي سڀني کي موٽڻو آهي.”

اهڙو ماڻهو غلطي ڪندڙ هوندو، جيڪو هيءُ سمجهي ويهي ته اسلام رڳو انهيءَ دين جو نالو آهي جيڪو اڄ کان پندرهن سؤ سال اڳ حضرت محمد ﷺ جن آندو هئو. حقيقت هيءَ آهي ته، اسلام انهن سڀني نبين ۽ رسولن جو پيغام رهيو آهي، جيڪي انسان جي پيدائش کان وٺي اڄوڪي ۽ قيامت تائين اچڻ وارن سڀني انسانن جي هدايت ۽ ڪاميابيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهيا آهن. اها ڳالهه بلڪل سچ آهي ته اسلام جي حقيقت پنهنجي ڪمال ۽ آخري شڪل ۾ حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جن جي رسالت ۾ پهتي. جڏهن ته قرآن ڪريم بنا ڪنهن فرق جي سڀني نبين جي پيغام کي اسلام جو ئي نالو ڏنو آهي.

حضرت يعقوب؈ جنهن جو لقب “اسرائيل” آهي، تنهن نه رڳو ماڻهن کي اسلام ڏانهن سڏيو، پر مرڻ گهڙيءَ تائين پاڻ به انهيءَ تي ڄميو رهيو. ايتري تائين جو پنهنجي پوير کي به اهائي وصيت ڪيائين:



أَمْ كُنتُمْ شُهَدَاءَ إِذْ حَضَرَ يَعْقُوبَ الْمَوْتُ إِذْ قَالَ لِبَنِيهِ مَا تَعْبُدُونَ مِن بَعْدِي قَالُوا نَعْبُدُ إِلَٰهَكَ وَإِلَٰهَ آبَائِكَ إِبْرَاهِيمَ وَإِسْمَاعِيلَ وَإِسْحَاقَ إِلَٰهًا وَاحِدًا وَنَحْنُ لَهُ مُسْلِمُونَ ﴿١٣٣﴾ (البقرة)

“پوءِ ڇا توهان ان وقت اتي موجود هئين جنهن وقت يعقوب عليہ السلام هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري رهيو هئو. هن مرڻ وقت پنهنجي پٽن کان پڇيو ته منهنجا ٻچڙؤ! مونکان پوءِ توهان ڪنهن جي عبادت ڪندؤ؟ انهن سڀني جواب ڏنو ته اسان انهيءَ هڪڙي الله جي عبادت ڪنداسين جنهن کي توهان ۽ توهان جي وڏڙن ابراهيم؈ ۽ اسماعيل؈ ۽ اسحاق؈ جن پنهنجو خدا ڪري مڃيو آهي ۽ اسان انهيءَ (ئي الله) جا فرمانبردار آهيون.”

حضرت عيسيٰ؈ به پنهنجي پوئلڳن کي الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ۽ سچي دل سان ٻانهپ ڪرڻ سيڪاري:

وَإِذْ أَوْحَيْتُ إِلَى الْحَوَارِيِّينَ أَنْ آمِنُوا بِي وَبِرَسُولِي قَالُوا آمَنَّا وَاشْهَدْ بِأَنَّنَا مُسْلِمُونَ ﴿١١١﴾ (المائدة)

“۽ جڏهن مون (الله) حوارين کي اشاري سان چيو ته مون تي ۽ منهنجي رسولن تي ايمان آڻيو تڏهن انهن چيو ته اسان ايمان آندو ۽ شاهد هج ته اسان فرمانبردار (مسلمان) آهيون.”

توريت جي باري ۾ اچي ٿو:

إِنَّا أَنزَلْنَا التَّوْرَاةَ فِيهَا هُدًى وَنُورٌ يَحْكُمُ بِهَا النَّبِيُّونَ الَّذِينَ أَسْلَمُوا لِلَّذِينَ هَادُوا وَالرَّبَّانِيُّونَ وَالْأَحْبَارُ بِمَا اسْتُحْفِظُوا مِن كِتَابِ اللَّهِ وَكَانُوا عَلَيْهِ شُهَدَاءَ ﴿٤٤﴾ (المائدة)

“اسان توريت نازل ڪيو جنهن ۾ هدايت ۽ چٽائي هئي. سڀئي نبي جيڪي فرمانبردار (مسلم) هئا انهيءَ جي ئي حڪمن موجب يهودين جا فيصلا ڪندا هئا ۽ اهڙيءَ ئي طرح درويش ۽ ڏاها ماڻهو به (انهيءَ توريت مطابق فيصلا ڪندا هئا) ڇو ته ڪين ڪتاب الله جي حفاظت جو ذمو ڪٽايو ويو هئو ۽ انهيءَ تي اهي پاڻ شاهد به هئا.”

اسلام ٻن بنيادي حقيقتن کان بنا اڻ پورو آهي. انهن مان پهرين آهي الله تعاليٰ جي صحيح سڃاڻ ۽ سندس مان ۽ مرتبي موجب ربوبيت جو قولي ۽ عملي اقرار. جنهن به ماڻهو، الله تعاليٰ سان ڪنهن ٻي شيءِ کي ڀاڱي ڀائيوار سمجهيو يا ڪنهن شيءِ کي ان جهڙو سمجهيو يا هي سمجهيو ته هو جنهن مادي دنيا ۾ رهي پيو، الله تعاليٰ به تنهن مان ڪنهن هڪ شيءِ جهڙو آهي، ته اهڙي ماڻهوءَ کي

مسلمان نٿو سمجهي سگهجي. الله تعاليٰ جي صحيح سڃاڻپ تمام گهڻو ضروري آهي. ان کان پوءِ ٻي حقيقت آهي سندس فرمانبرداري ۽ ان جي سڀني حڪمن کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ.

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جي پاڪائي، ان جي واڪاڻ، ان جي سهڻن نالن ۽ اوچين صفتن ۽ عظمت کي جنهن انداز سان پڌرو ڪيو ويو آهي، تنهن جو مثال دنيا جي ڪنهن به قديم آسماني يا زميني ڪتاب يا ڪلام ۾ نٿو ملي. جڏهن قرآن پاڪ کي پڙهبو ته سڀڪنهن شيءِ تي الله تعاليٰ جي رکوالي ۽ ضابطو محسوس ڪبو:

قُلِ اللّٰهُ اَعۡلَمُ بِمَا لَبِثُوۡا ۚ لَهٗ غَيۡبُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ اَبۡصِرۡ بِهٖ وَاَسۡمِعۡ ؕ مَا لَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهٖ مِنۡ وَّلِىٍّ ۫ وَّلَا يُشۡرِكُ فِىۡ حُكۡمِهٖۤ اَحَدًا ﴿۲۶﴾ (الڪهف)

”آسمان ۽ زمين جون سڀئي لڪيل خبرون ڪيس معلوم آهن، وڏو ئي ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ آهي. (زمين ۽ آسمان جي مخلوق جو) ان کان سواءِ ڪو ٻيو سنڀاليندڙ نه آهي ۽ هو پنهنجي حڪومت ۾ ڪنهن کي ڀائيوار نٿو ڪري.“

انسان پنهنجو پاڻ کي ان هستيءَ جي حوالي آخر ڇو نه ڪري، جيڪو هر شيءِ جو پيدا ڪندڙ آهي، سڀني ڪمن جي جوڙ جڪ ڪندڙ آهي، سڀڪجهه ڏسي ۽ ٻڌي ٿو، رات ۽ ڏينهن کي ڦيرائي گهيرائي ٿو، هوائون گهلائي ٿو، ڀٽڪيلن کي اونداهين مان ڪڍي روشنيءَ واري راهه ڏيکاري ٿو: پوءِ اهڙي الله تعاليٰ لاءِ جڏهن به ڪو ماڻهو پٽ ٻڌائي ٿو يا سندس ٻانهن مان ڪنهن کي سندس جهڙو ڪري سمجهي ٿو تڏهن الله تعاليٰ ان تي سخت ڏمرجي ٿو. قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي اهڙن ماڻهن لاءِ فرمائي ٿو:

قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا سُبۡحٰنَهٗ ؕ هُوَ الۡغَنِىُّ ؕ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ ؕ اِنۡ عِنۡدَكُمۡ مِّنۡ سُلۡطٰنٍۭ بِهٰذَا ؕ اَتَقُوۡلُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۶۸﴾ قُلۡ اِنَّ الَّذِيۡنَ يَفۡتَرُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ الۡكَذِبَ لَا يُفۡلِحُوۡنَ ﴿۶۹﴾ (يونس)

”ماڻهن چيو ته الله ڪنهن (ماڻهوءَ) کي پنهنجو پٽ بڻايو آهي. سبحان الله، هو ته بي پرواهه آهي. آسمان ۽ زمين ۾ جيڪو ڪجهه آهي سو سڀ سندس ملڪيت آهي. توهان وٽ توهان جي انهيءَ قول جو ڪهڙو دليل آهي؟ يا توهان الله جي باري ۾ اهڙي ڳالهيون ڪريو ٿا جن جي توهان کي خبر ئي ناهي. (اي پيغمبر!) چئي ڏي ته جيڪي الله تعاليٰ تي ڪوڙ هڻندا آهن سي ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا.“



الله تعاليٰ جي صحيح سڃاڻپ کان پوءِ وارو آهي سندس پوري فرمانبرداري ۽ ٻانهپ جو. پنهنجو پاڻ کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏڻ، سندس حڪمن اڳيان ڪنڌ نوائڻ ۽ ٻئي پاسي وري سندس نافرماني ۽ حڪمن کان بغاوت، اهي ٻئي ڳالهيون ڪنهن به انسان جي اندر هڪ ئي وقت ٽڪاءُ نٿيون ڪري سگهن. پوءِ ڇا ان جو مطلب اهو ٿيو ته مسلمان ڪڏهن ڪو گناهه جو ڪم ڪري ئي نٿو سگهي؟

سچي ڳالهه هيءَ آهي ته جيڪڏهن ڪنهن مسلمان کان ڪو ڏوهه ٿي به وڃي ٿو ته اصل ۾ اها سندس ڀُل هوندي آهي، جيڪا غير ارادي طور ڪانئس ٿي ويندي آهي. هو بنا ڪنهن دير جي ان تي شرمسار ۽ پشيمان ٿيندو آهي ۽ ان ڪڌي ڪم کان آئينده جي لاءِ ڪنڌ ڪيائڻ جي ڪندو آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن سندس ڏاهپ کي ڪو ڏنگ لڳي وڃي يا سندس سمجهه، ارادي، جرئت ۽ سگهه ۾ ڏبرائپ اچي وڃي ته ان انسان کي اسلام جي دائري مان ڪڍي نٿو سگهجي.

اِنَّ الَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا اِذَا مَسَّهُمۡ طٰۤئِفٌ مِّنَ الشَّيۡطٰنِ تَذَكَّرُوۡا فَاِذَا هُمۡ مُّبۡصِرُوۡنَ ۚ﴿۲۰۱﴾ (الأعراف)

”حقيقت ۾ جيڪي ماڻهو پرهيزگار آهن انهن جو حال ته هيءُ هوندو آهي جو جڏهن به شيطان جي اثر کان ڪين ڪو برو خيال ايندو به آهي ته اتي جو اتي هوشيار ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ هنن کي چٽيءَ طرح ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته انهن لاءِ حق جي راهه ڪهڙي آهي.“

اهو ئي سبب آهي جو پاڻ سڳورن ﷺ جن اهڙي شرابيءَ تي لعنت وجهڻ کان منع فرمائي آهي، جيڪو ان کي ڏوهه ته سمجهندو هجي پر ان جي هير (عادت) سندس ارادي جي سگهه کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هجي. ڇو ته ان قسم جي شرابيءَ جي نوعيت انهيءَ ماڻهوءَ يا معاشري جهڙي بلڪل نه ٿي سگهي جيڪو الله جي حڪم کي ڪا به اهميت نه ڏيندو هجي ۽ شراب کي جائز سمجهندو هجي، ان جو واپار به وڏي واڪ ڪندو هجي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته پنهنجي انهيءَ ڪرتوت کي ڪو ڏوهه به نه سمجهندو هجي.

رسول الله ﷺ جن هڪ اهڙي امت پيدا ڪئي، جنهن پنهنجو پاڻ کي پوري طرح الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. پرهه ڦٽيءَ کان وٺي سومهڻيءَ تائين وڏي ڌيان سان پنهنجي پالڻهار جي مرضيءَ موجب پنهنجو عبادتون ۽ زندگيءَ جا ٻئي ڪم ڪاريون ڪندا رهندا هئا.

قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿الأنعام﴾

"چئو، منهنجي نماز، منهنجي ٻانهپ جون سڀئي ريتون رسمون، منهنجو جيئڻ، منهنجو مرڻ، منهنجو سڀ ڪجهه جهانن جي پالڻهار جي لاءِ آهي جنهن سان ڪو به ڀاڱي ڀائيوار نه آهي ۽ مون کي حڪم ڏنو ويو آهي ته سڀ کان پهريان مان پاڻ سندس فرمانبرداري ۾ ڪنڌ جهڪائڻ وارن مان ٿيان.

اهڙيءَ طرح انهيءَ جماعت رسول الله ﷺ جن جي حڪمن ۽ هدايتن کي پنهنجي جان کان به وڌيڪ پيارو سمجهيو هو.

فَلَا وَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ حَتّٰى يُحَكِّمُوْكَ فِيْمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ لَا يَجِدُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ حَرَجًا مِّمَّا قَضَيْتَ وَيُسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿٦٥﴾ (النساء)

"(اي محمد! ﷺ) تنهنجي رب جو قسم، اهي ماڻهو تيستائين مؤمن نٿا ٿي سگهن جيستائين پاڻ ۾ ٿيل جهيڙن جهڳڙن ۾ توکان فيصلو نه ڪرائن. پوءِ وري جڏهن تون ڪو فيصلو ڪري ڏئين ته انهيءَ بنسبت سندن دل ۾ تنگي محسوس نه ڪن، پر تنهنجي فيصلي کي دل و جان سان مڃي وٺن.

پنهنجي پالڻهار جي اڳيان سندس فرمانبرداري ۾ ڪنڌ جهڪائي ڇڏڻ ۾ ڀلائي آهي ته عزت آبرو ۽ مان مرتبو به انهيءَ ۾ ٿي آهي ۽ انهيءَ جو ٿي نالو اسلام آهي.

# دولت ۽ سرمائي بابت قرآن جو قانون

احمد الدين شر

مال ملڪيت ۽ هر قسم جي خزانن بابت قرآن پاڪ هڪ چٽو ۽ تمام ٿي اهم قانون بيان فرمايو آهي:

وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ﴿المنافقون: ٧﴾

"آسمانن ۽ زمين جا سڀ خزانا الله جا آهن."

ٻي جڳهه تي فرمايو ويو:

لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ﴿البقرة: ٢٨٤﴾

"آسمان ۽ زمين ۾ جيڪو ڪجهه آهي سو سڀ الله جو آهي."

انهيءَ مان معلوم ٿيو ته سڄي ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ الله تعاليٰ آهي ۽ زمين جي اندر لڪيل سيني خزانن جو مالڪ به اهو ٿي آهي. هن انسان کي زمين تي پنهنجو نائب ۽ خليفو ڪري موڪليو آهي. ان ڪري انسان ان ڳالهه جو پابند آهي ته هو پنهنجا سڀئي وسيلا ۽ معاملا الله تعاليٰ جي مرضيءَ موجب نبيري. ائين الله تعاليٰ هڪ انسان کي جيڪو مال ملڪيت ڏئي ٿو سو خليفي جي حيثيت ۾ بطور امانت ڏئي ٿو. تنهن ڪري هو دنيا جي اندر پنهنجي قبضي ۾ آيل مال دولت کي انهن ٿي قانون مطابق خرچ ڪري سگهي ٿو، جيڪي الله تعاليٰ مقرر فرمايا آهن. جيئن فرمايو ويو:

وَاَنْفِقُوْا مِمَّا جَعَلَكُمْ مُّسْتَخْلَفِيْنَ فِيْهِ ﴿الحديد: ٧﴾

"۽ جن شين جو اوهان کي وارث ڪيو اٿس تن مان (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪيو."

مطلب ته الله تعاليٰ جيڪو توهان کي مال ڏنو آهي ان جو حقيقي مالڪ الله تعاليٰ جي ذات پاڪ آهي. انسان رڳو ان جو امين آهي. جتي خرچ ڪرڻ لاءِ



www.sindsalamat.com

هو حڪم ڪندو، ڪيس امين جي حيثيت ۾، سندس مرضي مطابق، اتي ئي خرچ ڪرڻو پوندو. انسان جنهن مال ملڪيت جو وارث آهي، سو هن کان اڳ ڪنهن ٻئي جي هٿن ۾ هو ۽ هڪ وقت اهڙو به ايندو جو انهيءَ جو وارث ڪو ٻيو اچي ٿيندو. انهيءَ مان معلوم ٿيو ته مال ملڪيت تي انسان جي ڪا به ذاتي حقداري نه آهي، پر اها رڳو الله تعاليٰ طرفان ڏنل امانت آهي ۽ انهيءَ کي خرچ ڪرڻ بابت هن جي مٿان ڪي ذميواريون وڌيون ويون آهن ته هو ڪيئن انهيءَ کي خرچ ڪري. هاڻي جيڪڏهن ڪو انسان انهيءَ نائبيءَ جي فرض کي صحيح طرح نٿو نڀائي ته الله تعاليٰ کي اهو اختيار آهي ته جڏهن گهري ڪائنس اهو منصب واپس وٺي. جيئن فرمايو ويو:

وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ﴿الحديد: ١٠﴾

”آسمانن ۽ زمين جي ميراث سڀ فقط الله جي آهي.“

اهو عام مشاهدو آهي ته مال ملڪيت انسان وٽ هميشه نٿي رهي. ڪڏهن ته سندس حياتيءَ ۾ ئي ٻين ڏانهن هلي وڃي ٿي، پر جيڪڏهن ائين نه به ٿئي ته مرڻ کان پوءِ ته پڪ سان ٻين جي ٿي وڃي ٿي. وري جڏهن سمورا انسان مري کپي ويندا ته پوءِ اها انسان ذات مان ڪنهن هڪ جي به نه رهندي.

مٿين آيت ۾ الله تعاليٰ هر شيءِ کي پنهنجي ميراث ڄاڻايو آهي. ميراث ان ملڪيت کي چيو ويندو آهي، جيڪا اڳين مالڪ جي مرڻ کان پوءِ سندس پٺيان جيئرن وارثن کي ملندي آهي، پوءِ ڀلي انهيءَ وراثت تي مري ويل مالڪ راضي هجي يا نه. هتي ميراث لفظ آڻڻ جي حڪمت هيءَ آهي ته انسان جي دل گهري يا نه، پر جنهن ملڪيت جو هن وقت هو مالڪ بڻيو ويٺو آهي، سا سموري ئي هڪ ڏينهن الله تعاليٰ جي ملڪيت ۾ اچي ويندي. مطلب اهو آهي ته انهيءَ ملڪيت جو مالڪ ته اصلئون الله تعاليٰ جي ذات ئي آهي، پر هن مهرباني ڪري انسان کي عارضي طور نيابت جي طور تي مالڪ بڻايو، وري هڪ ڏينهن اهڙو به ايندو جو سندس اها ظاهري نيابت به ختم ٿي ويندي ۽ پوءِ وري به ان تي مالڪي هر طرح سان الله تعاليٰ جي ئي رهجي ويندي.

قرآن ڪريم ۾ ڪيترين ئي جاين تي مال جي محبت کان منع ڪندي، معاشري جي ڪمزور انسانن ۾ خرچ ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. زڪوات، صدقي ۽ ميراث جي ورهاست جا قانون پيش ڪري، هڪ مستقل انتظام ڪيو ويو آهي ته جيئن دولت چند ماڻهن جي هٿن ۾ رڪجي نه وڃي پر



ان جي گردش سڄي مسلم معاشري ۾ ٿيندي رهي. انهيءَ ڪري ارشاد ٿيو:

مَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْ اَهْلِ الْقُرٰى فَلِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ وَلِذِى الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ كَيْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةًۢ بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ مِنْكُمْ ۭ ﴿الحشر: ٧﴾

”ڳوٺاڻن (جي مالن) مان جيڪي الله پنهنجي پيغمبر جي هٿ ۾ ڏنو سو خاص الله لاءِ ۽ پيغمبر لاءِ ۽ (پيغمبر جي) مائٽن لاءِ ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي (اِهو هن لاءِ بيان ڪيو ويو) ته اُهو (مال رڳو) اوهان مان دنيادارن جي وچ ۾ گردش نه ڪندو رهي.“

زمين تي موجود مال دولت ۽ خزانن جو حقيقي مالڪ رڳو الله تعاليٰ جي ذات پاڪ آهي. تنهن ڪري ڪيس اهو حق حاصل آهي ته دولت جي ورهاست ۽ سرمائي جي گردش جو مستقل اصول به مقرر فرمائي. اهو ئي جهانن جو پالڻهار آهي، انهيءَ ڪري سندس ربوبيت ان ڳالهه جي گهرجائو آهي ته هو سڄي مخلوق کي روزي پهچائي ۽ انهن جي پورائي لاءِ جوڳو انتظام فرمائي. تنهن ڪري الله تعاليٰ زمين جي اهڙن خزانن جو انتظام پاڻ وٽ ئي رکيو اهي، جيڪي انسان جون فطري ضرورتون آهن. هوا، پاڻي، اُس، سج جي گرمي، مينهن وغيره ان ۾ اچي وڃن ٿا. اهي اهڙيون ضرورتون آهن، جن جو هرڪو انسان محتاج آهي ۽ انهن کان سواءِ سندس زندگي جو قائم رهڻ خطري ۾ پئجي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري اهڙين شين جي ورهاست جو انتظام الله تعاليٰ پاڻ وٽ رکيو ته جيئن هر قسم ۽ هر علائقي جا ماڻهو، پوءِ ڀلي اهي ڪمزور هجن يا طاقتور، پهچ وارا هجن توڙي بي پهچ، سڀئي هڪ جهڙو فائدو حاصل ڪري سگهن. اهڙين شين کي الله تعاليٰ پنهنجي ڪامل حڪمت تحت انساني قبضي کان محفوظ ڪيو آهي ۽ ڪنهن جي همٿ نه آهي جو انهن شين تي قبضو ڪري سگهي.

ضرورت وارين شين جو ٻيو قسم زمين مان نڪرندڙ پاڻي ۽ کاڌي پيتي جون شيون آهن. اِهي شيون جيتوڻيڪ جهجهي مقدار ۾ نه آهن، پر ان هوندي به جبلن، غير آباد ٻيلن ۽ قدرتي چشمن کي عام ڀلائي لاءِ مخصوص ڪري، هڪ خاص قانون هيٺ انسانن کي زمين جي ڪجھ حصن تي، ان مان نفعي حاصل ڪرڻ جو جائز حق به ڏنو ويو آهي. پر ان ۾ به شرط هيءُ آهي ته ڪو به انسان خدائي قانونن جي لتاڙ ڪندي ٻين جي استحصال جو ذريعو هرگز نه بڻجي ۽ نه

وري دولت جا انبار ڪنا ڪري. پر جيڪڏهن ائين ڪندو ته پوءِ اولي الامر جو فرض آهي ته نفعي وٺڻ لاءِ جيڪو ڪيس عارضي حق ڏنو ويو آهي سو واپس وٺي ڇڏي.

زمين مان حاصل ٿيڻ واري دولت جو ٽيون قسم ڪاٽيون آهن. انهن مان حاصل ٿيندڙ شين ۾ سون ۽ چاندي اهڙيون شيون آهن، جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان پنهنجي پوري توانائي خرچ ڪري ٿو. اهي شيون جيتوڻيڪ انسان جون فطري ضرورتون نه آهن، پر الله تعاليٰ انهن کي پنهنجي ڪامل حڪمت هيٺ انساني ضرورتن جي پورائي جو هڪ وسيلو ٺاهي ڇڏيو آهي. انهن ڪاٽين مان نڪرندڙ سڀ شيون رعيت ۽ عوام جي گڏيل ملڪيت آهن.

هن قسم جي دولت جيڪڏهن عدل ۽ انصاف سان ورهائي وڃي ته سڄي زمين تي جيڪر ڪو به انسان بکئي پيٽ يا لڱين اگهاڙو نه رهي. پر انسان جي اندر موجود مال جي محبت ڪيس ڪنجوسيءَ تي اياري ٿي ۽ هو گهري ٿو ته وتس گهٽي کان گهٽي دولت گڏ ٿئي ۽ رڳو پاڻ ئي انهيءَ مان فائدو وٺندو رهي. انهيءَ جي نتيجي ۾ سرمايه پرستي ۽ مال ميڙڻ جا نت نوان طريقا وجود ۾ اچي چڪا آهن ۽ دولت رڳو ڪن ڳڻپ جيترن ماڻهن جي هٿن ۾ ئي گردش ڪرڻ لڳي آهي.

انساني تاريخ جي هر دؤر ۽ هر زماني ۾ ٻه تهذيبون رهيون آهن. انهن مان هڪ اخلاقي، جڏهن ته ٻي نج مادي تهذيب آهي. اخلاقي تهذيب هميشه اسلام ئي رهي آهي. اسلام کي ڇڏي ڪري باقي ٻي هر تحريڪ مادي بنيادن تي رهي آهي.

مادي تهذيب موجب ماڻهو ڌن دولت ڪمائڻ جي معاملي ۾ آزاد آهي. جيئن وڻيس، جائز توڙي ناجائز طريقي سان، ڪمائي ۽ جتي وڻيس خرچ ڪري. ان لاءِ مٿس ڪا به روحاني يا اخلاقي پابندي ناهي. انهيءَ موجب انسان لاءِ ضروري آهي ته مال ڪمائڻ لاءِ وڏي پئماني تي ڪوشش ڪري ۽ پنهنجي سڄي ڪوشش ان کي وڌائڻ تي خرچ ڪري. هن تهذيب ۾ مال ميڙڻ ئي زندگيءَ جو مقصد آهي.

ان جي مقابلي ۾ اسلام اندر زندگيءَ جو مقصد مال ميڙڻ نه آهي، پر اهو زندگيءَ جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جو هڪڙو ذريعو آهي. انهيءَ ڪري ئي مال کي "قياماللناس" سڏيو ويو آهي يعني هيءُ معيشت جي ترقي جو سامان آهي جنهن ۾ توازن رکڻ لاءِ اولي الامر يا رياست ذميوار آهي.



اسلامي تهذيب ۾ مال کي محتاجن ۽ لاچارن ۾ خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. ان کي پاڻ وٽ گڏ ڪري رکڻ کان نه رڳومنع ڪئي وئي آهي پر اهڙي روش تي تنبيهه پڻ ڪئي وئي آهي:

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِۨ ﴿١﴾ الَّذِىْ جَمَعَ مَالًا وَّعَدَّدَهٗ ﴿٢﴾ ﴿الهمزة:١-٢﴾

"(اُنهيءَ) سيڪنهن گلا ڪندڙ عيب ڳوليندڙ لاءِ خرابي آهي. جنهن مال گڏ ڪيو ۽ اُهو ڳڻي ڳڻي رکيائين"

ٻئي پاسي قرآن پاڪ ۽ حديثن ۾ فرض زڪوات کان سواءِ ڪيترين ئي جاين تي، صدقي ۽ خيرات جي صورت ۾ خرچ ڪرڻ جو نه رڳو حڪم ڏنو ويو آهي، پر جي وڏي فضيلت پڻ ٻڌائي وئي آهي. فرمايوويو:

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ﴿آل عمران:٩٢﴾

"توهان نيڪيءَ جي درجي کي ڪڏهن به پهچي نٿا سگهو، جيستائين توهان (خدا جي راهه ۾) خرچ نه ڪيو ان مان جنهن سان توهان کي محبت آهي."

انهيءَ آيت مان معلوم ٿئي ٿو ته انسان ايمان جي اعليٰ درجي تي تيستائين نٿو پهچي سگهي جيستائين هو پنهنجي دل مان مال دولت جي محبت ڪي ڪڍي، ان جي جاءِ تي الله تعاليٰ جي حب رکي، ان جي رضا لاءِ معاشري جي بي پهچ ۽ ضرورتمندن ۾ خرچ نه ڪري.

قرآن جتي اضافي مال کي مسڪين ۽ محتاجن تي خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو، اتي انسان جي بنيادي ضرورتن کي به نظر انداز نٿو ڪري. اهو ئي سبب آهي جو خرچ ڪرڻ جي معاملي ۾ به اهو ئي فرمايو ويو ته جيڪو ڪجهه توهان جي ذاتي ضرورتن کان وڌيڪ هجي سو الله تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ ڪريو:

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ۬ قُلِ الْعَفْوَ ﴿البقرة:٢١٩﴾

"۽ تو کان پڇن ٿا ته الله جي راهه ۾ ڇا خرچ ڪيون؟. انهن کي چئو ته جيڪي توهان جي ضرورتن کان وڌيڪ هجي سوخرچ ڪيو."

پر جيڪڏهن ڪو پنهنجي بنيادي ضرورتن جي باوجود به الله تعاليٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻئي ڪنهن لاچار ۽ ضرورتمند جي مددگاري ڪري ٿو ته الله اهڙن انسانن کي نفس جي شامت کان بچڻ جي ويل ٻڌائي ٿو:

وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ۗ وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ

www.sindsalamat.com

الْمُفْلِحُوْنَ ﴿الحشر:٩﴾

“۽ (ٻين کي) پاڻ تي ترجيح ڏيندا آهن، توڙيڪ کين کو احتياج به هوندو آهي ۽ جن کي سندن نفس جي حرص کان بچايو ويو سي ئي ڇٽڻ وارا آهن.”

هن سڄي بيان جو مقصد هيءُ آهي ته الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ڪيترين ئي جاين تي مال خرچ ڪرڻ ۽ ان جي ورهاست جو طريقو ٻڌائيندي، زڪوات، صدقا، غنيمت، فيءِ ۽ ميراث مستحق ماڻهن انصاف سان ۾ ورهائڻ جو حڪم ڏنو آهي. انهيءَ حڪم جو اصل مقصد صرف ۽ صرف اهو آهي ته مال دولت کي انصاف ۽ انساني برابري جي بنياد تي سڀني ضرورت مندن تائين پهچايو وڃي ۽ ان ڳالهه جو خاتمو آندو وڃي ته مال دولت ۽ سڀئي معاشي فائدا رڳو اميرن ۽ پئسي وارن وٽ گڏ ٿيا پيا هجن ۽ معاشري جا ٻيا ماڻهو انهيءَ کان محروم رهن. سچ هيءُ آهي ته قرآن ڪريم دولت جي ورهاست ۽ سرمائي جي گردش جا اهڙا ته سهڻا اصول ٻڌايا آهن جنهن تائين وڏا وڏا اقتصادي ۽ معاشي ماهر اڄا توڙي پهچي ئي نه سگهيا آهن. اهي اصول قيامت تائين اچڻ وارن انسانن لاءِ امن، سلامتي ۽ معاشي ترقي جا بنياد آهن جن تي انساني تهذيب ۽ تمدن جي مضبوط ۽ خوبصورت عمارت اڏي سگهجي ٿي.

# زرعي زمين جي شرعي حيثيت

**ڊاڪٽر احمد حسين ڪمال**

**سنڌيڪار: احمدالدين بلوچ**

زمين پيدائش جو هڪ اهڙو ته اهم ذريعو آهي، جنهن جو انساني معيشت سان تمام ئي گهاٽو تعلق آهي. انهيءَ جي حد کان وڌيڪ ۽ ڪنهن به پابندي کان آجي قبضي سان معيشت جي اندر تمام ئي زبردست خلل پيدا ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن زمين تي ڪنهن جو لامحدود قبضو تسليم ڪيو وڃي ته پوءِ مال جي هر قسم تي لامحدود ملڪيت جي قبضي جي واٽ کلي پوي ٿي.

قرآن ڪريم ۾ زمين ۽ ان سان لاڳاپيل انساني تعلق جي باري ۾ ارشاد آهي:

وَلَقَدْ مَكَّنّٰكُمْ فِي الْاَرْضِ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ ﴿الأعراف:١٠﴾

“۽ بيشڪ اوهان کي زمين ۾ ٽڪايوسون ۽ منجهس اوهان لاءِ گذران (جو اُپاءُ) رکيوسون”

ان کان پوءِ زمين مان حاصل ٿيندڙ اپت جي باري ۾ فرمايو ويو:

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ﴿البقرة:٢٩﴾

“اُهو (الله) آهي جنهن توهان (جي فائدي) لاءِ جيڪي (شيون) زمين ۾ آهن سي مڙيئي پيدا ڪيون”

انهن شين کي ڪتب آڻڻ لاءِ انسانن کي جيڪا صلاحيت ڏني وئي آهي، انهيءَ بابت ٻڌايو ويو آهي ته:

اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ ﴿الحج:٦٥﴾

“جيڪي زمين ۾ آهي سو الله اوهان لاءِ نوايو آهي”



www.sindsalamat.com

زمين جون وسعتون سيني لاءِ هڪجهڙيون آهن. انهيءَ باري ۾ فرمايو ويو:

﴿اَلَمۡ تَكُنۡ اَرۡضُ اللّٰهِ وَاسِعَةً فَتُهَاجِرُوۡا فِيۡهَا ؕ﴾ (النساء: ٩٧)

“الله جو مُلڪ ويڪرو نه هو ڇا؟ جو اُن ۾ لڏي وڃو ها”

ائين به فرمايو ويو:

﴿وَمَنۡ يُّهَاجِرۡ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ يَجِدۡ فِى الۡاَرۡضِ مُرٰغَمًا كَثِيۡرًا وَّسَعَةً ؕ﴾ (النساء: ١٠٠)

“جيڪو الله جي واٽ ۾ وطن ڇڏيندو سو زمين ۾ گهڻيون رهڻ جون جايون ۽ (روزيءَ جي) ڪشادگي لهندؤ”

﴿يٰعِبَادِىَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّ اَرۡضِىۡ وَاسِعَةٌ﴾ (العنكبوت: ٥٦)

“اي منهنجا مؤمن ٻانهؤ! بيشڪ منهنجي زمين ويڪري آهي”

سموري انسانذات جي زمين سان عام تعلق بابت قرآن ڪريم جي مٿين آيتن ۾ جنهن انداز سان ذڪر ڪيو ويو آهي، تنهن مان هيءَ ڳالهه چٽيءَ طرح واضح ٿي وڃي ٿي ته زمين تي هر انسان کي هڪجيترو معاشي حق حاصل آهي.

انهيءَ ڪري ئي جڏهن اسلام کي غلبو حاصل ٿيو ته زمين بنسبت جناب رسالت مآب ﷺ جن ۽ سندن عظيم خليفن اهڙا حڪم صادر ڪيا، جن سان ڪنهن هڪ به فرد جي زمين تي معاشي حقن جي لتاڙ نه ٿي.

عرب ۽ حجاز جي زمين جو گهڻو حصو ته زراعت جي لائق ئي نه آهي، جنهن ڪري هن خطي کي “وادي غير ذي زرع” سڏيو ويو آهي. انهيءَ ڪري ئي اتي زراعت جو وڏي پيماني تي نظام به موجود ڪونه هئو. باقي ائين سو هيو جو زمين جو وڏو حصو چراگاهن جي طور استعمال ٿيندو هو، جنهن تي اتان جي اميرن ۽ سردارن جو قبضو هوندو هو ۽ زمينن بابت عرب دنيا ۾ اهوئي هڪ سنگين مسئلو هو. هوڏانهن رسول الله ﷺ جن جو فرمان انهيءَ معاملي بنسبت هي هو ته:

لاحمى الالله والرسول (بخاري: ج2 باب لاحمي)

“چراگاهه رڳو الله ۽ ان جي رسول لاءِ آهن (يعني وقف عام آهن)”

تمام ئي ٿورو حصو جيڪو زراعت لاءِ استعمال ٿيندو هو تنهن تي قبضيدار غلامن کان هر ڪاهرائي پوکي ڪرائي ويندي هئي. غلام هجڻ جي



ڪري انهن هارين جو ان زمين ۽ ان جي پيداور ۾ ڪو به حصو ڪونه هوندو هو، پر پاڻ ﷺ جن حڪم فرمايو:

خلوا کل اکار وزراع (کنز العمال)

“هر ڪاهيندڙن ۽ پوکي ڪندڙن کي غلامي جي ٻنڌڻن مان آزاد ڪري ڇڏيو” (ته جيئن توهان جو ۽ انهن جو معاملو زمين ۽ ان جي پيداوار بنسبت ٻن آزاد ڌرين جهڙو ٿي پوي).

واضح ۾ جيڪو واقعو ذڪر ٿيل آهي، انهيءَ مان به زرعي زمين جي حيثيت مقرر ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. رسول الله ﷺ جن جي زماني ۾ ڇئن ماڻهن زمين جي هڪ ٽڪري تي پائيواري جي بنياد تي پوکي ڪئي. انهن مان هڪ جي زمين، ٻئي جو ٻج، ٽيئن جي ڍاندن جي جوڙي ۽ چوٿين جي محنت سان فصل پوکيو ويو. جڏهن فصل تيار ٿيو ۽ بٽئي ٿيڻ لڳي ته ان جي ورهاست تي پائيوارن ۾ جهيڙو ٿي پيو ۽ اهي چارئي پاڻ ﷺ جن وٽ پنهنجو فيصلو ڪٽي آيا. پاڻ ﷺ جن ڍاندن جي جوڙي واري کي ۽ محنت واري کي سندن اجرت ۽ محنت جي حساب سان حصو ڏياريو. باقي جيڪو ڪجهه بچيو اهو ٻج واري کي ڏياري ڇڏيو ۽ زمين کي (ملڪيت جي بنياد تي) بي معنيٰ (لغو) قرار ڏنو ۽ ان لاءِ ڪو به حصو مقرر نه فرمايو. انهيءَ فيصلي مان هيءَ ڳالهه چٽي ٿي وڃي ٿي ته رسول الله ﷺ جن زمين جي ملڪيت هجڻ کي تسليم نه ڪيو ۽ زمين جي پنهنجي طور تي ڪا به حيثيت ۽ قيمت نه آهي.

“ڪتاب الاموال” ۾ حضرت عمر □ جو هيءُ قول نقل ٿيل آهي ته:

لنا اقارب الارض والاموال “زمين ۽ ملڪيتون اسان جون (يعني حڪومت جون) آهن.”

احڪام القرآن ۾ حضرت علي □ جن جو هيءُ ارشاد ذڪر ڪيو ويو آهي ته:

ان ارضك فلنا “تنهنجي زمين اسان (يعني حڪومت جي) آهي.”

فقهي حڪم هي به آهن:

اصلها لبيت المال (در مختار) “اهي سڀ بيت المال جي ملڪيت آهن”

تصيرالارض للسلطان (محلي) “زمين حڪومت جي آهي”

ان حکم الارض الى الامام (عيني) “زمين تي امام (حڪومت) جو ئي حڪم مڃيو ويندو آهي.”

زمين بابت هيءَ ڳالهه به ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته ارڙهين صدي جي خاتمي تائين ايشيائي ۽ مسلم ملڪن ۾ زرعي زمينون ڪنهن جي ذاتي ملڪيت نه سمجهيون وينديون هيو.

پاڪ و هند ۾ به زرعي زمينون ڪنهن جي ذاتي ملڪيت ڪونه سمجهيون وينديون هيون، پر اهي ڳوٺاڻن جي گڏيل ملڪيت هوندي هئي. انهيءَ ڪري ئي تاريخ فرشته، ابن بطوط جي سفرنامي، اورنگ زيب جي وقت جي فرانسيسي ڊاڪٽر برنير جي سفرنامي، ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ملازمن ۽ آفيسرن جي لکڻين ۽ "ڪلوريٽ" جي ڪتاب "ويلٿ اينڊ ويلفيئر آف پنجاب" جي مطالعي مان انهيءَ ڳالهه جي تصديق ٿي وڃي ٿي ته ايشيائي ۽ مسلمان ملڪن ۾ زرعي زمين ڪنهن خاص ماڻهو جي ذاتي ملڪيت نه هوندي هئي. ايتري تائين جو انهيءَ جو ذڪر ڪارل مارڪس به، پنهنجي ڪتاب "مارڪس اينڊ اينجلز ان انڊيا" ۾، جيڪو سوشلسٽ بڪ ڪلب الهه آباد جو شايع ڪيل آهي، هنن لفظن ۾ ڪيو آهي ته مسلمانن سڄي ايشيا ۾ زمين تي ذاتي ملڪيت نه بنائڻ جي اصول کي وڏي پئماني تي عملي جامو پهرايو آهي.

زرعي زمينن جي ذاتي ملڪيت جو رواج سڀ کان پهريان يورپ ۾ ارڙهين صدي جي صنعتي انقلاب جي دوران پيو، جڏهن جاگيرداري نظام جو خاتمو ٿي چڪو هو ۽ زمين جا وڏا وڏا ٽڪرا قبضيدار فردن جي ملڪيت قرار ڏنا ويا هئا. يورپ ۽ انگلستان جا ماڻهو جڏهن ايشيائي ۽ مسلمان ملڪن تي قابض ۽ حڪمران ٿيا تڏهن انهن پنهنجي اقتصادي ڦرلٽ جي لاءِ ضروري سمجيو ته انهن ملڪن ۾ به زرعي زمينن جي ذاتي ملڪيت جو رواج وجهن. ائين هنن پنهنجي منظور نظر ۽ مطلب وارن ماڻهن کي زمينن جو مالڪ بنائڻ وارو رواج شروع ڪيو ۽ ملڪيت جو هڪ نئون نظام رائج ڪيو. جڏهن ته حضرت عمر □ جي زماني کان وٺي فتح ڪيل ملڪن جون زمينون بيت المال جي ملڪيت سمجهيون وينديون هيون. هندستان جي عالمن به هندستان جي زمينن کي وقف عام ۽ بيت المال جي ملڪيت قرار ڏنو آهي. جيئن "رساله اراضي هند" ۾ شاهه عبدالعزيز صاحب محدث دهلويؒ جي فتويٰ مان به ظاهر آهي. (ڏسو فتاويٰ عزيزيه)

انهيءَ سلسلي ۾ مولانا شبلي نعماني جي ڪتاب "الفاروق" مان ڪنيل هيٺيون ٽڪرو به توجهه جي لائق آهي:

"سڀ کان وڏو انقلاب جيڪو حضرت عمر هن (زراعت جي) معاملي ۾



آندو ۽ جنهن جي ڪري رعيت جي ڀلائي ۽ خوشحالي يڪدم ترقي جي بلندين تي پهچي وئي، سو هي هو ته زمينداري ۽ زمين جي ملڪيت جو پراڻو قانون، جيڪو ظلم ۽ جبر تي ٻڌل هو، سو ختم ڪري ڇڏيائون.

رومين جڏهن شام ۽ مصر تي قبضو ڪيو ته زمينون اتان جي اصلي رهاڪن کان کسي ڪجهه فوجي آفيسرن کي ۽ ڪجهه درٻارين کي ڏنيون، جڏهن ته انهن کي شاهي جاگير قرار ڏنو. ڪجهه زمين ڪلسيا ۽ چرچ وغيره جي لاءِ به وقف ڪئي وئي. اهڙي طرح اتان جي اصلي رهاڪن لاءِ گراٺ جيتري زمين به نه رهي. انهن کي صرف ڪڙمت جي حق مليل هو ۽ جيڪڏهن زمين جو مالڪ پنهنجي زرعي زمين ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪندو هو ته زمين سان گڏ ڪڙمي به ٻئي جي حوالي ٿي ويندا هئا. آخري وقت ۾ اصلي رهاڪن کي به ڪجهه زمينداري جو حق ملڻ لڳو. پر پوءِ به زمينداري جي حفاظت ۽ ان مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ رومي زمیندارن جو سهارو ورتو ويندو هو. انهيءَ بهاني سان زميندار پاڻ انهيءَ زمين تي قبضو ڪندڙ ٿي ويندو هو جڏهن ته ويچارو ڪڙمي ڪڙمي ئي رهجي ويندو هو.

هيءُ طريقو رڳو ڪجهه رومي سلطنتن جو ڪونه هو، پر جيستائين اسان کي معلوم آهي ته تقريبا سڄي دنيا ۾ اهو ئي طريقو هلي رهيو هو ته زمين جو وڏو حصو فوج جي آفيسرن يا مالدارن کي جاگير طور ڏنو ويندو هو.

حضرت عمر ملڪ فتح ڪرڻ سان ئي اهو ظالمانه قانون مٽائي ڇڏيو. پهريان ته اها ڳالهه آهي ته رومي ملڪ جي فتح ٿيڻ کان اڳ ئي اتان نڪري ويا. باقي جيڪي رهجي ويا، تن جي قبضي مان زمين کي ڇڏايو ويو. حضرت عمر ان سڄي زمين جيڪا شاهي جاگير هئي يا فوجي آفسرن جي قبضي ۾ هئي، ملڪ جي اصلي رهاڪن جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ بجاءِ ان جي جو اها مسلمان فوجي آفيسرن يا سردارن کي بخشي وڃي. قانون ٺاهي ڇڏيو ته مسلمان ڪنهن به صورت ۾ انهيءَ زمين تي قبضيدار نٿا ٿي سگهن. يعني جيڪڏهن مسلمان زمين جي مالڪن کان خريد ڪرڻ گهرن ته به ائين نٿا ڪري سگهن. هي قانون ڪيتري ئي عرصي تائين جاري رهيو. انهيءَ ڪري ئي جڏهن ليث بن سعد مصر ۾ ڪجهه زمين مُلهه ڀري ورتي ته وڏن وڏن مذهبي اڳواڻن، جهڙوڪ امام مالڪ ۽ نافع بن يزيد وغيره ان تي سخت اعتراض واريو." (الفاروق حصو ٻيو-مولانا شبلي نعمانيؒ).

"حضرت عمر □ هڪ عام حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو هو ته سڄي

ملڪ ۾ جتي جتي غير آباد زمينون آهن سي جيڪو بہ ماڻهو انهن کي آباد ڪندو، ان جون سمجهيون ويندون. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان قسم جي زمين تي ان کي آباد ڪرڻ لاءِ قبضيدار بڻجي ۽ ٽن سالن تائين آباد نہ ڪري سگهي تہ پوءِ اها زمين ان جي قبضي ۾ نہ رهندي.“ (ساڳيو مٿيون حوالو)

اڄ ڪان چوڏنهن سؤ سال پهريان جڏهن دنيا ۾ رڳو ملوڪيت ۽ جاگيرداري جو عروج هو، تڏهن معيشت بابت اسلام عدل ۽ انصاف تي ٻڌل مٿيون هدايتون ڏنيون ۽ انهن تي پوري معاشري ۾ رضاڪارانہ ۽ حڪومتي نظام هيٺ عمل ڪيو ويو. ڪنهن بہ ٽڪراءَ ڪان پاڪ انفراديت سان گڏ متوازن اجتماعيت جي سياسي ۽ اقتصادي تصور تي ٻڌل انساني معاشري جو رخ هر طرح سان عدل ۽ مساوات ڏانهن ڦيريو ويو.

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ (الأحزاب:٢١)

”بيشڪ اوهان لاءِ الله جي پيغمبر (جي طريقي) ۾ عمدي پيروي آهي“

ائين اڄ وري انهيءَ تصور ۽ معاشي طريقي کي زنده ڪرڻ ۽ اسوه رسول الله ﷺ اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي.

# سخاوت جو پيغمبرانہ طريقو

مولانا شعيب الرحمن ڪهڙو

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله فرمائي ٿو تہ: مون پاڻ سڳورن ﷺ کان وڌيڪ سخي ۽ فياض، پاڻ سڳورن ﷺ کان وڌيڪ دلير، بهادر ۽ حوصلي وارو، پاڻ سڳورن ﷺ کان وڌيڪ صابر ۽ قناعت ڪندڙ ڪوبہ ماڻهو نہ ڏٺو. (رواه دارمي 23/1)

پاڻ ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي: ”الله سڀ کان وڏو سخي آهي، پوءِ آءٌ انسانن ۾ سڀ کان وڏو سخي آهيان ۽ مون کان پوءِ انسانن ۾ اهو ماڻهو سخي آهي جيڪو علم سيکاري ۽ ان کي ڦهلائي.“

پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ جيڪي ڪجهہ ايندو هو، گهٽو ڪري سڀ ڪجهہ اتي جو اتي غريبن ۽ مسڪينن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ ڪٿان نوي هزار درهم آيا، پاڻ سڳورن اتي جو اتي اهي نوي هزار درهم تقسيم ڪري ڇڏيا. جڏهن اها رقم ختم ٿي وئي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ هڪ سائل پهتو، تنهن تي فرمايائون تہ: هينئر مون وٽ ڪجهہ بہ نہ آهي، تون منهنجي نالي تي قرض وٺ، جڏهن ڪجهہ ايندو تہ آءٌ ادا ڪري ڇڏيندس. (شمائل ترمذي)

پاڻ سڳورا ﷺ ٻين انسانن جي لاءِ تہ خزانا لٽائي ڇڏيندا هئا، پر پنهنجو حال اهو هو جو ٻہ ٻہ مهينا گهر جي چلهہ ۾ باهہ نہ ٻرندي هئي. حضرت عائشہ $ فرمائي ٿي: ”ٻہ ٻہ ٽي ٽي مهينا ائين گذري ويندا هئا جو اسان جي گهرن ۾ باهہ نہ ٻرندي هئي، صرف کارڪن ۽ پاڻيءَ تي گذر ٿيندو هو.“ (رواه مسلم)



www.sindsalamat.com

ان حال هوندي بہ پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن بہ پنهنجي در تان ڪنهن سائل کي نہ موٽايو، بلڪ جو ڪجهہ هوندو هو، اهو ان کي ڏئي ڇڏيندا هئا.

حضرت انس رضي الله فرمائي ٿو تہ، "پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن بہ سائل کي نہ موٽايو. بلڪ جيڪو ڪجهہ هوندو هو اهو ان کي ڏئي ڇڏيندا هئا."

هڪ ڀيري هڪ ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ پيش ٿيو. ڪين صدقي جون ٻڪريون جيڪي ٻن جبلن جي وچ ۾ هيون (يعني حساب ۽ اندازي کان گهڻيون هيون) اهي سڀ ان کي ڏئي ڇڏيائون. اهو ماڻهو ٻڪريون ڪاهي پنهنجي قوم ڏانهن ويو ۽ انهن کي چوڻ لڳو: "توهان سمورا مسلمان ٿي وڃو." پاڻ سڳورا ﷺ ايتري تہ بخشش ۽ عطا ڪن ٿا جو بک جو ڀؤ ئي نٿو رهي." (مسلم 253/1)

پاڻ سڳورن ﷺ جي فياضي ۽ سخا ايتري قدر هئي جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو دنيا جي حصول جو ارادو ڪٽي ايندو هو تہ پنهنجي ساٿين سان پاڻ ڪريمن ﷺ جون مهربانيون، فياضيون ۽ سخا ڏسي مسلمان ٿي پوندو هو.

حضرت ابوذر غفاري رضي الله فرمائي ٿو تہ، "آءٌ مڪي جي پٿريلي زمين تي پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ هلي رهيو هيس تہ احد جبل اسان جي سامهون اچي ويو. پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: مون کي ان ڳالهہ تي سخت بيچيني ٿيندي تہ مون وٽ احد جبل جيترو سون هجي ۽ ان تي ٽي ڏينهن ائين گذري وڃن، جو مون وٽ ڪو دينار رهجي وڃي، سواءِ ان ٿوري رقم جي جيڪا مون قرض جي ادائگيءَ جي لاءِ رکان، بلڪ مون ان مان سڄو مال پنهنجي ساڄي ڪابي ۽ هر پاسي خرچ ڪري ڇڏيان. (رواه بخاري)

اتان معلوم ٿيو تہ، پاڻ بک ۽ ڏک تي رهي ٻين تي عطائون ڪري ڪنهن مجبور سائل کي خالي نہ موٽائڻ، پنهنجو سيڪجهہ الله تبارڪ و تعاليٰ جي راهہ ۾ خرچ ڪري ڇڏڻ ۽ فوت ٿيل مقروض جو قرض ادا ڪرڻ پاڻ سڳورن ﷺ جي سنت آهي. جيڪي ماڻهو پاڻ تہ سک سان رهن ٿا پر ٻين جو خيال نٿا رکن، يا پنهنجي دنيا ۽ دولت اجايو ڪمن ۽ آرام طلبيءَ جي زندگيءَ تي خرچ ڪن ٿا ۽ مجبورن کي نظرانداز ڪن ٿا، اهي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي سنت ۽ طريقي جا منحرف آهن.



## دنيا کان بي رغبتي ۽ قناعت

جيتوڻيڪ پاڻ سڳورن ﷺ جي پيرن هيٺان دنيا جا خزانا لتاڙبا هئا، پر پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن بہ انهن ڏانهن توجہ نہ ڏنو. پاڻ سڳورن ﷺ جو تزڪيو ۽ استغنا ڪنهن مجبوريءَ ڪري نہ هو، بلڪ اهو طريقو پنهنجي لاءِ پسند ڪري اختيار ڪيو هئائون.

حضرت امان عائشہ $ فرمائي ٿي تہ، پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن بہ ڍؤ ڪري طعام نہ کاڌو، ۽ بک تي رهڻ جي باوجود ڪڏهن بہ بک جي شڪايت نہ ڪيائون. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو جو بک جي ڪري سڄي رات ننڊ نہ ايندي هئن، پر پوءِ بہ صبح جو روزو رکي ڇڏيندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جي اها حالت ڏسي آءٌ ڪڏهن ڪڏهن روئي پوندي هيس ۽ عرض ڪندي هيس تہ، اي الله جا رسول ﷺ! آءٌ اوهان تان قربان وڃان، اوهين دنيا مان گهٽ ۾ گهٽ ايترو حصو تہ قبول ڪيو جو بک جي اذيت برداشت ڪرڻي نہ پوي. تنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمائيندا هئا: "منهنجو دنيا سان ڇا وڃي، الله تعاليٰ جي اڳين رسولن ان کان بہ وڌيڪ تڪليفن ۾ وقت گذاريو ۽ جڏهن اهي پنهنجي پالڻهار وٽ پهتا تہ صبر ۽ قناعت جي ڪري عزت ۽ شرف سان نوازيا ويا." (قاضي عياض)

جيتوڻيڪ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي زماني مبارڪ ۾ ئي عرب جا ڪيئي علائقا فتح ٿي چڪا هئا ۽ مديني ۾ دنيا ۽ دولت جو سيلاب اچي چڪو هو، پر پاڻ ڪريم ﷺ جن هميشہ زهد ۽ قناعت اختيار ڪئي ۽ پنهنجي گهر جي ڀاتين کي پڻ زهد ۽ قناعت اختيار ڪرڻ جو سبق ڏنو. حديث شريف ۾ آهي:

"پاڻ ڪريم ﷺ جن هميشہ الله تبارڪ و تعاليٰ جي دربار ۾ هيءَ دعا گهرندا هئا: "اللهم اجعل رزقا آل محمد قوتا" (بخاري 957/2) اي الله محمد ﷺ جي اهل اولاد کي ايترو رزق عطا ڪر جنهن سان انهن جي زندگي باقي رهي سگهي."

جيتوڻيڪ دنيا حق آهي ۽ ان مان انسان فائدا وٺي سگهي ٿو، پر دنيا کي ئي سيڪجهہ سمجهڻ ۽ ان کي وڌائڻ جي هوس ۾ پنهنجي زندگي ڳاري ڇڏڻ، پيغمبر ڪريم ﷺ جن جي سنت جي خلاف آهي. پاڻ ڪريم ﷺ

جن جو طريقو ۽ سنت اها آهي تہ هڪ پاسي ڪان دنيا اچي تہ ٻئي پاسي ڪان الله جي راهہ ۾ هلي وڃي.

هڪ مؤمن شرعي حدن جي اندر رهي دنيا ڪمائي سگهي ٿو، پر هو ان جي خرچ ڪرڻ ۾ ڇڙواڳ ۽ آزاد ٿي نٿو سگهي. ڇو تہ هو ان ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جو نائب ۽ خليفو آهي، ۽ ان جي حُڪم ۽ منشا مطابق ان کي پنهنجو مال خرچ ڪرڻو آهي. قرآن ۾ ان جا چٽا حڪم موجود آهن، جيئن فرمايو ويو آهي:

وَ اَنۡفِقُوۡا مِمَّا جَعَلَكُمۡ مُّسۡتَخۡلَفِيۡنَ فِيۡهِ ؕ (الحديد:7)

”۽ ان مال مان خرچ ڪريو، جنهن ۾ اوهان کي پنهنجي نائب ڪيو اٿس.“

انسان جي تخليق جو مقصد تڏهن سجايو ٿئي ٿو جڏهن هو پنهنجي خليفي هئڻ واري اها قدرت جي پاران سپرد ڪيل ذميواري نڀائي ٿو.

هڪ مؤمن الله تعاليٰ جي راهہ ۾ غريبن، مسڪينن، ٻي پهچن ۽ مجبورن تي خرچ ڪري ”رَاضِيَةً مَّرۡضِيَّةً“ (الفجر-28) جي درجي تي پهچي سگهي ٿو.

****

# گهر ڀاتين سان پاڻ سڳورن ﷺ جو رويو

**مولانا شعيب الرحمٰن کهڙو**

پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي گهر ڀاتين تي انتهائي مهربان ۽ شفيق هوندا هئا. گهر ڀاتين سان شفقت ۽ پيار سان پيش ايندا رهندا هئا. پنهنجين گهروارين سان پيار ۽ اُلفت جون ڳالهيون ڪندا هئا ۽ انهن سان خوش طبعي ۽ مزاح پڻ ڪندا هئا تہ جيئن پاڻ ۾ پيار ۽ محبت جا جذبا سگهارا ٿين.

حضرت عائشہ $ کان جڏهن اهو پڇيو ويو تہ پاڻ سڳورا ﷺ گهر ڀاتين سان ڪيئن هلندا هئا؟ تنهن تي اما عائشہ $ فرمايو: پاڻ سڳورا ﷺ گهر ۾ عام انسانن جيان ئي رهندا هئا، پر پاڻ ﷺ ڏاڍا شفيق هئا ۽ اعليٰ اخلاق جا مالڪ هئا. فضول ڳالهيون نہ پاڻ ڪندا هئا ۽ نہ اهي ٻڌڻ پسند ڪندا هئا. برائيءَ جو بدلو برائيءَ سان نہ ڏيندا هئا، پر خطائون درگذر ڪري ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن گهر ڀاتي ڪنهن ڳالهہ کي پسند ڪندا هئا ۽ شرعي طور تي اها صحيح هوندي هئي تہ پاڻ سڳورا ﷺ ان کي نہ ٽاريندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ نہ ڪڏهن ڪنهن خادم کي ماريو ۽ نہ ئي ڪڏهن پنهنجي ڪنهن گهر واريءَ کي مار ڏني. گهر وارن سان خوش ٿي ۽ مرڪي ملندا هئا. صبح، شام گهروارين ڏانهن چڪر لڳائيندا هئا ۽ انهن کي پاڻ سلام ڪندا هئا. گهر جي سار سنڀال ۽ گهر ڀاتين جي ضرورتن جو لحاظ رکندا هئا. گهر آيل عورتن جا شرعي مسئلا ٻڌندا هئا ۽ نهايت ئي فهميده نموني ۽ سمجهاڻين سان کين ديني مسئلا سمجهائيندا هئا. پنهنجين گهر وارين کي پاڻ سان گڏ جنگين تي وٺي ويندا هئا ۽ انهن کي پاڻ سان گڏ حج پڻ ادا ڪرايائون.



www.sindsalamat.com

حضرت عائشہ $ فرمائي ٿي تہ پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن غزوه حنين يا غزوه تبوڪ کان واپس آيا تہ جاري ۾ ڪين هڪ رانديڪي تي نظر پئي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: اي عائشہ! هيءَ ڇا آهي؟ مون عرض ڪيو: هي راند جي گڏي آهي. ان جي وچ تي گهوڙو هو، جنهن کي بہ پر هئا، پاڻ سڳورن فرمايو: اڙي گهوڙي کي پر؟ مون عرض ڪيو: اي الله جا رسول ﷺ ڇا اوهين نہ ٻڌو آهي تہ حضرت سليمان عليہ السلام جي گهوڙي کي پر هئا، حضرت عائشہ $ فرمائي ٿي تہ ان تي پاڻ سڳورن ﷺ کي کل اچي وئي تان جو پاڻ سڳورن ﷺ جا ڏند مبارڪ ظاهر ٿيڻ لڳا.

(ابوداؤد 112/2)

جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ڪنهن سفر تي روانا ٿيندا هئا تہ گهروارين جي دلجوئيءَ جي لاءِ گهروارين جا ڪٽا وجهندا هئا. پنهنجين گهروارين کي خوش رکڻ جي لاءِ انهن کي عشاءَ کان پوءِ قصا ۽ واقعا ٻڌائيندا هئا، اهي قصا ۽ واقعا نصيحت ۽ حڪمت تي مشتمل هوندا هئا.

گهروارين سان رلي ملي ويندا هئا ۽ گهر جي هر ڪم ۾ انهن جو هٿ ونڊائيندا هئا. حضرت عائشہ $ فرمائي ٿي تہ پاڻ سڳورا ﷺ ڪپڙا سبي ويندا هئا. جتي ڳنڍي ويندا هئا ۽ گهر ۾ عام انسان جيڪي ڪم ڪندو آهي پاڻ سڳورا ﷺ اهي بہ اهي سمورا ڪم سرانجام ڏيندا هئا.

هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ، پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي گهروارن جي لاءِ پاڻيءَ جا دلا ڀري ايندا هئا ۽ پنهنجي ٻڪريءَ جو کير پاڻ ڏهندا هئا. هي هيو پاڻ سڳورن ﷺ جي گهر ڀاتين سان رويو، ڪردار، اخلاق ۽ سيرت. جيتوڻيڪ پاڻ سڳورا ﷺ الله جا پيارا نبي هئا، امت جي اتباع واري حيثيت سان سندن سيني گهروارين کي پاڻ سڳورن ﷺ جي هر حڪم جو اتباع ڪرڻو هو، پر پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ انهن جي دلجوئيءَ جي لاءِ انهن ۾ قرع اندازي ڪن ٿا، انهن سان کل يوڳ ۽ خوش طبعي ڪن ٿا ۽ انهن سان هر ڪم ۾ هٿ ونڊائين ٿا. جيڪڏهن اڄ جو معاشرو پاڻ سڳورن ﷺ جي ان سيرت تي هلي پوي ۽ پنهنجي گهر ڀاتين سان، پٽن سان، نياڻين سان ۽ گهر وارين سان دوستاڻو رويو رکي هلي تہ گهرن جي ماحول ۾ محبتن الفتن جا ڪيترا رنگ اڀري پون. ۽ هي گهرو معاشرو جنت جو ٽڪرو بڻجي سگهي ٿو.



## رشتيدارن/ مائٽن سان پاڻ سڳورن جو رويو

اسلام مٽن مائٽن ۽ رشتيدارن سان سهڻي سلوڪ جي حڪم ڪري ٿو، جنهن کي صلہ رحمي چيو وڃي ٿو. رحمت للعالمين ﷺ جن جي اخلاقي تعليم ۾ جنهن شيء کي سڀ کان وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي، اها آهي صلہِ رحمي، مائٽن ۽ عام انسانن جي حقن جي پاسداري. قرآن مجيد ۾ ڪيترن ئي جڳهن تي رشتيدارن، مٽن مائٽن ۽ عام انسانن جي حقن جي طرف توجہ ڏياريو ويو آهي. ۽ اهو ڪنهن تي احسان نہ بلڪ ان جو حق قرار ڏنو ويو آهي. مثال طور تي قرآن مجيد ۾ آهي:

(1) وَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ (الاسراء:26) ۽ پنهنجي مائٽ کي سندس حق ڏي.
(2) فَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ (الروم:38) پوءِ مائٽيءَ واري کي سندس حق ڏي.
(3) وَاٰتَى الْمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِى الْقُرْبٰى (البقره:177) ۽ الله سان محبت ڪري رشتيدارن کي مال ڏيو.
(4) قُلْ مَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ (البقره: 215) (ڪين) چئو تہ جيڪو مال خرچ ڪريو سو ماءُ پيءُ ۽ ويجهن مائٽن لاءِ آهي.

پاڻ سڳورا ﷺ جيتوڻيڪ پوري انسانيت لاءِ رحمت هئا، پر ان رحمت جي شروعات مٽن مائٽن کان ڪن ٿا.

دعوت اسلام جي وقت پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي پوري خاندان ۽ قبيلي کي گڏ ڪن ٿا. ۽ انهن کي هن انداز ۾ مخاطب ٿين ٿا: يا معشر قريش يا معشر بني عبد مناف! يا معشر بني قصي يا معشر عبد الڪعب. ان آواز تي مڪي جا قريش گڏ ٿي وڃن ٿا ۽ انهن کي اسلام جي دعوت ڏين ٿا. اسلام ۽ توحيد واري دعوت تي جيتوڻيڪ مٽن مائٽن ۽ رشتيدارن پاڻ سڳورن ﷺ کي تڪليفون پهچايون، مسلمانن سان قطع تعلقات ڪيائون، ڪين شهر ڇڏڻ ۽ هجرت ڪرڻ تي مجبور ڪيائون پر پوءِ بہ پاڻ سڳورن ﷺ انهن کان انتقام نہ ورتو ۽ انهن کي معاف ڪري ڇڏيائون.

پاڻ سڳورا ﷺ هر موقعي تي پنهنجن جو لحاظ رکندا هئا ۽ انهن جي ديني تربيت ڪندا هئا. ۽ انهن کي نيڪيءَ جي ترغيب ڏيندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ جيڪڏهن ڪنهن مٽ مائٽ ۽ رشتيدار ۾ ڪا خرابي ڏسندا هئا تہ خيرخواهيءَ جي بنياد تي نهايت ان کي اتي جو اتي درست ڪري ڇڏيندا هئا.

www.sindsalamat.com

اج ڪلهه ڏٺو وڃي ته اسان جو هر مبلغ ۽ داعي پنهنجن ۾ تبليغ ڪرڻ کان لهرائيندو آهي. هو ٻاهر ته وڏو مبلغ ۽ داعي هوندو آهي ۽ پنهنجن گهر وارين ۽ عزيزن ۾ ڪنهن به قسم جي تبليغ نه ڪندو آهي. ان جو هڪ سبب هيءَ آهي ته اج جو داعي پنهنجي زبان سان ته اسلام ۽ حق جي دعوت ڏئي ٿو، پر هو پاڻ پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ بهتري پيدا نه ٿو ڪري سگهي ۽ مثالي انسان نٿو بڻجي سگهي. ان ڪري هو ان لڄ ۽ شرم کان پنهنجن ۾ ڪا حق جي ڳالهه ڪري نٿو سگهي. ٻاهر جا ماڻهو هن جا واقف ۽ ان جي ڪرتوتن کان آگاهه نٿا هجن، تنهن ڪري هو ٻاهر وڏي طمراق سان پنهنجي ڳالهه ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجو ڌاڪو ڄمائي سگهي ٿو. اهڙي قسم جي تبليغ پنهنجي هوس ۽ شوق جي پيروي ته ٿي سگهي ٿي، پر اسلام جي حقيقي تبليغ ٿي نٿي سگهي. ان بابت ئي ته چيو ويو آهي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ۝٢
كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ۝٣ (صف:2-3)

"اي ايمان وارؤ! اهڙي ڳالهه جو ڇا چئو، جا نٿا ڪريو. جيڪي اوهين (پاڻ عملاً) نٿا ڪريو سا ڳالهه چوڻ الله وٽ وڏي ڪاوڙ جي ڳالهه آهي."

اسلام جي حقيقي تبليغ اها ئي آهي جيڪا پنهنجي ڪردار جي ذريعي ڪئي وڃي، ۽ زبان کي پنهنجي عمل جي ذريعي سگهارو بڻائي استعمال ڪيو وڃي. اهڙي تبليغ جي شروعات پنهنجن مٽن مائٽن ۽ ويجهن ماڻهن کان ٿيندي. عمل ۽ ڪردار کان وانجها بدڪردار ماڻهو اهڙي قسم جي تبليغ جو تصور به نٿا ڪري سگهن.

دعوت ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ به اسان کي پاڻ سڳورن ﷺ جي "اسوه حسنه" تي عمل ڪرڻو پوندو. پنهنجو ڪردار ۽ قبلو درست ڪرڻو پوندو، پوءِ ڏسو ته ڪيئن لشڪرن جا لشڪر اسلام ۾ داخل ٿي وڃن ٿا ۽ ڪيئن نه اسان جي دعوت ۽ تبليغ مؤثر ٿئي ٿي.

# قرآن جو گهربل معاشرو

مولانا شعيب الرحمان کهڙو

قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ جو اصل مقصد انساني حقن جو تحفظ ۽ انسانيت جي عزت ۽ حرمت جا اصول واضح ڪرڻ ۽ ان جو حڪم نافذ ڪرڻ آهي. هتي اسين هيٺين شين جي مختصر وضاحت ڪنداسين.

1. انسانيت جو احترام ۽ ان جي عزت
2. انساني حقن جو تحفظ
3. ڪمزورن جا حق ادا ڪرڻ جو تاڪيد

## انسان جي عزت ۽ حرمت جو بيان

قرآن مجيد بار بار ٻڌائي ٿو ته انسان "اشرف المخلوقات" آهي. انساني پتلي ۾ رب ذوالجلال پنهنجو روح ڦوڪيو ۽ زمين تي ان کي پنهنجي خلافت جو اعزاز بخشيو ۽ ملائڪن کان ان کي تعظيمي سجدو ڪرايائين ۽ ان ڪانسواءِ الله تبارڪ و تعاليٰ سموري مخلوق تي انساني مخلوق کي فضيلت عطا ڪئي. اهو اعزاز زمين تي موجود سمورن انسانن کي نسل در نسل حاصل آهي ۽ اهڙي طرح هر انسان بحيثيت انسان جي خلافت جو حقدار آهي. اهو ايڏو وڏو اعزاز آهي جو ملائڪن جون نظرون به ان تي لڳل هيون ۽ انهن کي اهو اعزاز ان جي ڪري نه ڏنو ويو جو اهي فطري طور تي ان جا اهل نه هئا. ان مقام جو اهل انسانن کي بڻايو ويو، علامه اقبال چواڻي:

نہ کر تقلید اے جبریل میرے جذب و مستی کی
تن آساں عرشیوں کو ذکر و تسبیح و طواف اولیٰ


www.sindsalamat.com

ان کان سواءِ الله تبارڪ و تعاليٰ پوري ڪائنات کي انسان جي لاءِ مسخر بڻايو ۽ دنيا جي سمورين نعمتن تي انسان کي تصرف ۽ اختيار عطا فرمايو. زمين ۽ آسمان ۾ جيڪي بہ خزانا آهن، اهي انسان لاءِ بڻايا ويا آهن ۽ ڪيس انهن شين کي مسخر بڻائڻ جي سگهہ پڻ ڏني وئي آهي تہ جيئن هو پنهنجي تسخيري طاقت سان انهن شين تي حڪمراني ڪري ۽ پنهنجي مالڪ جو شڪرگذار ٻانهو ٿي رهي ۽ حلال رزق مان پنهنجي ۽ پنهنجي اهل جي روزي فراهم ڪري سگهي.

هن دنيا ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ انسانن ۾ مختلف صلاحيتون رکيون آهن، ڪي ڪمائڻ ۾ پڙ آهن تہ ڪي ويچارا جڏا ۽ محتاج آهن. تنهن ڪري قرآن مجيد ان ڳالهہ تي وڏو زور ڏنو آهي تہ انساني مساوات قائم رکي وڃي ۽ مسڪينن ۽ محرومن کي بہ خدائي نعمتن ۾ شريڪ ڪيو وڃي. ڌن ۽ دولت تي قبضو ڪري خدا جي مخلوق کي ان کان محروم نہ ڪيو وڃي. پيغمبر اسلام ﷺ جن جڏهن قرآن حڪيم جي اصولن تي پهرين اسلامي جماعت ۽ پهريون اسلامي معاشرو قائم ڪيو تہ هڪ پيرو مڪي ۾ ۽ هڪ پيرو مديني ۾ سيني هوند ۽ اڻهوند وارن ماڻهن جي وچ ۾ مواخات (ڀائپي) ڪرائي انهن جي مالن کي انهن جي وچ ۾ ورهايو.

قرآن مجيد انسان کي انسانيت جي توهين ڪرڻ کان روڪي ٿو، هو بندي کي پنهنجي پالڻهار سان لونءَ لڳائڻ جي تاڪيد ڪري ٿو. قرآن مجيد اهو برداشت نٿو ڪري تہ انسان جيڪو اشرف المخلوقات آهي، ڪنهن ٻئي جي آڏو سر جهڪائي انسانيت کان محروم ٿي وڃي، تنهن ڪري قرآن مجيد وڏي واڪي چئي ٿو:

وَمِنْ اٰيٰتِهِ الَّيْلُ وَالنَّهَارُ وَالشَّمْسُ وَالْقَمَرُ ؕ لَا تَسْجُدُوْا لِلشَّمْسِ وَلَا لِلْقَمَرِ
وَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَهُنَّ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿٣٧﴾ (حٰم سجده 37)

”۽ سندس (قدرت جي) نشانين مان رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ آهن، نڪي سج کي ۽ نڪي چنڊ کي سجدو ڪيو پر انهيءَ الله کي سجدو ڪريو جنهن انهن کي خلقيو، جيڪڏهن خاص سندس عبادت ڪندا آهيو.“

قرآن مجيد اهڙن پيرن، مرشدن ۽ عاملن کي پڻ ننديٖ ٿو، جيڪي رهبانيت جو روپ ڌاري انسانيت کي پنهنجي غلامين ۾ جڪڙڻ چاهين ٿا، قرآن پاڪ اهڙي قسم جي روش کان بيزاريءَ جو اعلان ڪري ٿو.

اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللّٰهَ وَلَا نُشْرِكَ بِهٖ شَيْـًٔا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا بَعْضًا اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ



(آل عمران ٦٤)

”الله کانسواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريون ۽ نڪي ساڻس ڪنهن شيءِ کي شريڪ ڪريو ۽ نڪي توهان مان ڪو ڪنهن کي (بہ) الله ڌاران پالڻهار ڪري مڃي.“

اهو نبين کي بہ جائز نہ آهي جو هو ماڻهن کي اهڙي قسم جي تلقين ڪري جو ماڻهو رب جي بندگي ڇڏي ان جي بندگي ڪن، قرآن فرمائي ٿو:

مَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّؤْتِيَهُ اللّٰهُ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ثُمَّ يَقُوْلَ لِلنَّاسِ كُوْنُوْا
عِبَادًا لِّيْ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ (آل عمران ٧٩)

”ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي نہ جڳائيندو آهي جو الله کيس ڪتاب ۽ دانائي ۽ پيغمبري ڏئي ۽ پوءِ اهو وري ماڻهن کي چوي تہ الله تعاليٰ کانسواءِ منهنجا ٻانها ٿيو.“

انساني تاريخ ۾ اڄ کان تقريباً پندرنهن سؤسال پهريان الله تبارڪ و تعاليٰ قرآن مجيد ۾ انساني حقن جو تعين فرمايو آهي، تنهن ڪري بحيثيت انسان جي مرد، عورت، ڪارو، گورو، عالم، جاهل، امير، غريب ايتري تائين جو ڪافر ۽ مسلمان سمورن ۾ انساني مساوات قائم ڪئي وئي. جڏهن تہ فضيلت ۽ برتريءَ جو مدار صرف ۽ صرف تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ تي رکيو ويو آهي. باقي خدائي قانون مطابق سمورا انسان بحيثيت انسان جي برابر حيثيت رکن ٿا.

اعليٰ ۽ ادنيٰ ۾ ڪو بہ فرق نہ آهي، ائين ضرور آهي تہ هڪ حاڪم آهي ۽ ٻيو محڪوم پر هو انسانيت جي ناتي سڀ برابر ۽ مساوي آهن. جيڪڏهن مختلف رنگ، نسل ۽ زبانون رکيون ويون آهن تہ اهي بہ صرف سڃاڻڻ ۽ رشتيداريون قائم رکڻ لاءِ رکيون ويون آهن، قرآن فرمائي ٿو:

وَجَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّقَبَآئِلَ لِتَعَارَفُوْا ؕ (الحجرات ١٣)

”۽ اوهان کي قومون ۽ قبيلا ڪيوسون تہ هڪٻئي کي سڃاڻو.“ (حسب، نسب يا ذات پات کي ڪا بہ برتري ۽ فضيلت حاصل نہ آهي).

فَاِذَا نُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَلَآ اَنْسَابَ بَيْنَهُمْ يَوْمَئِذٍ وَّلَا يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿١٠١﴾ (المؤمنون-١٠١)

”پوءِ جنهن مهل صور ۾ ڦوڪبو (تنهن مهل) ان ڏينهن سندن وچ ۾ نہ نسب رهندا ۽ نڪي پاڻ ۾ پڇا ڳاڇا ڪندا.“

هن دنيا ۾ هر انسان کي هر قسم جي نعمتن مان لطف اندوز ٿيڻ جو حق

۽ آزادي حاصل آهي، هو پنهنجي آزاديءَ سان حلال ۽ طيب شين مان کائي پيئي سگهي ٿو ۽ پنهنجي حيثيت آڌار گهر ۽ رهائش ٺاهي سگهي ٿو.

قُلۡ مَنۡ حَرَّمَ زِيۡنَةَ اللّٰهِ الَّتِیۡۤ اَخۡرَجَ لِعِبَادِهٖ وَالطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزۡقِ ؕ (الاعراف ٣٢)

"(اي پيغمبر) چئُ ته الله جي (ٺاهيل) زينت جيڪا پنهنجي ٻانهن لاءِ پيدا ڪئي اٿس ۽ روزيءَ مان سٺيون شيون ڪنهن حرام ڪيون آهن؟"

پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ به مسلمانن جي اڪثريت تعليم يافته هئڻ جي باوجود فڪري غلاميءَ جو شڪار آهي ۽ نام نهاد نئين تهذيب جي ٺيڪيدارن جا ڳڻ ڳائي رهي آهي ته نئين دؤر انسان کي برتر انساني حق ڏنا آهن. قرآن مجيد ٻين آزادين سان گڏ غور ۽ فڪر جي دعوت ڏيندي فڪر ۽ نظر جي به آزادي ڏئي ٿو ۽ اها آزادي انسان جو بنيادي حق آهي.

قُلِ انۡظُرُوۡا مَاذَا فِی السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ (يونس ١٠١)

"چئُ ته نهاريو ته آسمانن ۽ زمين ۾ ڪهڙيون (سندس قدرتون) آهن؟"

قرآن مجيد ڪنهن به قسم جي آزادي کسڻ نٿو چاهي هو ته وڏي واڪي مذهبي آزادي به عطا ڪري ٿو-

لَاۤ اِکۡرَاهَ فِی الدِّيۡنِ ۙ قَدۡ تَّبَيَّنَ الرُّشۡدُ مِنَ الۡغَیِّ ۚ (البقر ٢٥٦)

"دين مڃائڻ ۾ ڪا زبردستي نه آهي (ڇو ته) بيشڪ گمراهيءَ کان هدايت (جدا ٿي) پڌري ٿي آهي."

الله تبارڪ و تعاليٰ حق کي ڪنهن تي جبري طور مسلط ڪرڻ نٿو چاهي. اهڙي طرح پاڻ ڪريم ﷺ جن کي پڻ ڪنهن کي لازمي طرح هدايت تي وٺي اچڻ جي خواهش کان روڪي ٿو.

لَسۡتَ عَلَيۡهِمۡ بِمُصَيۡطِرٍ ﴿۲۲﴾ (الغاشيه ٢٢)

"تون مٿن ڪو داروغو نه آهين."

قرآن مجيد پاڻ ڪريم ﷺ جن تي رحم ڪائيندي نصيحت فرمائي ٿو ته اي الله جا پيغمبر تون پنهنجو پاڻ کي ان فڪر ۾ ڇو ٿو ڳارين ته اهي ايمان آڻين. توهان جو ڪم رڳو دعوت ڏيڻ آهي، هدايت ۽ توفيق الله جي ذمي آهي.

قرآن مجيد هر انسان کي پوءِ اهو مرد هجي يا عورت خاندان ٺاهڻ جو حق ڏنو آهي ۽ اهو به ٻڌايو آهي ته عصمت ۽ حرمت سان گڏ شاديءَ جو مقصد



هڪٻئي سان ملي سڪون ۽ راحت حاصل ڪرڻ آهي.

خَلَقَ لَکُمۡ مِّنۡ اَنۡفُسِکُمۡ اَزۡوَاجًا لِّتَسۡکُنُوۡۤا اِلَيۡهَا وَجَعَلَ بَيۡنَکُمۡ مَّوَدَّةً وَّرَحۡمَةً ؕ

(الروم ٢١)

"اوهان جي جنس مان اوهان لاءِ زالون پيدا ڪيائين ته انهن سان آرام وٺو ۽ اوهان جي وچ ۾ پيار ۽ ٻاجهه پيدا ڪيائين." ۽ فرمايائين:

وَّجَعَلَ لَکُمۡ مِّنۡ اَزۡوَاجِکُمۡ بَنِيۡنَ وَحَفَدَةً (النحل ٧٢)

"۽ اوهان جي زالن مان پٽ ۽ پوٽا پيدا ڪيائين."

شاديءَ ڪانپوءِ ٻار پيدا ڪرڻ به ان جو حق بڻجي ٿو، ان ڪان پوءِ پيءُ ماءُ تي اولاد جا حق پڻ متعين ڪيا ويا آهن.

## اولاد جا حق

قرآن مجيد جاهليت جي ڪڌن ريتن ۽ رسمن ۽ ظالماڻن ۽ وحشي روين کي ميٽي اولاد کي زنده رهڻ جو حق ادا ڪيو ۽ ڪنهن به صورت ۾ والدين کي اهو حق نه ڏنو ته اهي پنهنجي اولاد کي قتل يا دفن ڪري ڇڏين. جاهليت ۾ ڇوڪرن کي رزق جي تنگيءَ جي خوف ۽ ڇوڪرين کي عار سمجهي زنده دفن ڪيو ويندو هو. اها روايت پراڻي دؤر کان هلندي پئي آئي، قرآن مجيد ۾ انتهائي حڪيمانه انداز ۾ ان کي سنگين ڏوهه قرار ڏئي منطقي دليلن سان ماڻهن کي متنبهه فرمايو:

وَلَا تَقۡتُلُوۡۤا اَوۡلَادَکُمۡ خَشۡيَةَ اِمۡلَاقٍ ؕ نَحۡنُ نَرۡزُقُهُمۡ وَاِيَّاکُمۡ ؕ (الاسراء ٣١-)

"۽ اوهين پنهنجي اولاد کي سڃائي سببان نه ڪُهو، اسين اوهان کي (به) ۽ خاص انهن کي (به) روزي ڏيندا آهيون."

سورة تڪوير ۾ ڪنبائيندڙ انداز ۾ انهن ماڻهن کي خبردار ڪيو ويو آهي جيڪي نياڻين جي زندگيءَ کي سخت عذابن ۾ وجهندا هئا. فرمايائين:

وَاِذَا الۡمَوۡءٗدَةُ سُئِلَتۡ ۪ۙ﴿۸﴾ بِاَیِّ ذَنۡۢبٍ قُتِلَتۡ ۚ﴿۹﴾ (التڪوير ٨-٩)

"۽ جڏهن جيئري پوريل نياڻي پڇبي ته ڪهڙي ڏوهه ڪري ماري وئي."

قرآن مجيد جي روشنيءَ ۾ هر انسان کي زنده رهڻ جو حق آهي ۽ اهو ٻيو مسئلو آهي ته جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي بنا ڏوهه جي قتل ڪري ته باقي انسانن کي محفوظ ڪرڻ جي لاءِ قاتل کي قصاص ۾ قتل ڪيو ويندو ته جيئن

اڳتي جي لاءِ قتل و غارتگري کي ٻنجو اچي سگهي. قرآن مجيد ان بابت فرمائي ٿو

وَلَكُمۡ فِي ٱلۡقِصَاصِ حَيَوٰةٞ يَـٰٓأُوْلِي ٱلۡأَلۡبَٰبِ (البقر: ١٧٩)

”۽ اي ڏيان وارؤ اوهان لاءِ قصاص (وتڻ) ۾ حياتي آهي.“

قرآن مجيد قطعي طور تي قتل ۽ فساد کي حرام قرار ڏنو آهي ۽ ان کي ايڏو وڏو جرم قرار ڏنو آهي، جو ٻئي ڪنهن تمدن ۽ تهذيب ۾ ان جو تصور به نٿو ڪري سگهجي.

وَلَا تَقۡتُلُواْ ٱلنَّفۡسَ ٱلَّتِي حَرَّمَ ٱللَّهُ إِلَّا بِٱلۡحَقِّۗ (الاسراء ٣٣-)

”۽ نڪي (اهڙي) ماڻهوءَ کي ماريو جنهن جو مارڻ حق (شرعي قانون) ڪانسواءِ الله حرام ڪيو هجي.“

هڪ انسان جي قتل کي انسانيت جو قتل قرار ڏنو ويو آهي،

أَنَّهُۥ مَن قَتَلَ نَفۡسَۢا بِغَيۡرِ نَفۡسٍ أَوۡ فَسَادٖ فِي ٱلۡأَرۡضِ فَكَأَنَّمَا قَتَلَ ٱلنَّاسَ جَمِيعٗا ۚ (المائده ٣٢)

”جيڪو ڪنهن جان جي عيوض يا زمين ۾ فساد وجهڻ (واري) ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي کهندو تنهن ڄڻ مڙني ماڻهن کي ڪنو.“

ياد رکڻ گهرجي ته اسلام جو پيغام قرآن مجيد آهي ۽ قرآن مجيد مطابق هڪ جان جي قيمت پوري انسانيت جي برابر آهي. ان جو سبب اهو آهي ته جيئن دنيا ۾ قتل و غارتگري کي ٻنجو اچي سگهي ۽ انساني جان جو احترام باقي رهي سگهي، ڇو ته انسان بذات خود محترم آهي.

”آدميت احترام آدمی باخبر شو از مقام آدمی“. ايئن انسانيت نواز مذهب اسلام ۽ انساني حقن جو محافظ قرآن مجيد هر انسان کي، پوءِ اهو کهڙي به مذهب ۽ قوم سان تعلق رکندڙ هجي يا ڪنهن به رنگ ۽ نسل جو هجي، الله تعاليٰ جي ڪشادي زمين تي روزي ڪمائڻ جي لاءِ ڀڄ ڊڪ ڪرڻ ۽ مشقت برداشت ڪرڻ جو آزادانه حق ڏئي ٿو.

هُوَ ٱلَّذِي جَعَلَ لَكُمُ ٱلۡأَرۡضَ ذَلُولٗا فَٱمۡشُواْ فِي مَنَاكِبِهَا وَكُلُواْ مِن رِّزۡقِهِۦۖ (الملڪ ١٥)

”(الله) اهو آهي جنهن زمين کي اوهان جي لاءِ تابع ڪيو ته ان جي رستي ۾ گهمو ۽ الله جي رزق مان کائو.“

جمعي جي ڏينهن جڏهن نماز کان پويان ٿورڙو وقت هوندو آهي ان وقت



۾ پڻ حلال روزيءَ جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ زمين ۾ پکڙجي وڃڻ جو حڪم ڏنو ويجي ٿو.

فَإِذَا قُضِيَتِ ٱلصَّلَوٰةُ فَٱنتَشِرُواْ فِي ٱلۡأَرۡضِ وَٱبۡتَغُواْ مِن فَضۡلِ ٱللَّهِ (الجمعه ١٠)

”پوءِ جڏهن نماز پوري ڪئي وڃي ته زمين تي ڪندرڙي وڃو ۽ الله جي فضل جي طلب ڪريو.“

اهڙي طرح حج جهڙي عالمگير اجتماع ۾ جيڪو سال ۾ هڪ صرف ڀيرو ٿيندو آهي ان ۾ به حلال رزق حاصل ڪرڻ جي اجازت ڏنل آهي.

لَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ أَن تَبۡتَغُواْ فَضۡلٗا مِّن رَّبِّكُمۡۚ (البقره-١٩٨)

”(حج) ۾ پنهنجي پالڻهار کان روزيءَ گهرڻ ۾ اوهان تي ڪو گناهه ڪونهي.“

قرآن مجيد هر انسان کي اهو حق ڏئي ٿو ته هو حلال طريقي سان روزي ڪمائي ۽ خدائي احڪامات جي مطابق ان ۾ تصرف ڪري، پر ناجائز طريقي سان ڪنهن جو مال هڙپ ڪرڻ جي اسلام ڪنهن به طرح اجازت نٿو ڏئي.

قرآن مجيد زال ۽ مڙس کي ازدواجي حيثيت اهو اختيار ڏئي ٿو ته هو پنهنجي گهر ۾ عزت ۽ آبرو سان زندگي گذارين. ڪنهن به ماڻهوءَ کي قطعي طور تي اها اجازت حاصل نه آهي ته هو ڪنهن جي گهر ۾ بنا اجازت جي داخل ٿي سگهي.

لَا تَدۡخُلُواْ بُيُوتًا غَيۡرَ بُيُوتِكُمۡ حَتَّىٰ تَسۡتَأۡنِسُواْ وَتُسَلِّمُواْ عَلَىٰٓ أَهۡلِهَاۚ (النور ٢٧)

”پنهنجن گهرن ڪانسواءِ ٻين (ماڻهن جي) گهرن ۾ (ايسين) نه گهڙو جيسين گهر وارن کان اجازت جو اطلاع نه ڪيو.“

اسلام ڪنهن کي ڪنهن تي مذاق ڪرڻ يا ڪنهن قدرتي عيب تي ٽوڪڻ کان سختي سان منع ڪري ٿو. ڪنهن به ماڻهوءَ کي ڪنهن ٻئي جي سامهون شرمندو ڪرڻ يا بيعزتو ڪرڻ جو ڪوبه حق نه آهي، اهي سهڻا اخلاق مسلم معاشري جو حسن ۽ وقار آهن.

## معاشري ۾ پنهنجي جان ۽ مال ۽ عزت ۽ آبرو جي تحفظ جو حق

قرآن مجيد هر انسان کي پنهنجي جان ۽ عزت ۽ آبرو جي حفاظت لاءِ دشمن جي خلاف دفاعي قدم کڻڻ جو پورو پورو حق ڏنو آهي ۽ ڪنهن به مظلوم کي پنهنجي جان ۽ مال ۽ حرمت جي تحفظ ڪرڻ کان ڪوبه روڪي نٿو سگهي. ان بابت قرآن مجيد فرمائي ٿو:

www.sindsalamat.com

فَمَنِ اعۡتَدٰی عَلَیۡکُمۡ فَاعۡتَدُوۡا عَلَیۡهِ بِمِثۡلِ مَا اعۡتَدٰی عَلَیۡکُمۡ ۪ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الۡمُتَّقِیۡنَ ﴿۱۹۴﴾ (البقره- ۱۹۴)

”پوءِ جيڪو اوهان تي وڌيڪ هلت ڪري تنهن سان اوتري وڌيڪ هلت ڪريو، جيتري اوهان سان وڌيڪ هلت ڪيائين ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته الله پرهيزگارن سان گڏ آهي.“

الله تبارڪ و تعاليٰ قدسي حديث ۾ پنهنجن ٻانهن کي پاڻ ۾ هڪٻئي تي ظلم ڪرڻ کان روڪڻ جي لاءِ، پنهنجي خاص صفت بيان فرمائي آهي ته منهنجي رحمت منهنجي غضب تي حاوي آهي، تنهن ڪري توهان به منهنجي صفت اختيار ڪندي پاڻ ۾ هڪٻئي تي ظلم نه ڪندا ڪيو. الله تعاليٰ جو فرمان آهي.

يَا عِبَادِیۡ اِنِّیۡ حَرَّمۡتُ الظُّلۡمَ عَلَیَّ فَلَا تُظَالِمُوۡا

”اي منهنجا ٻانهؤ! مان پاڻ تي (ڪنهن سان) ظلم ڪرڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري توهان به هڪٻئي تي ظلم نه ڪندا ڪريو.“

تنهن ڪري ٻانهن کي گهرجي ته هو پاڻ ۾ خدا ئي صفتون اپنائن ۽ خدا جي رحمت جيان هو سراپا رحمت بڻجي انسانن سان نرمي ۽ پيار سان پيش اچن، خاص ڪري انصاف لاءِ ويٺل ججن، قاضين، مفتين ۽ وڪيلن کي گهرجي ته هو ڪنهن جي دٻاءُ ۾ يا لالچ ۾ اچي حق جو پاسو نه ڇڏين ۽ عدل ۽ انصاف جو دامن نه ڇڏين. ارشاد آهي:

قرآن ان بابت هن ريت تاڪيد ڪري ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كُوۡنُوۡا قَوّٰمِيۡنَ لِلّٰهِ شُهَدَآءَ بِالۡقِسۡطِ‌ ۫ وَلَا يَجۡرِمَنَّكُمۡ شَنَاٰنُ قَوۡمٍ عَلٰٓى اَلَّا تَعۡدِلُوۡا‌ ؕ اِعۡدِلُوۡا هُوَ اَقۡرَبُ لِلتَّقۡوٰى (المائده۸)

”اي ايمان وارؤ! الله خاطر انصاف سان شاهدي ڏيڻ تي قائم رهندا اچو ۽ ڪنهن قوم جي دشمني اوهان لاءِ اوهان جي بي انصافي جو سبب نه بڻجي، انصاف ڪريو اهو پرهيزگاري کي سڀ کان وڌيڪ ويجهو آهي.“

وَاِذَا حَكَمۡتُمۡ بَيۡنَ النَّاسِ اَنۡ تَحۡكُمُوۡا بِالۡعَدۡلِ‌ ؕ (السناء-۵۸)

”۽ جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪريو (تڏهن) انصاف سان حڪم ڪريو.“

هتي عدل کي احسان سان مشروط ڪيو ويو آهي. نه ته ان کانسواءِ روزمره جي زندگي عذاب بڻجي وڃي ٿي. دراصل احسان انساني اخلاق ۽ ڪردار جو جوهر آهي. شاهدي ڏيڻي هجي يا ڪنهن جهڳڙي جو فيصلو ڪرڻو هجي يا



ازدواجي زندگيءَ جو ڪو مسئلو هجي ته ان جو حل تلاش ڪرڻ ۾ عدل ۽ احسان جو دامن نه ڇڏڻ گهرجي.

ڪن مفسرن جو خيال آهي ته اهي آيتون هڪ يهوديءَ بابت نازل ٿيون هيون، جنهن تي مسلمانن ڪا تهمت هنئي هئي، جڏهن ته هو ان کان بري هو. اهو اسلامي عدل ۽ احسان جو اعليٰ مثال آهي.

ڪنهن به معاشري ۾ سمورن انسانن جي مالي حيثيت برابر نه هوندي آهي، تنهن ڪري مالدارن ۾ سرنديءَ وارن جي دلين ۾ زڪواة، صدقه ۽ خيرات ڏيڻ جو جذبو خير ۽ فلاح جي صورت ۾ پيدا ڪيو ويو آهي ته جيئن مالدار ماڻهو عيش ۽ عشرت ۾ مست ٿي، عام انساني حقن کي نظر انداز نه ڪري ڇڏين. ان ۾ هي مصلحت به آهي ته جيڪڏهن انهن مسڪينن ۽ محرومن جي دلين ۾ اميرن ۽ شاهوڪارن جي خلاف حسد ۽ انتقامي جذبا پڙڪي اٿن ته اها طبقاتي ڇڪتاڻ انهن غريبن کي اميرن کان بغاوت تي مجبور ڪري ڇڏيندي آهي. ان ڪري قرآن مجيد بار بار دولتمند ۽ خوشحال طبقي تي معاشري جي غريب ۽ مفلس فردن جو حق ادا ڪرڻ جو تاڪيدي حڪم ڏئي ٿو ۽ انهن جي ان فعل جي تعريف ڪندي فرمائي ٿو:

وَالَّذِيۡنَ فِىۡۤ اَمۡوَالِهِمۡ حَقٌّ مَّعۡلُوۡمٌ ۙ‏ ﴿۲۴﴾ لِّلسَّآئِلِ وَالۡمَحۡرُوۡمِ ۙ‏ ﴿۲۵﴾ (المعارج ۲۴-۲۵)

”۽ اهي (به) جن جي مالن ۾ (خدا جو) حصو مقرر ٿيل آهي، سوال ڪندڙ ۽ نه سوال ڪندڙن لاءِ.“

انهن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مؤمنن جي مال ۽ دولت ۾ سائل ۽ محروم فردن جو مقرر حق هوندو آهي، يعني جيڪي پاڻ گهرندا آهن، انهن جو حصو هوندو آهي. ان کانسواءِ محروم يعني خوددار ۽ غيرتمند فردن جو به حق هوندو آهي، جيڪي ڪنهن جي آڏو هٿ ناهن ٽنگيندا. تنهن ڪري مالدارن کي اعليٰ اخلاقي تربيت ڏيندي محسن انسانيت ﷺ کي حڪم ڏنو وڃي ٿو:

خُذۡ مِنۡ اَمۡوَالِهِمۡ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمۡ وَتُزَكِّيۡهِمۡ (التوبه ۱۰۳)

”(اي پيغمبر) انهن ماڻهن جي مال مان صدقا وٺ (ته جيئن) انهن ماڻهن کي (ظاهر ۾ به) پاڪ ڪندو رهين ۽ ڪين (باطن ۾) به سٺو ڪندو رهين.“

اميرن جي مال ۽ سامان مان صدقو وٺي معاشري ۾ موجود غريبن، يتيمن، بيواهن ۽ معذورن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن جي مدد فرماءِ. اهو صدقو انهن جي مال کي پاڪ ڪري ٿو ۽ انهن جي نفس جو تزڪيو به ڪري ٿو.

www.sindsalamat.com

محروم مان مراد اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي ڪنهن اوچتو آفت جا شڪار ٿيا هجن، پر پنهنجي عزت ۽ نفس خاطر ڪنهن جي آڏو هٿ ٽنگڻ ڪان ڪيٻائين، خاص طور تي سخي واپاري يا ڪو ملازم جڏهن پنهنجي ڪاروبار ۾ ٿڪي پوي ۽ ان کي ماڻهن ڪان مدد وٺڻ جي ضرورت پوي تہ اها ان جي خودداري ۽ عزت نفس جي آزمائش هوندي آهي. ان موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هن حڪيمانہ قول تي عمل ڪرڻ گهرجي.

“ان عزت واري ۽ مالدار تي رحم ڪيو جيڪو اوچتو خوار ۽ سڃو ٿي ويو آهي”. معاشري ۾ اهڙن غيرتمند فردن کي تلاش ڪرڻو پوندو آهي، ان حڪم مان واضح ٿئي ٿو تہ اها حڪومت جي ذميواري آهي تہ سرڪاري بيت المال (جمع ڪيل مال ۽ پئسي مان) ايمانداريءَ سان انهن بي سهارا ماڻهن تي خرچ ڪري ۽ انهن کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي قابل بڻائي.

## حڪومت تي عوام جا حق

قرآن مجيد ۾ عام انساني حقن جو ايڏو تہ قدر ۽ احترام ڪري ٿو جو جيڪڏهن وقت جو حاڪم بہ ڪنهن جي حق تلفي ڪري تہ اهو هڪ ماڻهو ان جي خلاف بہ آواز بلند ڪري سگهي ٿو. قرآن مجيد ڪنهن ملڪ جي سربراهہ کي بہ اهو حق نہ ڏنو آهي تہ اهو عوام جي حقن تي سوديبازي ڪري يا عوامي راءِ جي خلاف ڪو قدم کڻي. قرآن مجيد واضح طور تي ٻڌائي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو حڪمران پنهنجي رعيت تي ظلم ۽ زيادتي ڪري ٿو تہ ان رعيت کي ان وقت قرآن ۽ رسول ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي، قرآن فرمائي ٿو:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَاُولِي الْاَمْرِ مِنْكُمْ ۚ فَاِنْ تَنَازَعْتُمْ فِيْ شَيْءٍ فَرُدُّوْهُ اِلَى اللّٰهِ وَالرَّسُوْلِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ (النساءَ ۵۹)

“اي ايمان وارؤ الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ اوهان مان جيڪو حاڪم هجي تنهن جي (بہ) پوءِ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ بابت جهڳڙو ڪريو تہ پوءِ جيڪڏهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهيو تہ ان لاءِ الله ۽ پيغمبر جي حڪم ڏانهن رجوع ڪريو.”

رعيت جو عام ماڻهو بہ انفرادي ۽ اجتماعي طور تي فتني ۽ شر جي خلاف اصلاحي آواز بلند ڪري سگهي ٿو تہ جيئن معاشري ۾ امن امان قائم



رهي ۽ اها هر هڪ ماڻهوءَ جي ذميواري آهي. جيڪڏهن معاشري ۾ ڪي ماڻهو بدنظمي پيدا ڪرڻ گهرن ٿا يا سرعام فحاشي ۽ منڪرات جا مرتڪب ٿين ٿا تہ هر مسلمان جي مٿان لازم آهي تہ هو انهن جي روڪٿام ڪري ۽ لادينيت جو مقابلو ڪري. ان سلسلي ۾ قرآن مجيد بني اسرائيل جو مثال ڏيندي فرمائي ٿو.

لُعِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ عَلٰي لِسَانِ دَاوٗدَ وَعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ۭ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ۝ كَانُوْا لَا يَتَنَاهَوْنَ عَنْ مُّنْكَرٍ فَعَلُوْهُ ۭ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ۝ (المائده ۷۸-۷۹)

“بني اسرائيلن مان جيڪي ڪافر ٿيا تن کي دائود ۽ عيسيٰ پٽ مريم جي زبان سان لعنت ڪئي وئي آهي، اهو هن سببان آهي جو بي فرماني ڪيائون ۽ حد ڪان لنگهندا هئا. جيڪي بد ڪم ڪندا هئا تن ڪان هڪٻئي کي نہ جهليندا هئا جيڪو ڪندا هئا سو ضرور بد آهي.”

دنيا جي هر مسلمان کي نہ صرف “اَمْرُ بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهِيْ عَنِ الْمُنْكَرِ” جو حڪم ڏنو ويو آهي بلڪ مسلمان مرد ۽ عورت جي اها امتيازي صفت ٻڌائي وئي آهي تہ مؤمن مرد ۽ عورتون پاڻ تہ برائين ڪان رڪجن ٿا پر ٻين کي بہ برائين ڪان روڪين ٿا ۽ پاڻ بہ چڱائين جي لاءِ پلئجي پون ٿا ۽ ٻين کي چڱائين ڏانهن سڏين ٿا. قرآن فرمائي ٿو:

يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ (التوبه ۷۱)

“چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا آهن ۽ خراب ڪمن ڪان جهليندا آهن.”

اسان جي خيال ۾ بي حيائي اخلاقي فساد جي پاڙ آهي، جيڪا چهري جي نورانيت ۽ شخصيت جو وقار ختم ڪري ڇڏيندي آهي.

اهو ئي سبب آهي جو عورتن ڪان بيعت وٺڻ وقت خاص طور تي نيڪ ڪمن ۾ اطاعت رسول جو عهد ورتو ويو آهي.

وَلَا يَعْصِيْنَكَ فِيْ مَعْرُوْفٍ (المتحنه ۱۲)

“۽ نڪي ڪنهن چڱي ڪم ۾ تنهنجي نافرماني ڪنديون.”

قرآن مجيد ۾ حضرت صالح عليہ السلام جي واقعي ۾ وڏي تنبيهہ سان انسانن کي روڪيو ويو آهي تہ فسادين جي ڪڍ نہ لڳو. قرآن فرمائي ٿو:

وَلَا تُطِيۡعُوۡۤا اَمۡرَ الۡمُسۡرِفِيۡنَ ۙ﴿۱۵۱﴾ الَّذِيۡنَ يُفۡسِدُوۡنَ فِي الۡاَرۡضِ وَلَا يُصۡلِحُوۡنَ ﴿۱۵۲﴾

(الشعراء ۱۵۲-۱۵۱)

“۽ انهن حد کان لنگھندڙن جو چيو نہ مڃو، جيڪي ملڪ ۾ بگيڙ وجهندا آهن ۽ سڌارو نہ ڪندا آهن.”

قرآن مجيد صرف انساني حقن جو تحفظ نٿو ڪري بلڪ اهو هر ماڻهو کي پنهنجي فرض ۽ واجبن جي ادائگي جو پابند بہ بڻائي ٿو. جو تہ انسان ڪڏهن پنهنجن حقن تان دستبردار ٿي سگهي ٿو پر فرضن جي ادائگي کان منهن موڙي خود غرض بڻجي حقوق العباد غصب ڪرڻ جي جسارت نٿو ڪري سگهي. مطلب تہ حق وٺڻ سان گڏ حق ادا بہ ڪرڻا پوندا، ائين نہ ٿئي جو پنهنجا حق تہ وٺي پر ٻين جا حق وساري ويهي.

# اسلامي معاشري ۾ ڪمزورن جي حقن جو تحفظ

**مولانا شعيب الرحمان کهڙو**

قرآن مجيد بار بار مختلف انداز ۾ عام انسانن سان گڏ ڪمزورن جي حقن جي تحفظ تي وڏو زور ڏنو آهي، اهو ان ڪري جو عام طور تي سرمائيدار ۽ مالدار ماڻهو غريبن جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي انهن جو استحصال (Exploit) ڪندا آهن ۽ حڪومت بہ انهن جو خيال نہ رکندي آهي، تنهن ڪري قرآن مجيد ڪمزور ۽ بي سهارا ماڻهن جو لحاظ رکڻ بابت وڏو تاڪيد ڪيو آهي. فرمايو ويو:

فَاَمَّا الۡيَتِيۡمَ فَلَا تَقۡهَرۡ ؕ﴿۹﴾ وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنۡهَرۡ ؕ﴿۱۰﴾ (الضحيٰ ۱۰-۹)

“تنهن ڪري يتيم تي تون ڏاڍ نہ ڪر ۽ سوالي کي نہ جهڻڪ.”

الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي آخري رسول حضرت محمد ﷺ جن کي سڌوسنئون خطاب ڪندي ان کي پنهنجا احسان ياد ڏياريندي يتيمن سان سهڻي سلوڪ جو حڪم ڏئي ٿو تہ اوهان بہ يتيم هيؤ. پوءِ اسان اوهان تي ڪرم ڪيو ۽ اوهان جي پرورش جو انتظام ڪيو. تنهن ڪري شڪرگذاري جي تقاضا اها آهي تہ اوهان جي طرفان ڪنهن يتيم تي ظلم ۽ زيادتي نہ ٿئي. اهو ئي سبب آهي جو محسن انسانيت يتيمن جي پارت ڪندي فرمايو:

“مسلمان معاشري جو بهترين گهر اهو آهي جتي يتيم سان سهڻو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو ۽ بدترين گهر اهو آهي جتي يتيم تي ظلم ۽ زيادتي ڪئي وڃي ٿي.”

هڪ حديث ۾ آهي تہ “جيڪو ماڻهو ڪنهن يتيم جي مٿي تي شفقت پريو هٿ گهمائيندو ان کي ايترين نيڪين جو ثواب ملندو، جيترا يتيم جا وار



www.sindsalamat.com

ان جي هٿ هيٺ آيا هوندا.” وارن جو شمار توهان ۾ اسان جي وس جي ڳالهه نہ آهي، اهو تہ الله ئي ڄاڻي ٿو. باقي هتي ان مثال جي ذريعي اهو سمجهايو ويو آهي تہ يتيم سان همدردي رکندڙ کو سنگدل دل نٿو ٿي سگهي. دراصل الله تعاليٰ ۾ محسن انسانيت جي نظر ۾ يتيم سان سهٺو سلوڪ ڪرڻ ۾ ان سان همدردي ڪرڻ تمام وڏي اهميت رکي ٿو. تنهن ڪري ان رحمدل انسان جي نيت ۾ همدردي جو جذبو ايڏو تہ وڏو آهي جو ان جي قيمت يا اجر صرف الله ڏئي سگهي ٿو.

اهڙي طرح سورة مدثر ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ فيصلہ ڪن انداز ۾ نماز ڇڏيندڙ ۾ مسڪينن کي کاڌو نہ کارائيندڙ جو آخري ٺڪاڻو جهنم ٻڌايو آهي.

قيامت جي ڏينهن جڏهن جنتي ماڻهو جهنمين کان سوال ڪندا توهان تہ دنيا ۾ وڏا مالدار دنيا جي مستيءَ ۾ مست هيؤ. پوءِ هتي ڪيئن آيا آهيو؟ قرآن ان مڪالمي کي هن ريت بيان ڪري ٿو:

مَا سَلَكَكُمْ فِىْ سَقَرَ ﴿۴۲﴾ قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ ﴿۴۳﴾ وَلَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ ﴿۴۴﴾

(المدثر ۴۲-۴۳)

“اوهان کي دوزخ ۾ ڪهڙي ڳالهہ وڌو. چوندا تہ نڪي نمازين مان هئاسين ۽ نہ کي مسڪينن کي کارائيندا هئاسين.”

قرآن مجيد جي ضحيٰ ۽ مدثر، ٻئي سورتون ابتداءِ اسلام ۾ نازل ٿيل آهن. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اسلام جي شروعات ۾ ئي الله تبارڪ و تعاليٰ سڀ کان وڌيڪ اوليت ۽ اهميت انساني حقن کي عطا فرمائي ۽ ماڻهن جي دلين ۾ اهو جذبو پيدا ڪيو تہ جيئن هو غريبن ۽ مسڪينن کي الله تعاليٰ جي عطا ڪيل نعمتن ۾ برابر شريڪ ڪن. اهو ان ڪري بہ ضروري هيو جو اسلام امن، سلامتي ۽ ڪرم جو دين آهي. جڏهن تہ جاهليت واري دور ۾ مالدار ماڻهو پنهنجي زر خريد ٻانهن تي بي انتها ظلم ڪندا هئا. انهن سان غيرانساني سلوڪ ڪيو ويندو هو. ان جي برعڪس اسلام هر مظلوم سان همدردي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ انهن جو ٺڪاڻو جهنم قرار ڏنو، جيڪي مسڪينن کي کاڌو نٿا کارائين. سورة “ماعون” تي هڪ نظر ڊوڙايو، قرآن ڪيڏو وڏو نوس اصول ٻڌائيندي چوي ٿو تہ جيڪي ماڻهو مسڪينن ۽ يتيمن جي بحال ڪاريءَ جو ڪم نٿا ڪن ۽ پنهنجي معمولي شيءِ بہ حاجتمند کان روڪي رکن ٿا انهن جي نماز جهڙي عبادت ڪنهن بہ ڪم جي نہ آهي. قرآن



پاڪ فرمائي ٿو:

اَرَءَيْتَ الَّذِىْ يُكَذِّبُ بِالدِّيْنِ ﴿١﴾ فَذٰلِكَ الَّذِىْ يَدُعُّ الْيَتِيْمَ ﴿٢﴾ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ
الْمِسْكِيْنِ ﴿٣﴾ فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ﴿٤﴾ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ﴿٥﴾ الَّذِيْنَ هُمْ
يُرَآءُوْنَ ﴿٦﴾ وَيَمْنَعُوْنَ الْمَاعُوْنَ ﴿٧﴾ (الماعون)

“(اي پيغمبر) انهيءَ کي ڏٺئي ڇا جيڪو عملن جي بدلي ملڻ کي ڪوڙو پائيندو آهي. پوءِ اهو آهي جو يتيم کي ڌڪيندو آهي (ڪنهن کي) مسڪين جي کارائڻ تي رغبت نہ ڏياريندو آهي. پوءِ انهن نمازين لاءِ ويل آهي جي پنهنجين نمازن کان ويسلا رهندا آهن، اهي جيڪي رياءُ ڪندا آهن، اڌاريون شيون جهلیندا آهن.”

قرآن مجيد اهو ڪافي نٿو سمجهي تہ ماڻهو صرف پاڻ نيڪين تي ڪاربند رهي ۽ ٻين جي معاملي ۾ خاموش رهي. بلڪ خدائي ڪتاب جي منشا اها آهي تہ خير، خدا ترسي ۽ ڀلائي عام ٿئي. ماڻهو جيڪڏهن پاڻ ٻين کي کاڌو کارائين ٿا تہ اهي ٻين ماڻهن جي دلين ۾ بہ اهو جذبو پيدا ڪن تہ جيئن اهي بہ ان نيڪي ۾ شريڪ ٿين. “اقامت الصلواة” ۾ بہ جماعت جو فائدو بہ اهو آئي آهي تہ يڪجهتي، هڪٻئي سان همدردي، خير ۽ فلاح جا جذبا هر ماڻهوءَ ۾ اڃن تہ جيئن سيني طبقن ۾ اعليٰ اخلاقي نظام قائم ٿئي ۽ مسجد کان گهر ۽ گهر کان معاشري تائين خير ۽ فلاح جا جذبا امن ۽ امان جي ضمانت بڻجي وڃن. ان ڪري سورة “والعصر” ۾ ايمان ۽ عمل صالح سان گڏ “وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ” کي لازم ملزوم قرار ڏنو ويو آهي. بلڪ اسان وٽ ايمان جي پهرين تقاضا صالح عمل آهن. ارشاد رباني آهي:

اِنَّهٗ كَانَ لَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ الْعَظِيْمِ ﴿٣٣﴾ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ﴿٣٤﴾

(الحاقہ ۳۳-۳۴)

“جو تہ اهو (ماڻهو) الله وڏي کي نہ مڃيندو آهي ۽ نڪي (ٻين کي) مسڪينن جي کارائڻ تي تاڪيد ڪندو هو.”

“اصحاب المثال” جو ٺڪاڻو جهنم ان ڪري ٻڌيو جو اهي ايمان نہ آڻيندا هئا ۽ مسڪينن جي کاڌي کارائڻ جي ترغيب نہ ڏيندا هئا. قرآن مجيد جي آيتن ۾ غور ڪيو، قرآن مجيد الله تعاليٰ تي ايمان نہ آڻڻ ۽ غريبن کي کاڌو کارائڻ جي ترغيب نہ ڏيڻ کي ڪفر سان ملايو آهي. ان مان واضح ٿئي ٿو تہ ايمان وارن جو ڪردار هڪ امتيازي شان رکي ٿو، اهو آهي مسڪينن تي رحم

۽ پلائيءَ جو هٿ رکڻ، انهن جي بنيادي ضرورت پوري ڪرڻ، مناسب غذا فراهم ڪرڻ ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏيڻ.

سورة الفجر ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ ڪافرن جو طرز عمل بيان ڪندي فرمائي ٿو.

كَلَّا بَل لَّا تُكْرِمُونَ الْيَتِيمَ ۝ وَلَا تَحَاضُّونَ عَلَىٰ طَعَامِ الْمِسْكِينِ ۝ (الفجر: ١٧ – ١٨)

"(هرگز) ايئن نه آهي بلڪ ڇوري ٻار کي تعظيم نه ڏيندا آهيو ۽ نڪي مسڪين جي ڪارائڻ کي هڪٻئي تي رغبت ڏياريندا آهيو." مطلب آهي اهڙو نظام نه جوڙيندا آهيو يا اهڙيون انفرادي ۽ گڏيل ڪوششون نه وٺندا آهيو.

قرآن مجيد ۾ وڏي اهتمام سان يتيم جي مال جو تحفظ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

وَلَا تَقْرَبُوا مَالَ الْيَتِيمِ إِلَّا بِالَّتِي هِيَ أَحْسَنُ حَتَّىٰ يَبْلُغَ أَشُدَّهُ (الانعام – ١٥٢)

"۽ جيڪا (واٽ) بلڪل چڱي هجي تنهن کانسواءِ ٻئي طرح سان يتيم جي مال کي ويجها نه وڃو، جيسين اهو پنهنجي جوانيءَ کي پهچي."

ان آيت سڳوري ۾ نه صرف يتيم جي مال جو تحفظ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، بلڪ يتيم جي مال کي واپار ۾ لڳائي ان کي فائدو پهچائڻ جو پڻ رستو ڏيکاريو ويو آهي. آخر ۾ اهڙن ظالمن کي ڌمڪي ڏني وئي آهي، جيڪي ڏاڍ جي بنياد تي يتيمن جو مال هڙپ ڪن ٿا.

إِنَّ الَّذِينَ يَأْكُلُونَ أَمْوَالَ الْيَتَامَىٰ ظُلْمًا إِنَّمَا يَأْكُلُونَ فِي بُطُونِهِمْ نَارًا ۖ وَسَيَصْلَوْنَ سَعِيرًا ۝ (النساء ١٠)

"جيڪي يتيمن جو مال ڏاڍ سان کائيندا آهن سي پنهنجن پيٽن ۾ رڳو باهه کائيندا آهن، اهي دوزخ ۾ سگهو گهڙندا."

مالدارن جي مال ۾ خاندان جي مستحق رشتيدارن جو اولين حق آهي جنهن کان ڪنهن به صورت ۾ منهن نه ٿو موڙي سگهجي. قرآن مجيد، الله تبارڪ و تعاليٰ جي بندگيءَ سان گڏ والدين سان سهڻي سلوڪ جو حڪم ڏئي ٿو:

وَقَضَىٰ رَبُّكَ أَلَّا تَعْبُدُوا إِلَّا إِيَّاهُ وَبِالْوَالِدَيْنِ إِحْسَانًا (الإسراء – ٢٣)

"۽ تنهنجي پالڻهار حڪم ڪيو آهي ته ان کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي به عبادت نه ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان نيڪي ڪريو."



ٻار جي نگهداشت ۾ ماءُ وڏيڪ تڪليف برداشت ڪري ٿي، تنهن ڪري ان جو حق به وڌيڪ بڻجي ٿو، قرآن پاڪ ان معاملي ۾ فرمائي ٿو:

وَوَصَّيْنَا الْإِنسَانَ بِوَالِدَيْهِ حَمَلَتْهُ أُمُّهُ وَهْنًا عَلَىٰ وَهْنٍ وَفِصَالُهُ فِي عَامَيْنِ (لقمان – ١٤)

"۽ ماڻهن کي سندن ماءُ بابت (چڱائي ڪرڻ جو) حڪم ڪيوسون جو ماڻس تڪليف جي مٿان تڪليف سهي کيس پنهنجي پيٽ ۾ کنيو ۽ ٻن ورهن ۾ سندس (ٿڃ جو) ڇڏائڻ آهي."

"الاحقاف" سورة ۾ ماءُ جي تڪليف جو ذڪر هن ريت ڪيو ويو آهي.

وَوَصَّيْنَا الْإِنسَانَ بِوَالِدَيْهِ إِحْسَانًا ۖ حَمَلَتْهُ أُمُّهُ كُرْهًا وَوَضَعَتْهُ كُرْهًا ۖ (الاحقاف ١٥)

"۽ ماڻهو کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان چڱائي ڪرڻ جو حڪم ڪيوسون (جو) اوکائيءَ سان سندس ماءُ کيس (پيٽ ۾) کنيو آهي ۽ اوکائيءَ سان کيس ڄڻيو آهي."

انهن آيتن ۾ ماءُ جي حقن تي وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي، ڇو ته حمل ۽ وضع حمل کان ولادت ۽ ٻالڪپڻ تائين سڄو بار ماءُ برداشت ڪري ٿي. پيءُ فطري طور تي ان ۾ ڪوبه حصو نٿو وٺي سگهي، البته هو خاندان جي سرپرستي ۽ نگراني ڪري ٿو، ان ڪري ماءُ جي مقابلي ۾ ڪنهن حيثيت سان ان جو حق گهٽ آهي، پر اطاعت ۽ خدمت ٻنهي جي ضروري آهي. هي اهو واحد عمل آهي، جنهن جي جزا اولاد کي دنيا ۾ ئي ڏني ويندي آهي ۽ آخرت ۾ جنت جي خوشخبري ڏني وئي آهي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن پڻ ٽي ڀيرا ماءُ جي حقن جو تاڪيد فرمايو آهي. ان کان پوءِ پيءُ جي باري ۾ هڪ ڀيرو فرمايو. (ثم ابوڪ)

# انسانيت تي شاهد امت جو بنياد

مولانا شعيب الرحمان کهڙو

قرآن مجيد جي بنيادي مقصدن ۾ هڪ اهڙي امت جي تشڪيل انتهائي اهميت رکي ٿي، جيڪا بنيادي طور تي عقيدي ۽ شريعت جي پابند هجي ۽ ان بنياد تي پنهنجي نسل جي پرورش ڪري ۽ پوري دنيا ۾ پنهنجو پيغام عام ڪري. صرف اهو ئي واحد طريقو آهي، جنهن سان پوري انسانيت جي خير ۽ فلاح جي ضمانت ڏئي سگهجي ٿي. اهڙي امت جي تشڪيل اهڙين مشڪل ۽ صبر آزما حالتن ۾ ممڪن نه هئي، جيڪي ابتداءِ اسلام ۾ درپيش هيون. جو نه اسلام جو طلوع جاهليت جي اهڙي تاريخي دؤر ۾ ٿيو جو انسانن کي قبيلن ۾ تقسيم ڪيو ويو هيو. قبائلي عصبيت عروج تي هئي. پنهنجي قبيلي سان نسبت ئي انسان جي سلامتي ۽ عزت جو باعث هئي، نه ته ان جو وجود ۽ بقا ممڪن نه هئي. قبيلو ئي ماڻهن جي حسب ۽ نسب ۽ طاقت ۽ سلامتيءَ جو ضامن هيو. ان ڪان سواءِ سياسي ۽ معاشرتي اعتبار ڪان به ان جو تحفظ ممڪن نه هيو. قبيلائي سردارن جي وڏي عزت ۽ تعظيم هئي. اهو پنهنجي قبيلي جي ماڻهن جي جائز توڙي ناجائز، هر طرح مدد ۽ حمايت ڪندو هو.

قبائلي ريتن ۽ رسمن ۾ جڪڙيل ماڻهو پنهنجي سردار جي مرضيءَ ڪانسواءِ ساهه به نه کڻي سگهندا هئا. جيڪڏهن سردار ڪنهن ماڻهوءَ تي راضي ٿي پوندو هو ته قبيلي جا سمورا فرد ان ماڻهوءَ تان ساهه فدا ڪندا هئا. پر جيڪڏهن هو ڪنهن تي ناراض ٿي پوندو هو ته قبيلي جا سمورا ماڻهو ان جو بائيڪاٽ ڪندا هئا. انهن سمورن جو هڪ ئي نعرو هو ته پنهنجي قبيلي واري جي مدد ڪريو پوءِ پلي اهو ظالم هجي توڙي مظلوم. (اهوئي ساڳيو ئي سلسلو هينئر سنڌ جي قبائليت ۾ به پيدا ٿي چڪو آهي. قبيلي جا سمورا ماڻهو





سردار جي هڪ اشاري جا منتظر هوندا هئا ۽ هو سردار جي حڪم تي جان ڏيڻ ڪان به نه ڪيٻائيندا هئا. هر قبيلو ٻي قبيلي ڪان برتري ثابت ڪرڻ جا جتن ڪندو هو ۽ ٻين قبيلن جي توهين ۽ مذمت ڄڻ ته انهن جو پيدائشي حق هو.

اسلام اچي انهن قبائلي عصبيت جي شڪار ٿيل ماڻهن ۾ عقل ۽ شعور فڪر ۽ احساس جي جذبن جو اهڙو انقلاب برپا ڪيو جو اهي قبائلي ريتن ۽ رسمن جي قيدخانن مان نڪري اسلامي اخوة ۽ مساوات جي روشن ۽ کليل فضا ۾ جهومڻ لڳا. اسلام انهن جي دلين مان عصبيت ۽ فاسد قوميت جي جذبن کي لوڏي ڪڍي ڇڏيو.

ايمان آڻڻ ڪانپوءِ سمورا مسلمان بلا تفريق رنگ، نسل ۽ زبان جي هڪ ئي مسلم امت جا فرد هئا. حق پرستي ۽ ايمان انهن جي سڃاڻپ ۽ اسلام انهن جو دين هو. هو ڪٽن ريتن رسمن کي ڇڏي آزادانه زندگي گذارڻ لڳا. اسلام ايندي ئي عصبيت جي خلاف قدم کڻندي رنگ ۽ نسل جا بت پيچي پورا پورا ڪري ڇڏيا. خاص طور تي قبائلي عصبيت کي ختم ڪري پوري مسلم برادريءَ ۾ اتحاد ۽ اتفاق، اخوت ۽ مساوات جا جذبا پيري ڇڏيا. پاڻ ڪريم ﷺ جن جو ارشاد آهي ته جيڪو عصبيت جي دعوت ڏئي يا ڪنهن تعصب جي بنياد تي جنگ ڪري ۽ ماريو وڃي اهو اسان مان ناهي.

باقي عصبيت ڇا آهي؟ ان بابت جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ کان پڇا ڪئي وئي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته ڪنهن مظلوم جي خلاف پنهنجي قوم جي طرفداري ڪرڻ توڙي جو اهي ظلم ۽ ناانصافي ڪن. قرآن مجيد انسان کي سراپا عدل ۽ انصاف سيکاري ٿو. هو ڪڏهن به اهو برداشت نٿو ڪري جو عدل ۽ انصاف کي ڇڏي ڪنهن جي طرفداري ڪئي وڃي، قرآن وڏي واکي فرمائي ٿو:

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ كُونُواْ قَوَّٰمِينَ بِٱلْقِسْطِ شُهَدَآءَ لِلَّهِ وَلَوْ عَلَىٰٓ أَنفُسِكُمْ أَوِ ٱلْوَٰلِدَيْنِ وَٱلْأَقْرَبِينَ (النساء ١٣٥)

"اي ايمان وارؤ! انصاف تي بيهندڙ الله ڪارڻ شاهدي ڏيندڙ هجو، پوءِ پلي چونه اوهان کي پاڻ تي يا ماءُ پيءُ يا مٽن تي هجي."

اسلام آڻڻ کان پوءِ مؤمن ايمان جي لڙهيءَ ۾ پوئجي وڃن ٿا. هاڻي انهن جا مددگار ۽ ٻانهن ٻيلي قبيلي وارا نه، بلڪ مؤمن پاڻ ۾ هڪٻئي جا ٻانهن ٻيلي ۽ مددگار هوندا. اهو ئي سبب آهي جو هڪ پيري ڪن نون مسلمانن مدد

www.sindsalamat.com

جي لاءِ پنهنجي قبيلي وارن کي پڪاريو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن ان تي ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي فرمايو: ڇا جاهلاڻه عصبيت جي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي حالانڪ آئون انهن ۾ موجود آهيان؟

اسلام عقيده توحيد جي بنياد تي هڪ امت وجود ۾ آندي آهي. هيئنئر انهن ۾ نه علائقائي عصبيت ٿي سگهي ٿي نه ئي رنگ ۽ نسل جو فرق يا خاندان ۽ ذات جو فرق جيڪو امت جي وجود کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري سگهي ٿو. فطرت جي تقاضا به اها ئي آهي ته رنگ ۽ نسل جي بنياد تي فتنو نه ڦهلايو وڃي. جو ته انسان پيدائش کان پهريان پنهنجي قوميت، خاندان يا رنگ ۽ نسل جو پاڻ انتخاب نه ڪندو آهي، بلڪ اهو ان کي غيراختياري فطري طور تي ورثي ۾ ملندو آهي: باقي مذهب ۽ عقيدي تي اختيار حاصل هوندو آهي. عام طور تي ٻار پنهنجي پيءُ ماءُ جي مذهب تي ڪاربند هوندو آهي. مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ جيڪو اسلام تان ڦري وڃي ان کي مرتد چيو ويندو آهي ۽ اسلام ۾ مرتد جي سزا قتل آهي. دراصل اسلام جي تقاضا آهي ته اهل ايمان جي نسبت اسلام سان هجي جيڪو انهن جو دين آهي.

هُوَ سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِيْنَ ۙ ۽ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ۭ

قرآن مجيد ۾ هن امت جون چار امتيازي ۽ بنيادي صفتون:

ٻين امتن جي مقابلي ۾ امت محمدي ﷺ چار بنيادي ۽ امتيازي صفتون رکي ٿي. قرآن مجيد اهي چار صفتون وڏي وضاحت سان بيان ڪيون آهن.

## پهرين صفت "الربانيه"

هيءَ امت رباني امت آهي. ڪيس "كُوْنُوْا رَبّٰنِيّٖنَ" جو حڪم مليل آهي يعني رباني بڻجو. انهيءَ ڪري ڪنهن به فرقي بازي ۽ مسلڪن جي تقسيم کان قرآن هن امت کي منع فرمايو آهي ۽ ڪيس هدايت ڪئي آهي ته هن امت جا ماڻهو "اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ" يعني وحدت انسانيت لاءِ ذميوار بڻايا ويا آهن ۽ اهي "شُهَدَاۗءَ عَلَي النَّاسِ" يعني سچي انسانيت لاءِ مثالي نمونو بڻايا ويا آهن. اڳ ۾ آيل شريعتن جو آخري ايڊيشن قرآن حڪيم جي صورت ۾ مڪمل انساني ضابطي جي طور تي هن امت کي مليو آهي. تاريخي شهر مڪة المڪرمہ ۾ ذوالحج جي مقدس مهيني يوم النحر جي بابرڪت ڏينهن اهو تاريخ ساز وقت هو جڏهن آخري نبي پنهنجي آخري خطبي ۾ حرم ڪعبہ ۾ سوا لک



صحابہ ڪرام جي موجودگي ۾ پنهنجي امت کي هدايتون ڏئي رهيو هو ته ان وقت الله تعاليٰ جو ارشاد نازل ٿيو:

اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ۭ (المائده ٣)

"اڄ اوهانجو دين اوهان لاءِ ڪامل ڪيم ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيم ۽ اوهان لاءِ دين اسلام پسند ڪيم."

سورة البقره جي آيت نمبر 143 ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جو ارشاد آهي: "وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا" ان جو مطلب هي آهي ته الله تعاليٰ هن امت کي ذميوار بڻايو آهي ۽ ڪنهن خاص مقصد جي لاءِ ان جي تخليق ۽ تشڪيل ڏني وئي آهي.

جڏهن ته سورة آل عمران جي آيت نمبر 110 "كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ" جو ارشاد به ان خاص مقصد ڏانهن آهي. هن امت کي ان عهد جو پابند ڪيو ويو آهي جيڪو عالم ارواح ۾ الله تعاليٰ سان ڪيو ويو هو. ان مقصد کي عالمگير سطح تي پورو ڪرڻ هن امت جي ذمي ڪيو ويو، تنهن ڪري ان جو وجود رباني، ان جو مصدر رباني ۽ ان جو مقصد حيات رباني يعني هڪ الله جي عبادت ۽ ان جي حاڪميت جو غلبو آهي ته جيئن انسان جو الله تعاليٰ جي زمين تي ان جي مقصدن کي پورو ڪرڻ وارو تخليقي مقصد پورو ٿئي. قرآن مجيد پاڻ ڪريم ﷺ جن کي خطاب ڪندي فرمائي ٿو:

قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۚ

(انعام ١٦٢- ١٦٣)

"(اي پيغمبر ڪين هي به) چؤ ته منهنجي نماز ۽ منهنجون مڙئي عبادتون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ سڀ جهانن جي پالڻهار الله لاءِ آهي، سندس ڪو شريڪ نه آهي."

## هن امت جي ٻي صفت "شهداء علي الناس"

هن امت جو فريضو ماڻهن تي شاهدي ڏيڻ، انسانيت کي دين سيکارڻ، ماڻهن کي اسلام جي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ آهي. هي امت پنهنجن عقيدن، تصورن، عبادتن، مزاج، اخلاق، نظم ضبط، فڪري نظم ۾ مادي اعتبار کان مثالي روحانيت ۽ وجدان جي لحاظ کان انفرادي ۽ اجتماعي طور تي اعتدال

www.sindsalamat.com

رکندڙ آهي. ان ڪري هن کي “امت وسطي” چيو ويندو آهي.

قرآن جهڙي محفوظ ۽ ميچوئر انساني منشور جي هوند سان هيءَ اها امت آهي جيڪا ٺيڙ ۽ ٺيڙ ڪانسواءِ صراط مستقيم تي انسانيت جي قافلي کي وٺي هلڻ جي ذميوار آهي ۽ ان سڌي رستي ڏانهن ماڻهن جي رهنمائي ڪري ٿي. اهڙي رستي جي رهنمائي ڪري ٿي جيڪو پالڻهار جو رستو آهي. قرآن فرمائي ٿو:

وَاَنَّ هٰذَا صِرَاطِيْ مُسْتَقِيْمًا فَاتَّبِعُوْهُ ۚ وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۭ
(الانعام ۱۵۴)

“اها منهنجي سڌي واٽ آهي تنهن ڪري ان تي هلو ۽ ٻين واٽن تي نہ هلو جو اهي واٽون اوهان کي سندس واٽ کان جدا ڪنديون.”

هي الله ۽ الله جي انهن نيڪ بندن جو رستو آهي، جن تي الله تعاليٰ پنهنجا انعام ڪيا آهن. اهو صالحن ۽ شهيدن جو رستو آهي، تنهن ڪري اهو ئي رستو اختيار ڪيو. اهڙن ماڻهن جو رستو اختيار نہ ڪيو جن تي پالڻهار پنهنجو غضب نازل ڪيو آهي ۽ جيڪي گمراهہ هئا.

## هن امت جي ٽئين صفت، دعوت ۽ تبليغ

هن امت جي ٽين صفت اها آهي تہ دنيا ۾ دعوت ۽ تبليغ جو فريضو انجام ڏئي ٿي. هدايت جي واٽن تي پاڻ اڪيلي نٿي هلي، بلڪ ٻين کي بہ ان ڏانهن سڏي ٿي ۽ حق جي دعوة کي عام ڪري ٿي. قرآن مجيد ان ڏس ۾ فرمائي ٿو:

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ
(آل عمران– ۱۱۱)

“اوهين اهڙي ڀلي امت ماڻهن لاءِ پيدا ٿيل آهيو جو چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا آهيو ۽ برن ڪمن کان جهليندا آهيو.”

هن امت کي اها ذميواري ڏئي هي اسباب هن لاءِ ٻڌايا ويا آهن تہ جيئن عالمي طور تي گهر گهر ۽ شهر شهر ۾ اهو پيغام رسائي سگهجي. وري انساني علمن جي ترقيءَ سان حق ۽ سچ، انصاف ۽ عدل جون عالمي سچايون نکيڙي قرآن ۾ ان جون سڀ حقيقتون سمائي هن امت کي انهن کي سچي انسانيت جي مٿان آشڪار ڪرڻ جي ذميواري ڏني وئي آهي. انهن ابدي ۽



ڪائناتي صداقتن جي روشني ۾ هيءَ امت ماڻهن کي نيڪين جو حڪم ڏئي ٿي ۽ برائين کان روڪي ٿي.”

## هن امت جي چوٿين صفت “وحدت”

هن امت جي چوٿين صفت يا ذميواراڻي خصوصيت “وحدت” آهي. اسلام جنهن امت جي تشڪيل ڪئي آهي، اها هڪ ئي امت آهي توڙي جو رنگ ۽ نسل جي اعتبار کان اهي الڳ الڳ هجن. اسلام تعارف ۽ سڃاڻپ جي لاءِ رشتا، خاندان ۽ قومون ضرور جوڙيون آهن پر اهي صرف سڃاڻپ ۽ عدل ملڻ جي حد تائين آهن؛ باقي سمورا فرق مٽائي، انهن کي هڪ ئي رشتي انسانيت ۽ اخوت ۾ جوڙي ڇڏيو آهي. سورة الانبياءِ ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

اِنَّ هٰذِهٖٓ اُمَّتُكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً ڮ وَّاَنَا رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْنِ ۝۹۲ (الانبياء ۹۲)

“بيشڪ اهو اوهان جو هڪ دين آهي ۽ آئون اوهان جو پالڻهار آهيان، تنهن ڪري منهنجي عبادت ڪريو.”

هن امت جو رب هڪ آهي ۽ اهو آهي رب العالمين. هن امت جو نبي هڪ آهي ۽ اهو آهي محمد رسول الله ﷺ. هن امت جو ڪتاب هدايت هڪ ئي آهي، اهو آهي قرآن مجيد. هن امت جو قبلو هڪ ئي آهي اهو آهي ڪعبة الله. هن امت جي شريعت هڪ آهي ۽ اها آهي شريعت محمدي ﷺ. ان ڪري هيءَ امت پاڻ تہ وحدت ۾ رهندي پر وحدت انسانيت جي لاءِ داعي ۽ مثال پڻ بڻبي.

## انسانيت جي لاءِ دعوت عام جو حڪم

اسلام شروعات کان ئي عالمگير ۽ دعوت ۽ تبليغ جو پرچارڪ آهي، اسلام ڪنهن خاص سر زمين، ڪنهن هڪ قوم ۽ محدود مدت جي لاءِ نہ آهي بلڪ پوري دنيا ۾ زمين جي هر خطي ۾ رهندڙ انسانن جي لاءِ دعوة عام جي حيثيت رکي ٿو.

اسلام جي دعوت، رنگ ۽ نسل، زبان ۽ مڪان ۽ مشرق ۽ مغرب جي فرق ڪانسواءِ هر هڪ جي لاءِ هڪ جهڙي آهي. قرآن مجيد جون مکي آيتون اسلام جي عالمگير دعوت ۽ پيغام جي وضاحت ڪن ٿيون.

مثال طور تي:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ۝۱۰۷ (الانبياء ۱۰۷)

“۽ (اي پيغمبر) توکي خاص جهانن جي رحمت لاءِ موڪليوسون.”

مولانا عبيدالله سنڌي وٽ جهانن مان مراد دنيا جون سڀئي قومون آهن. جو تہ رسالت جي هدايت جو فائدو قومون ئي وٺنديون آهن. اسلام کي بين الاقوامي دين بہ سڏيو وڃي ٿو. يعني قومن جي وچ ۾ رابطي واري دين. اهو صرف قرآن جو ئي اعجاز آهي تہ اهو وسيع انسانيت کي توحيد جي اعليٰ اصولن تي جمع ڪري سگهي ٿو.

تَبٰرَكَ الَّذِيْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰى عَبْدِهٖ لِيَكُوْنَ لِلْعٰلَمِيْنَ نَذِيْرًا ۝ (الفرقان ١)

“اهو (الله) وڏو برڪت وارو آهي، جنهن پنهنجي ٻانهي تي (حق ۽ باطل جو فرق ڪندڙ قرآن هن لاءِ نازل ڪيو تہ جهانن وارن لاءِ ڊيڄاريندڙ هجي.”

جهانن جي لاءِ ڊيڄاريندڙ جي معنيٰ بہ مولانا سنڌيءَ چواڻي هي آهي تہ دنيا جي قومن کي عروج ۽ زوال جي خدائي قانونن کان آگاهہ ڪندڙ رسول. اهي قانون قرآن ۾ نوس شڪل ۾ ٻڌايا ويا آهن ۽ اڄ بہ دنيا جي قومن جي ترقي ۽ پستي جا سبب انهن قانونن جي چوڏاري ڦرن ٿا.

اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ (يوسف ۴ – ۱)

“اهو (قرآن) جهانن جي نصيحت ڪانسواءِ (ٻيو ڪي نہ) آهي.”

قُلْ لَّاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا (الشوري ٢٣)

“(اي پيغمبر) ڪين چؤ تہ آءٌ اوهان کان ان (پيغام پهچائڻ) تي ڪو اجورو نہ ٿو گهران.”

قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا (الاعراف ١٥٨)

“(اي پيغمبر چؤ تہ اي انسانو آءٌ اوهان مڙني ڏانهن الله جو پيغمبر (ٿي آيو) آهيان.”

وَمَاۤ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا (سبا 28)

“(اي پيغمبر) توکي تہ مڙني ماڻهن لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليوسون.”

ان ڪري هن امت جي ذميواري آهي تہ اها دعوت کي عام ڪري ۽ ان حڪم جي تقاضا اها آهي تہ جنهن نور هدايت مان هن امت جون عملي زندگي ۾ راهون روشن ٿيون آهن، ان روشنيءَ کي ٻين جي رهنمائي جو ذريعو بڻائن. ان نعمت کي صرف پاڻ تائين محدود نہ رکن. ٻين ماڻهن کي گمراهيءَ جي ڪن



۾ ڇڏي صرف پنهنجي ڪاميابيءَ جو نہ سوچين پر جيئن انهن کي ايمان ۾ ۽ عمل صالح جي توفيق ملي آهي، ايئن هو خدائي خلق کي صراط المستقيم ڏي وٺي اچن، جو تہ اسلام جي امن واري پيغام ۽ اسلام جي ڏنل عزت ۾ اهي برابر جا شريڪ آهن. ان ڪري ئي قرآن مجيد ۾ هن امت کي “خيرامة” جي لقب سان نوازيو ويو آهي.

# هارين جي مصيبتن جو حل قرآن جي روشني ۾

مسٽر مسعود صاحب

قرآن شريف جو حڪم زمين جي مالڪي بابت بلاشبہ ”هارپ“ (يعني اهي ڪاتيدار جي پنهنجي زمين پاڻ آباد ڪن) جي فائدي ۾ آهي. ان باري ۾ قرآن پاڪ جي حڪمن جي پيروي ڪن جزوي مثالن کان سواءِ اسلامي تاريخ ۾ بلڪل ڪانہ پئي تي آهي. سرمايہ دارن قرآن شريف جي حڪمن جي تاويل اهڙي نموني ۾ پئي ڪئي آهي يا ڪرائي آهي جنهن ۾ سندن ئي فائدو پئي رهيو آهي ۽ سندن تن پروري جي راهہ ۾ ڪو بہ اٽڪاءُ نہ پئي وڌو آهي. چاڪاڻ تہ اها تن پروري رسول الله ﷺ جي وفات کان پوءِ خلافت راشده جي سقوط بعد شروع ٿي وئي هئي.

اها تن پروري صدين کان هلندي ايتري حد کان ٻاهر نڪري وئي آهي، جو اسلام تي نقط چيني ڪندڙ، تن پروري کي ئي اسلام سمجهي رهيا آهن. ڪميونسٽ انهن هاڻوڪين حالتن مان فائدو وٺي رهيا آهن ۽ انهيءَ ظالم سرشتہ (تن پروري) جي ستايلن ۽ ڪمزورن جي مذهبي عقيدن کي ڪميونزم جي لهر لوڏي رهي آهي. اهي ڪنگال آدمي کي چون ٿا تہ: ”توکي پنهنجو خدا بہ آهي، رسول بہ آهي ۽ قرآن بہ آهي. توکي پير، مولوي ۽ مسجدون بہ آهن، پر اهي سڀ تنهنجي بک ۽ سچائي جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪهڙي مدد ڪري سگهن ٿا؟ اهي توکي ترقي ڏياري معزز انسان جي قطار ۾ ٻيهارڻ لاءِ تنهنجي ڪهڙي رهبري ڪن ٿا؟ اسلامي مساوات (هڪ جهڙائي) محض دوکو آهي. اهو هڪ جار آهي جو توکي غلام ڪري رکڻ لاءِ وڇايو ويو آهي.“

هو اهي سڀ ڳالهيون سوسائٽي ۾ ٿيندڙ هزارين ظلمن جا مثال ڏئي ثابت ڪن ٿا. اهڙا بحث عام ماڻهن جي مذهبي عقيدن کي لوڏي رهيا آهن، جنهن





ڪري ڪيترائي تشويش ۾ پئجي وڃن ٿا تہ ڇا سچ پچ اسلام سندن مکيہ مسئلي، بک ۽ سچائي کي مٽائڻ جي قابل نہ آهي؟ جيئن اڄ ڪالھ ساري دنيا ۾ مذهب کي ڪيترن ئي اقتصادي نقطن جي لهرن سامهون ٽيڪو پيو آهي، تيئن پاڪستان ۾ بہ اسلام کي ساڳين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. اسلام بيشڪ سيني اقتصادي خرابين جي مٽائڻ لاءِ رستو ڏيکاري ٿو، پر بدقسمتي سان مسلمانن ۾ ڪي خود غرض ۽ مطلبي ماڻهو اسلام جا سچا پچا اصول عمل ۾ آڻڻ جي واٽ ۾ رڪاوٽون وجهن ٿا. مسلمانن ۾ جيڪي سمجهو ۽ دورانديش آهن تن خطرن کي پوري طرح محسوس ڪيو آهي تہ جيڪڏهن اسلام جي اصولن موجب عوام الناس جي بدحالي ۽ بک جو علاج نہ ڪيو ويو تہ پوءِ اسلام کي بہ ان تباهي جي سامهون ٽيڪو پوندو، جنهن تباهي رشيا جي مروج مذهب کي روسي انقلاب اچڻ بعد ناس ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن مالي مسئلن ۾ ۽ خاص ڪري زمين جي باري ۾ اسلامي اقتصادي اصول رائج ڪرڻ ۾ اسين گٽاسون تہ پوءِ رڳو پاڪستان کي خطرو نہ آهي، پر خود اسلام جو وجود بہ لوڏن ۾ اچي ويندو.

قرآن شريف جو قانون ”زمينداري“ جي فائدي ۾ نہ آهي. قرآن شريف جو مول متو آهي تہ زمين صرف انهن ماڻهن ۾ مساوي طرح ورهائي وڃي، جيڪي پنهنجي هٿن سان هر ڪاهيندڙ آهن. قرآن شريف زمين تي خانگي مالڪي جو حق تسليم نہ ٿو ڪري. چاڪاڻ تہ زمين الله تعاليٰ جي آهي. ۽ ان جي پاران استيٽ (حڪومت) مالڪ ٿئي ٿي. قرآن شريف ۾ فرمايل آهي:

قَالَ مُوسَىٰ لِقَوْمِهِ اسْتَعِينُوا بِاللَّهِ وَاصْبِرُوا ۖ إِنَّ الْأَرْضَ لِلَّهِ يُورِثُهَا مَنْ يَشَاءُ مِنْ عِبَادِهِ ۖ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِينَ ﴿١٢٨﴾ (الاعراف)

”حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي قوم کي چيو تہ الله تعاليٰ کان مدد جا خواستگار ٿيو ۽ صبر ۽ استقلال سان ثابت قدم رهو. زمين الله جي ملڪيت آهي ۽ ان جي حڪومت پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي وٽيس تنهن کي ڏي ٿو ۽ پرهيزگارن جي پڇاڙي بهتر آهي.“

هي پڻ قرآن شريف جو مکيہ اصول آهي تہ الله تبارڪ و تعاليٰ زمين سيني ماڻهن جي ڀلي لاءِ خلقي آهي تہ هو ڀل ان مان ڦل ڪائين ۽ ٻي پيدائش مان نفعو حاصل ڪن. الله تعاليٰ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

وَالْأَرْضَ وَضَعَهَا لِلْأَنَامِ ﴿١٠﴾ فِيهَا فَاكِهَةٌ وَالنَّخْلُ ذَاتُ الْأَكْمَامِ ﴿١١﴾ (الرحمٰن)

“الله تعاليٰ ئي آهي، جنهن زمين پنهنجن ٻانهن جي فائدي لاءِ فرش وانگر وڇائي آهي. ان ۾ ميوا پيدا ڪيا آهن. ڪجين جا درخت اپاريا آهن جي قسمين قسمين ڪجور پئدا ڪن ٿا.”

الله تعاليٰ سڀني جي روزي جي ضمانت پاڻ تي ڪنئي آهي جو هو خالق آهي. سڀ شيون جي ڌرتي تي موجود آهن سي پروردگار ساري انسان ذات جي ڀلي لاءِ خلقيون آهن:

وَمَا مِنْ دَابَّةٍ فِي الْأَرْضِ إِلَّا عَلَى اللهِ رِزْقُهَا وَيَعْلَمُ مُسْتَقَرَّهَا وَمُسْتَوْدَعَهَا ۚ كُلٌّ فِي كِتَابٍ مُبِينٍ (هود:٦)

“۽ زمين تي هلڻ وارو ڪوبہ نہ آهي پر ان جي روزي الله تي آهي، ۽ اهو ان جي رهڻ جي جاءِ ڪي ۽ جتي ان کي امانت رکيو وڃ ٿو، تنهن کي بہ ڄاڻي ٿو. سڀ ڪجھ ظاهر ڪتاب ۾ (لکيل) آهي.

هُوَ الَّذِي خَلَقَ لَكُمْ مَا فِي الْأَرْضِ جَمِيعًا (البقرة:٢٩)

“اهو الله تعاليٰ ئي آهي، جنهن زمين تي جيڪي شيون موجود آهن، سي سڀ توهان سڀني جي لاءِ ئي خلقيون اهن.”

وَجَعَلَ فِيهَا رَوَاسِيَ مِنْ فَوْقِهَا وَبَارَكَ فِيهَا وَقَدَّرَ فِيهَا أَقْوَاتَهَا فِي أَرْبَعَةِ أَيَّامٍ ؕ سَوَاءً لِلسَّائِلِينَ. (حٰم - سجدہ:١٠)

“زمين جا پئدائشي ذريعا سڀني ۾ انصاف سان ورهائڻا آهن، هن ڌرتي تي اتاهان جبل کڙا ڪيا، جي مضبوطي سان مٿس بيٺل آهن ۽ زمين تي پنهنجون برڪتون بخشيون ۽ ان مان پئدائش جا جيڪي ذريعا ٿيڻا هوا تن جو تخمينو چئن ڏينهن ۾ ڪيو ۽ اهي وسيلا سڀني گهرجائو آدمين ۾ انصاف سان ورهايا ويندا.”

انساني معاشري جا سڀئي فرد وڏ ڪان وڏ ڀلائي حاصل ڪرڻ لاءِ زمين ۾ مساوي طور شريڪ آهن ۽ اهڙي مالڪي يا زمين جو قبضو، جنهن ڪري نفعو ڪن چند ماڻهن کي حاصل ٿئي ۽ گهڻي حصي کي ان نفعي حاصل ڪرڻ ڪان محروم رکيو وڃي، سا مالڪي قرآني قانون جي ئي خلاف آهي.

ڪوبہ شخص مطلق مالڪي جا حق زمين تي رکي نہ ٿو سگهي، تنهن ڪري ڪنهن کي بہ حق نہ آهي تہ زمين مقاطعي تي ڏئي. الله تعاليٰ اسان کي اجازت ڏني آهي تہ اسين پنهنجي روزي ڪمائڻ لاءِ زمين ڪتب آڻيون. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ٻني جو ٽڪرو پنهنجن هٿن سان پوکيو آهي تہ هو انهيءَ



زمين جو ايستائين حقيقي مالڪ سمجهيو ويندو، جيستائين هو اهو زمين جو ٽڪرو آبادي هيٺ آڻيندو رهندو ۽ ان حالت ۾ ڪير بي دخل ڪري نہ سگهبو. (سرڪاري مواجب ادا ڪرڻ بعد) جيڪا ڪمائي مرد يا عورت کي حاصل ٿئي سا ان جي ئي ملڪيت آهي.

لِلرِّجَالِ نَصِيبٌ مِمَّا اكْتَسَبُوا ؕ وَلِلنِّسَاءِ نَصِيبٌ مِمَّا اكْتَسَبْنَ ؕ (النساء:٣٢)

“مرد کي پنهنجي عملن ۽ ڪمائي جي ڦل تي حق ۽ حصو آهي (۽) عورت کي بہ پنهنجي عملن ۽ ڪمائي جي ڦل تي حق ۽ حصو آهي.”

ملڪيت جي ڪسوٽي ذاتي پورهيو يا ڪسب آهي. هڪڙو شخص ايتري زمين رکي سگهي ٿو جيتري هو ڪيڙي آباد ڪري سگهي. پوءِ اها زمين ورثي ۾ بہ اچي سگهندي، پر انهيءَ شرط سان تہ مٿيون اصول لاڳو رهندو. يعني وارث بہ تيستائين وارث رهندو جيستائين اها ٻني پاڻ آباد ڪندو رهندو.”

انسان ذات جي گذران حاصل ڪرڻ جا ذريعا الله تعاليٰ اهڙي ريت بنايا آهن جو هر هڪ شخص آزاد آهي تہ هو پنهنجي روزي پنهنجي محنت مزدوري سان ڪمائي سگهي ۽ الله تعاليٰ جو قانون نهايت واضح آهي تہ ڪنهن کي بہ پنهنجي محنت جي اجوري ڪان گهٽ ملڻ نہ گهرجي. (ليس للانسان الا ما سعيٰ)

“جيئن انسان جسماني ۽ دماغي طاقتن ۾ مختلف ٿين ٿا، تيئن هو روزي ڪمائڻ جي طاقت ۾ بہ تفاوت رکن ٿا.”

وَاللهُ فَضَّلَ بَعْضَكُمْ عَلَىٰ بَعْضٍ فِي الرِّزْقِ ۚ فَمَا الَّذِينَ فُضِّلُوا بِرَادِّي رِزْقِهِمْ عَلَىٰ مَا مَلَكَتْ أَيْمَانُهُمْ فَهُمْ فِيهِ سَوَاءٌ ۚ أَفَبِنِعْمَةِ اللهِ يَجْحَدُونَ (النحل:٧١)

“الله تعاليٰ توهان کي پنهنجي روزي ڪمائڻ جي طاقت ۾ بہ هڪ ٻئي ڪان ممتاز ڪيو آهي. هڪڙا ٻين ڪان گهڻو ٿا ڪمائين پر ائين نہ ٿا ڪن تہ جن تي وڌيڪ فضل ٿيل آهي سي (پنهنجون وافر آمدنيون) انهن کي ورهائي ڏين جيڪي سندن (يعني وڌيڪ ڪمائيندڙن جا) محتاج آهن. جيتوڻيڪ انهيءَ ڪمائيءَ ۾ سڀ هڪجهڙا ڀائيوار آهن. پوءِ ڇا ائين نہ آهي تہ اهڙا ماڻهو الله تعاليٰ جي شڪر گذاري ڪرڻ ڪان قاصر آهن؟”

هي تہ صاف آهي تہ قرآن شريف هن حالت کي تسليم ڪري ٿو تہ سڀ ماڻهو روزي ڪمائڻ ۾ هڪجهڙا طاقتور نہ آهن، جنهن ڪري ڪي وڌيڪ مالدار آهن ۽ ڪي گهٽ. پر قرآن شريف اهڙي حالت قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ

آهي، جنهن موجب هڪڙن وٽ ته دنيا جا انبار لڳا پيا هجن ۽ ٻيا بلڪل سڃا، ڪنگال ۽ داڻي داڻي لاءِ محتاج هجن. قرآن شريف هر هڪ کي هي حق ڏنو آهي ته الله تعاليٰ جي جوڙيل زمين ۾ جيڪي به پيدائش جا ذريعا خلقيل آهن، تن مان پنهنجي گذاري لاءِ ضروريات زندگي حاصل ڪري. پوءِ اهو شخص مضبوط آهي يا ڪمزور، تندرست آهي يا بيمار، ڏاڍو مڙس آهي يا هيڻو، شاهوڪار آهي يا سڃو: جيستائين هو جيئرو آهي، تيستائين هن کي انسان هئڻ سبب هي حق حاصل ٿيل آهي ته پنهنجي زندگي جون ضرورتون الله تعاليٰ جي پيدا ڪيل وسيلن مان حاصل ڪري.

قرآن شريف موجب زمين تي پيدا ڪيل گذران جا وسيلا سڀني جي گڏيل ملڪيت آهن. پوءِ جيڪڏهن ڪي ماڻهو پنهنجن ضرورتن کان وڌيڪ ڪمائڻ تي قادر ٿيا ته اها وافر ملڪيت انهن وٽ هڪ قسم جي ”امانت“ آهي، جا انهن ماڻهن تي خرچ ڪرڻي آهي، جي ڪن سچين پچين مجبورين سبب ڪمائڻ جي لائق ٿي نه سگهيا آهن.

”قرآن شريف جي اصولن موجب مکيه نقطو هي آهي ته انسان ذات هڪ گڏيل ڪٽنب جي مثال آهي، جنهن جا ڀاتي هڪ ٻئي جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ پاڻ ۾ سلهاڙيل آهن. هو زندگي جي جدا جدا طبقن ۾ ڪم ڪندا رهن ٿا. ڪي ٿورو ڪمائين ٿا، ڪي زياده: جيئن جيئن هر هڪ ۾ استعداد موجود آهي. جيتوڻيڪ انهن مان شاهوڪار پنهنجي سموري ڪمائي غريبن کي نٿا ڏين ته به پنهنجي غريب ڀائرن جي سار سنڀال کان اهڙو بي پرواهه به رهي نه ٿا سگهن، جو پل غريب وڃي بک مرن. جيتوڻيڪ هر هڪ ڀاتيءَ کي پنهنجي ڪمائيءَ تي جدا جدا حق آهي ته به اها ڪمائي ڪين هڪ هنڌ ڪٺي ڪرڻي نه آهي، انهيءَ لاءِ ته سڀڪنهن کي زندگي جون گهرجون حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي پوءِ فڪر نه آهي ته هڪڙي گهڻو ڪمايو آهي ۽ ٻين ٿورو.“ (ترجمان القرآن حصو ٻيو)

مٿيون تفسير مولانا ابو الڪلام آزاد جو آهي. هو قرآن شريف جي تمام وڏن مفسرين مان هڪ آهي. مٿين مضمون مان ظاهر آهي ته سڀ انسان خدا تعاليٰ جي خلقيل رزق جي وسيلن ۾ هڪ جهڙا ڀائيوار آهن. ڪاٿين جي ملڪيت، ٻيلا ۽ پاٽي حڪومت جي حوالي رهڻا آهن، جيئن سموري رعيت انهن مان فائدو وٺي سگهي. اهڙي طرح زمين جيڪا رزق جي پيدائش جو سڀ کان وڏي ۾ وڏو ذريعو آهي سا پڻ حڪومت جي حوالي رهڻي آهي، جيئن سڀڪو ان مان پورو پورو نفعو حاصل ڪري سگهي.



جيڪڏهن ڪو به شخص زمين جي وڏي ايراضي تي قبضو ڪرڻ بعد ٻين کي، الله تعاليٰ جي خلقيل انهيءَ زمين مان پيدا ٿيندڙ رزق کان محروم رکي ته اها ملڪيت قرآن شريف جي حڪمن موجب ناجائز سمجهبي.

مختصر طور قرآن شريف جو قانون اهو آهي جيڪو مون مٿي ٻڌايو آهي ته مسلمانن ۾ جيڪي رواج چالو آهن سي سراسر قرآن شريف جي حڪمن جي خلاف آهن. هي اسان جي بدبختي آهي جو غير شرعي رواجن کي شرعي قانونن جيتري طاقت ملي وئي آهي ۽ سچو پچو شرعي قانون پٺيءَ پويان ڦٽو ڪيو ويو آهي.

قرآن شريف جو حڪم اٽل آهي پر ڪي مسلمان قرآن شريف جي تائيد ۾ حديث شريف يا اسلامي تاريخ ۾ مثال ڳولڻ چاهين ٿا. مان معتبر ذريعن سان گڏ ڪيل شاهدي پيش ڪريان ٿو جنهن مان ظاهر آهي ته زمينداري سرشتو اسلام ۾ پسنديده نه آهي.

”جنهن شخص کي زمين جو ٽڪرو آهي، سو پنهنجي سر پاڻ آباد ڪري ۽ ان کي غير آباد نه ڇڏي. جيڪڏهن پاڻ آباد نه ڪري سگهي ته پوءِ ٻئي کي آباد ڪرڻ لاءِ ڏئي. پر جيڪڏهن پاڻ به آباد نه ڪري ۽ ٻئي کي آباد ڪرڻ لاءِ نه ڏئي ته اها زمين هو پاڻ وٽ رکي اسان کي نه گهرجي“ (بخاري شريف)

مٿين حديث شريف جو پويون ٽڪرو اهڙي روش تي ناراضگي ڏيکاري ٿو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته زمين هرڪو پاڻ وٽ ايتري رکي جيتري هو پاڻ آباد ڪري سگهي.

اها ساڳي حديث شريف صحيح مسلم ۾ به آيل آهي، پر ان ۾ هي وڌيڪ روايت آهي ته: ”جيڪڏهن ٻيو ماڻهو وٺڻ کان انڪار ڪري ته جنهن شخص وٽ قبضو آهي سو پاڻ وٽ رکي سگهي ٿو.“ ان جي معنيٰ هيءَ آهي ته جيڪڏهن زمين جي قبضيدار اها زمين ڪنهن شخص کي مفت ۾ آڇ ڪئي، جنهن ٿورو ڪٽڻ پسند نه ڪيو ۽ مقاطعي تي ڪٽڻ گهري ٿو ته ان حالت ۾ بهتر اهو آهي ته اها زمين هو پنهنجي قبضي ۾ رکي مگر مقاطع نه ڏئي.

”رسول الله □ جن صاف طور منع ڪئي آهي ته زمين مقاطع تي (نقدي صورت ۾ يا بٽائي جي صورت ۾) نه ڏيو انهيءَ سبب ڪري جڏهن حضرت عبدالله بن عمر □ اها حديث شريف حضرت معاويه جي وقت ۾ ٻڌي، جنهن وقت سرمايه داري جو سرشتو مسلمانن ۾ زور وٺي چڪو هو، تڏهن اصحابي سڳوري زمين جو ڪرايو وٺڻ بند ڪري ڇڏيو.“

ٻي حديث شريف انهيءَ معاملي بابت امام بخاري هيٺين ريت آندي آهي:

“رافع بن خديج روايت ٿو ڪري ته سندس چاچو زبير بن رفيعه هڪڙو دفعو روايت ڪئي ته ڪيس رسول الله □ جن بيجا نفعي واري ڌنڌي کان منع ڪئي. رافع چيو ته رسول الله □جن جو اهو حڪم انصاف تي مبني آهي. تنهن تي زبير ڪيس ٻڌايو ته رسول الله □ ڪيس گهرائي پڇا ڪئي ته هو پنهنجي زمين بابت ڇا ٿو ڪري. هن (زبير) چيو ته مان اها زمين ٻٽائي تي ڏيندو آهيان، جنهن مان مون کي ساري پيدائش جو چوٿون حصو ۽ ڪجهه ڪارڪون ۽ ٻاجهري ملندي آهي. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو ته ائين نه ڪر. يا پاڻ انهيءَ زمين کي آباد ڪر يا ٻئي کي مفت آباد ڪرڻ لاءِ ڏي. ٻي صورت ۾ اها زمين غير آباد ٿي رهي.” (بخاري شريف)

انهيءَ حڪم جي آڌار تي اسلام جي خليفه حضرت عمر □ رسول الله□ جي هڪ صحابي سڳوري کان انهيءَ زمين جو قبضو ڪسيو جو پاڻ آباد ڪري نه سگهندو هو. پوءِ اهو ٽڪرو حضرت عمر □ انهن حاجتمندن کي ڏياريو، جن کي زمين گهربل هئي.

اسلام جي مشهور فقيه حضرت امام اعظمؓ جنهن جا معتقد سڄي دنيا ۾ سڀ کان گهڻا آهن، تنهن پڻ ٻٽائي يا مقاطعي تي زمين ڏيڻ کان منع ڪئي آهي. حضرت امام اعظم صاحب جي اها دور انديشي نهايت تعريف جوڳي آهي. ڇاڪاڻ ته بعد ۾ انهيءَ زميني سرشتي هارين ۾ ايڏي وڏي پيماني تي بک ۽ مصيبتون آنديون، جو ڇهين صدي هجري جو هڪ عالم فاضل ابن طين لکي ٿو ته: “اسان مشاهدو ڪيو آهي ته اڄ ڪالهه دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ مصيبت زده ۽ هلاڪ طبقو هارين کان مٿي ٻيو ڪونهي.” (فلسفه عمرانيات و معاشيات صفحه 116)

امام الهند حضرت شاهه ولي الله محدث دهلويؓ پڻ زميني سرشتي کي ناپسند فرمايو آهي. هن صاحب جو خيال هو ته اهو سرشتو انسانن ۾ جهيڙو وجهائي ٿو ۽ مساوات کي ڪڍي ٿو ڇڏي.

حضرت مولانا عبيدالله سنڌي، جيڪو هڪ وڏي پائي جو عالم سڳورو هو ۽ حضرت شاهه ولي الله صاحب جي فلسفه سمجهائڻ لاءِ مشهور استاد هو سو حجة الله البالغه جي شرح ۾ لکي ٿو:

“اسين امام اعظم صاحب جا معتقد آهيون، جنهن ٻني جي ٻٽائي يا نقدي مقاطعي تي ڏيڻ کان منع ڪرڻ فرمايو آهي. سندس ارشاد موجب هر شخص ايتري ٻني پاڻ وٽ رکي سگهي ٿو جيتري هو پاڻ آباد ڪري سگهي. حقيقت ۾ ڪنهن به نموني ۾ زمين جي مقاطعي ڏيڻ سبب هاري طبقي تي ظلم ٿيڻ لاءِ رستا کلي ٿا پون ۽ انهيءَ ڪري زميندار هميشه پنهنجي زمين ويندو وڌائيندو ۽ ڪڙمين کي ڍڳن ۽ گڏهن وانگر پيو وهائيندو. زميندارن کي غريب هارين تي رحم نه ايندو آهي. هنن کي پيا بک ماريندا آهن.” (فلسفه عمرانيات و معاشيات)

عراق جي فتح بعد سوال اٿيو ته جيڪا زمين فتح ڪئي وئي آهي، ان جو نيڪال ڪيئن ڪجي؟ غازين زور ڏنو ته زمين مان به مال غنيمت جو حصو ملي مگر حضرت عمر □ ڪڙمين کان زمين کسڻ جي منع ڪئي ۽ اها انهن جي قبضي ۾ رهڻ ڏني وئي. بعد ۾ اها ساري زمين عام مسلمانن جي ڀلي لاءِ وقف ڪئي وئي.

امام ابو يوسف جو حوالو ڏنو وڃي ٿو ته هن زمين مقاطعي تي ڏيڻ جي فائدي ۾ رايو ڏنو آهي. هو هارون الرشيد جو قاضي هو. ان وقت ۾ شهنشاهيت چوٽ تي هئي. تنهن ڪري امام ابو يوسف هيءَ ڳالهه نه ٿي محسوس ڪري سگهيو ته زمين مقاطعي يا ٻٽائي تي ڏيڻ کان منع ٿيل آهي. سندس استاد امام اعظم صاحب جو رايو قرآن شريف جي مطابق آهي. در حقيقت امير معاويه جي بادشاهه ٿيڻ کان وٺي نقشو ئي ڦري ويو هو ۽ سرمائيداري ۽ شهنشاهيت اسلامي سوسائٽي ۾ تمام زور شور سان گهر ڪري ويون هيون.

زمين جي مالڪي بابت حضرت امام الهند شاهه ولي الله محدث دهلويؓ پنهنجي مشهور ڪتاب حجة الله البالغه ۾ لکي ٿو:

“ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هرڪا ملڪيت الله تعاليٰ جي آهي، پر جيئن رب العالمين زمين ۽ ان جي پيدائش جي ڪتب آڻڻ جي اجازت ڏيڻ فرمائي تئن ماڻهو لالچي ٿي پيا ۽ پنهنجين ٻنين جون حدون وڌائڻ لڳا. تنهن ڪري اصول مقرر ڪيو ويو ته جيڪو شخص ڪنهن زمين جي ٽڪر تي پهريائين وڃي قابض ٿئي، ته ان کي اتان نه ڪڍجي، جيستائين سندس قبضو ڪنهن ٻئي کي نقصان نه پهچائي. . . . . .”

زمين هڪ مسافرخاني يا مسجد وانگر هر هڪ لاءِ کليل آهي ۽ سڀڪو ان مان مساوي طور فائدو وٺي سگهي ٿو ۽ اهو ٽڪرو ان جي حوالي رهندو، جنهن ان تي اڳ ۾ قبضو ڪيو هوندو (مگر هي صاف ظاهر آهي ته هر هڪ انسان کي

زمين جي فقط ايتري ٽڪري تي قبضي ڪرڻ جو حق رهندو، جيترو هو ڪتب آڻي سگهي ۽ نہ وڌيڪ) زمين تي ڪنهن شخص جي قبضي جي معنيٰ آهي تہ ان شخص کي اها زمين پنهنجي نفع لاءِ ڪتب آڻڻ جو حق پڻ رهندو.

حضرت امام عبدالعزيز، فرزند امام الهند حضرت شاهہ ولي الله صاحب دهلويؒ پڻ پنهنجي فتاويٰ عزيزيہ ۾ زمينداري سرشتي جي خلاف فتويٰ ڏني آهي. سندس رايو آهي تہ هندستان جي زمين سڀني مسلمانن جي گڏيل ملڪيت آهي ۽ بيت المال جو حق آهي. اها ڪنهن شخص جي خاص ملڪيت ٿي نہ ٿي سگهي ۽ نہ وري ڪنهن زميندار جي ملڪيت ٿي سگهي ٿي. اهي سڀ زمين جي سنڀاليندڙن جي حيثيت رکن ٿا.

جيڪڏهن سرمايہ دار ۽ زبردست ماڻهو نادارن ۽ ڪمزورن کي اهڙن وافر زمينن تي حق ڏيڻ ۾ گوٺ ناٺ ڪن ٿا (جو ڪين پيدائشي حق مليل آهي تہ الله تعاليٰ جي خلقيل قدرتي پيدائشي ذريعن مان پورو پورو فائدو وٺن) ۽ جيڪڏهن اهي سرمايہ دار اهي وافر ملڪيتون پنهنجي ذاتي غرضن لاءِ ڪم آڻين ۽ انهن کي ڪابہ اپيل اثر نہ ڪري تہ پوءِ حڪومت جو فرض آهي تہ انهن کان زوري قبضو ڪسي ۽ جيڪي هيڻا ۽ نادار آهن ۽ جن کي ڪجھ بہ نہ آهي، تن ۾ اها وافر دنيا ۽ زمينون ورهائي ڇڏي. اهو فرض حڪومت تي ائين ئي لازمي آهي، جيئن نادار پٽ يا زال کي، شاهوڪار پيءُ يا مڙس کان گذران جا ذريعا وٺي ڏيڻ لازمي آهي. حڪومت جو فرض آهي تہ ملڪ جي پيدائش جا ذريعا ساري رعيت ۾ مساوي طور وراهڻ جو انتظام رکي.

اسلامي تاريخ شاهد آهي تہ خلافت ڪانپوءِ ڪنهن بہ مسلمان بادشاهہ پنهنجي بادشاهت جو بنياد ڪڙمين جي همدردي حاصل ڪرڻ ۽ انهن تي هٿ رکڻ سان نہ ٻڌو ۽ جاگير دارن جا قلعا ڊاهي پٽ ڪري ڪونہ ڇڏيا.

رسول الله□ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ هڪ صدي کان بہ گهٽ عرصي اندر اسلام ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ جي گهڻي حصي ۾ پکڙجي ويو. ايران ۽ روم جون بادشاهتون حضرت عمر □ جي خلافت ۾ فتح ڪيون ويون. انهيءَ جا ڪهڙا سبب هوا؟ ڪجھ تہ اسلام جي تعليم جو اثر هو، جنهن ڏهن سالن جي قليل عرصي اندر قبائلي عصبيت کي مٽائي ڇڏيو ۽ منجهائن قبائلي بغض جي زهريلي اثر کي زائل ڪري ڇڏيو. مگر وڏو سبب هي هو جو اسلام يورپ واري زهريلي جاگيرداري سرشتي جو بنياد پٽي ڇڏيو ۽ ان جي بجاءِ "هارپ" يعني ننڍن ڪاتيدارن جو رواج وڌو، جي پنهنجي ٻني پنهنجي هٿن سان ڪاهڻ لڳا.



مسٽر امير علي پنهنجي ڪتاب "عرب مجاهدن جي تاريخ" ۾ اسپين ۾ اسلامي فتوحات ۽ اسلامي حڪومت جو ذڪر ڪندي هيٺين ريت لکيو آهي:

"اسلام جي فتح ۾ سڀ کان زياده مفيد اثر گهٽ درجي جي ماڻهن جي حالت تي پيو. اسلام جي فتح کان اڳ هنن سان جانورن کان بہ برو برتاءُ ڪيو ويندو هو. هاڻي هو انسانيت جي درجي کي پهچي ويا. مسلمانن جي قبضي ۾ آيل جاگيردارين تي جيڪي رواجي ٻانها ۽ گهرو غلام اڳ ۾ ڪم ڪندا هئا، تن کي شهري حقوق ملي ويا ۽ اهي زمينون ڪين "هارپ" جي حق تي ڏنيون ويون، جنهن ڪري ٻني ۾ سندن حق ٿي پيو ۽ سموري زمين ڄڻ تہ سندن ملڪيت ٿي پئي."

حضرت امير عمر□ جي خلافت جي زماني ۾ جڏهن ايران جي حڪومت مسلمانن جي هٿ ۾ آئي تڏهن حضرت علي ڪرم الله وجہ جي صلاح سان سروي جو ڪم تمام وڏي پيماني تي ڪرايو ويو. هارين جا بار هلڪا ڪيا ويا. انهن کي يقين ڏياريو ويو تہ ڪائن زمينن جو قبضو نہ ڪسيو ويندو. خود زمين جو وڪرو سختي سان بند ڪيو ويو، جيئن پراڻن هارين کان زمين ڪسجي نہ وڃي."

حضرت عمر □ جو ذڪر ڪندي مسٽر امير علي لکي ٿو:

"دور انديشي جا پوين مسلمان حاڪمن ۾ مفقود هئي، تنهن کان ڪم وٺندي هن (حضرت عمر □ ) محسوس ڪيو تہ حڪومت جي بنياد پڪي ڪرڻ ۽ ان جي مالي ترقي جو راز ملڪ جي آبادگارن جي خوشحالي تي منحصر آهي. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هن فتح ٿيل ملڪن ۾ زرعي زمينن جا وڪرا قطعي بند ڪري ڇڏيا. عربن جي دست درازي کان بچاءَ جي خيال کان هن وڌيڪ هي حڪم بہ ڪيو تہ ملڪي ماڻهن کان ڪوبہ مجاهد (فوجي) زمين خريد نہ ڪري. فتح ٿيل ملڪن جي انتظام ۾ هارين جي بهتري ۽ واپار جي واڌاري جي ڪمن کي مقدم رکڻ لاءِ سختي سان نظرداري ڪئي ويندي هئي."

(مترجم: علاؤالدين محمد يونس خان سمون)

www.sindsalamat.com

# مذهبي ٺيڪيدارءِ اسلام جو اصل نصب العين

**احمد دين راڄپر**

(ماهوار بيداريءَ جو ايڊيٽر محمد موسيٰ ڀٽو پنهنجي رسالي ۾ سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي چيئرمين نور احمد ميمڻ جي اسلامي روشن فڪريءَ بابت لکيل تحريرن خاص طور تي ته انساني حقن، قومي آزادين انساني مساوات ۽ معاشي برابريءَ واري قرآني فڪر خلاف مضمونن جو سلسلو جاري رکيو ته اهي ضمني ڪم آهن. اصل دين ۽ فرائض ته نماز، روزو، نفس جو تزڪيو ۽ ٻيا آهن جن کي ڇڏي نور احمد ميمڻ گمراهيءَ جو شڪار ٿي رهيو آهي. ان جي جواب ۾ جناب احمد الدين راڄپر هي مضمون لکيو هو.)

اڄڪلهه اسلام جا ڪجهه دعويدار اسلام جي جهادي ۽ مزاحمتي پهلو، سرمائيدارن جي ظلم خلاف جدوجهد ڪرڻ، انساني مساوات ۽ انسانيت جي عالمگير مفادن لاءِ ڪم ڪرڻ کي آخرت ۽ رسالت کان انڪار جي برابر سمجهي اهڙيون فتوائون به صادر ڪري رهيا آهن. عقيدي ۽ ايمان جي معاملي ۾ ڪنهن تي فتويٰ جاري ڪرڻ لاءِ ٺوس ثبوتن ۽ شاهدين جي ضرورت هوندي آهي. دين ۽ ايمان جي معاملي ۾ اهڙي ذميدارانه روش اختيار ڪرڻ بجاءِ فتويٰ فروشيءَ جي پراڻي ڌنڌي کي جاري رکندي ٺيڪيداريءَ، داداگيريءَ ۽ صوبيداريءَ واري روش اختيار ڪئي وڃي ٿي ته جيڪڏهن ڪو سندن سوچ ۽ پسند مطابق ڪم نه ٿو ڪري ته اهو آخرت ۽ رسالت جو منڪر آهي.

اهي ماڻهو سرمائيدارانه ظلم جي خلاف جدوجهد ڪرڻ ۽ انساني





مساوات ۽ عالمگير انساني مفادن لاءِ ڪم ڪرڻ کي پنهنجي هٽ ٺوڪي سرمايه پرست اسلام جي لاءِ خطرو سمجهي رهيا آهن ۽ ان جي موٽ ۾ هنن اهو رستو اختيار ڪيو آهي، جيڪو هميشه تاريخ ۾ استحصالي طبقن جا پڳهاردار ملا مولوي اختيار ڪندا رهيا آهن. يعني اهو ته فتويٰ جاري ڪري سماج ۾ ظلم جي مزاحمت ڪارن کي آخرت ۽ رسالت جو انڪاري قرار ڏيو ۽ عام مسلمانن جي ذهنن ۾ ان جي خلاف نفرت پيدا ڪري انهن کي ڪم کان روڪي وجهو. اهي نام نهاد سرمائيداري جا ايجنٽ سرمائيدارن جي خدمت چاڪريءَ ۽ نوڪريءَ ۾ ماشاءَالله پوري ايمانداريءَ سان ڪم ڪندا رهيا آهن. ڪڏهن تصوف جو ويس پهري ۽ ڪڏهن اسلامي دانشمندي جي ٺيڪيداري جتائيندي اڄا به ساڳي پڳهار تي سرمائيدارن جي نوڪري ڪندا ۽ نمڪ حلالي ڪندا رهن ٿا.

انهن کي سرمائيدارن خلاف جدوجهد ۽ انساني مساوات لاءِ ڪم ڪرڻ تي ايتري چڙ آهي جو هو مالدارن خلاف جدوجهد کي قرآن جو ضمني مسئلو قرار ڏين ٿا. تعجب آهي ته انهن ڪيئن اهو فيصلو ڪري ورتو آهي ته قرآن ۾ ڪي مسئلا اهڙا به آهن جيڪي ضمني آهن! ۽ انهن جي حيثيت نصب العين جي نه پر فرض ۽ واجب جهڙي آهي ۽ انهن کي نصب العين نه بنائڻ جي نتيجي ۾ اسلام جي سموري عمارت زير و زبر ٿي وڃي ٿي.

سرمايه پرست ٽولن جو اهو پراڻو وطيرو رهيو آهي ته اهي آخرت جي تياريءَ جي نالي تي ماڻهن کي پينلائيندا رهن ٿا ته اهو ئي اصل نصب العين آهي ۽ حق جي قيام ۽ ظلم جي خاتمي لاءِ جدوجهد ضمني مسئلا آهن. سلف صالحين مان جن ماڻهن جهاد ۽ قتال کي ديني فرض قرار ڏنو، سياسي آزادين لاءِ جاکوڙيو، دارالعلوم ديوبند جهڙو عظيم ادارو صرف انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ لاءِ قائم ڪيو. شيخ الهند مولانا محمود الحسن جيڪا انگريزن خلاف سياسي ۽ باغيانه جدوجهد ڪئي ۽ پنهنجي پوري عمر ان ۾ صرف ڪئي. جن ديوبندي اڪابرن جمعيت علماء هند قائم ڪري سياسي جدوجهد ۾ عمريون کپايون. جمعيت علماء اسلام جي جن اڪابرن پاڪستان جي سياسي استحڪام ۽ اسلام جي نظام لاءِ جدوجهد ڪئي، ضياء جي دور ۾ روس خلاف لڙائيءَ جو حصو بنجڻ بجاءِ ضياء جي مارشل لا خلاف ايم آر ڊي تحريڪ ۾ پوريون توانائيون خرچ ڪيون، انهن کي ڪهڙي ڪاتي ۾ وڌو ويندو. ڇا اهي بزرگ ۽ جماعتون انهن دنياوي ۽ ضمني جدوجهدن ۾ زندگيون خرچ ڪري

www.sindsalamat.com

آخرت کان محروم رهجي ويون. ان باري ۾ انهن فتويٰ فروشن وٽ ڪو جواب موجود آهي!

انهن نام نهاد ٺيڪيدارن جو ٻيو حربو جهاد، قتال ۽ معاشرتي ڀلائي ۽ غريبن جي پرگهور لهڻ جهڙن فرضن کي ضمني ڪم قرار ڏئي "مسلماني آساني" جي راهه ڏيکارڻ آهي. نماز، روزو، حج ۽ زڪوات اهڙا فرض آهن، جيڪي انهن جي فرض ڪيل نصب العين جي منشا مطابق آهن. شايد زڪوات ڪي اهي پنهنجي نصب العين ۾ شامل نه ڪندا چو ته اها غريبن جي پرگهور لاءِ آهي. باقي نماز روزي ۽ حج ڪي اهي پنهنجي نصب العين مطابق چون ٿا. پر انهن کي اهو ڪنهن به طرح سان حق نه ٿو پهچي ته اسلام جي ڪجهه فرضن کي نصب العين ۽ ڪجهه فرضن کي ضمني چون. "نصب العين" جي نالي سان ڪوبه عمل جو متاهون رتبو اسلام ۾ ڪونهي، نه ئي اسلام ۾ شريعت ۾ ڪا شئي فرض ۽ واجب هئڻ ڪانپوءِ ضمني ۽ غير اهم مڃي سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ ته فقه ۽ شريعت ۾ قرآن ۽ حديث جي نص قطعي سان ثابت شيءِ کي فرض ۽ واجب جو درجو ڏنو ويو آهي. سڀ کان متاهون درجو فرض جو ۽ ان کان پوءِ واجب جو آهي. انهن ۾ فرق ۽ ان کان پوءِ وارن درجن تي بحث نه ٿا ڪريون. جو مضمون ڊگهو ٿي ويندو. هتي صرف اهو عرض ڪرڻو آهي ته فرض جو انڪاري ڪافر ۽ مرتد آهي، ڇاڪاڻ ته اهو نص قطعي جو انڪار ٿو ڪري. درجي جي لحاظ کان ڪنهن فرض کي ڊي گريڊ ڪرڻ، گهٽائڻ، ان کي غير اهم ۽ ضمني قرار ڏيڻ، نص قطعيءَ کي ڊي گريڊ ڪرڻ، گهٽائڻ ۽ غير اهم قرار ڏيڻ جي برابر آهي. اهو عمل ڪيترو خراب، بڇڙو ۽ گستاخيءَ وارو آهي، ان جو اندازو جيڪڏهن انهن پرمتڙين کي اڳ ۾ ناهي ته هاڻي انهن کي ان تي شرم اچڻ گهرجي. اسلام ۾ جيڪا شيءِ فرض آهي اها فرض آهي، ان کي گهٽ وڌ، ضمني يا نصب العين قرار ڏيڻ گناهه آهي.

ها البته هر فرض جو پنهنجو پنهنجو وقت هوندو آهي. جڏهن ڪنهن فرض جو وقت اچي وڃي ته ان کان تر جيترو گسائڻ به گناهه آهي. پر ان کي ضمني ۽ غير اهم سمجهي ان جو وقت گذاري ڇڏڻ سرڪشي آهي. افسوس آهي ته اهي مذهبي ٺيڪيدار شريعت جي قوانين جي درجي بنديءَ کان به واقف نه ٿي سگهيا آهن؟! يا هُو نُمري هٺ لاءِ ڄاڻي واڻي تجاهل کان ڪم وٺندا رهيا آهن! غلام محمد قادياني جهاد جو انڪار ڪيو ۽ اهڙن مذهبي ٺيڪيدارن جهاد سان گڏ ٻين فرضن کي به غير اهم ۽ ضمني قرار ڏئي ڇڏيو!! ان عمل جي



سنگينيءَ جو انهن کي ڪو احساس ڪونهي.

مطلب هي آهي ته فرض سڀ فرض آهن، انهن مان ڪنهن فرض کي ٻئي کان گهٽ يا وڌ، اهم يا غير اهم قرار ڏيڻ غلط آهي پر ڪجهه فرضن جي اهميت جو جيئن ته انهن انڪار ڪيو آهي ان ڪري آءٌ هتي انهن جي آڏو ان جي اهميت جو مختصر ذڪر ڪري ٿو ڇڏيان. خاص ڪري جن فرضن کي اُهي ٺيڪيدار غير اهم سمجهن ٿا يعني انسانيت جي عالمگير مفادن لاءِ ڪم ڪرڻ، معاشي ڀلائي ۽ غريبن جي پرگهور لهڻ جا فرض نڀائڻ ۽ ان کي ضمني قرار ڏين ٿا، يا ته پنهنجي سوچ ۾ سادگي ۽ جهالت جو شڪار ٿين ٿا يا وري هو ڄاڻي واڻي سرمائيداريت کان پنهنجي مفادن جاري رهڻ جي لاءِ ان قسم جي پروپيگنڊا جي ذميواري نڀاهي پنهنجون پگهارون سڄايون ڪن ٿا.

قرآن ۾ الله تعاليٰ حق ۽ باطل جو مثال بيان فرمايو آهي:

اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتۡ اَوۡدِيَةٌۢ بِقَدَرِهَا فَاحۡتَمَلَ السَّيۡلُ زَبَدًا رَّابِيًا ؕ وَمِمَّا يُوۡقِدُوۡنَ عَلَيۡهِ فِى النَّارِ ابۡتِغَآءَ حِلۡيَةٍ اَوۡ مَتَاعٍ زَبَدٌ مِّثۡلُهٗ ؕ كَذٰلِكَ يَضۡرِبُ اللّٰهُ الۡحَقَّ وَالۡبَاطِلَ ؕ فَاَمَّا الزَّبَدُ فَيَذۡهَبُ جُفَآءً ۚ وَاَمَّا مَا يَنۡفَعُ النَّاسَ فَيَمۡكُثُ فِى الۡاَرۡضِ

(سوره الرعد 17)

"اسان آسمان مان پاڻي نازل ڪيو آهي، پوءِ اهو وهڪرن ۾ پيماني مطابق وهي پيو آهي.پوءِ ان پنهنجي مٿان جهاڳ کنئي آهي ۽ جيڪي شيون باهه ۾ ٻاريون ٿيون وڃن، زيورن ۽ سامان حاصل ڪرڻ لاءِ، انهن تي به اهڙي جهاڳ آهي. ان طرح الله تعاليٰ حق ۽ باطل جو مثال بيان ڪندو آهي. پوءِ جهاڳ ختم ٿي ويندي آهي ۽ جيڪا شيءِ انسانن کي نفعو ڏيندي آهي اها زمين ۾ قائم رهندي آهي."

هن آيت ۾ الله تعاليٰ بقاءِ انفع جي اصول جي بنياد تي حق ۽ باطل جي سمجهاڻي ڏني آهي، ته ڪنهن به تحريڪ فڪر ۽ دين جي حق هئڻ جو مدار ان تي آهي ته اهو انسانيت جي ڪيترو فائدي ۾ آهي. يعني انسانيت جو فائدو ۽ نفعو ئي اصل حق ۽ اصل نصب العين آهي. مڙني نبين جي بعثت جو مقصد، ديني اعمالن ۽ فڪرن جو اصل محور اهو آهي. آخرت ۾ جوابدهي جو اصل محور به اهو آهي ته خوف خدا ۽ دينداريءَ جو بنياد به اهو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ حضرت موسيٰ کي فرمايو: "وَاصۡطَنَعۡتُكَ لِنَفۡسِىۡ" (مون تو کي پنهنجي ذات لاءِ ٺاهيو آهي) ان کان پوءِ ڪيس جيڪو ڪم

ڏنائين، سو بني اسرائيلن جي فرعون جي غلاميءَ کان آزاديءَ جو ڪم هو. ڪيس فرمايائين.

وَاصْطَنَعْتُكَ لِنَفْسِيْ ﴿٤١﴾ اِذْهَبْ اَنْتَ وَ اَخُوْكَ بِاٰيٰتِيْ وَلَا تَنِيَا فِيْ ذِكْرِيْ ﴿٤٢﴾ اِذْهَبَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ﴿٤٣﴾ فَقُوْلَا لَهٗ قَوْلًا لَّيِّنًا لَّعَلَّهٗ يَتَذَكَّرُ اَوْ يَخْشٰى ﴿٤٤﴾ قَالَا رَبَّنَآ اِنَّنَا نَخَافُ اَنْ يَّفْرُطَ عَلَيْنَآ اَوْ اَنْ يَّطْغٰى ﴿٤٥﴾ اِنَّا رَسُوْلَا رَبِّكَ فَاَرْسِلْ مَعَنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ وَ لَا تُعَذِّبْهُمْ (سوره طهٰ- 41 کان 47)

”اي موسىٰ مون توکي پنهنجي لاءِ تاهيو آهي. تون ۽ تنهنجو ڀاءُ منهنجي نشانين سان وڃو. ۽ ڏسو منهنجي ياد ۾ ڪوتاهي نہ ڪجو. ٻئي فرعون ڏانهن وڃو، ان سرڪشي اختيار ڪئي آهي.ان سان نرميءَ سان ڳالهہ ڪجو شايد هو سمجهي وڃي يا ڊڄي وڃي. ٻنهي چيو اسان جا پالڻهار اسان ڊڄون ٿا تہ اهو اسان تي زيادتي ڪندو سرڪشي ڪندو. الله چيو ڊڄو نہ، بيشڪ آءٌ اوهان سان گڏ آهيان، ٻڌان ۽ ڏسان ٿو. وڃو ڪيس چئو اسان ٻئي تنهنجي رب جا رسول آهيون تہ اسان سان گڏ تون بني اسرائيلن کي آزاد ڪر.“

هڪ اولوالعزم نبي، جنهن کي الله تعالىٰ چئي تہ توکي مون پنهنجي ذات لاءِ پيدا ڪيو آهي ۽ پوءِ ان کي ڪمزور ۽ ضعيف ۽ غلام انسانن جي آزاديءَ جي ذميواري ڏئي، ڇا اها ڳالهہ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي ناهي تہ انساني مفادن لاءِ ڪم ڪرڻ الله لاءِ ڪم ڪرڻ برابر آهي!. ۽ اهو ڪم الله جو ڪم ڪيئن نہ چئجي جنهن جي ڪرڻ جو الله اعلان فرمايو آهي.

وَنُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا فِي الْاَرْضِ وَ نَجْعَلَهُمْ اَئِمَّةً وَّ نَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿٥﴾
وَ نُمَكِّنَ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَ نُرِيَ فِرْعَوْنَ وَ هَامٰنَ وَ جُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ ﴿٦﴾
(القصص – 6،5)

”۽ اسان گهريو تہ جن کي زمين ۾ ڪمزور ڪيو ويو تن تي احسان ڪريون ۽ انهن کي اڳواڻ بڻايون ۽ انهن کي وارث ڪريون ۽ انهن جو زمين ۾ دٻدٻو ڪريون ۽ فرعون ۽ هامان ۽ سندس لشڪرن کي انهن (ضعيفن) کان اها ڳالهہ ڏيکاريون جنهن کان ڊنا ٿي.“

انسانن کي انسانن جي غلاميءَ کان آزاد ڪرائڻ ڪيترو اهم آهي، سو هن آيت ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿو جنهن ۾ نبي ڪريم ﷺ اهل ڪتاب کي دعوت ڏيندي فرمايو آهي.

قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍۭ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللّٰهَ وَلَا نُشْرِكَ بِهٖ



شَيْـًٔا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا بَعْضًا اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ (آل عمران 64)

”چئو تہ اي ڪتاب وارو! (هن) هڪ ڳالهہ ڏي اچو جا اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ برابر (مڃيل) آهي تہ الله کانسواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريون ۽ نہ ان سان ڪنهن بہ شيءِ کي شريڪ ڪريون ۽ نہ اسان مان ڪي الله کانسواءِ ٻين کي پنهنجا پالينڌڙ ڪري وٺن.“

’پاڻ مان هڪڙا انسان ٻين کي پنهنجو رب نہ بڻائن‘ جو مطلب ان کانسواءِ ٻيو ڪهڙو آهي، تہ سڀئي انسان ٻين انسانن جي غلاميءَ کان آزاد ٿي هڪ الله جي غلامي ۽ عبديت قبول ڪن. انهيءَ ڪري جيڪي ماڻهو ٻين انساني غلاميءَ جي طوقن ۾ ڦاٿل آهن، انهن کي نجات ڏيارڻ لاءِ مزاحمت ڪرڻ نبوت جي مقصدن ۾ شامل آهي.

الله تعالي ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

وَ هَدَيْنٰهُ النَّجْدَيْنِ ﴿١٠﴾ فَلَا اقْتَحَمَ الْعَقَبَةَ ﴿١١﴾ (سوره البلد-10، 11)

”اسان انسان کي ٻہ واٽون ڏيکاريون آهن. پر اهو چاڙهي چڙهي نہ سگهيو“

يعني هڪ واٽ آهي جيڪا بلنديءَ طرف ٿي وڃي. اها چاڙهيءَ واري واٽ آهي، سا انسان چڙهي نہ سگهيو آهي. ٿورو توجهہ ڪيو’ هيءَ چاڙهيءِ واري واٽ، جنهن تي انسان اڄ بہ نہ چڙهي سگهيو آهي، ان جي آڏو رڪاوٽون ۽آڏا جبل آهن. وڏا وڏا روڙا ۽ اٽڪاء آيل آهن. دنيا جي سرمائيدارن، جاگيردارن، سامراجي قوتن ۽ انهن جي مذهبي رهبانيت اوڊيل ايجنٽن طرفان ان واٽ آڏو بند ٻڌا ويا آهن. الله تعالىٰ پاڻ پنهنجي ٻانهن کي ٻڌائي ٿو تہ:

وَ مَآ اَدْرٰىكَ مَا الْعَقَبَةُ ﴿١٢﴾ (سوره البلد-12)(اها چاڙهي ڪهڙي آهي؟)

مٿاهون ۽ بلند نصب العين ڪهڙو آهي؟ جنهن تي انسان فائز نہ ٿي سگهيو آهي!؟

الله تعالىٰ فرمائي ٿو:

فَكُّ رَقَبَةٍ ﴿١٣﴾ اَوْ اِطْعٰمٌ فِيْ يَوْمٍ ذِيْ مَسْغَبَةٍ ﴿١٤﴾ يَّتِيْمًا ذَا مَقْرَبَةٍ ﴿١٥﴾ اَوْ مِسْكِيْنًا ذَا مَتْرَبَةٍ ﴿١٦﴾ (سوره البلد-13- 16)

”اهو ٻانهي کي (غلاميءَ کان) آزاد ڪرائڻو آهي. يا بک جي ڏينهن کاڌو ڪارائڻو آهي. مٽيءَ ماڻٽي واري يتيم کي. يا مٽيءَ ۾ رُليل مسڪين کي.“

سماجي انصاف ۽ معاشي مساوات جا منڪر اهي مذهبي ٺيڪيدار ڀل انڪار ڪن، اڪيون ٻوٽي ڇڏن، هن بلند واٽ کان نابري واري ويهي رهن، اهي

پل هنن قطعي نصوص کي گهٽ، غير اهم ۽ ضمني قرار ڏئي ڇڏين، پر جيڪي ماڻهون اڪيون کولي، شرح صدر سان هنن آيتن کي ڏسندا، سي غريبن جي پرگهور کي ضمني ۽ غير اهم ڪونه سمجهندا. ڇا سورة ماعون ۾ غريبن کي کارائڻ جي ترغيب نه ڏيندڙ کي قيامت جو منڪر سڏيو ويو آهي.

اَرَءَيۡتَ الَّذِىۡ يُكَذِّبُ بِالدِّيۡنِؕ ۞ فَذٰلِكَ الَّذِىۡ يَدُعُّ الۡيَتِيۡمَۙ ۞ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الۡمِسۡكِيۡنِؕ ۞

”اي (پيغمبر) ڇا توان کي ڏٺو جو (عملن جي) بدلي ملڻ کي ڪوڙو ڪري ٿو. پوءِ هي اهو جو يتيم کي لوڏي ٿو ۽ مسڪين کي کاڌي کارائڻ جي رغبت (به) نه ٿو ڏئي.“

سرمائيداريت ۽ سرمايه پرستي کي قرآن بار بار ننديو آهي ۽ اٿهوند وارن جي پرگهور نه لهڻ ۽ سرمائي کي خدا جي حڪمن پٺاندڙ عوام ۾ نه ورهائڻ تي بار بار وعيد ڏني وئي آهي. هتي قرآن شريف جو هي انتباهه ڪيڏو نه اهم آهي جنهن ۾ جهنمين کان پڇيو ٿو وڃي ته:

مَا سَلَكَكُمۡ فِىۡ سَقَرَ ۞ قَالُوۡا لَمۡ نَكُ مِنَ الۡمُصَلِّيۡنَۙ ۞ وَلَمۡ نَكُ نُطۡعِمُ الۡمِسۡكِيۡنَۙ ۞
(المدثر- 42 کان 44)

”اوهان کي ڪهڙي ڳالهه جهنم ۾ وڌو آهي؟ چوندا اسان نماز نه پڙهندا هئا سين ۽ مسڪينن کي نه کارائيندا هئا سين.“

حقيقت ۾ روڳي مذهبيت جا اهي نمائندا هر دور ۾ پنهنجي مددگار ۽ معاون مالدارن ۽ سرمائيدارن کي خوش رکڻ لاءِ دينداريءَ جون اهڙيون تعبيرون عوام کي ٻڌائيندا رهيا آهن جنهن سان سرمائيداريت کي ڪو به لوڏو ۽ لهر نه پهچي انهن ناعاقبت انديش ماڻهن کي قرآن حڪيم جي هيٺين آيت به ڪڏهن خدا جو خوف نه ڏياري سگهي آهي.

وَاِنَّ لَنَا لَلۡاٰخِرَةَ وَالۡاُوۡلٰى ۞ فَاَنۡذَرۡتُكُمۡ نَارًا تَلَظّٰى ۞ (الليل – 13 کان 14)

”۽ بيشڪ آخرت ۽ دنيا اسان جو ئي آهن تنهن ڪري مون اوهان کي اهڙي باهه کان ڊيڄاريو آهي جا ڀڙڪي ڪري ٿي.“

ڇا سرمائيدارن ۽ مالدارن سان هي الله جي طرفان اعلان جنگ ناهي!! الاهي نظام جو بنياد جتي ڏيڻ تي آهي اتي سرمائيدارانه نظام جو بنياد جائز ناجائز طريقي سان منافعو ميڙڻ، استحصال ۽ لٽ مار تي هوندو آهي. انهن سان وڙهڻ جي ڳالهه کي اهي پل ڪفر ۽ ڪميونزم سان تعبير ڪن، پر



سرمائيداري نظام جي بنيادي ڏوهه وياج کائڻ وارن سان الله جيڪو جنگ جو اعلان ڪيو آهي ان کي اهي ڪهڙي کاتي ۾ وجهندا!؟

غريبن جي پرگهور لهڻ، جنهن جو الله حڪم به ڪري ۽ بجاءِ آوري نه ڪرڻ تي سزا به ڏئي يعني جنهن عمل جي ترغيب به ڏني وئي هجي ۽ ترهيب به ڏني وئي هجي، ڇا اهو عمل انهن جي نظر ۾ غير اهم ۽ ضمني آهي؟!. انهن مت جي ماريل ماڻهن کي ڪهڙي ميار ڏجي جو اهي وَٽ ۽ ترازي ڪٽي قرآن جي آيتن کي توڙڻ ۽ حصا پٽيون ڪرڻ لڳا آهن ته هيترا حصا قرآن هِن مقصد لاءِ هيترا هُن مقصد لاءِ آهي. حالانڪ شريعت ۾ هڪ قطعي نص جي اهيمت هوندي آهي، انهن وٽ ته معيار اهو آهي ته قرآن جا ٿي حصا روحانيت وغيره لاءِ آهن، ان ڪري چوٿين حصي قرآن جي ڪابه اهميت ڪونهي، ته پوءِ اسان انهن کي ڇا ٿا سمجهائي سگهون. جيڪڏهن قرآن جا حصا پٽيون ڪرڻ جائز هجي ها ته اسان انهن کي ڳڻي ٻڌايون ها ته قرآن ۾ انساني فائدي ۽ غريبن جي پرگهور لاءِ ڪيتريون آيتون آهن.

الله تعاليٰ قرآن ۾ خرچ ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي. ان ئي عمل کي زڪواة سان به تعبير ڪيو آهي ۽ ان کي صدقات به سڏيو آهي. هيءُ اسلام جي اجتماعي نظام جو هڪ اهم بنياد آهي. اسلام جو نظام زڪواة ۽ صدقات جي ذريعي ئي معاشري جي مالدارن کان وصوليون ڪري غريبن ۽ پوئتي پيل ماڻهن جي سهائتا ڪندو آهي. اسلامي نظام ۾ هيءُ هڪ مستقل انتظامي صورت رکندڙ عمل آهي. سموري نظام سلطنت جي افاديت جو پورو مدار ان تي آهي. قرآن ۾ نبي ﷺ کي حڪم آهي:

خُذۡ مِنۡ اَمۡوَالِهِمۡ صَدَقَةً (التوبه 102)
”انهن کان انهن جي مالن مان صدقات وٺ“

مصارف زڪوات واري آيت مان معلوم ٿئي ٿو ته اسلام ۾ زڪوات جي وصولي لاءِ، ان جي نظام ۽ انتظام لاءِ هڪ وسيع عملو به مقرر هو. جنهن عملي کي زڪوات جي مال مان ڏيڻ، مصارف زڪوات طور بيان ڪيو ويو آهي.

نبي ﷺ جن فرمايو: ان الله قد فرض عليهم صدقة تؤخذ من اغنيائهم وترد علیٰ فقرائهم، (الله انهن تي زڪوات فرض ڪئي آهي، جيڪا انهن جي شاهوڪارن کان ورتي ويندي ۽ ضرورتمندن ڏانهن موٽائي ويندي.) يعني اهو

سپ هڪ نظام جي صورت ۾ ٿيندو. هاڻي جيڪڏهن ڪو شخص يا جماعت ان نظام جي قيام لاءِ آواز اٿاري ٿو ته اهي سرمائيداريت جا دلال چون ٿا ته اهو دين جو ضمني مسئلو آهي ۽ اصل نصب العين ڪونهي.

اهي سماجي انصاف جا مخالف زڪوات جي هن قسم جي نظام جي اهميت ڪي گهٽ چون، ضمني چون، يا ڪجھ به چون، چئي سگهن ٿا! ڇو ته اهي اڪيون ٻوٽي چڪا آهن. اهي سرمائيدارن جي پگهار حلال ڪرڻ ٿا گهرن؛ پر الله، جيڪو حقيقي رزاق آهي، تنهن جو رزق حلال ڪرڻ گهرن ها ته اهي نظام زڪوات جي اهميت جو ڪڏهن به انڪار نه ڪن ها. ڇاڪاڻ ته الله جي فضل، انعامن ۽ نعمتن جو حقيقي شڪر الله جي بندن تي خرچ ڪرڻ سان ئي ادا ٿيندو آهي. مراقبن سان ڪونه ٿيندو آهي. الله تعاليٰ دنيا جي مقابلي ۾ جنهن شيءِ اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي، سا غريبن جي پرگهور لهڻ آهي. الله فرمايو آهي: "لَا تَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا وَ اَحْسِنْ كَمَآ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَيْكَ (القصص77) " (دنيا ۾ پنهنجي حصو پل نه وسار، البته جيئن الله تو سان احسان ڪيو آهي تيئن تون به احسان ڪر). يعني غريبن مسڪينن کي ڏي.

ڇا سرمائيداريت جي انهن وڪيلن کي خبر آهي ته زڪوات جي انڪار ڪرڻ وارن جي خلاف حضرت ابوبڪر صديق رضي الله لڙائي ڪئي هئي! ڇا اهي ان کان به ڄاڻي واڻي انڪار ڪندا ته ڪيترن صحابن ڪين ان معاملي ۾ نرمي ڪرڻ جو مشورو ڏنو، تنهن باوجود حضرت ابوبڪر رضي الله انهن خلاف لڙائي کي ترجيح ڏني ۽ فرمايو ته جيڪو اٺ سان گڏ ان جي مهار زڪوات ۾ ڏيندو هو، سو اٺ ڏيندو ۽ مهار ڏيڻ کان انڪار ڪندو ته ان سان به جنگ ڪندس."

اهي قبا پوش مذهبي ٺيڪيدار ٻڌائن ته غريبن جي پرگهور لهڻ وارو هيءُ زڪوات جو نظام ضمني ۽ غير اهم هو ته حضرت ابوبڪر صديق ڇو ان ۾ نرمي اختيار نه ڪئي ۽ مسلمانن جي زڪوات جي انڪار ڪرڻ واري گروهه کي مرتد قرار ڏئي ڇو انهن سان جنگ ڪئي؟.

قرآن حڪيم ۾ الله تعاليٰ صاف صاف پنهنجي مشيت بيان فرمائي آهي ته دولت سرمائيدارن جي وچ ۾ گردش نه ڪري. اها گردش تڏهن ختم ٿيندي جڏهن دولت تقسيم ٿيندي. اها صدقات جي صورت ۾ تقسيم ٿيندي. اها طبقاتي تقسيم حد کان وڌي ويندي ته حق للسائل والمحروم يعني سائلن ۽ محرومن جي حق طور اضافي ٽيڪس جي صورت ۾ واپس ورتي ويندي ۽



جيڪڏهن ناجائز طور ڪمايل آهي ته به واپس سرڪاري خزاني ۾ ورتي ويندي، جيئن حضرت عمر بن عبدالعزيز ڪيو هو.

ڇا دولت جي متوازن تقسيم جي نظام جي قيام کان سواءِ اسلامي ڀلائيءَ جو انساني افاديت وارو تصور شرمنده تعبير ٿي سگهي ٿو!؟ پر انهن جي نظر ۾ اسلامي ڀلائيءَ جو انساني افاديت وارو پهلو ضمني ۽ غير اهم آهي ۽ اسلام صرف 'تزڪيہ نفس' جو نالو آهي. ۽ اهو انهن وارو 'تزڪيہ نفس' خبر ناهي ڪهڙو آهي. قرآن ۾ ته آهي، ته غريبن جي پرگهور لهڻ ۽ انهن تي مال خرچ ڪرڻ سان ئي تزڪيو ٿي سگهي ٿو. جيئن فرمان آهي:

وَ سَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى ﴿۱۷﴾ الَّذِىْ يُؤْتِىْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى ﴿۱۸﴾ (الليل – 18، 17)

"ان ڄڀن واري باهه کان جلد اهو بچندو جيڪو وڏيڪ متقي آهي، جيڪو پنهنجو مال ڏئي تزڪيو اختيار ٿو ڪري."

هن آيت جو سياق سباق مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي.

مٿي نبي ﷺ کي زڪوات وصول ڪرڻ جي حڪم واري آيت جو مون صرف حڪم وارو حصو ذڪر ڪيو، باقي حصو مون هن موقعي لاءِ ڇڏيو، اهو ڏسو ته ڪيئن ان مان ثابت ٿئي ٿو ته زڪوات ڏيڻ سان ئي ماڻهوءَ جي تطهير ۽ تزڪيو ٿئي ٿو. فرمان آهي:

خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمْ وَتُزَكِّيْهِمْ (التوبہ 102)

(انهن کان انهن جي مالن مان صدقو وٺ، انهن کي پاڪ ڪر ۽ انهن جو تزڪيو ڪر.)

نبي ڪريم ﷺ جن جنهن دعوت، محنت ۽ جدوجهد جي شروعات بعثت کان وٺي ڪرڻ فرمائي، جنهن جو آخري نتيجو قرآن جي فرمان مطابق استخلاف في الارض ۽ تمڪن في الارض جي صورت ۾ برآمد ٿيڻو هو ۽ پوءِ ائين ٿيو جو نبي ﷺ مسلمانن جي هڪ عظيم سلطنت جو پايو وڌو. جنهن وڏيون ڪاميابيون ماڻيون. مسلمانن جي انهيءَ عظيم سلطنت جي پوري مشينري نبي ﷺ، صحابہ، تابعين ۽ تبع تابعين تي مشتمل هئي. هي دنيا جي پهرين عظيم سلطنت ۽ رياست هئي جيڪا ماڻهن جي ڀلي لاءِ قائم ٿي هئي. هن سلطنت جو ثمر ۽ ڦل انساني آزادي، امن، بک کان نجات، خوشحالي ۽ بي خوفي ۽ طمانيت واري زندگي هو.

اي مذهبي ٺيڪيدارؤ! هڪڙي رياست جو قيام ۽ ان جي مشينري طور

www.sindsalamat.com

رسول الله ﷺ جو عمل ۽ صحابہ جو تعامل اهي سڀ ڳالهيون ڇا اهو ٿيون ٻڌائين تہ دنياوي اصلاح، انساني افاديت ۽ غريبن جي ڀلي لاءِ ڪم ڪرڻ ضمني مقصد آهي؟. دين جي پوري محنت جي نتيجي ۾ جيڪا شيءِ الله تعاليٰ مؤمنن کي عطا ڪرڻ جو واعدو ڪري ۽ وري پوءِ عطا ٿئي. ان ۾ رسول الله جو عمل ۽ صحابہ جو تعامل شامل هجي! ڇا توهان جي نظر ۾ اهو ضمني مقصد آهي؟

حقيقت هي آهي تہ اُهي جنهن تزڪيہ نفس جي نصب العين هيٺ جي ڳالهہ ڪن ٿا، ۽ ان لاءِ جنهن طريقي جي دعوت ڏين ٿا. ذڪر جون محفلون، مراقبن جون مجلسون منعقد ڪن ٿا، ڇا اهڙا طريقا رسول الله جي سنت ۽ تعامل صحابہ مان اهي ثابت ڪري سگهن ٿا؟ آئون دعويٰ سان چوان ٿو تہ اهي ان لاءِ ڪئين ڳالهيون ڪري سگهن ٿا پر سنت ۽ صحابہ جو تعامل ثابت نہ ٿا ڪري سگهن.

پر پوءِ بہ اهي بضد آهين تہ سندن ڪم نصب العين آهي. ۽ سنت ۽ تعامل صحابہ مان ثابت عمل ضمني ۽ غير اهم آهن. تہ پوءِ ڪين پنهنجي ايمان تي ويچارڻ گهرجي، بجاءِ ان جي جو اهي ٻين تي فتوائون جاري ڪن. ڇاڪاڻ تہ رسول الله ۽ صحابہ جو تعامل قطعي حجت جي حيثيت ٿو رکي ۽ قطعي حجت جو انڪار ڪفر برابر آهي. اهي انڪار نہ ٿا ڪن تہ رسول الله ۽ صحابہ جي تعامل کي غير اهم ۽ ضمني قرار ڏئي ڪهڙو ڪم ٿا سرانجام ڏين!؟

اهي مذهبي ٺيڪيدار اسلام جي حقيقت، ان جي نصب العين ۽ روح کي سمجهڻ لاءِ مستند عالمن، مستند ماهرن ۽ سلف صالحين جي تحريرن کي ضروري قرار ڏين ٿا پر اهي ٻڌائي سگهن ٿا تہ ڪهڙو مستند عالم ۽ سلف صالح آهي جنهن جهاد، قتال، معاشرتي ڀلائي ۽ غريبن جي پر گهور کي فرض قرار ڏيندي ان کي ضمني قرار ڏنو آهي.

ها پوئين دور جا ڪي عالم اهڙا پيدا ٿيا آهن جن جهاد ۽ قتال جي فرضيت ۽ اهميت جو انڪار ڪيو آهي. صوفياء ڪرام ۾ هڪڙا مسلمانن جا مجيل مڪتب فڪر آهن، تن ڪي ڇڏي ڪن دين جي معاملي ۾ جهاد ۽ قتال کان اڻ ٻوليو انحراف ۽ پرهيز جي راهہ اختيار ڪئي آهي. موجوده دور جي سرمايہ پرستن جي دلال هنن ماڻهن انهن جي تسلسل طور، بلڪ انهن کان بہ قدم اڳتي وڌي، معاشرتي ڀلائي، غريبن جي پرگهور لهڻ جهڙن بي شمار ڪمن کي بہ ان انحراف ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي.

# انسانيت کي توحيد جي طرف وٺي اچڻ جي عملي صورت

**نور احمد ميمڻ**

جيئن جيئن سائنس ترقي ڪئي آهي تيئن تيئن سائنسدانن جا الله جي وجود تان شڪ شبها ختم ٿيا آهن. آئن اسٽائن (وفات 1955ع) تي ويهين صديءَ جو سڀ کان وڏو سائنسي دماغ مڃيو وڃي ٿو. آئن اسٽائن ڪائنات جو تفصيلي مطالعو ڪيو تہ ان جي نتيجي ۾ هُن ڪائنات جي هر حصي ۾ حيرتناڪ حد تائين مقصديت (Meaning) ڏٺي. انهن ڏسائن کي ڏسي هن بي اختيار ٿي چيو تہ فطرت جي جهان جي باري ۾ سڀ کان وڌيڪ سمجهہ ۾ ڳالهہ ايندڙ هي آهي تہ اها سمجهہ ۾ ايندڙ آهي.

The most in comprehensible fact about nature
is that it is comprehensible.

آئن اسٽائن پنهنجي انهيءَ قول ۾ اڻ سڌي طرح خدا جي وجود جو اقرار ڪري رهيو آهي.

آئن اسٽائن کانپوءِ فزڪس جي دنيا جو شهنشاهہ دماغ اسٽيفن هاڪنگ، جنهن کي نظرياتي سائنس ۾ سڀ کان وڏو زنده سائنسدان مڃيو وڃي ٿو، هن پيچيده رياضياتي حساب سان ثابت ڪيو تہ صرف هڪ طاقت آهي، جيڪا پوري ڪائنات کي ڪنٽرول ڪري رهي آهي. هاڪنگ جو اهو نظريو هينئر تعليم يافتہ طبقي ۾ هڪ مڃيل حقيقت ليکجڻ ۾ اچي ٿو. عام زبان ۾ ان کي سنگل اسٽرنگ نظريو (Single String Theory) سڏيو وڃي ٿو.



www.sindsalamat.com

اهو سنگل اسٽرنگ نظريو جڻ تہ هڪ خدا (توحيد) جي عقيدي جي حق ۾ هڪ سائنسي بنياد فراهم ڪري ٿو. ۽ هينئر توحيد جي مذهبي عقيدي کي هڪ مڃيل علمي حقيقت جي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي.

انهن سائنسي حقيقتن هينئر الله تعاليٰ جي وجود جي باري ۾ سوالن کي ميساري ڇڏيو آهي، هاڻي جيڪڏهن اهڙا سوال ڪٿي اُڀرجن ٿا تہ اهي جاهلن جي ٽولي مان اُڀرجن ٿا. علمي ۽ باشعور ماڻهو هينئر ڪائنات ۽ انسان جي پيچيده تخليق جي خلقڻهاريءَ لاءِ هڪ خالق ۽ هڪ خدا جي وجود تي ائين ئي يقين رکن ٿا جيئن ٻين سائنسي حقيقتن تي.

هينئر علمي ۽ باشعور ماڻهن ۾ هڪ ٻيو تفرقاتي سوال جنم وٺي رهيو آهي تہ "جيڪڏهن خدا جو وجود بہ آهي تہ پوءِ انساني دنيا ۾ ايترين وڏيڪ برائيون ڇو آهن؟" انسانن جا ايترا نفسي مسئلا ڇو آهن، ظلم ۽ ڏاڍ جو هر طرف راڄ ڇو آهي؟ اهڙي طرح هينئر دنيا جي اڪثر باشعور ماڻهن کي اسلام جي باري ۾ ڪي شڪ شبها ناهن تہ هي ڪو آسماني دين ناهي!. پر ساڳي وقت هي ڳالهہ دنيا جي انهن اڪثر باشعور ماڻهن کي پريشان ڪندڙ آهي تہ "اسلام جهڙي اعليٰ مذهب جي باوجود ان جي مڃيندڙن ۾ ايترو بگاڙ ۽ زوالپذيري ڇو آهي؟"

جيستائين علمي ۽ باشعور ماڻهن جي پهرين تعجب جو تعلق آهي، ان سلسلي ۾ هي ڳالهہ پڌري پٽ آهي تہ موجوده دور ۾ مذهب جي پوئلڳن خيالي رسمن ۾ ڦاسي مذهب جي اصل روح کي انسانن ۾ لاهڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي آهي. الله تعاليٰ جي پاران انسان کي خلقي ان کي ڌرتي تي پنهنجو نائب بنائڻ جي مشيت ڇا هئي. ڌرتيءَ جون ڪهڙيون حسناڪيون الله تعاليٰ کي گهربل هيون ۽ هن ڌرتيءَ جي حسناڪين جون لازمي نتيجي ۾ انسان کي ابدي حسناڪيون ڪيئن عطا ٿيڻيون هيون.

دين اسلام جيڪو انسانيت کي مذهبن جو آخري ايڊيشن ٿي مليو، ان جا پوئلڳ پنهنجي پيغمبر جي طريقي تي جيڪڏهن انساني دنيا ۾ برائين جو وجود ۽ ظلم ۽ ڏاڍ جو راڄ جي خاتمي جو منصب سنڀالي وٺن تہ جيڪر سڄي انسانيت ان جي اثر پذيري هيٺ اچي وڃي. انهن کي خيرامت جو منصب عطا ٿيو آهي ۽ سڄي انسانيت جي لاءِ انهن کي مثال بڻجڻو آهي. اسلام جي ٻڌايل اعليٰ انساني قدرن ۽ فلاحي معاشرن جي قيام سان انهن کي سڄي انسانيت لاءِ مثال بڻجڻو آهي. پر روڳي مذهبيت ۾ ڦاسي اهي ان منصب جي ادائگيءَ ۾



پوئتي پئجي ويا آهن. اهو حسن ۽ لياقت انهن ۾ قرآن جي تعليم پيدا ڪندي. اهي جيئن جيئن قرآن جي ويجها ايندا، ان منصب کي ادا ڪرڻ جا اهل بڻبا ويندا.

اهڙي طرح جيستائين علمي ۽ باشعور ماڻهن جي ٻئي تعجب جو تعلق آهي تہ مسلمانن جي دعوتي جماعتن ۽ حلقن انسانيت جي آڏو اسلام ۽ مسلمانن جي وچ ۾ فرق کي پڌرو ڪري پيش نہ ڪيو آهي. هتي مسلمانن جي مختلف اڳواڻن ۽ قومن تاريخ ۾ جيڪي پنهنجي اقتداري ۽ قومي مفادن جي لاءِ جنگيون، قبضا ۽ ٻيون ڇيڳرايون اختيار ڪيون آهن، اهي سڀ مسلمانن جي اسلامي ورثي طور انسانن ڏانهن منتقل ٿيون آهن.

انهيءَ ڪري هن دور ۾ هي ڳالهہ بيحد اهميت سان مسلمان تاريخ نويسن ۽ داعين جي لاءِ ضروري ٿي بڻجي تہ اهي دنيا ۾ مسلمان حڪمرانن جي عمل ۽ اسلامي فڪر تشريحات کي واضح ڪري پهچائن. اهڙي طرح روايتي دين جي بجاءِ قرآن جي پيش ڪيل دين کي انسانيت جي آڏو هِن دنيا ۾ حقيقي رهبر ڪري پيش ڪن ۽ پاڻ ان جو عملي مظهر بڻجي ڏيکارن تہ موجوده دور جي سڄي انسانيت ٻنهي ويسورن مان ٻاهر نڪري ايندي. انسانيت کي پنهنجي هڪ خدا يعني توحيد جي طرف وٺي اچڻ جي اهائي عملي صورت آهي.

# انسان جون ٽي خاصيتون

نوراحمد ميمڻ

ٽي خاصيتون آهن، جيڪي انسان کي تخليقي طرح ٻين مخلوقات کان متاهون ۽ امتياز وارو بڻائين ٿيون. انهيءَ ڪري انسان اشرف المخلوقات آهي. خلقڻهار جي مشيت انهيءَ کي ڪرمناه بني آدم يعني وڏي تڪريم وارو بني آدم ڪري بڻايو آهي. اهڙي ڪمال واري تڪريم جو خلقڻهار پاڻ ان کي پنهنجي هٿن سان شڪل ڏني ۽ پوءِ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو. انهيءَ اعليٰ تخليق جي پويان ان جون ٽي خوبيون آهن جيڪي ڄاڻڻ ضروري آهن.

## خود آگاهي:

انسان جي پهرين تخليقي خوبي خود آگاهي ۽ خودشعوري آهي. انسان کي هي شعور حاصل آهي ته مان ڪير آهيان؟ ڇو پيدا ڪيو ويو آهيان؟ ۽ منهنجي منزل ڇا آهي؟ اهڙي طرح انسان کي خود پنهنجي ذات جو شعور سان گڏ هن ڪائنات جي پروڙ ۽ پنهنجي ۽ ڪائنات جي وچ ۾ واسطن بابت آگاهي به حاصل آهي. انهن ٽنهي شين جي آگاهي انسان کي الله جي معرفت جو شعور عطا ڪري ٿي. جيئن جيئن انسان پنهنجي ۽ ڪائنات جي وچ ۾ واسطن جو وڌيڪ شعور حاصل ڪندو ويندو تيئن تيئن مٿس الله تعاليٰ جي معرفت جون حقيقتون ڪلنديون ويندون. الله تعاليٰ جي ذات اڻ ڪٽ ۽ لامتناهي آهي انهيءَ ڪري انسان جو اهو تلاش جو سفر هميشه جاري رهندو ۽ ان جي معرفت جو آخري نڪتو ڪڏهن به اچي نه سگهندو.



## آزاد چونڊ جو اختيار:

باقي جيڪي به مخلوقات آهن انهن کي پنهنجي لاءِ آزاد راءِ سان چونڊ جو اختيار ڪونهي. سڀ مخلوقات پنهنجي تخليقي نهج تي پابند آهي ته اهو ڪري جيڪو فطرت ان جي مٿان مسلط ڪيو آهي. ايستائين جو ملائڪ به پنهنجي سپرد ڪيل ڊيوٽين جا پابند آهن ۽ آزادانه راءِ جي انتخاب جو حق انهن کي به ڪونهي. اهڙي طرح نباتات ۽ جمادات جو حال به ساڳيو آهي ۽ حيوانات به اهوئي ڪري سگهندا آهن جيڪو جبلتي طرح انهن کي سيکاريل هوندو آهي. ليڪن انسان جو معاملو ان کان يڪسر مختلف آهي جو ان کي نيڪي ۽ بديءَ جي ٻن رستن مان چونڊ جو مڪمل اختيار حاصل آهي. "وَهَدَيۡنٰهُ النَّجۡدَيۡنِ" اسان ٻن رستن جي واٽ ان کي پڌري ڪري ڏني. "اِمَّا شَاكِرًا وَّاِمَّا كَفُوۡرًا" وٽيس ته فرمانبرداريءَ جي واٽ وٺي يا وٽيس ته انڪار ۽ نافرمانيءَ جي واٽ تي هلي. انهن ٻنهي رستن تي هلڻ جي نفعي نقصان ۽ نتيجي جي خبر انسان کي ڏني وئي آهي، پر انتخاب جو مڪمل حق کيس ئي حاصل آهي. هاڻي جڏهن قدرت پاڻ ئي انسان کي آزاد راءِ جي چونڊ جو حق ڏنو آهي ته پوءِ مسلڪن ۽ مرشدن کي ڪهڙي طاقت آهي جو اهي ماڻهوءَ کي پنهنجي سوچ جو غلام بنائي رکن. اهڙي طرح انسان جيڪڏهن پاڻ به وحي جي هدايت جو رستو ڇڏي، پنهنجي مٿان مسلڪي رايا يا مرشدن، ابن ڏاڏن جا ورثي ۾ مليل طريقا مسلط ڪري ڇڏيندو ته هو پنهنجي تخليق جو امتيازي شان وڃائي ويهندو ۽ نتيجي ۾ پنهنجو اعليٰ تخليقي مقصد به حاصل ڪري نه سگهندو.

## تخليق جي صلاحيت:

ٻيون مخلوقات شين کي، تصورات کي ۽ افڪار کي خوبيءَ سان وجود ۾ آڻي نٿيون سگهن، انسان کي جيئن ته "عَلَّمَ آدَمَ الۡاَسۡمَآءَ كُلَّهَا" سيني شين جا نالا سيکاريا ويا آهن، انهيءَ ڪري تخليق جي صلاحيت سندس امتيازي خوبي بڻجي پئي آهي. هو هن ڪائنات ۾ خالق جي قدرت ۽ تخليق جو مظهر آهي. هاڻي تعليم يافته ۽ باشعور انسان سڏبو ئي اهو جيڪو انسان نئين شيءِ دريافت ڪري سگهي. بظاهر "اڻهوند" جي حالتن کي "هوند" جو واقعو بڻائي ڏيکاري.

هن خصوصيت جو تعلق زندگيءَ جي هر ميدان سان آهي. اهو علم جو ميدان هجي توڙي تجارت جو، سماجي معاملن جي ڳالهه هجي توڙي قومي

www.sindsalamat.com

معاملن جي، مطلب تہ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اُهوئي شخص وڏي ترقي حاصل ڪري سگهندو، جيڪو انهيءَ تخليق جي انساني صلاحيت جو ثبوت ڏئي سگهي.

شين ۽ معاملن جو بنيادي شعور انسان جي تخليقي سرشت ۾ داخل آهي. هاڻي انهيءَ بنيادي شعور جي بنياد تي انسان جيئن پنهنجي تمدني زندگيءَ ۾ شين ڪي وجود ۾ آڻي ٿو تيئن معاملن ۾ بہ ڪيس اعليٰ معرفت جي دريافت تائين پهچڻو آهي. ڪيس ناموافق حالتن ۾ موافق پهلو دريافت ڪرڻا آهن. هن ڪي دشمنن جي پيڙ ۾ پنهنجي دوستن جو پتو لڳائڻو آهي ۽ ناڪاميءَ جي طوفانن ۾ ڪاميابيءَ جو سفر طئہ ڪرڻو آهي. هو هر حوالي سان پاڻ ڪي موجد ۽ تخليقار بڻائي. شين ڪي ايجاد ڪري، حالتن ڪي موافق بڻائي، افڪار ۽ سوچن ۾ تخليقي رويو رکي ۽ جمود ڪي ڇڏي تلاطم ۽ سرگرميءَ ڪي اختيار ڪري.

جيڪي ماڻهو انهيءَ تخليقي صلاحيت جو ثبوت ڏين اهي ئي صحيح معنيٰ ۾ انسان سڏائڻ جا مستحق آهن ۽ جيڪي ماڻهو انهيءَ تخليقي صلاحيت جو ثبوت نہ ڏئي سگهن اهي توڙي جو ظاهر ۾ انساني لباس پهريل هجن، پر حقيقت جي اعتبار سان حيوانن ۾ ڳڻيا ويندا.

اهي ٿي ئي صفتون ۽ خاصيتون آهن جيڪي انسانيت ڪي ماپڻ جو پيمانو آهن. جنهن شخص ۾ جيڏي خود آگاهي هوندي جنهن حدتائين چوند جي صلاحيت هوندي ۽ جنهن حدتائين تخليقي صلاحيت جو مالڪ هوندو، ان حدتائين پنهنجو پاڻ ڪي مثالي انسان بڻائي سگهي ٿو ۽ خدا جو مقرب جو انسان بڻجي سگهي ٿو.

# اسلام جو عبادتن وارو نظام

**نور احمد ميمڻ**

الله تعاليٰ جيڪا بہ مخلوق پيدا ڪئي، ان ڪي سوڏي سنواري خلقيو، ان جو پورو پورو اندازو مقرر ڪيو ۽ ان جي هدايت ۽ سڌاري جو بندوبست ڪيو.
(سورة الاعليٰ 1-2)

انسانن ڪي اشرف المخلوقات طور هڪ جوابده ۽ ذميدار مخلوق ڪري بڻايو ويو تہ ان جي لاءِ هدايت جي انتظام ۾ وجدان ۽ حواسن سان گڏ اجان بہ ٻہ وڌيڪ بندوبست ڪري ڏنا ويا، هڪ عقل جي هدايت جو ۽ ٻيو وحي جي هدايت جو. وحي جي هدايت جو تعلق انسان جي داخلي ۽ خارجي زندگيءَ سان هو، جنهن ۾ عقيدن، سوچن، خيالن ۽ خواهشن جي رهنمائي بہ هئي، تہ وري مادي ۽ جسماني قوتن ڪي اعتدال ۽ عدل تي هلائڻ جي تربيت بہ هئي. وحي جي تعليم ۾ عقيدن، سوچن ۽ فڪر جي لاءِ رهنما اصول ٻڌايا ويا ۽ انهن اصولن تي هلڻ جي مشق ۽ عملي تربيت عبادتن جي نظام سان ڪئي وئي. انهيءَ وحي جي تعليم ذريعي انسان اشرف المخلوقات ڪي سنواريو بہ ويو ۽ ان جو پورو پورو اندازو مقرر ڪيو ويو. سيني پيغمبرن وحي ذريعي حاصل ڪيل توحيد جي فڪر ۽ امن ۽ سلامتي اصولن جي هڪ باضابط نظام يعني دين اسلام جي ذريعي انسانن جي رهنمائي ڪئي ۽ عبادتن جي تربيتي نظام ۾ پاڻ بہ شريڪ ٿي پنهنجي پوئلڳن لاءِ شاندار عملي مثال قائم ڪيا. پيغمبرن جي ٻڌايل ان عبادتن واري نظام جا ٽي حصا آهن، (1) فرائض (2) اخلاق (3) معاملات. پهريون حصو (يعني فرائض) انسانن جي روح ڪي پاڪ ڪري ٿو ۽ نيڪيءَ ڪي ڪامياب بنائڻ جي لاءِ ماڻهن ڪي اتساهہ عطا ڪري ٿو. ٻيو حصو (يعني اخلاق) انسان ۾ ذاتي ڪردار ڪي درست ڪري ٿو ۽ اصولن جو بنياد عطا ڪري ٿو. ٽيون حصو (يعني معاملات) هي سيڪاري ٿو تہ انسانن جا تعلقات ٻين



www.sindsalamat.com

انسانن سان ڪيئن هجن. عبادتن جي ٽنهي حصن جي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي ۽ ٽئي هڪ نظام هيٺ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن.

## فرائض جي اهميت:

عبادت جا فرائض پنج آهن. (1) ڪلمه شهادت (2) نماز (3) زڪوات (4) روزو (5) حج. اهي پنج ئي فرض انسان جي ماڻهپي کي ڪامل ٿيڻ جي طرف مددگار بڻبا آهن ۽ ان جي شخصيت کي ترقيءَ طرف وٺي مجموعي طور تي هيٺيان پنج نتيجا پيدا ڪندا آهن.

(1) خلوص ۽ خدا رخي زندگي: انهيءَ مان محسوس ٿيندو آهي ته انسان جي زندگي پنهنجي خلقڻهار الله جي اثر کان متاثر ٿي رهي آهي. هو خود رخي زندگيءَ جي بجاءِ خدا رخي زندگي جي واٽ جو پانڌيئڙو بڻيو آهي.

(2) قلب جو اطمينان: انهيءَ سان ماڻهو زندگيءَ جي فڪرات ۽ پريشانين کان آجو ٿيندو آهي. خلقڻهار جي ٻڌايل هڪ ضابطي واري زندگي گذارڻ جي ڪري نه صرف زندگيءَ جو اطمينان حاصل هوندو اٿس، پر موت ۽ موت کان پوءِ جي فڪرات کان به نجات ملي پوندي اٿس.

(3) عدالت: ماڻهوءَ جي متوازن شخصيت عدل ۽ انصاف جي طريقن تي ڪاربند ٿيندي آهي ۽ هو پنهنجي جذبات ۽ خواهشن تي پوري سگهه حاصل ڪري وٺندو آهي. جيئن هو پنهنجي ذات ۽ خاندان سان به انصاف ڪندو آهي. تيئن پنهنجي مٽن مائٽن، يتيمن ۽ مسڪينن ۽ پنهنجي چوڌاري ضرورتمندن ۽ سموري انسانيت سان به انصاف جي هلت هلندو آهي.

(4) ڪامل محبت: هو خلق خدا کي الله جو عيال ڀانئڻ لڳندو آهي، ان ڪري خلق ڏانهن هن جو رويو مصالحت، همدردي، مساوات وارو هوندو آهي ۽ منجهس غيرمشروط ۽ بي غرضيءَ سان خدمت جي جذبن جو اُڀار ٿيندو آهي.

(5) ڪامل اجتماعيت: هو پاڻ کي ڪل جو جز سمجهندو آهي، انهيءَ ڪري انساني وقار ۽ آجپي جي بحاليءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو آهي ۽ پوئتي پيل طبقن جي بحال ڪاري لاءِ عملي ڪوششون وٺندو آهي. ڪيس علم، مرتبي ۽ مال جي صورت ۾ جيڪي نعمتون مليل هونديون آهن انهن کي قدرت



جي پاران حوالي ڪيل امانت جي ذميواريءَ طور ورهائي حقدارن تائين حق پڄائيندو آهي.

ڪلمي شهادت جي ذريعي انسان حلف کڻندو آهي ته هو هاڻي پنهنجي مرضي، خواهشن ۽ غرضن هيٺ زندگي نه گذاريندو بلڪ پنهنجي خلقڻهار ۽ پالڻهار جي منشا ۽ مرضيءَ مطابق جيئندو. هو پنهنجي چوڌاري سردارن، مرشدن ۽ مذهبي پيشه ورن جي سيني انساني غلامين کان پاڻ کي آجو ڪري هڪ الله جي ٻانهپ اختيار ڪندو. صرف ان جي ئي حڪمن تي هلندو ۽ ان جي لاءِ حضرت محمد ﷺ جي نموني کي ڪي رهبر ۽ مشعل بڻائيندو.

نماز پنهنجي پاڙيسڙين سان گڏجي پڙهڻ جو مطلب آهي ته مومن جي زندگي هاڻي سندس ذات جي چوڌاري نه ڦرندي، پر هو اجتماعي طرح زندگي گهاريندو. سندس اٿڻ ويهڻ، سجدا ۽ رڪوع خلق سان گڏ هوندا. انساني وجود جي اندر زندگيءَ جو جيڪي سگهون ۽ قابليتون آهن انهن کي هڪ ٻئي جي مدد ۾ ڪم آڻيندو. نماز جي ذريعي هو الله تعاليٰ سان رابطہ ڪاري (Communication) ڪندو. هو روزانو نماز جي ذريعي وري وري پنهنجي ذميدارانه زندگيءَ يعني اخلاق ۽ انسانيت جي ڪمن ۽ حسن معاملات جي رپورٽ پيش ڪندو ۽ ان جي موٽ ۾ استقامت ۽ استعانت جو ويساهه حاصل ڪندو رهندو. ان جي نتيجي هڪ مثالي انسان منظر تي ايندو آهي جيڪو پنهنجي علائقي ۽ شهر ۾ رباني سماجوادي انسان جي سڃاڻ حاصل ڪندو.

جيئن نماز انساني وجود جي اندروني سگهن ۽ قابليتن جي هڪ ٻئي جي مدد ۾ ڪم اچڻ جو عزم ۽ اظهار آهي تيئن زڪواة وري انساني وجود جي ٻاهرين وسيلن ۽ ذريعن جي هڪ ٻئي جي مدد ۾ ڪم اچڻ جو خدائي بندوبست آهي. انسانن کي الله جي خليفي واري ڪردار جي حق ادائيءَ واسطي اجتماعي زندگيءَ وانگر معاشي اشتراڪيت لاءِ انفاق جون ڪيتريون ئي صورتون قرآن حڪيم ۾ ورائي ورائي ٻڌايو ويون آهن.

روزو الله تعاليٰ جي لاءِ آهي ۽ خلق خدا جيڪا الله جو عيال آهي، انهن جي وچ ۾ معاشرتي اشتراڪيت جو خدائي بندوبست آهي. اهڙي طرح خودغرضي، خودرخي ۽ مفاد پرستيءَ جي جذبن کان آجو ٿي خدا رتي زندگي گذارڻ جي ڀرپور مشق آهي. سيئي انسان ڳالهه ٻولهه، سوچ ۽ ويچار ۽ کائڻ پيئڻ جي شخصي طور طريقن ۾ ذاتي عادتن جا غلام نه بڻجن بلڪ انهن کي سندن سوچن ۽ خواهشن تي ڪنٽرول هجي. پورو مهينو مسلسل اها مشق ڪري

www.sindsalamat.com

پنهنجي وجود جي اهڙي نگراني ڪئي وڃي جو ان جو ڪوبہ حصو خدائي حڪمن جي نافرماني نہ ڪري سگهي. روزي سان نفسي سڌن ۽ خواهشن تي ضابطي ۽ خود حوالگيءَ جي جذبي ۽ خوداعتماديءَ جي ڪري اطمينان ۽ محبت جي احساس سان زندگي جيئڻ جو ملڪو پيدا ٿيندو آهي.

حج تعمير انسانيت جي آخري منزل آهي، جيڪو مٿين چئني عبادتن جي اثر کي منظم شڪل ڏئي انسان کي ابراهيمي ملت جو فرد بڻائي توحيد جي سربلندي ۽ ڦهلاءَ جي لاءِ تيار ڪندو آهي. حج هڪ جهڙي لباس، هڪ ئي گهرجي حاضري ۽ لبيڪ جي صدا سان ماڻهو جي اندر خدا جي لاءِ جيئڻ ۽ خدا لاءِ مرڻ جي ديوانگي پيدا ڪندو آهي. ان ڪان پوءِ ماڻهوءَ عالمي برادريءَ جو حصو بڻجي توحيد جي اعليٰ مقصدن يعني غلاميءَ جي خاتمي ۽ انساني آزادين ۽ اهڙي اشتراڪي معاشري لاءِ جيئندو آهي جتي صرف هڪ الله جي حاڪميت هجي. ان جي قيام لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيندو آهي.

# الله جي صفتن کي اپنايو

نور احمد ميمڻ

“الله جي صفتن کي اپنايو،” هيءُ اسانجو مڪمل قرآني تعليمي فلسفو آهي. قرآن خدا پرستيءَ جو بنياد ئي انهيءَ جذبي تي رکيو آهي تہ انسان خدا جي صفتن جو عڪس پاڻ ۾ پيدا ڪري. قرآن انسان جي وجود کي هڪ اهڙي سرحد قرار ڏئي ٿو جتي حيوانيت جو درجو ختم ٿئي ٿو ۽ هڪ اعليٰ حيوانيت جو درجو شروع ٿئي ٿو. اهو چوي ٿو تہ انسان جي انسانيت جو جوهر جيڪو ان کي حيواني سطح کان بلند ۽ ممتاز ڪري ٿو، سو الله جي صفتن جو عڪس آهي. ان ڪري انسانيت جي تڪميل ان ۾ آهي تہ انسان ۾ وڌ ۾ وڌ الله جون صفتون منعڪس ٿين. اهو ئي سبب آهي جو قرآن جتي بہ انسان جي خاص صفتن جو بيان ڪيو آهي، اتي سڌي طرح انهن کي خدا ڏانهن نسبت ڏني آهي، ايستائين جو انسانيت جي جوهر کي خدا جو ڦوڪيل روح چيو ويو آهي:

ثُمَّ سَوَّاهُ وَنَفَخَ فِيهِ مِنْ رُوحِهِ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْأَبْصَارَ وَالْأَفْئِدَةَ

(السجده-9)

“الله آدم کي سنواري منجهس پنهنجي روح مان ڪجھ ڦوڪيو ۽ اوهان لاءِ ڪن، اکيون ۽ دليون بڻايائين. (نتيجو هيءُ نڪتو تہ ان ۾ عقل ۽ حواسن جون وڏيون روشنيون ٿي ويون.)”

اشرف المخلوقات خدا جو خليفو بڻايل انسان پنهنجي خلقڻهار کي ڪيئن مڃي؟ ۽ پنهنجي پالڻهار جي رضا ڪيئن ماڻي؟ ان لاءِ قرآن سڄي دنيا جي انسانن کان مطالبو ڪري ٿو تہ اهي انهيءَ الله تي ايمان آڻين جنهن جو تصور خود قرآن پيش ڪيو آهي. هر شخص هر قبيلو ۽ هر قوم ڪنهن نہ ڪنهن رنگ ۾ خدا جي قائل آهي. ليڪن قرآن چوي ٿو تہ اوهان جو ائين ئي خدا کي مڃڻ، حقيقت ۾ خدا کي مڃڻ ناهي. اهو تہ ان خدا کي مڃڻ آهي جيڪو توهان جي



www.sindsalamat.com

دماغن ۾ پنهنجو تراشيل خدا آهي يا توهان جهڙن ٻين ماڻهن جو گهڙيل خدا آهي. جيڪو شخص خدا جو تہ قائل هجي پر ان جي صفتن جو صحيح تصور ان جي سامهون نہ هجي تہ ان جو ائين ئي خدا کي مڃڻ، حقيقي خدا جي انڪار جيان هوندو. خدا تي ايمان ان شخص جو مڃيو ويندو، جيڪو ان خدا جو قائل هجي جنهن جون صفتون قرآن ڪريم بيان ڪيون آهن. اللّٰه تعاليٰ کي انهن صفتن جو حقيقي تناسب سان پنهنجو عقيدو بڻائڻ توحيد جي عقيدي يا اللّٰه کي مڃڻ جي لازمي تقاضا آهي.

اللّٰه جي صفتن جو تصور جيڪو قرآن قائم ڪيو آهي انهن جي پهرين پڌرائي سورت فاتحه آهي. اها پهرين پڌرائي ربوبيت، رحمت ۽ عدالت جي تصوير آهي.

ربوبيت جي صفت سان اللّٰه تعاليٰ سڀني جهانن جو رب آهي. عربي لغت موجب رب اهڙي ذات کي چوندا آهن جيڪا ڪنهن شيءِ کي هڪ ٻئي پٺيان ان جي مختلف حالتن ۽ ضرورتن جي مطابق اهڙي طرح اوُسر ڏيندي رهي جو اها پنهنجي ڪمال واري حد کي پهچي. ٻين لفظن ۾ ربوبيت جي لاءِ ضروري آهي تہ وجودن جي لاءِ انهن جي نوعيت پٽاندر پالنا ۽ سارسنڀال هڪ هلندڙ ۽ لڳاتار نظام تحت ٿيندي هجي.

قرآن مجيد ۾ اللّٰه تعاليٰ جي هن صفت جو وڏ ۾ وڏ بيان ٿيو آهي. قرآن مجيد جو پهريون پيغام بہ هن صفت سان آيل آهي، اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الَّذِىۡ خَلَقَ۔ قرآن جي ابتدا بہ هن صفت سان آهي: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ۔ ۽ قرآن جي انتها بہ هن صفت سان آهي قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ. انهيءَ ڪري ربوبيت يا پالڻهاريءَ جي صفت جو انسان جي مٿان عڪس يا ان جو پرتوو بہ اوترو ئي اهم آهي. اهو عڪس انسان جي پنهنجي انفرادي زندگيءَ ۾ بہ هوندو ۽ انسان جي اجتماعي زندگيءَ ۾ بہ. انسان جي مٿان پالڻهاريءَ جي نظام ۾ شرڪت صرف ايتري ناهي جو پنهنجي دائري ۾ ايندڙ ذميدارين جي ڪجهہ خرچن جو بار پنهنجي مٿان کڻي ڇڏي. بلڪ انهن ذميدارين جي هڪ ٻئي پٺيان ان جي مختلف حالتن ۽ ضرورتن جي مطابق ممڪن حد تائين اوُسر ڏيڻ جي ذميداري نڀائڻ ان ۾ مددگار بڻجڻ، ان جي سعيو ڪرڻ سڀ شامل آهن. اهڙي طرح جيئن انسان کي ڌرتيءَ تي پنهنجي دائري ۾ پنهنجي اولاد، عزيزن پنهنجي چوڌاري ماڻهن جي لاءِ پرورش جي ڪوشش ۾ شريڪ ٿيڻو آهي، تيئن اجتماعي طور تي اهڙو نظام قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ شرڪت ۽ سعيو ڪرڻ ۽ حاصل وسيلن کي



انهن مقصدن جي لاءِ وقف رکڻ صفت ربوبيت کي اخلاق بڻائڻ جي لازمي تقاضا آهي. وري جڏهن اهڙو نظام قائم ٿي وڃي تہ سڀني انسانن جي رزق جي وسيلن جي ذميواري ايمان وارن جي مٿان هوندي.

ڪائنات ۾ موجودات جي هر گوشي ۾ اللّٰه جي ربوبيت کان بہ وڌيڪ هڪ ڪشادي حقيقت ڪارفرما آهي، جنهن تي خود ربوبيت جو انحصار آهي. قرآن ان کي رحمت، رحمانيت يا رحيميت جو نالو ڏئي ٿو. اها رحمت ئي آهي جيڪا هر مخلوق کي جمال ۽ تڪميل عطا ڪري ٿي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي تہ:

وَرَحۡمَتِىۡ وَسِعَتۡ كُلَّ شَىۡءٍ (الاعراف -156)

منهنجي رحمت دنيا جي هر شيءِ تي ڦهليل آهي.

رحمان ۽ رحيم جو مادو بہ رحمت آهي. عربيءَ ۾ رحمت جي معنيٰ آهي، “اهڙي رقت ۽ ٻاجهہ جنهن سان ڪنهن ٻئي لاءِ شفقت جو اظهار هجي.” انهيءَ ڪري رحمت ۾ محبت، شفقت فضل ۽ احسان سڀني جو مفهوم داخل آهي. اللّٰه جي رحمت جي صفت جي حوالي سان ٻانهو ٻاجهہ، محبت، شفقت، احسان ۽ مهربانيءَ جو مجسم بڻجي اللّٰه جي مخلوق لاءِ نفعي بخشيءَ جو ذميدار بڻجڻو آهي.

اللّٰه جي عدل جي صفت جي تقاضا آهي تہ ٻانهو جيڪو بہ عمل ڪري ٿو، جزا ۽ سزا ان جي مطابق ڪيس ڏني ويندي ۽ اللّٰه جي ذات توري تڪي حساب ڪرڻ واري ڏينهن جي مالڪ آهي. ان ڪري ڪوبہ ماڻهو ان جي عدل وارن قانونن مان گذرڻ کان بچي نٿو سگهي.

انهيءَ ڪري انسان کي جيڪڏهن ٻنهي جهانن ۾ پنهنجي لاءِ آسانيون گهرجن تہ پوءِ اللّٰه تعاليٰ جي هن صفت جي حوالي سان پنهنجي امتحان گاهہ ڌرتيءَ تي پنهنجي عمل ۽ روين ۾ عدالت جو پيڪر بڻجي. هُن سان وابستہ جيترا ماڻهو آهن، انهن سان عدالت جو وهنوار هلي. سندس سماج کي عدالت جي ضرورت آهي تہ ان جي لاءِ هو وابستگي ۽ جاکوڙ ڏيکاري ۽ دنيا جا ٻيا ماڻهو عدالت جا طلبگار آهن تہ هي انهن جي لاءِ بہ پنهنجي جذبي ۽ عمل کي وقف رکي. اللّٰه سميع ۽ بصير يعني ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي تہ انسان بہ پنهنجي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ کي اللّٰه تعاليٰ جي اطاعت ۾ رکي ۽ پنهنجي دائري ۾ ضرورت طلبي ۽ داد رسيءَ جي آواز کي جيءُ چوي. اللّٰه جي ذات ناصر آهي تہ انسان مدد ۽ نصرت جي جيتري بہ وسعت رکندو هجي ان لاءِ پاڻ ارپيندو رهي. اللّٰه

جي ذات المهيمن آهي تہ ٻانهو بہ انساني نگهبانيءَ جون سڀ صلاحيتون الله جي، پاڻ جهڙن ٻين ٻانهن جي حقن جي تحفظ لاءِ وقف رکندو اچي. اهڙي طرح سيني صفتن جي صورتحال آهي، جن جو پرتوو بنجڻ انسان جي لاءِ بندگي ۽ ٻانهپ جي لازمي تقاضا آهي. قرآن کي انسان جي اهڙي بندگي ۽ ٻانهپ گهربل آهي ۽ اهڙي ٻانهپ سان ئي انسان جي ڌرتيءَ جي مٿان ”خليفي“ واري ڪردار جي ادائيگي منحصر آهي.

انسان صرف جسم جو نالو ناهي، بلڪ ان جسم کان علاوه هڪ ٻي شيءِ بہ آهي جنهن کي ان جي ”ذات“ چئجي ٿو. انساني ذات يا شخصيت الله تعاليٰ جي ٻاران سونپيل آهي ۽ پنهنجي جاءِ تي مستقل حيثيت رکي ٿي. انسان کي اها متعين صورت ۾ نٿي ملي بلڪ ان جي تعمير ۽ ان جو نکري نروار ٿيڻ ئي انساني زندگيءَ جو اصل مقصد آهي. ان کي انساني ذات جي اوسر چئجي ٿو. انساني ذات جي هيءَ اوسر الله تعاليٰ جي صفتن سان ٿئي ٿي. جيترو هي صفتون انسان اپنائيندو ويندو اوترو ئي سندس ذات ۽ شخصيت ڪمال جي طرف وڌندي رهندي ۽ ٻانهو قرب الاهيءَ جي نعمتن سان همڪنار ٿيندو ويندو. اهو الله تعاليٰ جو رنگ آهي جنهن سان انسان جيئن جيئن رنگبو ويندو تيئن تيئن الله جي محبوبيت جو حقدار بڻبو. انهيءَ سان انسان جي پنهنجي انفرادي زندگي ۾ جيئن ڪيس شخصيت جي ڪاملتا حاصل ٿيندي، تيئن سندس اجتماعي زندگيءَ ۾ بہ حُسن، ترقي ۽ آجپو حاصل ٿيندو. انهيءَ سان ئي اهي اصول تشڪيل ۾ ايندا جن سان هڪ جنت نظير فلاحي معاشري جي حاصلات يقيني بڻجي پوندي.

الله تعاليٰ جي صفتن ۾ ڪا بہ اهڙي صفت ناهي جنهن کي ڇڏڻو پوي ۽ نہ وري ڪا اهڙي صفت آهي جنهن ۾ غلو ۽ شدت اختيار ڪرڻي پوي. ان جون سڀ صفتون پنهنجي پنهنجي موقعي تي بهتر نتيجا سمايل هونديون آهن. انهيءَ ڪري ئي انهن کي ”اسماءُ الحسنيٰ“ جي نالي سان پڪاريو ويو آهي. اهي صفتون اهڙي سهڻي توازن سان دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ مذهب ۾ ڳوليون ڪونہ ملنديون، اهي صرف قرآن حڪيم جي اندر موجود آهن.

# دعوت جو دائره ڪار

**نور احمد ميمڻ**

اڄڪلهہ دعوت جو لفظ هڪ فيشن بڻجي ويو آهي. ڪيترا ماڻهو آهن جيڪي ڀانت ڀانت جي ڪمن ۾ مشغول آهن ۽ ان کي هو دعوت جو نالو ڏين ٿا. ڪجهہ ماڻهو مسلڪن جي پرچار ۾ آهن، اهي بہ ان کي دعوت جو نالو ڏين ٿا. ڪي ماڻهو مناظرن جو ڏي جواب ۽ وٺ جواب ۾ رڌل آهن، اهي بہ ان کي دعوت جو نالو ڏين ٿا. ڪيترا ماڻهو قائدن جي ريلين ۽ انهن جي اختيار ڪيل سياسي سرگرمين جي دفاع ۾ مصروف عمل آهن، اهي بہ ان کي دعوتي ڪم جو حصو سمجهن ٿا. ڪي ماڻهو وري اهڙي ئي قسم جي ٻين ڪمن کي بہ. اهي سڀ ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڪم کي دعوت جو ڪم سمجهن ٿا. مسلڪي برتريءَ جي پرچار کي ڪنهن بہ لحاظ کان دعوت جو ڪم هرگز قرار نٿو ڏئي سگهجي. قرآن ۾ واضح چيو ويو آهي تہ پيغمبر کي بہ هي حق نہ ڏنو ويو آهي تہ اهو ماڻهن کي پنهنجي چوڌاري ڦيرائي، پر اهو بہ ماڻهن کي هي چوندو تہ اوهان رباني انسان بڻجي وڃو (آل عمران 79)

حقيقت هي آهي تہ دعوت جو ڪم خاص خدائي ڪم آهي. ان جو اصول ۽ ان جو طريقو، ٻئي الله تعاليٰ پنهنجي موڪليل ڪتاب قرآن مجيد ۾ ٻڌائي ڇڏيا آهن. دعوت جي اها ذميداري قرآن حڪيم ايمان وارن کي مختلف حيثيتن جي لحاظ کان الڳ الڳ صورتن ۾ ڏني آهي. پر انهن سيني صورتن جو مقصد هڪ ئي آهي جنهن کي قرآن ۾ دعوت الي الله سڏيو ويو آهي يعني هڪ الله جي طرف سڏڻ. الله تعاليٰ جي معرفت، الله تعاليٰ جي موڪليل هدايت ۽ ان جا ضابطا، الله تعاليٰ جو پسند ۽ مقرر ڪيل دين، اهي سڀ الله تعاليٰ جي طرف دعوت جا عنوان ۽ اهڃاڻ آهن.

ان کان علاوه جيڪي ڪم آهن تن کي دعوت جو نالو ڏئي نٿو سگهجي

## پيغمبرن جي دعوت

ارشاد آهي: "اي پيغمبر اسان توکي حالتن کان واقف ڪرڻ وارو ۽ خوشخبري ٻڌائڻ وارو ۽ (بڇڙن نتيجن کان) ڊيڄارڻ وارو ۽ الله ڏي سندس حڪم سان سڏيندڙ ۽ روشن ڏيئو ڪري موڪليو." (الاحزاب 45-46).

هي پيغمبر اسلام صلي الله عليہ وسلم جو دعوت وارو منصب آهي، جنهن جي وضاحت الله تعاليٰ هن آيت ۾ پوري تفصيل سان بيان ڪري ڇڏي آهي. الله تعاليٰ جا جيڪي بہ پيغمبر دنيا ۾ آيا، قرآن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي انهيءَ دعوت الي الله ۽ انذار ۽ بشارت جي لاءِ آيا. سورت بقره ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ "ماڻهو هڪ ئي جماعت هئا، (انهن اختلاف ڪيو ۽ فرقا ٺاهيا) تہ الله بشارت ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ نبي موڪليا." (آيت 213)

## ذريت ابراهيم جي دعوت

وري انهيءَ دعوت جي ذميداري پيغمبرن کان پوءِ ذريت ابراهيم تي پئي آهي. قرآن ۾ واضح ٻڌايو ويو آهي:

"الله جي راهہ ۾ سِرَ ڌڙ جي بازي لڳايو. ان جي راهہ ۾ بي انتها ڪوشش ڪرڻ جو جيڪو حق آهي، سو پوريءَ طرح بجا آڻيو. الله تعاليٰ اوهان (مسلمانن) کي وڏي فضيلت لاءِ چونڊي ڪنيو آهي ۽ توهان جي لاءِ دين ۾ ڪنهن بہ قسم جي تنگي (يا تڪليف) ڪا نہ رکي اٿس. توهان لاءِ اهو ئي (سنئون سڌو) طريقو ڏسيو ويو آهي جيڪو توهان جي پيءُ حضرت ابراهيم جو هو. الله تعاليٰ توهان جو نالو مسلم رکيو آهي. اڳوڻن زمانن ۾ بہ ۽ هن (قرآن) ۾ بہ اهو هن لاءِ ڪيائين تہ رسول (صلي الله عليہ وسلم) اوهان جي حق کي پڌرو ڪري. ۽ توهان وري سيني انسانن لاءِ حق سيڪاريندڙ ٿيو."

(الحج-78).

ذريت ابراهيم مان هن امت کي "امة وسطا" قرار ڏنو ويو آهي ۽ انهن جي مٿان ذميداري وڏي وئي آهي تہ جيڪا ڳالهہ رسول اوهان کي پڌري ڪري ڏني آهي، هاڻي اها شهادت اوهان ئي باقي دنيا تائين پهچائيندؤ. (البقره -143).

## علماءِ جي دعوت

باقي دنيا تائين دعوت پهچائڻ جو هڪ بار عالمن جي مٿان آهي. ارشاد آهي:



"۽ ائين ممڪن نہ هو تہ سيئي مسلمان (پنهنجي گهرن مان) نڪري ڪڙا ٿين (۽ ديني تعليم جي مرڪز ۾ اچي تعليم وٺن) پوءِ ڇو نہ ائين ڪيو ويو تہ هر گروهہ مان هڪ ٽولي اچي ها جيڪا دين جو علم حاصل ڪري ها ۽ دين کي سمجهي ها ۽ جڏهن (تعليم ۽ تربيت بعد) پنهنجي قوم ڏي موٽي وڃي ها تڏهن ماڻهن کي (جهل ۽ غفلت جي نتيجن کان) خبردار ڪري ها، انهيءَ لاءِ تہ گناهن ۽ براين کان بچن." (التوبہ -122)

دعوت جو هي حڪم علماءِ جي لاءِ آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ سيني مسلمانن لاءِ اهو ممڪن ناهي. ليڪن انهن جي هر جماعت مان ڪجهہ ماڻهن کي لازمي طرح انهيءَ مقصد لاءِ نڪرڻ گهرجي تہ اهي دين جو علم حاصل ڪن ۽ پنهنجي قوم جي لاءِ نذير بڻجي ڪين دنيا ۽ آخرت جي عذاب کان بچائڻ جي ڪوشش ڪن. هتان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪي جاڪوڙي انهيءَ ڪم لاءِ تيار ٿين. انهن لاءِ ضروري آهي تہ اهي پهريائين دين جو گهرو علم حاصل ڪن. ليتفقهوا جو مقصد آهي تہ اهي دين ۾ بصيرت پيدا ڪن ۽ ان جي حقيقتن کي سمجهندڙ هجن.

هن آيت مان هي ڳالهہ بہ معلوم ٿئي ٿي تہ عالمن کي پنهنجي پنهنجي قوم ڏانهن موٽي وڃي دعوت جو ڪم شروع ڪرڻو آهي. جيئن اڳيان نبي "الا بلسان قومه" پنهنجي قومن ڏانهن دعوت جا ذميدار هئا، تيئن پيغمبر اسلام جي دعوت تہ عالمگير آهي پر ان جي امت جا عالم ان دعوت جو دائرو ترجيحي طرح پنهنجي پنهنجي قومن ۾ رکندا.

## رياست جو دعوتي ڪردار

مسلمانن کي اهڙي فلاحي معاشري جي قيام لاءِ خلافت ۽ حڪمرانيءَ جو قيام عمل ۾ آڻڻو آهي، جتان اجتماعي حيثيت ۾ مسلمان فلاحي ۽ اخلاقي قانونن جي ذريعي انساني دنيا کي هدايت جو پيغام ۽ عمل آڇيندا ۽ سڄي انسانيت لاءِ پاڻ کي ان جو مثالي نمونو بڻائيندا. قرآن ۾ ارشاد آهي تہ:

"۽ ڏسو تمام ضروري ڳالهہ هي آهي تہ توهان ۾ هڪ جماعت اهڙي هجي، جيڪا نيڪيءَ جي راهہ جي دعوت ڏيندڙ هجي. نيڪ ڪمن جو حڪم ڏئي ۽ براين کان روڪي يقيناً اهي ئي ماڻهو ڪامياب ٿيندا." (آل عمران -103)

www.sindsalamat.com

### شخصن جي دعوت

قرآن جي روءِ سان هر فرد جي هي ذميداري ۽ ايمان جي بنيادي تقاضن مان آهي تہ هو دعوت جي ڪم کي نباهيندڙ هجي. اهو علامہ هجي يا عام انسان، ڪنهن ڳوٺ جو رهواسي هجي يا شهر جو رهاڪو. غير مسلمانن جي رياست ۾ هجي يا مسلمانن جي منظم رياست ۾. هيٺي حال ۾ رهندو هجي يا هوند سان گذاريندو هجي. هر حال ۾ مٿس دعوت جو فرض آهي. هو پنهنجي زندگيءَ نيڪوڪاريءَ سان گذاريندو هجي ۽ دعوت جي عمل کي بہ نباهيندو هجي تہ قرآن ان لاءِ ضمانت ڏني آهي تہ دنيا ۽ آخرت ٻنهي جي عذابن ۾ گرفت کان آجو رهندو. وتواصو بالحق جي ذميداري انسان کي سڀني خسارن کان بچائي ڇڏي ٿي.

# پيغمبر اسلام جي نبوت جا ٻہ درجا

**نوراحمد ميمڻ**

امام شاهہ ولي الله وٽ نبي اڪرم ﷺ جون ٻہ حيثيتون آهن، هڪ تہ پاڻ سڳورا ﷺ عرب جا قومي نبي آهن، انهيءَ درجي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو مقصد قريش ۽ ان جي چوڌاري رهندڙ عرب قبيلن جي اختلافن ۽ عادتن جي اصلاح ڪرڻ ۽ انهن ۾ قانون الاهي جاري ڪرڻ هو.

نبوت جو ٻيو درجو هي هو تہ پاڻ سڳورا ﷺ ملت ابراهيمي تي دنيا جي سڀني قومن کي هڪ فڪر تي جمع ڪندا. بين الاقوامي دعوت ڏيڻ وارو امام پنهنجو ڪم بين الاقوامي دعوت کان شروع نہ ڪندو، بلڪ سڀ کان پهريائين پنهنجي قوم جي صالح عنصرن کي جمع ڪري قومي انقلاب برپا ڪندو ۽ پوءِ انهيءَ قومي انقلاب جا مرڪزي ماڻهون انقلاب کي ٻين قومن تائين رسائيندا. اهو ڪم درجي بہ درجي ٿيندو. پاڻ سڳورن ﷺ پهريائين انقلاب کي حجاز مقدس ۾ ڦهلايو ۽ پوءِ ان جماعت ساڳي پروگرام تي ان انقلاب کي عالمي وسعت ڏني.

### حضرت موسيٰ جو مثال

حضرت نبي اڪرمﷺ جي شاندار بين الاقوامي ڪاميابي انهيءَ (قومي ۽ بين الاقوامي) طبعي ۽ فطري اصول جي پابندي ڪري هئي. ساڳيو اصول انهيءَ کان پهريون بہ اپنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. حضرت موسيٰ عليہ السلام فرعون جي ٺاڦيل خدائي دعويٰ ۽ استحصالي غلاماڻي نظام جي خاتمي لاءِ انهيءَ تبديليءَ جو آغاز پنهنجي قوم کان ڪيو. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي دعوت حنيفيءَ جو ذمو سونپيو (جيڪا بين الاقوامي دعوت آهي) تہ ان مقصد لاءِ سڀ کان پهريائين حضرت موسيٰ



www.sindsalamat.com

عليہ السلام ۽ سندس ساٿي ڀاءُ حضرت هارون عليہ السلام کي حڪم ڏنو تہ اهي فرعون وٽ وڃي بني اسرائيل جي آزاديءَ جو مطالبو رکن:

فَأْتِيٰهُ فَقُوْلَآ اِنَّا رَسُوْلَا رَبِّكَ فَاَرْسِلْ مَعَنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ وَلَا تُعَذِّبْهُمْ ۭ قَدْ جِئْنٰكَ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ ۭ وَالسَّلٰمُ عَلٰى مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰى ﴿٤٧﴾ (طٰهٰ: 47)

يعني "ٻئي فرعون وٽ وڃو. کيس چئو تہ اسان تنهنجي پروردگار جا موڪليل آهيون. تنهن ڪري بني اسرائيل کي اسان سان گڏ (مصر مان نڪري وڃڻ جي) موڪل ڏي ۽ هنن تي سختيون نہ ڪر. اسان تنهنجي پروردگار جي نشاني کڻي تو وٽ آيا آهيون. سلامتي هجي انهيءَ تي جيڪو سڌي واٽ وٺي."

پوءِ خدا جا ٻئي پيغمبر فرعوث وٽ وڃن ٿا ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام گفتگوءَ جي نمائندگي ڪندي چوي ٿو:

حَقِيْقٌ عَلٰٓى اَنْ لَّآ اَقُوْلَ عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ۭ قَدْ جِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ مَعِيَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٠٥﴾ ( اعراف 105)

تحقيق مان تنهنجي رب جي طرفان روشن دليل کڻي اوهان ڏي آيو آهيان. پوءِ (منهجي ڳالهہ مڃيو ۽) بني اسرائيل کي مون سان وڃڻ ڏيو (تہ مان کين مصر مان ڪڍي پنهنجي اڳوڻي وطن ڪنعان ڏي وٺي وڃان.)

انقلاب جو هي اصول آهي تہ پهريائين ان جي ڏنل فڪر تي هڪ جانثار قوم تيار ٿئي جيڪا پنهنجي قومي انقلاب کي مضبوط ڪري ۽ پوءِ وري فڪر کي دنيا جي ٻين قومن تائين پهچائي. جهڙي طرح حضرت موسيٰ عليہ السلام بين الاقوامي دعوت جي پيغمبر هئڻ جي باوجود پهريائين پنهنجي قومي بني اسرائيل جي آزادي لاءِ فرعون کي واضح مطالبو ڪيو. بلڪل ساڳي طرح قرآن چيو آهي تہ اي پيغمبر! اسان توکي ائين ئي رسول ڪري موڪليو آهي جيئن حضرت موسيٰ عليہ السلام کي فرعون ڏانهن رسول ڪري موڪليوسون. حضرت نبي اڪرم ﷺ جن بہ پهريائين قريشن ۽ عربن ۾ بين الاقوامي فڪر کي قومي رنگ ذريعي ڦهلائڻ شروع ڪيو. انهن ظلمن کان پاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو هو انسانيت تي ڪري رهيا هئا ۽ انهن کي الله تعاليٰ جي معرفت جو اهو سبق ياد ڏياريو جيڪو هو وساري چڪا هئا.

قرآن چوي ٿو تہ "پوءِ جڏهن فرعون انهيءَ پيغمبر جو چيو نہ مڃيو تہ اسان انهيءَ کي دردناڪ عذاب ۾ وڪوڙي ڇڏيوسي." حقيقت هي آهي تہ فرعون جي ملوڪيت بني اسرائيل ۽ سيني مصرين جو استحصال ڪري رهي هئي. هن



کين غلامي جي انتهائي ذلت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. ڪانئن ايتري محنت ۽ مشقت ورتي ويندي هئي جو کين ڏاندن ۽ گڏهن وانگر سيني گهريلو ڪمن لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. اهرام مصر جهڙين بلند عمارتن جي تعمير ۾ لکين مڻ پٿر جون ڇپون سڀ انهن غلام مصرين جي هٿن سان ڍويون، گهڙيون ۽ جُڙيون. اسوان ڊيم کان اهي ڇپون جڏهن ڍويون ويندڍيون هيون تہ ڳرين ڇپن کي 10-10 هزار ماڻهو رسا ٻڌي ڇڪيندا هئا ۽ انهن کي ڇڪڻ دوران سوين ماڻهو مري پوندا هئا. اهڙي ذلت جي زندگيءَ مان حضرت موسيٰ عليہ السلام بني اسرائيل کي پهريائين قومي آزادي ڏيارڻ جو آغاز ڪيو.

جڏهن حڪمران طبقو پنهنجي قوم کي ايئن ذليل ڪري تہ پوءِ ان جي باقي زندهہ رهڻ جو جواز ڇا آهي؟ جڏهن هو پنهنجي قوم کي ئي ماڻهو نٿا سمجهن تہ پوءِ بني اسرائيل جي انهن وٽ ڇا قيمت ٿي سگهي پئي؟ اهو ئي سبب آهي  آهي جو فرعون بني اسرائيل کي آزادي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام بني اسرائيل کي آزادي جي پروگرام تي منظم ڪيو ۽ کين مصر مان ڪڍيو. پوءِ الله تعاليٰ بہ بني اسرائيل جي خاص مدد فرمائي ۽ سندن دشمنن کي انهن جي اکين آڏو برباد ڪيو.

## ڇهين صدي عيسويءَ جا فرعون ڪسريٰ ۽ قيصر:

اهڙي طرح ڇهين صدي عيسويءَ جي فرعونن ايران جي ڪسريٰ ۽ روم جي قيصر لاءِ هڪ نبي اعظم ﷺ آيو. جنهن اول عربن کي هي دعوت ڏني تہ هو سردارن ۽ سردارن جي ذريعي بتن ۽ طاغوت جي غلاميءَ جو انڪار ڪن ۽ وحدانيت واري دين تي آزاد انساني معاشرو وجود ۾ آڻين. جڏهن عرب ۾ اهي مقصد حاصل ڪيا ويا تہ پوءِ بين الاقوامي طرح انوقت جن ٻن طاقتن قوتن ۽ طبقن کي غلام بڻائي انسانيت جو رت ست چوسي ورتو هو، انهن کي دعوت ڏني تہ اهي اسلام جو عدل ۽ برابريءَ وارو قانون قرآن حڪيم قبول ڪري ان کي رواج ۾ آڻين. جيڪڏهن هو ان قانون کي رائج نہ ڪندا تہ اهي پنهنجي غلام بڻايل قومن ۽ انهن جي هارين تي جيڪي ظلم ڪري رهيا آهن، ان جي نتيجن جا پاڻ ذميوار ٿيندا. ان فڪر تي پيغمبر ﷺ عرب جي مسلمانن کي منظم ڪيو، جن ٿوري وقت جي اندر ٻنهي وڏين انسانيت دشمن شهنشاهيتن کي نابود ڪري ڇڏيو ۽ اسلام کي هڪ غالب فڪر جي طور تي دنيا ۾ ڦهلائي ڇڏيو.

www.sindsalamat.com

# اخلاق جي اهميت

**نور احمد ميمڻ**

سٺو ڳالهائڻ، سچ ڳالهائڻ، ٻئي جا عيب ڍڪڻ، ٻئي سان ڀلائي ڪرڻ، ٻئي کي پنهنجو حق ڏيڻ اهي سڀ سٺا اخلاق آهن. اسلام انسان ۾ سٺا اخلاق پيدا ڪري ٿو. خراب ڳالهيون ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، گلا ڪرڻ، ٻئي کي نقصان پهچائڻ، چغلي ڪرڻ، ڪنهن جو حق کائڻ، اهي سڀ بداخلاقيون آهن. اسلام انهن بداخلاقين کان روڪي ٿو.

قرآن مجيد ٻڌايو آهي ته سڀني انسانن کي انهن جي خلقڻهار الله وڏي احترام وارو ڪري پيدا ڪيو آهي، انهيءَ ڪري سڀئي ماڻهو اهو احترام لهڻن ٿا.

وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيٓ اٰدَمَ (سورت بني اسرائيل- 70)

"اسان آدم جي اولاد کي هڪ جيترو عزت لائق پيدا ڪيو آهي."

انسان جي انهيءَ احترام کي پڌرو ڪرائڻ لاءِ الله تعاليٰ ملائڪن ۽ ٻي مخلوق کان انسان کي تعظيم جو سجدو ڪرايو. الله تعاليٰ چاهيو ته هتي غائب ۾ جيڪو انسان کي احترام ۽ عظمت جو سجدو ٿيو آهي، اهو ڌرتيءَ تي حاضر ۾ انسان کي ثابت ڪرڻو آهي. احترام جي ذريعي ۽ حقن جي ادائگيءَ جي ذريعي انسان کي ثابت ڪرڻو آهي ته هو خدا جو فرمانبردار آهي، شيطان وانگر انڪار ڪندڙ ناهي ۽ ملائڪن وانگر چيو مڃيندڙ آهي. انهيءَ ڪري انسان جو احترام ماڻهوءَ جو پهريون بنيادي اخلاق آهي.

حضرت شاه ولي الله فرمايو آهي ته چار بنيادي اخلاق ماڻهوءَ جي ماڻهپي کي سگهارو ڪندا ۽ ان کي سرفراز ۽ ڪامياب بڻائيندا. انسان جي فطري صلاحيتن کي اجاگر ڪندا ۽ ان جي ذهني ۽ عملي صلاحيتن جو سهارو بڻبا. انهيءَ ڪري ماڻهوءَ کي جيڪڏهن سماج ۾ ڪي به موثر ڪاميابيون حاصل



www.sindsalamat.com



ڪرڻيون آهن ته انهن بنيادي چئن اخلاقن کي هٿئون وڃڻ نه ڏئي. اهي انسانيت جا بنيادي اخلاق هي آهن.

هڪ طهارت: يعني ماڻهوءَ ۾ پاڪيزگي هجي جسماني به ۽ ذهني به.

ٻيو نوڙت: يعني ماڻهوءَ ۾ آڪڙ نه هجي پر عاجزي ۽ نوڙت هجي.

ٽيون سخاوت: يعني ماڻهوءَ وٽ جيتري به هوند آهي، اها الله جي مخلوق انسانن سان ورهائي کائي.

چوٿون عدالت: يعني ماڻهو توازن، انصاف ۽ عدل جي زندگي گذاري.

شاه ولي الله فرمائي ٿو ته اهي چار انسانيت جا بنيادي اخلاق آهن. سڀني مذهبن ۽ سڀني شريعتن جو اصل مقصد انسانن ۾ اهي چار اخلاق پيدا ڪرڻ هو. جيڪڏهن ماڻهو پاڻ کي انهن چئن اخلاقن کان محروم رکندو ته اهو پاڻ کي خدائي سعادت ۽ عطا جي سڄي حاصلات کان محروم رکندو.

قرآن حڪيم مومنن جون اخلاقي خوبين جو جتي به ورائي ورائي تذڪرو ڪيو آهي، اتي انهن جو تت ۽ خلاصو ڪڍبو ته اهي چار اخلاق ماڻهوءَ جي لاءِ هر هنڌ رهنما بڻايل نظر ايندا. مومنن لاءِ رهنما بڻايل آيتن مان ڪجھ آيتون هيٺين ريت آهن:

"مومن اهي آهن جيڪي الله تعاليٰ کان ڊڄن ٿا ۽ پاڻ ۾ معاملا درست رکن ٿا. الله جي ڪا ڳالهه نڪري ته انهن جون دليون ڏڪي وڃن ٿيون. الله جو ڪلام ٻڌايو وڃي ته انهن جو ايمان ۽ يقين اڃان به وڌي ويندو آهي. اهي هرحال ۾ الله تي ڀروسو رکندڙ هوندا آهن. نماز پڙهندا آهن ۽ جيڪي خدا انهن کي ڏنو آهي، انهيءَ مان خدا جي راهه ۾ خرچ ڪندا آهن. اهي ئي سچا مومن آهن." (سورت انفال: 1-4)

"بيشڪ ايمان وارا ڪامياب ٿيا. (انهن جون خاصيتون هي آهن جو) اهي پنهنجون نمازون نماڻائي ۽ خود حوالگيءَ جي جذبي سان پڙهندا آهن اجاين ۽ بيهوده ڳالهين کان پاسيرا هوندا آهن. زڪوات ادا ڪرڻ ۾ سرگرم هوندا آهن. پنهنجي پاڪدامنيءَ کان ڪڏهن به غافل نه هوندا آهن. امانتن موٽائڻ ۽ واعدن نڀائڻ جو ڪين هميشه اونو هوندو آهي ۽ نمازن جي حفاظت ۾ به ڪوتاهي نه ڪندا آهن. (مومنون: 1-10)

"الله جا پيارا ٻانها اهي آهن جيڪي زمين تي ڌيمي پيرن يعني نماڻائيءَ سان هلندا آهن. جڏهن جاهل، آڪڙيل ۽ بي ادب ماڻهو انهن سان ڳالهائيندا آهن ته انهن سان نرم ڳالهائي روانا ٿي ويندا آهن.... اهي جڏهن خرچ ڪندا

آهن تہ اجايو اسراف نہ ڪندا آهن ۽ نہ وري ضروري خرچن تي بخيلي ڪندا آهن. اهي ڪنهن بي گناهہ جو خون نہ وهائيندا آهن، جنهن کان الله انهن کي منع ڪري ڇڏيو آهي. بدڪارين کان پري رهندا آهن ۽ ڪوڙن ڪمن ۾ شامل نہ ٿيندا آهن، ڪنهن اجائي ڳالهہ وٽان گذرندا آهن تہ اتان سنجيدگي ۽ وقار سان لنگهي ويندا آهن.” (فرقان: 63-74)

“اهي (ايمان وارا) پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو رکندا آهن. وڏن گناهن ۽ بي حيائيءَ جي ڪمن کان پري رهندا آهن. جڏهن غصو ايندو اٿن تہ معاف ڪري ڇڏيندا آهن. خدا جيڪو ڪجهہ کين عطا ڪيو آهي، ان مان خرچ ڪندا آهن. جڏهن انهن تي ڪا زيادتي ٿيندي آهي تہ (اوترو ئي) بدلو وٺندا آهن. برائي جو بدلو اوتري ئي برائي آهي. پر جيڪو معاف ڪري تہ اها وڏي نيڪيءَ جي ڳالهہ آهي جنهن تي الله پاران ثواب آهي. الله ظالمن کي پسند نٿو ڪري. جيڪڏهن ڪو پنهنجي مظلوميت جي ڪري بدلو وٺي تہ ان تي ڪا ملامت ڪونهي. ملامت تہ انهن تي آهي جيڪي پاڻ اڳرائي ڪري ظلم ڪن ٿا ۽ زمين ۾ ناحق فساد ڦهلائن ٿا. انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. جيڪو ظلم سهي وڃي ۽ معاف ڪري ڇڏي تہ اها وڏي وڙائي جي ڪمن مان آهي.”

(شوريٰ: 36-43)

اخلاقي تعليم بابت قرآن حڪيم جا حڪم جابجا انسانن سان ڀلايون ڪرڻ، انهن سان احسان ڪرڻ، انهن سان عدل ڪرڻ، انهن سان نرميون ۽ تعاون ڪرڻ ۽ انهن جو لهڻو ليکو سڌو رکڻ جي تلقين ڪندا رهن ٿا. جتان ظاهر ٿئي ٿو تہ دين جو اصل مقصد ماڻهوءَ جي اندر ان جو ماڻهپو سگهارو ڪري ان کي ان لائق بڻائڻ آهي تہ هو پنهنجي ماڻهپي جو ونڊ ٻين ماڻهن ۾ ورهائي سگهي. انهيءَ مقصد لاءِ قرآن حڪيم جا ڪجهہ حڪم وڏيڪ هيٺ نوٽ ڪجن ٿا:

- الله تعاليٰ اوهان کي ٻين سان احسان ۽ عدل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو.
- ماڻهن سان اڏنگو ورتاءُ نہ ڪيو (سورت لقمان — 18)
- جڏهن توهان واعدو ڪري ان کي پورو ڪرڻ جي ذميواري کڻئي هجي تہ هميشہ ان کي نڀايو. (سورت بني اسرائيل- 34)
- پنهنجي ڪيل معاهدن ۽ وهنوار کي نڀايو. (سورت مائده- 1)
- الله اوهان کي حڪم ٿو ڏئي تہ جنهن جي امانت هجيوَ تہ ڪيس واپس موٽائي ڏيو. (سورت نساء-58)



- هڪ ٻئي جا مال ناجائز طريقي سان نہ کائو. (سورت بقره: 188)
- اي ايمان وارؤ! پنهنجي گهر کان علاوه جيڪڏهن ڪنهن ٻئي وٽ هلي وڃيو تہ اجازت وٺڻ بنا اندر داخل نہ ٿيو ۽ (جي اجازت ملي وڃي تہ) اندر وڃي گهروارن کي سلام ڪيو. (سورت نور-27)
- هڪ ٻئي جي گلا نہ ڪريو. ڇا توهان مان ڪير اهو چاهيندو تہ پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي؟ ان عمل کي اوهين سپ سخت ناپسند ڪندؤ، تہ پوءِ پر پٺ ڪنهن جي گلا ڇو ٿا ڪريو. (سورت نساء-12)
- هڪ ٻئي تي ٺٺوليون ۽ چٿرون نہ ڪيو. (سورت نساء-11)
- (مومنن جو شان اهو آهي جو) هو ڪاوڙ کي ٿاري ڇڏيندا آهن ۽ ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏيندا آهن. (سورت آل عمران -34)
- ۽ والدين سان سهڻو سلو ڪيو.... پاڙيسرين سان بہ، پوءِ اهي مٽ مائٽ هجن يا ڌاريا هجن. (سورت نساء-36)
- ضرورتمندن کي حقير سمجهي ڇڙٻون نہ ڏيو. (سورت ضحيٰ-10)
- مومن ئي مومنن جا دوست ٿي سگهن ٿا. اهي غير مومنن سان سنگت نہ رکندا آهن. (آل عمران-28)
- پاڻ بابت ڪڏهن بہ ايئن نہ سمجهي ڇڏيو تہ مون ۾ جيتري قدر سڌاري جي ضرورت هئي اها مڪمل ٿي وئي. (سورت نجم- 32)
- خدائي بهتر ڄاڻي ٿو تہ اوهين سندس قانون تي ڪيتري قدر عمل ڪريو ٿا. (۽ اڃان ڪيتري کوٽ رهيل آهي) (سورت نجم-32)
- انسان کي مال (دولت) واقعي پيارو هوندو آهي، ان جي باوجود رشتيدارن جي مالي مدد ضرور ڪرڻ گهرجي. (سورت بقره-177)
- هي (غير مسلم) الله کي ڇڏي جن ڳالهين جي پوڄا ڪندا آهن، اوهين انهن کي گار نہ ڏيو. متان هي ماڻهو ضد ۽ جهالت جي ڪري الله کي گهٽ وڌ نہ ڳالهائين. (سورت انعام-108)
- دين جي معاملي ۾ ڪابہ زبردستي ناهي، ان ڪري جو گمراهي ۽ هدايت واضح ٿي چڪيون آهن. (سورت بقره-256)

قرآن حڪيم چيو آهي اِعۡدِلُوۡا هُوَ اَقۡرَبُ لِلتَّقۡوٰیؗ تہ وڏي ۾ وڏي تقويٰ اها آهي تہ ماڻهو عدل ۽ توازن واري زندگي گذاري.

قرآن ٻڌايو آهي تہ: وَ اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيۡمٍ (سورت قلم- 4) “(اي پيغمبر) تون ڀلن اخلاقن وارو پيدا ٿيو آهين.” معنيٰ تہ خلق عظيم الله تعاليٰ کي بيحد

پسند آهي ۽ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن ۾ ان جو رواج پسند ڪري ٿو. انهيءَ ڪري فرمايو اٿائين ته اوهان جيڪڏهن مون سان محبت ڪيو ٿا ته پوءِ رسول جي خلق عظيم واري طريقي تي هلو.

پيغمبر اسلام جن فرمايو ته مان سٺن اخلاقن جي تڪميل ڪرڻ جي لاءِ موڪليو ويو آهيان.[1] جڏهن پيغمبر ئي چئي ٿو ته پلن اخلاق ڪي رواج ۾ آڻڻ ۽ انهن اخلاقن ڪي مٿاهين درجي تي پهچائڻ منهنجو مقصد آهي ته پوءِ اسان مسلمانن ڪي پنهنجي پيغمبر جي ان مقصد ڪي پوري ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏڻ گهرجي. جيڪي انساني چڱايون ۽ فضيلتون آهن سي اختيار ڪرڻ گهرجن ۽ جيڪي به بدفضيلتون ۽ بداخلاقيون آهن تن ڪان ڪوهين پري رهڻ گهرجي.

رسول الله ﷺ جن جيڪا اخلاقي تعليم ڏني آهي انهيءَ مان ڪجهه ڳالهيون هتي بيان ڪجن ٿيون.

پاڻ فرمايائون:

(1) توهان مان سڀني ڪان بهتر ماڻهو اهو آهي جنهن جا اخلاق سڀني ڪان بهتر هجن.

(2) ڪامل ايمان انهيءَ مومن جو آهي جيڪو اخلاق ۾ سڀني ڪان بهتر هجي.

(3) قيامت ڏينهن عملن جي تارازيءَ ۾ سهڻن اخلاقن ڪان وڌيڪ ڳري ڪا شيءِ نه هوندي.

(4) ماڻهن مان الله تعاليٰ ڪي سڀ ڪان وڌيڪ پيارو اهو آهي جنهن جا اخلاق بهتر هجن.

(5) آخرت جي زندگيءَ ۾ منهنجي لاءِ سڀني ڪان پسنديده شخص اهو هوندو جنهن جا اخلاق پلا هجن ۽ اهو ئي مون ڪي سڀني ڪان ويجهو هوندو.[2]

(6) ڪنهن سوال ڪيو ته يارسول الله ﷺ مومنن ۾ سڀ ڪان فضيلت وارو ڪير آهي؟ فرمايائون احسنهم خلقا يعني جيڪو وڌيڪ خوش اخلاق هجي.[3]

(7) انسان پنهنجن سٺن اخلاقن جي ذريعي اهو درجو حاصل ڪري سگهي ٿو، جيڪو مسلسل روزا رکڻ ۽ راتين جو مسلسل عبادتون ڪرڻ سان حاصل ٿيندو آهي.

(8) مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان ڪان ٻيا مسلمان محفوظ هجن.[4]

(9) ڪوبه شخص ان وقت تائين مسلمان نٿو ٿي سگهي جيستائين پنهنجي مومن ڀاءُ لاءِ به اهو پسند ڪري جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو.[5]

(10) مسلمان ڪي گار ڏيڻ فسق آهي ۽ ان سان جهڳڙو ڪرڻ ڪفر آهي.

(11) جنهن ماڻهوءَ ۾ چار ڳالهيون هجن اهو منافق آهي: (1) امانت رکي وڃيس ته خيانت ڪري. (2) ڳالهه ڪري ته ڪوڙ ڳالهائي (3) واعدو ڪري ته ان ڪي پورو نه ڪري. (4) جهڳڙو ڪري ته ناحق جي طرف سري وڃي.

(12) خدا جو قسم اهو ايمان وارو نه ٿي سگهيو آهي جنهن جو پاڙيسري ان جي ايذائن ڪان محفوظ ناهي.

(13) جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو، ان ڪي گهرجي ته فضيلت جو ڳالهائي يا وري چپ رهي.

(14) ڪنهن مسلمان لاءِ جائز ناهي ته پنهنجي ڀاءُ سان ٽن ڏينهن ڪان وڌيڪ قطع تعلق رکي.

(15) بهادري انهيءَ ۾ ناهي ته ڪنهن ڪي ملهه مارجي، پر بهادر اهو آهي جيڪو غصي جي وقت پنهنجو پاڻ ڪي قابو رکي.

(16) سچ جو پاسو وٺندا ڪريو، پاڻ ۾ محبتون وڌايو ۽ ماڻهن ڪي الله جي طرفان خوشخبريون ٻڌايون، رڳو عبادتون توهان ڪي جنت ۾ ڪونه وٺي ويندين.

(17) خبردار بدگمانيءَ ڪي پنهنجو وطيرو نه بڻائجو، بدگماني نسورو ڪوڙ آهي. بي بنياد ڳالهين تي ڪن نه لڳايو ۽ ٻين جا عيب نه تلاش ڪريو ۽ نه پاڻ ۾ هڪ ٻئي ڏانهن بغض رکو.

(18) قيدين ڪي آزادي ڏياريو، بکايلن ڪي کارايو ۽ بيمارن جي عيادت ڪريو.

(19) ماڻهن لاءِ آسانيون پيدا ڪريو، انهن ڪي تنگي ۽ سختيءَ ۾ نه وجهو.

(20) توهان مان ڪو به موت جي خواهش نه ڪري يعني موت گهري نه وٺي نيڪوڪار ماڻهو انهيءِ لاءِ اها خواهش نه ڪري ته جيئن هو وڌيڪ نيڪ

---

[1] بخاري (ڪتاب الاب)

[2] سيرت النبي جلد 6 ص 20-22

[3] سيرت ابن هشام ص 361

[4] صحيح بخاري ڪتاب الايمان

[5] صحيح بخاري ڪتاب الايمان



www.sindsalamat.com

ڪم ڪري وٺي ۽ خطاڪار ماڻهو انهيءَ لاءِ اها خواهش نہ ڪري تہ جيئن هو خطائن جون معافيون وٺي انهن جو ازالو ڪري سگهي.

حضرت علي □ رسول ڪريم ﷺ جو سوٽ هو ۽ حضرت ابوبڪرصديق □ وانگر اڪثر وقت رسول ﷺ سان گڏ گذاريندو هو. ان جو چوڻ آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ وڏي سيني ۽ ظرف وارا هئا جو ننڍين ننڍين ڳالهين کي ليکي ۾ ئي نہ آڻيندا هئا. ڏاڍو نرميءَ سان او ابا او ٻچا ڪري ڳالهائيندا هئا ۽ ننڍي وڏي هر ڪنهن تي مهربان هئا. سخت مزاج ۽ تنگدل تہ هرگز نہ هئا. ڪڏهن بہ سندس زبان مان ڪو ڳورو يا اڻوڻندڙ لفظ نہ نڪتو. ڪڏهن بہ ڪنهن جي عيب کي ٻڌائيندي ڪين ڪو نہ ڏٺو ويو. ڪا ڳالهہ نہ وڻندي هين تہ ان ڪان منهن موڙي ڇڏيندا هئا، ان تي ڪو تبصرو يا ٽوڪبازي پسند نہ فرمائيندا هئا. ٽي ڳالهيون تہ جهڙوڪر رسول ڪريم ﷺ پاڻ ڪان ڪوهين پري ڪري ڇڏيون هيون. هڪ بحث مباحثو ڪرڻ، ٻيو ضرورت ڪان وڌيڪ ڳالهائڻ ۽ ٽيون هي تہ جيڪا ڳالهہ اجائي هجي ۽ بنا مطلب جي هجي تنهن ۾ پوندا ئي نہ هئا. ٻين ماڻهن سان واسطي پوڻ ۾ ٽن ڳالهين ڪان پري پڇندا هئا. هڪ هي تہ ڪنهن کي بہ گهٽ وڌ يا برو نہ چوندا هئا. ٻيو هي تہ ڪنهن جو عيب ڪڏي هِن هُن کي ٻڌائڻ هرگز نہ هو ۽ ٽيون هي تہ ڪنهن جي ڳالهہ جي پٺيان پئي ان جي پڇا ۽ پيڇو نہ ڪندا هئا. پاڻ سڳورا اهي ئي ڳالهيون ڪندا هئا جن ۾ ڪا فائدي واري ڳالهہ ۽ ڪنهن جو ڀلو هجي ۽ ان ڳالهہ مان ڪو مفيد نتيجو نڪري.

پاڻ سڳورا ﷺ ڪا ڳالهہ ڪندا هئا تہ صحابہ ڪرام اهڙي طرح ڪنڌ جهڪائي خاموشيءَ سان اها ڳالهہ ٻڌندا هئا جو لڳندو تہ ڄڻ پکي اچي انهن جي مٿي تي ويهي رهيا آهن. جڏهن پاڻ سڳورا ماٺ ڪري وٺندا هئا تہ پوءِ صحابہ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري وٺندا هئا. جيڪڏهن ڪو ٻيو ڳالهائيندو هو تہ سندس چپ ٿيڻ ڪان پوءِ ساڻس ڳالهائيندا هئا. ماڻهو جن ڳالهين تي کلندا ۽ ٿهڪ ڏيندا هئا، پاڻ سڳورا اهڙين ڳالهين تي صرف مُرڪندا هئا. ڪو اوپرو ماڻهو اچي وڏي واڪي يا اتبو سبتو ڳالهائيندو هو تہ پاڻ تحمل ڪندا هيا. ٻين جي واتان پنهنجي تعريف ٻڌڻ هرگز پسند نہ فرمائيندا هئا. پر جيڪڏهن ڪو پاڻ سڳورن جي احسان جو شڪريو بجا آڻيندو هو تہ اهو قبول فرمائيندا هئا. جيستائين ڳالهائڻ وارو پاڻ چپ



نہ ڪندو هو، پاڻ سڳورا ان جي ڳالهہ کي ڪٽيندا نہ هيا. بيحد سخي ۽ ڏيڻ وارا هيا. حق سچ چوڻ وارا، نرم طبع ۽ بيحد خوش صحبت هوندا هيا. جيڪڏهن پاڻ سڳورن کي ڪو هڪ دفعو ڏسي وٺندو هو تہ هميشہ سندن سياءُ کي ڳائيندو وتندو هو ۽ چوندو هو تہ مان پاڻ سڳورن جهڙو ڪانئن اڳ يا ڪانئن پوءِ نہ ڏٺو آهي.[6]

بيبي عائشہ صديقہ ؓ پاڻ سڳورن جي گهرواري هئي. هن رسول الله ﷺ کي گهڻو ويجهڙائي ڪان ڏٺو. هن پنهنجي پيءُ حضرت ابوبڪر صديق □ جي ذريعي هجرت ڪان اڳ بہ پاڻ سڳورن جي زندگي جي اهم واقعن کي ڏٺو هو ۽ مديني جي زندگيءَ ۾ بہ هوءَ پاڻ سڳورن سان شادي ڪري مومنن جي ماءُ بڻجي چڪي هئي. رسول الله ﷺ جي زندگيءَ جو آخري هفتو هن بيبي سائڻ جي حجري ۾ گذريو هو جنهن وقت پاڻ سڳورن ﷺ جو روح پرواز ٿيو تہ انوقت بہ هن بيبي سائڻ جي سهاري ليٽيل هئا. هن بيبي سائڻ جي حجري کي الله تعاليٰ پاڻ سڳورن جي جسم مبارڪ جو آخري آرامگاه بڻايو. پاڻ سڳورن کي ويجهڙائي ڪان جيترو هن بيبي ڏٺو، اهڙا موقعا ڪنهن ٻئي جي حصي ۾ نہ آيا. پاڻ سڳورن جي باري ۾ بيبي سائڻ جا ارشادات پڙهڻ جهڙا آهن. فرمائي ٿي تہ:

(1) رسول الله ﷺ جن پنهنجي ذات جي لاءِ ڪڏهن بہ ڪنهن کي سزا نہ ڏني ۽ نہ ڪڏهن بدلو ورتو. ها ايئن هو تہ پاڻ سڳورا الله جي ٻڌايل حدن جي لتاڙ ڪندڙن تي الله ڪارڻ سزا ڏيندا هيا.[7]

(2) پاڻ سڳورن جي عادت هئي تہ برائيءَ جي بدلي ۾ ڪڏهن بہ برائي ڪان ڪم نہ ورتائون. ڪساين پڪاين تي هميشہ درگذر ڪندا هيا ۽ معاف فرمائي ڇڏيندا هيا.[8]

(3) رسول الله ﷺ ڪڏهن بہ اهڙي طرح نہ کليا جو پاڻ سڳورن ﷺ جو تارون نظر آيو هجي. پاڻ رڳو مسڪرائي ڇڏيندا هيا.[9]

---

[6] سيرت النبي جلد اول ص 288-289 بحوالہ (شمائل ترمذي)

[7] سيرت النبي جلد اول حصو ٻيو ص 287

[8] سيرت النبي جلد اول حصو ٻيو ص 287

[9] حوالو ساڳيو

www.sindsalamat.com

(4) پاڻ سڳورن ڪڏهن به ڪنهن تي لعنت نه ڪئي ۽ نه ڪڏهن پنهنجي خدمتگذار کي يا ڪنهن جانور کي پنهنجي هٿن سان ماريو.[10]

(5) پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪڏهن به ڪنهن جي سوال کي واپس نه ڪيو، سواءِ ان جي ته اهو سوال ناجائز هجي.

(6) گهر ۾ تشريف فرما ٿيندا هيا ته مسڪرائيندا ايندا هيا. ڳالهيون اهڙي طرح ڊاري ڊاري ڪندا هيا جو جيڪڏهن ڪو ياد رکڻ چاهي ته آرام سان ياد ڪري ڇڏي.[11]

(7) هڪ بدوي آيو ۽ چيائين ته سائين مان ڏٺو آهي ته توهان ٻارن کي ڪٽي چميون ڏيو ٿا، اسان ته چميون نه ڏيندا آهيون. ڪيس فرمايائون ته الله جيڪڏهن تنهنجي دل مان رحم ڪڍي ڇڏيو آهي ته ان تي مان ڇا ٿو ڪري سگهان.[12]

(8) رسول الله ﷺ جي گهروارن ڪڏهن به ٻه ويلا ساندهه ماني ڪري ڪونه کاڌي. جيڪڏهن هڪ ويلو مانيءَ جو هوندو هو ته ٻيو ويلو ڪارڪون ڪائي وقت ڪڍيو ويندو هو. (ڇو ته جيڪو حاصل هوندو هو اهو ٻين اٿهوند وارن ۽ سوالين کي ڏنو ويندو هو.)[13]

حضرت انس □ هميشه خدمت ۾ حاضر رهندو هو. اهو فرمائي ٿو ته مان ڏهه سال رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ گذاريا. انهيءَ سڄي عرصي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن به مون کي ناپسند لفظ نه چيا. ڪڏهن به هي نه چيائون ته "فلاڻو ڪم تو ڇو ڪيو؟" ۽ نه وري ڪڏهن هي فرمايائون ته "فلاڻو ڪم تو ڇو نه ڪيو؟"[14]

[10] حوالو مسلم ۽ ابودائود
[11] بخاري ڪتاب الادب
[12] حوالو ساڳيو
[13] بخاري ڪتاب الدقاق
[14] بخاري ڪتاب الادب

# قرآن جي پڌايل تقويٰ

## نوراحمد ميمڻ

قرآن مجيد جي منڍ ۾ چيو ويو آهي ته هي ڪتاب متقين جي لاءِ هدايت آهي. هُدًى لِّلۡمُتَّقِيۡنَ (البقره - 2) مولانا عبيدالله سنڌي چيو ته مون جڏهن قرآن لاءِ هُدًى لِّلۡمُتَّقِيۡنَ پڙهيو ته مان رڪجي ويس. مون چيو ته متقي ته اڳ ۾ ئي سڌريل آهي، انهيءَ ڪان وڌيڪ ته گمراهن کي هدايت جي ضرورت آهي. آخر قرآن اهو متقين لاءِ هدايت جو زور ڇو ڏنو. مولانا چيو ته ڳالهه سمجهڻ جي آهي ۽ اڳتي پوءِ هلبو جڏهن ڳالهه سمجهبي. ڳالهه سمجهڻ لاءِ مون متقيءَ جي معنيٰ خود قرآن مان ڳولهڻ شروع ڪئي. جڏهن مان مختلف هنڌن تي متقيءَ جي معنيٰ ڏٺي ته منهنجي سامهون متقيءَ جي معنيٰ ٻيئي ماڻهپو يا ماڻهپي جو استعداد. معنيٰ ته جيڪي ماڻهو ماڻهپي سان جيئڻ گهرن ٿا تن لاءِ قرآن هدايت آهي. ۽ جن ماڻهن جو ماڻهپو ستل يا مئل آهي انهن لاءِ قرآن ۾ هدايت جو ڪجهه به ڪونهي.

اهڙي طرح قرآن حڪيم جي سورت مريم ۾ قرآن جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي ته لِتُبَشِّرَ بِهِ الۡمُتَّقِيۡنَ (مريم- 97) يعني قرآن انهيءَ لاءِ موڪليو ويو آهي ته اهو متقين جي لاءِ بشارت ثابت ٿئي. بشارت جي معني سٺي خبر (Good News) آهي. اها سٺي خبر هي آهي ته انسان جيڪڏهن هن دنيا جي محدود زندگيءَ ۾ زندگي جون فضيلتون ۽ نيڪوڪاريون اختيار ڪري ته موت کان پوءِ جي ابدي زندگيءَ ۾ ان جي لاءِ جنت جون ابدي راحتون آهن.

قرآن جي مطابق هي سٺي خبر انهن ماڻهن جي لاءِ آهي جيڪي دنيا جي زندگيءَ ۾ ماڻهپي يعني تقويٰ جي زندگي اختيار ڪن. جنت جي زندگي عام طور تي هر انسان کي ڪونه ملندي. جنت صرف انهن ماڻهن کي ملندي جيڪي دنيا جي زندگيءَ ۾ ماڻهپي يا تقويٰ جو ثبوت ڏين. (آل عمران 133) هي الله



www.sindsalamat.com

تعاليٰ جو تخليقي منصوبو آهي جنهن لاءِ انسان کي پيدا ڪري هڪ محدود مدت لاءِ ڌرتي مٿان وسايو ويو آهي، هي ڌرتي انسان لاءِ ڪو عيش گاهه ڪونهي پر اها جنت جي ابدي زندگيءَ لاءِ چونڊ جو گرائونڊ بڻايل آهي هتان اهي ئي ماڻهو چونڊيا وڃن ٿا جيڪي پنهنجي ماڻهپي جي اعليٰ صفتن سان جنت جهڙي معياري دنيا ۾ وسائڻ جي قابل هجن. ماڻهپي يا تقويٰ جو هڪ تمام مختصر ماڊل قرآن حڪيم هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي: اِعۡدِلُوۡا هُوَ اَقۡرَبُ لِلتَّقۡوٰى عدل، انصاف ۽ توازن واري زندگي اختيار ڪيو اها وڏي ۾ وڏي تقويٰ آهي. اهڙي طرح قرآن مجيد ۾ ٻڌايو ويو آهي ته: مَنۡ اَعۡطٰى وَ اتَّقٰى جنهن الله جي راهه ۾ ڏنو ان تقويٰ اختيار ڪئي. هتان واضح ٿئي ٿو ته تقويٰ ڪو خاص وضع قطع، ڪي خاص عبادتون ۽ ڪي خاص وظيفا اختيار ڪري وٺڻ سان نه آهي، پر تقويٰ جو تعلق ماڻهوءَ جي عملي زندگيءَ سان آهي. اهڙي طرح عملي زندگي جيڪا خدا جي حڪمن هيٺ زندگي گذارڻ جي ذميواريءَ هيٺ عمل ۾ اچي. اهوئي ماڻهو ڪاميابي، فلاح ۽ مراد پائي وٺندو ۽ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ قرآن پاڻ ٻڌائي ڇڏيو آهي ته: قَدۡ اَفۡلَحَ مَنۡ تَزَكّٰى زندگيءَ ۾ ماڻهو خدا پرستيءَ ۽ انسان دوستيءَ جي يقين سان جيڪو به هر هڪ سان عدل ۽ انصاف جي ريت ۽ روش اختيار ڪندو، جيڪي خدا جي مليل مال ۽ نعمتن جي ورهاست ڪندو، خلق کي ان جو فيض ڏيندو، انهيءَ جي عملي زندگي انهيءَ معيار جي بڻبي جو آخرت جي دائمي زندگيءَ ۾ هن کي الله تعاليٰ جون قربتون حاصل ٿين. اهڙي طرح تقويٰ جا اعليٰ معيار قرآن مجيد ۾ ٻڌايل آهن پر انهن سڀني جو تت عدل ۽ انصاف جي زندگي آهي.



# مال خرچ ڪرڻ بابت قرآن جا حڪم

نور احمد ميمڻ

تو کان پڇن ٿا ته حق جي واٽ تي ڇا خرچ ڪيون؟ انهن کي چئو ته جيڪي توهان جي ضرورتن کان وڌيڪ هجي سو خرچ ڪيو، ڏسو ته الله تعاليٰ پنهنجا حڪم ۽ قانون چٽا ڪري ٿو ٻڌائي تان ته اوهان غور فڪر ڪريو. (ته ڪيئن اوهان پاڻ ضرورت کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ جي مقام کي حاصل ڪري دنيا توڙي آخرت جون سعادتون حاصل ڪري سگهو ٿا.) (بقره 219)

❋❋

دردناڪ عذاب واري انهيءَ ڏينهن جي آگاهي ڏئي ڇڏيو، جڏهن انهن جو گڏ ڪيل سون چانديءَ جو ڍير باهه ۾ تپايو ويندو ۽ ان سان سندن مٿا، پاسا ۽ پٺيون ڏنيون ويندون ۽ ان وقت کين چيو ويندو ته هي آهي اهو خزانو جيڪو توهان پنهنجي لاءِ گڏ ڪري رکيو هو، تنهن جو مزو اڄ چکي وٺو. (توبه 9)

❋❋

بيشڪ الله تعاليٰ مومنن کان سندن جانيون ۽ مال ملڪيتون خريد ڪري ورتيون آهن، انهيءَ معاهدي سان خريد ڪيون آهن ته انهن مومنن کي جنت جي دائمي زندگيءَ جي ضمانت آهي. (ان صورت ۾ جان توڙي مال امانت آهي جيڪا ان جي حڪمن مطابق صرف ٿيڻي آهي) مومن ڪنهن دنيائي مقصد لاءِ نه پر الله جي راهه ۾ جنگ ڪن ٿا، پوءِ قتل به ڪن ٿا ۽ قتل به ٿين ٿا. اهو معاهدو ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. اهو پوين آسماني ڪتابن تورات ۽ انجيل ۾ اعلان ڪيل هو ۽ هاڻي قرآن ۾ به ورجايو ويو آهي. انهيءَ عهد کي پورو ڪرڻ الله پنهنجي ذمي رکيو آهي. ۽ الله کان وڌيڪ ڪير آهي جيڪو پنهنجو واعدو نيڪ طرح پورو ڪرڻ وارو هجي، پوءِ (اي مسلمانو) پنهنجي هن سودي تي

جيڪو توهان الله سان ڪيو آهي خوشيون ڪيو ۽ اهائي وڏي ۾ وڏي فتح ۽ ڪامراني آهي.(توبہ 111)

**

جيڪي فرمانبردار آهن. اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي انفرادي مفاد جي پٺيان هلڻ جي بجاءِ ان جي فرمانبرداري تي لازمي ۽ دائمي طرح هلن ٿا. اهڙي طرح اهي پنهنجي تنگ دليءَ کي وڏ وڙائي سان بدلائي انهيءَ حقيقت کي سمجهي وٺن ٿا تہ سندن مال صرف انهن جي انفرادي مفاد جي لاءِ ناهي. بلڪ انهيءَ ۾ انهن ماڻهن، جن جون ضرورتون سندن ڪمائيءَ مان پوريون نہ ٿيون ٿين يا جيڪي ڪمائڻ جي لائق نہ رهي پنهنجي ضروريات زندگيءَ کان محروم ٿا رهن، تن جو حق آهي. سي ئي ماڻهو آهن جيڪي بدلي ملڻ واري ڏينهن تي پڪو يقين رکن ٿا ۽ پنهنجي عمل سان ان جي تصديق ٿا ڪن ۽ انهيءَ اصول جي خلاف ورزيءَ جي نهوڙيندڙ نتيجن کان هميشہ خوف ۾ ٿا رهن.

(معارج 22-27)

**

۽ الله تعاليٰ اوهان مان هڪڙن کي ٻين کان رزق جي باري ۾ بهتري ڏني آهي (جو ڪي وڌيڪ ڪمائن ٿا ۽ ڪي گهٽ) پوءِ ائين ڇو نہ ٿو ٿئي جو جنهن کي زياده رزق ڏنو ويو آهي سو پنهنجو رزق پنهنجي زيردستن کي ڏئي ڇڏي. حالانڪ سڀ ان ۾ هڪجهڙا حقدار آهن، پوءِ ڇا هي ماڻهو الله جي (ڏنل موقعن ۽) نعمتن کان پڌرا منڪر ٿي رهيا آهن.؟ (نحل 71)

**

زمين تي هلڻ وارو ڪوبہ ساهوارو ڪونهي، جنهن جي روزيءَ جو انتظام الله تي نہ هجي، انهيءَ ڪري جو هو ڄاڻي ٿو تہ ڪنهن بہ ساهواري جي ڪنهن بہ هڪ منزل تي رسڻ ۽ وري وڏي اڳئين منزل تي رسڻ (لاءِ اوسر جي ڪهڙي سامان جي ضرورت پوندي) هي سڀ ڪجهہ الله جي مشيت واري ڪتاب ۾ درج آهي. (انهيءَ ڪري الله جي مشيت کي پورو ڪرڻ وارو نظام بہ اهوئي ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ ڪوبہ ساهوارو رزق کان محروم نہ هجي.)(هود 6)

**

هي اسانجو واعدو آهي مومنن جي ان جماعت سان جيڪي اسان جي قانونن مطابق عملي زندگي گذاريندا تہ ضرور انهن کي بلندين ۽ فراوانين جي اهڙي زندگي عطا ڪنداسين جنهن جي هيٺان نهرون وهندڙ هونديون ۽ اهي



هميشہ سدابهار رهندا. ڏسو تہ اسان ڪم ڪندڙن کي سندن ڪم جو ڪيڏو نہ پلو بدلو ٿا ڏيون. يعني انهن ماڻهن کي جيڪي ان پروگرام تي نهايت استقامت سان عمل پيرا رهن ٿا ۽ الله جي قانونن جي نوس هئڻ تي پورو ڀروسو رکن ٿا. (اهي ڪڏهن بہ ان ٻڌتر ۾ نٿا پون تہ الله جي راهہ ۾ نڪرڻ سان ڪاڏو کٽان ملندو ۽ پنهنجي محنت جي ڪمائي کي انسانذات جي ڀلائيءَ لاءِ عام ڪيون تہ پاڻ ڪٿان کائينداسين.) ٿورو ڪائنات ۾ غور ڪيو تہ ڪيترا ساهوارا آهن جيڪي پنهنجو رزق پٺيءَ تي سٽي ڦرندا ٿا وتن؟ الله پنهنجي پالڻهاريءَ جي قانون هيٺ ڪين روزي رسائي ٿو ۽ اوهان کي بہ اهڙي طرح رزق ملندو ويندو.

(عنڪبوت 58-60)

**

جڏهن ڪين چيو وڃي ٿو تہ جيڪو رزق توهان کي الله کان مليو آهي ان کي حاجتمندن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪليل رکو تہ اهي الله جي پالڻهاريءَ واري نظام جا منڪر، ان نظام جي مڃيندڙن کي چون ٿا تہ جيڪڏهن الله جي مرضي اهائي هئي تہ رزق جي تقسيم ايئن ٿئي جو دنيا ۾ ڪوبہ بکيو نہ رهي تہ الله پاڻ ئي اهڙو انتظام ڇو نہ ڪيو؟ ايئن چئي ڪيڏي نہ پڌري گمراهيءَ جي ڳالهہ ٿا ڪن، (جو ايئن ڪرڻ الله لاءِ ناممڪن نہ هو پر ان سان انسان اختيار ۽ ارادي جي شرف ۽ آزمائش کان محروم ٿي وڃي ها.)

(يس 47)

**

۽ ياد رکو تہ جيڪي توهان جا مائٽ آهن، جيڪي بہ مسڪين آهن ۽ جيڪي بہ بي سمر ۽ بي يار مسافر آهن انهن سڀني جو اوهان تي حق آهي ۽ انهن جو حق ادا ڪندا رهو ۽ مال دولت کي ايئن اجايو عياشين ۽ ڏيکاءَ تي خرچ نہ ڪيو، جيئن بيجا لٽائڻ ٺيندو آهي. اجايو خرچ ڪندڙ (جيڪي بيجا طور عياشين ۽ ڏيکاءَ تي مال لٽائيندا آهن) شيطانن جا ڀائي بند آهن ۽ شيطان پنهنجي پروردگار جي نعمتن جو بي شڪرو آهي. (بني اسرائيل 26-27)

**

الله تعاليٰ جيڪو توکي هيترو رزق ۽ مال دولت ڏني آهي تنهن سان تون سخاوت ڪري آخرت جي گهر لاءِ تلاش ۽ طلب ڪر. ۽ دنيا ۾ تنهنجو (پنهنجي ضرورتن پورين ڪرڻ جو) جيڪو حصو آهي سو بہ نہ وسار ۽ جيئن الله تعاليٰ توتي احسان ڪيو آهي تيئن تون بہ ماڻهن تي احسان ڪر. معاشري ۾

ناهموارين جو فساد نہ مچاءِ. الله تعاليٰ اهڙن فساد مچائيندڙن کي پسند نہ ٿو ڪري. (قارون جواب ۾ چيو تہ) مون کي جو هيتري دولت ملي آهي سا يقيناً مون پنهنجي علم (عقل، هنر ۽ محنت) سان هٿ ڪئي آهي. ڪاش ڪيس اها خبر هجي ها تہ الله تعاليٰ هن کان اڳي گهڻين ئي قومن کي (سندن سندن مهارت جي تڪبر ۽ ان جي نتيجي ۾ ناانصافين سببان) برباد ڪري چڪو آهي جيڪي طاقت ۾ قارون کان گهڻو وڌيڪ هئا ۽ مال دولت بہ گهڻو گڏ ڪيو هئائون. اهڙن مجرمن کي سندن ڏوهن سببان هڪدم ۽ بروقت باز پرس ڪونہ ٿيندي آهي. (بلڪ انهن ڏوهن جو فطري نتيجو وقت سر نروار ٿيندو آهي.)

(قصص 77-78)

❋❋

۽ جڏهن انهن جي زندگي ٻيو پهلو بدلائي ٿي ۽ مٿن رزق جي تنگي ٿي وجي ٿي تہ اهي هي نٿا سوچن تہ اهو سندن ڪهڙي غلط روش جو نتيجو آهي، هو رڙيون ٿا ڪن تہ خدا اسان کي ناحق ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏيو. ايئن هرگز ڪونهي، الله ايئن ئي بنا سبب جي ذليل خوار نہ ڪندو آهي. توهان جو ايئن ذليل ٿيڻ هن سببان آهي جو اوهان اهڙو معاشرو قائم ڪري رکيو هو جنهن ۾ يتيمن ۽ بيواهن جي عزت ۽ خبرگيري ڪونہ ٿيندي هئي. محروم ۽ مسڪين ماڻهن جي ضرورتن ۽ کاڌي پيتي جي مدد نہ ٿيندي هئي ۽ نہ ٻين کي ان جي ترغيب ڏئي اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي. ان جي ابتڙ توهان وراثت جو مال بہ سوري پوري اٽڪلن سان کائي پئي ويؤ ۽ دولت سان ايتري قدر محبت پئي ڪئي جو چاهيو پئي تہ سڀ مال توهان وٽ اچي ڪٺو ٿي وڃي. (انهيءَ قسم جو نظام هميشہ قائم نٿو رهي سگهي، ڪين چؤ تہ اهو دور ايندو) جڏهن انهيءَ هيناهين مٿاهين کي سنوت ۾ آڻي معاشي همواريون پيدا ڪيون وينديون، تنهنجو پالڻهار سيني ڪائناتي قوتن کي ترتيب سان سڄي جهان جي ماڻهن جي نشوونما لاءِ وقف ڪندو. (فجر 16-22)

❋❋